ABC CERTIFIED

# مهراڻ

مخدوم طالب المولىٰ خاص نمبر

01/ 2013ع



سنڌي ادبي بورڊ

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحہ

اديب، شاعر، سجاده نشين ۽ سياستدان



جنم:- 4 آڪٽوبر 1919ع    وفات:- 11 جنوري 1993ع

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]


جلد 63 — (مخدوم محمد زمان طالب المولي خاص نمبر) — نمبر 1

جنوري - مارچ 2013ع


سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي رابطه، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينه ميمڻ**

سهڪار

**تاج جويو**


ريسرچ لائبريري

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ



# پيغام

سنڌ ڌرتيءَ تي اعليٰ پائي جي عالمن، شاعرن، مفڪرن، محققن، ليکڪن ۽ سياستدانن جنم وٺي پنهنجي پنهنجي مقام تي علم و ادب جي خدمت ڪري پاڻ ملهايو آهي. اهڙن مانائتين هستين مان قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن بہ پنهنجي دور جا اهلِ دل، منصف مزاج، عالم، اديب، دانشور، مفڪر، شاعر ۽ سياستدان ٿي گذريا آهن. سندن روحاني ديني، سياسي، سماجي، ادبي خدمتن ۽ ڪارنامن کي ٻن صفحن ۾ سهيڙڻ، ”سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ“ جي مترادف ٿيندو.

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جهڙا شاعريءَ ۾ بي مثال هئا تهڙا ئي نثرنگاري ۾ بہ بي مثل هئا، سندن تحرير جي دلڪشي ۽ اسلوب ڏاڍو دلپذير آهن. سندن تصنيفات ۾ ”بهار طالب“ کان ”آب حيات“ تائين ۽ ”ڪافي“ کان ”لغات سنڌي مخففات“ تائين سيئي ڇپيل ڪتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

هيءُ خاص نمبر قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن جي ڪيل علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتن سميت سندن گرانقدر شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ خصوصي اشاعت ۽ اهتمام هيٺ بورڊ طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران مهراڻ رسالي جو ”مخدوم طالب الموليٰ خاص نمبر“ شايع ڪرڻ تي سيڪريٽري الهڏتو وگهيو ۽ بورڊ جا سيئي ورڪر مبارڪباد جا مستحق آهن.

**مخدوم جميل الزمان ’جميل‘**

وزير بين الصوبائي رابطہ ۽ اينٽيڪوئٽيز

حڪومت سنڌ

چيئرمن

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو



# پيغام

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا، جنهن پنهنجي سموري ڄاڻ کي انساني روح جي فرض ۽ وطن جي ڀلي خاطر استعمال ڪندي پنهنجي وجود کي ڪارائتي هجڻ جو جواز فراهم ڪيو.

قبلہ مخدوم صاحب پنهنجي دور جو هڪ مشهور ۽ معروف شاعر، لغت نويس، محقق ۽ مفڪر ٿي گذريو آهي. پاڻ هڪ بهترين شاعر ڪان وٺي هڪ تذڪره نويس جي حيثيت ۾ پنهنجي سوچ جا نقش ڇڏي سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ارپيا آهن. سندن ڇڏيل قلمي اثاثو اسان لاءِ يقيناً هڪ اهڙو علمي سرمايو آهي، جنهن مان هر دور جو طالب العلم لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو.

سنڌ جي هِن بزرگ شاعر ۽ نثرنگار جي ادبي خدمتن جي مڃتا طور سنڌي ادبي بورڊ ٽماهي مهراڻ رسالي جو ”مخدوم طالب المولىٰ خاص نمبر“ شايع ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن پاران سنڌ جي هِن گهڻ رُخي معزز شخصيت، مهان شاعر ۽ نثرنگار جي سنڌي ادب، شاعري توڙي سياست لاءِ ڪيل خدمتن کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران مهراڻ رسالي جو ”مخدوم طالب المولىٰ خاص نمبر“ شايع ڪرڻ تي سيڪريٽري الهڏتو وگهيو ۽ بورڊ جا سيئي ورڪر مبارڪباد جا مستحق آهن. اميد آهي تہ سنڌي ادب جي خدمتگارن جا خاص نمبر بورڊ طرفان شاياں شان طريقي سان آئينده بہ شايع ٿيندا رهندا.

**نظر محمد ڳاهو**
چيئرمن، مالياتي ڪميٽي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو



# ٻه اکر

سنڌي ادبي بورڊ طرفان قبله مخدوم صاحب جن جي وصال وقت 1993ع ۾ اعلان ڪيو ويو هئو ته مهراڻ طالب المولىٰ خاص نمبر شايع ڪيو ويندو پر اهو اعلان ئي رهجي ويو.

منهنجي لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي جو سيڪريٽري جي چارج وٺڻ کان پوءِ ڪنهن حد تائين بورڊ جا رهيل ڪم پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي محسن قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن جو خاص نمبر شايع ڪري ان وقت جي انتظاميه طرفان ڪيل اعلان کي پورو ڪيو آهي. قبله مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جن جي ايامڪاريءَ ۾ بورڊ طرفان ڪافي ناياب ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. اها سندن طرفان رهنمائي حاصل آهي. ان کانسواءِ آءٌ جناب نظر محمد ڳاهو چيئرمن فنانس ڪميٽيءَ جو پڻ شڪرگذار آهيان جنهن ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان حضرت مخدوم طالب المولىٰ خاص نمبر شايع ڪرڻ تي انچارج ايڊيٽر ادي ثميره ميمڻ مبارڪباد جي مستحق آهي، سندس ايڊيٽرشپ دوران بهترين رسالا شايع ٿي رهيا آهن.

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

# سِــتــاءُ


| | | |
|---|---|---|
| گذارش | ثمينه ميمڻ (ايڊيٽر انچارج) | 7 |
| سنڌ جو سانوڻ (نظم) | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 11 |
| جُتي جوڙ بہ جي ٿيان | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 16 |
| **مقالا** | | |
| 1. سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو نشانبر: | -ڊاڪٽر غلام علي الانا | 18 |
| 2. تصوف ۽ مخدوم طالب المولىٰ | -ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو | 27 |
| 3. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | -غلام محمد لاکو | 41 |
| 4. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا ڏانهن لکيل خط | -ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو | 44 |
| 5. يادگار مشاعرو | -ميرزا فتح علي بيگ | 52 |
| 6. سارون ميگهه ملهارون | -پروفيسر مير عبدالرسول "مير" | 58 |
| 7. ويڙهو ڏيئي ويکرو ڀهري ويا پٽ | -مخدوم جميل الزمان | 68 |
| 8. مخدوم محمد زمان "سادس" طالب المولىٰ | -رسول بخش گچيرائي | 70 |
| 9. سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا تعلقات | -آزاد قاضي | 76 |
| 10. خيما کاهو ڙهين، اَڄ اُني پيٽيين | -مرزا منظور علي بيگ | 87 |
| 11. هوءِ جي هَليا هوت سونهارا | -مرزا فياض علي بيگ | 90 |
| **انٽرويو** | | |
| 12. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو هڪ يادگار انٽرويو | -انٽرويو وٺندڙ: طارق اشرف | 93 |
| 13. مخدوم طالب المولىٰ (سنڌي شاعريءَ جي روايتن جو امين شاعر) | -رکيل مورائي | 111 |
| 14. تون شمع ٻيا پروانا | -استاد لغاري | 115 |
| 15. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | -مخدوم سليم الله صديقي | 119 |
| 16. سونهن سَندو سرواڻُ | -مولائي ملاح | 122 |
| 17. مخدوم طالب المولىٰ ادب ۽ ٻوليءَ جو محسن | -آزاد انور ڪانڌڙو | 133 |
| 18. ڪونهي هت ڪو ڪال، محبت جي متاع جو (مخدوم طالب المولىٰ جي بيت ۾ رومانويت) | | 136 |
| 19. **منهنجو نِنڊپڻ** | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 143 |
| **مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جون لکيل ڪجهه تحريرون** | | |
| 20. سنڌي ادبي بورڊ جو نهراءُ | | 151 |
| 21. سنڌي عوام کي اپيل | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 152 |

| | | |
|---|---|---|
| 22. سنڌي ادبي بورڊ جي دفتري زبان سنڌي رهندي پريس پڌرائي | -چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ | 153 |
| 23. مهراڻ جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ جي يادگار موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جو پيغام | | 154 |
| 24. سوچ، ترتيب ۽ پرک | -طالب المولىٰ | 155 |
| 25. مثنوي عقل و عشق جي تصنيف جو پسمنظر | -طالب المولىٰ | 158 |
| 26. هالن جا مخدوم صاحب ۽ پيٽائي | -طالب المولىٰ | 159 |
| 27. ڪتاب بابت | -طالب المولىٰ | 163 |
| 28. سروري جماعت جو "ڏهر" ۽ اويسي طريقو | -طالب المولىٰ | 165 |
| 29. ڪافي ۽ اُن جو فن | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 178 |
| **چونڊ شاعري/ڪلام** | -مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | 193 |
| | -قبلہ مخدوم طالب المولىٰ | |
| قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | -امداد حسيني | 208 |
| طالب المولىٰ | -محبوب سروري | 209 |
| قطعہ تاريخ | -منصور ويراڳي | 210 |
| نذرانہ عقيدت | -عبدالرشيد 'رشيد' ابڙو | 211 |
| ڪئي علم و ادب جي آبياري طالب المولىٰ | -غلام حسين 'مشتاق' سچاروي | 212 |
| قطعہ تاريخ | -مرزا فتح علي بيگ 'شاهد' | 213 |
| غزل | -محمد ايوب جوڻيجو | 214 |
| مخدوم طالب المولىٰ ٽرينڊ سيٽر | -ذوالفقار سيال | 215 |
| طالب المولىٰ جو ديوان آ، مطالع مون ڪيو | -احمد خان آصف مصرائي | 217 |
| حضرت طالب المولىٰ جو ڪلام | -راز بلڙائي | 229 |
| سائين طالب المولىٰ جي يادن جو چانورو | -ڊاڪٽر غلام قادر سومرو | 233 |
| مخدوم ميان محمد زمان صاحب، | -جي .ايم سيد | 238 |
| مخدوم ميان غلام محمد صاحب قريشي | | |
| مقدمو 'چپر ۾ چڙيون' | -اسدالله شاهہ 'بيخود' حسيني | 240 |
| مير علي احمد خان ٽالپر ڏانهن مخدوم طالب المولىٰ جا خط | -ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | 254 |
| جوڳيءَ تي جڙاءُ- مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ | -غلام رباني آگرو | 264 |
| سائين وڏا | -شبير هاتف | 272 |
| مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مقرر | -نفيس احمد شيخ | 278 |
| سونهين سَرتن وچ ۾ | -ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ | 282 |
| جوڳي جيڪس ويا جبروت | -عنايت بلوچ | 287 |
| سڄڻ جا ساريو سانگ | -نصير مرزا | 292 |
| مثنوي عقل و عشق جي اهميت ۽ افاديت | -سرشار عقيلي | 301 |

| | | |
|---|---|---|
| حضرت مخدوم طالب الموليٰ جي شاعري | - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 303 |
| مثنوي عقل و عشق: امتيازي ۽ جديد پيشڪش | - غلام محمد قاضي | 318 |
| طالب الموليٰ جو سنڌي لوڪ ادب ۾ حصو | - عبدالله ورياهه | 319 |
| عجب عشق آهي اسان جو الستي | - ڊاڪٽر مخمور بخاري | 343 |
| مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي غزل گوئي | - ميرزا ڪاظم رضا بيگ | 364 |
| طالب الموليٰ جو لاڏاڻو | - منصور ويراڳي | 373 |
| اميري ۽ فقيريءَ جو متوازن امتزاج: مخدوم طالب الموليٰ | - محمد علي جوهر | 375 |
| مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ | - ڊاڪٽر ادل سومرو | 377 |
| مخدوم طالب الموليٰ جن جون يادگيريون | - سيد محمد شاهه آف ياڻوٽ | 379 |
| مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ انسان دوست ۽ ادب دوست | - منظور هالا | 382 |
| دنيا ۾ هڪڙوئي ٿيو طالب الموليٰ | - سرفراز راڄڙ | 385 |
| ڪو ڪو ماڻهو، موتيءَ داڻو | - منير هالائي | 387 |
| سڄاڻ سخنور مخدوم طالب الموليٰ | - الطاف شيخ | 391 |
| لڏي ويا، اڏي ويا سخن جي عمارت | - غلام حيدر چنا | 393 |
| مخدوم طالب الموليٰ جي ياد ۾- ڪوڙين ڪن سلام | - فقير شهمير خان چانڊيو | 397 |
| پُورو پير | - پروفيسر سيد مير علي شاهه | 399 |
| اڄ نہ پَسان سي | - قمر شهباز | 404 |
| وَڪر سو وهاءِ.... | - عبدالغفار تبسم | 405 |
| فقير طالب الموليٰ | - محبوب سروري | 407 |
| 19صديءَ جو عظيم انسان | - نذير ناز | 411 |
| مخدوم طالب الموليٰ: شخصيت ۽ ادبي خدمتون | - اڪبر هنڱورجو | 414 |
| وياسي وينجهار | - پارومل پريمي | 416 |
| اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا | - پروفيسر شاهجهان پنهور | 418 |
| جديد ڪافي گو شاعر مخدوم طالب الموليٰ | - رياض عمراڻي | 420 |
| سنڌ جو درويش صفت شاعر: طالب الموليٰ | - جاويد احمد ميمڻ | 422 |
| لڏي ويا اڏي ويا، سخن جي عمارت | - قمر الدين ابڙو | 423 |
| شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي سالگره تقريب | - رپورٽ :سعيد احمد سولنگي | 424 |
| مخدوم طالب الموليٰ جي گهڻ رُخي شخصيت | - خورشيد ٻگهيو | 426 |
| ادب ۽ سياست جو منفرد ڪردار (مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ) | - اصغر گگو | 427 |
| سنڌ جو عظيم شاعر طالب الموليٰ | - نصير احمد گوپانگ | 429 |
| علم پرور حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ صاحب | - حافظ مهراڻ | 431 |

❊

# ڪافي

ٿل- وحدت جي واڪاڻ، ڪهڙي ڪجي ڳالهه ڪنهن ڪجي

1. هيڪڙائي هردم آهي، جا لوڻي رگ رگ جاڻ

2. دوئي وارا دم سارا، ٻير ڪنهن ٻجهو پاڻ

3. پريءَ پيتي جام جن جو، ٻيرهه وسا رجڻ پاڻ

4. وحدت واصل ٿي ويجهي، محبت جا ٻڌي ماڻ

5. طالب مولا دلن تي درجا، آهي، اُتي اهڃاڻ

١٢ ذوالحج ١٤٠٧ھ
٨ آگسٽ ١٩٨٧ع
هالا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ -لوچ

**سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ**

سنڌ جي روايتن، ثقافت، ادب ۽ سماجي ٻڌيءَ جو اُهڃاڻ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي زندگي ۽ سندن خدمتون اسان جي معاشري لاءِ نہ صرف مثالي، پر هڪ نمونو آهن. سنڌ ۽ هند جي هڪ وڏي گاديءَ جو مالڪ، پير و مرشد ۽ روحاني پيشوا هجڻ جي باوجود سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ شاهڪار خدمتون سرنجام ڏيڻ جو مثال شايد ئي ڪنهن معاشري ۾ ورلي هوندو. سنڌ جي هن درويش صفت عظيم انسان سڄي زندگي انتهائي سادگي، پروقار ۽ ادب ۽ سماج جي خدمت ۾ گذاري. مخدوم صاحب جن ڪي سنڌ جو محسن چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڇپر ڇانوَ تہ هئوئي، ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ سندن شاهڪار خدمتون لازوال ۽ زنده مثال آهن. سندن زندگي اسان جي معاشري ۾ ٻڌي ۽ ايڪي کي قائم رکڻ جو هڪ انوکو مثال آهي. مخدوم صاحب جن جي ڀاجهاري ۽ ادب پروري واري شخصيت سبب سنڌ جو هر مڪتبہ فڪر سائن محبت عزت ۽ عقيدو رکي ٿو. سنڌ جون ريتون روايتون ۽ رسمون سچ تہ مخدوم صاحب جهڙن عظيم انسانن جي ڪري ئي ملڪان ملڪ مشهور آهن ۽ انهن روايتن ئي سنڌ جي عظمت کي بلنديءَ تي پهچايو. مخدوم صاحب جن جي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ خدمتون سنڌي معاشري لاءِ سوچ ۽ فڪر تاريخ ۾ هڪ باب جي حيثيت رکن ٿا. سنڌ جن قدآور هستين کي جنم ڏنو بدلي ۾ سنڌ جي عظمت جيتريون خدمتون ڏنيون، مخدوم صاحب جهڙا عظيم انسان شايد ئي سنڌ ۾ پيدا ٿين، پر سنڌ کي اهڙن انسانن جي سدائين ضرورت محسوس ٿيندي رهندي.

مخدوم صاحب جن جي مرهون منت ئي هڪ طرف سنڌ جي ماڻهن کي سندن انيڪ مسئلن جي حل ۾ مدد حاصل رهي تہ ٻئي طرف سنڌ جي حقن لاءِ مخدوم صاحب جن هميشہ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ون يونٽ جو خاتمو هجي يا سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقي هجي مخدوم صاحب جن سدي يا اڻ سدي طرح هميشہ پيش پيش رهيا. سندن شخصيت اديبن ۽ شاعرن لاءِ اُتساهہ رهي. سنڌي شاعريءَ کي تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ اها جلا بخشي جنهن کي ڪوبہ موسم ڪڏهن بہ ڌنڌلو نہ ڪري سگهندو. سنڌي شاعريءَ جي مشاعرن ۾ مخدوم صاحب جهڙي قدآور شخصيت جو موجود هجڻ سندن سنڌي ٻولي ۽ ادب سان محبت جو وڏو مثال آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سندن سرواڻيءَ ۾ عاليشان ترقيءَ جون منزلون حاصل ڪيون، جنهن سان بورڊ جي وقار ۾ اضافو ٿيو.

اوائلي ڏينهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون سندن سول لائين واري بنگلي توڙي امين منزل ۾ آفيس جو هجڻ سندن سنڌي ٻولي ۽ ادب سان بي پناهہ محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مخدوم صاحب جون سياسي خدمتون بہ سونهري باب جي حيثيت رکن ٿيون، سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندن زماني ۾ سندن ئي زيرنگراني سنڌي ادبي بورڊ سدائين مالي طور مضبوط رهيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سنڌي ڪمپيوٽر متعارف ڪرايو ويو، سنڌي ادبي بورڊ سمورن ادارن ۾ ڪمپوزنگ ڪندڙ

پهريون ادارو هو، سنڌي ادبي بورڊ ۾ سرتيون رسالي جو اجراء ٿيو، ۽ خواتين کي سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪريءَ جو موقعو ميسر ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪتابن جي ڇپائي جي معيار ۾ بهتري آئي. وڏن عالمن ۽ اديبن کي سنڌي ادبي بورڊ ڪتابي صورت ۾ عوام سان متعارف ڪرايو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جون شاهڪار خدمتون سچ ته اسان جي معاشري ۽ نئين نسل لاءِ مشعلِ راهه ۽ نمونو آهن. سندن وفات سان سنڌ هڪ عظيم انسان ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي محسن کان محروم ٿي جنهن جي سنڌ کي سدائين ضرورت رهندي. مخدوم صاحب جي حيثيت هڪ فرد جي نه، پر هڪ اداري مثل جيڪا هڪ گهڻ پهلوئي شخصيت هئي.

سنڌ جي تاريخ ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سدائين سونهري حرفن سان ياد رهندو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ سندن ڪيل خدمتن کي محبت ۽ عزت ۽ مان سان لکيو ۽ ڳايو ويندو. مخدوم صاحب سڄي زندگي هڪ عوامي اڳواڻ طور معاشري سان ڳنڍيل رهيا، جنهن سبب سندن عوام ۾ هڪ الڳ حيثيت ۽ مقبوليت هئي ۽ ڪين سندن خدمتن عيوض اڄ به سڄي سنڌ ۾ وڏي احترام سان ياد ڪيو ٿو وڃي.

ضرورت آهي ته مخدوم صاحب جي علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن کي فروغ ملڻ گهرجي ته جيئن سندن خدمتن کان نئين نسل کي آگاهي ملي ۽ اُتساهه حاصل ٿئي. سنڌ جي يونيورسٽين کي گهُرجي ته اهڙا اسڪالر پيدا ڪن جيڪي مخدوم صاحب جي مختلف رخن تي تحقيق ڪن، پي.ايچ.ڊي ڪن ته جيئن سندن خدمتن کان نئون نسل روشناس ٿئي.

**ٿورا:** تماهي مهراڻ جي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ نمبر جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ فرض پڻ ۽ سنڌ جي هڪ عظيم انسان متعلق ڇپيل ۽ اڻڇپيل مواد کي سهيڙي پڙهندڙن تائين پهچائڻ. ان سلسلي ۾ بورڊ جي سيڪريٽري محترم الهڏتو وگهيو صاحب طرفان خاص نمبر جي اشاعت ۾ وقت بوقت رهنمائي رهي ۽ هلندڙ ڪم بابت بورڊ جي چيئرمن مخدوم جميل الزمان صاحب کي پڻ آگاهه ڪري سندن رهنمائي حاصل ڪندا رهيا. فنانس ڪميٽيءَ جي چيئرمن محترم نظر محمد ڳاهو صاحب جي پڻ مهرباني جن هن خاص نمبر جي اشاعت ۾ ڀرپور مدد ڪئي.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ خاص نمبر لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري محترم تاج جويو پڻ مواد سهيڙڻ ۽ سٺاءَ ۾ گهڻو سهڪار ڪيو. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي انٽرويو ۽ تصويرن جي سلسلي ۾ مدد ۽ سهڪار لاءِ محترم نياز پنهور ۽ محترم عبدالمجيد پنهور جو پڻ ادارو شڪر گذار آهي. هن خاص نمبر لاءِ پبليڪيشن توڙي ڪمپيوٽر شعبي اشاعت لاءِ ڀرپور تعاون ڪيو آهي.

**مهرباني:**

سنڌي ادبي بورڊ ۽ مهراڻ سٺ پاران سمورن محترم ليکڪن جو ٿورو مڃڻ اولين ذميواري سمجهان ٿي، جو انهن وڏا وڙ ڪيا ۽ مواد ڏيڻ ۾ مدد ڪئي ۽ خاص اشاعت کي ممڪن بڻايو.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج) ”مهراڻ“

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ خاص نمبر

سي پُوڄارا پُرِ ٽِيامِ سمنڊ سيويو ڄِنِ،
آنڊائُوَن عَميقَ مانِ، جُوتِي جَواهرنِ،
لَڌائُوَن لطيفُ چئي، لائُوَن مان لَهرنِ،
ڪانهي قيمَتِ تِنِ، مُلهہ مَهانگو اُنِ جو.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ)

وڻ ٽڻ تو قلبي قولجي ۽ باوقار ٿئي،
بيتاب بيقرار تو هر جاندار ٿئي،
جذبات جنس تو ڏئي اهلِ حيات کي،
هيجان پڻ عطا تو ڪري خواهشات کي.
جنسِ لطيف ۾ ئي لطافت وڌيو وڃي،
سنگين مزاج ۾ به نفاست وڌيو وڃي،
گفتار ۾ هزار نزاڪت وڌيو وڃي،
رفتار ۾ انهيءَ جي قيامت وڌيو وڃي،
مردانہ خوب حسن و وجاهت ڪري ظهور،
خودبيني، خودستائي ۽ طاقت ڪري ظهور.
پيدا ٿين حواس ۾ تا ڪيئي ولولا،
ذهنن ۾ ڪشمڪش جا بپا ٿين ٽرٽلا،
نڪريو نگاهون پاڻ ۾ آڻن ٿيون زلزلا،
سودا ٿيڻ لڳن تا محبت جا برملا،
هٿ جي گهڙيل نہ ڳالهہ هي فطرت جو راز آهہ
قدرت بنايو اينهين ئي صورت جو ساز آهہ
مستن ۾ زوردار ٿي مستي بپا ٿئي،
ديوانگيءَ ۾ جوش الستي بپا ٿئي،
عاجز ۾ هڪڙي نوع جي هستي بپا ٿئي،
بيڪار ۾ به ڪانہ ٿي پستي بپا ٿئي،
هر دم پکي پکڻ بہ هجي تو ورونهن ۾،
سڀ کو ڏسو تہ گر آهہ ساوڻ جي سونهن ۾.
ويرانا، جن مان خون جي هر دم اچي ٿي بُو
تن تي وسايو مينهن ڪري سبزه زار هُو
هر بج ۾ تو پيدا ڪري قوتِ نمو
سانگي اتي پچڻ، ٿئي جهرمر ٿي سو بہ سو
پانهاريون ۽ سهاڳڻيون سينگار اتي جو ٿين،
هر وقت هو سُڪار جو سهڻيون ثبوت ڏين.
دريا مچي تہ ٻيلا ٻُڏي ٿين پرجهلا،
چوڦير ڏين ’چوڙ ڪنديون‘ ڪير جا دلا،
سائي زمين ٿي ٿئي سيرا ڏئي سلا،
هٿ ڪن تي ڏئي ڏنار پيا ڪن الا الا!
ساوڻ ۾ پاڳيا، هاري ۽ ناري ٽپا ڏين،
سيريون تہ سايون ٿين ۽ ايريون بہ ٿيو لڳن.
موسم جو مينهن رحمتِ يزدان جو هڪ نشان،
هڪ هڪ ڦڙي ٿي غيرتِ لولوئي داستان،

سردي گرمي وه جو وسن ٿيون، ٻيهڻ جي ڪا بس نہ ڪن ٿيون،
هر دم لائن ميگهہ ملهار!
رکيو رکيو اوهيرا اچن ٿا، باغ برهہ جا ساوا ڪن ٿا،
وڏڙو لائي وارو وار!
هڪڙا مينهن جو وسيو وڃن ٿا ۽ ٻيا ٻيهر پرجيو اچن ٿا،
رڳو وسڻ جا ڪن وهنوار!

(4)

ٽل: مان دل جو ڳجهڙيون ڳالهيون پلا،
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
تو وٽ تہ حجت جي جاءِ نہ ڪا،
چئو ڪنهن سان سليان سور پلا!
دردن جي حقيقت ماهہ لقا!
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
من! عشق ۾ چاچا ٿي گذريو،
تو مون کان ڪڏهن ڪجهہ ڪونہ پڇيو،
ريجهين جي زسين ٿو ڄاڻي خدا،
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
سڀ ڏک ڏوراپا درد ۽ غم،
سردار سڄڻ! هي رنج، الم،
هڪ ٻيرو ڇا سؤ سؤ ٻيرا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!

◻

سوني جتي بہ پير ﭘر، آڻيو وجهن امين،
لَڄ، لانبڙ، لوٽيا، ۽ پاڻن پير فقير،
اهي جتيون اصل کان، حيثيت ﭘر ٿي حقير،
پائي پرين جا پير ﭘر، تہ سائي بي نظير،
’طالب مولاؒ، هن لاءِ، ٿا نڪرن اکيان نير،
ڪجي ڪا تدبير، تہ جتي جانيءَ جي ٿيان.

جتيون تہ شاهن جون بہ ٿيون، موتين ﭘر مڙهجن،
ڪانهي ڳالهہ سون جي، پر هو ٿيون لک لهن،
البت ٿيندو ايئن آهہ، تہ تخت تي بہ چڙهن،
تہ پون اهي ئي پير  ﭘر، نہ مَٿن تي رکجن،
سي بہ تہ ڪنهن ڪنهن جاءِ تي، ٿيون لاهيٽون پون،
جي سر جهڪن ٿا تن کي تہ بہ دليون ڪين جُهڪن،
’طالب مولاؒ طلب مان، هي نُڪتا نهارجن،
تہ تن کي مُهَت ملن، جي پون پرينءَجي پير ﭘر.

جتيءَ سنديءَ جوڙ کي، ڪلنگيون ڪين پڄن،
ات ڪئين ڪلاهون اڇيو، ٿيون جنباتئون جهڪن،
جن کي اتان عار ٿئي، سي سِر ئي ڪسيو وڃن،
جيڪي اتي جهڪيا، تہ تاج بہ ماڻيا تن،
محبوب جڏهن وڃي پڳا، مٿائين مقامن،
پانيئون تہ جتي لاهيون، اهو اڃا خيال هئن،

تہ پين پڙلاءَ ڪَنَ تي ، ۽ حڪم هيءَ ملين،
جانب جتي نہ لاهجو، متان پير اگهاڙا ٿين،
وڃي پهتا توڙ تي، سان پيارا پيزارن،
هاڻ ’طالب مولاؒ، ڪيئن چوان، ٿيان جتي جانبن،
جُتي ٿيان بيو چا کپي، ڪٿان ﭘنهين جهانن،
جو پهتي ساڻ پرين، جُتي عرش عظيم تي.

ڪٿي جانب جي جُتي، ڪٿي آءٌ غريب،
مون ﭘر تہ آهن مورڳو، وڏا عيب عجيب،
آءُ گندو، ڪتڙو، ڪوجهڙو، هو نرمل پاڻ نجيب،
وٽس کهڙي منهن وڃان، جو ٿيندس ڪيئن قريب،
پر اٿر اهو ئي آسرو، تہ لالڻ آهہ لبيب،
چڱو، چڱايون ئي ڪندو، حاڪم سائين حبيب،
’طالب مولاؒ آن ڪٿي، ڪٿي محب مجيب،
هو هميشہ حسيب، آءٌ جتيءَ جوڙ بہ جي ٿيان!

ڪير انصاف امين ٿي، ڳڻ ئي پئي ڳوليام،
ويهي ﭘنهنجي پاڻ جا، ڦولا جو ڦوليام،
تہ سڄ پيچ ’صديقي‘ چوي، رڳي عيب پسيام،
ﭘنهنجي اوٿاين جا، جڏهن پتا پيام،
تہ ﭘنهنجي مرم مُسي ويس، سڄڻ جو سوچيام،
’طالب مولاؒ پاڻ کان، پو سوين سوال پڇيام،
جواب هي جڙيام، تہ ”جتيءَ جوڙ بہ جي ٿيان“!

موڪلائي ويو، بلڪ اُهي ڳالهيون ئي ختم ٿي ويون جن جي ڪري انهن خاندانن جي مُلڪان مُلڪ مشهوري ٿي هئي. انهيءَ صورت حال ۾ اها اسان جي خوش نصيبي آهي ته مخدوم نوح جي متبرڪ خاندان ۾ اڄ به علم جي شمع روشن آهي، ۽ اها سعادت فقط سروري درگاهه جي سجاده نشين، مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' سائينءَ تائين محدود ڪانهي، پر سندن پٽ ۽ سندس پوٽا، سنڌ سان محبت ۽ علم ادب سان آشنائيءَ ڪري ممتاز آهن. مخدوم صاحب جي پوٽي، جميل الزمان جا شعر جا ٻه ڪتاب مون ڪي اسلام آباد ۾ تحفي طور پهتا آهن" (غلام رباني آگرو، 1989ع: 30) آگرو صاحب اڳتي لکي ٿو:

"طالب المولىٰ سائينءَ جي ته خير شناخت ئي اها آهي ته هو اديب، شاعر ۽ علم ادب جو سر پرست آهي. مونکي گنريل چوٽيهن ورهين کان سندس نيازمنديءَ جو شرف حاصل آهي. انهن ٽيهن چوٽيهن ورهين دوران پاڻ جيڪي ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائون، بزم طالب المولىٰ سميت جن ادبي انجمنن جي سرپرستي ڪئي اٿائون، جن ادبي رسالن جي اشاعت ۾ هٿ ونڊايو اٿائون، جن ادبي ادارن جي صدارت فرمائي اٿائون، جيڪي ڪتاب لکيا اٿائون، اوهان اُنهن کان بخوبي واقف آهيو.

پر جا ڳالهه آءٌ اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪرڻ گهران ٿو سا هيءَ آهي ته گهڻا ٺلها شاعر ۽ اديب، ادب جي ميدان جا مجيل شهسوار هوندي به شعور ۽ فرض ادائيءَ جي خيال کان خالي هوندا آهن. سندن ڪلام ۽ ڪتابه پلاسٽڪ يا ڪاغذ جي گلن وانگر سرهاڻ ۽ تازگيءَ کان محروم هوندا آهن.

چون ٿا ته ڪنهن مجلس ۾ سوال اُٿيو ته ادب جو دروازو ڪيڏو وڏو آهي؟ ڪنهن چيو ته ايڏو وڏو آهي جيترو زمين کان آسمان تائين مفاصلو؛ ڪنهن ڪيئن چيو ته ڪنهن ڪيئن چيو. اُن مجلس ۾ ڪو باڪمال بزرگ به موجود هو. اُن سيني کي سمجهايو ته ادب جو دروازو ايڏو ته ننڍو آهي جو جڏهن اوهان اُن مان اندر داخل ٿيندا ته اوهان کي ڪنڌ نمائي، نياز ۽ نوڙت سان اندر پير رکڻو پوندو.

مان سمجهان ٿو ته اهو مقولو طالب المولىٰ سائينءَ جي شخصيت تي سورهن آنا صادق آهي. حقيقت اها آهي ته هو مجسم اخلاق آهي. اڳوڻن بزرگن جي ڪمال جون ڳالهيون ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون ته ڪين پنهنجي پاڻ تي ايڏو ته ضابطو هوندو هو جو ڪڏهن به ڪاوڙ ڪانه ايندي هين. ويهين صديءَ ۾، اُن حقيقت جو مشاهدو ڪرڻو هجي ته طالب المولىٰ سائينءَ سان ڪچهري ڪجي. گنريل چوٽيهن ورهين ۾ مون سواءِ هڪ دفعي جي ڪين ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ ڪونه ڏٺو. هونئن مون سندن مزاج جا ڪيئي روپ ڏٺا آهن، پر ڪين ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ ڪونه ڏٺو اٿم. ڪانئن ڪيئي ڏاهپ جا نڪتا پڌا اٿم. هڪ دفعي مون کي چيائون ته: "رباني ٽڪجي ٿو ماڻهوءَ جو خيال، جسم جو ٽڪ ڪا ڳالهه نه آهي" (غلام رباني آگرو، 1989ع: 30)

رباني صاحب اڃا به اڳتي لکي ٿو:

"اسان سڀ، سنڌي ڪلچر ۽ ثقافت جو ذڪر ڪندا آهيون ته سنڌ جي پنهنجي هڪ خاص انوکي ۽ انفرادي ثقافت آهي، جنهن ۾ موتئي جي مهڪ آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ انهيءَ ثقافت جا نشانبر جيڪي هن زماني ۾ وڃي بچيا آهن تن ۾ مخدوم صاحب جو نالو سرفهرست آهي. جيستائين سنڌ سان سندس محبت جي سلسلي جو تعلق آهي ته مان هڪ شعر پڙهڻ گهران ٿو جو سندس تازي ڇپيل ڪتاب 'بي پير اکيون' ۾ گنريل رات پڙهيو اٿم. فرمائين ٿا!

جنهن ۾ پٽائي آهي پلارو، هاڪ انهيءَ جي هلي هلي
اک اجائي جيڪو کٽندو، ڇڏ انهيءَ کي پلي پلي
روز ازل کان آهيم لاتو، ڳٽن پريءَ ڳلي ڳلي
'طالب المولىٰ' سنڌڙي پوڄيان، ڪير ٿئي جو جهلي جهلي"

3 (الف)- مخدوم طالب الموليٰ سائينءَ جن نہ فقط برصغير جي هڪ وڏي صوفي بزرگ، حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي دربار جا سجاده نشين هئا، پر منهنجي نظر ۾ پاڻ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا وڏا شاعر، وڏا دانشور، عالم، فاضل، مخنور، محقق، نقاد ۽ سنڌي لغات نويسيءَ جا ماهر پڻ هئا. سنڌي نثر جي ميدان ۾ ڍهہ ڪتاب لکيائون، اوترائي ڪتاب شاعريءَ جا پڻ لکيائون. ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ ۽ تنقيدي تبصرا پڻ لکيائون.

(ب) سنڌي ادب جي تاريخ نويسن کين هڪ شاعر جي حيثيت ۾ نمايان جڳهہ ڏني آهي پر منهنجي خيال ۾ پاڻ اوترائي وڏا نثر نويس پڻ هئا. سنڌي نثر جي ميدان ۾ تحقيق، تنقيد، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻوليءَ، لسانيات ۽ سنڌي لغات نويسيءَ وارن موضوعن تي سندن تصنيف ڪيل ڪتاب 'ڪافي'، 'ياد رفتگان'، 'اسلامي تصوف'، 'شيطان'، 'خود شناسي'، 'امام غزاليءَ ؒ جا خط'، 'ڇهنڊڙيون'، 'مضامين طالب الموليٰ'، 'ڪچڪول'، 'بهار لطيف'، 'مصريءَ جون تڙيون' ۽ 'لغات سنڌي مخففات' جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح 'ماهي مهراڻ'، شاعر، 'نئين زندگي' ۽ 'روح ادب' رسالن ۾ سندن تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون بہ شايع ٿيا. هن مقالي ۾، سنڌي نثر جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي لسانيات، هڪ نقاد، محقق ۽ سنڌي لغات نويسيءَ وارن موضوعن تي سندن ڪيل تحقيق ۽ تنقيد جي معيار ۽ مقام جي سلسلي ۾ ڪي ڳالهيون عرض ڪيون وينديون.

## 4- هڪ محقق جي حيثيت ۾:

(الف) هڪ محقق ۽ نقاد جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب جن جا ڪتاب: 'ياد رفتگان'، 'ڪافي'، 'ديوان طالب الموليٰ جو مهاڳ' ۽ 'لغات سنڌي مخففات' سنڌي ادب جي بي بها سرمايي جي حيثيت رکن ٿا. انهن ڪتابن ۽ ديوان طالب الموليٰ جي مهاڳ ۾، سنڌي ادب جي تنقيدي تاريخ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي صورتخطيءَ جي الف- ب جي پٽيءَ ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻڻ ۽ سنڌي لغات نويسيءَ جي موضوعن تي لکيل بهترين شهپارن جي حيثيت رکن ٿا. انهن ڪتابن کي صرف ڪتبخانن تائين محدود ڪرڻ جي بدران، انهن کي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نصاب ۾ تحقيقي، تنقيدي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ لغات نويسيءَ جي فن طور پڙهايو وڃي تہ جيئن سنڌ جا نوجوان، مخدوم صاحب جن جي انهن ڪتابن جي افاديت ۽ اهميت کان واقف ٿي سگهن. مثال طور 'ياد رفتگان' ڪتاب ۾، سنڌي ادب جي تنقيدي تاريخ ڪانسواءِ، سندن طرز تحرير هن ريت آهي:

”يادِ رفتگان' تي ہ تي اکر لکندي دل ڀرجي آئي. سبحان الله ورهين جا ورهيہ گذري ويا، اهي چرچا بہ نہ رهيا، اهي محفلون ۽ مشاعرا بہ ٿي چڪا، ڪهڙا ڪهڙا معرڪا ٿيا، ڪهڙيون ڪهڙيون مجلسون ٿيون، ڇاڇا شور ۽ سُر هئا، هن ڪان بعد بہ ڇا ڇا ٿيندو، شايد حرف ۽ ڪاغذ وفا نہ ڪن. خبر نہ آهي تہ منهنجي دل ڪهڙيءَ شيءَ مان ٺهيل آهي جو ڪنهن جي جدائيءَ جو نالو ٿو ڪن تي پوي تہ ڏڪيو وڃي؛ ڪنهن عزيز جو فڪر ٿو ٿئي تہ منجهانئس رت جا ڦڙا ٽا چڻ نڪرن. اي طالب الموليٰ اکيون بند ڪر ۽ ادب جون اکيون کول، سامهون نظر ڪڻ بيهي نہ رهہ اڳتي وڌ“ (ص 5).

(ب) پڙهندڙن کي معلوم آهي تہ قبليٰ مخدوم صاحب جن، هڪ روحاني رهبر، صوفي ۽ مخدوم نوح سرورؒ جي درگاهہ جا سجاده نشين هئا. سندن روزمره جي زندگي، ٻين لاءِ رهبر مثال هوندي هئي. سندن لکيل ڪتاب 'اسلامي تصوف' بہ، سندن انهيءَ سوچ ۽ فڪر ۽ طرز زندگيءَ جو ثمر هو. هن ڪتاب ۾ 'اسلامي تصوف' جي حوالي سان، طالبن کي جيڪو درس ڏنو اٿن سو هن طرح هو:

”هي نظريو غلط آهي تہ اسان جي زندگيءَ جو پروگرام ڄمڻ سان ئي بنجي وڃي ٿو، ۽ ان ڪري انسان هڪ قدم بہ اُن پروگرام کي گهٽ وڌ ڪري نٿو سگهي. انهيءَ نظريي کي جيڪڏهن صحيح تسليم ڪجي تہ پوءِ نبين ۽ رسولن جي بيعت جي ضرورت ئي باقي نٿي رهي. ڇا، ڪو رسول، ڪنهن ماڻهوءَ کي اُن رستي تان هٽائي سگهندو جنهن رستي تي اُن کي الله هلائي رهيو هجي، ۽ ٻئي طرف نبين کي وري اُن جي برخلاف حڪم ڪري؟ ظاهر آهي تہ تقدير جو اهو نظريو مضحڪ خيز آهي تنهنڪري تقدير يا يقين جو صحيح مفهوم هيءَ آهي

تہ هر عمل جو بدل مقرر ٿي چڪو آهي، ۽ عامل کي طوعاً و ڪرهاً اهو بدلو قبول ڪرڻو پوندو آهي. جهڙيءَ طرح جسم لاءِ سئر ۽ تفريح يا ورزش جو بدلو صحت، ۽ ترڪ روشن جو بدلو بيماري آهي.“

5 (الف)- اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ مخدوم صاحب جي ڪتابن، مضمونن، مقالن ۽ سندن لکيل مهاڳن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، اُن جي تاريخ ۽ اُن جي لسانيات جي اصولن ۽ سنڌي صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ وڏي چاهہ رکندا هئا. مثال طور، ’بزم طالب المولىٰ سنڌ‘ جي ڪراچيءَ واريءَ شاخ طرفان، 1989ع ۾، ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل ادبي ڪانفرنس ۾ افتتاحي تقرير ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ شاهوڪار هجڻ جي باري ۾ فرمايائون:

”تاريخ شاهد آهي تہ سنڌي زبان، دنيا جي قديم بنيادي زبانن مان هڪ آهي جنهن کي قبل مسيح کان وٺي اڄ تائين سمجهيو ۽ پروڙيو وڃي ٿو. اسان جي سنڌي عالمن، دانشورن ۽ مفڪرن هر دور ۾ سنڌي زبان جو تقدس قائم ڪرڻ لاءِ هر قسم جي جدوجهد پئي ڪئي آهي ۽ اسين بہ انشاالله تعالىٰ ڪندا رهنداسون.

اسان جي ٻولي ايتري قدر تہ وسيع ۽ شاهوڪار آهي جو اُن، ڪيترين ئي ٻولين جا لفظ قبول ڪري بہ پنهنجي بنيادي حيثيت قائم ڪئي آهي. فڪر و ادب جون اهي محفلون، انهيءَ ٻوليءَ جي سلامتيءَ جو وجود آهن“ (ص 18).

(ب) ساڳئي موضوع جي باري ۾، ’ڪافي‘ ڪتاب جي صفحي 18 تي لکن ٿا: ”سنڌ ملڪ ۽ سنڌي زبان بيحد آڳاٽا آهن. عام طور سمجهيو وڃي ٿو تہ آڳاٽي زماني ۾ ماڻهو اڻ سڌريل ۽ بي علم هئا، پر اهو غلط آهي، بلڪ اُن قسم جو خيال ڪرڻ بہ بي علمي چئبي. موهن جو دڙو، جُهڪر جو دڙو، برهمڻ آباد وارو پڙو ۽ ڪوٽ ڏيجي، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن لاءِ ڪافي ثابتيون آهن.

ڪجهہ وقت ٿيو تہ اسان جا اديب ۽ شاعر ئي سنڌي زبان کي بگيڙڻ لڳا آهن. اسان جي زبان ايڏي تہ شاهوڪار آهي، ايتري جهجهي آهي، ايتري تہ پختي آهي جنهن جي حد ئي ڪانهي، ۽ دنيا جي ٻين ٻولين کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ آهي. سنڌي زبان جي آڳاٽائي ۽ پختائيءَ تي غور ڪجي تہ حيرت ۽ عبرت وٺي ٿي. هي مبالغو نہ ٿيندو جيڪڏهن چئجي تہ جهڙيءَ طرح دنيا جي ٻين زبانن تڪڙو ڦير ڪاتو آهي، تهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ڦيرو نہ آيو آهي.“

(ت) ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت، ۽ اُن جي بقاءِ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لکت جي حوالي سان، پنهنجي تحقيقي ڪتاب ’ڪافيءَ‘ ۾ صفحي 14 تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي فرمايو اٿن:

”سنڌ ۾ جڏهن دفتري زبان عربي ۽ پوءِ فارسي هئي تڏهن بہ سنڌي ماڻهو سنڌي زبان ڳالهائيندا هئا. اُن وقت سنڌي زبان ۾ نثر لکيو ويندو هو يا نہ، اهڙي ثابتي ڪانہ ملي سگهي آهي، پر قياس ٻڌائي ٿو تہ نثر جا ڪي جملا ضرور لکيا ويا هوندا ۽ نظم تہ لازمي طرح لکيو ويندو هو، جنهن جون ثابتيون بہ موجود آهن. سومرن جي حڪومت واري دور ۾ بہ سنڌي نظم لکيو ويندو هو. اهو نظم رڳو حافظن تي ڪونہ رکيو ويندو هو، يقيناً ڪاغذ تي بہ لکيو ويو هوندو پر جيئن تہ اُن زماني جي سنڌي نثر يا نظم جي لکت اڄا هٿ نہ چڙهي آهي تنهنڪري مٿ ۾ ئي رهڻو پوي ٿو: ڇا دنيا جي دستور موجب سنڌ جي بادشاهن. اميرن ۽ وزيرن لاءِ، سنڌي زبان ۾ مدحون ۽ قصيدا نہ لکيا ويا هوندا. قصا ۽ ڪهاڻيون، نظم ۾ نہ ٻڌا ويا هوندا؟ جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ پوءِ هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي نظم بہ ضرور ڪنهن صورتخطيءَ ۾ لکيو ويو هوندو. يقيناً عربيءَ جا نمونا، پر پوئين زماني جا. مگر اڄ کان گهڻو اڳ جا ملن ٿا جن مان هڪ اندازو ڪري سگهبو تہ سنڌي نثر ۽ نظم ڪيئن لکيا ويندا هئا.“ (ص 14)

پنهنجيءَ انهيءَ راءِ کان پوءِ، مخدوم صاحب جن ڪافي ڪتاب جي صفحي 15 ۽ 16 تي خليفي محمود نظاماڻيءَ جي تصنيف، ’مجمع الفيوضات‘ مان، سنڌي شاعرن جي بيتن ۽ هڪ ٻهاڪي جا، سنڌي لکت ۾ مثال بہ ڏنا آهن ۽ لکن ٿا تہ:

”مٿين لکت ٻارهين صديءَ هجريءَ جي آهي. انهيءَ لکت مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اڄ کان 5 سو سال اڳ سنڌي زبان جي لکت کهڙي نموني جي هوندي هئي ۽ هي به يقين ٿي ويو آهي ته رڳو نظم نه پر سنڌي نثر به لکيو ويندو هو.“

(ث) مخدوم صاحب جن جي ڪتابه ’ديوان طالب الموليٰ‘ جي مهاڳ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته ڀاڻ دنيا ۾ انسان ذات جي ارتقا جي تاريخ، دنيا ۾ ٻوليون ڪيئن وجود ۾ آيون، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ علم السان وارن موضوعن جي باري ۾ به وڏي ڄاڻ رکندا هئا. مذڪوره ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

”ماڻهن جي تمنائن، تقاضائن ۽ ڪاڏپيٽ، سندن وڙهڻ جا سبب پيدا ڪيا تنهن ڪري هو ٽولن جي صورت ۾ جدا جدا هنڌن تي وڃي رهڻ لڳا ته ٻوليون ۽ اشارا به نوان نوان نهندا رهيا. سترندي سترندي، آخر تصويرون ۽ ليڪن کي لکت بنايو ويو. اڳتي هلي انهن مان موجوده صورتخطيون ٺاهيون وئيون جن کي دنيا به قبول ڪيو.“ اڳتي لکن ٿا:

”هرڪا ٻولي ڦرندي رهي ٿي ۽ ڦرندي رهندي ڇو ته ٻوليءَ جي ڦير ڦار سندس فطرت آهي. انهيءَ ڦيرڦار کي ڪير به روڪي نه سگهندو ڇاڪاڻ ته ٻولي وڏي سگهه رکي ٿي، پر هيءَ ڳالهه ياد رکجي ته ٻوليءَ سان زور آزمائي ۽ هٽ چراند، ٻوليءَ ۾ ڄاتي واڻي ڏاريا ۽ اٽوندڙ لفظ وغيره ٽنبيا نه وڃن ڇو ته سنڌي ٻوليءَ وٽ پنهنجو عظيم خزانو موجود آهي ته پوءِ اُڌارو ڇو کڻجي، مگر مناسب طرح اصلاح ڪرڻ ڏوهه به نه آهي.“

اڃا به اڳتي لکن ٿا:

”عرب ۽ ايران جو سنڌ سان پراڻو لاڳاپو آهي، انڪري صدين کان سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي زبانون ڇڳيءَ طرح ملي وئيون آهن، ۽ سنڌيءَ انهن زبانن کي اهڙيءَ طرح ته پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي جو نه ڏاريائپ لڳي ٿي ۽ نه وري اُنهن زبانن کي سنڌيءَ مان ڪڍي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سنسڪرت ۽ هنديءَ جي لفظن وغيره کي به سنڌي ٻولي هضم ڪري چڪي آهي. اردو زبان جي ابتدا ۽ نيپاج به سنڌ ۾ شروع ٿيو. نقاش ڪاظمي لکي ٿو:

’ماہرین لسانیات تھوڑے سے اختلاف کے باوجود اس بات سے متفق ہیں کہ اردو کی ابتدا سندھ میں ہوئی۔ چاہے اردو کی ابتدا پنجاب یا دکن سے ہو، اردو نے سندھ کی وادیوں میں بھی زندگی کا سانس ضرور لیا ہے۔‘

پنهنجي ساڳئي ڪتاب (ديوان طالب الموليٰ) جي صفحي 6 تي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

”سنڌي زبان ۾ پرديسي شاعري ڪجي ته اُن کي عربي ۽ فارسي محاورن ۽ ترڪيبن سان سينگارجي، ۽ ديسي شاعري (بيت ڪافيون وغيره) ڪجي ته اُن کي سنڌي محاورن ۽ ترڪيبن سان سنوارجي، پر هيترو ضرور ڌيان رکجي ته اُن ۾ سنسڪرت ۽ هندي وغيره جا لفظ، جملا ۽ ترڪيبون صرف اُهي استعمال ڪجن جن کي سنڌي ٻوليءَ پنهنجو بنائي ڇڏيو آهي، ۽ هي خيال رکجي ته پراڻين زبانن جا لفظ هروڀرو ۽ زور مس ڪري ۽ بگيڙي ڪم نه آڻجن، جيئن: ’ڏُلاڻ‘، ’ڌُهرائڻ‘ ۽ ’مسڪرائڻ‘ وغيره. ان هوندي به غلط العام صحيح ۽ غلط العوام وغيره صحيح جو پابند رهڻ گهرجي“ (ص 6).

6 (الف)- ساڳئي ڪتاب (ديوان طالب الموليٰ) جي مهاڳ ۾، ۽ ’ڪافي‘ ڪتاب ۾، مخدوم صاحب جن، سنڌي رسم الخط جي تختيءَ جي باري ۾، علم اللسان جي هڪ ماهرن جي حيثيت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ، لسانياتي بحث ڇيڙيو آهي. منهنجي خيال ۾ مخدوم صاحب جن جي ڇيڙيل هن بحث طرف، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ توڙي سنڌ جي يونيورسٽين ۾ قائم سنڌي شعبن جي ماهرن ڌيان ڪونه ڏنو آهي. هن موضوع جي باري ۾، مخدوم صاحب جن صفحي 5 کان صفحي 20 تائين علمي بحث ڇيڙيو آهي جنهن تي ماهرن کي ڌيان ڏيڻ جي گهڻي ضرورت آهي لکن ٿا ته:

”جيڪا سنڌي زبان، اسان اڄ ڳالهيون ٿا يا استعمال ڪريون ٿا، اُن ۾ نج عربي زبان جا ث، ح، خ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف ۽ ق، يعني 11 حرف به شامل آهن. انهن ڪانسواءِ حرف علت (ا، و ۽ ي) جو استعمال به عربيءَ کان مليو آهي“ (ص 5)

اڳتي صفحي 7 تي لکن ٿا: ”سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اکر پختائي وٺي ويا آهن جن جي عمر اسان جي ڏاڏن پڙڏاڏن کان به وڏي آهي. انهن اکرن کي ننڍو وڏو، پوڙهو ٻڪو، پڙهيل اڻ پڙهيل، عالم فاضل، پروفيسر ۽ ڊاڪٽر، نظم توڙي نثر ۾ لکندڙ، گهر ۾ ۽ گهر کان ٻاهر به هر وقت عام جام ڳالهائي ٿو. نه رڳو ايترو پر هر مصنف، مؤلف، ايڊيٽر ۽ مترجم به پنهنجي هر ڪتاب ۽ اخبار جي پروفن پڙهندي، انهن اکرن کي قائم رکي ٿو. جيڪڏهن اهي اکر سنڌي ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏجن ته نه فقط ٻولي بي زيب ٿيندي بلڪ معنيٰ مطلب به سمجهڻ ۾ نه ايندو. اُن هوندي به انهن اکرن کي الف- ب واريءَ تختيءَ ۾ اڃ شامل نه ڪيو ويو آهي. آءٌ تعليم کاتي جي آفيسرن، علمي ادبي ادارن، اديبن ۽ شاعرن کي اپيل ٿو ڪريان ته بنا دير جي، اهي اکر جي هيٺ پيش ڪيل آهن، الف- ب واريءَ تختيءَ ۾ شامل ڪرايا وڃن. اهي اکر هي آهن: ڙهه، لهه، مهه، نهه، ٽهه، تنوين ۽ غنه. انهن اکرن کي مون هن طرح ترتيب ڏني آهي: ڙ کان پوءِ ڙهه، ل کان پوءِ لهه، م کان پوءِ مهه، ن کان پوءِ نهه، ان کان پوءِ تنوين، پوءِ غنه ۽ ڻ کان پوءِ ٽهه. انهن اکرن جا اُچار منهنجي غزلن جي رديفن پڙهڻ مان معلوم ٿيندا.“

(ب) مخدوم صاحب جن اڳتي صفحي 10 تي لکن ٿا: ”1853ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، الف- ب جي ترتيب ۾، ٻن ٽن اکرن يعني جهه ۽ گهه کي به شامل ڪيو آهي، خبر نٿي پوي ته باقي ٻين اکرن کي، اُنهن ماهرن، تختيءَ ۾ جاءِ ڇو نه ڏني؟ سنڌي ادبي بورڊ، ٽماهي مهراڻ جي سال 1961ع جي ٽائيٽل ڪور تي مٿين ساڳي تختي ڏني آهي، پر هه کان پوءِ فارسي جو واڏارو آندو آهي.“ اڳتي لکن ٿا!

اڄ ڪلهه تعليم اخبار ۾، ڇهه، ڄ ۽ ڄه تي ڪن ڄاڻو اُستادن جو پاڻ ۾ بحث مباحثو شروع آهي ته انهن جي شڪل ڪهڙي رکڻ کپي. اهو به هن علمي بحث جي هڪ ڪڙي آهي. اُميد آهي ته ان بحث مان به ڪونه ڪو اُميد افزا نتيجو نڪرندو“ (ص 10).

مخدوم صاحب جن، پنهنجن انهن ويچارن کانپوءِ، سنڌي صورتخطيءَ لاءِ پنهنجي ٺاهيل الف- ب جي تختي مثال طور ڏيئي لکن ٿا:

”جيڪي اکر مون الف-ب جي تختيءَ ۾ وڌا آهن، اُنهن سميت مون نئين الف- ب جي تختي، هيٺينءَ ريت ترتيب ڏني آهي:

الف، ٻه ب، ٻ، پ، ته ت، ٿ، ٽه ٽ، ٺه ٺ، ث، په ڀ، ڄ، ج، جهه ڃ، ڄ، چ، ڇ، ح، خ ده د، ڌ، ڏ، ڊه ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ڙهه، ز، س، ش، ص، ض، طه ط، ظه ع، غ ف، ڦه ڦ، ق، ڪ، ک، گ، ڳ، گهه گ، ل، لهه، م، مهه، ن، نهه، غنه ڻ، ٽهه، و، ه، ء، ي

مٿينءَ تختيءَ ۾ صرف تنوين جي صورت قائم نه ڪئي آهي، پر ان رديف تي لکيل غزل، هن ديوان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان لاءِ آءٌ سنڌ جي عالمن، اديبن، اُستادن ۽ دانشورن کي دعوت ٿو ڏيان ته هُو غور وفڪر ڪن“ (ص 10). اڃا به اڳتي صفحي 11 تي لکن ٿا:

”آخوند گل محمد، پنهنجي ديوان ۾ مهاڳ جي جاءِ تي ڇپائيءَ ۾ جيڪو الف- ب جو چارٽ ڏنو آهي اهو به مٿينءَ تختيءَ جي تائيد ڪري ٿو. آخوند گل محمد، پنهنجي ديوان ۾ اکر ڙهه ۽ لهه کي رديف استعمال ڪيو آهي جنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

چوڙ مڪڙي ٻيهه م، وٽ رس جوان رڙهه
هير جي ساڃي لڳي، لکڻ جلد سڙهه

اهڙيءَ طرح مرحوم سانگيءَ ۽ ٻين قادرالڪلام شاعرن به انهن اکرن کي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي“

(ت) اهڙيءَ طرح ساڳئي مهاڳ ۾ صفحي 15 کان وٺي صفحي 21 تائين، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن کي ڌار ڌار صورتخطين ۾ لکڻ جي باري ۾ به وڌو ۽ معلوماتي بحث ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پنهنجي قيام (1990ع) کان پوءِ، هن موضوع تي ڪي سيمينار ڪرائي، اهڙين لفظن جون صورتون مقرر ڪيون هيون. مخدوم صاحب جن، هي مهاڳ 1982ع ۾ لکيو هو، جڏهن ته اٿارٽيءَ طرفان اهڙيون صورتون 1998ع

1999ع ۾ مقرر ڪيون ويون هيون. مخدوم صاحب جن، جن جن لفظن جي صورتخطين طرف نشاندهي ڪئي هئي، اُهي لفظ هئا: ڪٺهن، ڪٺهين، جڏهن ۽ جڏهين، اهڙيءَ طرح تنوين لکڻ وارن لفظن، ۾ ۽ ڪان سواءِ شاعريءَ توڙي عام گفتگو واريءَ زبان ۾ ڪيترائي سنڌي لفظ مخفف صورت ۾ ڳالهايا ويندا آهن، جيئن:
هُنن ۽ هُن، اکين ۽ اکن، تنن ۽ تن، آهن ۽ هن وَنين ۽ وَنن وغيره.“
مطلب ته سنڌي الف- ب جي تختيءَ ڪان سواءِ سنڌي لفظن جي ڊار ڊار صورتخطين ۽ تنوين وغيره جي موضوعن تي ڪيل سنڌن بحث تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي ماهرن جو سيمينار يا ڪنوينشن ڪوٺائي، سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن لفظن جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ جون سفارشون تيار ڪرڻ گهرجن، البت مخدوم صاحب جن طرفان ’غنه‘ واري حرف جي باري ۾ اڳتي ڪوبه نه رايو ڪونه ڏنو ويو آهي، اُن تي به سوچڻ گهرجي.

## 7- سنڌي لغات نويسي ۽ سنڌي لسانيات جي ڄاڻ:

هن موضوع لاءِ مخدوم صاحب جن جو تحقيقي ڪتاب ’لغات سنڌي مخففات‘، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ جامع ۽ سگهارو ڪتاب آهي. هن شهپاري ۾، مخدوم صاحب جن، علم اللسان جي روشنيءَ ۾، ڳالهائي ويندڙ ۽ لکيل صورت واريءَ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان، پنهنجيءَ ڄاڻ جو وڏو ثبوت ڏنو آهي، ۽ ’لغات سنڌي مخففات‘ ذريعي ثابت ڪيو آهي ته طالب المولىٰ سائين، سنڌي لسانيات جو به وڏو ڄاڻو ۽ سنڌي لغات نويسيءَ ۾ به وڏيءَ حيثيت جو مالڪ هو.

(الف)- لفظ (term) ’مخففات‘ جي معنىٰ ۽ مفهوم جو واسطو علم اللسان جي شاخن، ’علم صرف‘ ۽ ’علم نحو‘ جي موضوع، سنڌي/ ادغام‘ (assimilation) سان آهي. هن موضوع تي، سنڌي زبان ۾ ڪو گهڻو ڪم ٿيو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري آءٌ ته ائين چوندس ته مخدوم صاحب جن جو هي تحقيقي ڪتاب علم اللسان جي لحاظ کان، سنڌي لسانيات ۽ سنڌي زبان جو هڪ نهايت ئي اهم ۽ اعلىٰ علمي سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، پنهنجي نوع ۽ قسم واري هيءَ پهرين ۽ اهم لغات آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۽ عام گفتگو ۾ ڪم ايندڙ بيشمار لفظن جا مخفف روپ گڏ ڪري، اُنهن لفظن جي صوتي، حرفي، نحوي ۽ لغوي چند ڄاڻ ڪئي وئي آهي، ۽ اُن ڪان سواءِ اُنهن لفظن جي لسانياتي ڪارج جي تفصيلي سمجهاڻي به ڏني وئي آهي.

(ب) پڙهندڙن کي معلوم آهي ته ’مخفف‘ لفظ لاءِ انگريزيءَ ۾ عام طور abbreviation لفظ ڪم آندو ويندو آهي، پر دراصل هن ڪتاب ۾ لفظ ’مخفف‘ جو مقصد ۽ ڪارج ويا ڪرڻي بيان ڪيو ويو آهي. ويا ڪرڻي اپياس جي لحاظ کان. مخفف لفظ جي معنىٰ ۽ اُن جو مفهوم ٿيندو: ’ڪنهن به لفظ کي سُسائڻ، گهٽائڻ يا ننڍو ڪرڻ‘، يعني روزمره جي استعمال ۾ ڪن لفظن مان ڪي آواز، ڪي صوتيه، ڪي صرفيه، ڪي وينجن ۽ ڪي سر حذف ڪيا وڃن يا سُسائجن، جيئن اردو زبان ۾ ’بدتر‘ لفظ جو مخفف يا ’سسيل اُچار يا روپ ’بتر‘، ڪيو ويندو آهي.

ويا ڪرڻي لحاظ کان هن موضوع جي مطالعي مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته لفظن جا مخفف روپ، ڪنهن ڏڪيبازيءَ سان يا بيقاعدي نموني سان حاصل ڪيا نه ويندا آهن، پر اُن لاءِ ٻوليءَ جي ارتقا دوران، ويا ڪرڻ جا ڪي اصول يا قانون، خود بخود ٺهي ويندا آهن. مثال طور لفظن جي مخفف صورتن لاءِ هيٺيان اصول/ قانون ڪارفرما ماهوندا آهن:

(i) ادغام يا سنڌي (assimilation) جا ڪي اصول ۽ قانون
(ii) شاعريءَ يا نثر جي صنفن ۾، ٻوليءَ جي استعمال ۾ لفظن جو مخفف ٿيڻ يا مخفف روپ وٺڻ
(iii) عام گفتگو ۾، روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾، لفظن جو سسڻ وغيره

(ب) منهنجي نظر ۾ ’لغات سنڌي مخففات‘ ڪتاب جي مصنف/ خالق جو هي تحقيقي ڪارنامو، سنڌي لسانيات ۾ جدت جي حيثيت ٿو رکي ڇاڪاڻ ته هن لغات جي تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جو خيال يا اهڙيءَ تحقيق لاءِ سوچڻ، هن ڪان اڳ ڪنهن به ٻئي عالم يا لسانيات جي ماهر جي ذهن ۾ اُڀري سگهيو ئي نه هو. هن لغات جي

ڇيڇي پٽري ٿيڻ کان اڳ، البت سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لغت ۾، لفظن جا ذاتي، ماده ۽ اشتقاق ضرور ڏنا ويا هئا، پر لفظن جا مخفف يا سُسيل روپ ۽ اُنهن جو لسانياتي ڪارج ۽ ويا ڪرٽي حيثيت جي سلسلي ۾، 'لغات سنڌي مخففات' جي شايع ٿيڻ کان اڳ ڇپيل ڪنهن به لغات ۾ نٿا ملن. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مخفف يا سُسيل روپن وارن لفظن جي اڀياس جي سلسلي ۾ هيءَ پهرين، اوائلي ۽ جامع لغات آهي جيڪا جدت واري طريقي سان، کوجنا ۽ تحقيق جي خوبين سان مالا مال آهي. انهيءَ ڪري چئبو ته سنڌي ٻوليءَ جي لغات واري کيتر ۾ هيءَ پهرئين قسم جي لغات آهي جنهن ۾ داخل ڪيل لفظن جو اصلي اُچار ۽ اُنهن لفظن جا مخفف يعني سُسيل روپ ڏيئي، اُنهن جي سمجهاڻي به ڏني وئي آهي، ۽ روزمره جي عام گفتگو واريءَ ٻوليءَ ۾ اُنهن مخفف يا سسيل روپن جي استعمال ۽ ڪارج جا مثال به ڏنا ويا آهن.

(ت) هن لغات جي هڪ ٻي خصوصيت هيءَ آهي ته هن لغات ۾ اهو به سمجهايو ويو آهي ته هن لغات ۾ شامل لفظن مان هرهڪ لفظ جو، اُن جي انفرادي صورت ۾ اُچار ڪيئن ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو لفظ يا اُهي لفظ ڪنهن روزمره واريءَ گفتگو ۾ ڳالهايا ويندا آهن، يا شعر و شاعريءَ ۾ ڪم آڻبا آهن تڏهن اُنهن جي لکت واريءَ صورت مان خبر پوندي آهي ته انهن لفظن جو اُچار ڪهڙي شڪل يا صورت وٺي بيٺو آهي، يعني اُهو لفظ يا اُهي لفظ، روزمره واريءَ گفتگو، ڪنهن نثري جملي يا شعر جي مصرع ۾ ڪهڙي مخفف صورت وٺي بيهن ٿا. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته اُنهن لفظن تي علم صوتيات، علم صرف يا علم نحو جا قانون اثر انداز ٿيا آهن. اهڙن لفظن تي لسانيات جي هڪ موضوع يعني سنڌيءَ (assimilation) جي قانونن موجب، اُنهن لفظن تي تخفيف يا 'سوس' وارو قانون اثر انداز ٿيل هوندو آهي. انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخفف روپن ۾ جيڪي صوتي، صوتياتي ۽ سنڌيءَ جي اصولن جي ڪري تبديليون رونما ٿينديون آهن، اُنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| مخفف روپ | عام جملي ۾ لکيل صورت ۽ اُچار | فعل جي انفرادي صورت |
|---|---|---|
| ماني ڪاڏي ٿَن | ماني ڪاڏي اٿن | اٿن |
| ڇيو ٿَن/ ڇَيَن | هنن ڇيو آهي/ ڇيو اٿن | |

انهن مثالن ۾ 'ڪاڏن' ۽ 'ڇين'، مخفف روپن جو جڏهن غور سان اڀياس ٿو ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جي هن عمل ۾، 'سنڌيءَ وارا اصول' اثر انداز ٿيا آهن، ۽ اهي اصول مخفف روپن جي اصلوڪن صورتن جي ڳولڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

هن لغات ۾ جتي مخدوم صاحب جن، هڪ غواص بڻجي، علم اللسان جي عميق ۽ بي انت بحر جي پاتال تائين پهچي جيڪي املهه موتي ميڙي، سنڌي اديبن، عالمن ۽ فاضلن جي اڳيان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُن لاءِ ڪين اهوداد شايد ملي نه سگهيو. جنهن جا پاڻ حقدار هئا.

بيشڪ هيءَ لغات، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي لسانيات جو هڪ املهه ۽ بي بها خزانو آهي. هن لغات، سنڌي ٻوليءَ جي روزمره واريءَ عام ٻوليءَ توڙي شاعريءَ واريءَ ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ اُنهن جي صوتي صرفي ۽ نحوي اڀياس واري کيتر ۾ بي بها اضافو ڪيو آهي. هن موضوع تي، علم اللسان جي ماهرن کي توجهه ڏيڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

## 8۔ هڪ نقاد جي حيثيت ۾:

(الف) مخدوم 'طالب المولىٰ' صاحب جي، ادبي تنقيد جي باري ۾ لکيل ڪتابن مضمونن ۾ مقالن جو جڏهن غور سان مطالعو ٿو ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ هڪ سنجيده ۽ اعليٰ معيار جا تخليقي نقاد هئا. شايد پاڻ پهريان ئي نقاد هئا جن سنڌي ٻوليءَ جي 'موزون شاعري' (ايراني شاعريءَ) جي باري ۾، پنهنجي ڪتاب 'ڪافيءَ' ۾ صفحي 33 تي، هن قسم واريءَ شاعريءَ جي باري ۾، پنهنجن تنقيدي خيالن جو اظهار ڪيو هو، فرمائين ٿا:

"موزون شاعري ڌارين آهي. اُن ۾ هيترادو ناهيل ڳالهيون آهن، ۽ هند هند اهل ڪرٽي پوي ٿي، جي سڀ بي بقا شيون آهن. موزون شاعريءَ ۾، گل و بلبل جو بيان، ساغر ۽ صراحيءَ جو ذڪر، گلگشت ولالا زار جا اصول ۽ شاهد بازيءَ جون ڳالهيون هونديون آهن. اهي سڀ شيون ٻاهريون آهن. اهي تصورات ايراني آهن. اهي تخيل پرايا ۽ اوپرا آهن، ۽ اهي مضمون ڌاريان بلڪ اُڌارا آهن" (ص 36)

اڳتي لکن ٿا: "اسان جي شاعريءَ جو انهن شين سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي. اسان جو ماحول بہ پنهنجو، تہ رسمون ۽ رواج بہ پنهنجا، نظارا بہ پنهنجا تہ اشارا بہ پنهنجا. هت خشڪ جبل ۽ واريءَ جون ڀٽون، بيابان، ڪنبا ڪرڙ، ڪبڙ، ليون، ليار، ٻٻر، دريا ۽ واهڙ وغيره آهن. اسان وٽ عورت عاشق ۽ مرد معشوق آهي. ايراني شاعريءَ ۾ بيجا شڪايت، سخت گلا، محبوب کي الزام رکڻ، ڪيس ظالم، جلاد، بي درد ۽ بيوفا سڏڻ جائز. ايراني شاعريءَ ۾ رقيب جو تصور ايڏو تہ گندو ۽ ذليل ڪارنامو آهي، جنهن جي حد ئي ڪانهي. اسان جي شاعريءَ ۾ التجائون، صدائون، سنيون تمنائون، مدعائون ۽ رڳيون دعائون آهن. گلا ۽ شڪايت جي بدران سيبائيندڙ ڏک ڏوراپا بہ آهن تہ ميارون بہ، پر سڀ ڪجھ محبوب کي ريجهائيندڙ ۽ پرچائيندڙ، اُنهن ۾ نہ ٺوڪبازي هوندي ۽ نہ ٺٺول.

سنڌي شاعري ۽ اُن جي زبان ڏسڻي هجي تہ ٻهراڙيءَ ۾ وڃي هارين سان ملاقاتون ڪجن، ڪنيرن، لوهارن، واڍن ۽ ڪٽين جي دڪانن تي سگهڙن جون ڪچهريون ٻڌجن؛ ميلن ۽ شادين جي ڇنن ۾ لوڪ ادب جون رهاڻيون ڏسجن ۽ عورتن جا ناهيل گيت ٻڌجن. اُن زبان ۾ نہ ڌاريائي آهي ۽ نہ اهل. روز ڳالهائڻ وارا لفظ، روز استعمال ٿيندڙ پهاڪا، روز ڪم ايندڙ محاورا ۽ روزمره وارا جملا ملندا جن ۾ رُڳي سادگي ۽ رڳي واقع نگاري هوندي آهي. هيترو فرق سو آيل آهي تہ ڪن لفظن ۽ اکرن جا اُچار ٿوريا گهريا آهن، ۽ ڪي لفظ روزاني استعمال مان نڪري بہ ويا آهن، تنهن هوندي بہ اسان جا وڏڙا اهائي سٻاجهڙي ٻولي ۽ سٻاجهڙا لفظ ڳالهائين ٿا.

اسان جي شاعريءَ جي هڪ وڏي خوبي هيءَ بہ آهي تہ شعر ۾ اها ئي زبان ڪم اچي ٿي. جيڪا اسين روز ڳالهايون ٿا، پر موزون شاعريءَ جي زبان جدا آهي جا فقط شاعريءَ ۾ ئي ڪم ايندي آهي. اُن ڪري ئي تہ ٻاهرين شاعريءَ ۾ ڌاريائي ۽ مصنوعيت آهي."

9- انهن ڪن ٿورين خوبين جي بيان ڪرڻ سان اهو واضح ٿو ٿئي تہ مخدوم طالب المولىٰ جن، ويهين صديءَ جي نثر نويسن ۾ اعلىٰ مقام ۽ معيار وارا نثر نويس هئا، ۽ آءٌ پختي يقين سان چوان ٿو تہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت جا نشانبر هئا. ههڙي قداور نثر نويس جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي باري ۾ اڃا تائين ڪوبہ تفصيلي تحقيقي ڪم ڪنهن بہ اداري ڪونہ ڪرايو آهي.

## حوالا


1. غلام رباني آگرو: 1989ع، روشنيءَ جو سفر ۾ ڇپيل مقالو 'يادگيريون'، ڪراچي: مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ، ڪراچي، ص 30
2. مخدوم محمد زمان، طالب المولىٰ: ياد رفتگان، ص 5.
3. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ: 1962، ڪافي، هالا، بزم طالب المولىٰ، شاخ هالا، ص 6، 14- 16.
4. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ: 1982ع ديوان طالب المولىٰ، هالا: مهاڳ، سروري پبليڪيشن، ص ص 5- 21
5. مخدوم محمد زمان، طالب المولىٰ: 1989ع، تقرير، روشنيءَ جو سفر سووينئر ۾ ڇپيل، ڪراچي: مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ
6. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ: 1991ع، لغات سنڌي مخففات، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، مهاڳ



ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

# تصوف ۽ مخدوم طالب المولىٰ

سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ مخدوم نوح جي شخصيت جو ان لحاظ کان منفرد مقام آهي ته سندس ذات ۾ بزرگي ۽ درويشيءَ سان گڏ تصوف جي علمي ۽ فڪري روايت جو آغاز ٿئي ٿو جنهن جو ثبوت سندس فارسي زبان ۾ قرآن شريف جو ترجمو آهي. ان کانسواءِ سندس فڪر جو عڪس انهن اقوالن مان ظاهر ٿئي ٿو جيڪي سندس عالم فاضل پوٽي مخدوم فتح محمد 'رسالہ فتحيہ' جي هڪ باب ۾ جمع ڪيا، جيڪو ڪتاب هن سال 1616/1019 ۾ تصنيف ڪيو.

'رسالہ فتحيہ' مخدوم خاندان جو تصوف جي علمي روايت بابت هڪ اهم ڪارنامو آهي جيڪو مخدوم نوح جي پوٽي فتح محمد پنهنجي ڏاڏي جي پرورش ۽ تربيت هيٺ سرانجام ڏنو. هي ڪتاب سنڌ هند ۾ تصوف جي موضوع تي هڪ جامع تصنيف آهي، جنهن جو مقابلو سنڌ هند ۾ انهيءَ موضوع تي لکيل ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب سان ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪتاب ۾ تحقيق دوران مؤلف تصوف جي بنيادي ماخذن رسالہ قشيريہ، ڪشف المحجوبہ عوارف المعارف، مرصادا العباد ۽ فتوحات مڪيہ مان استفادو ڪيل ٿو ڏسجي.

مخدوم خاندان جي تاريخ ۾ يارهون سجاده نشين مخدوم امين محمد صوفيانہ شاعريءَ جي حوالي سان اهم حيثيت رکي ٿو. سندس زندگيءَ جو زمانو تيرهين صدي يا انگريزن جي حڪومت جو اوائلي دور آهي. هن جي شاعري سنڌ جي روايتي شاعري جو تسلسل آهي يعني اُها بيت ۽ ڪافيءَ جي شاعري آهي، ليڪن ان ۾ معرفت ۽ روحانيت جو رنگ غالب آهي جيئن هن بيت مان ظاهر آهي:

امين محمد آيا، جوڳي جهونجهي جوءِ
ڪل شيءِ يرجع، ثابت سنڌي سوءِ
گاروڙي گرنٽ ڪان، رانول رتي روءِ
هوءِ ۾ ٿيا هوءِ، معرفت جي معرڪي.

ويهين صديءَ ۾ مخدوم خاندان جي روحاني تعليمات کي ڦهلائڻ جو سهرو سترهين سجاده نشين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي سر تي آهي. سندن ولادت 1919ع ۾ ٿي ۽ جنوري 1993ع ۾ سندن انتقال ٿيو.

خانداني روايت موجب سندس تعليم تي پورو ڌيان ڏنو ويو ۽ ان وقت جي رواج موجب عربي فارسيءَ ۾ استعداد حاصل ڪرڻ کانپوءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ مهارت حاصل ڪيائين. **'منهنجو ننڍپڻ'** جي عنوان تحت پنهنجي مختصر سوانح ۾ انهن سيني ڳالهين ڏانهن اشارو ڪيو اٿس جن اڳتي هلي سندس شخصيت جي تڪميل ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سندس تربيت ۾ والد سان گڏ سندس چاچي محترم مخدوم غلام حيدر جيڪو ديوبند جو فاصل هو ۽ علم ادب سان چاهہ رکندڙ جو وڏو هٿ هو جنهن جو مخدوم صاحب پاڻ وقت بوقت اظهار ڪيو آهي. 'منهنجو ننڍپڻ' ۾ مخدوم صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو تہ جڏهن فارسيءَ ۾ منهنجي تعليم سڪندر نامي تائين پهتي تہ والد صاحب چيو تہ ڪتابي علم ايترو ڪافي آهي، باقي وڌي ماڻهن کي مطالعو ڪريو. البت ميرعلي شير قانع جو فارسيءَ ۾ لکيل تاريخ جو ڪتاب جيڪو مشاهيرن جو تذڪرو بہ آهي يعني تحفة الڪرام، اهو ڏيئي ان جي بار بار پڙهڻ جو تاڪيد ڪيائون. ان کانپوءِ هڪ دفعي ديوان حافظ هٿ ۾ ڏئي، ان مان فال وٺڻ سيکاريائون ۽ اهو چيائون تہ ان ڪتاب کي چڱيءَ طرح مطالعو ڪريو. مخدوم صاحب جي زندگيءَ جا اهي

ابتدائي نقش آهن جن تي اڳتي هلي سندس شخصيت جي تعمير سازي ٿي. جيئن پاڻ لکيو اٿس ته نوجوانيءَ ۾ بيا معمولي مشاغل جن ۾ والي بال راند، شڪار ۽ مطالعي جو شغف جاري رهيا ان سان گڏ سنگيت ۽ راڳ ڏي پڻ توجه رهيو.

مخدوم صاحب جي پنهنجي لکڻ موجب پندرهن يا سورهن سالن جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو ۽ اهو عروضي شاعري جي عروج جو دور هو جنهن ۾ پاڻ هر لحاظ کان حصو ورتائون. ليڪن اها وڏي ڳالهه آهي ته پاڻ سنڌ جي روايتي شاعري کان منهن نه موڙيائون. انهيءَ ڪري جتي سندن عروضي شاعريءَ ۾ غزل، مثنوي، قطعا ۽ رباعيون شامل آهن، اتي نج سنڌي روايتي شاعري ۾ ڪافي ۽ وائي، بيت ۽ ڏوهيڙا شامل آهن. بلڪ اهو ذخيرو شايد وڌيڪ ٿئي.

مخدوم صاحب شاعر هجڻ سان گڏ سنو. نثر نگار به هو ۽ نثر ۾ سندن ڪيتريون تصنيفون موجود آهن. ليڪن هتي اسان جو مقصد تصوف جي موضوع تي سندس تصنيف **'اسلامي تصوف'** جو جائزو پيش ڪرڻ آهي جيڪو سال 1952 جي تصنيف آهي يعني جڏهن سندس عمر ايڪٽيهه سال هئي. ساڳئي سال ۾ **'شيطان'** جو موضوع چوندي ان تي علم دوست حضرات کان مضمون لکرائي پاڻ ان ڪتابڙي کي مرتب ڪيو اٿن، جنهن جو موضوع پڻ هڪ لحاظ کان تصوف آهي. سال 1952 ۾ **'خود شناسي'** نالي ڪتاب جو ترجمو ۽ 1953ع ۾ امام غزاليءَ جا خط ترجمو ڪيا اٿن. 'اسلامي تصوف' جيتوڻيڪ هڪ مختصر ڪتاب آهي پر اهو هر لحاظ کان جامع آهي. خاص ڳالهه ان ڪتاب جو محرڪ آهي جنهن ڪين اهو ڪتاب لکڻ تي آماده ڪيو. ڪتاب جي اصل موضوع تي اچڻ کان اڳ انهيءَ محرڪ کي سمجهڻ ضروري آهي- جيئن ته هر ڪتاب جي ديباچي ۾ مصنف هميشه انهيءَ محرڪ يا پس منظر جي نشاندهي ڪندو آهي ته اهو ڪتاب ڇو ۽ ڇا لاءِ لکيو اٿس. ٻين لفظن ۾ اهي ڪهڙيون حالتون هيون جن ڪيس قلم کڻڻ تي مجبور يا آماده ڪيو. مخدوم صاحب هن ڪتاب جي ديباچي ۾ هيئن لکيو آهي.

"تصوف اڳ نيڪي هو ۽ اڄ بدي آهي. في زمانه تصوف نظر اچن ٿا. هڪ اسلامي تصوف جو بلڪل ٿورڙو آهي ۽ ٻيو غير اسلامي تصوف جو عام آهي. تصوف جي تاريخ مان معلوم ٿيندو ته اصل تصوف ۽ اڄوڪي تصوف ۾ زمين آسمان کان وڌو ۽ نمايان فرق آهي، اڳتي لکي ٿو.

> اصل تصوف چوي ٿو ته شيطان کان بچو مگر اڄوڪو تصوف ارشاد ڪري ٿو ته نه بلڪ شيطان سان دوستي رکو. اصل تصوف چوي ته محمدي شريعت جي سختيءَ سان پابندي ڪريو مگر اڄوڪو تصوف حڪم نافذ ڪري ٿو ته نماز جو وقت هجي يا اذان اچي رهي هجي ته ان جي پرواه نه ڪندي ميخاني ۾ اچي ۽ مچي جا نعرا لڳايو. اصل تصوف چوي ته صوفي ٿيڻ لاءِ مجاهدا ڪريو، عبادات ڪريو، بکون ڪاٽيو، چلا ڪيو وغيره. مگر اڄوڪو تصوف آرڊر ڪري ته ڪمايو نه بلڪ پنو، ۽ ڳائي وڄائي مجرا وٺي پيٽ پاريو ۽ بيڪار رلندا وتو نه الله جي طاعت ۽ نه رياضت......
>
> نه مرشد نه رهبر، نه رهنما نه پيشوا- ٽڪي جو رنگ وٺي ڪپڙا ڳاڙها ڪري ۽ چار ابرو تراشي، ڏينهن ڏني جو فقير، درويش ۽ صوفي نما انسان ۽ رات جو پرائي گهر ۾ ڪات!- صحبت ۾ مثال ۽ سندون اهل الله بزرگن جون مگر قدم ان جي بلڪل برخلاف اهڙيءَ ئي تصوف ته تباهي آندي آهي؟ اهڙي ئي تصوف ته دنيا ڪي فقيرن ۽ صوفين جي برخلاف بنايو آهي نه ته ڇا محمدي شريعت جا عامل ڇا دنيا جي انهن کان نفرت ۽ مخالفت؟ ڪوڙو ئي ٿو لڳي!

ديباچي ۾ ئي لکيو اٿن تہ انهيءَ تضاد واري صورتحال کي واضح ڪرڻ خاطر ۽ اصل حقيقت تي روشني وجهڻ ڪارڻ، هي ڪتاب وڏي مطالعي ۽ مشقت بعد پيش ڪجي ٿو.

سڀ کان پهريائين لفظ صوفي جي لغوي، اشتقاق ۽ ان جي معنيٰ مفهوم تي تحقيق ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ تصوف جي بلڪل اوائلي ۽ بنيادي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪيو ويو آهي ۽ اهي ٻہ ڪتاب آهن، ڪتاب اللمع ۽ 'ڪشف المحجوب'... ياد رهي تہ پهريون ڪتاب هن وقت جي تحقيق موجب عربيءَ ۾ ان موضوع تي اولين تصنيف آهي، جنهن جي دريافت جو سهرو مشهور مستشرق نڪلسن جي سر تي آهي ۽ هن اهو ڪتاب ويهين صديءَ جي پهرين چوٿائي ۾ دريافت ڪيو. ڪتاب جي مصنف سراج جي وفات جو سال 378 هجري آهي. ٻيو ڪتاب ڪشف المحجوب فارسي زبان ۾ تصوف بابت پهرين مڪمل تصنيف آهي جنهن جو مصنف شيخ علي هجويري آهي ۽ اهو ڪتاب پنجين صدي هجريءَ ۾ لکيو ويو.

مخدوم صاحب لفظ صوفي جي مختلف لغوي پهلوئن ۽ معنائن تي بحث ڪرڻ کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو آهي تہ وڌيڪ صحيح اهو آهي تہ صوفي لفظ جي نسبت 'صوف' يعني اوني لباس پائڻ وارن ڏانهن آهي.

مخدوم صاحب جي تحقيق جو بنياد عبدالماجد دريابادي جو ڪتاب 'اسلام اور تصوف' آهي.

انهيءَ بحث کي اڳتي وڌائيندي 'گيڙو' لباس جي مسئلي تي روشني وجهي ٿو. ڇا اهو واقعي صوفين سان مخصوص لباس آهي يا ان جي ڪا تاريخي اهميت آهي. جيئن اڄڪلهہ رواج آهي تہ ڪير ڪنهن جو طالب ٿيندو آهي تہ ان کي ٻين رسمن سان گڏ 'گيڙو' ضرور ڍڪايو ويندو آهي. هن ڪانپوءِ اها تحقيق بہ ڪئي اٿن تہ گيڙو رنگ ڪهي ڪيئن ٿيو ۽ ان جا ڪهڙا اثرات آهن. انهيءَ بحث جي آخر ۾ اهو نتيجو ڪڍيو اٿن تہ اصل ۾ اهو رنگ هندو جوڳين جو آهي. اهي ڇاڪاڻ تہ جهرجهنگ ۽ ڳوٺن ۾ اڪثر پيرين پيادا هلندا وتندا هئا ۽ انهيءَ رنگ وارا ڪپڙا گهٽو ڪري ميرا نہ لڳندا آهن، تنهن ڪري منجهن اهو رواج پئجي ويو. بهرحال ان امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي تہ مسلمان صوفين ۾ ان جو رواج هندو جوڳين جي ميل جول سبب ٿيو هجي.

هتي پهچڻ کانپوءِ لکن ٿا تہ بيشڪ صوفين وٽ گيڙو مقبول هيو ليڪن اڄڪلهہ ان جي بجاءِ زعفراني رنگ ۽ اڇي ڪپڙي واري لباس جو رواج پيو آهي جيڪو اصل صوفي روايت جي نفي آهي ڇو تہ گيڙو ۽ زعفراني رنگ ۾ وڏو فرق آهي. هتي تاريخي جي روشنيءَ ۾ اهو بحث ڪيو اٿس تہ ڇا زعفراني لباس پائڻ شريعت ۾ ڪڏهن منع هيو. هن سلسلي ۾ حديث جي ڪتاب ۾ روايتون ملن ٿيون جن مان ممانعت معلوم ٿئي ٿي. ليڪن مخدوم صاحب اسلاف جي روايتن ۽ عمل کي ڏسندي اهو نتيجو قائم ڪيو آهي تہ گيڙو رنگ جو استعمال مباح آهي، ناجائز ۽ حرام ناهي.

هن ڪانپوءِ صوفي لفظ جي اصطلاحي معنيٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪيو اٿن جيئن 'تصوف پنهنجي نفس کي الله سان گڏ ان جي مرضيءَ تي پاڻ کي ڇڏي ڏيڻ آهي.' يا تصوف نيڪ اخلاق جو نالو آهي. تصوف نفساني لذتن کي ترڪ ڪرڻ جو نالو آهي. تصوف جو اصل مقصد 'مطلق حقيقت' جي تلاش ۽ جستجو آهي. ائين وضاحت ڪندي لکيو اٿن تہ اسلامي تصوف جو نظام پنهنجي روحاني زندگي، تڪميل ۽ تفصيلي اعتبار سان بلڪل جدا گانہ سراسر ممتاز ۽ منفرد آهي. اسلامي تصوف جي اصولن جو مرجع ۽ محور ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله آهي ان کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. تصوف جي اصليت تي روشني وجهندي لکن ٿا.

> 'تصوف هڪ جامع ۽ مانع لفظ آهي جو فقر ۽ زهد تي حاوي آهي، فقر جي باري ۾ وري چون ٿا فقر عشق آهي. فقير طريقت ۽ حقيقت جي واٽ جو عاشق آهي. ان عشق ۾ هن کي ڪنهن بہ چيز جي آرزو نہ هوندي آهي ۽ جڏهن الاهي بقا ۾ فقير کي استغراق ٿيندو آهي تہ بقا جي صفت سان موصوف ٿي ويندو آهي ۽ الاهي جمال جي انوار جي تجلي حاصل ڪندو آهي ۽ هويت جي صفت سان مخصوص ٿي ويندو آهي ۽ ان وقت فقر جو درجو ختم ٿيندو آهي.'

ليڪن فقر جي حصول واسطي پنجاهہ شرط لازمي ڄاڻايا اٿن جن ۾ سرفهرست توبہ آهي ۽ آخري ديدار آهي.
هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ پنجين صديءَ ۾ خراسان جي وڏي صوفي عبدالله انصاري پنهنجي ڪتاب منازل السائرين ۾ هڪ سؤ منزلون ڄاڻايون آهن، جن ۾ هي پنجاهہ شرط منزل جي حيثيت ۾ شامل آهن. رسالہ قشيري ۾ وري پنجيتاليهہ منزلون يا مقام ڏنل آهن.
مخدوم صاحب فقر جي بحث کي سميٽيندي لکن ٿا تہ جيستائين اهي پنجاهہ شرط پورا حاصل نہ ٿين تہ هيٺ ڄاڻايل اٺ شرط لازمي آهن:
توبہ، عبادت، زهد، صبر، عرفان، شڪر، توڪل، دوست جي طلب.
دراصل اهي اٺ شرط اهي آهن جن کي ڪتاب اللمع واروءَ ٻيا صوفي مقامات چون ٿا. تاهم سراج ڪتاب اللمع ۾ ست مقامات اٺ احوال (states) ڄاڻائي ٿو. مقام ان کي چون ٿا جيڪي صوفي پنهنجي محنت سان حاصل ڪري ٿو، جڏهن تہ حال ان جي پنهنجي وس ناهي بلڪ اهو رب جي طرفان ڪين انعام طور ملي ٿو. اهي ست مقام هن ريت آهن. 1. توبہ 2. زهد 3. ورع 4. فقر 5. صبر 6. توڪل 7. رضا.
ڏهہ احوال هن ريت آهن:
1- مراقبہ 2- قرب 3- محبت 4- خوف 5- رجا 6- شوق 7- انس 8- اطمينان 9- مشاهدو 10- يقين
شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت صوفين جا خاص اصطلاح آهن جن جي باري ۾ ڏاڍيون غلط تاويلون ۽ سمجهاڻيون ڦهليل آهن. بلڪ هر ڪنهن پنهنجي مقصد خاطر انهن جو معنيٰ ۽ مطلب پئي ورتو آهي. ليڪن مخدوم صاحب انهن جي ڏاڍي سهڻي نموني ۾ سمجهاڻي ڏني آهي اها سخت غلط فهمي آهي تہ طريقت، حقيقت ۽ معرفت شريعت کان جدا آهن. درحقيقت طريقت جو باطني پهلو حقيقت، حقيقت جو باطني پهلو معرفت، ۽ معرفت جو ظاهري پهلو شريعت آهي.
مخدوم صاحب جي تصنيف 'اسلامي تصوف' جو خاص پهلو هي آهي تہ ان ۾ موجوده دور جي ڪن صوفين مٿان سخت تنقيد ٿيل آهي تہ اهي کهڙين غلط رسمن ۽ عقيدن کي تصوف جو نالو ڏيئي عوام کي گمراهہ ڪمري رهيا آهن. انهن کي هو نام نهاد صوفين جي نالي سان مخاطب ٿئي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ هوجا بجا علامہ اقبال جي شعرن مان تائيد حاصل ڪري ٿو. سڀ کان اول هو ملامتي صوفين کي خاص نشانو بنائي ٿو. جيتوڻيڪ تصوف جي تاريخ ۾ هو ملامتي صوفين جي وجود کان انڪار ڪونہ ٿو ڪري بلڪ انهن جي تعريف ڪانپوءِ هو اڄوڪن صوفين لاءِ چوي ٿو تہ هو ايترو تہ آزاد ٿي ويا آهن. جو جيڪي ٿو خيال ۾ اچين سو ٿا ڪن. واقعي اها حقيقت آهي تہ اسان جي هن دور ۾ صوفيءَ جو مطلب ئي آزاد خيال ورتو ٿو وڃي يعني جيڪو ڪنهن بہ مذهبي پابندي کان پاڻ کي آجو سمجهي. وڏو ظلم تہ اهو آهي تہ جيڪڏهن هو اها تعريف ڪٿي پاڻ تائين محدود سمجهن تڏهن بہ پلو، پر مسئلو تڏهن شدت وٺي ٿو وڃي جڏهن هو شاهہ لطيف شاهہ عنايت، سچل، بيدل وغيره کي بہ آزاد خيال ڪري پيش ڪن ٿا.
انهيءَ ڪري مخدوم صاحب صحيح چوي ٿو تہ جاهل صوفي پاڻ کي ملامتي ۽ قلندري سڏائڻ ۽ شرعي فرائض کان بيگانہ رهڻ ۾ فخر سمجهندا آهن. دراصل انهن کي ملامت جي ميم جي بہ خبر نہ هوندي آهي يعني تہ ملامت ڇا آهي ۽ صوفي ملامت ڪهڙي منزل ۾ ۽ ڪهڙي طرح اختيار ڪندا آهن. واقعي موجوده زماني ۾ بي ديني کي ملامت ڪري ورتو ويو آهي جيڪا ڳالهہ قابل مذمت آهي. انهن لاءِ مخدوم صاحب لکي ٿو: "عجيب ڳالهہ وري هي آهي تہ اڄوڪا صوفي صحبت ۾ سندون پيش ڪندا رومي، عطار، جنيد بغدادي حسن بصري وغيره جون، مگر نہ انهن جي سوانح تي نظر ۽ نہ انهن جي مذهب جي خبر، نہ انهن جي عمل جي سڌ ۽ نہ انهن جي ڪردار جي حقيقت باقي ڏندا چاوڻ ڏم مچاوڻ موجود آهي."

تصوف جي تاريخ ۾ خاص طور موجوده دور سان متلق پيو اهم مسئلو صحو ۽ سڪر جو آهي. صحو جو مطلب آهي ته جڏهن سالڪ يعني صوفي هر حالت ۾ هوش حواس ۾ آهي ۽ خالق ۽ مخلوق جي تفريق کي سامهون رکي ٿو. ليڪن سڪر ۾ سالڪ هرچيز بلڪ پنهنجي نفس ۽ عقل کان بہ غافل ٿي وڃي ٿو. ٽين صديءَ جو وڏو صوفي جنيد بغدادي (وفات 297هه) صحو جي حالت کي صوفين لاءِ هر صورت ۾ بهتر قرار ڏئي ٿو. ان ڪري کيس 'صاحب صحو' صوفين جو سردار تسليم ڪيو وڃي ٿو. هوڏانهن بايز سطامي (وفات 260هه) جيڪو جنيو کان بہ اڳ ٿي گذريو پنهنجي شطحيات جي ڪري 'صاحب سڪر' صوفي بلڪ انهن جو اڳواڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. منصور حلاج، شبلي، نوري وغيره صاحب سڪر صوفين ۾ شامل آهن. اهڙڪن صوفين جي باري ۾ مخدوم صاحب هن طرح رقمطرزا آهي.

> 'اهڙڪا صوفي سڪر کي پسند ڪندا آهن. مگر اهو سڪر جوافيون، شراب ۽ ڀنگ وغيره مان پيدا ٿئي ٿو. جيتر 'آبا' نہ ڪندا تيتر بي حال هوندا. کين صحيح سڪر جي تہ ڪابہ خبر ناهي. بهتر اهو آهي تہ شراب ۽ ڀنگ واري ،سڪر کان اصلي سڪر جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. چو تہ ڪم ازڪم 'حرام' ڏسي وائسي تہ استعمال نہ ڪن.'

هن ڪانپوءِ ڪتاب ۾ اسلامي عبادتن نماز، روزي، زڪواة ۽ حج جي تصوف جي لحاظ کان اهميت بيان ڪئي وئي آهي ۽ هن باري ۾ وڏن وڏن صوفين ڇا چيو آهي، انهن جا اقوال ۽ حوالا آندا اٿس. مثلاً ڪشف المحجوب وارو حج جي ارڪان جي صوفيانہ تعبير پيش ڪندي چوي ٿو، احرام ٻڌڻ نفساني عادتن کان پري ٿيڻ برابر آهي. عرفات ۾ قيام مشاهدو يا ڪشف حاصل ڪرڻ آهي. مزدلفہ ۾ پهچڻ نفساني مرادن کي ترڪ ڪرڻ آهي. خانہ ڪعبي جو طواف الله تعاليٰ جي جلال ۽ جمال کي ڏسڻ آهي. صفا ۽ مروه درميان ڊوڙڻ دل جي صفائي آهي. ڪتاب جي هڪ باب ۾ مرشد جي ضرورت ۽ اهميت تي روشني وڌي وئي آهي ۽ ان جي توجه اها پيش ڪئي وئي آهي تہ تصوف اهڙو علم آهي جيڪو روح يا اصلاح نفس سان واسطو رکي ٿو ۽ اهو عمل سواءِ اهڙي رهبر جي اثر انداز ڪونہ ٿيندو جيستائين اهو پاڻ انهيءَ تي عمل نٿو ڪري.

صوفين جي باري ۾ اها بہ هڪ وڏي غلط فهمي ڦهلايل آهي تہ هو ڪوشش، جدوجهد ۽ عمل تي ڀروسو ڪونہ ٿا ڪن، بلڪ رڳو تقدير يا قسمت ۾ ويساهہ رکن ٿا. حالانڪ الله تعاليٰ انسان جي فطرت ۾ نيڪي ۽ بدي جي تميز ڪرڻ جي صلاحيت رکي آهي، بلڪ نيڪي اختيار ڪرڻ ۽ برائي کان بچڻ جي منجهس اهليت پڻ موجود آهي. هن مسئلي کي 'جبر ۽ اختيار' جو نالو پڻ ڏنو ويو آهي. مخدوم صاحب هن مسئلي بابت قرآن، حديث ۽ صوفين جي ڪتابن، خاص طور مولانا رومي ۽ علامہ اقبال جي حوالي سان نهايت سير حاصل بحث ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ سندس نقطئہ نظر وڏن صوفين سان بلڪل هم آهنگ آهي تہ دنيا جي تاريخ ان تي شاهد آهي تہ اها دارالعمل ۽ دارالمڪافات آهي. اها ڳالهہ ٿوري غور سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي تہ انسان عمل جي انتخاب ۾ آزاد آهي پر نتيجن جي برداشت ڪرڻ تي مجبور آهي. ان جو سادي ۾ سادو مثال آهي تہ جو پوکي ڪٽڪ ڪونہ لُڻبي. مطلب تہ انسان فصل پوکڻ جو فيصلو پاڻ ڪري ٿو، پر جڏهن هڪ دفعو پوکي ڇڏيائين تہ پوءِ نتيجو ان مطابق نڪرندو. مخدوم صاحب بي عمل صوفين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي لکي ٿو:

> 'اڄ اسان ،يا صوفي صاحبان خصوصاً انهيءَ تقدير جي تصور ۾ گرفتار آهن. هر جاءِ تي هو رسوا ٿي رهيا آهن. پروري بہ انهيءَ ڏن ۾ مست آهن تہ الله جي مرضي اها هئي اسين ڇا ڪري سگهون ٿا.
>
> اومخبوط الحواسو! پنهنجي جهالت، ڪاهلي، ڪم چوري، غلاظة بدڪرداري، ۽ بدعقيد تي ڪي خدا جي مرضي بنائي پيا ڦرو؟ خدا جي مرضي قرآن ۾ درج آهي ۽ اوهين ڏسو نٿا، ڏسو ٿا تہ سمجهون نٿا. سمجهو ٿا تہ عمل نٿا ڪريو. ڇا الله هڪ هزار کان وڌيڪ پيرا

قرآن ۾ نہ چيو آهي تہ بلند اعمال جو صلو بلند ۽ پست جو پست آهي. اهو خدا جي مرضيءَ جو تفصيل نہ آهي تہ بيو ڇا آهي؟
اي غافل صوفي! اٿ، جاڳ، اوهام ۽ بدعقائد جا اهي سلاسل ٽوڙ ۽ عمل جي شمشير هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌ جو مدت کان دنيا تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي ۽ دنيا کي تنهنجي ضرورت آهي.“

جبر ۽ اختيار‘ جي سمجهاڻي واسطي مثنوي روميءَ منجهان وري هي دلچسپ نقل آندو ويو آهي. هڪ ماڻهو ڪنهن باغ ۾ گهڙي وڻ تي چڙهي ميوا پٽي کائڻ لڳو. ايتري ۾ باغ جو مالڪ اچي ويو ۽ ان شخص کي چوڻ لڳو تہ توکي خدا جو خوف ناهي جو هينئن چوري ڪري ميوا ٿو کائين تنهن تي هن ماڻهو جواب ڏنو تہ خدا جي باغ مان خدا جو ٻانهو ميوو کائي رهيو آهي. تون جاهلن وانگر ان تي ملامت ڇو ٿو ڪرين. اهو ٻڌي باغ جي مالڪ پنهنجي نوڪر کي چيو تہ رسو کڻي اچ تہ آءٌ هن جبريءَ کي چڱيءَ طرح سمجهايان. هو رسو کڻي آيو تہ مالڪ ان رسي سان ان چور کي وڻ سان ٻڌي لڪڻ سان مارڻ شروع ڪيو. ان تي چور دانهون ڪرڻ لڳو تہ خدا جو شرم ڪر مون بي گناهہ کي ڇو ٿو مارين. مالڪ جواب ڏنو تہ خدا جو هڪ ٻانهو، خدا جي لڪڻ سان هڪ ٻانهي کي ماري رهيو آهي. ڪاٺي يا لڪڻ بہ خدا جو ۽ تنهنجي پٺي ۽ عضوا بہ خدا جا. آءٌ صرف خدا جي حڪم جي تعميل ڪري رهيو آهيان اتي چور کڻي توبہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو واقعي انسان پنهنجي ڪمن ۾ مختيار يا مالڪ آهي.

گفت توبه کردم از جبر، اي عيار،
اختيار ست، اختيار ست، اختيار.

ترجمو: چوڻ لڳو مون توبہ ڪئي جبر کان، اولڪل سياڻا. واقعي اختيار آهي، ٻيهر بہ چوان ٿو اختيار آهي.
مثنويءَ مان ٻيو مثال نهايت معنيٰ خيز آندل آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اصل ۾ جبري شيطان آهي جو تہ آدم پنهنجي اختيار جو اقرار ڪيو هو ۽ تنهن تہ سندس ڇوٽڪارو ٿيو هو. شيطان تہ الله تعاليٰ تي الزام هنيو هو تہ تو مونکي گمراهہ ڪيو. پيالو تو ڀڳو ۽ مارين مون کي ٿو. آدم تہ چئي ڏنو هو.

ورنہ آدم کئي بگفتي باخدا
ربنا انا ظلمنا نفسنا

ترجمو: جيڪڏهن آدم بااختيار نہ هجي ها تہ خدا کي ڪيئن چوي ها تہ اي منهنجا خدا، اسان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو. ائين چو نہ چيائين تہ اهو منهنجي قسمت ۾ هو يا قضا ائين هئي! آخر ۾ رومي چوي ٿو:

بل قضا حق است وجهد بنده حق
هين مباش اعور چو ابليس خلق

ترجمو: بيشڪ قضا بہ حق آهي تہ ٻانهي جي ڪوشش بہ حق آهي. خبردار، پوڙهي شيطان وانگر ڪاڻو نہ ٿيءُ.
مخدوم طالب المولىٰ جي تصوف بابت ٻي باقاعدي تصنيف ’مثنوي عقل ۽ عشق‘ آهي جيڪا ظاهر آهي تہ نظم ۾ آهي ۽ اها سال 1954 ۾ تصنيف ٿيل آهي. ان جو پس منظر اهو آهي تہ انهيءَ سال سروري ڪاليج هالا ۾ عقل ۽ عشق جي موضوع تي بحث مباحثو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت پاڻ ڪيائون. ان موضوع تي قلم کڻڻ جو اهو ئي سبب هو جو نومبر مهيني جي هڪ هفتي ۾ هيءَ مثنوي لکي پوري ڪيائون.
مثنويءَ، جو موضوع تصوف جو اصل ميدان يعني عشق آهي جنهن ان جي شروعاتي بيتن ۾ وضاحت ڪئي اٿس تہ قلم کڻڻ کان اڳ ان موضوع تي مون گهڻو سوچيو آخر ان سلسلي ۾ مون مثنوي رومي ۽ علامه اقبال جي شاعريءَ کي پنهنجو رهبر بنايم ۽ انهن جي رهنمائي هيٺ هيءَ مثنوي لکي سگهيس.
عقل ۽ عشق انسان جون ٻہ مخفي قوتون آهن جيڪي قدرت طرفان منجهس وديعت ڪيون ويون آهن. شروع کان وٺي اها ڳالهہ بحث جو موضوع رهي آهي تہ انهن ٻنهي قوتن جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ ڇا اهي هڪ

ٻئي جي مخالف آهن يا هڪ ٻئي جي مدد لاءِ سهڪار ڪري سگهن ٿيون. ڇا انهن جو ڪردار مثبت آهي يا منفي يا ڪنهن جو منفي آهي ۽ ڪنهن جو مثبت؟ ڇا انهن جي عمل ۾ مٽ سٽ به ٿيندي رهي ٿي؟

هن مثنويءَ ۾ مؤلف پنهنجي آڏو مثنوي رومي ۽ اقبال ڪانسواءِ روايتي صوفي فڪر ۽ ڏاهپ ڪي سامهون رکي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪيو آهي. بلڪ اهو به ٻڌائجي ته هن مختصر مثنويءَ ۾ مخدوم صاحب جا پنهنجا چيل ڪل بند 240 آهن جڏهن ته روميءَ جا ڪل 46 ۽ اقبال جي مثنوين جا ڪل 77 بند آيل آهن.

بحوحال اها حقيقت آهي ته مخدوم صاحب هن مثنويءَ ۾ جيڪي ڪجهه چيو آهي اهو روميءَ ۽ اقبال جي فڪر جي تشريح ۽ توضيح آهي ۽ ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته جديد دور ۾ تصوف کي سمجهڻ لاءِ انهن ٻنهي مفڪرن جو مطالعو ازحد ضروري آهي. سڀ ڪان پهرين هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته صوفين وٽ عشق جو تصور نهايت همه گير آهي جنهن جو جواز هو ان مشهور حديث مان وٺن ٿا.

**ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحبت ان اُعرف فخلقت الخلق.**

مان لڪل خزانو هوس پوءِ مون گهريو ته آءُ سڃاتو وڃان تنهن ڪري مون مخلوقات کي پيدا ڪيو.

هن مان هو وڏيڪ استدلال وٺن ٿا ته انسان خود انهيءَ عشق جي پيداوار آهي ۽ ان راز جو رازدان آهي. بلڪ سموري مخلوقات ۾ انسان کي خصوصي حيثيت حاصل آهي جنهن لاءِ وري هو ٻي حديث پيش ڪن ٿا.

**خلق آدم عليٰ صورته**

يعني الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو.

انهيءَ مفهوم ۾ صوفين جو ٻيو مشهور مقولو آهي.

**الانسان سرّي وانا سرّه**

يعني الله تعاليٰ چوي ٿو ته انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ آءُ انسان جو ڳجهه آهيان. صوفي قرآن شريف جي آيت '**الست بربڪم**' ۽ ان جي جواب '**قالو بليٰ**' مان ٻڻ الله تعاليٰ ۽ انسان جي وچ ۾ عشق ۽ محبت جو اقرار سمجهن ٿا. انهيءَ ڪري هو عبادت ۽ عبوديت کي به عشق جو اظهار چون ٿا. ان لحاظ ڪان هو عشق کي ڪائنات جي وڏي ۾ وڏي حقيقت، اسرار ۽ راز سمجهن ٿا ۽ انسان کي ان راز جو رازدان ڪوٺين ٿا. سڀئي صوفي ان ڳالهه تي متفق آهن ۽ صوفي ادب ۾ ان جو وڏي ۾ وڏو نمائندو مولانا جلال الدين رومي آهي. هو چوي ٿو ته اهو الله تعاليٰ جو عشق ئي هو جوهي ڪائنات پيدا ڪيائين. انهيءَ ڪري انهيءَ عشق جي تعريف يا وصف ڪرڻ ناممڪن آهي ۽ انهيءَ ۾ قلم جو ڀڃي پوڻ لازمي آهي. البت ان جي ڪجهه پهلوئن جو بيان هن ريت ڪري سگهجي ٿو. ان جي ڪري ڪوڙاڻ مناڻ ٿئي ٿو ۽ ٽامو سون بنجي ٿو. محبت جي ڪري باهه مان نورانيت ۽ روشني پيدا ٿي پوي ٿي ته بدصورت پري خوبصورت نظر اچي ٿي. محبت جي ڪري مردو به زنده ٿي پوي ٿو ۽ بادشاه ٻانهو ٿي پوي ٿو. عشق ئي سڀني بيمارين جو علاج آهي. تڏ ۾ سوز ۽ ساز عشق ۽ محبت جي ڪري آهي ته ٻئي طرف شراب ۾ نشو به عشق جو تاثير آهي مطلب ته عشق خدائي رازن جو اسطرلاب به آهي.

علت عاشق زعلتها جداست
عشق اسطرلاب اسرار خداست

ترجمو: عشق جو سبب يا ڪارڻ ٻين سڀني سببن ڪان الڳ يا نيارو آهي. اهو عشق خدائي رازن جو اهو اوزار آهي جيڪو هر ڏس ۾ رهنمائي ڪري ٿو.

وڌيڪ چوي ٿو:

ملت عاشق از همه دينها جداست
عاشقان راملت و مذهب خداست

ترجمو: عشق وارن جو رستو ٻين سڀني رستن ڪان نرالو آهي عاشقن جو دين مذهب فقط خدا ئي خدا آهي.

اقبال وٽ پڻ عشق جو تصور روميءَ وٽان ورتل آهي ۽ هن جو تصور پڻ همه گير ۽ آفاقي آهي جنهن هن شعر ۾ چيو اٿس.

عشق دم جبرئيل، عشق دل مصطفيٰ
عشق خدا کا رسول، عشق خدا کا کلام

هاڻي جيستائين عقل جو تعلق آهي ته رومي توڙي اقبال عقل جي اهميت جو انڪار ڪونه ٿا ڪن، پر ان جي ناقص يا محدود هجڻ جي نشاندهي ڪن ٿا. هو چون ٿا ته عقل ڪنهن حد تائين وڃي سگهي ٿو، پر اهو هن ڪائنات جا سڀئي اسرار ۽ راز سمجهي يا کولي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو انساني فڪر ۽ فلسفي جي تاريخ ۾ پڻ عقل کي غالب حيثيت نه ملي آهي. اسلامي روايت ۾ جيڪو شيطان جو تصور آهي، ان کي به ڪن صوفين خاص طور روميءَ، شيطان کي عقل جو نمائندو ڪوٺيو آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ آدم يا انسان کي عشق جو نمائندو سڏيو آهي. جيئن هيٺين شعر مان ظاهر آهي.

داند او کو نيڪبخت ومحرم است
زيرکي ز ابليس وعشق از آدم است

ترجمو: جيڪو نيڪ بخت ۽ محرم راز آهي اهو ڄاڻي ٿو ته عقل پسندي يا چالاڪي شيطان ابليس جي عادت آهي ۽ عشق محبت انسان جي فطرت آهي.

ٻئي هنڌ چيو اٿس.

زهرکي بغروش وحيراني بخر

ترجمو: عقل پسندي کي وڪڻي ڇڏ ۽ حيراني (عشق جي انتها) کي خريد ڪر.

اقبال پڻ عقل ۽ عشق ۾ واضح تميز ڪري ٿو ۽ عشق جي برتريءَ جو برملا اظهار ڪري ٿو.

بي خطر کود پڑا آتش نمرود میں عشق
عقل ہے محو تماشائی لب بام ابھی

انهيءَ ڪري اقبال چوي ٿو ته عقل کي عشق جي رهنمائي قبول ڪرڻ گهرجي.

زيرکي زعشق گردد حق شناس
کار عشق از زير کي محکم اساس

ترجمو: عقل پسندي عشق جي ڪري ئي حق جي ساڃهه حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ عشق جي عمارت لاءِ عقل پشتي بنجي سگهي ٿو.

جيئن اسان مٿي چئي آياسون ته مخدوم صاحب مثنوي 'عقل ۽ عشق' ۾ سٺوسٺئون اقبال ۽ روميءَ جا اشعار آندا آهن جن جي روشنيءَ ۾ اسان روميءَ ۽ اقبال جي 'عقل ۽ عشق' بابت نظريات يا تصورات کي پيش ڪيو. مخدوم صاحب روميءَ جي تصورات کي هيئنئن نظم ۾ آندو آهي.

عشق جيتر ناهه تيتر ڪجهه نه آ
عشق ئي آهي محرڪ جا بجا
عشق جي باعث هي عالم منجهه وجود
عشق ئي آهي ڪندو رب کي سجود.

'الست بربڪم' بابت چوي ٿو.

جو 'الست بربڪم' آواز هو
عشق جو يارو اهو آغاز هو

قالو بليٰ لاءِ چوي ٿو.

باعث صبر و رضا خود عشق هو
جذبہ قالو بلیٰ خود عشق هو.

سڀني صوفين توڙي رومي ٻن قسمن جو عشق مڃيو آهي. مجازي ۽ حقيقي ان سلسلي ۾ چوي ٿو.

عشق ٻن قسمن جو آهي اي ادا
هڪ مجازي ٻيو حقيقي با خدا
عشق آهي درحقيقت عشق سو
جنهن طرف رومي اشارو آ ڪيو.

روميءَ جي نظر ۾ عشق خداوندي ئي باقي رهڻ وارو آهي ڇو تہ اها ذات خود باقي رهڻ واري آهي. عشق مجازي جو محرڪ جئين تہ رنگ وبو يعني رنگ ۽ احساس تائين محدود آهي، اهو باقي رهڻ وارو ناهي، بلڪ ان جي پڇاڙيءَ ۾ خواري ۽ ذلت آهي. رومي مثنويءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون آکاڻيون ۽ نقل آندا آهن جن مان هو پنهنجو نقطۂ نظر ثابت ڪري ٿو. عقل جو واسطو ظاهري رنگ ۽ جلوي جمال سان آهي، ۾ عشق جو واسطو اندر ۽ دل سان آهي مخدوم صاحب جو نقطۂ نظر بہ ساڳيو آهي.

عقل وارو عشق يار فسق
عشق تيسين عشق آ، جيسين آ عشق
عقل وارو عشق .بس بي فيض آهہ
خواهشات نفس وارو فيض آهہ
عقل واري عشق جي منزل زمين
عشق وارو عشق برعرش برين.

مولانا رومي مثنويءَ ۾ عشق کي 'عقل ڪل' بہ ڪوٺيو آهي تہ جيئن ان کي عقل جزوي کان الڳ ڪري سمجهائي سگهجي. رومي چوي ٿو تہ عقل جزوي کي پنهنجو وزير نہ بناءِ يعني ان تي پروسو نہ ڪر. بلڪ ان جي مقابلي ۾ 'عقل ڪل' کي بادشاه ۽ وزير ٻئي سمجهہ. مخدوم صاحب مٿين شعرن ڪانپوءِ پنهنجي خيالات جي ترجماني هينئن ڪري ٿو.

هاڻي ڪريون پيٽ عقل وعشق جي
صاف ظاهر ڳالهہ ٿئي آخر سچي
عقل ڪل ۽ عشق هڪڙي ڳالهہ ٿيو
عقل جزوي کي اتي هاڻي وٺو
عقل جزوي جي آ منزل هي جهان
عقل ڪل جو سير اکون ومڪان
عقل ڪل سان ڪامل انسان تو ٿئي
حاصل آخر سر سبحان تو ٿئي

روميءَ جي فڪر ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو.

ڇا ٿو فرمائي اتي رومي فقير
حرف حرف آهي انهيءَ جو بينظير

اتي روميءَ جو هي مشهور شعر آندل آهي.

عقل ڪل، نفس ڪل، مرد خداست
عرش وڪرسي رامدان ازوي جداست

ترجمو: عقل ڪل يا نفس ڪل الله وارو شخص آهي. انهيءَ کان عرش و ڪرسي بہ الڳ يا پري ناهن.

مخدوم صاحب هن شعر جي سمجهاڻي خاطر چوي ٿو.

عقل کل جو عشق تي دارومدار
بي مثال آهي سندس عزووقار
عقل کل سان کامل انسان ٿو ٿئي
حاصل آخر سر سبحان ٿو ٿئي.

مخدوم صاحب اقبال جا عقل ۽ عشق جي باري ۾ جيڪي شعر پيش ڪيا آهن انهن جو لب لباب هن ريت آهي. عقل چالاڪ ۽ تيز طراز آهي عقل سفاڪ ۽ ظالم آهي عقل هميشہ اسباب جي دنيا ۾ ڦاٿل رهي ٿو ۽ اهو هميشہ نفعي نقصان جي تلاش ۾ رهي ٿو. عقل مڪلي آهي ۽ پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ گهري ٿو. عقل هوا جي جهونڪي وانگر آهي ۽ اهو چو ۽ چا مان نڪري نٿو سگهي. اهو هميشہ خوش باش رهڻ جا نسخا ٻڌائي ٿو. پر ان جي مقابلي ۾ عشق چو ۽ چا کان آزاد آهي. عشق پنهنجي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي باقي هر شيءِ کان آجو ڪري ٿو. عشق ڪمياب ۽ بي بهادولت آهي. عقل وارا عشق وارن جي مقابلي ۾ ڪيف ۽ مستيءَ کان بي نصيب آهن. عقل هن جهان تي شبخون هڻڻ سيکاري ٿو، پر عشق مڪان تائين پهچڻ سيکاري ٿو. عقل عشق کانسواءِ گمراهي آهي، پر عشق سان گڏ لاهوتي آهي.

رومي ۽ اقبال جي تقابلي مطالعي بعد مخدوم صاحب پنهنجي راءِ هيئن پيش ڪري ٿو.

عقل ويچارو سدا محتاج آهہ
عشق شاهنشاهہ لايحتاج آهہ
عقل آ انسان جي لئہ چڻ ممات
عشق انجي واسطي آهي حيات
عقل جي اک ۾ سدا آ ممڪنات
عشق جي قبضي ۾ هر ناممڪنات

روميءَ جي بنيادي خيال تہ عقل شيطان جي پناهہ گاهہ آهي ۽ عشق انسان جي اعليٰ وصف آهي، هن سلسلي ۾ چوي ٿو.

عقل وٽ شيطان جي جاءِ پناهہ
عشق وٽ انسان جي آماجگاهہ

وڌيڪ وضاحت هن ريت ڪري ٿو.

عقل جو منهب فقط آ حب جاهہ
عشق جي ملت سڄي قلب و نگاهہ
عقل جو منهب رڳو آ قيل و قال
عشق جي ملت فقط وجد وصال
خود مسلح ڪربلا ۾ عقل هو
عشق آيو بيڌڙڪ ان هنڌ مليو
عقل جو ڪم آهہ تڪرار و فساد
عشق جو ڪم آهہ هر ڪنهن سان وداد
عقل جو ڪم آهہ فرعوني سدا
عشق جو دم يار ملڪو تي سدا

اڳتي چوي ٿو.

عشق جو واپار آ ڪون و مڪان
عقل جو واپار ناسوتي جهان
عشق جو واپار آ هڪڙو ئي نور
عقل جو واپار آ حور قصور
عشق جو واپار وجه الله آهه
عقل جو واپار غير الله آهه
عقل هردم عالم ناسوت ۾
عشق سرگرم عمل جبروت ۾
عقل چاڻو ڪونه آ لاهوت جو
عشق واقف عالم هاهوت جو.

عقل جزوي ۽ عقل ڪل جي تعريف وري هينئن ڇيو اٿس:
هڪ هنڌ پنهنجي راءِ ڏيندي چون ٿا.

عقل آهي طالب الدنيٰ سدا
عشق آهي طالب المولىٰ سدا.

’مثنوي عقل وعشق‘ ۾ اجا ڪيترائي بند آهن جيڪي اعليٰ مفهوم ۽ معنيٰ جا حاصل آهن. بلڪ تصوف جي تعليمات جو نچوڙ آهن ۽ انهن شعرن جي پڙهڻ سان ئي اهو حظ حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيئن ته اها مثنوي ناياب آهي ۽ مخدوم صاحب جي ڪنهن شعري مجموعي ۾ شامل ناهي، لهٰذا ان کي هن مقالي جي ضميمي طور شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ سڌو سنئون ان مان مستفيض ٿين.

## سنڌي شاعري

مخدوم طالب المولىٰ جيتوڻيڪ نثر ۾ به ڪافي ڪجهه لکيو، پر بنيادي طور هو شاعر هو. سندس عروضي شاعري ڪانسواءِ سنڌي روايتي شاعريءَ جو به ڪافي ذخيرو آهي جيڪو مختلف مجموعن جي صورت ۾ شايع ٿيل آهي. هونئن ته مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ هڪ حساس شاعر وانگر سڀ رنگ ۽ خاص طور ڪيفيتون شامل آهن، سندس بيتن ۽ ڪافين ۾ صوفيانه شعور جي جهلڪ زياده نظر اچي ٿي جيڪا ڳالهه سندس تصوف سان فطري لڳاءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. مخدوم صاحب جي اها سني عادت هئي جو پاڻ شعر يا بيت چوڻ کانپوءِ اڪثر ان جي تاريخ ۽ سال لکي ڇڏيندا هئا، جنهن مان سندن ذهني اوسر ۽ تفڪر جي خبر پوي ٿي.

’ڇپر ۾ ڇڙيون‘ مجموعي ۾ ’هادي آهه هڪڙو‘ جو پهريون بيت جيڪو سال 1955 ۾ لکيو اٿن، الله تعاليٰ جي وجود ۽ وحدانيت بابت نهايت معنيٰ خيز آهي.

تڏهن به هڪ الله هو، جڏهن ڪجهه نه هو
جڏهن هوندو ڪين ڪي، تڏهن به سوئي سو
وحده لاشريڪ لهٗ، ثاني سندس نه ڪو،
صحيح آهه سمجهيو، طالب المولىٰ تو
اهوئي اهو، هادي آهي هڪڙو.

هن بيت جي پهرين سٽ ۾ سمايل خيال صوفين وٽ مشهور حديث **’ڪان الله ولَم يڪن معه‘** يعني الله هو ۽ ان سان ٻي ڪاشي نه هئي، تان ورتل آهي. اها حديث صحيح بخاري ۾ موجود آهي. چون ٿا ته جڏهن مشهور صوفي جنيد بغداديءَ جي آڏو اها حديث پڙهي وئي ته نهه پهه چيائين. **’الآن ڪما ڪان‘** يعني هن وقت به اها

ذات ائين آهي جيئن هئي. ڏسو تہ توحيد بابت اهو ايڏو خيال ڪيڏو نہ سهڻو سمجهايل آهي. بيت جي باقي سٽن ۾ پڻ الله تعاليٰ جي توحيد جي سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ سورة فاتحہ موجب هدايت ان ذات کان ئي آهي.

ٻئي بيت جون پهريون ٻہ سٽون هن ريت آهن.

اڄ بہ اهو ئي آهي، جيڪو هئو اڳ
هيئڻ رڱو هن جو، جلوو آهي جڳ

پهرين سٽ مٿين خيال جو تسلسل آهي جڏهن تہ ٻي سٽ ۾ اهو سمجهايو ويو آهي تہ وجود فقط خدا جي ذات جو آهي ۽ هي جهان ان جي هڪ جلوي يعني مظهر کان وڌيڪ ناهي.

هڪ ٻئي هنڌ پڻ اهو خيال هيئن پيش ڪيو اٿن.

طالب المولىٰ ذات سا، سدا سُو بسُو
هڙئي آهي هو، ٻيو ڪجھ آهي ڪين ڪي.

يعني هر ڏس ۽ هر طرف ۾ اها ذات آهي بلڪ سڀ ڪجھ اهوئي آهي ٻيو ڪجھ ناهي، جيئن شاھ لطيف جي بيت جي هڪ سٽ آهي.

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

هڪ ٻئي بيت جون سٽون آهن.

صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي
ڪار فرما ڪريم ٿيو، انسان سڀ اوزار

هتي ذات ۽ صفات جو مسئلو نهايت سهڻي نموني ۾ سمجهايو ويو آهي تہ خدا جي ذات هڪ يعني واحد آهي. البت ان جي صفتن جو ڳاڻيٽو ڪونهي. بلڪ هي جهان سندس صفتن جو ئي مظهر آهي. اهو ئي هرهنڌ ڪارفرما آهي انسان جي حيثيت هڪ اوزار کان وڌيڪ ناهي. انهيءَ ڪري صوفين جو مقولو آهي '**لافاعل في الوجود الا الله**' يعني ڪائنات ۾ فاعل صرف خدا جي ذات آهي.

تصوف ۾ الله تعاليٰ جي قرب جو حصول يا بندي جو وصال هڪ اهم موضوع آهي ۽ تصوف جي سيني سلسلن ۾ هن مسئلي بابت رهنمائي ملي ٿي. هن سلسلي ۾ صوفين هميشہ قرآني آيت '**ونحن اقرب الله من حبل الوريد**' يعني اسان توهان کي ساھ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون مان رهنمائي ورتي آهي. هاڻي هي بيت ڏسو.

ڏسڻ کان جو ڏور، سو ويجهو آهي وجود کان
ڪک پن ۾ ڪريم جو، نسورو ئي نور
ذرڙو، ذرڙو، ذرڙو، لئي ڪاملن ڪوه طور
جو ڏسي نٿو ڏيهہ ۾، تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون، پهرين پٽي پور
طالب مولا ڄاڻ تون، هر جا اٿئي حضور
هو دل کان ناهي دور، هردم آهي هنج ۾

فارسي ۽ سنڌي زبان جي روايتي صوفيانہ شاعريءَ جا اصطلاح ۽ تصورات بہ مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ عام جام آهن جئن حافظ شيرازي رندن کي صوفين جي اعليٰ درجي ۾ تصور ڪيو آهي. مخدوم صاحب جو هڪ بيت آهي.

رضا واري رمز ۾، رند رهن راضي
محبت واري مام سان، قلب ڪيون قاضي
قبل نہ ماضي، هر دم آهن حال ۾

مٿئين بيت کي شاهه لطيف جي هن بيت سان ڀيٽي ڏسو

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
حاصل جنين حال، آءُ نہ جيئندي ان ري

'درجا آهن دلين تي' جي عنوان هيٺ هڪ ڊگهي بيت ۾ جديد دور جي انسان کي جيڪو فقط عقل جي گهوڙي تي سوار آهي ۽ الهامي ڪتابن مان بہ ڪا هدايت وٺڻ لاءِ تيار ناهي، انهن تي تنقيد ڪندي چوي ٿو.

دل کي مڃن ڪين ڪي، اڄوڪا انسان
هو مائل رڳو مغز ڏي، جت عقل جا امڪان
۾ آهي هيئنءَ فرمايو، ڪريم منجهہ قرآن
اَن اللهَ يحول مِن المرءوقلبه' چيو مالڪ مهربان
تنهن جي نبي تائيد ۾، ڏنا بلڪل هي بيان
ان في الجسد مضعة اذا صلحت جا آهن صورت
اندر سامان
ان الله لا ينظر اليٰ صورڪم ولڪن ينظر اليٰ قلوبڪم
هي فائق جا فرمان
رڪن ايمان ان تي، مستحڪم مسلمان
جي مورهئون نہ مڃن دل کي، سي نسورا نادان
طالب موليٰ تون بہ اتم، آڇج ڪي ايمان
جو رسول ۽ رحمان، بہ درجا ڏنا دلين کي.

هن بيت جي مٿين سٽ ۾ قرآن شريف جي آيت ان الله يحول بين المرؤقلبه سورة الانفال جي 24 آيت آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'الله ٻانهي ۽ سندس دل جي وچ ۾ اوٽ آهي. ان ڪانپوءِ ڇهين سٽ ۾ حديث جي معنيٰ آهي تہ انسان جي جسم ۾ گوشت جو ٽڪر آهي جڏهن اهو صحيح ٿئي ٿو تہ پورو انسان صحيح ٿي وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ ٻي حديث جو ترجمو هن ريت آهي تہ الله تعاليٰ توهان جي صورتن کي نٿو ڏسي بلڪ هو توهان جي دلين کي ڏسي ٿو.

مخدوم صاحب جي اڪثر ڪافين ۾ تصوف جا بنيادي تصورات ئي ڪارفرما آهن، جن لاءِ پاڻ قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ ٻيا صوفيانہ اقوال جا بجا آندا اٿن. 'هت آهيان انسان' جي عنوان تحت هڪ ڪافيءَ جا چند بند ملاحظ ڪريو.

'وفي انفسڪم' راز رندانا 'ونحن اقربَ' شوق شهانا
همدم کهڙو حساب نرت اتي ڪو نيهي نيندو
'الانسان سري' سر سارو 'وهم معڪم' ناز نيارو
چاهي ڏوهہ ثواب سزا جزا جي خبر ڪو ڏيندو.

هتي **'وفي انفسڪم'، 'ونحن اقرب اليه'** ۽ **'وهو معڪم'** قرآني آيتن مان ورتل آهن. البت **'الانسان سري واناسره'** صوفين جو مشهور مقولو آهي. قرآن جون اهي ٽيئي آيتون ۽ اهو مقولو شاهہ لطيف جي شاعري ۾ پڻ اچن ٿا 'ذات جو صفات ۾' 'ظهور' واري مسئلي کي ڪي عارف ئي سمجهن ٿا تہ شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي باهمي تعلق کي سمجهڻ بہ ڪو سولو ناهي. انهيءَ ڪري چوي ٿو.

ذات صفت ۾ ڪيئن آهي ظاهر مام ٻڌائي مرد ڪو ماهر
ٻي محبت جو مئي ناب ڪو منصور رهي ملڪ ماٿينئو
طالب موليٰ شان شريعت حسن حقيقت، طور طريقت
معرفت آهي مآب پيد وارو ڪو پيد پٽيندو.

صوفين وٽ پاڻ سڃاڻ مان ئي خدا جي سڃاڻپ، يعني **'من عرف نفسه فقد عرف ربه'** مشهور حديث ۾ اهو سبق سمايل آهي. سيني وڏن صوفين ان حقيقت کي تسليم ڪيو آهي. مخدوم صاحب جي ڪافيءَ جا ڪجهه بند هن ريت آهن.

اها الله جي چاڻ جي تون پاڻ سڃاڻي
پاڻ سڃاڻي، غير نه آڻي
'من عرف' جي رمزن اندر اهي اٿئي اهڃاڻ
وفي انفسڪم اينما ڪنتم محبت وارا ماڻ
ونحن اقرب' پاڻ چيائين واهه جي هي واڪاڻ
طالب موليٰ تنهنجو تو ۾ پيهي وينو پاڻ.

ذات خداونديءَ جو قرب حاصل ڪرڻ سالڪ جي لاءِ وڏي ۾ وڏو ۽ آخري مرحلو آهي، جنهن لاءِ هو 'فنا' يا **'موتوا قبل ان تموتو!'** يعني مرڻ کان اڳ مرڻ جو رستو ٻڌائن ٿا. جڏهن انسان فنائيت جو مقام حاصل ڪري ٿو ته هو وصال جي منزل ماڻي ٿو اها ئي وحدت الوجود واري ڪيفيت آهي. مخدوم صاحب جي هن ڪافيءَ ۾ ڪجهه اهڙي ڪيفيت جو بيان آهي.

جيتر تون موجود، تيتر لاموجود هو هوندو
'موتوا قبل' ٿي ماڻج مطلب نينهن ۾ ٿي نابود
دور وڃڻ ئي آهه اجايو ويجهو اٿيئي وجود
ڪِڪ پن ووڙڻ راند ٻاراڻي شاهد تون مشهود
سر سبحان به تون ئي آهين سوچي ڪر سجود
هڙئي هتان ئي ڪرتون حاصل من مان ئي مقصود
پاڻ ڇڏي ۽ پري نه وڃ تون منزل ٻي مسدود
توکان توکي ويجهو آهي مڙني جو معبود
وڃ وڃان تون طالب مولا خوب ٿيندين تون خوشنود

## مددي ڪتاب


1. رسالو فتحيه سنڌي ادبي بورڊ 2011ع
2. اسلامي تصوف 1951 طالب الموليٰ
3. مثنوي عقل ۽ عشق طالب الموليٰ 1983ع ٻيو ڇاپو.
4. گلستان سروري 2010ع طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا
5. تصوف اسلام عبدالماجد دريابادي اسلامڪ بڪ فائونڊيشن لاهور 1980ع
6. ڪتاب اللمع اداره تحقيقات اسلام 1972ع
7. رسالو قشيريه اداره تحقيقات اسلام 1970ع
8. مثنوي رومي اردو ترجمو قاضي سجاد حسين
9. Sufism A.J. Arberry.
10. Mystialleivemsions of London 1966 Islam A, Schimmel 1981.



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب ريڊيو پاڪستان جي مشاورتي بورڊ جي ميٽنگ ڪندي



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ريڊيو پاڪستان تي منعقد ٿيل پهرين مشاعري ۾ پنهنجو ڪلام ٻڌائي رهيا آهن، سندن پر ۾ پير شاهنواز عارف المولىٰ ۽ سيد اسد الله شاهه بيخود حسيني پڻ ويٺل آهن. (13 ڊسمبر 1955ع)



حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين
سندن فرزند ساڃي ڪان مخدوم رفيق الزمان،
مخدوم محمد امين فهيم، مخدوم خليق الزمان
۽ مخدوم شفيق الزمان.
6 مئي 1959ع حيدرآباد



محترمہ بينظير ڀٽو، سائين مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ
۽ مخدوم محمد امين فهيم



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب صدر پاڪستان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ
(1971ـ 1972ع)



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صدر پاڪستان ذوالفقار علي ڀٽي سان
دوري دوران ورتل هڪ يادگار تصوير (29 آڪٽوبر 1973ع)



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجن مريدن جا مسئلا ٻڌندي



1976ع ۾ مخدوم خليق الزمان جي شاديءَ جي موقعي تي سائين مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ،
وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو، جناب مخدوم محمد امين فهيم ۽ وزيراعليٰ سنڌ غلام مصطفيٰ جتوئي



حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ صاحب پنهنجي فرزند مخدوم خليق الزمان صاحب جي شاديءَ
جي موقعي تي پنهنجي فرزند، پوٽن ۽ احبابن سان گڏ (1976ع)



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، جناب مخدوم محمد امين فهيم، جناب مخدوم خليق الزمان، جناب نويد الزمان،
جناب شفيق الزمان، جناب عقيل زمان، جناب مخدوم جميل الزمان ۽ شڪيل الزمان سان گڏ




16 اپريل 1983ع ۾ سلور جوبلي ڪنوينشن هالا ۾ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ميمبرن سان گڏ




1988ع ۾ مرڪزي بزم طالب الموليٰ جي ساليانيِ ڪنوينشن جي موقعي تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه،
سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ۽ غلام رباني آگرو




1988ع ۾ سروري تنظيم جي ڪنوينشن جي صدارت سائين مخدوم طالب الموليٰ جن فرمائي،
ڪابي طرف مخدوم خليق الزمان ۽ ساڄي طرف مخدوم جميل الزمان ويٺل آهن



1988ع ۾ پريس ڪلب ڪراچي ۾ ڪل سنڌ مشاعري ۾ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صدارت ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ خاص مهمان ڊاڪٽر تنوير عباسي ، آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمين جناب غلام مصطفىٰ شاهه ، سيڪريٽري جناب اياز قادري ۽ مشاعري جو ميزبان جناب نياز پنهور موجود آهي



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هالا ۾ اسڪول جي دؤري دؤران پرنسپل، استادن ۽ شاگرديائڻين سان گڏ

# سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي چاليهي جي موقعي تي ورتل ڪجهه تصويرون



جناب مخدوم محمد امين فهيم ۽ گورنر سنڌ محمود اي هارون



وفاقي وزير سردار آصف احمد علي، جناب مخدوم جميل الزمان سان گڏ



جناب مخدوم محمد امين فهيم ۽ پير صبغت الله شاهه راشدي



مولانا عبدالستار نيازي، گورنر محمود اي هارون، مولانا ڪوثر نيازي،
مير اعجاز ٽالپر ۽ حاجي قاسم پٽيل

# سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي ورتل ڪجهه تصويرون



مخدوم طالب الموليٰ جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه
جناب مخدوم محمد امين فهيم سان گڏ پنڊال ڏانهن اچي رهي آهي



جناب مخدوم محمد امين فهيم صاحب پهرين ورسيءَ جي جلسي کي خطاب ڪندي



وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ طالب المولىٰ اڪيڊمي پاران ڇپايل ڪتاب "عقيدت جا گل"
جي رونمائي ڪري رهي آهي، ساڻس گڏ جناب مخدوم محمد امين فهيم ، جناب مخدوم جميل الزمان،
جناب سيد قائم علي شاهہ ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد عبدالله شاهہ بيٺل آهن




وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي طالب المولىٰ ايوارڊ 1993ع پيش ڪيو پيو وڃي



ٻھرين ورسيءَ جي موقعي تي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ، سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي مزار تي حاضري ڏني، جناب مخدوم محمد امين فهيم ۽ سنڌ جو وزيراعليٰ سيد عبدالله شاھ پڻ موجود آھن



سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي مزار تي جناب مخدوم محمد امين فهيم، جناب مخدوم خليق الزمان ۽ جناب مخدوم محمد سعيد الزمان جن فاتحہ پڙھندي



1989ع ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جي صدارت ڪندي، جناب حبيب الله صديقي (سيڪريٽري) جناب احسن الهاشمي (ميمبر) محترمہ مهتاب اڪبر راشدي (ميمبر) محترم علي احمد بروهي (ميمبر) ۽ جناب غلام رباني آگرو (ميمبر) پڻ موجود آهن.



1989ع ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي آفيس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن سان رسمي گڏجاڻي ڪندي، جناب محبوب سروري (سيڪريٽري) جناب عبدالله ورياهہ (ميمبر) ۽ جناب سڪندر علي شاهہ موجود آهن



جناب مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جن جناب ڄام صادق علي خان
وزيراعليٰ سنڌ کي بورڊ ۾ اچڻ تي ڀليڪار ڪري رهيا آهن
[20 _ ڊسمبر 1990ع]



وزيراعليٰ سنڌ جناب ڄام صادق علي خان کي بورڊ ۾ اچڻ تي مخدوم جميل الزمان آدر ڀاءُ ڪندي
[20 _ ڊسمبر 1990ع]




جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ ۽ وزيراعليٰ سنڌ،
جناب ڄام صادق علي خان، بورڊ طرفان ڏنل سپاسنامو ملاحظ ڪري رهيا آهن

[20 ڊسمبر 1990ع س ـ 1 ـ ب ـ ڄام شورو]




وزيراعليٰ سنڌ جناب ڄام صادق علي خان، بورڊ پاران ڇپايل ڪتاب "حمد ونعت" جي رونمائي
ڪري رهيا آهن. جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ پڻ ويٺل آهن

[20 ڊسمبر 1990ع س ـ 1 ـ ب ـ ڄام شورو]

مگسي صاحب تاريخ ۽ سياسيات جي استاد جي حيثيت ۾، ٿر جي سرحدي اهميت تي گفتگو ڪندو هو. پاڻ چوندو هو تہ ليمبرڪ جي هي راءِ بدنيتيءَ تي ٻڌل آهي. حُرن فقيرن سنڌ جي اوڀارين سرحد تان انگريزن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪيون هيون. ان بعد پاڪستان ورهاڱي دور ۾ بہ پير صاحب پاڳاري جي مريدن نمايان جنگي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ان ريت سنڌ جو ٻيو اهم گهراڻو جو ٿر ۾ پنهنجي اهميت رکي ٿو اهو هالن جو مخدوم خاندان آهي. سندن هزارين لکين مريد ٿر جي ٻنهي حصن ۾ پکڙيل آهن. ان ريت هن خاندان جي تاريخي اهميت اجاگر ٿئي ٿي. هن حقيقت جي چٽائي مون تڏهن محسوس ڪئي، جڏهن چوٿين آڪٽوبر 1985ع تي ڪوڪراپار ڏسڻ جو موقعو مليو.

ڊسمبر 1984ع ۾ ملازمت سانگي وڃي عمرڪوٽ ڪان نڪتس. جنهن جمعي تي ڳوٺ نہ ايندو هوس ان ڏينهن تي علائقي جي ڪنهن تاريخي ماڳ، شهر ۽ واهڻ کي ڏسڻ ويندو هوس. مٿي ذڪر ڪيل تاريخ تي جمعي جو ڏينهن هو. قمبر علي خان جي پنهنجي دوست مسٽر اشرف علي ميمڻ سان گڏ، جو ان وقت مون سان عمرڪوٽ ڪاليج ۾ استاد هو، هڪ شاگرد فقير نورمحمد کي ساڻ ڪري اسين ڪوڪرا پار ڏسڻ وياسين. چور ڪان سنڌ جي آخري سرحدي ريلوي اسٽيشن ڪوڪراپار لاءِ راجا گاڏي وڃي ٿي. صبح جو ان ننڍڙي پٽي واري ريل ۾ چڙهي ٿر جون پٽون، ماڳ مڪان، گهوڙا ۽ مال ڏسندا وڃي پنهنجي منزل تي پهتاسين. گاڏي ڪلاڪ کن اتي بيٺي ۽ پوءِ موٽ ڪاڏي تہ اسين بہ واپس ٿياسين. ماٿهن چيو تہ ڪوڪراپار بہ ننگرپارڪر وانگر بلي بلي هو، پر قيام پاڪستان کان پوءِ ٻن جنگين سبب هي شهر بہ اجڙي ويو آهي. هڪ هوٽل تي مانيءَ جا بہ گرهہ وجهي چانهہ پي تيسين. منهنجو ڌيان جنهن چيز تي وڌيڪ ويو سو هو، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو فريم ٿيل عاليشان فوٽو، جيڪو هوٽل ۾ نمايان طرح رکيل هو. ان بعد ڪجهہ دڪانن تي بہ مخدوم صاحب جون تصويرون آويزان ٿيل نظر آيون. مون کي هڪدم عبدالله مگسي ياد آيو جو هميشہ پاڳارن سان گڏ هالا جي مخدومن جي سياسي ۽ تاريخي اهميت؛ ٿر جي سرحدي پٽي جي حوالي سان بيان ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ سنڌ جي مستقبل جي مشڪلاتن جي ڏس ۾، اگر ٻنهي خاندان مان ڪوبہ هڪ فيصلہ ڪن قدم کڻندو تہ ڪيئي مصيبتون ٽري سگهن ٿيون. ياد رهي تہ 1983ع جي ايم. آر. ڊي تحريڪ هلندي، جڏهن ڪوڪراپار مان آمريڪي جهنڊي جي سڙڻ جون خبرون آيون هيون، تڏهن سڄي دنيا ۾ دانهوڙ پئجي وئي هئي ۽ بي. بي. سي توڙي وائيس آف آمريڪا هن خبر کي نمايان ڪري پيش ڪيو هو.

مخدوم صاحب بيشڪ تہ گوناگون مصروفيتن وارو انسان هو. عوامي درٻارون، جلسا، شعرو شاعري ۽ سنڌي موسيقي وغيره وغيره. سندن روزمره جا مشغلا هوندا هئا. ان هوندي بہ خانداني ريتن رسمن ۽ صدين جي لٽريچر تي جيڪو سندن گاديءَ سان منسلڪ هو، ان تي سندن پوري پوري نگاهہ هئي. ڪتابہ مسودا، نوشتا ۽ بياض- سڀ سندن مطالعي ۽ اپياس هيٺ رهيا. اهڙو مواد رڳو اپياس هيٺ نہ رهيو، پر انهن تي نوٽس، وضاحتي حاشيا ۽ درستيءَ وارا اقتباس لکيائون ۽ واڌارا ڪيائون. اهڙي روايت ڊاڪٽر گل حسن لغاري صاحب ڪئي. سندس چوڻ آهي تہ پراڻن هالن جي قاضي غلام محمد قريشي مرحوم جي توسط سان اهو مواد مون وٽ پهتو هو. مطلب هو تہ آءُ ان تي ڪجهہ ڪم ڪريان پر پوءِ مون کان اهڙو خفي جو ڪم نہ ٿي سگهيو ۽ مخدوم صاحب مواد مڪمل طرح سان واپس طلب ڪري ورتو.

هر لکندڙ جي ۽ خاص ڪري نئين لکندڙ جي هي خواهش ٿئي ٿي تہ مون کي بہ پڙهيو وڃي ۽ چار ماڻهو مون کي بہ لکڻ پڙهڻ جي حوالي سان سڃاڻن. منهنجي مخدوم صاحب سان ذاتي ڏيٺ ويٺ ڪڏهن بہ نہ رهي ۽ نہ وري ڪڏهن ملاقات جو موقعو ميسر ٿيو. البتہ هڪ ٻن ڳالهين جي حوالي سان ڪين ياد رکڻ جو حق مون کي بہ

پهچي ٿو. سال 1987ع ۾ مون هڪ دوست جي معرفت ”ديوان طالب الموليٰ“ جي فرمائش ڪئي. تڏهن پاڻ ديوان سان گڏ سووينئر“ مون مطالع سپرين“ به موڪلي ڏنائون. ان تي لکيائون:

”محترم ناشاد صاحب جي معرفت محترم غلام محمد لاکي صاحب ڏي موڪلجي ٿو. خاص طرح صفحه 90 تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مضمون پڙهجي.“

ديوان تي هن ريت نوٽ لکيو اٿن:

”محترم نفيس احمد شيخ ناشاد جي طلب تي ديوان طالب الموليٰ جي ڪاپي محترم غلام محمد لاکي لاءِ سووينئرسميت موڪلجي ٿي.“

هالا شريف مان موڪليل هنن ٻن ڪتابن تي مخدوم صاحب جي دستخط، تاريخ 27 فبروري 1987ع برابر 28 جمادي الثاني 1407ھ ۽ ڏينهن جمعي جو تحرير ٿيل آهي. سووينير جي نوٽ مان ظاهر ٿيو ته مخدوم صاحب هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ مون کي به سڃاڻن ٿا ۽ منهنجي علمي پورهئي کي قدر جي نگاه سان ڏسن ٿا. تڏهن ته ڪن خاص نڪتن جي باري ۾ منهنجو ڌيان ڇڪايائون. حقيقت ۾ اهو مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ان ريت سال 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ”لغات سنڌي مخفقات“ شايع ڪئي ته، ان جي اعزازي ڪاپي به مون کي موڪلي ڏنائون. ان ڪان به وڌيڪ هي ته سنڌي ادبي بورڊ، منهنجو پهريون ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ مخدوم صاحب جي چيئرمينيءَ جي دور ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو. هي هڪ اهڙي حقيقت ۽ اعزاز آهي، جنهن کي مان ڊگهي عرصي تائين ياد ڪندو رهندس.

سال 1993ع جي ابتدا ٿيندي ئي ملڪ مان سٺن ماڻهن موڪلائڻ شروع ڪيو. 8 جنوريءَ تي پاڪستاني بري فوج جو سربراه جنرل آصف نواز اچانڪ فوت ٿي ويو. سنڌي عوام گذريل هڪ ڏهاڪي کان ڌاڙيلن ۽ دهشت گردن جي عذاب مان گذري رهيو هو. اهو مرحوم آصف نواز ئي هو جنهن جي همٿ ۽ فيصلا ڪن ڪردار سان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن سک جو ساهه کنيو ۽ ڌاڙيلن ۾ ٽاڪوڙا پيا. سندس موت تي سنڌي ماڻهن سوڳ ملهايو ۽ شهري دهشت گردن مٺايون تفسيم ڪيون. ٺيڪ ٽي ڏينهن پوءِ سنڌي عوام پنهنجي هڪ محسن، پلوڙ شاعر ۽ سنڌي روايتن جي امين کان محروم ٿي ويو. 11 جنوريءَ تي سنڌ جي فضائن ۾ هي خبر گونجي ته، مخدوم طالب الموليٰ گذاري ويو آهي. اهو ڏينهن سخت سردي ۽ جهڙالي جو ڏينهن هو. سندن وفات جي خبر وڏي صدمي سان ٻڌي وئي. هالا جو شهر غم ۾ ٻڏي ويو ۽ ٽي ڏينهن سوڳ ۾ بند رهيو. هي خبر پکڙجڻ سان، سنڌ جا ڪي پيا شهر به ڏک ۾ بند ٿي ويا. ماڻهن جا انبوه هالا شهر ۾ ٺٽي پيا، ۽ مخدوم صاحب کي خراج عقيدت پيش ڪيائون. ڳالهه اتي ختم ڪانه ٿي هئي. 18 مارچ تي نهايت شريف ۽ سادو انسان محمد خان جوڻيجو به فوت ٿي ويو. وزير اعظم جي حيثيت ۾ جوڻيجي صاحب پڻ، سنڌ ۽ پاڪستان جي تاريخ تي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

آءُ بس ذريعي دولت پورصفن کان حيدرآباد اچي رهيو هئس. سواري هالا پهتي، ۽ چند گهڙين لاءِ ”باب النوح“ وٽ بيٺي ته ماڻهن ۾ چوپچو شروع ٿي. هڪ چيو ته ادا مخدوم صاحب گذاري ويو. هيءَ ڪنڌ پري پئي هئي سا به خالي ٿي وئي. ٻئي چيو ته جيسين زنده هو پڪ هئي ته، هڪ مٿيرمرد هن شهر ۾ رهي ٿو، ان جو ڪو به فڪر نه ڪجي. آخرڪار ڪنهن چيو ته ادا ٻئي جهان ۾ به اهڙن مانجهي مڙسن جي ضرورت آهي. مون سوچيو: برابر مخدوم صاحب وڏي پايي جو انسان هو. جڏهن سندن حياتيءَ جو ماڻ پرجي آيو ته، قدرت اهو بيش بها تحفو پاڻ وٽ گهرائي ورتو. تڏهن تڏهن ته لطيف چيو آهي ته:

دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس!

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو



# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جا پروفيسر جهامنداس ڀاٽيـ ڏانهن لکيل خط

سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جي باني حضرت مخدوم نوح ﷫ جي سورهين سجاده محترم مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي شخصيت سموري سنڌ جي ادبي دنيا لاءِ ڇپر ڇانو جي حيثيت رکندڙ هئي. علمي ادبي محفلن آراستہ ڪرڻ لاءِ سندس همت افزائي سبب اديبن ۽ شاعرن ۾ جا برجستگي پيدا ٿيندي هئي، سا گويا سنڌ ۾ علمي ادبي ماحول قائم ڪرڻ ۾ مثالي رهي. سندس دم ۽ دلچسپيءَ سان ڪيترائي علمي ۽ ادبي رسالا اجراءَ ۾ آيا، جن ۾ سنڌ جي عالمن اديبن ۽ شاعرن جون شايع ٿيل تخليقون ۽ تحريرون اڄ اهم ۽ تاريخي حيثيت جون حامل آهن. تحقيق ۽ تجسس سان دلچسپي رکندڙن لاءِ اهي رسالا وڏي وٿ آهن.

سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ (تولد 4- آڪٽوبر 1919ع، وصال 11- جنوري 1993ع) پنهنجي ٽيهتر سالن، ٽن مهينن ۽ ستن ڏينهن جي ڄمار ۾ پنهنجي شعوري عمر دوران جيڪي علمي ۽ ادبي خدمتون ڪيون آهن، تن ۾ تصنيفات [(1) بهار طالب مرتب: مخدوم سليم هالائي 1946ع، (2) رعابيات طالب 1949ع، (3) اسلامي تصوف 1951ع، (4) شيطان ابوالجنان 1951ع، (5) خوشناسي 1952ع، (6) امام غزالي جا خط 1953ع، (7) يادِ رفتگان 2 حصا 1953ع، (8) ڪچڪول مرتب: محبوب علي چنا 1955ع، (9) مثنوي عقل و عشق 1955ع، (10) ڪافي، (11) شان سروري 1962ع، (12) مصريءَ جون ٽڙون 1965ع، (13) ڇپر ۾ ڇڙيون 1971ع، (14) ديوانِ طالب الموليٰ 1982ع، (15) دلربا دلدار: مرتب محترم جميل الزمان 1985ع، (16) بي پير اڪيون 1987ع، (17) سدا وسين سنڌڙي 1990ع، (18) لغات سنڌي مخففات 1991ع، (19) آبِ حيات 1991ع، (20) ڇُهندڙيون 1992ع، (21) انتخاب طالبي: مرتب محترم جميل الزمان 1993ع، (22) سنڌ جو شڪار (اڻڇپيل)، (23) بياضِ طالب الموليٰ (اڻڇپيل)، (24) سماع العاشقين] کان علاوه علمي، ادبي ادارن برپا ڪرڻ ڪانسواءِ سربراهي ۽ سرپرستي ڪري، انهن کي سرگرم رکي، جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا، تن تي تحقيق جي سخت ضرورت آهي. پاڻ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي مالي مدد بہ ڪندا رهندا هئا، ۽ درماهو وظيفو ڏيئي، سندن اهنج دور ڪندا رهندا هئا، پنهنجي ان امداد ڪرڻ واري عمل کي هميشہ مخفي رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جڏهن بہ جنهن شهر ۾ ويندا هئا، تڏهن تنهن شهر جي عالمن، اديب ۽ شاعرن سان ميل ملاقات ڪري، سندن علمي، ادبي مصروفيتن جي خبرچار رکندا هئا. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڪيترن اديبن ۽ شاعرن سان سندس خط ۽ ڪتابت جو سلسلو بہ هلندڙ هو. ان سلسلي ۾ شڪارپور جي بہ ڪجهہ عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان سندس خط و ڪتابت جو

سلسلو هلندڙ هو. انهن مڙني مان هڪ نامور عالم، اديب ۽ ادب لطيف جو ماهر پروفيسر جهامنداس پاتيہ به هو.

پروفيسر جهامنداس (ڄم: 9- مئي 1897ع ديهانت 30- ڊسمبر 1965ع)



دوارڪا داس پاتيہ پنهنجي علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن ڪري سنڌ ۽ هند ۾ نہ رڳو غير معمولي شهرت جو مالڪ هو، پر وڏي عزت ۽ احترام لائق بہ ڄاتو ويندو هو. سندس علمي ۽ ادبي ميدان ۾ ظاهر ٿيندڙ خدمتن تي ڪيس داد تحسين پڻ ڏنو ويندو هو. پاتيہ صاحب سن 1914ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ آخري دم تائين لکندو رهيو. سندس تصنيفات ۾: 1- مرڪندڙ مُکڙيون 1945ع، 2. سائين قطب شاهہ 1947ع، 3. درويش 1964ع، 4. ايشا جا آواز 1944ع، 5. ديوان ڪوڙومل ڊرماتما 1917ع، 6. The Pilgrim 1933ع، 7. The songs of Desert، 8. رند (اٽچپيل)، 9. شاعر اٽچپيل، 10. شاعر مشرق اٽچپيل، 11. سامي جا سلوڪ (سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڇپائيءَ هيٺ) آهن. انهن کان علاوه سن 1936ع ۾ روهڙيءَ مان هفتيوار اخبار ”روشني وڌيڪ روشني“ (Light More Light) شايع ڪندو هو. سن 1947ع کان 1951ع تائين ”هندو جنرل پئنچات“ شڪارپور جو صدر رهيو ۽ ڪيترو عرصو (Royal Society of Teacher of London) جو ميمبر رهيو. بمبئي يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ جو Examiner رهيو ۽ مئٽرڪ جي سنڌي نصاب ۾ سندس مضمون ”سڌارت“ پڻ شامل هو. اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽي جي Board of study for Riligon جو ميمبر رهيو. سن 1963ع ۾ پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران ڪيس اڍائي سؤ روپيہ انعام ڏنو ويو هو. سندس لکيئون سنڌ ۽ هند جي سڀني رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿينديون هيون، جن مان ڪيتريون انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ ترجمو ٿيون. جرمنيءَ ۾ پروفيسر ليوپڪي پاران اهي ريڊيو تان پيش ڪيون ويون، جن کي جرمن عوام پسند ڪيو هو.

مخدوم صاحب جو پروفيسر پاتيہ صاحب سان خط و ڪتابت جو سلسلو سن 1954ع کان نظر اچي ٿو، جو سن 1963ع تائين هلندو رهيو. ان دوران ويهہ (20) عدد خط هٿ اچي سگهيا آهن، جي پروفيسر پاتيہ جي پوٽي مسٽر رويندر لجپت گانڌي جي مهرباني ۽ عنايت آهن.

سن 1954ع ۾ پروفيسر پاتيہ صاحب ستونجاهہ سالن جو هو تہ مخدوم صاحب پنجٽيهن ورهين جو نوجوان هو، پروفيسر پاتيہ صاحب کي پنهنجي عمر جو علم ۽ مشاهدو حاصل هو تہ مخدوم صاحب کي پنهنجي قابليت ۽ خانداني تبحر مان سرڪيون نوش ڪيل هيون، ايڪيهن سالن کان علم ۽ ادب سان لڳاءُ ۽ شعر و سخن سان دلچسپي هئڻ ڪري پختي قلم جو مالڪ ٿي چڪو هو. سندس تحريرون رسالن، اخبارن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ تہ شايع ٿينديون ئي هيون، پر پاڻ صاحبِ تصنيفات پڻ ٿي چڪو هو ۽ سندس ست تصنيفون اشاعت ۾ اچي چڪيون هيون. هت مخدوم صاحب جي پاتيہ صاحب ڏانهن لکيل پهرين خط جو مطالعو ڪري، سندس اسلوب جو اندازو ڪجي.

جيڪڏهن اوهان کي پسند ڪيو آهي ته خيام داد ڏنو اٿئي ان لاءِ شڪريه:

منهنجو ڪلام سگهر هالائي ڪو هڪ دفعو ڇپايو هو جو هن وقت ناياب آهي. ان ۾ سليم ڪا ڀليءَ مرضيءَ موجب بغير منهنجي اجازت جي لفظن ۾ ڦير ڦار ڪري ڇڏيا هئا جنهن ڪري بي لطفي ٿي پيو. اگر ڪو ڪلام ڇپيو ته ضرور موڪليندس.

٢ اگر ڀلي ڪتب خاني ۾ ڪتابن کي نئين طرح عنقريب ترتيب ڏئي رکندس. پوءِ اميد ته جن جن شاعرن جا ڪتاب موڪلڻ جو واعدو ڪيو هئڻ ڪري ما ڪڏهن ضرور موڪليندس ٿورو وقت دير لڳندي ان لاءِ خيال نه ڪندا.

٣ اڪثر ڪري شعر ويندي ويندي ڏهه ڏهه رات شڪارپور ۾ ٽڪي رهندو هوس. مگر ٻي دفعو رات جو دير سان پهتس ۽ صبح جو سويري ئي نڪري لٿي پيو جو منزل ڏور هئي. دل بيحد ٿيا ڪاڏا ملڻ لاءِ مگر دير سبب ڀلجي دل کي روڪي ڇڏيم. اميد ته ملاقات جو وقت ڪڏهن نڪري پوندو.

٤ اوهان جي ڪڏهن ڪجهه تازه ترين غزل موڪليو ته ڪفايت خوشي ٿيندي.

زياده

محمد زمان طالب المولى

هالا

١٤ جولاءِ ۵۵ع

عزيز برادرم !

موافقي خط لکيا اٿم اڳ، سست آهيان مگر دل ۾ ڏکندا.

اڳ ۾ بيحد مشغول رهندو هوس، هاڻي صحت نامڪمل آهي

تنهنڪري خط لکڻ ۾ دير ٿي وڃي.

اڳي دوستن وٽ اچڻ کان عار هرگز نه ڪندو آهيان

اميد اٿم ته خاص اوهان لاءِ شڪارپور مخصوص وقت اٿيندس.

صرف ڪجهه ڏينهن جو پتو لکندا ته آساني سان

اوهان کي اطلاع ڏئي سگهندس

ته في الحال سنڌي ٻولي جي ترقي ۽

رجوع ادب

ڪهڙي ڪتابي اميد اوهان وٽ ڪڍندي.

طالب المولىٰ

دوست محترم ماسٽر جهان [illegible] صاحب!

اوهان جو لکيل لطيف ڪتاب "[illegible]"

موڪلڻ لاءِ مهرباني. اگرچه دير سان پهتو آهي.

تاهم اميد اٿم ته هي ادبي تحفو خوشيءَ سان قبول ڪندا.

ٻيو هڪ دوست به اهڙا ئي ڪتاب

مطالعي لاءِ ڏنا هئا. ٻنهي ڪتابن بابت لکي راءِ ڏني

اڳ ۾ اميد اٿم ته هينئر جي دستور موجب ڪتاب

اتي ڪاڻ آهي ته مطالعو ڪري لکي راءِ ڏئي ڪري

موڪليندا. ته جيئن اسان جي ايڊيشن ۾

شايع ڪجي. اميد ته خوش باش هوندا.

الحرم [illegible]

۲۴ جون ۶ - ۱۹۶۳ع

حيدرآباد

توڪانسواءِ منهنجي نہ آهي ڪا بہ گھڻي
سهڻا خيال ڪوبہ نہ ڪر سڀ قبول آ
هر ڳالهہ عشق ۾ آ اکن تي مٿي ڪٿي
هرهڪ دغا قريب ڪان بلڪل ئي پاڪ صاف
معصوم آهہ ڪهڙي نہ هوءَ سنڌ جي جٽي
مون کي شراب ناب جو هاڻي نہ شوق آ
ساقي پيار مون کي پيري ”کير جي وٽي“
دل جو پڇين ٿو حال تہ مٺڙو اٿئي مٺا
نہ تہ ڇڏ پچار وڃ تون انهيءَ ڳالهہ تان هٽي
آخر ڏٺو مون يار جي جلوي کي دل اندر
رليس مان ڳوٺ ڳوٺ ۽ ڳوليم گھڻي گھٽي
درمان تون ئي ”طالب المولىٰ“ جو آهين بس
ڪيڏانهن وٺي وڃا اي سڄڻ يار دل ڦٽي

4. مخدوم صاحب پنهنجي جنهن مجموعي ڪلام جو سليم هالائي جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي، اهو غالباً ”بهار طالب“ (1946ع) ئي آهي.

مخدوم صاحب جي خطن جي مطالعي مان سندس سوچ ۽ فڪر جا ڪيترائي پهلو روشن ٿين ٿا. هو علم ۽ ادب جي فني لوازمات ۽ فڪري اظهار جي ڄاڻ ۽ صلاحيت جو پندار هو. سندس ذوق سليم کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. خطن لاءِ مختلف موقعن تي مختلف ليٽر پيڊ توڙي انهن تي ڇپيل خوبصورت مونوگرام دلڪشيءَ ۾ اضافو آڻين ٿا. مخدوم صاحب وٽ پنهنجي بزرگ دوست لاءِ جيڪو احترام آهي، سو هن اعلىٰ هستي جي تعليم ۽ تربيت توڙي روشن خياليءَ جو منفرد نمونو آهي، انهن خطن ۾ ٻنهي هستين جي حال احوال سان گڏ جيڪو ان وقت جو علمي ماحول، ادبي تحرڪ، جريدن جاري ٿيڻ ۽ جاري رهڻ جا ذڪر اذڪار اسان لاءِ مشعل راهہ جي مثل آهن.

هنن خطن مان نتيجتاً اسان گھڻو لاڀ حاصل ڪري سگھون ٿا. ان سلسلي ۾ اسان کي جڳائي تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا سندس همعصر دوستن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن ڏانهن جيڪي بہ خط لکيل آهن، اهي هٿ ڪري شايع ڪرايون ۽ مخدوم صاحب ڏانهن لکيل مختلف عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا لکيل خط پڻ ڇپائي سندس زماني ۾ مروج علمي ۽ ادبي حالتن کي ڇنائيءَ سان محسوس ڪري تحقيق ۾ گھربل نتيجا حاصل ڪري سگھون.



# ميرزا فتح علي بيگ

# يادگار مشاعرو

حيدرآباد شهر جي مشهور علمي مرڪز ٽنڊو آغا اسمٰعيل شاهه ۾ جڏهن سنڌ جي معروف مرثيه گو شاعر ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' مستقل رهائش اختيار ڪئي، تڏهن پاڻ اُتي منهبي ۽ ادبي فروغ لاءِ امام بارگاهه علي آباد قائم ڪيائين، جيڪو الحمدالله اڄ تائين قائم دائم ۽ برقرار آهي.

سال 1863ع ۾ سنڌ جي مشهور مرثيه نگار مير محمد حسن علي خان ٽالپر حيدرآباد ۾ درس و تدريس لاءِ لکنؤ مان مولانا سيد ابوالحسن لکنوي کي گهرايو، جيڪو امام بارگاهه علي آباد ۾ اچي رهيو ۽ سنڌ جو مشهور غزل گو شاعر سيد غلام محمد شاهه 'گدا' به ان دوران ئي اچي ٽنڊو آغا ۾ رهيو، ته پوءِ ٻين به ڪيترن ئي صاحبان علم و ادب جي اچڻ سان امام بارگاهه علي آباد ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي ۽ شعر و شاعري جي محفلن ۾ رونق وڌڻ لڳي.

هِن ئي امام بارگاهه ۾ ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' جي ياد ۾ مولانا ابوالحسن لکنوي ۽ گدا شاهه جي خواهش ۽ مشوري سان "بزمِ فتح" قائم ڪئي وئي. انهيءَ بزم جي تحت منهبي مجلسن سان گڏ ادبي محفلون به ٿيڻ لڳيون، جن ۾ سيد غلام محمد شاهه گدا، سيد آغا نور محمد شاهه، سيد غلام مرتضيٰ شاهه 'مرتضائي ٺٽوي'، حسن علي آفندي ۽ ٻيا صاحبان علم شرڪت ڪندا هئا. اهو سلسلو اڳتي وڌيو ته غير طرحي ۽ طرحي مشاعرا به ٿيڻ لڳا، جن جو مفصل احوال برادرم ميرزا فياض علي بيگ هڪ ڪتابي صورت ۾ "بزمِ فتح" جي نالي سان مڪمل ڪيو آهي. آئون فقط هڪ يادگار مشاعري جو ذڪر پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪو سنڌ جي عظيم شاعر، محقق ۽ تذڪره نويس مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جن جي صدارت ۾ ٿيو.

سيد احسن الهاشمي سنڌي غزل جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. سندس بزرگن جا اسان جي بزرگن سان قديم زماني کان دوستانه تعلقات رهيا آهن. هاشمي صاحب ڏهن سالن جي ڄمار کان امام بارگاهه علي آباد ۾ ايندو هو ۽ جڏهن کان پاڻ شعر چوڻ شروع ڪيائين ته، بزمِ فتح جي مشاعرن ۾ پاڻ پنهنجا شعر پڙهندو رهندو هو. جڏهن هاشمي صاحب مستقل طور ٽنڊي آغا ۾ اچي رهيو ۽ پاڻ امام بارگاهه علي آباد ۾ ٿيندڙ محفلن، مجلسن ۽ مشاعرن ۾ شرڪت شروع ڪيائين، تڏهن سندن شگفته طبيعت ۽ متواتر مشاعرن ۾ شريڪ ٿيڻ ڪري مشاعرن ۾ ڪجهه وڌيڪ رونق ۽ اضافو ٿيڻ لڳو. سندس وڏو ڀاءُ سيد حيدر شاهه صاحب سيشن جج، به انهن مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو، جيڪو پاڻ به بهترين شاعر هو.

هاشمي صاحب انهن مشاعرن ۾ چڱو واڌارو ڏسي هڪ ڏينهن 15- جولاءِ 1974ع تي حسب دستور شام جو نانا ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر' جي قائم ڪيل اوطاق ۾ ڪچهري دوران چيو ته، بهتر ٿيندو ته هاڻي ٻين شاعرن کي به مشاعري ۾ مدعو ڪيو وڃي. جنهن لاءِ پاڻ بزم طالب المولیٰ جي ڪجهه شاعرن جا نالا ٻڌايائين ته هنن شاعرن کي مشاعري ۾ شرڪت جي دعوت ڏجي.

جنهن تي نانا ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر' چيو ته، جناب مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' صاحب کي مشاعري جي دعوت ڏئي سندن صدارت ۾ مشاعرو ڪرائجي. جنهن تي سائين حيدر شاهه صاحب چيو ته منهنجي به اِهائي خواهش آهي ته، سائين جن جي صدارت ۾ مشاعرو ڪرايو وڃي. پوءِ هاشمي صاحب، سائين

حيدر شاهہ، چاچا ميرزا عباس علي بيگ ۽ ماما ميرزا سلطان حيدر بيگ، مخدوم صاحب جن سان مليا ۽ کين مشاعري جي صدارت جي دعوت ڏنائون. پاڻ اِها دعوت بصد خوشي قبول ڪيائون. پاڻ مشاعري لاءِ تاريخ 27-جولاءِ 1974ع مقرر فرمائي هيءَ مصرع طرح ڏنائون:

"لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾"

بس رڳو اطلاع ملڻ جي دير هئي... غزل ٿهي ويا. نانا ميرزا علي محمد بيگ ٻڌايو ته، "اِها مصرع طرح سيد غلام محمد شاه 'گدا' جي غزل جي آهي، جنهن تي مير عبدالحسين خان 'سانگي'، محمد هاشم 'مخلص' ۽ ٻين شاعرن غزل چيا آهن. جڏهن سال 1920ع ۾ آئون مير صاحب وٽ سرشتيدار ٿي آيس، تڏهن پاڻ مون کي اِها مصرع ڏيندي غزل چوڻ جو ارشاد فرمايو هئائون ۽ مون غزل ٺاهي مير صاحب وٽ پڙهيو. پاڻ غزل کي ٻڌي نهايت خوش ٿيو."

27- جولاءِ 1974ع تي جناب مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن پنهنجي فرزندن سميت تشريف فرما ٿيا. سيد حيدر شاهہ ۽ هاشمي صاحب هِن محفل ۾ پيش پيش هئا. مختصر تعارف بعد سيد حيدر شاهہ صاحب مون کي ڪمپيئرنگ لاءِ نامزد ڪيو. مشاعرو صدرِ محفل جي صدارت ۾ شروع ٿيو ۽ جن جن شعراءِ ڪرام هن مشاعري ۾ غزل پڙهيا انهن جا نالا هي آهن: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر'، مخدوم خليق الزمان، سيد حيدر شاهہ، سيد احسن الهاشمي، ميرزا عباس علي بيگ، ميرزا حامد علي بيگ، ميرزا عاشق علي بيگ، ميرزا سلطان حيدر بيگ، سيد علي احمد شاه ساقي، حسين بخش خادمِ، ميرزا سڪندر علي بيگ، ميرزا فتح علي بيگ، ميرزا فياض علي بيگ، ميرزا قربان علي بيگ ۽ ٻيا به شاعر هئا، جن جا نالا هِن وقت ياد نه ٿا اچن.

پهرين مون پنهنجو غزل پيش ڪيو. اُن کان پوءِ موجود شعرائي ڪرام پنهنجا غزل پڙهيا ۽ آخر ۾ صدرِ مشاعره پنهنجو غزل پڙهيو. افسوس آهي جو جناب مخدوم صاحب جو غزل ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن جا غزل دستياب نه ٿي سگهيا، باقي جن شعراءِ ڪرام جا غزل ملي سگهيا آهن، اُهي صاحبان ذوق لاءِ پيش ڪجن ٿا:

## ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر'[1]

هُو آيو جان آئي نيمجان ۾ — عجب هي ڪرشمو ٿيو جان جان ۾
اچي پيو لطف سوز جاودان ۾ — مزو آهي عجب سوز نهان ۾
تپش ٿي ايتري منهنجي فغان ۾ — لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
اگڻ منهنجي نه هو آيو اجا تئين — اثر شايد نه ٿيو تنهنجي فغان ۾
نه راحت ٿي ملي ڪنهن جاءِ مون کي — ڏٺو خواب قفس مون آشيان ۾
سندس صورت تان صدقي جان قربان — نمايان ويو ڪري مون کي جهان ۾
ڪِري چو خانہ صياد تي برق — اجا ڪک پن نه آهن آشيان ۾
سو سلطان سخن سانگي سخنور — ٿيو بي مثل انداز بيان ۾

فقط هڪڙو 'مظفر' ناه غمگين
ڏنوسين ڪين ڪنهن کي خوش جهان ۾

---

[1] بزمِ فتح: از: ميرزا فياض علي بيگ (قلمي)

## سيد حيدر شاهه[1]

اضافو ٿيو نه منهنجي داستان ۾، لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
صديون گذريون نه سمجهيو راز انسان سچڻ سمجهائي ويو ٿوري بيان ۾
خدا خلقيو سچڻ اهڙو ته سهڻو جو ڪنهن کي ڪونه هو وهم و گمان ۾
وصالِ يار جي ڇڏ تون تمنا جو پوندو يار خود هڪ امتحان ۾
انهيءَ آواز تي صياد ايندو فغان برپا ڪندس جا آشيان ۾
سچڻ جلوه نمائي ڪئي زمين تي ته وه وا واه وا ٿي آسمان ۾
مري جاڻي، ته پو اهڙو مزو پيو، ڪٿي ملندو حياتِ جاودان ۾
اشارن ۾ سچڻ سمجهائي ويو سڀ نه هو دنيا جي جو وهم و گمان ۾
جڏهن اونده انڌارو چوڌ طرف هو حرا مان نور پکڙيو جڳ جهان ۾
اهو پهلوءَ ۾ تنهنجي يار آهي تون ڳولهين پيو مڪان ۾ لامڪان ۾
سچڻ جهڙو پيو محبوب پنهنجو نه خالق کي به ايندو ڪو گمان ۾
فراقِ يار جي لذت وني ڏس سوين خوشيون اٿئي درد نهان ۾
اڪيون آليون ٿيون محفل جون آهن متان ذڪر آهي منهنجو داستان ۾

تپش دل ۾ رکي اهڙي تو ’حيدر‘
نه جهڙي هوندي ڪا برق تپان ۾

## ميرزا حامد علي بيگ[2]

غلط آهي اگر آهي گمان ۾ سوا هُن جي نه ڪجھ آهي جهان ۾
اثر اهڙو ٿيو آه و فغان ۾ لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
قفس ۾ ڪيئن لڳي دل هاڻ منهنجي ڏسان مان جو دونهون ٿو آشيان ۾
پڇيو هُن حال مُرڪي مون چيو هيئن گذاريان روز شب آه و فغان ۾
رڳو مون کان پُڇي ڪجھ مُدعا بَس زبان ٿي منتظر هِن لئي دهان ۾
گِران ڏاڍو گذاريم عشق ۾ وقت سوا تنهنجي نه ڪجھ آيو گمان ۾
نئون ايندو نظر جڏهين به پڙهندين گهڻي وسعت ٿي منهنجي داستان ۾
دل پُر درد کان ڪجھ ڪم ته وٺندس ملي فرصت اگر مون کي جهان ۾
پرين ڏي پرت مان ايندو اِهائي هُيم اُميد هيءَ اُن مهربان ۾

قفس خالي ڏِسي صياد جو مان
ٿيس بي چين ’حامد‘ آشيان ۾

(1) محفل: سيد حيدر شاهه ’حيدر‘، ڇاپو پهريون 1994ع/1414هه، ڇپائيندڙ طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، صفحه 34-35. حرف آخر: ميرزا خيرپوري پڙ ۾ مشاعره 27- جولاءِ 1974ع
(2) ڪلام حامد: ميرزا حامد علي بيگ ’حامد‘ جو ڪلام، مرتب: ميرزا فتح علي بيگ، ڇاپو پهريون 1994ع، ڇپائيندڙ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، صفحه 89.

## ميرزا سلطان حيدر بيگ[1]

شهيد عشق جو شهرو جهان ۾ ويو ٿي نامور نام و نشان ۾
اهو زور اثر آهي فغان ۾ لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
نظر جي ناوڪ اندازي کي رد کيو نہ قطرو آهي خون جو ناتوان ۾
فغان عندليب زار ٻڌندي هئاسين همڪلامي هر زبان ۾
بمع فرزند اڄ مخدوم صاحب جو آيو قرب مان هن بوستان ۾
گهڻن ئي شاعرن ٿي يڪ زبان چو لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
'مظفر' جو ٿيو هي فيض 'سلطان'
جو سلطان سخن آهيان جهان ۾

## ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد'[2]

لڳي اُلفت جي آهي باهہ جان ۾ رهڻ اهنجو ٿيو بس آشيان ۾
اثر هي آهي بلبل جي فغان ۾ هلي پاڻ آيو منهنجي آشيان ۾
مون پيتا اشڪ ٿي سوز نهان ۾ لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾
نہ روڪڻ سان بہ هاڻي روڪجي ٿو تلاطم آهي جو اشڪ روان ۾
وڃي بيتاب چو ٿيندي هي منزل مسلسل پيو هلان آئون ڪاروان ۾
هِتي آهُون هُتي آهُن تي مرڪڻ هي فرق آهي هِتان ۾ ۽ هُتان ۾
غرض انسان جو انسان آهي رکيو ڇا هي پلا حور جنان ۾
سندم شانہ تي سر هن جو جهڪيل نيڻ ڏنو مون جو نہ هو وهم و گمان ۾
حجاب آلوده رخسار جواني پسينو جڻ گلن تي بوستان ۾
اکيون خيره ٿيون ڏسندي ئي 'شاهد'
غضب جي ٿي ضيا رُوئي بتان ۾

## ميرزا فياض علي بيگ[3]

هو آيو سير لئي ائين گلستان ۾ بهار آئي هلي جڻ ڪا خزان ۾
ويس پهچي آئون پنهنجي آشيان ۾ ڪريان فرحت ٿو پنهنجي آستان ۾
ڏسي هن رشڪ گل جان چمن کي سلامي لئي جهڪيا گل بوستان ۾
چمن ۾ وار جو چوڙي چڙيا هُن نہ آئي چانو منهنجي آشيان ۾

---

[1] بزمِ فتح: از: ميرزا فياض علي بيگ (قلمي)
[2] روح محبت: ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد'،ڇاپو پهريون 1995ع، ڇپائيندڙ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، صفحہ 117-118.
[3] ڪنيءَ منجهہ ڪٽا: ميرزا فياض علي بيگ 'فياض'، ڇاپو پهريون 1993ع، ڇپائيندڙ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ، صفحہ 158-160.



طالب المولیٰ
۲۷ جولائی ۷۳ء
حیدرآباد
سندھ

ساڄي کان: مخدوم طالب المولىٰ، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڍاڪ ويندڙ جهاز ۾ ويٺل.



10.8.74.

مخدوم طالب المولىٰ جي ڏنر جي موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ليبرن کي خطاب ڪري رهيو آهي. اِن تصوير ۾ پوئيان بيٺلن ۾ ساڄي کان ٽئين نمبر تي مخدوم محمد امين فهيم صاحب بيٺل آهي.

ريڊيو اسٽيشن کان ٻاهر نکري ناولٽي سائنٽيفڪ اسٽور تي آيس ۽ مخدوم صاحب کي فون ڪيم. جنهن ماڻهوءَ فون اٽينڊ ڪيو تنهن منهنجو نالو ٻڌي فوراً کين آگاهه ڪيو ۽ خوشقسمتيءَ سان منهنجو سائنس رابطو ٿي ويو. تقريباً ڏهه منٽ کن ڳالهه ٻولهه ٿي. سندن گفتگوءَ جي انداز مان مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ اسين ڪنهن عرصي کان هڪ ٻئي جا آشنا هجون، سندن لهجي ۾ بي انداز پنهنجائپ هئي. هُو، مون سان 'مير سائين' ڪري مخاطب ٿي رهيا هئا. سائن ڳالهائڻ دؤران مون کي ڪيترو سڪون ملي رهيو هو، اهو لفظن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. ليڪن سائين جن جي ڳالهين مان مون کي ائين به پائنجي رهيو هو، ته کين به گهڻي خوشي ٿي رهي هئي. ايتري تائين جو مون کي چيائون: "مير سائين! هاڻ سٽت ئي پنهنجي ڪا ملاقات ٿي وڃي، ته ڏاڍو سٺو ٿئي. . .!" "سائين! مان جلد ئي اوهان وٽ حاضر ٿيندس." مون وراڻيو.

مهيني کن کان پوءِ جڏهن وري حيدرآباد وڃڻ ٿيم ته واپسيءَ تي 3:00 بجي ڌاران هالا آيس. معلوم ٿيو ته مخدوم صاحب ڪنهن دوست جي دعوت ۾ ويل آهن. مون انتظار ڪيو، پاڻ جڏهن موٽي آيا ته کين منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو ويو. جلد ئي مون کي گهُرايو ويو ۽ ملاقات جو شرف نصيب ٿيم. پاڻ فرمايائون "جيئن ته مون کي به اوهان جي اچڻ جي ڄاڻ ڪانه هئي، انڪري اوهان کي ڪافي تڪليف ٿي هوندي، سو معاف ڪجو! اڳتي ائين بهتر ٿيندو ته پروگرام موجب ملاقاتون ڪجن!" ڪلاڪ کن ڪچهري هلي، تفيصلي ڄاڻ سڃاڻ ٿي ته ڪجهه ڳالهيون 'ڪافيءَ' جي باري ۾ به ٿيون. ان کان پوءِ مان اجازت وٺي نواب شاهه لاءِ روانو ٿيس.

اهڙيءَ طرح اسان جي ملاقاتن ۽ ڪچهرين جو سلسلو شروع ٿيو. ڪڏهن روبرو ته ڪڏهن خطن ذريعي، مان جيئن ته ان وقت ڪِرائي جي جڳهه ۾ رهندو هئس، تنهنڪري منهنجي رهائشگاهه تي ٽيليفون جي سهولت ميسر ڪانه هوندي هئي، جڏهن پنهنجو گهر نهرائي، ان ۾ شفٽ ٿيس ته ٽيليفون لڳرايم ۽ ان کان پوءِ اسان جو فون تي به رابطو ٿيندو رهيو، شفٽ ٿيڻ دوران مون سان هڪ اهو الميو ٿيو ته منهنجو هڪ ڪافين جو رجسٽر 'هيٺ مٿي' ٿي ويو، جيڪو اڄ تائين هٿ اچي ناهي سگهيو. (مون سان زندگيءَ جي هڪ وڏي ٽريجڊي اها به هوندي آهي ته مان جنهن شيءِ جي گهڻي حفاظت ڪندو آهيان، جنهن شيءِ کي تمام گهڻو چاهيندو آهيان، ته اها مون کان سدائين گُم ٿي ويندي آهي ۽ وري هٿ نه ايندي آهي).

سنڌي شاعريءَ جي لازوال صنف 'ڪافي' جيڪا منهنجي پسنديده ترين صنف به آهي، جنهن کي مون ساهه سان سانڍي رکيو، ان جو ائين گُم ٿي وڃڻ بلڪل ائين جيئن:

> ڄيئن ڪو ستارو ڪِرِي ٿي وڃي گُم،
> اِئين يار تنهنجي به رخصت ڏني مون.
> "مير"

ان واقعي جو ذڪر جڏهن مون سائين طالب الموليٰ سان ڪيو ته پاڻ ڏُڪارو ٿي چيائون، "هونئن ته سنڌي شاعريءَ جو اهڙو زيان ڪنهن الميي کان گهٽ ناهي، ليڪن ڪافين جو هيترو سارو ذخيرو گُم ٿيڻ اجا به وڏو الميو آهي. جنهن جي تلافي ڪنهن به طرح ٿي نه ٿي سگهي."

هڪڙي ڏينهن مرحوم مصري فقير مون وٽ ڦيريون پيرو آيو. حال احوال ٿيا. چيائين: "مير صاحب! اڄ مان قبلہ سائينءَ جن جي حڪم تي اوهان سان سيڙجي ملڻ آيو آهيان، ته شاعري به وٺڻ آيو آهيان. گذريل رات هڪ محفل ۾ سائين جن موجود هئا ۽ مان ڳائي رهيو هئس. سائين جن مون کي اوهان جي ڪلام جي فرمائش ڪئي. مون جڏهن کين عرض ڪيو ته سائين! مون وٽ ان شاعر جو ڪو به ڪلام موجود ناهي، ته پاڻ فرمايائون: "فقير! اوهان کي سنڌ جي اهڙن سريلن شاعرن سان ملڻ کپي ۽ سندن ڪلام هٿ ڪري ڳائڻ کپي." تنهن کان پوءِ مون کيس ڪجهه ڪافيون ڏنيون ۽ ڪانئس ڪجهه ڪافيون ٻڌيون. مصري فقير، سائين مخدوم صاحب جن جو هڪ ڪلام ٻڌايو، جنهن جو ٿلهه هو:

جنهن ڏينهن کان دل دلبر سان لڳي، ڪلندو نه رهيس،
روئندو نه رهيس،
پيا پاڻ ۾ گڏجي غم ۽ خوشي، ڪلندو نه رهيس،
روئندو نه رهيس.

انهيءَ ڪلام جو هڪ بند هو:

هڪ ڏينهن چيو محبوب سندم، جو چوٽو اٿئي
سو چَو هاٿي،
افسوس سگهيس ڪجهه ڪين چئي، ڪلندو نه رهيس،
روئندو نه رهيس.

اهو بند ٻڌي مون کان اها ٻاراڻي ٿي وئي، جو مون فقير کي چيو، ته جيڪڏهن اهو ڪلام منهنجو هجي ها ته آءٌ قافيو ”چئي“ جي بجاءِ ”ڪُڇي“ استعمال ڪيان ها. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مصري فقير خط لکي مون کي مبارڪ ڏني ۽ ٻڌايو ته اها قافيي واري ڳالهه مون جڏهن قبلہ سائين جن کي ٻڌائي ته پاڻ فرمايائون ”مير صاحب جي اها صلاح بلڪل وزندار آهي ۽ کين خط لکي آگاهه ڪيو، ته اسان اوهان جي راءِ دل سان قبول ڪئي آهي، پر جيئن ته اهو ڪلام ڪتاب ”ديوانِ طالب الموليٰ“ ۾ ڇپجي چڪو آهي، انڪري في الحال ڪجهه نٿو ڪري سگهجي. البت ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو جيڪڏهن آيو ته اسان اوهان جي ٿورن سان ان کي استعمال ڪنداسين.“ مان اها ڳالهه پڙهي حيرت ۾ پئجي ويس ته هيڏو سارو قدآور، مفڪر، عالم، اديب ۽ شاعر جنهن جي شاعريءَ جي ڄمار ئي منهنجي ڪل ڄمار کان به وڏيڪ آهي. باوجود ان جي مون جهڙي معمولي شاعر جي راءِ کي نه رڳو اهميت ڏين ٿا، پر تسليم به ڪن ٿا. ورنه اڄڪلهه ڪوبه اديب/شاعر جيڪي ڪجهه لکي ٿو، ان کي آخري حرف ٿو سمجهي! پر اها سندن بردباري هئي، مصنف مزاجي هئي، دانشوري هئي، روشن خيالي هئي، مزاج ۾ فقيري هئي ۽ ڪشاده دلي هئي.....!

هڪڙي ٻيري صبح جو پهر هو، مان سائين مخدوم صاحب وٽ ويٺو هئس (اها منهنجي وڏي خوشقسمتي هوندي هئي، جو مان جڏهن ساڻن ڪچهري ڪندو هئس ته گهڻو ڪري ڪنهن ٽئين ماڻهوءَ جي موجودگي ڪانه هوندي هئي) هالا جو S.D.M ساڻن ملڻ لاءِ آيو، پاڻ ڪيس اهو چوراڻي ملڻ کان معذرت ڪيائون ته هن وقت مون وٽ منهنجو مهمان آيل آهي. تنهنڪري اڄ نه پر سڀاڻي ملاقات ڪبي.“ ٿوري دير کان پوءِ مخدوم شفيق الزمان صاحب ڪمري جي دروازي وٽ اچي بيهي سائين جن کي ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو، ”قبلہ سائين! هينئر گهران نڪري پنهنجي آستاني ڏانهن وڃي رهيو هئس، بس اوهان جو سلام ڪرڻ ٿو هئم.“ اهو ٻڌي مخدوم صاحب کين اندر اچڻ جو چيو ۽ منهنجو ساڻن تعارف ڪرايو، ”شفيق سائين! هي منهنجا مهمان مير عبدالرسول ”مير“ صاحب نواب شاهه کان آيل آهن ۽ مون تي گهڻو مهربان آهن...!“ شفيق سائين وڏي احترام سان مون سان مليو ۽ ڪمري جي ديوار کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. ڇاڪاڻ ته مخدوم صاحب جي محفل وارا گهڻو ڪري ڪمري ۾ ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ويهندا هئا. جڏهن ته سائين جن پاڻ ڪمري جي وچ تي پنيان رکيل پلنگ کي ٽيڪ ڏيئي ويهندا هئا، مان به سدائين ديوار کي ٽيڪ ڏيئي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، پر سائين جن مون کي ائين ڪرڻ نه ڏيندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ ويهاريندا هئا. ڪجهه دير بعد شفيق سائين اٿيو ۽ چيائين: ”مير صاحب! هتان فارغ ٿي اسان تي به مهرباني ڪجو ۽ ٿورو وقت ڏجو...“ شفيق سائينءَ جي وڃڻ کان پوءِ مخدوم صاحب مون کي چيو، ”توهان منهنجن صاحبزادن سان ملڻ جلڻ ڪندا ڪيو، انهن سان رابطي ۾ رهندا ڪيو، ڇو

جو مان هاڻي پوڙهو ٿي چڪو آهيان. باقي زندگي الائي ڇا...؟ دنياداري آهي، زماني جا ڪم ڪار ٿين ٿا، اولي سولي آهي، اوهان به نوجوان آهيو، اوهان کي به زندگي گذارڻي آهي، اوهان کي به ڪنهن جي سلٺ ۽ سهاري جي ضرورت پوندي..." مون عرض ڪيو ته "سائين، الله تعاليٰ اوهان کي وڏي ۽ صحتمند ڄمار ڏئي، منهنجي اهائي دعا آهي باقي صاحبزادا ته مون مٿان اوهان جي شفقت ڪان بخوبي واقف آهن. جيڪڏهن نظر ڪندا ته سندن مهربانيون ٿينديون ۽ جي نه ڪندا ته اسان لاءِ محترم هوندا."

ان ڪان پوءِ منهنجي ڪجهه دوستن/يارن به مون تي اصرار ڪيو ته انهن کي به سائين جن جهڙي عظيم، شفيق ۽ غريب پرور شخصيت سان ملاقات ڪرايان، مون جڏهن اها ڳالهه مخدوم صاحب جن سان ڪئي ته پاڻ ڳلي دل سان ان جي اجازت ڏنائون ۽ چيائون "جيڪي ماڻهو اوهان جا پنهنجا آهن، اهي اسان جا به پنهنجا آهن. اسان کي به انهن سان ملي ڪري خوشي ٿيندي." مون پنهنجي ڪجهه دوستن ۽ بعد ۾ وڏي ڀاءُ مير عبدالنبي ٽالپر کي هالا ۾ سائين جن سان مِلرايو. منهنجي ڀاءُ جو هڪڙو ڪم به هئو، تڏهوڪي چيف منسٽر سيد قائم علي شاهه صاحب ۾، سو به عرض ڪيوسين، جواب ۾ پاڻ سندن بئگ ۾ رکيل هڪ تصوير ڏيکاريائون، جيڪا سندن چيف منسٽر صاحب سان گڏ هئي ۽ چيائون "هن ملاقات کي گهڻ ٽائيم ٿي ويو آهي، ان ملاقات ۾ مون شاهه صاحب کي هڪ خسيس ڪم چيو هو ۽ شاهه صاحب وڏي هام هڻي، سُتت ئي ڪم ٿيڻ جي خاطري ڪرائي هئي ۽ مون کي به اطمينان ٿي ويو هو، ليڪن اهو ڪم اڄ تائين ناهي ٿيو. توهان جو به ڪم ڪيس ضرور چونداسين، پر اميد گهٽ نظر اچي ٿي. تاهم اوهين ايندڙ هفتي ڪراچي اچجو ۽ منهنجي رهائشگاهه تي مون سان ملجو. ڪوشش ڪنداسين." پروگرام موجب مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ڪراچي وياسين. اتي پهچي سائين جن کي فون ڪري، سندن موجودگيءَ کي 'ڪنفرم' ڪيوسين. ٻئي ڏينهن صبح جو بنگلي تي پهتاسين، ملاقات ٿي. ملاقات دوران مخدوم رفيق الزمان صاحب به موجود هو، سائين جن چيف منسٽر صاحب سان ٻه- ٽي ڀيرا فون تي رابطو ڪري، ٽائيم وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر افسوس جو ٽائيم ملڻ ته نهيو، پر چيف منسٽر صاحب سان رابطو ئي نه ٿي سگهيو!

هڪڙي ڀيري سائين طالب المولىٰ مون کي فون ڪري ٻڌايو "ڏاڏا سائين (مخدوم امين فهيم منسٽر آف ڪميونيڪيشن) مون سان گڏ ويٺا آهن. توهان جيڪو ڪم سندن حوالي سان چيو هو، ڪيس سمجهايو ته پوءِ ٿا پاڻ وڌيڪ ڳالهايون." مخدوم امين فهيم صاحب لائين تي آيو "مير صاحب! السلام عليڪم... قبلہ سائين جن اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي، هاڻي اوهان حڪم ڪريو، مان ڪهڙي ٿو خدمت ڪري سگهان؟" ڪيس جيڪي ڪجهه چوڻو هئو، سو چيم. ان ڪان پوءِ مخدوم صاحب پاڻ لائين تي آيا ۽ چيائون، "مير صاحب! هاڻي ستت ئي ڪا ملاقات ڪجي ته ڏاڍو سٺو ٿئي!" سائين آءٌ تما جلد ئي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندس"، مون عرض ڪيو. پاڻ اصرار ڪيائون ته جلد ته 'سڀاڻي' به ٿي سگهي ٿي!" "نيڪ آ سائين، مان سڀاڻي ئي حاضر ٿيندس." چيم: "ڪائين بجي؟" چيائون: "انشاءالله تعالىٰ صبح 11:00 بجي"، چيم: "ڏاڍو سٺو، وڌيڪ ڪچهري روبرو ڪنداسين، خدا حافظ!" چيائون. ٻئي ڏينهن نواب شاهه ڪان هالا پهچندي پهچندي مون کي 12:00 ٿي ويا. جڏهن اتي پهتس ته اتان جي ملازمن ٻڌايو ته قبلہ سائين جن اوهان جو 11:00 وڳي ڪان انتظار ڪري رهيا آهن! مان تڪڙو تڪڙو سندن ڪمري ۾ داخل ٿيس، سائين جن اڪيلا ويٺا هئا، سلام ڪري، ساڻن جُهڪي ملڻ جي ڪيم، ته پاڻ اُٿڻ واري ڪيائون، "قبلہ سائين! ويٺا هجو." مون عرض ڪيو. "نه نه... ائين وري ڪيئن ٿي ٿو سگهي"، وراڻيائون. نيٺ مون کي ئي ٽيڪ ڏئي اُٿيا ۽ وڏو ڀاڪر پائي مون سان مليا. معمول موجب گڏجي ويناسون. "مير صاحب! خير ته هو؟ اسان کي انتظار انڪري به گهڻو ٿيو، جو خبر هئي ته اوهان اڪيلا ايندا ۽ پاڻ ئي ڊرائيو ڪندا، سفر ته سفر هوندو آهي، خدانخواسته...؟" سندن ڪيفيت کي محسوس ڪندي سوچيم ته ههڙي

بزرگ هستيءَ سان ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايان؟ سو عرض ڪيم تہ قبلہ سائين، سچي ڳالهہ اها آهي تہ مان نواب شاهہ مان نڪتو ئي 11:00 وڳي آهيان. ان لاءِ معافي ٿو گهران. ”ها! جيڪڏهن ائين هو تہ رڳو فون ڪري ڇڏيو ها تہ سنو ٿئي ها.“ چيائون. خير! ٿوري دير خاموش رهياسين ۽ ڪچهري شروع ٿي وئي. اسان جي ڪچهريءَ جا مختلف موضوع هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سياست جي بہ ڳالهہ نڪري پوندي هئي. پر مون کي ائين لڳندو هو، ڄڻ تہ اهو موضوع سندن مزاج مطابق ناهي. سندن فقيري ۽ فطرت جي اُبتڙ آهي. خير! موضوع ڪٿي ڪهڙا بہ هجن ڳالهہ ڦري گهري اچي شاعريءَ تي بيهندي هئي. ’شاعري‘ اسان جي مزاج ۽ موضوع جو محور هوندي هئي، تہ شاعريءَ جو محور وري ’ڪافي‘ هوندي هئي. ’ڪافيءَ‘ جو ماضي، حال ۽ مستقبل، ڪافيءَ جو مضمون، گهاڙيٽو، بحر، وزن...... ڪافيءَ جي گهٽ لکڻ جو ڪارڻ وغيره بحث هيٺ ايندا هئا ۽ جڏهن ڳالهہ ڪافيءَ جي هجي، ذڪر عشق محبت جو بہ تہ ٿئي ئي ٿئي، سو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ پڇيائون، ”اوهان جي عشق محبت جو جهان ڪيئن پيو هلي؟“ سندن اوچتو ۽ مختصر سوال ٻڌي مون کان ڇرڪ نڪري ويو، سوچيم ڇا جواب ڏيان! بس اهو چئي جانِ ڇڏايم تہ سائين! بس گاڏو گهلجي پيو! ان بعد ڪيترين ئي ملاقاتن ۾ پنهنجي ويتن ٻڌائڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيم، پر آخرڪار اُٿلي پيس. ڪين ٻڌايم سائين:

اڙانگي جاءِ تي اڪڙيون اڙائي نيٺ ويناسون،
هٿن سان نند پنهنجيءَ کي ڦٿائي نيٺ ويناسون.
”مير“

ليڪن اوهان منهنجي ڪيفيت کي ڪيئن سمجهي ويا، جڏهن تہ مون اوهان سان اهڙي قسم جو ڪو اظهار ئي نہ ڪيو هو. اهو ٻڌي ٿورڙو مرڪي چيائون، ”ضروري ناهي تہ هر مامري کي اکرن ۾ آڻجي، ليڪن اوهان تہ سيڪجهہ حجاب جي حدن ۾ رهي ڪري ٻڌائي بہ چڪا آهيو، پنهنجي ڪافين ۾...!“ هاڻي اسان جي محفل جو رنگ ۽ روپ وڌيڪ نکرجڻ لڳو، راز ۽ نياز جا قصا دل کولي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ شروع ڪياسين، مون بہ پنهنجي اوڪائيءَ کان کين کُلي آگاهہ ڪيو، جواب ۾ پاڻ چيائون، ”اسين اوهان جي مدد ڪنداسين. پر في الحال اوهان جو هڪڙو ڪم اهو ڪجي جو اوهان جي شاعريءَ جو مجموعو ڇپرائجي. اوهين پنهنجو مواد سهيڙي مون وٽ ڪٺي اچو، اسين ان کي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرائينداسين، جيئن اهو مواد ضايع ٿيڻ کان بچي وڃي ۽ هن وقت اوهان جي شعري مجموعي جي اسان سيني کي ضرورت آهي.“ اهو ٻڌي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ مون مواد سهيڙڻ شروع ڪيو، پر افسوس تہ ائين ڪندي تمام گهڻي دير ٿي وئي، تان جو وقت هٿن مان نڪري ويو. باوجود سائين جن جي تمام گهڻي اصرار جي ڪتاب ان وقت ڇپجي نہ سگهيو. خير! خدا جو اهو بہ شڪر آهي، جو بعد ۾ منهنجو پهريون شعري مجموعو ”سُونهَن وِرُونهَن“ روشني پبليڪيشن پاران 2007ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويو، جيڪو هن وقت ناياب آهي.

منهنجي ڪتاب جي نہ ڇپجڻ جو هڪڙو سبب تہ منهنجي پنهنجي سُستي هئي، پر ٻيو سبب اهو بہ هو تہ تڏهن منهنجي ريڪارڊيڊ ڪافين کي ايتري مقبوليت ملي چڪي هئي جو مون ان کي ئي ’سيڪجهہ‘ سمجهيو! ڪمرشل ڪمپنيون منهنجي اڻ ڳاتل ڪلامن جي ڳولا ۾ هونديون هيون، اِي.ايم.آءِ (E.M.I) گراموفون ريڪارڊنگ ڪمپنيءَ رڳو منهنجي ئي ڪلامن جون ڪئسٽون رليز ڪيون ۽ بيحد پسند ڪيون ويون. سنگل پلي ۽ لانگ پلي رڪارڊ رليز ڪيا، جيڪي پڻ گهڻو مقبول ٿيا. انور حسين وسطڙو، مرحوم ڦوٽي خان زرداري ۽ مرحوم استاد محمد يوسف منهنجا ڪيترائي ڪلام ڳائي، انهن کي امر بڻائي ڇڏيو. منظور سخيراڻي، اياز علي ۽ بعد ۾ حميرا چنا بہ پنهنجو پاڻ ملهايو. انهيءَ دؤر ۾ فنڪار سان گڏ شاعر کي بہ

اهميت ملندي هئي. اهوئي سبب هو، جو حيدرآباد جي هڪ مشهور رڪارڊنگ ڪمپني 'پارس' مرحوم استاد محمد يوسف جي آواز ۾ هڪ اهڙي ڪيسٽ (Vol: 06) رليز ڪئي، جنهن ۾ ٽوٽل ڇهه ڪلام هئا ۽ انهن ۾ ٽي منهنجا ته ٽي سائين طالب الموليٰ جا هئا. ان ڪيسٽ جي موسيقي مرحوم فيروزگل ڏني هئي. ان ڪيسٽ کي بي پناهه ساراهيو ويو ۽ اڄڪلهه اها ڪيسٽ ناياب آهي.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ اهي شفيق انسان هئا، جن جي باري ۾ هر انسان، خاص ڪري اهي جن کي سندن قربت جو شرف نصيب ٿيو، دعويدار هوندو هو، ته هو منهنجا آهن...! ۽ انهن دعويدارن ۾ مان پاڻ به شامل هئس ۽ منهنجي انهيءَ دعويٰ جي گواهي لاءِ سندن خاص ملازم، شايد سندس نالو "حاجن" هو، جيڪڏهن حال حيات آهي، ته ڪافي آهي. ٻي صورت ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ جي موجوده چيئرمين مخدوم جميل الزمان صاحب ڪيس الله سائين وڏي ڄمار ڏئي، به انهي حقيقت کي مڃڻ ۾ ڪنهن به قسم جي هٻڪ محسوس نه ڪندا، ڇو ته ڪين به پليءَ پٽ ڄاڻ آهي ته سائين جن جي ڪيتري شفقت مون مٿان هوندي هئي. دراصل اها سائين طالب الموليٰ صاحب جي شعوري ڪوشش هوندي هئي، ته سندن صاحبزادن سميت سائين جميل الزمان به مون مٿان گهڻو مهربان هجن...! سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڪين باور ڪرائڻ چاهيندا هئا ته مير عبدالرسول 'مير' اسان جو پنهنجو آهي. اهوئي سبب هو جو هڪڙي ڏينهن مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئس ته اوچتو ڪاليج جي احاطي ۾ سائرن جي وڄڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. خدا خير ڪري...! تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتس، ڏٺم ته ڪوڙ ساريون سرڪاري گاڏيون، پرائيويٽ گاڏيون ۽ پوليس موبائلون بيٺيون هيون، ڪاليج جو هڪڙو پٽيوالو ڀاڄ ڏانهن ڊوڙندي ايندي ڏٺم. مون وٽ اچي، سهڪندي چيائين ته سائين ڪو وزير صاحب آيو آهي ۽ اهو اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. وزير صاحب ۽ مون سان ملڻ ٿو چاهي!؟ مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. سوچيم: پڪ پٽيوالو ڀُليو آهي، يا وزير صاحب: "سائين جلدي هلو"، پٽيوالي زور ڀريندي چيو. وڃي ڏسان ته پرنسپال جي آفيس ۾ مخدوم رفيق الزمان صاحب ويٺو آهي. هن مون کي سڃاڻي ورتو، ڇاڪاڻ ته سائين طالب الموليٰ، مخدوم رفيق الزمان جي وليمي جي تقريب ۾ منهنجي ساڻن ملاقات ڪرائي هئي، مون سان ڀاڪر پائي مليو ۽ ٻڌايائين ته رات مون جڏهن قبلہ سائين جن سان اڄوڪي نواب شاهه جي وزٽ جو ذڪر ڪيو ته پاڻ اهو حڪم ڪيائون "اتي پهچي سڀ کان اڳ ۾ منهنجي مهربان دوست مير عبدالرسول 'مير' صاحب، جيڪو سچل ڪاليج ۾ فزڪس جو ليڪچرار آهي، سان ملجو، ڪين منهنجا سلام پهچائجو، پوءِ پلي پنهنجي پروگرام سان وڃجو!" انڪري مان اوهان وٽ حاضر ٿيو آهيان، هاڻي وڏيڪ ڪچهري پوءِ ڪنداسين، اوهان اسان کي ڪمپني ڏيو. ان کان پوءِ هو جيترو وقت نواب شاهه ۾ هئا، مان ساڻن گڏ هئس.

1990ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ سائين مخدوم صاحب جي طبيعت گهڻي ناساز ٿي پئي، پاڻ آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ داخل ٿيا. معلوم ٿيو ته ڊاڪٽرن ڪين آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي. ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ کان منع ڪئي آهي. سڀڪجهه ڄاڻندي مان رهي نه سگهيس، ڪراچي هليو ويس، اسپتال پهتس، مون کي به اهائي ڳالهه ٻڌائي ملاقات ڪرائڻ کان معذرت ڪئي ويئي، ليڪن مان ان ضد تي قائم رهيس ته اوهين سائين جن کي صرف اطلاع ڪيو، پوءِ جيڪي حڪم ٿيندو، ائين ٿي ڪيو. گهڻي زور ڀرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب کي منهنجي لاءِ ٻڌايو ويو ته فوراً مون کي وٺي اچڻ جو حڪم ڪيائون. مان سائين جن وٽ پهتس، ڪانئس طبيعت جو پڇيم ۽ ٿوري دير کان پوءِ اٿڻ واري ڪيم، پر سائين جن مون کي اڃا ڪجهه وقت ويهڻ لاءِ چيو، باوجود ان جي ته ڊاڪٽرن پاران ڪين ڪنهن سان به ملاقات ڪرڻ جي اجازت نه هئي، ليڪن مون تي ايترا مهربان هئا جو مون سان نه رڳو اهڙي حالت ۾ به ملڻ جي عنايت ڪيائون، پر وڌيڪ وقت ويهارڻ جي به نوازش ڪيائون.

1992ع اپريل مهيني ۾ منهنجي پائيني وڏي ڀاءُ جي پٽ مير پرويز احمد جي شاديءَ جي وليمي جو پروگرام منجهند جو هڪ بجي پنهنجي ڳوٺ رئيس مهر علي خان ٽالپر (مرحوم والد صاحب) تعلقہ گنبٽ ضلعو خيرپورميرس ۾ رٿيوسين، جنهن جي دعوت سائين مخدوم صاحب کي عرض رکيم. انهن ڏينهن ۾ سائين جن جي طبيعت ناساز هئي، کين عرض ڪيم، ”سائين! جيئن اوهين اسان تي مهربان آهيو، بلڪل ائين سائين شاهه مردان شاهه پير صاحب پاڳارو به اسان تي مهربان آهن، انهن به اسان جي نماڻي نينڊ کي قبول ڪري، اچڻ جو اقرار ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهين به اچڻ جي عنايت ڪندا تہ هوند ڪير ۾ ڪنڊ پئجي ويندي! اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون، ”مير سائين دعا ڪريو تہ طبيعت ٺيڪ ٿي وڃي تہ آءٌ به اوهان جي پروگرام ۾ اچي شامل ٿيندس. هونئن تہ سفر به وڏو آهي، ليڪن اصل ڳالهہ آهي طبيعت جي...!“ ان ڪان پوءِ پروگرام جي اڳيئن ڏينهن ٻن پهرن ڌاران مون کي فون تي ٻڌايائون تہ اڃا طبيعت ’جيئن جو تيئن‘ آهي، تنهنڪري ٿي ٿو سگهي تہ اوهان جي پروگرام ۾ شريڪ ٿي نہ سگهجي، سو اوهين گهڻو انتظار نہ ڪندا.

ساڳي ڏينهن شام جو مان پنهنجي ٻن پٽن مير اختر رسول ٽالپر، مير اظهر رسول ٽالپر ۽ ڪٽنب جي ٻين ڀاتين سميت نواب شاهہ ڪان پنهنجي ڳوٺ لاءِ روانو ٿي ويس. ٻئي ڏينهن تي سنڌ جي ڪوڙ سارين معزز شخصيتن جي آمد شروع ٿي تہ پوري 12:30 وڳي عالي جناب حضرت پير صاحب پاڳاري جن جي بہ تشريف آوري ٿي ۽ اسان جي پروگرام کي ’چار چنڊ‘ لڳي ويا، ليڪن افسوس تہ سائين مخدوم صاحب، طبيعت جي ناسازيءَ سبب نہ اچي سگهيا، جن جي ڪمي شدت سان مون کي محسوس ٿيندي رهي!

سائين طالب المولىٰ صاحب سان منهنجون جيتريون بہ ڪچهريون ٿيون، انهن ۾ اسان جو اڪثر وقت شاعري، خاص ڪري ’ڪافين‘ جي ٻُڌڻ ۽ ٻُڌائڻ ۾ بہ لڳندو هو تہ ’ڪافيءَ‘ جي ٻڌ ٻڌياد، اصل نسل... تي لڳندو هو، جنهن جو تفصيلي ذڪر تماهي مهراڻ جي ڪنهن ٻئي پرچي ۾ ڪبو. پاڻ ’ڪافيءَ‘ جي بقا جي باري ۾ گهڻو فڪرمند رهندا هئا، مون کي نہ رڳو ’گهڻي گهڻي‘ ڪان گهڻي‘ ڪافي لکڻ جو چوندا هئا. پر نئين ٽهيءَ جي شاعرن کي بہ ان ڏِس ۾ اُتساهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا، سنڌي شاعريءَ جي بي مثال، باڪمال، سهڻي ۽ من مهڻي صنف ’ڪافيءَ‘ سان سائين جن کي ايترو تہ لڳاءُ هوندو هو، جو 1980ع جي ڏهاڪي دوران ڪراچيءَ ۾ جڏهن ’شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس‘ ڪوٺائي وئي تہ مون کي بہ دعوت ڏني هئائون، ۽ چيو هئائون تہ ان مشاعري ۾ بہ ’ڪافي‘ ضرور ٻڌائجو! ان ڪانفرنس جي ڏينهن واري مقالن جي نشست جي صدارت شهيد محترم بينظير ڀٽو صاحبہ ڪئي هئي، جڏهن تہ رات واري مشاعري جي نشست جو خاص مهمان مرحوم تنوير عباسي صاحب هو ۽ صدارت سائين طالب المولىٰ صاحب جن ڪئي هئي. ان مشاعري ۾ پاڻ بہ ’ڪافي‘ ٻُڌائي هئائون!

سائين مخدوم صاحب نہ رڳو شاعريءَ جي صنف ’ڪافيءَ‘ کي چاهيندا هئا، پر ’ڪافي گو‘ شاعرن کي بہ عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا تہ ساڻن تمام گهڻي محبت بہ ڪندا هُئا!

مان جيئن تہ بنيادي ۽ فطري طور هڪ ’ڪافيار شاعر‘ آهيان، تنهنڪري مون کي بہ سائين جن ڪان بي پناهہ محبت ۽ عزت بہ ملي تہ هيڏي ساري پنهنجائپ ۽ قربت جو پڻ شوق نصيب ٿيو.

سائين طالب المولىٰ کي منهنجون تقريباً سڀئي ڪافيون پسند هونديون هيون، ڪا ’ڪافي‘ ٻڌي واهہ واهہ! چوندا هئا تہ ڪا ’ڪافي‘ ٻڌي ’خوب‘ چوندا هئا تہ وري ڪا ’ڪافي‘ ٻڌي اکين ئي اکين ۾، ڪنڌ لوڏي مُنهن تي هلڪي مُرڪ سجائي، خاموشيءَ سان داد ڏيندا هئا. (تقريباً پندرهن سالن جي ڊگهي عرصي جي قربت دوران کين مون ڪڏهن بہ وڏو ٽهڪ ڏيندي نہ ڏٺو نہ ئي وري وڏي آواز سان ڳالهائيندي ٻُڌو!)

هڪڙي ڏينهن مون سائين جن کي جيڪا ’ڪافي‘ ٻُڌائي اُن جو تلهہ آهي:

توسان سينو ساهي ڪيرُ سچڻ،
پائي تنهنجي جُتيءَ ۾ پيرُ سچڻ!

ڪافي ٻُڌڻ کان پوءِ بي اختيار ٿي هلڪي آواز ۾ چئي ڏنائون، ”مير سائين! هن وقت اسان وٽ سنڌ ۾ اوهان جهڙي سهڻي ڪافي ڪوبه شاعر ڪونه ٿو لکي. ۽ اها ڪافي منهنجي پسنديده ترين ڪافي آهي...!“ سندن اهو جملو منهنجي لاءِ تمام وڏي ’سَنَدَ‘ به هو ته بي پناهه عزت افزائيءَ ۽ همت افزائيءَ جو ڪارڻ به...! ان کان پوءِ مون ’ڪافيءَ‘ کي پنهنجي شاعريءَ جو اڃا به وڌيڪ پڪو پختو ۽ چٽو محوَر بڻائي ڇڏيو!

مزي جي ڳالهه اها آهي ته رمضان شريف جو مهينو هو، قبله سائين پير صاحب پاڳاري جن اسان جي ڳوٺ اسان کي ’افطار ڪرڻ‘ جو شرف عطا فرمايو، سج لهڻ ۾ اڃا به ڪلاڪ هئا، پاڻ مقرره وقت کان الاهي وقت اڳ ۾ اسان وٽ اوچتو اچي ويا...! اسان جيئن ته سندن استقبال لاءِ ڪجهه جيپون، ڪجهه ڪارون ته ڪجهه موٽر سائيڪلون ۽ ڪجهه جهنڊا ڪٽي جادو واهڻ (پنهنجي ڳوٺ کان پنج ميل پري) کين جلوس جي صورت ۾ وٺي اچڻ جو پروگرام ٺاهيو هئو، سو عمل ’اُتي جو اُتي‘ رهجي ويو، سندن غير متوقع آمد سبب! سو منهنجي ڀاءُ مير عبدالهادي ٽالپر پير صاحب پاڳاري کي انتهائي ادب سان عرض ڪيو ته قبله سائين! اوهان جي اچڻ جو پروگرام ته ڪجهه دير سان هو...! جواب ۾ پاڻ فرمايائون، ”مان توتي بارُ آهيان ڇا!“ تون اطمينان ڪر، مان مزي سان ماني کائي پوءِ ئي واپس وينداس، في الحال هتي آيل دوستن سان ڪچهريون ڪريون ٿا.“

ان کان پوءِ سائين جن مون کي ڪو شعر ٻڌائڻ جو فرمائش ڪئي...! مون کين عرض ڪيو ته سائين! اڄ مان اوهان جي خدمت ۾ پنهنجي اُها ڪافي ٿو پيش ڪريان، جيڪا هن موقعي جي مناسبت سان به ٺهڪي اچي ٿي ته عالي جناب حضرت سائين طالب المولىٰ صاحب جي پسنديده ترين ڪافي آهي:

ٿلهه: توسان سينو ساهي ڪيرُ سچڻ،
پائي تنهنجي جُتيءَ ۾ پيرُ سچڻ.

1- ڪَن هارَ سينگار هزار ڪٽي،
ڪري سُرما تيل ڦليل ڦٽي،
ته به سرس سمجهان تنهنجي اک جي اٽي،
اهو اک اک جو آهي ڦير سچڻ!

2- تنهنجي درشن ۾ ديدارَ لکين،
هڪ پيارَ تنهنجي ۾ پيارَ لکين،
تنهنجي اکڙين جا اسرارَ لکين،
ڪو ان ۾ ايرُ نه پيرُ سچڻ!

3- تنهنجي جَلوَن جو نه جواب ڏٺم،
تنهنجي هستيءَ جو به حساب ڏٺم،
جڏهن قرب تنهنجي جو ڪتاب ڏٺم
لٿو ”ميرَ“ جي مَنَ جو ميرُ سچڻ!
توسان سينو ساهي ڪيرُ سچڻ،
پائي تنهنجي جُتيءَ ۾ پيرُ سچڻ.

پير سائين پاڳاري ان 'ڪافيءَ' کي ڪيتري غور سان ٻڌو، ان جو اندازو مون کي تڏهن ٿيو، جڏهن سڄي ڪافي ٻڌڻ کان پوءِ 'واهه واهه!' ڪري، چيائون ته اها ڪافي ته پنهنجو مَٽ پاڻ هئي، پر مير صاحب! اها 'اک جي آٿي' ڇاهي...!؟

مون جڏهن سائن ان جي وضاحت ڪئي ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ داد ڏيندا رهيا.

ان کان پوءِ مون کي چيائون ته پنڊال ۾ موجود ماڻهن کي چئو ته ڪجهه ڳالهائين، ڪجهه اسان جي ٻڌن ۽ ڪجهه اسان کي ٻڌائين...! اهڙي نموني ماڻهن سان پير صاحب جي ڪچهري شروع ٿي ويئي، تان جو افطاريءَ جو ٽائيم ٿي ويو! افطاري ڪرڻ کان پوءِ سائين جن جي اسان سان نجي ڪچهري ٿي، جيڪا پڻ ڪافي وقت هلي ۽ بعد ۾ پاڻ پنهنجي ماڳ ڏانهن روانا ٿي ويا!

مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن جي اها گهڻ رُخي شخصيت هئي، جنهن جو مثال اسان کي تمام گهٽ ملندو، توڙي جو اسان جي سڳوري سنڌ عظيم شخصيتن سان مالا مال رهي آهي، پر هڪ ئي وقت ايترن سارن ڳڻن جي جهجهائي ۾ هجڻ سنڌن ئي ورڇ هو. پاڻ جتي بي مثال شاعر ۽ اديب هئا، اتي سُٺا موسيقار به هئا، الله تعالىٰ سنڌن ڳلي ۾ اهڙو ته سُر ۽ سوز سمايو هو جو دل چوندي هئي ته ڪين ٻُڌبوئي رهجي! پاڻ جتي سنڌي ٻوليءَ جا وڏا پارکو ۽ ماهر هئا اتي فارسي، عربي ۽ اردو ٻولي تي به وڏي دسترس رکندا هئا. پاڻ نه رڳو ديني، سياسي، سماجي سرواڻ هئا، پر وڏا سنڌ پرست ۽ انسان دوست پڻ هئا. پاڻ جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن/ادارن جا اڳواڻ به هئا، تنهن هوندي به هڪ عام ورڪر جي حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا. شڪار ۽ راندين سان به گهڻي دلچسپي رکندا هئا. پاڻ فن جا ايڏا ته قدردان هئا جو وٽن فنڪارن، سگهڙن، شاعرن ۽ اديبن جون محفلون متل رهنديون هيون، سنڌن مالي سهائتا به ڪندا هئا. هونئن به سخاوت، عنايت، شرافت، محبت، فضيلت ۽ ڪرامت سنڌن سرشت ۾ شامل هوندي هئي ته سادگي، ڪشاده دلي، بلند اخلاقي، درياهه دلي، علم ادب دوستي، خدا ترسي، همدردي، سچائي، ايمانداري، ديانتداري، بردباري، فقيري، غريب پروري ۽ مفڪري به سنڌن رڳ رڳ ۾ سمايل هوندي هئي...!

مخدوم صاحب جن جي شخصيت اهڙي ته پُررونق، باغ بهارَ، باوقار ۽ باڪردار شخصيت هئي جو، جنهن تي جيترو به لکجي، سو گهٽ آهي، ليڪن جيئن ته مون سنڌن ساروڻين کي سهيڙي لکڻ جي ڪوشش آهي ۽ توڙي جو ڪوڙ سارين لکي به چڪو آهيان، تنهن هوندي به اڃا ڪيتريون ئي اهڙيون به آهن، جيڪي آهستي آهستي ذهن جي اسڪرين تي رونما ٿينديون وڃن ٿيون، جن کي وقت جي محدوديت سبب، في الحال لکڻ ناممڪن آهي.

سنڌن لاڏاڻي کي جيتوڻيڪ ويهه سال کن ٿي چُڪا آهن، پر سنڌن ساروڻ- سنڀارون اڄ به اسان لاءِ ائين آهن جيئن ماڪ پنل گلراز هجن، بلڪل ائين آهن، جيئن منهنجي ئي هڪ ڪلام جا ٻول:

'مون کي تنهنجون ساروڻ سهڻا،
جڻ ڪي ميگهه ملهارون سهڻا!'

٧٨٦

هالا نوان

16/10/87

آمين
...
الله

محترمي ۽ مڪرمي مير عبدالرسول صاحب "مير"

السلام عليڪم:- المعقدة ٻاهران موٽي اچڻ کان پوءِ هاڻ بلڊ پريشر جي تڪليف آهي. هن وقت ڪافي ڪمزوري آهي ۽ ملاقات جهڙي طبيعت نه آهي ڪري اخبار ۾ ڏيارايو آهي ته ٢٠ آڪٽوبر تائين ملاقات نه ڪندس آرام ڪندس.

اوهان جو خط مليو جنهن ۾ اوهان پنهنجي والد صاحب جي وفات جو ذڪر ڪيو آهي. اسان دعا گهري آهي ته خدا وند ڪريم مرحوم کي جنت نصيب ڪري. اوهان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

ساڳئي خط ۾ اوهان پنهنجي والده جي طبيعت جي ناسازي جو به ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسين دعا ڪريون ٿا ته الله کين ربُ پاڪ تندرستي سان وڏي ڄمار ڏيندو.

اوهان کي به دعا ڪريون ٿا ته خدا وند ڪريم اوهان کي خوش رکندو. وڌيڪ ملاقات جو موقعو ملندو ته حال احوال ٿيندا.

زياده والسلام

طالب المولىٰ

مخدوم طالب سجاده نشين

درگاهه مخدوم نوح هالا.

**جناب پروفيسر مير عبدالرسول "مير" ڏانهن، مخدوم زمان طالب المولىٰ جي لکيل خط جو عڪس**

## مخدوم جميل الزمان



# ويڙهو ڏيئي ويڪرو پهري ويا پٽ

آج تک اور برس بیت گیا اس کے بغیر
جس کے ہوتے ہوئے تھے زمانے میرے!

حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ عظيم سياستدان، اديب، سدا حيات شاعر، دانشور ۽ روحاني پيشوا هئڻ سان گڏوگڏ شفيق انسان ۽ چير چانو هئا. سندن خدمتون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن. پاڻ ڪڏهن بہ اصولن تي سودي بازي نہ ڪيائون. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان لڳاءُ هئڻ ڪري پاڻ انجمن علم و ادب هالا، جمعيت شعرا سنڌ، اداره روح و ادب ۽ بزم طالب المولىٰ جا مرڪزي سرپرست ۽ ريڊيو پاڪستان، پاڪستان ٽيليويزن جي مشاورتي ڪميٽيءَ جا ميمبر ٿي رهيا. سندن سرپرستيءَ ۾ هفتيوار پاسبان، اخبار الزمان، ماهوار رسالو طالب المولىٰ پڻ شايع ٿيو جيڪو دادو مان نڪرندو هو. ٻيو رسالو شاعر نالي سان ۽ ٽيون رسالو روح ادب نالي سان حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ڪي سماجي ۽ ادبي خدمات طور صدر ايوب خان جي دؤر اقتدار ۾ تمغۂ پاڪستان ڏنو ويو. پاڻ ٻہ ڀيرا سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا. جنرل ضياءالحق جي آمرانہ دؤر ۾ حڪومت طرفان زور رکيو ويو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي ڇڏي حڪومت جي حمايت ڪن، پر پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي ڇڏڻ بجاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين شپ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائون.

ڪين پ پ جو مرڪزي وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ۽ پاڻ آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيا. سندن هڪڙو اهم فيصلو پ پ پ جي هالا ڪنوينشن جو انعقاد هو. جنهن ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن ڪنوينشن ۾ اڳوڻي مغربي ۽ مشرقي پاڪستان مان وڏا وڏا سياسي اڳواڻ ۽ مندوبين شريڪ ٿيا.

پاڻ 1947ع ۾ تحريڪ آزادي جا سرگرم ڪارڪن رهيا. 1950ع ۾ ٽائون ڪميٽي هالا جا صدر ۽ 1960ع ۾ چيئرمين ٿي رهيا. 1971ع ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي حيثيت سان پاڻ هالا تڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيا. 1973ع ۾ شهيد ڀٽو جي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيل خطرناڪ ٻوڏن دوران پنهنجي سروري جماعت جي خليفن ۽ مريدن سان گڏجي بندن جي حفاظت ڪيائون. ڪين 1990ع ۾ صدر پاڪستان غلام اسحاق خان ادب، ثقافت ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور 'هلال امتياز' ڏنو. پاڻ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جا سرپرست بہ هئا. سندن سرپرستيءَ ۾ جيڪي تعليمي ادارا هلندڙ هئا، انهن ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا، طالب المولىٰ اوريئنٽل ڪاليج هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ پاڻ ٺهرايائون. پاڻ صحافين جي پڻ مختلف طريقن سان مدد ڪندا هئا. لوڪ ادب جي بہ سرپرستي ڪندا هئا. وقت بوقت سگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائيندا هئا. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي حياتيءَ ۾ سندن ڪافي تصنيفون شايع ٿيون. جن ۾ بهار طالب، رباعيات طالب، خود شناسي، شيطان، اسلامي تصوف، امام غزاليءَ جا خط يادرفتگان، مثنوي عقل ۽ عشق، ڪچڪول، ڇپر ۾ ڇڙيون، ڪافي، ديوان طالب المولىٰ، شان سروري، ٻي پير اکيون، سنڌ جو شڪار مصريءَ جو ٽڙون، ڇهنڊڙيون ۽ آب حيات شامل يتيمن جي اهڙي طرح سارسنڀال لڌائون ۽ امداد ڪيائون، جنهن جي خبر صرف سندن ذات تائين محدود هئي.



رسول بخش گچيرائي

# مخدوم محمّد زمان سادس ”طالب المولىٰ“

سنڌ سونهاري صدين کان عظيم انسانن جي ڌرتي پئي رهي آهي، پوءِ اُهي اصل کان هن ڌرتيءَ تي رهندڙ هئا يا ٻاهران منتقلي ڪري اچي سنڌ ملڪ کي امن ۽ محبت جو خطو سمجهندي هميشہ لاءِ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پاڻ کي هميشہ لاءِ نہ صرف سنڌي هئڻ جو جامو پهرايو بلڪ سنڌي هئڻ تي فخر محسوس ڪيو ۽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بي لوث خدمت ڪئي. اهڙن خاندانن مان حضرت مخدوم محمّد زمان سادس عرف ”طالب المولىٰ“ جن جو خاندان صفِ اول ۾ اچي ٿو.

**مخدوم صاحب جن جو مختصر خانداني پس منظر:**

مخدوم طالب المولىٰ جن جي خاندان جو پهريون بزرگ حضرت مخدوم فخرالدين ڪبير عرب ملڪ کان هجرت ڪري ڪوٽ ڪروڙ (ديره غازي خان) کان ٿيندو سنڌ جي تاريخي شهر ”بوبڪ“ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي، جتان سندن پوٽو حضرت مخدوم فخرالدين صغير بن عزالدين بن مخدوم فخرالدين ڪبير، سنڌ جو سير ڪندي ڳوٺ ”توڙي“ مان اچي لانگهائو ٿيو جو ”هالا“ قوم جي زمينداريءَ هيٺ هو ۽ قديم محاوري موجب اهو ڳوٺ ”هالاڪنڊي“ جي نالي سان سڏبو هو. جنهن کي هاڻي ”هالا پراڻا“ سڏجي ٿو. اتان جي ماڻهن جي التجا تي مخدوم فخرالدين صغير هالاڪنڊيءَ ۾ رهي پيو. هيءُ اهو دور آهي جنهن ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن جو جد اعلىٰ حضرت سيد حيدر شاهہ بن حضرت سيد مير علي شاهہ تيموري فوجن سان گڏ هرات کان هالہ ڪنديءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي.

حضرت مخدوم فخرالدين صغير جو ڏوهٽو حضرت مخدوم لطف الله المعروف حضرت مخدوم نوح سرور سهروردي پنهنجي وقت جو وڏو عالم، حافظ، عارف، غوث، اهلِ دل ۽ دُرويش ٿي گذريو آهي جي سنڌي ۽ فارسيءَ جو شاعر پڻ ٿي رهيو آهي، جنهن برصغير ۾ سڀ کان پهريان قرآن پاڪ جو فارسيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو.

حضرت مخدوم محمّد زمان سادس ”طالب المولىٰ“ جن جو سلسلہ نسب هن طرح حضرت مخدوم نوح سرور ﷫ جن سان ملي ٿو:

حضرت مخدوم محمّد زمان سادس ”طالب المولىٰ“ بن مخدوم غلام محمّد عرف ”گلڻ ڄام“ بن مخدوم ظهيرالدين عرف ”پريل ڄام“ بن مخدوم محمّد.

حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن جو سلسلہ نسب حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جن سان هن طرح ملي ٿو:

(1) حضرت مخدوم محمّد زمان سادس ” طالب المولىٰ“ 16هان سجاده نشين درگاهہ مخدوم نوحؒ

(2) بن حضرت مخدوم غلام محمّد عرف ”گلڻ ڄام“ 15هان سجاده نشين درگاهہ مخدوم نوحؒ

(3) بن مخدوم ظهيرالدين عرف ”پريل ڄام“ 14 هان سجاده نشين درگاهہ مخدوم نوحؒ

(4) بن مخدوم امين محمّد ثالث عرف ”پکن ڏٽي“ 13 هان سجاده نشين درگاهہ مخدوم نوحؒ محمّد زمان خامس جا والد ۽ 12هان سجاده نشين.

(5) بن حضرت مخدوم محمّد زمان رابع 11 هان سجاده نشين (۽ 13هين سجاده نشين حضرت مخدوم محمّد زمان خامس جا ڏاڏا).

(6) بن مخدوم امين محمّد ثاني 10هان سجاده نشين
(7) بن مخدوم ميان پنيلتو (ڇهين سجاده نشين مخدوم محمّد زمان ثاني جو پوٽو)
(8) بن مخدوم ميان مٺن ثاني (ڇهين سجاده نشين جا فرزند)
(9) بن مخدوم محمّد زمان ثاني (ڇهون سجاده نشين درگاهه مخدوم نوحؒ
(10) بن مخدوم مير محمّد ثاني، پنجون سجاده نشين درگاهه مخدوم نوحؒ
(11) بن مخدوم ميان مٺن اول (ٻئي سجاده نشين حضرت مخدوم ابوالخير محمّد جا پوٽا)
(12) بن مخدوم ميان مير محمّد اول (ٻئي سجاده نشين جا فرزند)
(13) بن مخدوم ميان ابوالخير محمّد (ٻيو سجاده نشين) درگاهه مخدوم نوحؒ
(14) بن مخدوم امين محمّد اول (پهريون سجاده نشين درگاهه مخدوم نوحؒ
(15) بن حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ (16) بن مخدوم نعمت الله (17) بن مخدوم محمّد اسحاق (18) بن مخدوم شهاب الدين (19) بن مخدوم فخرالدين صغير (20) بن مخدوم عزالدين (21) بن مخدوم فخرالدين ڪبير، جيڪو سنڌ ۾ پهريان آيو.

(22) بن ابوبڪر ڪتاني (23) بن اسماعيل (24) بن عبدالله (25) بن نصرالدين (26) بن سراج الدين (27) بن خيرالدين (28) بن ابي اعصم (29) بن محمّد (30) بن وحيدالدين (31) محمّد مسعود (32) بن محمّد قاسم (33) بن محمّد بن (43) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه.

جڏهن ته روحاني سلسلو يا سجاده نشين جو سلسلو مخدوم نوح سرورؒ جن جو هيٺينءَ طرح مخطوم طالب المولىٰ تائين پهچي ٿو:

(1) حضرت مخدوم امين محمّد اول (2) حضرت مخدوم ابوالخير محمّد (3) حضرت مخدوم عبدالخالق (4) حضرت مخدوم محمّد زمان اول (5) حضرت مخدوم مير محمّد ثاني (6) حضرت مخدوم محمّد زمان ثاني (7) حضرت مخدوم مير محمّد ثالث (8) حضرت مخدوم محمّد زمان ثالث (9) حضرت مخدوم مير محمّد رابع (10) حضرت مخدوم امين محمّد ثاني (11) حضرت مخدوم محمد زمان رابع (12) مخدوم امين محمّد ثالث (13) حضرت مخدوم محمّد زمان خامس (14) حضرت مخدوم ظهيرالدين (15) حضرت مخدوم غلام محمّد (16) حضرت مخدوم محمّد زمان سادس طالب المولىٰ

## حضرت مخدوم طالب المولىٰ جي ولادت ۽ تعليم:

حضرت مخدوم محمّد زمان سادس "طالب المولىٰ" جي ولادت 6 محرم الحرام 1338هه مطابق 4- آڪٽوبر 1919ع تي ٿي. سندن اذان جو نالو محمّد زمان رکيو ويو. سندن ڏاڏو مخدوم ظهيرالدين جن کين "پيرل سائين" ڪري سڏيندا هئا ڇاڪاڻ ته مخدوم محمّد زمان خامس کي به "پيرل سائين" سڏيو ويندو هو. مخدوم محمّد زمان کي دائي مشتاق علي سڏيندي هئي. مخدوم صاحب جن پنهنجي والد کي اڪيلا فرزند هئا. ڇاڪاڻ ته مخدوم غلام محمّد جا به فرزند هڪ سائين طالب المولىٰ کان وڏو ۽ هڪ ننڍو فرزند ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويا هئا.

حضرت محمّد زمان طالب المولىٰ جن پنهنجي تعليم جي ابتدا درگاهه مخدوم نوح سرورؒ جي خادم ۽ عالم حافظ مولانا ولي محمّد کان قرآن پاڪ پڙهڻ سان ڪئي ۽ سنڌيءَ جي تعليم ماستر حاجي عبدالغفور وڪيلاڻي ۽ آخوند حاجي عبدالرحمٰن "انجم" وٽ پڙهيا. مولوي عبدالحئي ۽ مولوي محمّد عالم وٽ فارسي جي تعليم ورتائون. ان بعد به سال پنهنجي والد بزرگوار مخدوم غلام محمّد جي تربيت هيٺ رهيا. مولوي محمّد عالم ۽ سنڌي خان "صيد" وٽ خوشخطيءَ ۾ خاص مهارت حاصل ڪيائون. ڪجهه وقت پنهنجي چاچي مولوي غلام حيدر صديقيءَ وٽ به فارسي پڙهيا هئا. فارسيءَ ۾ دوايو، ته وايو،

ڪريم، ۽ ڪجهہ سڪندرنامي جو حصو پڙهيا. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان مثنوي مولانا روميءَ مان پهرين بيت جو سبق وٺي سنڌن شاگرديءَ ۾ شامل ٿيا، ان کانسواءِ گلستان بوستان پڻ پڙهيا. تنهن کانسواءِ ديوان حافظ (فارسي) ۽ تحفة الڪرام (فارسي) جو پورو مطالعو پنهنجي والد محترم جي ارشاد تي ڪيائون ۽ پنج گنج چشت اهل بهشت جيڪو فارسيءَ ۾ تصوف ۽ فلسفي جو ڪتاب هو اهو پڻ مڪمل پڙهيائون، علم قيافي بہ پنهنجي والد محترم کان سکيا ۽ انگريزيءَ جي تعليم غلام رضا پٽي کان حاصل ڪيائون.

## مخدوم طالب الموليٰ جن جون شاديون:

حضرت مخدوم طالب الموليٰ جن ٻہ شاديون ڪيائون. پهرين شادي اٽڪل 18 يا 19 سالن جي عمر ۾ "آچ شريف" (ٽنڊو باگو لڳ) جي صديقي پيرن جي بزرگ پير امام علي صديقي جي همشيرہ سان ٿي.

مخدوم صاحب جن جي هن حرم 14- نومبر 1940ع تي وصال ڪرڻ فرمايو، تنهن کانپوءِ سائين طالب الموليٰ جي ٻي شادي 9- ڊسمبر 1942ع تي مولوي فضل غزنويءَ جي دختر نيڪ اختر سان ٿي. مخدوم طالب الموليٰ کي ٻنهي حرمن مان 6 فرزند تولد ٿيا جن جا نالا هن طرح آهن:

(1) حضرت مخدوم امين محمد يا محمد امين رابع "فهيم" 17 هان سجاده نشين، (2) مخدوم خليق الزمان (3) مخدوم رفيق الزمان (4) مخدوم شفيق الزمان (5) مخدوم سعيد الزمان ۽ (6) مخدوم نويد الزمان.

## مخدوم محمد زمان سادس طالب الموليٰ 16 هان سجاده نشين:

حضرت مخدوم غلام محمد عرف گلڻ ڄام 15 هان سجاده نشين درگاهہ مخدوم نوح سرور ﷺ جن 30 ذوالحج 1363هہ مطابق 16- ڊسمبر 1944ع تي وصال ڪرڻ فرمايو، تنهن بعد حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن 16هين سجاده نشين جي حيثيت ۾ حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ جن جي روحاني منصب صفر المتظفر 1364هجري مطابق جنوري 1945ع تي چاليهي جي موقعي تي سنڀالي ان کانسواءِ مولوي غلام حيدر صديقي (مخدوم طالب الموليٰ جا چاچا) 27 رمضان المبارڪ 1372هجري مطابق جُونِ 1953ع تي وفات ڪري ويا انڪري مخدوم طالب الموليٰ جن دنيوي ڪاروهنوار پڻ سنڀاليو

## مخدوم طالب الموليٰ جن جي شاعري، شاعرانہ خدمتون، ادبي ۽ صحافتي خدمتون:

مخدوم طالب الموليٰ کي ننڍي هوندي کان ئي شاعري ۽ ادب سان شوق هوندو هئو، 1930ع ۾ ناري جي گشت تي ويا جتي سنڌن درگاهہ جو شيدائي منٺار فقير راڄڙ رهندو هو، ان سان رهاڻ ٿين جو روزانو صبح جو کين هڪ نئون "ڏهر" ڳاهي ٻڌائيندو هو. جتان کين شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو. اتان واپس اچڻ بعد هڪ ڏينهن هالا جي اُتر طرف شڪار تي وڃڻ جو اتفاق ٿين جتي في البديهہ جهونگاريندي زبان تي کين هيءُ سٽون آيون تہ:

يااِلٰهي يار مون ايندو ڪڏهن،
درد دل جو دورهي ٿيندو ڪڏهن.

۽ هيءُ شعر ئي سنڌن شاعريءَ جون ابتدائي سٽون هيون، ان زماني ۾ محمد صديق "مسافر" ٽنڊي باگي وارو اڪثر هالا ۾ ايندو رهندو هو. تنهن سان مخدوم صاحب جن جون شاعريءَ متعلق رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون، محمد صديق "مسافر" کانسواءِ الهہ بخش عقيلي، حافظ احسن چنا، محمد سبحان "خاڪ"، ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل"، "محمد بچل "محبوب"، اسدالله شاهہ "بيخود"، محمد خان غني، اختر هالائي، علي محمد خالدي، پير شاهہ نواز شاهہ عرف "عارف الموليٰ" ڊنڙائي، صاحبزاده امداد عباس جهوڪ شريف وارو، احمد خان آصف مصراڻي، صوفي ساجد سرشاري، محمد جمن هالو، جمع خان غريب، احسن الهاشمي، انور هالائي، منصور ويراڳي ۽ ٻين شاعرن، اديبن ۽ سگهڙن سان پڻ سنڌن شاعريءَ تي رهاڻيون ٿينديون هيون.

مخدوم طالب الموليٰ شاعريءَ ۾ پهريائين تخلص "بيوس" پوءِ "فراق"، محمد زمان، طالب، زمان شاهه استعمال ڪندا هئا، ليڪن آخر ۾ 1949ع کان هميشه "طالب الموليٰ" تخلص ئي استعمال ڪندا رهيا.

مخدوم طالب الموليٰ جن 1931ع کان 1934ع وارن سالن جي وچ ۾ شاعري شروع ڪيائون. پاڻ 1936ع ۾ هالا ۾ "انجمن علم و ادب" جو بنياد رکيائون. 1946ع ۾ جڏهن سنڌ جي جماعت "جميعت الشعراء" وجود ۾ آئي ته پاڻ ان جا ميمبر ٿي رهيا ۽ ان ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکيائون. 1950ع ۾ "جميعت الشعراء سنڌ" جي حيدرآباد واري شاعرن جي ڪانفرنس ۾ مخدوم طالب الموليٰ کي "محبوب الشعراء" جو لقب ڏنو ويو. ساڳي جماعت "جميعت الشعراء سنڌ" 1952ع ۾ جيڪب آباد واري اجلاس ۾ مخدوم صاحب جن کي "جمعيت الشعراء سنڌ" جو سرپرست ۽ 1957ع ۾ گهوٽڪي واري اجلاس ۾ "جمعيت الشعراء سنڌ" جو سرپرست ۽ ان سان گڏوگڏ صدر پڻ مقرر ڪيو ويو. 1954ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائون ۽ ماهوار رسالو "روح ادب" جاري ڪيائون. ان کان اڳ 1950ع ۾ ماهوار رسالو "فردوس" ۽ 1952ع ۾ "طالب الموليٰ" سندن سرپرستي هيٺ جاري ٿيا. مارچ 1955ع کان سنڌي ادبي بورڊ هڪ خودمختيار اداري جي شڪل ورتي ته پاڻ ان جا ميمبر رهيا ۽ پوءِ به پيرا سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا. نومبر 1955ع ۾ "بزمِ طالب الموليٰ" جو بنياد رکيائون. پاڻ هڪ پريس "الزمان" جي نالي سان ڪڍي جنهن مان هفتيوار اخبار "پاسبان" ۽ "الزمان" جاري ٿيون.

مخدوم طالب الموليٰ جن "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" ۽ "ڪلچرل مرڪز" جا ميمبر ۽ يادگار ڪائونسل جا نائب صدر رهيا. 1954ع ۾ سندن سرپرستي هيٺ "شاعر" رسالو نڪرڻ لڳو ۽ 1955ع ۾ راڳ ڪانفرنس پڻ ڪوٺايائون. مخدوم صاحب راڳ جي تربيت مشهور گويي استاد سينڌي خان کان حاصل ڪئي. ڪين ڪافيءَ تي وڏو عبور حاصل هو. سندن ڪافي سنڌ خواهه هر ان خطي ۾ جتي سنڌي رهن ٿا، اتي نهايت شوق سان ڳائي وڃي ٿي.

پاڻ اٽڪل 175000 (پوڻا ٻه لک) شعر چيا آهن.

## مخدوم طالب الموليٰ جي سياسي زندگي:

مخدوم طالب الموليٰ جن سياسي تربيت ۽ رهنمائي پنهنجي چاچي مخدوم غلام حيدر صديقيءَ کان حاصل ڪئي، ۽ هڪ بهترين سياستدان، وفادارسائي ۽ تعميري سوچ رکندڙ اڳواڻ هئا. 1951ع ۾ 31 سالن جي عمر ۾ سياست ۾ پير پاتائون. مخدوم صاحب جن پهريائين مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا ۽ 1953ع ۾ بنان مقابلي جي سنڌ اسيمبلي جا ميمبر منتخب ٿيا. صدر ايوب خان جي مارشل لا بعد قومي اسيمبليءَ جا ميمبر منتخب ٿيا. 1967ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي صاحب مسلم ليگ ڇڏي صدر ايوب خان جي خلاف تحريڪ هلائي ۽ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو ته مخدوم طالب الموليٰ به مسلم ليگ ڇڏي ان تحريڪ ۾ شامل ٿيا ۽ ڀٽي صاحب جي ٺاهيل پارٽي "پاڪستان پيپلز پارٽي" ۾ شامل ٿيا. جيڪا پارٽي حقيقت ۾ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي پهرين درسگاهه هئي. مخدوم صاحب جن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو نه صرف بنيادي ميمبر بنايو ويو، پر ڪين پارٽيءَ جو مرڪزي ميمبر ۽ سينئر وائيس چيئرمين مقرر پڻ ڪيو ويو، ۽ مسلسل آخري عمر تائين يعني اٽڪل 25 سال پارٽيءَ سان وفادار رهيا ۽ سندن خاندان اڄ به پارٽيءَ سان گڏ آهي، سندن فرزند مخدوم امين محمد هن وقت پارٽيءَ (پارليامينٽرين) جا سربراهه آهن.

مخدوم طالب الموليٰ جن 1970ع ۽ 1977ع ۾ پڻ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا ويا.

## مخدوم طالب الموليٰ جي ڪلام جو نمونو:

1- مٺا مير مرسل ولهين جو تون والي
وريو تو وٽان ڪو سوالي نه خالي

کنن کوجھڙن جو ھلي کونہ حيلو
تون ئي عيبدارن جو واھر وسيلو
مڙئي توکي پرتا ھي عالي موالي
تون ئي طالب جو! ھيو کير آھي
محمد مٺا ھاڻ پرواہ ناھي
سنڌ لڄ ۽ لڏ سڀ سڄڻ تو سنڀالي
مٺا مير مرسل ولھين جو تون والي.

2- بي تحرڪ زندگي بيڪار آ
بي عمل انسان چڻ بيمار آ.

3- ٿا دنيا ۽ عقبيٰ جا طلب مرن
مگر طالب المولىٰ آھي امر.

4- زماني جي ھوا بدلي شفيق و مھربان بدليا
نہ بدليو طالب المولىٰ زمين و آسمان بدليا.

5- ڪندي چا اسان کي پيري اميري
اسان لاءِ ڪافي، فضيلت فقيري.

## مخدوم طالب المولىٰ جون تصنيفون ۽ ترجما:

- ”يادِ رفتگان“، پھريون ڇاپو 1953ع ۽ ٻيو ڇاپو 1994ع.
- ”مثنوي عشق و عقل“، پھريون ڇاپو 1956ع ۽ ٻيو ڇاپو 1983ع.
- ”ڪافي“ پھريون ڇاپو 1958ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1962ع ۾.

ھيءُ ڪتاب ڪافيءَ تي ھڪ تحقيقي ڪتاب آھي.

- ”بي پير اڪيون“ 1987ع ۾ پھريون ڇاپو ڇپيو.
- ”ڇپر ۾ ڇڙيون“ (بيت ۽ ڪافيون) پھريون ڇاپو 1971ع ۾ ٻيو ڇاپو 1990ع ۾ ٽيون ڇاپو 2005ع ۾ چوٿون ڇاپو 2011ع ۾
- ”آبِ حيات“ ڪافيون ۽ بيت.
- ”ديوانِ طالب المولىٰ“ پھريون ڇاپو 1982ع ۾.
- ”ڪچڪول“ ڪافيون ۽ بيت 1955ع ۾ سنڌي اردو ۽ فارسي.
- ”بھار طالب“ نعتيہ شاعري.
- ”رباعيات طالب“ پھريون ڇاپو 1949ع، ٻيو ڇاپو 1990ع ۾.
- ”امام غزاليءَ جا خط“ 1953ع ۾ ڇپيو.
- ”لغات سنڌي“ مخففات 1954ع ۾.
- ”اسلامي تصوف“ 1951ع ۾.
- ”ڇُھنڊڙيون“ پھريون ڇاپو 1990ع ۾ ٻيو ڇاپو 1992ع ۾ ڇپيو.

- ”خودشناسي“ ترجمو ڪيل.
- سنڌ جو شڪار“.
- ”يار خاطر“.
- ”مضامين طالب المولىٰ“.
- سماع العاشقين في سرور الطالبين“.
- ”سدا وسين سنڌڙي“ سنڌي بيت 1990ع.
- شانِ سروري (نعتيہ ڪلام) 1962ع.
- ”شاعريءَ جو ڪتاب“ (غزل ۽ ڪافيون).
- ”مشاهيرن، اديبن ۽ دوستن جا خط“ جيڪي سندن ڏانهن لکيل آهن.
- ”ڊائريون“ 1940ع کان 10- جنوري 1997ع تائين ترتيب ڏئي ويا.
- ”شيطان“ 1951ع.
- ”مصري جون ٽڙون“ (اقوال) انگريزيءَ ۾ ترجمو حبيب الله صديقيءَ ڪيو جنهن جي رونمائي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪرڻ فرمائي هئي.
- ”منهنجو نتيجو“ (آٽوبايوگرافي).

حضرت مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ کي سياسي، سماجي، علمي و ادبي خدمتن جي مڃتا طور تمغہ پاڪستان، هلال امتياز ۽ شاهہ عبداللطيف ايوارڊ ڏنا ويا.

مخدوم محمّد زمان سادس ”طالب المولىٰ“ 11- جنوري 1993ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا ۽ ان ئي تاريخ تي سندن 20هين ورسي ملهائي وئي.

آخر ۾ هنن ئي سٽن تي مضمون جي پڄاڻي ڪندس:

جنهن سنڌي ادب کي سيراب ڪيو  
سچي سياست کي اختيار ڪيو  
جو سنڌي ٻولي کي سينگاري ويو  
سنڌ ساري کي مهڪائي ويو  
سو سنڌ سان ساٿ نڀائي ويو  
سچ جو سبق سيکاري ويو.

## سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپيل نوان ڪتاب

◙



آزاد قاضي

# سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا تعلقات

سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" نہ رڳو هڪ ٻئي جا همعصر هئا، پر عملي زندگيءَ جا ڪيترائي اهڙا شعبا آهن، جن جا ٻئي شهسوار هئا. نہ رڳو ايترو پر مخدوم صاحب جيڪو سائين جي.ايم.سيد جو ننڍو همعصر هو ۽ عمر ۾ ڪائنس 15 سال ننڍو هو، پر سندن هڪ ٻئي سان قربت جا بنيادي سبب اُهي قديم خانداني لاڳاپا هئا، جيڪي مخدوم ظهيرالدين صاحب جي وقت کان مخدوم خاندان ۽ سنائي سيدن وچ ۾ هلندڙ هئا. خانداني لڳ لاڳاپن واري دنيا وسيع ٿئي ٿي، ان ۾ زماني سازي سبب ڪيئي لاها گاها اچن ٿا، اهو ٻنهي ڌرين جي صلاحيتن تي منحصر آهي تہ اُهي اهڙن لهرن ۽ لوڏن ڀري دنيا مان ڪيئن ٿا لڏي لمي پار پون ۽ ڪيتري حد تائين ناتا نڀائين ٿا.

سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم 'طالب المولىٰ' جي تعلقات کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ اسان کي مٿي ذڪر ڪيل خانداني پس منظر ۽ ابتدائي تعلقات تي نظر وجهڻي پوندي.

سائين جي.ايم.سيد، مخدوم طالب المولىٰ جي ڏاڏي مخدوم ظهيرالدين صاحب جو تذڪرو ڪندي لکيو آهي تہ سندس:

> "منهنجي والد سان دوستي هئي. هو مون کي پدرانہ شفقت ۽ محبت جي نگاهہ سان ڏسندو هو." (سيد، 2004ع، ص 90)

مٿين جملن مان مخدوم خاندان سان، سيد خاندان جي ديرينہ تعلقات جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو. اهڙي نوعيت وارن تعلقات سبب روزمره جي معاملن ۾ هڪ ٻئي سان صلاح مصلحت واري مقصد سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لازمي ٿيو پوي مخدوم ظهيرالدين سائين جي.ايم.سيد کان وڏو هو، انڪري ئي سيد صاحب پاڻ سان روين بابت، پدرانہ شفقت جهڙو جملو استعمال ڪيو آهي. ايتري قربت سبب مخدوم صاحب سيد صاحب جي شروعاتي ڪمن ڪارين بابت پڻ خبر چار وٺندو رهندو هو. اهوئي سبب هو، جنهن ڪري 1924ع ۾ جڏهن سيد صاحب مٽياري سيدن جي ڪانفرنس سڏرائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيو هو. تڏهن مخدوم ظهيرالدين صاحب کيس پاڻ وٽ گهرائي ان ڪم واري مقصد جي حاصلات بابت پڇا ڳاڇا ڪري، کيس پنهنجي نيڪ صلاحن سان نوازيو هو. سائين جي.ايم.سيد لکي ٿو:

> 'مون کيس ٻڌايو تہ ان مان منهنجو مطلب هن طبقي جي اخلاقي اصلاح آڻي، کين خلق خدا جي خدمت ۽ سندس بزرگن وانگر هدايت ۽ صحيح تعليم ڏيارڻ طرف راغب ڪرڻ آهي. جنهن تي صلاح ڏيني تہ مٽياري سيدن جي انجمن ناهڻ بعد لکيارين جي انجمن ناهي، ساريءَ سنڌ جي سيدن، پيرن جي ڪانفرنس سڏائجي. کيس ان ڳالهہ جو اهڙو اونو هو، جو وقت بوقت لکي پڇندو هو تہ انهيءَ ڳالهہ ڪيتريقدر واڌارو ڪيو آهي.' (سيد، 2004ع، ص 90)

اڳتي هلي مخدوم خاندان جو ڪاروهنوار جڏهن مخدوم غلام حيدر جي هٿ هيٺ آيو، جنهن سان سيد صاحب جي خانداني لحاظ کان، سندس والد مخدوم ظهيرالدين سان ميل ملاقات دوران 1921ع کان واقفيت ٿي چڪي هئي. ان واقفيت سبب آهستي آهستي ٿي سندن پاڻ ۾ دوستاڻو رستو ٿي ويو هو. پر سندن اهو رستو 8-10 سالن اندر سياسي مخالفت جي ور چڙهي ويو. ان ڳالهہ طرف اشارو ڪندي سائين جي.ايم.سيد لکي ٿو:

> 'اهو آخر تائين هلندو اچي ها، جيڪڏهن سياسي ڳالهيون انهيءَ ۾ رُخنو نہ وجهن ها.' (سيد، 2004ع، ص 258)

اهي سياسي ڳالهيون جن جو مخدوم خاندان ۽ سيد خاندان جي قديمي تعلقات تي اثرانداز ٿيون، انهن جي ابتدا

ڪجھ هن ريت ٿي. 1928ع ۾ جڏهن سيد ميران محمد شاھ بمبئي ڪائونسل ۾ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر طور اليڪشن وڙهي رهيو هو، ان وقت خانداني تعلقات سبب، سائين جي.ايم.سيد جي خواهش تي، مخدوم غلام حيدر، سيد ميران محمد شاھ جي مدد ڪري، ڪيس ان عهدي تي چونڊرايو هو. 1930ع ۾ جڏهن ٻيهر وري بمبئي ڪائونسل جي چونڊ وقت سائين جي.ايم.سيد ساڳي ڪم لاءِ سنڌس وٽ ويو، ان وقت تائين ساڳي ڪم لاءِ مخدوم خاندان تي هر طرف کان زور بار پوڻ لڳا هئا، مخدوم غلام حيدر اڳ وانگر تعاون نه ڪري سگهيو. انڪري بقول سائين جي.ايم.سيد: ”آهستي آهستي ٿي شڪررنجي پيدا ٿي، جوانيءَ ڪري رت گرم ۽ تجربو ٿورو هو، سياست ۽ شخصي تعلقات کي جدا ڪري هلائڻ جو شعور ۽ جذبو پيدا ڪونه ٿيو هو. اهي اختلاف وڌي وڃي ٿيا.“ (سيد، 2004ع، ص 254)

مخدوم غلام حيدر جي دور ۾ سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب جن جي متضاد خيالن سبب، سياسي معاملن تان جيڪي اختلاف ٿي پيا هئا، جنهنڪري سندن خانداني تعلقات ۾ وڇوٽي پوڻ لڳي هئي، اڳتي هلي سيد صاحب کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو، انڪري هڪ هنڌ لکيو اٿس:

’تجربي ۽ سمجھ گھٽ هئڻ ڪري، رواداريءَ جي خبر ڪانه هيم. هاڻ (1966ع ۾) معلوم ٿيڻ لڳو آهي ته اڪثر سياستدان ننڍن ٻارن وانگر رسڻ پرچڻ لڳن ٿا. هنن لاءِ دنيا ومافيها سياست رهي ٿي. ڪاش اها سمجھ ان وقت اچي ها، ته هن علم دوست، اديب، پراڻي رفيق، مهربان دوست سان قديم نيازمندانه تعلقات آخر تائين قائم رهندا اچن ها، پر هاڻ ڪجھ ٿي نه ٿو سگهي.‘ (سيد، 2005ع، ص 255)

مٿيون افسوس ڀريو انداز اختيار ڪرڻ کان پوءِ سيد صاحب مخدوم محمد زمان ”طالب الموليٰ“ طرف اشارو ڪندي هن طرح رقمطراز آهي.

’هن وقت مخدوم ميان غلام حيدر جو پائيٽو مخدوم صاحب به سياست ۾ آهي. سندس پاليسي به ساڳي، مصلحتن جي لحاظ کان حڪومت جي طرفداري آهي، پر اميد ته ماضيءَ کان سبق پرائي، اهڙي گستاخي نه ڪبي، جو سياست کي شخصي، ثقافتي ۽ خانداني تعلقات ۾ دخل انداز ٿيڻ ڏبو.‘ (سيد، 2005ع، ص 255)

سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم ”طالب الموليٰ“ جي عملي زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هيٺ ذڪر ڪيل ٽي مشغلا ٻنهي بزرگن ۾ مشترڪ هئا.

(الف) پڙهڻ لکڻ سان چاھ

(ب) ثقافتي سرگرمين ۾ دلچسپي

(ج) سياسي زندگيءَ جو سفر

(الف) سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم طالب الموليٰ جي علمي خدمتن کان هرڪو واقف آهي، ٻنهي جو پڙهڻ ۽ پوءِ لکڻ سان لڳاءُ ابتدا کان نظر اچي ٿو. هتي سندن ڪيل علمي خدمتن کي نروار ڪرڻ مقصد ڪونهي، پر علمي حوالي سان سندن لاڳاپن بابت ڪجھ ڳالهيون بيان ڪجن ٿيون. جن سان سندن تعلقات بابت پروڙ پوي ٿي.

جڏهن مخدوم صاحب 1950-1951ع ۾ ”شيطان ابوالجنان“ جي اصليت بابت مواد هٿ ڪرڻ وارو ڪم ڪري رهيو هو، تڏهن سائين جي.ايم.سيد ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب کي لکيو:

”اوهان ”شيطان کي سمجهڻ لاءِ“ رايا ڳهرايا آهن منهنجي ناقص عقل موجب بهتر ائين ٿيندو ته اوهان ملائڪ ۽ شيطان کي ساڳي وقت سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. ڇو جو ان کان سواءِ صرف هڪ شيءِ کي سمجهڻ ناممڪن آهي.“ (طالب الموليٰ، 1951ع، ص 67)

ان سلسلي ۾ سيد صاحب وڌيڪ هن ريت فرمايو:

”قديم وقت کان انهيءَ جي معلوم ڪرڻ جا ٻه طريقا ٻڌايل آهن: (1) عشق (2) عقل...

عشق ۾ اثباتي آهي، عقل نفي آهي. اثبات جي آڻڻ لاءِ نفي ضروري آهي، نفي تڏهين حاصل ٿيندي آهي جڏهين 'لا' جي تکبير سان: (1) غلط منهب (جهالت) (2) حرص ملکيت ۽ مال (3) بداخلاقيءَ جا بت ڀڄيا... عقل جو اهو ارشاد آهي عشق جي دنيا ۾ کلفت ۽ دوئيءَ کان مٿي ٻيو شيطان نہ آهي." (طالب الموليٰ، 1951ع، ص 68)

سائين جي.ايم.سيد 1967ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪتاب "شاھ لطيف جون ڪافيون ۽ وايون" شايع ٿئي ڪرايو تڏهن ان مسودي تي علمي حوالي سان نظرثاني ڪري، عالمانہ راءِ ڏيڻ جي سلسلي ۾، جن ٻن عالمن جي چونڊ ڪئي ويئي، انهن مان هڪڙو مخدوم طالب الموليٰ هو، پاڻ ان ڪتاب جي مواد تي نظرثاني ڪري شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ سفارش پڻ ڪيائون.

12- جنوري 1965ع تي مخدوم صاحب، سائين جي.ايم.سيد کي هڪ علمي خط لکيو، ان ۾ جنهن نموني جو مواد مليو ٿو، ان مان اِن ڳالهہ جو بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ هنن ٻنهي بزرگن وچ ۾ علمي حوالي سان ڪيتري قدر خيالن جي ڏي وٺ ۽ مواد جي مٽاسٽا ٿيندي رهندي هئي. خط رستي مخدوم صاحب لکن ٿا.

"روبرو ڪن ڪتابن بابت گفتگو ٿي هئي، جن مان هڪڙي ڪتاب ڪانسواءِ ٻيا سڀ هٿ آيا آهن، جن جي فهرست هيٺ لکان ٿو ۽ پنهنجي ماڻهو هٿ موڪليان ٿو مطالعي ڪرڻ بعد خط ذريعي اطلاع ڏيندا تہ ماڻهو موڪلي ڪتاب گهرائي وٺندس، (١) دو قرآن، (٢) ايک اسلام، (٣) جهانِ نو، (۴) الله کی علامت، (۵) دو اسلام، (٦) حرف محرمانہ انهن ئي ڪتابن مان ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ ڪانگ بابت ذڪر آهي."

سائين جي.ايم.سيد جو ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" 1967ع ۾ شايع ٿيو، ان وقت مخدوم صاحب بورڊ جو سربراهہ هو. ون يونٽ جو دور، سيد صاحب ون يونٽ مخالف، ان ڳالهہ جو فائدو وٺي ڪن ماڻهن چرچ ڪري، ڪتاب کي روڪائي ڇڏيو، مخدوم صاحب خاص دلچسپي وٺي، لاهور جا چڪر ڪاٽي، ڪتاب کي پڌرو ڪرڻ جي سرڪار کان اجازت حاصل ڪئي. ان حوالي سان، ان وقت جو سيڪريٽري غلام رباني آگرو لکي ٿو:

"هڪ ڏينهن مون کي آفيس ۾ سرڪاري خط اچي مليو تہ: "جنب گذاريم جن سين" ڪتاب جي فلاڻن فلاڻن صفحن تي اعتراض جوڳو مواد ڇپيل آهي. ان جي سمجهاڻي ڏيو. مان خط کڻي هلين ويس ۽ مخدوم صاحب کي احوال ڏنم. چيائين تہ لاهور هلڻو پوندو. فلاڻيءَ تاريخ لاءِ جهاز جون ٽڪيٽون خريد ڪريو. مان ان وچ ۾ ڪنهن سان فون تي ڳالهايان ٿو تہ ترتڪڙ ۾، ڪو ايهرو قدم نہ کڻن... مخدوم صاحب ۽ مان مقرر تاريخ تي لاهور وياسون. پاڻ فون تي گورنر ڪالاباغ سان ڳالهايو هئائين. ساڻس مليو، جنهن انهيءَ ڪم لاءِ مغربي پاڪستان سرڪار جي سيڪريٽري مسعود نبي نور کي فون ڪيو. مخدوم صاحب ۽ مان ٻئي ڏينهن مسعود نبي نور سان ملياسون. هو ننڍي هوندي، شايد جيڪب آباد جي پاسي پڙهيو هو ۽ سنڌ جي خاندانن سان تمام سنا لاڳاپا هئس. مخدوم صاحب جو ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيائين... مسعود نبي نور چيو تہ "ڪتاب جي جن صفحن بابت لکيل آهي تہ هنن ۾ هي پيرائون اعتراض جوڳيون آهن، سي ڪڍي، اُهي صفحا نئين سر ڇاپيو. ڪتاب جون جيڪي ڪاپيون اڄان ڪونہ وڪاڻيون آهن، تن جي جلد بندي کولائي، اڳين صفحن جي جاءِ تي نوان ڇاپيل صفحا وجهو ۽ جلدبندي ڪرائي، ڪتاب وڪڻو. پر ان کان اڳ، مون کان نئين سر ڇاپيل صفحن تي صحيحون وٺي وڃو ۽ آئنده جڏهن بہ ڪتاب جو نئون ڇاپو ڪيو تہ منهنجي جاءِ تي جيڪو بہ سيڪريٽري هجي، ان کان بہ نئين ڇاپي جي انهن صفحن تي صحيحون وٺجو." (آزاد، 2004ع، ص 178)

اهڙي ريت مخدوم صاحب جي خاص دلچسپي سان ئي سيد جو اهو ڪتاب پڌرو ٿي سگهيو. ڪتاب تہ ميدان ۾ اچي ويو، پر ان ۾ سائين جي.ايم.سيد پاران مخدوم صاحب جي والد بابت ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيون

ويون هيون جن بابت مخدوم صاحب جي خيال موجب، سيد صاحب کي درست معلومات ڪانه هئي، انڪري پاڻ ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ سيد صاحب کي نهايت مهذب انداز ۾، ڪتاب جي مواد کي مجموعي طور پسند ڪرڻ کان پوءِ، اختلافي ڳالهه، هن ريت لکي موڪلي:

"اوهان جيڪي به لکيو آهي، ڪتاب ۾، اهو بجاءِ ناپسنديءَ جي پسند ڪيو اٿم. جو ته جيڪي ڏٺو ۽ سمجهيو، اهو بي حجابيءَ سان لکيو اٿو. جيڪڏهن لکڻ ۾ اهڙين ڳالهين کي لڪايو ها ته پوءِ واقعي ناپسند ڪريان ها." اوهان جي انهيءَ مذڪور ڪتاب جي عظيم خوبي آهي ئي اها ته ڪنهن جي ڪنهن به ڳالهه تي به، جا لکڻ چاهي اٿو، اها بيباڪيءَ سان لکيو اٿوَ." (سيد، 1985ع، ص 633)

جيتوڻيڪ ان ساڳي خط ۾، ڪتاب اندر محمد فقير ۽ مخدوم صاحب جي والد واري حوالي سان لکيل روايتن تي پاڻ مهذب انداز ۾ اعتراض ڪيو، پر پوءِ به سندس پاران آخر ۾ لکيل جملا سندن پاڻ ۾ قربت جو اظهار ڪن ٿا. مخدوم صاحب خط جي آخر ۾ لکن ٿا:

'... ڪوشش ڪندس ته 10- ڊسمبر تي لاڙڪاڻي کان موٽندي بولان ميل ۾ سن لهان...
10- ڊسمبر جو سڄو ڏينهن اوهان جي خدمت ۾ گذاريان. اوهان جا ماٽين وانگر پيار حاصل ڪريان ۽ پنهنجي والد بابت حقيقتن جو انڪشاف ڪريان.' (سيد، 1985ع، ص 633)

(ب) سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم جي مشترڪه مشغلي جو ٻيو شعبو ثقافتي سرگرميون هئو. ان حوالي سان سندن وچ ۾ گڏيل پليٽ فارم جي ابتدا ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي سرگرمين کان نظر اچي ٿي، هالا جيئن ته ڀٽ شاهه کي ويجهو آهي انڪري سائين ميران محمد شاهه جي ڪوشش ۽ سائين جي.ايم.سيد جي ڀرپور تعاون سان ڀٽ شاهه تي مچڻدڙ ميڙاڪن ۾ ابتدا کان ئي مخدوم خاندان جو سهڪار رهندو پئي آيو. جنهن ۾ مخدوم محمد الزمان فنونِ لطيفه سان خاص دلچسپيءَ سبب وڌيڪ هٿ ونڊايو. اهڙي ريت جيڪي به باضابطه ساليانو عرس جا پروگرام ٿيندا هئا، انهن ۾ ميران محمد شاهه سان، سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب جو گهڻ رُخو علمي تعاون نظر اچي ٿو. نومبر 1955ع کان ته پاڻ باضابطه طور شاهه لطيف يادگار ڪميٽي جا ميمبر نظر اچن ٿا. پوءِ ته سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب جهڙوڪر سيد ميران محمد شاهه جا، شاهه عبداللطيف يادگار ڪميٽي جي ڪم ڪار ۾ خاص مددگار هوندا هئا. ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀٽائيءَ جي 1954ع واري ٻه سوَ سالا سالگره جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

'ڀٽائي صاحب جي آخري آرامگاهه ڀٽ شاهه تي وڃي ورسين ملهاڻ جو سهرو "شاهه عبداللطيف يادگار ڪميٽي" خصوصاً ڪميٽي جي مخلص چيئرمن سيد ميران محمد شاهه صاحب ۽ ان جي خاص معاونن جي سر تي آهي. انهن خاص معاونن ۾ جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب ۽ مخدوم محمد الزمان 'طالب المولىٰ' جا نالا قابل ذڪر آهن جن شروع کان وٺي ڀٽ شاهه تي سالگره ملهاڻ ۾ هر طرح جي مدد پئي ڪئي آهي.' (بلوچ، 1955ع، ص 1)

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي سرگرمين واري حوالي سان سندن اها رفاقت ايتريقدر ته سگهاري هئي جو 13- آڪٽوبر 1954ع تي ڪراڙ جي ڍنڍ جي اُڀرندي ڇيڙي تي منعقد ڪيل اها تقريب جنهن ۾ 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ استقباليه ڪميٽي جي چيئرمن واري حيثيت ۾ سائين جي.ايم.سيد هڪ مرحبائي تقرير ڪئي هئي، اها تقريب مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي صدارت ۾ منعقد ٿي هئي. ان ئي موقعي تي وزيراعظم سنڌ پيرزادي عبدالستار پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو اعلان ڪيو هو. اهڙي ريت ثقافتي مرڪز جي حوالي سان سائين جي.ايم.سيد جي سرگرمين سان گڏوگڏ مخدوم صاحب جو نالو پڻ ملي ٿو.

اڳتي هلي جڏهن ون يونٽ قائم ڪيو ويو. سائين جي.ايم.سيد کي گرفتار ڪري پهريان جيل ۽ پوءِ نظربند رکيو ويو. تڏهن به اهڙن ئي ثقافتي سرگرمين جي حوالي سان مخدوم صاحب سائين جي.ايم.سيد سان

ملندو رهندو هو، مخدوم صاحب جي اهڙين سرگرمين جو رئيس ڪريم بخش نظاماڻي يادگيرين واري ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڻ شاهه حيدر جي عرس واري ذڪر ۾ لکيو اٿس تہ:

آءٌ بہ پنهنجي فنڪارن، راڳين ۽ خدمتگارن سان گڏ 'سن' وڃڻ جي سنبت ۽ سانباهو ڪري 'سن' پهتس... اتي پهچڻ کان پوءِ سيد سائين تعجب ڪندي افسوس جو اظهار ڪيو تہ "جيڪڏهن ڪالهہ اچو ها تہ ڏاڍو مزو ٿئي ها... منهنجي پڇڻ تي جواب ڏنائين تہ، مخدوم صاحب جن بہ پنهنجن ڳائڻن وڄائڻن سان گڏ رات هتي مون وٽ مهمان هئا، رات جو هڪ بجي تائين ساڻن گڏ رهاڻ رهي.' (آزاد، 2003ع، ص 170)

مخدوم صاحب، ثقافتي سرگرمين جي حوالي سان سيد صاحب کان وقت ضرورت مشورا پڻ ڪندو رهندو هو. جيئن 5- فيبروري 1954ع واري خط ۾ سائين جي.ايم.سيد کي لکي ٿو:

'مون کي پنهنجو ڪراچيءَ اچڻ جو پروگرام موڪليو تہ اتي روبرو اچي ميوزڪ ڪانفرنس بابت مزيد معلومات حاصل ڪريان.' (سيد، 1985ع، ص 632)

مٿين خط واري عبارت مان محسوس ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف يادگار ڪميٽي وارن پروگرامن جي موقعي تي، جيڪو راڳ رنگ ۽ ميوزڪ جو پروگرام جو ذمو مخدوم صاحب جي حوالي ڪيو ويندو هو. مٿيون خط ان سلسلي جي ڪڙي آهي جنهن ۾ رهنمائي وٺڻ طرف اشارو ڪيل آهي. مخدوم صاحب سان، سيد صاحب جي اها ويجهڙائپ ئي هئي، جنهنڪري سائين جي.ايم.سيد جي خواهش ۽ ڪوشش سان، پير علي محمد شاهہ راشدي جي دورِ وزارت ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد قائم ڪرائي وئي، تڏهن ان جي مشاورتي ڪميٽي تي مخدوم طالب الموليٰ کي پڻ مقرر ڪيو ويو.

(ح) مٿي سائين جي.ايم.سيد جي مخدوم خاندان سان قديم تعلقات جو ذڪر ٿي آيو آهي، اهي ئي قديم خانداني تعلقات هئا، جنهنڪري سيد صاحب، مخدوم ميان غلام حيدر واري تذڪري ۾، مخدوم طالب الموليٰ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

'هن وقت مخدوم ميان غلام حيدر مرحوم جو پائينو مخدوم صاحب بہ سياست ۾ آهي، سندس پاليسي بہ ساڳي مصلحتن جي لحاظ کان حڪومت جي طرفداري آهي، پر اميد تہ ماضيءَ کان سبق پرائي، اهڙي گستاخي نہ ڪبي، جو سياست کي شخصي، ثقافتي ۽ خانداني تعلقات ۾ دخل انداز ٿيڻ ڏبو.' (سيد، 2004ع، ص 255)

مخدوم صاحب، ۽ سائين جي.ايم.سيد جي سياست جا طور طريقا ڌار ڌار هئا. پر پوءِ انهن ڪڏهن بہ قديم خانداني ۽ سماجي تعلقات تي اثر پوڻ نہ ڏنو، باوجود متضاد لاڙن هئڻ جي سندن وچ ۾ اهي بهتر لاڳاپا ئي هئا، جنهنڪري ڪن موقعن تي ڪجهہ سياسي معاملن ۾ پڻ گڏجي ڪم ڪيائون، جيڪو عمل سنڌ جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ئي ٿي سگهيو، جڏهن مختلف سياسي رجحانن هوندي بہ هڪ ٻئي سان ويجها رهيا. اهي پنهنجائپ وارا قريبي تعلقات ئي هئا، جنهنڪري سندن وچ ۾ هڪٻئي جي حالات کان باخبر رهڻ ۽ حال پڇائي ٿيڻ وارو ماحول ملي ٿو، جيئن مخدوم صاحب، سيد صاحب جي آزاد ٿيڻ جي خبر ملڻ تي 27- مارچ 1966ع تي ڪيس لکي ٿو:

'پيارا سائين، اخبارن رستي معلوم ٿيو آهي تہ اوهان تان بندش لاٿي وئي آهي. بيحد مسرت ٿي الله پاڪ اوهان کي سلامت ۽ صحتمند رکي. هاڻي پروگرام ڪيئن هوندو، اپريل ۾ ڳوٺ يا ڪراچي؟ جو تہ 16- اپريل بعد اوهان وٽ ڪچهريءَ لاءِ اچڻ جو پئي سوچيم ۽ اڳئين خط ۾ اهڙو اطلاع ڏنو اٿم.' (سيد، 1985ع، ص 632)

سائين جي.ايم.سيد آزاد ٿيو 'بزمِ صوفياءِ سنڌ' قائم ڪيائين، ان پليٽ فارم تان جلسا ڪيائين تہ وري گرفتار ٿيو، پر سيد جي 'بزمِ صوفياءِ سنڌ' جي نالي ۾ ٻارهين لاٽ سبب سياسي بيداري اچڻ لڳي، ون يونٽ خلاف ماحول جڙڻ

لڳو، اهڙي وايومنڊل ۾ مخدوم صاحب جيڪو ان وقت مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر هو، ان ڪجهه دوستن سان گڏ 1969ع ۾ ڍاڪا ۾ ون يونٽ خلاف بيان جاري ڪيو. ان ڳالهه جو ذڪر ڪندي، سيد صاحب لکي ٿو:

"آءٌ اڃا نظربند هوس تہ مخدوم صاحب ڍاڪا ۾، نيشنل اسيمبليءَ جي ڪن ميمبرن سان گڏجي، ون يونٽ جي خلاف بيان ڏنو. واپس اچڻ تي ان تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ، مون ڏانهن ماڻهو موڪليا، مدد گهرڻ جي تقاضا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ مخدوم صاحب، پيرزاده عبدالستار، آغا غلام نبي خان پٺاڻ، خانبهادر غلام محمد وساڻ، سيد ميان خير شاهہ ۽ حفيظ قريشيءَ طرفان حيدرآباد ۾، 9- مارچ 1969ع تي "اينٽي ون يونٽ ڪانفرنس" شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ سڏائي ويئي، نظربندي ختم ٿي چڪي هئي. تنهنڪري مون بہ ان ۾ شرڪت ڪئي." (سيد، 1969ع، ص 35)

ان موقعي تي سيد صاحب صحت جي خرابيءَ سبب سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ پئي چاهي، پر ايوان ۾ موجود اڳواڻن جي بيحد اسرار تي نئين قائم ٿيل فرنٽ جو ڪيس سربراهہ مقرر ڪيو ويو. ان حيثيت ۾ سيد صاحب جڏهن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن پاڻ مخدوم صاحب کي پڻ ياد ڪيائين جنهن جو اظهار مخدوم صاحب طرفان 11- جون 1969ع تي ڪين لکيل خط مان ٿئي ٿو. مخدوم صاحب لکي ٿو:

'اوهان جو خط 26- مئي تي لکيل، هتوهٽ بروقت مليو، جنهن ۾ اوهان مون کي "سنڌ فرنٽ" جي ورڪنگ ڪاميٽي تي نامزد ڪيو آهي، ڪوبہ اهڙو سبب ڪونہ آهي، جو ڪميٽي تي نہ رهي سگهان. انشاءالله الرحمان تہ باقاعدگيءَ سان خدمت ڪندو رهندس.' (سيد، 1985ع، ص 634)

ان ئي سلسلي ۾ مخدوم صاحب پاران لکيل هيٺئين احوال مان پڻ سندن تعلقات جو اظهار ٿئي ٿو. 30- جولاءِ 1969ع تي سيد صاحب کي لکن ٿا.

'اوهان جو خط ڪالهہ پهتو ۽ اڄ پڙهيو. خط ۾ 10- آگسٽ واري ميٽنگ لاءِ سڏ آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ هوندس ۽ صحت پوري هوندي تہ انشاءالله ضرور حاضر ٿيندس.' (سيد، 1985ع، ص 635)

1970ع کان پوءِ سنڌ جو سياسي وايومنڊل اهڙو تہ مٽيو، جو سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب وچ ۾ دوري اچي ويئي، پر پوءِ بہ سائين جي.ايم.سيد جڏهن بہ ڪو پروگرام ڪرائيندو هو تڏهن مخدوم صاحب کي ضرور ياد ڪندو هو. مثلاً جڏهن سنڌ قومي اتحاد پئي ٺهيو، تڏهن مخدوم صاحب کي خاص دعوت هئي، ان موقعي تي مخدوم صاحب پاڻ تہ شريڪ ٿي ڪونہ سگهيا هئا، پر موقعي جي مناسبت سان شعر لکي روانو ڪيائون، ۽ سندن طرفان مخدوم خليق الزمان شرڪت ڪئي هئي.

مخدوم صاحب پاران سنڌ قومي اتحاد بابت سن ۾ سڏايل ڪانفرنس واري موقعي جي مناسبت سان موڪليل شعر هيٺ ڏجي ٿو:

سرزمين هند ۾ اسلام جو بنياد سنڌ،
اي عوام اڄ ڪر مدد اڄ ٿي ڪري فرياد سنڌ.

جيڪڏهن تعمير ٿي ويو نيٽ ڪالاباغ ڊيم،
پوءِ يقيناً آهہ انديشو تہ ٿئي برباد سنڌ.

چانوٽيون هرگز نہ گهرجن فوج جو ناهي ڪو ڪپ،
جو تہ ڪرٽي ڪانہ آهي پاڻ کي ناشاد سنڌ.

ڀاهريان ٻاهر هجن هرگز نہ هو هيڏنهن اچن،
ٻچي ٻچي کان ڪرائي ٿي اهو ارشاد سنڌ.

هي يقين رکجو تہ پوندي نيٺ هر ڪنهن کي خبر،
دودا، دريا خان، هوشو ڏيندي لاتعداد سنڌ
خاطري آهي تہ ڏيندي مُڙس ٿي منهن وقت تي،
آهي هو مضبوط تر اي يار چڻ فولاد سنڌ
دل گهري ٿي شل نہ ڪوسو واءُ ڪو هُن کي لڳي،
”رک خداوند سدا ۽ شاد ۽ آباد سنڌ“.
انشاءالله هوندي قائم ٿيندي قائم دمبدم،
هت صيدن جي ڳالهہ ڪانهي آهہ بي ميعاد سنڌ
ليبرو اڄ ڪشمڪش کي ڏئو ڪٽي هڪدم طلاق،
هڪ ٿيو پو نيٺ ٿيندي پنهنجي هي آزاد سنڌ
اڄ ضرورت آهہ قرباني ڏيڻ جي دوستو،
ڪجهہ ڪري همٿ ڪسي ونداسون ازضياد سنڌ
سنڌ تان قربان ٿيان ۽ سنڌ تان صدقي وڃان،
چو تہ آهي طالب الموليٰ بہ خود همزاد سنڌ
19.5.88

سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب جهڙين برگزيده شخصيتن جا تعلقات اسان جهڙن اناڙين لاءِ سبق آموز آهن، جاڪاڻ تہ سائين جي.ايم.سيد ۽ مخدوم صاحب جن جا ڪن معاملن ۾ هڪ ٻئي سان خيال ڪونہ پئي مليا. بلڪ ائين چئجي تہ اُهي ٻنهہ مختلف ۽ متضاد هئا، پر پوءِ بہ اها انهن بزرگن جي وڏماڻهپ هئي، جو انهن ڪن متضاد ڳالهين تان ناراض ٿي انهن جزن کي بنيادي بنائي، پنهنجي قديم خانداني تعلقات تي اثر انداز ٿيڻ نہ ڏنو. ڪوبہ انسان مڪمل تہ ڪونہ ٿو هجي، قدرت واري هر ڪنهن جي رت پت ۾ گڻ ۽ اوگڻ مهلول ڪري ڇڏيا آهن. سو بہ ائين جو ڪن بہ ٻن ماڻهن جي مٽيءَ جو پنوڙو سو فيصد ساڳين صفتن وارو نہ ٿو هجي. اهڙي فطري ماحول ۾ ڪنهن بہ انسان جي اهائي عظمت آهي تہ هو ٻئي جي خامين کي ڪيئن درگذر ڪري، ان ۾ اصلاح آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ۽ ان جي خوبين کي اجاگر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيئن ٿو ۽ ان کي ڪوشش وٺي نہ رڳو پاڻ لاءِ پر عالم انسان لاءِ ڪارگر ۽ ڪارآمد ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو.

هنن ٻنهي بزرگ هستين جي حالاتِ زندگي ۽ عملن جي مطالعي منجهان اڄ جي نئين نسل کي اهوئي وڏو سبق ملي ٿو تہ پنهنجي خيالن خلاف ٻئي جي ڳالهہ کي برداشت ڪندي، دوست جي ڪيئن اصلاح ڪجي ۽ اختلافن يا متضاد ڳالهين هوندي تعلقات کي ڪيئن برقرار رکجي ۽ ختم ٿيڻ نہ ڏجي، ائين ڪرڻ سان، دوست جي خوبين منجهان نہ رڳو پاڻ کي فائدو رسندو، پر جيڪڏهن ڪو انساني فلاح واري ڪم ۾ مصروف عمل آهي تہ انسانذات جي بهتريءَ لاءِ پڻ ڪيئي ڪارگر ڪم ٿي سگهندا.

## ببليوگرافي


(1) آزاد قاضي، آيو ترُ تماچي، (2003ع)، جي.ايم.سيد فائونڊيشن ڪراچي.
(2) آزاد قاضي، سَڌُ پڙاڏو (2004ع)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(3) بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، يادگار لطيف (1955ع)، شاهہ عبداللطيف يادگار ڪميٽي حيدرآباد.
(4) طالب الموليٰ، مخدوم، شيطان ابوالجنان (1951ع)، آزاد بڪ ڊيپو حيدرآباد.
(5) سيد، جي.ايم. جنب گذارين جن سين-I، (2004ع)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
(6) سيد، جي.ايم. جنب گذاريم جن سين-II، (2004ع) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
(7) سيد، جي.ايم. ڪجهہ خط (سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن جا) (1985ع)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.
(8) سيد، جي.ايم. سنڌ متحده محاذ ۽ ون يونٽ (1969ع)، سنڌ متحده محاذ (مرڪز) حيدرآباد.

سن

15.12.63

جي ڪر لڏ اوڻن نه ٻنڌي ٻنڌڻ نه ساريو
مارئڙن آءُ جيئن ويس وساري
— شاهه

بخدمت جناب مخدوم صاحب

السلام عليڪم - نوازشنامو ورهين کانپوءِ پهتو مهرباني

بيشڪ سياست توهان جي زندگيءَ جو وڏو حصو
رهي آهي - ليڪن اها سڀ ڪجهه نه رهي آهي
اوهان کي معلوم آهي مرحوم ميران محمد شاهه صاحب جي
ڏهه گهرا دوست هئاسين. جيتوڻيڪ سياسي طرح
اڪثر اسان جدا خيال جا رهياسون - پر دليون
ڪڏهن جدا نه ٿيون - انجو هڪ ڪارڻ سندس
ثقافتي ۽ ادبي مذاق هو - سياست جو دنياوي
جهڳڙن سان واسطو آهي - ادب ۽ زندگي
جو دلين جي دنيا سان واسطو آهي -
منهنجو تعلق عارضي آهي پر دليون ديرپا آهي
توهان جو اوهان جي خاندان سان قديم لاڳاپو
ڪانسواءِ ٢١- جولاءِ ١٩٢١ع کان جڏهن

سائين جي.ايم.سيد جو مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڏانهن لکيل خط

رئيس فقير بخش خان سان گڏ جي اوهان جي
والد مرحوم وٽ اچڻ وڃڻ ۾ رهي ڪچهريون ڪيون
جنهن وقت
هيو سين. درويشي جهان کان اڳ رهندو
هو - ان ناتي اوهان جي ڏاڏي مرحوم جنهن
شفقت ۽ پيار سان منهنجي ميلي ۽ ميلاپ جي
تنظيم ۽ اصلاح لاءِ ڪوششن ۾ دلچسپي ورتي
هئي ۽ خط و ڪتابت ڪئي هئي جا مون وٽ
موجود آهي - اوهان جي چاچي مرحوم سان
ميرزا قليچ مرحوم سان گڏ جي علمي مذاق توڙ
ڪيل هيون سي ر سرل جون ته آهن -
ڪان ملندا هجن
اوهان جي سياست تجربي ۽ هجي ۽ بزرگي اوهان لاءِ
سنڌي ادب ۽ ثقافت جي سرپرست
همه
۽ منهنجو دل بزرگ هئڻ ڪري
عزت ڏي رهيا آهن - آءُ سڄاڻ ٿو ته
اهي داڻو ۾ اوهان جو پارٽ ادا ڪري
رهيا آهيو اهو بهترين ٿو ڪارڪن
جي خدمت کان گهڻو طرح گهڻا آهي

اهو ضروري نه آهي سڀ هڪ ئي عوض
ماڻ خدمت ڪندا رهن- جيئن- جهڙي
عزت ماڻ ملي ۽ قوم ضرورتن جو پورائو
ٿي اچي قدر شناس ڪري- ان ڪري مون
کي اوهان لاءِ اهڙي عزت آهي جهڙي
هڪ بهترين سياسي ليڊر لاءِ شناس ڪرڻ جي-
خدا اوهان کي عمر دراز ڪري- اوهان
جهڙا ادبي لقا فيتا ۽ محبت جي ذريعه ڏيئي
هٿ ورتا جي ڪوشش ڪئي آهي رهيا وان جو پورو
احساس اٿم حقيقت آهي اوهان سياست ۾
داخل ٿي
ذريعي ٻاڻ کي نقصان نه پهچايو آهي-
پر ملڪي مصلحت خاطر جي اوهان اهو رستو
اختيار ڪيو آهي ته پڻ ڪري- اسان جون
دردون ۽ همدرديون اوهان سان آهن
اوهان خدمات جي عيوض آءُ اوهان جو
انشاءالله اما
گرويده ٿيل آهيان-
مشڪور هوندا
... راڻي تام رهندو اسيد ... انشاءالله

هالا
مورخه ۲۷ جنوري ۶۵ع

حبيب محترم!
ال
اوهان شاه محمد نابينا بابت احوال معلوم ڪري ڏيڻ لاءِ چيو هو.
خواجه محمد عيسيٰ عرف فقير عيسيٰ مست کان جيڪو به
لکيل احوال مليو آهي، هو بهو موڪليان ٿو.
اميد ته خوش وخرم هوندا.

محمد زمان

**مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو سائين جي.ايم.سيد ڏانهن لکيل خط**



ميرزا منظور علي بيگ

# خيما ڪاهوڙين، اَڄ نہ اُني پيٽين

سنڌ جي مشهور شهر هالا ۾ جنم وٺندڙ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ۽ باڪمال شاعر، محقق، تذڪره نگار، ماهر لسانيات ۽ لغت نويس ٿي گذريو آهي. پاڻ سنڌي ادب کي ڪيئي انمول ڪتاب ارپيا: جن ۾ ڀرين تہ آٺون نالو ڪٺندس سنڌن بي بها تصنيف ”دُر ناياب عرف ياد رفتگان“ جو. جنهن ۾ پاڻ ڀريون پيرو سنڌ جي مرحوم شاعرن جو ڪلام سندن احوال ۽ تصويرن سميت يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ منظرعام تي آندو. توڙي جو هِن کان اڳ بہ تذڪره نويسي تي سنڌ جي نامور اديبن ۽ محققن جو ڪم ڪيل آهي، پر مخدوم صاحب جي هِن تذڪري ۾ سنڌ جي نامور شاعرن سان گڏ ڪيترن ئي گوشہ نشين شاعرن جو بہ احوال ملي ٿو.

...۽ ان کان بعد پيو نالو آئون وٺندس سندن تحقيقي ڪتاب ”ڪافي“ جو. ڪافي سنڌ جي آڳاٽي صنف آهي. جنهن جي تاريخ تي پاڻ ڀريون پيرو هڪ ضخيم ڪتاب ”ڪافي“ جي نالي سان لکيو، جيڪو سنڌي ڪافي جي هڪ مفصل تاريخ آهي. ان کان علاوه سندن لوڪ ادب لاءِ ڪيل خدمتون ۽ لغت نويسي لاءِ ڪيل محنتون بہ وسارڻ جوڳيون نہ آهن.

مخدوم صاحب صاحب کي ادب سان گڏ و گڏ سنڌ جي ثقافت سان بہ تمام گهڻي دلچسپي هئي. پاڻ پنهنجي بزرگن کان ورثي ۾ مليل نوادرات ۽ قلمي مخطوطات کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هالا ۾ هڪ ميوزم قائم ڪرائڻ ٿي چاهيو. اِن ڏس ۾ ڊسمبر 1983ع ۾ جڏهن نياز رسول صاحب محڪمہ آثار قديمہ سنڌ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿي آيو، تہ هڪ ڏينهن مرحوم عبدالله ورياهہ آفيس ۾ آيو ۽ نياز صاحب کي چيائين تہ مخدوم صاحب اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. توهان وقت ڪڍي مون سان گڏجي هالا هلو تہ سائنءَ سان ملاقات ٿي وڃي.

نياز صاحب فوراً چيو تہ ڪم ڪهڙو آهي؟

ورياهہ صاحب چيو تہ سائين جن هالا ۾ ميوزم ۽ ڪتبخانو قائم ڪرڻ چاهين ٿا. توهان آثار قديمہ جا ماهر آهيو، ان سلسلي ۾ اسان جي مدد ڪريو.

جيئن تہ اُهو دور مارشل لا وارو دور هو ۽ هر آفيسر ڊڄندو هو، انڪري نياز صاحب انڪاري ٿيو، پر ڪجهہ ئي ڏينهن بعد وري ورياهہ صاحب آيو ۽ نياز صاحب کي چيائين تہ مخدوم صاحب هالا ۾ مخدوم سرور نوح جي مزار لڳ هڪ ميوزم ۽ ڪتب خانو قائم ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ توهان جي مدد کپي ٿي.

جنوري 1984ع ۾ نياز صاحب، موهن لال، ڪليم الدين شيخ، عبداللطيف، مقبول شيخ، عبدالحميد شيخ ۽ راقم الحروف هالا لاءِ روانا ٿياسين. مقرره وقت تي مخدوم نوح جي مزار وٽ اسان کي ورياهہ صاحب مليو. دعا سلام ٿي ۽ پاڻ سرزمين تي نشان هڻي ٻڌايائين تہ هِن جاءِ تي ميوزم ۽ هِن جاءِ تي ڪتب خانو ٺهندو. بهرحال نياز صاحب، ورياهہ صاحب ۽ راقم الحروف پاڻ ۾ ڪجهہ تاريخي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ لڳي وياسين ۽ باقي عملي ماپ وٺڻ ۽ ڪچا نقشا ناهڻ شروع ڪيا. اسان آثار قديمہ وارن جو اصول آهي تہ ڪم کان اڳ ۽ پوءِ فوٽوگرافي ضرور ڪبي آهي، جنهن کي (BEFORE & AFTER CONSERVATION) چئبو

آهي. مليل هدايتن مطابق اهو ڪم مڪمل ڪري لڳ ڀڳ ڏينهن جو هڪ بجي ڌاري فارغ ٿياسين. ورياهه صاحب مون کان پڇيو ته ڪم مڪمل ٿي ويو؛ ته مون چيو سائين ڪچو ڪم ٿي ويو آهي، باقي پڪو ڪم آفيس ۾ ٿيندو.

ان ڏينهن مخدوم صاحب سان ملاقات ڪانه ٿي ۽ ڪم مڪمل ڪري آفيس موٽي آياسين. انهن ڏينهن ۾ جمعو ۽ ڇنڇر سرڪاري موڪل ٿيندي هئي، انهيءَ ڪم جي ڪري اُن هفتي اسان کي موڪل واري ڏينهن به آفيس اچڻو پيو ۽ ڪم ورهائي ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو:

تاريخ: نياز رسول صاحب ۽ راقم الحروف

ESTIMATE: موهن لال ۽ مقبول شيخ

نقشا: ڪليم الدين شيخ

فوٽوگرافي: عبدالحميد شيخ

ٽائيپ: لطيف

مخدوم خاندان جي تاريخ جي باري ۾ مون سڀ کان پهرين ڊاڪٽر عبدالرحمٰن قريشي جو لکيل پي.ايڇ.ڊي جو مقالو "سروري خاندان جون علمي، ادبي ۽ ديني خدمتون" سنڌالاجيءَ مان فوٽو اسٽيٽ ڪرايو ۽ ٻيا ڪجهه ڪتاب ۽ رسالا جيڪي منهنجي ذاتي لائبريري ۾ هئا، اُهي هٿ ڪري ان مان تاريخي مواد انگريزي ۾ لطيف کان ٽائيپ ڪرائي نياز صاحب کي ڏيندو ويس. اِهو ڪم ڪنهن حد تائين مڪمل ٿي ويو ته نظرثاني لاءِ ورياهه صاحب وري ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب وٽ ڪٽي ويو. جنهن ڪجهه ڦيرگهير ڪري موٽائي ڏنو ۽ اُن مواد جي فائنل ڪاپي ڪڍي وئي ۽ ان ڪانپوءِ ESTIMATE، نقشا ۽ فوٽو وغيره جو ڪم مڪمل ڪيو ويو. اهڙي ريت رپورٽ (Report) تيار ٿي، جنهن کي اڄڪلهه PC-I چوندا آهن. رپورٽ جون به ڪاپيون تيار ڪيون ويون.

هاڻي مخدوم صاحب سان ملاقات لاءِ وقت مقرر ڪرڻ ۽ اسان کي هالا وٺي هلڻ ورياهه صاحب جو ڪم هو. ڪم جنوري جي مهيني ۾ مڪمل ٿيو ۽ فيبروري جي مهيني ۾ مخدوم صاحب سان ملاقات ٿي. خير و عافيت کان پوءِ تعارف شروع ٿيو. نياز صاحب کان مخدوم صاحب پڇيو ته پنهنجي صاحب جو بنگلو RENVOTE جنهن آفيسر (تصوير حسين حميدي) ڪيو، اُهو نوڪري ۾ آهي يا گهر ويو هليو. جنهن تي نياز صاحب چيو ته هُن کي نوڪري مان برخواست ڪيو ويو آهي. اجا گفتگو هلي رهي هئي ته چانهه ۽ بسڪيٽ اچي ويا. رهيل ماڻهن جو تعارف ٿيو ۽ جڏهن راقم الحروف جو وارو آيو ۽ مون پنهنجو نالو ٻڌايو ته مخدوم صاحب چيو بابلا توهان ڪهڙن مرزا صاحبن مان آهيو؟ مون چيو ته سائين آئون ٽنڊي آغا جي ميرزائن مان آهيان. پاڻ هڪدم پڇيائون ته پلا ميرزا علي محمد بيگ ۽ ميرزا عباس علي بيگ توهان جا ڇا ٿين؟ مون چيو ته ميرزا علي محمد بيگ منهنجو نانو آهي ۽ ميرزا عباس علي بيگ منهنجو چاچو آهي. تنهن تي پاڻ چيائون ته ميرزا صاحب توهان خانداني ماڻهو آهيو، توهان جو علم و ادب سان واسطو هلندو پيو اچي ۽ خدا ڪندو ته اهو سلسلو هلندو رهندو. مخدوم صاحب جا اِهي دعائيه ڪلمات اڄ به منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن.

مخدوم صاحب اسان جي ڊئريڪٽر نياز صاحب کي چيو ته ميرزا خاندان جو قديم زماني کان وٺي علم و ادب سان واسطو هلندو پيو اچي. جنهن تي هُن چيو ته قبلا سائين جڏهن اسان وٽ ان قسم جي رپورٽ تيار ٿيندي آهي، ته ان جي شروع ۾ پهرين ان جي مڪمل تاريخ ڏني ويندي آهي، جيئن ان جي باري

۾ معلومات فراهم ٿي سگهي ۽ اهو اهم ڪم اسان ميرزا صاحب جي حوالي ڪيو آهي. هِن رپورٽ ۾ به تاريخي مواد ميرزا صاحب جو ئي سهيڙيل آهي. نياز صاحب تيار ٿيل رپورٽ (PC-I) مخدوم صاحب کي ڏني. پاڻ رپورٽ ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ رپورٽ (PC-I) تي گفتگو ڪيائون. رپورٽ ۾ ميوزم ۽ ڪتب خاني جو ڏيک (Look) هن ريت ڏيکاريل هو:

مخدوم سرور نوح جي مزار لڳ ئي ميوزم ۽ ان جي پرسان ڪتبخانو هو. ڪتب خاني جي وچ ۾ رستو هو ۽ جاءِ کي آمهون سامهون ڪان دروازا ڏنا ويا هئا. ان بعد ڪتب خاني ۾ وچ تي هڪ ڊگهي ميز ۽ ان جي آمهون سامهون ڪرسيون رکيون ويون هيون.

مخدوم صاحب انهيءَ رپورٽ سان متفق ٿيو ۽ نياز صاحب کي چيائين ته توهان اِهو ڪم اسان کي پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي ڏيو. ڇو جو توهان ۽ توهان جي ٽيم قديم آثارن جي ماهر آهي ۽ مون کي تسلي ٿيندي ته ڪم سٺي نموني ٿي رهيو آهي. توهان کي ان ڪم جو اجورو پڻ ادا ڪيو ويندو.

نياز صاحب چيو ته فنڊ ڪير ڏيندو؟

تنهن تي پاڻ چيائون ته ان ڪم لاءِ اسان ذاتي طور تي رقم فراهم ڪنداسين.

پر جيئن ته اُهو دور مارشل لا جو هو ۽ هر آفيسر ڊڄندو هو. انڪري ان وقت رپورٽ مخدوم صاحب جي حوالي ڪري موٽي آياسين ۽ ورياهه صاحب به اڪثر نياز صاحب کي ان ڪم لاءِ چوندو رهيو، پر ڪم نه ٿي سگهيو! هاڻي اها رپورٽ ڪٿي آهي اُها ته خبر خدا کي. باقي جيڪا رپورٽ آفيس جي رڪارڊ ۾ رکي وئي، سا 9/10 جولاءِ 1987ع تي سنڌ دشمن عناصرن طرفان آفيس ۽ حيدرآباد ٽالپور ميوزم کي ڏنل باهه ۾ سڙي وئي! جنهن ۾ ڪيترائي ناياب قلمي مخطوطات ۽ سنڌ جي تاريخ تي مشتمل ڪافي معلوماتي مواد شامل هو.

مخدوم صاحب سان اِها منهنجي پهرين ملاقات هئي. پاڻ پهرين ملاقات ۾ ئي مون کي جهڙا خوش گفتار ڏسڻ ۾ آيا تهڙا ئي عظيم شخصيت جا مالڪ. 11- جنوري 1993ع تي جڏهن مون سندن وفات جي خبر ٻُڌي تڏهن ساڻن ڪيل ان پهرين ملاقات جا عڪس منهنجي اکين آڏو ڦرڻ لڳا ۽ ذهن تي ڀٽائي گهوٽ جو ذهن تري آيو:

ڏُونگرين ڏِسجَن، اَڄُ پـ رُيُون اُنِ جِيُون،
ڏوٽِيَڙا ڏُٺ ڪيِ، آرهاڙان اُچَن،
خِيما ڪاهوڙِين، اَڄُ نـ اُني پيـٽِـيـن.

(سر ڪاهوڙي)

رب جو شان ته PPP جي حڪومت آئي، وري مخدوم جميل الزمان صاحب پڻ اهڙي قسم جي PC ناهڻ لاءِ جناب عارف صاحب کي چيو. هاڻي ته جديد دور آهي ۽ ڪمپيوٽر تي هڪ ڏينهن ۾ تنوير صاحب PC-I تيارڪري 06- فيبروري 2010ع تي مخدوم جميل الزمان جي حوالي ڪئي، پر اهو ڪم به ڪونه ٿيو.

واضح رهي ته اُها PC-I هالا ۾ واقع قديم آثار جن ۾ ٽالپرن جا مقبرا وغيره آهن، انهن تي مشتمل آهي. ان ۾ مخدوم نوح واري رپورٽ شامل نه ٿيل آهي.

---

نوٽ: هيءُ مضمون پنهنجي يادگيري واري ڊائري مان نقل ڪيو آهي.

سنڌيءَ جا محافظ ٿيا علي ۽ بہ محمد
سنڌيءَ کي 'مظفر' ڪندا اردو کي نظربند

ٻي غزل جو شعر جيڪو پاڻ سليم هالائي ۽ راشد علي شاهہ جي چوڻ تي سنڌن غزل جو تتبع چيو:

سخن شناس 'مظفر'، 'سليم' و 'راشد' ٿيا،
سخن جو نشو آ ڪافي شراب گهٽ ڪر تون.

محمد حسين هنگورو، جيڪو نہ شاعر هو ۽ نہ ئي ڪيس شعر و شاعري سان ڪا دلچسپي هئي، سو جڏهن اٺڻ لڳو، تڏهن مخدوم صاحب ڪلنڌي چيو تہ اوهان نہ وڃو اسان جي شاعري ختم ٿي، هاڻي مقصد جي ڳالهہ تا ڪريون. پوءِ مخدوم صاحب ڪاغذ ڏنا، جيڪي ڪٽي موٽي آفيس ۾ آياسين ۽ نانا مرحوم دستاويز لکي رجسٽرڊ ڪرائي رسيدون هنگوري صاحب کي ڏنيون.

سال 75-1974 تائين حاجي دوست علي ڪنڀاڻ، محمد حسين هنگورو، حسين بخش خادم يا مخدوم صاحب جو ٻيو ڪو خادم يا مريد ايندو هو ۽ نانا کان دستاويز لکائي ڪٽي ويندو هو.

مخدوم صاحب جن سخن شناس هئا ۽ ڪين شاعريءَ سان دلي لڳاءُ هوندو هو. سندن ئي ڪوشش سان سڄي سنڌ ۾ وڏي پيماني تي مشاعرا ٿيا، ڪيئي بزمون قائم ٿيون ۽ ڪيترائي شاعر شاعريءَ جي ميدان ۾ آيا ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائون. مخدوم صاحب جا ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' سان بہ تمام سٺا تعلقات هئا. هي ٻئي "جميعت الشعراء سنڌ" جي پليٽ فارم تي گڏ و گڏ نمايان نظر ايندا هئا.

سال 1972ع ۾ ڊاڪٽر 'خليل' جي لطيف آباد نمبر-2 واري بنگلي ۾ "جمعيت الشعراء سنڌ" جي ميٽنگ ڪوٺايل هئي. اُن سلسلي ۾ مخدوم صاحب بہ آيل هو. ڊاڪٽر صاحب "بزم خليل" طرفان مخدوم صاحب جي صدارت ۾ مشاعري جو اهتمام ڪيو ۽ پاڻ مون کي بہ چيائون تہ، اوهان بہ اچجو، جو مشاعرو ڪنداسين. اُن مشاعري ۾ آئون، منهنجو مامو ميرزا سلطان حيدر بيگ ۽ مهربان دوست عبدالقيوم 'صائب' گڏجي شريڪ ٿياسين. جتي بہ مخدوم صاحب کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. جهڙي سندن شخصيت وڻندڙ هئي، تهڙو وري سندن شعر پڙهڻ جو انداز بہ سٺو ۽ وڻندڙ هو.

27- نومبر 1973ع تي ايران ڪلچر سينٽر لطيف آباد نمبر-7 ۾ سنڌي، اردو ۽ فارسي جو مشاعرو وڏي پيماني تي ٿيو. اُن مشاعري جي هڪڙي نشست جي صدارت مخدوم صاحب ڪئي. حضور احمد سليم ڪمپيئرنگ ڪئي. اُن ۾ هڪڙي نشست جي صدارت ڊاڪٽر 'خليل' بہ ڪئي. مون اُتي نظم پڙهيو.

نانا ميرزا علي محمد بيگ ۽ چاچا ميرزا عباس علي بيگ جي مشوري ۽ خواهش سان مخدوم صاحب کي مشاعري لاءِ دعوت ڏني وئي، جيڪا پاڻ قبول ڪري مصرع طرح "لڦون پئجي ويون منهنجي زبان ۾" ڏني. 27- جولاءِ 1974ع تي اِهو مشاعرو مخدوم صاحب جي صدارت ۾ امام بارگاه علي آباد ٽنڊي آغا ۾ ٿيو. اُن ۾ سيد حيدر شاهہ، سيد احسن الهاشمي ۽ اسان جي بزرگ عزيزن طرحي غزل پڙهيا، مون بہ طرحي غزل پڙهيو. ان موقعي تي مخدوم صاحب، نانا ميرزا علي محمد بيگ سان گهڻو وقت ڪچهري ڪندا رهيا ۽ گذشتہ دور جون ڪيتريون ڳالهيون ڪائنن پڇندا رهيا، جو نانا مرحوم سال 1919ع کان 1922ع تائين مختيار ڪار هالا جي ڪورٽ ۾ سرشتيدار رهي چڪو هو.

مخدوم صاحب جن جي جهڙي شخصيت بي مثال هئي، تهڙي ئي سندن شاعري ۽ تصنيف و تاليف بہ بي مثال آهي. سندن تصنيف ڪيل ڪو بہ ڪتاب ڪڻو: پوءِ چاهي اُهو شاعري جو مجموعو هجي يا نثر ۾ لکيل ڪو ڪتاب! سڀ پنهنجي فن جي لحاظ کان اعليٰ آهن.

مخدوم صاحب سنڌي شاعري جو اُهو سخن سنج شاعر آهي، جنهن شاعري جي هر صنف سان نهايت ئي خوش اسلوبي سان نباهه ڪيو آهي. سندن شاعري فصاحت و بلاغت سان لبريز آهي ۽ سندن شعرن ۾ ايڏي رواني آهي جو پڙهندڙ جهٽ متاثر ٿيو وڃي.

مخدوم صاحب جهڙو غزل جو سٺو شاعر هو تهڙو ئي ڪافي جو به باڪمال شاعر هو. ڪافي تي ڪين ڪمال جي دسترس حاصل هئي ۽ رباعي تي به پاڻ خوب طبع آزمائي ڪئي آهي.

رباعي تمام اصناف سخن ۾ ڏکي کان ڏکي صنف آهي، جنهن ۾ وڏا وڏا ناليوارا شاعر به ٿڙي ٿا وڃن. پر مخدوم صاحب انهيءَ ڏکي صنف کي به ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان نباهيو آهي، جيڪو سندن شاعراڻو ڪمال آهي. رباعي منهنجي پسنديده صنف رهي آهي. ان ڪري جو جڏهن فن رباعي تي ڊاڪٽر 'خليل' ۽ مرزا اجمل بيگ جي درميان بحث هليو، جيڪو هڪ وقت ته اخبارن ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ ٽماهي "مهراڻ" رسالي ۾ اهو بحث ڇپيو. ڊاڪٽر صاحب طرفان لکيل جوابن جي پريس ڪاپي آئون لکندو هئس، جنهن ڪري مون کي به رباعي سان دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي.

رباعي تي شايع ٿيل مجموعن مان "موتين جي دبلي" مرزا قليچ بيگ، "مئڪده ناز" هزهائينس مير علي نواز خان 'ناز'، "رباعيات واصف" محمد بخش 'واصف' ۽ "ڪليات عزيز" ۾ ڇپيل عزيز مير چنداڻي جون رباعيون، هرومل سدارنگاڻي جا ٻه رباعين جا مجموعا "رنگين رباعيون" ۽ "خوشبو" فن رباعي جا شاهڪار آهن. سال 1950ع ڌاري مخدوم صاحب جي رباعين جو مجموعو "رباعيات طالب" ڇپيو، جنهن پڻ رباعي جي راهه ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

مون انهن مجموعن کي ۽ پنهنجي بزرگن جي چيل رباعين کي پڙهيو ۽ ڊاڪٽر 'خليل' جون چيل رباعيون ۽ سندس لکيل ڪتاب "فن رباعي ۽ رباعي گو شاعر" به زير مطالع رهيا. جن مون کي رباعي چوڻ تي اُتساهيو ۽ مون به هِن صنف تي طبع آزمائي ڪندي لڳ ڀڳ هڪ هزار رباعيون چيون آهن. ان کان علاوه مون رباعي تي هڪ ڪتاب "رباعي جا راوي ۽ رباعي جا راهي" پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي نامور رباعي گو شاعرن جون چيل رباعيون ڏنل آهن.

۽ وري جي مخدوم صاحب جي نثري تصنيفن مان ڪوبه ڪتاب ڪڍو، ته هرهڪ جو انداز ئي نرالو... ڪتاب "دُرِ ناياب عرف ياد رفتگان"، جنهن کي سنڌي شاعرن جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي ته ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. ان ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن جو احوال ملي ٿو.

تازو ئي سنڌي ادبي بورڊ ان ڪتاب جو نئون ايڊيشن شايع ڪيو آهي. اِهو ڇاپو ڏسندي ئي اُهو ڏينهن اچي ياد پيم، جڏهن آءٌ ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد' پنهنجي بزرگن جو احوال ڪٺي مخدوم صاحب جن جي خدمت ۾ سنڌي ادبي بورڊ پهتاسين. پاڻ دل و جان سان اسان جي خاطر تواضع ڪيائون. ڪتاب ڏسندي ئي دل ڀر ڇير ته، جيڪڏهن مخدوم صاحب سان حياتي وفا ڪري ها ته اڄ هيءُ ڪتاب ڪجهه وڌيڪ واڌارن ۽ سڌارن سان اسان وٽ پهچي ها!

مخدوم صاحب جن جي نثري تصنيفات مان ہي يادگار تصنيف آهي "ڪافي". هيءُ ڪتاب لاجواب آهي، جيڪو بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو.

ڪافي هجي يا بيت، غزل هجي يا رباعي، مطلب ته پاڻ هر صنف تي سخن آرائي جا جوهر ڏيکاري ميدان سخن ۾ پاڻ ملهايو آهي ته نثرنگاري ۾ به ڪين اعليٰ مقام حاصل آهي.

مخدوم صاحب کي جڏهن به ڏسڻ جو موقعو مليو، تڏهن مون کي سندن گفتگو ۾ سنجيدگي ۽ شائستگي جو عنصر نمايان نظر ايندو هو. هاڻي اوهان اندازو لڳايو ته جنهن شخص جي تصوير ئي ايڏو متاثر ڪندڙ هجي ته هو پاڻ خود ڪيڏو متاثر ڪندڙ هوندو.

انٽرويو وٺندڙ: طارق اشرف

# مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو يادگار انٽرويو

سوال: اوهان جون ٽي حيثيتون آهن: مرشد- شاعر- سياسي ليڊر. ڪهڙي حيثيت اوهان جي نظر ۾ اهم آهي ۽ ڇو اهم آهي؟

جواب: مان ٽنهين کي اهم سمجهان ٿو، پر مرشد جي حيثيت پهرين نمبر تي آهي. انهيءَ ڪري جو، مرشد جو مطلب آهي، ارشاد ڪرڻ وارو. جيڪو پنهنجي مريدن کي، پنهنجي دوستن کي، پنهنجي زيردستن کي، قرآن ۽ سُنت تي هلڻ ۽ عمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. مرشد بار بار، بلڪ سدائين هدايت ڪري ٿو، ڪي ماڻهو انهي تي عمل ڪن ٿا ۽ انهن کي فائدو رسي ٿو، پر ڪي نٿا ڪن. جهڙيءَ طرح علامه اقبال چيو آهي: *ان میں غافل بھی ہیں، جاہل ءبھی ہیں، ہوشیار بھی ہیں، سیکڑوں تیرے نام سے بیزار بھی ہیں۔*

ائين ڪونهي سؤ سيڪڙو ماڻهو عمل ڪن، پر مرشد ته انهن کي سؤ سيڪڙو هدايت ڪري ٿو. پوءِ اڳلو انهيءَ تي ڪيتري قدر عمل ڪري ٿو، اهو دارو مدار ان تي آهي. انهيءَ ڪري پهرين حيثيت مان انهيءَ کي ٿو ڏيان. مخدوم نوح رضہ کان اڄ تائين اهو سلسلو هلندو اچي. انهيءَ جي جيڪا معلومات اسانکي آهي يا پنهنجو جيڪو لٽريچر اسان پڙهيو آهي يا سندن سوانح حيات پڙهي اٿئون، انهيءَ لحاظ کان مرشد جي حيثيت تمام اهم آهي.

ٻئي نمبر تي آءٌ اهميت شاعريءَ کي ٿو ڏيان. ڇو ته شاعري قوم کي هوشيار ڪرڻ جو ذريعو آهي. منهنجي خيال ۾ جي- ايم- سيد جو اهو چوڻ صحيح آهي ته ”شاعري، نثر کان وڌيڪ اثر رکي ٿي، جيڪڏهن انهيءَ قسم جي آهي.“ شاعريءَ جي ذريعي گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو، سمجهائي سگهجي ٿو، جيڪڏهن صحيح شاعر آهي.

اهميت جي لحاظ کان سياست يا سياسي ليڊريءَ کي آءٌ ٽئين نمبر تي رکندس. انسان جي زندگيءَ سان سياست لازم ملزوم آهي. انگريزن جي دور کانپوءِ، خاص طور تي هن دور ۾ انگريزن جي دور ۾ به سياست هئي، پر تڏهن نمونو ٻيو هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سياست جو نمونو ٻيو آهي. زندگيءَ سان سياست به لازمي شيءِ آهي، هر معاملي ۾ سياست هئڻ گهرجي. تنهنڪري سياست به آهي بشرطيڪ صحيح سياست هجي.

س: اوهان هڪ وڏا پير آهيو. ڪڏهن اوهان کي اهو احساس ٿيو آهي ته انهيءَ حيثيت ڪري، اوهان عام ماڻهوءَ کان پري آهيو؟

ج: اوهان ڪيئن ٿا چئو ته آءٌ عوام کان پري آهيان. ڪيترا اهڙا پير آهن جيڪي عوام کان قطعي طور پري آهن. پر آءٌ انهن مان ڪونہ آهيان. منهنجا وڏا يا بزرگ به انهن مان ڪونہ هئا. آءٌ عوام سان گڏ آهيان خود به عوامي ماڻهو آهيان. مون وٽ ماڻهو اچن ٿا، انهن سان گڏ اٿجي ٿو، ويهجي ٿو، ڳالهائجي ٿو. قطعي طور انهن کان جدائي ڪانهي. سؤ پئسا آءٌ عوام سان گڏ آهيان. فقط انهيءَ وقت جدا رهان ٿو، جڏهن طبيعت ٺيڪ نہ هوندي آهي. باقي روز جو معمول اٿم، جيترا ماڻهو ايندا آهن، انهن سان ملندو آهيان. لڪين ماڻهن سان آءٌ ملي چڪو هوندس. آءٌ انهن پيرن مان ڪونہ آهيان جيڪي عام ماڻهن ۽ پنهنجن مريدن کان پري رهندا آهن.



”برسات“ لاءِ طارق اشرف، مخدوم محمد زمال طالب الموليٰ کان انٽرويو وٺندي.

**س:** ڪڏهن اوهان اهو چاهيو آهي تہ لکين مريدن جا پير نہ هجو ها، فقط هڪ شاعر يا هڪ عام ماڻهو هجو ها؟

**ج:** اها ڳالهہ ذهن ۾ ڪڏهن نہ آئي آهي.

**س:** اوهان کي اها عزت فقط اوهان جي بزرگن جي ڪري ورثي ۾ ملي آهي يا اوهان جي محنت بہ انهيءَ ۾ شامل آهي؟

**ج:** ٻئي ڳالهيون آهن. بزرگن جي ڪري بہ، پنهنجي خدمت ڪرڻ ڪري بہ. خلق جي خدمت تمام وڏي شيءِ آهي. ٻنهي شين ملائي ڪري انهيءَ درجي تي آندو آهي.

**س:** هيءُ سائنسي دور آهي. دنيا ڏاڍي ترقي ڪري ويئي آهي. اڄ اولاد کي ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ چئجي ٿو تہ اولاد بہ پڇي ٿو ”ڇو؟ ڇاجي لاءِ؟“ اهڙين حالتن ۾، اوهان جي خيال ۾ ”مرشد ۽ مريد“ جو سلسلو ڪيتري عرصي تائين هلندو؟

**ج:** منهنجي تہ خيال ۾ اهو سلسلو بند نہ ٿيڻ گهرجي. البت مختلف دور آهن. شروع کان تاريخ پڙهجي تہ اهڙا دور بہ آيا آهن، جنهن ۾ ”مريدي ۽ مرشدي“ اوج تي آهي. وري اهڙا دؤر بہ آيا، جن ۾ ڪمي آئي. اهڙيءَ طرح ڪمي بيشي ٿيندي رهندي. ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي تعليم يافتہ آهن، پر مرشد کي مڃين ٿا. ساڳيو مريدي جي تعليم وارو سلسلو جاري رکيو اچن. چيو وڃي ٿو تہ اڻ پڙهيل ۽ جاهل انهيءَ عقيدي جا هوندي آهن. پر اها ڳالهہ ڪانهي. پڙهيل بہ اهو عقيدو رکن ٿا. پاڻ اهي وڌيڪ سمجهي سگهن ٿا مرشد کي. اڳتي هلي سيئي پڙهي وڃن، سؤ سيڪڙو پڙهي وڃن، پوءِ حالتون ڪهڙيون بہ هونديون. انهيءَ جي خبر خدا کي.

**س:** عام طور تي، سنڌي چوندا آهن: مرشد قيامت ۾ ڇڏائيندو، ڇا واقعي مرشد قيامت ۾ مريدن کي ڇڏائيندو؟

**ج:** جيڪي ماڻهو اهو سوچين ٿا تہ مرشد قيام ڇڏائيندو، منهنجي خيال ۾ اهي اڻ ڄاڻ ماڻهو هوندا. انهن ڳالهہ سمجهي غلط آهي. مرشد جو ڪم آهي قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ ۽ عمل ڪرائڻ جي توفيق پيدا ڪرڻ،

هن کي سمجهائڻ، هنکي هدايت ڏيڻ، جيڪو ماڻهو انهيءَ تي عمل ڪندو، ايترو ئي قيامت جي ڏينهن ڪيس فائدو رسندو. الله رب العالمين آهي، بخشڻ وارو اهو آهي. انهيءَ ڪان پوءِ اسان جو رسول آهي، جيڪو، رحمت العالمين آهي، بخشش ڪرائڻ جو دارومدار ان تي آهي.

مرشد جو مطلب آهي ارشاد ڪرڻ وارو، هدايت ڪرڻ وارو مرشد. انبيا اسلام ڪان اڳ به آيا آهن. هر مذهب ۾ مرشد پيدا ٿيا آهن. آءٌ انهن کي مرشد سمجهان ٿو جن نيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي هدايتون ڪيون مرشد لکن جي تعداد ۾ ٿي گذريا آهن، پر پڇاڙو انهن ڪان به ٿيڻو آهي. آءٌ حضرت عمرؓ جو مثال ڏيان ٿو، جيڪو ٻيو خليفو هو. انهن ساڍا يارنهن سال خلافت ڪئي. 20 هجريءَ ۾ وفات ڪيائون. سندس وفات ڪان ڏهه سال پوءِ هڪ صحابي خواب ۾ حضرت عمرؓ کي ڏٺو. سندس پڇڻ تي حضرت عمر ٻڌايو ته اڄ پڇاڙي ڪان واندو ٿيو آهيان. هاڻ جڏهن حضرت عمر جهڙي ماڻهوءَ ڪان ڏهه سال پڇاڙو ٿئي ٿو ته ٻيو ڪهڙو هن ڪان وڌيڪ ٿي سگهي ٿو، جنهن ڪان پڇاڙو نه ٿئي. مرشد قيامت ڇڏائڻ جو هڪڙو ذريعو آهي، ڇاڪاڻ ته هو نئين واٽ ڏيکاري ٿو. اڳلو انهيءَ تي عمل نه ڪندو ته سزا ڪائيندو.

**س:** اوهانجي مريد ٿيڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟

**ج:** طريقو اهوئي آهي، جهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن بيعت وٺندا هئا. پنهنجي هٿ تي بيعت وٺندا هئا. اهو طريقو انهيءَ نموني هليو ٿو اچي. اڳي جهاد ۾ ٻين ڳالهين لاءِ واعدو ورتو ويندو هو. هاڻ قرآن ۽ سنت ۾ ٻين نيڪ ڪمن لاءِ واعدو ورتو ٿو وڃي. بيعت آهي واعدو ڪرڻ، يعني انهيءَ ڳالهه تي عمل ڪندو.

**س:** اوهان پنهنجي مريدن کي ڪهڙي تعليم ڏيندا يا تلقين ڪندا آهيو؟

**ج:** جنهن وقت هو بيعت ڪندو آهي، ڪيس قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪبي آهي. الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ لاءِ چئبو آهي. اسان جا خليفا، ورڪر، ننڍا خليفا، انهن سان هميشه رابطو هوندو آهي، هر لحاظ ڪان ڪوشش ڪبي آهي ته اهي سنئين واٽ وٺن. اڳتي هلي اهي عمل ڪن يا نه ڪن اها سندن قسمت.

**س:** ويهه ٽيهه سال اڳ ۽ اڄ جي مريد ۾ ڪو فرق محسوس ڪريو ٿا.

**ج:** فرق ڪو خاص ته ڪونهي. ڪي تعليم يافته ماڻهو پسند نٿا ڪن ته اسين ڪنهن جا مريد سڏجون،ڪنهن ڪان هدايت وٺون. منهنجي خيال ۾ اهي بي مرشد چئبا، اهڙن ماڻهن کي عام طور تي بي پيرواه چئبو آهي. اهي ايترو فيض حاصل نٿا ڪري سگهن جيترو مرشد وارا حاصل ڪري سگهن ٿا.

**س:** هڪڙو ماڻهو قرآن ۽ سنت تي پوريءَ طرح عمل ڪري ٿو، نماز ۽ روزي جو پابند آهي. پر اهو ڪنهن جو مريد ڪونهي. ٻيو مذهب تي پورو ڪونهي، پر مرشد وارو آهي. ٻنهي ۾ فرق ڪهڙو؟

**ج:** نيت نيڪ هجي، پوءِ اهو ڪنهن جو مريد هجي يا نه هجي. جنهن جي نيت نيڪ هوندي اهو پنهنجي مقصد ۾ يقينن ڪامياب ٿيندو. جيڪو مرشد وارو نه هوندو اهو ٿورو دير سان ڪامياب ٿيندو. ڇاڪاڻ ته استاد جي هر ماڻهوءَ کي ضرورت پوي ٿي. بي استاد ماڻهو جلدي ترقي نه ڪندو. سواءِ ڪن ٿورن جي. چوندا ڪونه آهن، فلاڻو استاد پير وارو آهي، پر جيڪڏهن ڪو مرشد وارو آهي، پر اطاعت نٿو ڪري، نيت نيڪ ناهي، ته پوءِ انهيءَ جون عبادتون. رياضتون، هن جو ذڪر فڪر رڳو ڏيکاءُ آهي. اها رياڪاريءَ جي عبادت آهي ۽ اها ڪيس جهنم ۾ وٺي ويندي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته هر عمل جو دارومدار نيت تي آهي.

**س:** اوهان جي مريد ٿيڻ جا طريقا ڪهڙا آهن؟

ج: مريد ٺيڻ جو طريقو اهو آهي ته مريد پنهنجو هٿ ڏيندو ۽ مرشد به پنهنجو هٿ ڏيندو. هڪ هٿ مريد جي هٿ هيٺان ۽ ٻيو مٿان. هڪ خليفو به اتي موجود هوندو آهي. جيڪو مريد کي سچي ڳالهه سمجهائيندو ته اسان جو مذهب ڪهڙو آهي. اسان جا طور طريقا ڪهڙا هن. ڪيس ڪلمو طيب پڙهائيو. پوءِ ڪيس قرآن ۽ سنت تي هلڻ جي تلقين ڪبي، ذڪر فڪر جو طريقو سمجهائيو. هر اُها ڳالهه سمجهائبي، جنهن جو زندگيءَ سان دارومدار آهي. وري جڏهن به هن سان ملاقات ٿئي ٿي، هن کان پڇجي ٿو، هن کي ياد ڏيارجي ٿو ته هن کي ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن. طريقو ۽ شرط بلڪل معمولي آهن، پر تمام عظيم آهن.

س: مريد مرشدن کي ڏن پٽ ڏيندا آهن. ڇا اوهان به اهو وٺندا آهيو. اهو مقرر آهي يا مريد جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي؟

ج: ڪنهن شاعر چيو آهي: مريدي خادمي ڏن نظر دعوت آهي مڙئي ڊڪو دستوري نذراني کي ڏن پٽ چيو ٿو وڃي. اهو هر هنڌ هر مرشد کي ملي ٿو. لنگرخاني جن خرچ انهيءَ مان هلائبو آهي. مرشد وٽ مريد ايندا آهن، رهندا، کائيندا آهن. اهو پئسو انهن تي ئي خرچ ڪجي ٿو. آءٌ پنهنجي لنگرخاني جي ڳالهه ٿو ڪريان، مونکي ايترو پئسو ڪونه ٿو ملي، جنهن مان مهمان خانو هلي سگهي. ان کان چار حصا وڌيڪ مان پنهنجو ذاتي خرچ ڪريان ٿو، انهن جي قيام ۽ طعام تي.

س: جيڪڏهن ڪو مريد سڄي زندگي اوهان کي نذرانو نه ڏي؟

ج: پلي نه ڏي. اسان وٽ اها ڳالهه مقرر ڪانهي. ڪن وٽ هوندي. اوهان کي معلوم هوندو، اسان وٽ ڪي پير اهڙا به آهن، جيڪي وقت جي مهانگائيءَ سان نذرانو به وڌائيندا رهيا آهن.

س: شاعري ڏانهن شوق اوهان کي ورثي ۾ مليو آهي يا اوهان جي شعوري ڪوشش آهي؟

ج: شاعري ورثي ۾ ملي آهي. روايت آهي ته پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديقؓ به شاعر هئا. ان جي اولاد مان اهو سلسلو هلندو پيو اچي ۽ ايستائين اچي پهتو آهي. مخدوم نوح رحمته الله کان اڳ جيڪي ماڻهو هئا، اهي شاعر هئا يا نه، انهيءَ جي ڄاڻ ڪونه اٿم، پر مخدوم نوح پاڻ شاعر هو. اهڙيءَ طرح ورثي ۾ اها شيءِ مليل آهي. شاعريءَ جي مون تعليم ڪانهي ورتي، نڪو مون پنهنجي ڪوشش سان شاعري ڪئي آهي. ائين فطري طرح ورثي ۾ ملي آهي.

س: شاعري اوهان کي ورثي ۾ ملي آهي. ڇا انهي ڪري اوهان شعر وڌيڪ چيو آهي ۽ نثر گهٽ لکيو اٿوَ؟

ج: نثر ۾ مون لکيو آهي تمام گهڻو لکيو آهي.

س: مان سمجهان ٿو شعر ڪجهه وڌيڪ لکيو آهي؟

ج: شاعري نثر کان ڪجهه زياده آهي. پر گهٽ لکڻ جو سبب اهو ڪونهي. منهنجا تمام گهڻا مقالا لکيل آهن، انهن مان ڪيترا ڇپيا ڪونهن. نثر ۾ "ڪافي" نالي ڪتاب ڇپيل آهي. ان کان علاوه "تصوف اسلام" وغيره به نثر ۾ آهن، ڪيترائي مضمون ڇپيل آهن، تاهم شاعري ڪجهه زياده آهي.

س: اوهان اولاد به شاعريءَ ڏانهن توجهه وڌيڪ ڏنو آهي. ڇا اوهان جي اهڙي هدايت آهي؟

ج: نه اهڙي هدايت ناهي منهنجي پٽن مان ڪي شاعر آهن، ڪي ناهن. قدرتي طرح شاعري ڏانهن رجحان آهي. جيئن منهنجو.

س: اوهان شعر چوڻ جي ابتدا ڪڏهن کان ڪئي؟

ج: مون جڏهن کان شاعري شروع ڪئي آهي، مون انهي تي تاريخ لکڻ به شروع ڪئي آهي. هر غزل، هر بيت، هر ڪافيءَ تي تاريخ لکيل آهي. مرحوم اسد الله شاهه حسيني منهنجو دوست هو، هن ۽ مون حساب لڳايو ته 1930ع کان مون شاعري شروع ڪئي.

س: شاعريءَ ۾ اوهان جو استاد ڪير هو؟

ڄ: پهريون استاد تہ منهنجو والد هو. سندن تخلص ”مغموم“ هو. ڪين شاعريءَ سان لڳاءُ هو، پر سندن شاعري محفوظ نہ رهي سگهي البت ڪجهہ غزل ۽ ڪافيون موجود آهن.
والد منهنجو فقيري طبيعت جو هو، فقيرن سان گهڻو اٿندا ويهندا هئا. فقيرن جو اچڻ وڃڻ وٽن گهڻو هو. پاڻ سياح بہ هئا، گهڻو وقت سياحت ۾ گذاريائون. اڄ آءٌ تسليم ٿو ڪريان تہ محمد صديق ”مسافر“ ٽنڊي باگي واري جي صحبت ۾، مون کي چڱو فائدو مليو. مسافر جو منهنجي چاچي مخدوم غلام حيدر وٽ اچڻ وڃڻ هو. ادب سان دلچسپي منهنجي چاچي کي بہ هئي. مسافر مون وٽ بہ ايندو هو. استادي تہ ڪونہ ورتي هئم، پر هن جون سمجهاڻيون ڪم آيون. پوءِ شاعرن سان اٿڻ ويهڻ، انهن جي صحبت مان مستفيض ٿيس.
س: هڪ ڳالهہ مشهور آهي تہ غلام محمد گرامي اوهان جو استاد هو؟
ڄ: غلام محمد گرامي شاعر هو ئي ڪونہ. بلڪل غلط فهمي آهي تہ هو شاعر هو. ڪيس مولانا چوندا هئا، مطالعو وسيع هوس، حافظو بہ سٺو هوس. بحث مباحثن ۾ بہ مشهور ۽ ڪامياب هو. باقي شاعر ڪونہ هو، انهيءَ جو مثال آءٌ پيش ٿو ڪريان، سندس هٿ اکر آهن، اوهان پاڻ مطالعو ڪيو. ڪيس شعر لکڻ نہ آيو آهي، هتي شبير هاطف ڪان صلاح پڇي اٿس. شبير هاطف ڊاڪٽر اسد الله شاه حسينيءَ جو ننيو ڀاءُ آهي. انهيءَ مان اوهان کي اندازو ٿي ويندو تہ غلام محمد گرامي شاعر آهي يا ڪونهي. گرامي صاحب مون تي مهربان هو. ساڻس دوستانہ تعلقات هئا. ساڻس ڏاڍو سٺو وقت گذريو. استاد جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿيڻ گهرجي. جاڪاڻ تہ پاڻ شاعر نہ هو، تنهن لاءِ اهي ثبوت ئي ڪافي آهن. البت هو شاعريءَ کي تمام چڱيءَ طرح سمجهندو هو.
س: اوهان سنڌيءَ کان علاوه ٻين زبانن ۾ بہ شاعري ڪئي آهي؟
ڄ: مون اردوءَ ۾ لکڻ جي ڪجهہ ڪوشش ڪئي. پارسيءَ ۾ شاعري ڪيم. سرائڪيءَ ۾ مختصر لکيم. پوءِ هڪدم خيال آيم تہ پنهنجي زبان سنڌي موجود آهي. پوءِ ٻين زبانن ۾ چو لکجي. ٻين زبانن ۾ لکڻ وارا گهڻائي موجود آهن آءٌ چو لکان. ان ڪانپوءِ ٻين زبانن ۾ لکڻ ڇڏي ڏنم. تاهم ڪجهہ شعر ٻين زبانن ۾ لکيا اٿم.
س: پلا فارسي يا ٻي ڪنهن زبان ۾ اوهان جو استاد؟
ڄ: نہ ڪوبہ استاد ڪونہ آهي.
س: اوهان ڪنهن آزاد شاعري ڪئي آهي؟
ڄ: آزاد شاعري نالو مون کي پسند آيو آهي. پر مون اِها ڪئي ڪانهي، آزاد نظم جنهن کي چون ٿا، اهو بلڪل غلط آهي. آزاد شاعري ڇئي سگهجي ٿو. مون اِها ان ڪري نہ ڪئي، جو اِها مونکي پسند ڪانهي. ڇا جي ڪري تہ اها ڌارين شيءِ آهي، ڌارين ملڪن مان آندي ويئي آهي. جهڙي طرح غزل آهي. اِهو ايران مان آيو آهي. انهيءَ کي آئي صديون ٿي ويون آهن ۽ هاڻ سنڌين هن کي پنهنجو ڪري ورتو آهي. اهڙيءَ طرح سان جاپاني شاعري، فرانسيسي شاعري، انگريزي شاعري، آمريڪن شاعري يا گوئٽي، ٽئگور- انهن جي ملڪن ۾ جيڪي زبانون آهن، انهن جي ميوزڪ ۽ راڳ جي مناسبت سان اِها شاعري صحيح آهي. پر اسان جي مزاج سان، اسان جي موسيقيءَ سان انهيءَ جو ڪو تعلق ڪونهي. آزاد شاعري ڳائي نٿي سگهجي. انهن ملڪن ۾ اها شاعري ڳائجي ٿي. اسان وٽ موسيقي جدا آهي. اسان وٽ نڪو انهيءَ کي ڪو ڳائي سگهي ٿو نہ ٻڌي سگهو ٿا. شايد ڪجهہ لکندڙ ناراض ٿين، آءٌ ڪنهن تي بہ تنقيد ڪونہ ٿو ڪريان، پر مان لکڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. البت خوش طبعي جي نموني تي ہ ٽي آزاد نظم لکيا هئا، جن جو نالو رکيم فري اسٽائل. آزاد جي مقابلي ۾ فري اسٽائل زبان استعمال ٿيل آهي. انهن ۾ ڪچا لفظ يا گارگند ڪونهي. پر اُهو ڇاپڻ جهڙو ڪونهي. ڪنهن کي ڏيکارڻ جهڙو ڪونهي. اها شيءِ منهنجي طبيعت سان تعلق نٿي رکي.

**س:** هينئر اوهان فرمايو تہ غزل ايران مان اسان وٽ آيو. ۽ هاڻ سنڌي ٿي ويو. آزاد نظم بہ ٻاهران آيو آهي. اِهو بہ اسان وٽ عام مروج ٿي ويندو؟

**ج:** صدين کان پوءِ ٿي سگهي ٿو.

**س:** آزاد نظم کان علاوه فرانس مان ترائيل ۽ سانيٽ ۽ جاپان مان هائيڪو آيا، جيڪي پابند آهن، آزاد ناهن.

**ج:** انهن جي زبان ۾ اِها موزون شاعري آهي، پر اسان وٽ آءٌ پانيان ٿو تہ موزون شاعري نہ چوڻ گهرجي. پر رديف ۽ قافيي ۾ هنجي پابندي آهي، سٽون هڪجيتريون آهن تہ پوءِ اها شاعري آهي ۽ صدين کان پوءِ شايد انهن کي سنڌي زبان پنهنجو ڪري وٺي.

**س:** اوهان آزاد نظم کي جنهن کي مون آزاد شاعري چيو. اوهان ان کي شاعري مڃو ٿا، يا اها شاعري ڪانهي؟

**ج:** شاعري يقينن آهي. جتان بہ آئي آهي، شاعريءَ جي حيثيت ۾ آئي آهي. نظم جو مفهوم آهي. نظم و نسق. نظم ۽ آزاد اهي ٻئي تضاد آهن، هن کي آزاد شاعري چئجي، آزاد نظم نہ چوڻ گهرجي.

**س:** اوهان جي بزم طالب المولىٰ سان جيڪي بہ شاعر واسطو رکن ٿا. انهن گهڻو ڪري پابند شاعري ڪئي آهي؟

**ج:** ان ڪري تہ سيئي پراڻا شاعر آهن، وڏي عمر جا شاعر آهن. بزم جي وجود کي پنجويهہ سال ٿي ويا آهن. ان زماني ۾ آزاد شاعري هئي ڪونہ. ڪي نوان نئيا آهن، انهن ڪئي هوندي، ان جي خبر ناهي. پراڻا شاعر، پراڻي ڳالهہ تي هليا اچن. آءٌ بہ پراڻن شاعرن مان آهيان.

**س:** اوهان جي شاعريءَ تي اڪثر اِهو اعتراض هوندو آهي تہ شعرن ۾ فارسي گهڻي هوندي آهي ۽ روائتي شاعري هوندي آهي. گهڻي ڀاڱي گل و بلبل، ساغر و مينا جو ذڪر هوندو آهي.

**س:** علامہ آءِ آءِ قاضيءَ وٽ منهنجو اچڻ وڃڻ جهجهو هو. هڪڙي دفعي علامہ صاحب ٻڌايو تہ ننڍي عمر ۾ ٻار کي جيڪو بہ سيکاريو وڃي ٿو، ٻڌايو وڃي ٿو، هن جي حافظي ۾، هن جي شعور ۾ اِهو هميشہ محفوظ رهي ٿو. پنهنجو مثال ڏنائين تہ ننڍي عمر ۾ گهر وڃبو هو تہ ڪُڪڙ پَرَ نيڙي پئي هوندي هئي. امان چوندي هئي: ابا اج ڪو مهمان ٿو اچي، ڪڪڙ انهيءَ ڪري ائين ويني آهي. هاڻ وڏي ٽيڙ کان پوءِ مون کي يقين آهي تہ اهو غلط آهي. پر اج ڏينهن تائين بہ، ڦيريون دفعو جڏهن اهڙي ڪڪڙ تي نظر پوي ٿي تہ امان جي ڳالهہ ياد ايندي آهي. منهنجي تعليم و تربيت جنهن ماحول ۾ ٿي آهي يا ڏني وئي آهي..... اڳ مون کي قرآن شريف پڙهايو ويو. پوءِ سنڌي پڙهائي وئي، پوءِ فارسي پڙهائي وئي. ڪجهہ عربي بہ. فارسيءَ جو مون پورو ڪورس مڪمل ڪيو. لازمي طرح سان فارسيءَ جا الفاظ منهنجي شاعريءَ ۾ اچيو وڃن. ائين بہ غزل جيترو فارسي ۽ عربيءَ جي استعمال سان سهڻو، خوشنما ۽ بهترين لڳي ٿو. اهڙو صفا سنڌي ۾ نہ. انهيءَ کان بهتر آهي تہ پوءِ ڪافي لکجي.

ماڻهو انهيءَ ڪري ٿا اعتراض ڪن، جو اڄڪلهہ فارسي پڙهن ڪونہ ٿا، سمجهن ڪونہ ٿا. انهيءَ ۾ نہ ڏوهہ فارسيءَ جو آهي، نہ منهنجو. غالب تي بہ سندن هر عصر شاعرن اعتراض ڪيو هو تہ سندس شاعري تمام گهڻي فارسي آميز آهي. هن جو جواب هن هڪ رباعيءَ ۾ ڏنو هو. آخري سٽ مونکي ياد آهي: گوير مشڪل و گر نہ گوير مشڪل. جيڪي ماڻهو فارسي نٿا پسند ڪن، اهي سنسڪرت ۽ هندي جو ٿا استعمال ڪن سنڌي زبان ۾. انهيءَ ڳالهہ تي بہ اعتراض آهي. جيڪا سنڌي زبان اسين ڳالهايون ٿا. هينئر اوهان ۽ آءٌ جنهن زبان ۾ ڳالهايون وينا، انهيءَ ۾ شاعري ڪجي، اها بهتر آهي. باقي فارسي نہ آڻجي، هندي ۽ سنسڪرت آڻجي، اهو غلط.

**س:** جديد شاعريءَ جي متعلق اوهان جو رايو؟

**ج:** جديد شاعري، جنهن جو ذڪر ٿي چڪو.

س: جديد شاعريءَ سان منهنجو مقصد فقط آزاد نظم ڪونهي. پراڻي شاعري يا پراڻو غزل جيڪو روائتي قسم ۾ هوندو هو، جنهن ۾ گل و بلبل، ساغر ومينا، نرگس ۽ سوسن جو ذڪر هوندو هو. اڄ جي جديد شاعري عوام جي مسئلن تي ڪجي ٿي. انهن ڳالهين ۽ شين تي ڪجي ٿي، جن جو واسطو سڌو سنئون زندگيءَ سان آهي؟

ج: اسان جو سنڌي ماڻهو جڏهن تنقيد ڪري ٿو ته تنقيد جي بدران ترديد ڪري ٿو. پر انهيءَ ڳالهه ڪان پاسي ٿي ڏسو ته گل و بلبل، ساغر و مينا سان گڏ ايترا ئي شعر قومي نظر ايندا. ايترا شعر امراء، وزراءَ، صدر ۽ اميرن تي نڪتاچيني سان ملندا، جن جي ڪا حد ڪانهي. آءٌ پنهنجي ڪلام جي ڳالهه ڪريان ٿو. هڪ دفعي ڪو منهنجو پورو ڪلام پڙهي ڇڏي، پوءِ بڌاءِ ته مون ڇا لکيو آهي. واقعي رڳو گل و بلبل جي تصوراتي شاعري آهي ائين ڪونهي. سچي شاعريءَ جي مطالعي ڪانپوءِ به جڏهن ڪير نه سمجهي ته مجبورن ماٺ ڪرڻي پوندي. حالانڪ ان ۾ اميرن لاءِ تشبيهه آهي، وزيرن، ملا، واعظ ۽ محتسب تي تنقيد ڪيل آهي. پر اڄڪلهه شاعريءَ ۾ هر شيءِ تي لکجي ٿو اهو به بهتر آهي. مولانا شبلي نعماني پنهنجي ڪتاب "شعرالعجم" ۾ لکيو آهي ته شاعر ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙو اهو شاعر جيڪو ٻين لاءِ لکي. انهي کي خطيب چئبو. ڇاڪاڻ ته هو ٻين کي ٿو خطاب ڪري. هڪڙو شاعر اهو آهي جيڪو پنهنجون وارداتون، پنهنجا حادثات ۽ پنهنجا قلبي مشاهدا. پنهنجي لاءِ ٿو لکي. انهيءَ کي هن وزن ڏنو آهي ته اهو صحيح شاعر آهي، ڇو ته ڪوبه ڳائڻو، ڪنهن به شاعر کي ڳائيندو ته ٻڌندڙ ائين محسوس ڪندا ته هيءَ منهنجي ڳالهه پئي ٿئي. تنهنڪري اهو شعر ۽ شاعر بهتر آهي، جيڪو پنهنجي صحيح صحيح واردات لکي. ڪڏهن ڪڏهن تصوراتي ڳالهيون به اچيو وڃن. مولانا شبليءَ جي چوڻ مطابق اهو فرق آهي ۽ جيڪو ڪرسيءَ تي، ڪٽ تي، گهوڙي تي، ٽرنڪٽر تي.....

س: قطع ڪلامي معاف عام هاري، عام ماڻهو.....

ج: هاري، گهوڙو، اٺ، هر، ٻني ٻارو. انهن شين تي لکڻ گهرجي. تمام ضروري آهي ته انهن تي لکجي جنهن مان هاريءَ کي فائدو ٿئي، گهوڙي سوار کي فائدو ٿئي. پائلٽ کي فائدو ٿئي ۽ قوم کي فائدو ٿئي. اها سٺي شيءِ آهي.

س: اوهان فرمايو ته جڏهن اوهان ٻين زبانن ۾ شاعري شروع ڪئي ته اوهان کي خيال ٿيو ته آءٌ پنهنجي سنڌي زبان ۾ ڇو نه شاعري ڪريان، ته اوهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته اوهان جي شاعريءَ ۾ فارسي وڌيڪ استعمال ڪيل هوندي آهي، عام ماڻهو ته ايتري فارسي ڄاڻي ڪونه ٿو جيڪڏهن اوهان نج سنڌيءَ ۾ لکندا ته پڙهندڙ فيض حاصل ڪري سگهندا.

ج: اهڙا غزل به ڪيترائي موجود آهن، جيڪي نج سنڌيءَ ۾ آهن. فرق فقط هيءُ آهي ته ڪنهن به منهنجو سڄو ڪلام پڙهيو ئي ڪونهي ۽ منهنجي ڪافي ته نج سنڌيءَ ۾ آهي. هر شخص انهي کي سمجهي سگهي ٿو. اڻ پڙهيل انهيءَ کي سمجهندو.

س: شيخ اياز جي شاعري اوهان پڙهي آهي. اوهان جو سندس شاعري متعلق ڪهڙو رايو آهي؟

ج: شيخ اياز جي شاعري مون ايتري ڪونه پڙهي آهي پر ٻه ٽي ڪتاب مون پڙهيا آهن. شيخ اياز جو غزل بلڪل اهڙو غزل آهي، جهڙو منهنجو فارسي غزل. "پونئر پري آڪاس" ۾ اياز جا جيڪي غزل آهن، اهي بهترين غزل آهن. اهي سڀئي فارسي آميز آهن ۽ ايترا فارسي آميز آهن، جنهن جي حد ڪانهي. هڪڙو اهڙو طبقو آهي، جيڪو شيخ اياز جي انهيءَ غلطي کي لڪائي ٿو. پر اها غلطي ناهي، بهترين شيءِ، وڏي وصف آهي

شاعريءَ جي. ”پوئٽر يري آڪاس“ ۾ اياز جا جيڪي غزل مون پڙهيا آهن، اهي اهڙائي آهن جهڙا منهنجا غزل. انهي کان علاوه ايران واري جيڪا موزون شاعري آهي، يعني قطعه وغيره، اهي به ائين لکيا آهن، پر جيڪي وايون وغيره لکيون اٿس، جيڪي نيٽ سنڌيءَ ۾ آهن، اهي به ائين آهن، جيئن مون نيٽ سنڌيءَ ۾ لکيون آهن.

ڪراچيءَ جي هڪ ائسوسيئيشن آهي. مونکي نالو ياد ڪونهي، اها ٻارهين مهيني، سال ۾ جيڪي ڪتاب نثر ۽ نظم ۾ ڇپبا آهن مونکي موڪليندا آهن. ۽ لکندا آهن ته جيڪو ڪتاب اوهان کي پسند اچي، انهيءَ تي پنهنجو رايو لکي موڪليو. مون ڪڏهن به نثر واري ڪتاب تي راءِ نه ڏني آهي. نظم واري ڪتاب تي هميشه شيخ اياز جي فائدي ۾ لکيو آهي.

**س:** اوهان تنوير عباسي ۽ شمشيرالحيدري جي شاعري پڙهي آهي؟

**ج:** تمام ٿوري. انهيءَ لاءِ چوندس ته انهن جي سموري شاعري پڙهان ته پوءِ راءِ ڏيان. ٿورو گهڻو جيڪو مون مطالعو ڪيو آهي، آءٌ تنوير عباسيءَ کي زياده-پسند ڪندو آهيان.

**س:** ڀارت جي مشهور سنڌي شاعر نارائڻ شيام کي اوهان پڙهيو آهي؟

**ج:** نه.

**س:** هڪڙن شاعرن کي رجعت پسند ۽ ٻين کي ترقي پسند چيو وڃي ٿو. اوهان جي نظر ۾، ٻنهين ۾ ڪهڙو فرق آهي. اوهان پاڻ کي ڪنهن ۾ شامل ٿا ڪريو؟

**ج:** رجعت پسند (مخدوم صاحب ڪجهه دير سوچيو، پوءِ چيائون) آءٌ ڀانيان ٿو ته اسين جيڪي مسلمان آهيون جيڪي رسول کي مڃون ٿا، اولياءَ گرامي ۽ بزرگن کي مڃون ٿا، اسين به رجعت پسند آهيون. اهڙي ريت ته سڀڪو رجعت پسند آهي، سواءِ انهي جيڪو دهريو هجي، ڪميونسٽ هجي، جيڪو اسلام جا قاعدا قانون نه مڃيندڙ هوندو، اهو ته نهيو، جيڪو مڃيندڙ هوندو انهيءَ کي رجعت پسند چيو ٿو وڃي. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکجي يا انهن کي ڇڏي پوءِ رجعت پسنديءَ تي اچجي.

**س:** ادب ۾ رجعت پسندي جو مطلب هرويرو مذهب ڏانهن ڪونهي، اڳي ادب براءِ ادب لاءِ لکبو هو. هاڻ گهڻي وقت کان ادب براءِ زندگي لکجي پيو. اهڙو ادب جنهن جو واسطو عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ سان هجي. عام ماڻهوءَ جا مسئلا هجن. رجعت پسند ادب اهو جيڪو رڳو پنهنجي لاءِ، تصوراتي، خيالي يا جنهن مان عام ماڻهوءَ کي ڪو فائدو نه رسي؟

**ج:** لکڻ ته ماڻهن لاءِ گهرجي. حد کان وڌيڪ رجعت پسندي به نيڪ نه آهي، نه ترقي پسندي. لائين هڪڙي آهي، جنهن تي ٻيهڻ گهرجي. پنهنجو هڪڙو شعر ٿو ٻڌايان:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ ته پوءِ پيري ۽ مخدومي رڳو منصب ته ڪونهي.

هاڻ هنکي رجعت پسندي ته ڪونه چئبو. تنهنڪري منهنجي راءِ مطابق وچ واري حصي، موزون لائين تي ٻيهڻ کپي.

**س:** اوهان جو ڪو اهڙو شعر آهي، جنهن لاءِ اوهان اهو چئي سگهو ته اهو اوهان جي شاعري جي حيثيت سان سڃاڻپ آهي؟

**ج:** مونکي ٿورو ويسارو آهي، ڊائبٽيز جي ڪري. ان ڪري اهڙي قسم جو ڪو شعر ياد نٿو اچي، جيڪو منهنجي سڃاڻپ جو ڪارڻ هجي؟

**س:** اوهان يا اوهان جي شاعري ڪنهن شاعر يا ڪنهن جي شاعريءَ کان متاثر آهي؟

ج: فارسيءَ ۾ خواجه حافظ پسند آهي، اردوءَ ۾ غالب. سنڌيءَ ۾ شاهه کي ڇڏي، اهڙا تمام گهڻا شاعر آهن، جيڪي ٿي گذريا آهن، موجود آهن، سٺا شاعر آهن، انهن کي ياد ڪري، لسٽ ڊگهي ٿيندي. ائين چوڻ ته هيءَ اول درجي تي آهي. اهو منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي.

س: مون سوال هيو پڇيو هو ته اوهان ڪنهن شاعر يا اوهان جي شاعري ڪنهن شاعر جي شاعريءَ کان متاثر آهي؟

ج: منهنجي شاعريءَ تي ڪنهن جو اثر هجي. ننڍي عمر ۾، جڏهن مون شاعريءَ جي ابتدا ڪئي ته هالا ۾ محمد فقير کٽياڻ، سيد مهدي شاهه جهانيان ۽ انهن جي ٻالڪن جو اچڻ وڃڻ گهڻو هو، منهنجي والد صاحب وٽ مون کي ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ڪو ورلي ملندو هو. آءٌ انهن کي ٻڌندو هوس. ٿوري وقت کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته منهنجي شاعريءَ تي هنن جو اثر آهي. هنن جا لفظ، هنن جو مضمون، جيڪو آءٌ هنن کان ٻڌان پيو، اهڙو ئي لکان پيو. مون اهو سڄو بڪ ڦاڙي ڇڏيو ۽ اها شاعري اتي بند ڪيم. ۽ اهو فيصلو ڪيم ته جيستائين الڳ پنهنجي شاعري نه ڪري سگهندس، تيستائين نه ڪنهن ٻئي شاعر کي پڙهندس، نه ٻڌندس. جيڪڏهن ٻين کان متاثر ٿي اهڙو لکيم ته جهڙو لکيم تهڙو نه لکيم. ان کانپوءِ ڇهه مهينا يا ٻارنهن مهينا شاعري ڪرڻ بند ڪري ڇڏيم، ان کانپوءِ آهستي آهستي وري شاعري شروع ڪيم.

اهو لازمي آهي ته جڏهن ٻئي جو شعر ٻڌجي ٿو ته انهيءَ جو اثر وڃي ٿو. ٻين شاعرن جي شعرن کي ڏسو ته ڪنهن نه ڪنهن جو اثر ضرور ورتل هوندو. تهڙيءَ طرح مون تي به ٻين شاعرن جو اثر ضرور ٿيو هوندو. ڪوبه شاعر ڪونه هوندو، جنهن تي ڪنهن ٻي شاعريءَ جو اثر نه هجي. پر مون تي ڪنهن هڪڙي شاعر جو اثر ناهي.

س: اوهان جي خيال ۾ هڪ وڏي شاعر ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن؟

ج: منهنجي خيال ۾ خوبيون ته ڳولهيون پونديون، جيڪي ڪنهن ۾ به ڪونهن. جن شاعرن شاعري تي ڪتاب لکيا آهن، مثال طور مولانا شبلي نعماني پاڻ شاعر هو ۽ "شعرالعجم" شاعريءَ تي ڪتاب لکيا اٿس. جيڪي شعر جون خوبيون هن ڄاڻايون آهن، سي خوبيون سندس شعرن ۾ ناهن. سؤ پيسا عيب کان پاڪ ڪنهن جو به ڪلام ناهي.

س: اوهان جي نظر ۾ سنڌ جي موجوده شاعرن ۾ ڪهڙو وڏو شاعر آهي؟

ج: ايوب جي دؤر کان وٺي مونکي ڊائبٽيز آهي. اٿڻ ويهڻ ۾ تڪليف ٿيندي اٿم. ان ڪري ٻاهرين شاعرن سان گهٽ ملاقات ڪري سگهيو آهيان. مشاعرن ۾ به گهٽ ويندو آهيان، تنهن ڪري ڪنهن شاعر جو نالو آءٌ نٿو وٺي سگهان. شيخ اياز کان ڪنهن اهڙو سوال پڇيو. تنهن جي جواب ۾ هن پراڻي هالا جي ڪنهن مرحوم شاعر جو نالو ورتو، گل يا ڪو اهڙو تخلص هو هن جو. جنهن فارسيءَ جو استعمال گهٽ ۾ گهٽ ڪيو آهي. تنهن ڪري اياز، هن کي پسند ڪري ٿو. آءٌ فارسي استعمال ڪندو آهيان، ان ڪري مون کي فيض بخشاپوريءَ جو ڪلام پسند آهي. چاچي ڪري ته آءٌ به اهڙي ڍنگ جو ڪلام لکان ٿو.

س: اوهان جي خيال ۾ سنڌ ۾، غزل جو سڀ کان وڏو شاعر ڪير هو؟

ج: اهو به ڪونه چئي سگهندس. مون قديم شاعرن کي ڪونه پڙهيو آهي. نه پڙهڻ جو سبب اهو هو ته متان لاشعوري طرح ٻين جو اثر قبول نه ڪري وٺان. سو آءٌ فيصلو ڪري نه سگهندس ته غزل جو بهترين شاعر ڪير هو.

**س:** چوندا آهن تہ جيڪو سنو پڙهندو ڪونہ تہ اهو سنو لکي نہ سگهندو؟

**ج:** اهو صحيح آهي، پر مون سان مشڪل اها آهي تہ آءٌ ٻن ڪي پڙهان ٿو تہ انهن جو اثر وٺيو ڇڏيان. اهو منهنجو پنهنجو خيال آهي. منهنجي پنهنجي پوٽي جميل الزمان لاءِ ماٺهو چون پيا تہ هو منهنجي ڪاپي پيو ڪري، پر هن هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ هن منهنجي شعر جو اثر ورتو آهي. شاهہ لطيف کان نہ ڪو اڳي ٿيو آهي، نہ پوءِ ٿيندو. سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. وائي ۽ ڪافي ساڳي شيءِ آهي، نالا ٻہ آهن.

ان ڪري آءٌ ٻئي جي شاعري پڙهندي گهبرائيندو آهيان تہ متان ساڳيون شيون آءٌ ويهي لکان.

**س:** اهو ضروري آهي ڇا تہ ٻين جو شعر پڙهجي تہ ان جو اثر ٿي وڃي؟

**ج:** ٿي سگهي ٿو. اهڙا مثال ڪئين آهن.

**س:** شاهہ کان علاوه وائي جو ٻيو ڪهڙو سنو شاعر ٿي گذريو آهي؟

**ج:** منهنجي راءِ اها آهي. مون پنهنجي ڪتاب "ڪافي" ۾ بہ لکيو آهي تہ وائي ڇا کي ٿو چئجي. مون ڊاڪٽر دائود پوٽي وٽ شاهہ جو هڪڙو رسالو ڏٺو هو، جنهن تي وائي جي بدران ڪافي لکيل هو. مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو تہ مونکي هن رسالي جي ٻن ٽن صفحن جا فوٽو ڪيرائي ڏيو. ڊاڪٽر صاحب ائين ڪري ڪونہ سگهيو. سندن وفات کان پوءِ مان سندن بيگم وٽ ٻہ ٽي دفعا ويس، پر رسالو نہ مليو.

**س:** اوهان ٻين زبانن جي ڪهڙن شاعرن کي پڙهيو آهي؟

**ج:** مون سرائڪي شاعر خواجہ فريد کي پڙهيو آهي جنهن کي مان وڌيڪ پسند ڪريان ٿو. پنجابيءَ شاعر وارث شاهہ جي هير پڙهي اٿم هو تمام سنو شاعر آهي. انگريزي ايتري نہ سمجهي سگهندو آهيان. نہ اسان وٽ اهڙو ماحول آهي جو انگريزي ڳالهائجي، تنهن جي باري ۾ آءٌ ڪونہ چئي سگهندس. فارسي پڙهيل آهيان. نظامي، سڪندر، حافظ ۽ ٻيا ڪافي فارسي شاعر پڙهيا اٿم، پر آءٌ سڀ کان وڌ حافظ کي پسند ٿو ڪريان

**س:** فرانسيسي ۽ جاپاني شاعري جيڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپي آهي يا ان طرز تي جيڪا سنڌيءَ شاعري ٿي آهي؟

**ج:** مون ڪونہ پڙهي آهي. مان اهڙو خوش قسمت ناهيان، جو دوست مون کي اهڙا ڪتاب موڪلين. ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺندا آهن.

**س:** اوهان پاڻ ڪتاب خريد نہ ڪندا آهيو؟

**ج:** آءٌ شهر وڃان ڪونہ. مون ۾ هاڻ توفيق ناهي. پوءِ ڪيئن پسند ڪريان ۽ وٺان.

**س:** شاهہ لطيف کي اوهان سنڌ جو وڏو شاعر سمجهو ٿا، يا سندس شمار دنيا جي وڏن شاعرن ۾ آهي؟

**ج:** شاهہ لطيف جو ثاني نہ ڪائنس اڳ پئدا ٿيو هو، نہ ڪائنس پوءِ پئدا ٿيو آهي نہ ان کانپوءِ پئدا ٿيندو. منهنجي راءِ مطابق شاهہ دنيا جو سڀ کان وڏو شاعر آهي ٻين سمورن ملڪن جي وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ جيڪي خوبيون آهن، سي سڀ شاهہ جي ڪلام ۾ آهن.

**س:** علامہ آءِ- آءِ قاضي ٻڌايو هو تہ "سرڪيڏارو" تہ ڀٽائيءَ جو ڪونهي، ان ڪري پاڻ پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ اهو شامل نہ ڪيائون. اوهان جو ان باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟

**ج:** هير رانجها لاءِ بہ چوندا آهن تہ اهو وارث شاهہ جو ڪونهي. ان کان علاوه ٻين ڪيترن شعرن لاءِ چوندا آهن تہ اهي ڀٽائي جا ناهن. شاهہ جي رسالي ۾ ٻين ڪيترن شاعرن جو ڪلام موجود آهي. تمرفقير، مخدوم لطف الله، لاکو لطف الله، مخدوم نوح ۽ قاضي قادن جا بيت بہ موجود آهن. گهڻن جا سندن نالن سان موجود آهن. ائين جيڪڏهن شعر ڪيبا تہ پوءِ شاه جو ڪلام وڃي ٿورو بچندو. منهنجي خيال ۾ علامہ صاحب کي سر ڪيڏارو نہ ڪيڻ گهرجي ها.

مون سنڌي ادبي بورڊ ۾ هڪ تجويز ڏني هئي تہ سڄي سنڌ مان ڇاڻو گڏجي شاهہ جو رسالو مرتب ڪن، جيڪو مستند هجي. باقي شاهہ جو ڪلام آهي لاوارث جنهن کي جيئن ٿو اچي، تيئن ٿو لکي. منهنجي خيال ۾ شاهہ لطيف هينئر زنده ٿي اچي تہ انهن سڀني تي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي.

**س:** علامہ آءِ آءِ قاضي جو مرتب ڪيل رسالو اوهان جي نظرن مان نڪتو آهي؟

**ج:** مون سڄو پڙهيو آهي. مونکي پسند نہ آيو.

**س:** ڪارڻ؟

**ج:** هڪ تہ سُر ڪيڏارو ڪڍي ڇڏيائين. سر ڦيرائي اڳيان پٺيان ڪري ڇڏيائين ۽ ٻيون غلطيون بہ آهن. جيئن هڪ وائي جي سٽ آهي:

پريان سنڌي پار جو
فاقو ٿي فرحت

پر رسالي ۾ پروف جي غلطيءَ ڪان ڇپجي ويو:

پريان سنڌي پستان جو
فاقوئي فرحت

**س:** شاهہ جي مَٽ پانيو ٿا.

**ج:** شاهہ لطيف جو مَٽ ڪوبہ ڪونهي.

**س:** شعر جي ڪهڙي صنف تي اوهان وڌيڪ طبع آزمائي ڪئي آهي؟

**ج:** جيڪا بہ ايراني شاعري آهي، قصيدي کان علاوه، سا مون ڪئي آهي. قصيدي ۾ هوندي آهي وڏن ماڻهن جي ساراهہ مبالغو هوندو آهي، تنهنڪري مون اهو نہ لکيو. باقي نظم، رباعي قطعو ۽ غزل لکيو اٿم. پنهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ بيت، ڪافي ۽ مداح لکي آهي.

**س:** اوهان هيئت ۾ ڪي تجربا ڪيا آهن؟

**ج:** نہ.

**س:** اوهان سنڌي ادبي بورڊ جا ڪافي سال چيئرمن رهيا آهيو. اوهان بورڊ جي ترقيءَ لاءِ ڪهڙا اپاءُ ورتا هئا؟

**ج:** ايوب خان جي دور کان وٺي ضياءُ الحق جي دؤر تائين آءٌ چيئرمن رهيس. تنهن وقت ۾ بورڊ ويچاريءَ کي نقدي هزارين رپيا ملندا هئا، جنهن مان پورائي ڪانہ ٿيندي هئي. نوان نوان ميمبر بہ ايندا هئا. اسان پنهنجي طرفان گهڻي ڪوشش ڪئي، پر حڪومت بلڪل توجهہ نہ ڏنو.

بورڊ هاڻ اڄي ترقي ڪئي آهي. سنڌي ادبي بورڊ نهايت شاندار ادارو آهي. پر افسوس اهو آهي تہ جيڪي ڇپجڻ جهڙيون شيون آهن، سي پاسيريون پيون آهن.

**س:** سنڌ ۾ ڪافي صاحب حيثيت شخصيتون آهن جڏهن اوهان چيئرمن هئا، حڪومت پئسا نٿي ڏنا تہ اوهان صاحبِ حيثيت.....

**ج:** تعليم جي سلسلي ۾ ڪاليج يا اسڪول، انهيءَ معاملي ۾ ماڻهو ڪنجوس آهن. پاڻ تي، پنهنجي شوق ۽ ذوق تي لکين رپيا خرچ ڪري ڇڏيندا، پر تعميري ڪمن تي رپيو بہ نہ ڏيندا. مون ڪوششون بہ ڪيون، پر بيسود.

**س:** اوهان ڪهڙي دؤر کي شاعريءَ جو سنهو دور چوندا؟

**ج:** آءٌ اهڙو ڪونہ دور مقرر ڪري ڪونہ سگهيو آهيان. جهڙي طرح سان اردو شاعريءَ جا دور مقرر ڪيا ويا آهن تہ فلاڻي شاعر کان فلاڻي شاعر تائين. آءٌ شاعري جو ايترو مطالعو نہ ڪري سگهيو آهيان جو چئي سگهان تہ

فلاڻي دور ۾ سٺي شاعري ٿي آهي. آءٌ ته چوندس ته هن دور ۾ سٺي شاعري ٿي آهي. هيءُ اسان جو دور آهي، اسين هن کي پسند ڪريون ٿا.

س: جنهن مشاعري ۾ اوهين هوندا آهيو، گهڻو ڪري صدارت اوهان کان ڪرائي ويندي آهي. اها صدارت اوهان کان وڏي شاعر هئڻ جي ڪري يا وڏي پير هئڻ جي ناتي سان ڪرائبي آهي؟

ج: اهو ته انهن کان پڇڻ گهرجي جيڪي صدارت ڪرائين ٿا. پر آءٌ ڪيترن اهڙن مشاعرن ۾ شريڪ ٿيو آهيان، جنهن ۾ صدارت ٻئي جي هوندي آهي. سنڌي ساهت سال وارو ڪراچي جو مشاعرو تمام عظيم الشان مشاعرو هو، اسي کن شاعر اتي هئا. صدارت تنوير عباسي جي هئي، مان هڪ عام شاعر جي حيثيت شريڪ ٿيو هوس.

ڪو مون کي عزت ڏيئي صدارت ڏئي ٿو، اها ٻي ڳالهه آهي. ائين ڪڏهن به نه ٿيو آهي نه مون چيو هجي ته منهنجي صدارت نه هوندي ته آءٌ ڪونه ايندس.

س: شاعريءَ ۾ جيڪو مرتبو اوهان کي حاصل آهي، اوهين ان مان مطمئن آهيو؟

ج: آءٌ بلڪل مطمئن آهيان. جيڪڏهن اوهان مون کان پڇو ته ڪهڙي شاعر جي شاعري اوهان کي بهترين لڳي ٿي ته آءٌ پنهنجو نالو وٺندس. پر جيڪڏهن اهو پڇو ته ڪهڙي شاعر جي ڪلام ۾ سڀ کان وڌيڪ عيب آهن، ته به آءٌ پنهنجو نالو وٺندس. ڇاجي ڪري ته مون پڙهيو آهي پاڻ کي.

س: اوهان جي خيال ۾ ڪهڙي قسم جو ادب تخليق ٿيڻ گهرجي؟

ج: ادب ۾ نثر ۽ نظم ٻئي اڳيو ٿا وڃن. اڄڪلهه ماڻهو وڌيڪ روشن خيال آهن. اڄڪلهه وڌيڪ پڙهيل، وڌيڪ سمجهو آهن. جيڪي تجربا ڪيا ويا آهن، يا جيڪو اڄڪلهه لکجي پيو، اهوئي بهتر آهي.

س: هڪ مبلغ ۽ اديب ۾ ڪهڙو فرق آهي، جڏهن ته ٻئي معاشري کي سڌارڻ چاهين ٿا؟

ج: مبلغ ملا هوندو آهي. انهن منجهه ضديت هوندي آهي. اڪثر تبليغ ڪندڙن کي ٻيا گهٽ درجي جا نظر ايندا آهن. ڇاڪاڻ ته هو پاڻ کي عبادت ۾ ٻين کان وڌيڪ سمجهندو آهي. مبلغ پاڻکي بهتر سمجهي، ٻئي کي گهٽ سمجهي ڳالهائيندو آهي. پر اديب ٻين کي قرب جي نظر سان ڏسندا آهن. اديب ٻين کي معاشري ۾ سٺي مقام تي پهچائڻ چاهيندا آهن. ٻنهي ۾ اهو فرق آهي.

س: اوهان ڪهاڻيون پڙهندا آهيو؟

ج: ڪهاڻيون گهٽ پڙهندو آهيان.

س: ڪا اهڙي ڪهاڻي جيڪا اوهانکي وڻي هجي؟

ج: هڪ تاريخي ڪهاڻي واقعي مون کي پسند آهي. يوسف شاهين پنهنجي ڪتاب "اندر ۾ اُهاءُ" جي مهاڳ ۾ ڏني آهي. ڄام ٻانڀيٽي جي ڪهاڻي آهي. انهيءَ مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو.

س: اها ته لوڪ ڪهاڻي آهي. منهنجو مقصد جديد ڪهاڻي.

ج: اهي پڙهيون ڪونهن.

س: هڪ اديب شاعر کي سياست ۾ حصو وٺڻ گهرجي؟

ج: يقينن وٺڻ گهرجي. جهڙي سٺي سياسي ڳالهه اديب ڪري سگهندو، غير اديب نه ڪري سگهندو.

س: ٻڌو هوسين ته جنهن ڏينهن ٽي- ويءَ تان ڊرامو جنگل ڊيڪاربو هو، اوهان جي چوڻ تي هالا جي بجلي بند رهندي هئي، ڇاڪاڻ ته هن ڊرامي ۾ پيرن ۽ مرشدن کي گهٽ ڪري ڏيکاربو هو؟

ج: ائين قطعاً غلط آهي. جن اها ڳالهه ڪئي آهي، اُهي ويچارا خيرخواهه ناهن، بدنام ڪرڻ جون اهي ڳالهيون اٿو.

ٽي- ويءَ جو شوق مونکي قطعاً ڪونهي، پر اهو پروگرام آءٌ ڏسندو هوس. پٽي صاحب جي ڏينهن ۾ اهڙا

ڪيئي ڊراما نشر ٿيا. جن ۾ پيري مريدي جي گهڻتائي ڏيکاري ويئي. اسان ڏاڍي دلچسپيءَ سان اهي ڏسندا هئاسين. تڏهن هڪڙو ڊرامو ڏٺو هو، جنهن ۾ پير پاڻ کي انتو ظاهر ڪندو آهي، پر هوندو سچو آهي. هن جا ڪرتب، هن جو فن، ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڏٺاسين.

**س:** اوهان عملي سياست ۾ ڪڏهن حصو ورتو؟

**ج:** منهنجي سياست شروع ٿي هالا ميونسپلٽيءَ کان ٿي، تنهن وقت منهنجي عمر ننڍي هئي، ارڙهن سال يا ڪجهه گهٽ. هالا ميونسپلٽيءَ جو چيئرمن منهنجو ننڍو چاچو غلام حيدر هو. انهيءَ جي چوڻ ۽ ڪوشش تي آءٌ ميمبر ٿيس. جلد پاڪستان ٿيو، جڏهن ايوب خان جو دور آيو تڏهن اڳتي وڌڻ شروع ڪيم.

**س:** سياست ۾ اچڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟

**ج:** شروع ۾ ته سمجهه ٿي ڪانه هئي ته ميمبر چو ٿيو آهيان. پر جڏهن ميونسپلٽي جي ڀي اليڪشن آئي ته ازخود چيم ته مونکي ڪٿو. منهنجي چاچي چيو، اڳ ۾ ته تيار نه ٿي ٿئين، هاڻ پاڻ پيو چوين. چيم، هتي فلاح ۽ بهبود، تعليم ۽ ماڻهن جي سڌاري لاءِ ڪم ڪري سگهجي ٿو. خدمت خلق ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري ڀهرو وٺان ٿو. بهرحال، جهڙيءَ طرح ڪم ڪرڻ گهريم ٿي، اهڙيءَ طرح پچاڙيءَ تائين ڪري ڪونه سگهيس.

**س:** جڏهن ون يونٽ نهيو ته اوهين صوبائي اسيمبلي جا ميمبر هئا، اوهان ون يونٽ جي مخالفت ڪونه ڪئي؟

**ج:** ون يونٽ جي باقاعدي سري نوڪي مخالفت ڪئي سون.

**س:** سنڌ ۾ اوهان وانگر پير پاڳاري جي به اهم حيثيت آهي. سندس حر فوج آهي، جنهن مارشل لاحڪومت جي مدد ڪئي، ۽ 1983 واري جمهوري تحريڪ جي خلاف پڻ حڪومت جي مدد ڪئي. اوهان جا به لکين مريد آهن، اوهان به اهڙي ڪا فوج چو نٿا تيار ڪريو، جيڪا وقت پوڻ تي سنڌ جو بچاءُ ڪري سگهي؟

**ج:** ايوب جي پوين ڏينهن ۾ ايوب خان کي، ۽ پوءِ پنّي صاحب کي چيم ته: اسانکي سنڌ رجمنٽ گهرجي، مهرباني ڪري سنڌ رجمنٽ ٺاهي وجي. چيائون: تون گهڻا ماڻهو ڏيندين. چيم: فوري طرح پنج سئو ماڻهو ڏيندس. انهيءَ ڳالهه کي دير ڏني ويئي، تان جو ڳالهه ختم ٿي ويئي. ۽ ايوب صاحب به هليو ويو، وري پنّو صاحب آيو، وري پنّي صاحب سان ڳالهايم ته اوهانکي منهنجي تجويز جي خبر آهي، توهين پاڻ به انهيءَ ڳالهه ۾ شامل هئا. هاڻ وري سنڌ رجمنٽ جو مطالبو اوهان وٽ کڻي آيو آهيان. جيئن پيون رجمنٽ آهن، تيئن سنڌ رجمينٽ به ٺاهي وجي. پنّي صاحب چيو ته ٺيڪ آهي. ڪجهه ڏينهن مون ڏٺو، پر ڏٺم ته ٽڏائي پئي ٿئي. تنهنڪري مون قومي اسيمبلي ۾ سنڌ رجمينٽ ٺاهڻ جي تجويز پيش ڪئي. پنجابين انهيءَ جي مخالفت ڪئي، مون انهيءَ تي ڳالهايو. ڪرنل حبيب الرحمان انهيءَ جي مخالفت ۾ ڳالهايو، چيائين ته سنڌ چا آهي، سنڌين ۾ ڪجهه ڪونهي، سنڌين ۾ حال ڪونهي. سنڌي تمام ڪمزور ماڻهو آهن. مونکي چيائين: اوهين هروڀرو تڪليف ٿا ڪريو، سنڌي چا ڪندا. مون هنجي مخالفت جي جواب ۾ غالب جو هي شعر پڙهيو:

سوپشت سے ہے پیشہ
آبائی سپہ گیری
کچھ شاعری ذریعہ عزت
نہیں مجھے

پوءِ ملڪ ڪري ويهي رهيس. منهنجي اها تجويز ۽ تقرير رڪارڊ تي اڄ به موجود آهي.

پوءِ پنّي صاحب کي مجبور ڪيم، هڪڙي ڏينهن، رمضان جي مهيني ۾ پنّي صاحب افطار پارٽي تي سڏايو چانهن پيئندي چيائين، هاڻ چئو. چيم: سنڌ جو ڪم متّي ڪريو. اوهان کان پوءِ نه ڄاڻ ڪير ايندو، اهو تاريخي ڪم آهي. مون کي ڇڏي ڏيو، اوهين اهو ڪم ڪريو، اوهين اهڙو اعلان ڪريو.

اهي بہ لائق ٿيو پيا هلن، تنهن ڪري مجبورن حڪومت کان ڪم وٺڻ جي ڪري، حڪومت سان رهڻو ئي ٿو پوي.

**س:** پهرين اوهان مسلم ليگ ۾ هئا. پوءِ پيپلز پارٽيءَ ۾. ٻنهي جي منشور ۾ تمام گهڻو فرق آهي. اوهان پي پيءَ جي منشور ڪري ان ۾ شامل ٿيا هئا، ڀٽي صاحب جي دوستيءَ جي ڪري يا جيئن اوهان ٻڌايو تہ حڪومت ۾ شامل نہ ٿا ٿيون تہ ڪم نٿا ٿين؟

**ج:** مسلم ليگ جو ڪم هو پاڪستان ٺاهڻ. ٺهڻ کان پوءِ هنجو ڪم پورو ٿيو، مسلم ليگ ختم ٿي ويئي. صدر ايوب اچي ڪجهہ وقت لاءِ جيئرو ڪيس. ڀٽو صاحب نوجوان ماڻهو هو، هن جي منشور ۾ تمام سٺيون ڳالهيون هيون، تنهنڪري بنا حجاب ان ۾ شامل ٿياسين.

**س:** اوهان فرمايو تہ مسلم ليگ ختم ٿي چڪي آهي، پيرپاڳارو تہ شروع کان مسلم ليگ ۾ شامل آهي، ۽ سندس چوڻ مطابق مسلم ليگ موجود آهي؟

**ج:** ضياءُ الحق کان وٺي محمد خان جوڻيجي تائين سڄي حڪومت مسلم ليگ جي فائدي ۾ آهي. وزير اعظم پاڳاري جو آهي، انهيءَ ڪي ڪڍي ڇڏين تہ پير صاحب بہ مسلم ليگ مان هٽ ڪڍي وٺندو.

**س:** اوهين اينٽي ون يونٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا هئا، جيڪا جي.ايم.سيد قائم ڪئي هئي. ان مان الڳ ٿيڻ جا ڪارڻ؟

**ج:** جي.ايم.سيد جا لفظ آهن تہ اسان اوهان کي هن پوزيشن ۾ ڏسڻ پسند نٿا ڪريون. يعني هرڪو ٿو چوي پير صاحب، مخدوم صاحب. جيستائين اوهان جي اها حيثيت ختم نہ ڪنداسين سڪ سان نہ ويهنداسين. تنهن ڪري ڌڪاري ڪڍي ڇڏيائون. پوءِ لاچار اسان کي بہ ڪونہ هو. پوءِ وڃي ادبي ڪم کي لڳاسون.

**س:** هينئر ملڪ کان ٻاهر وڃڻ وقت اوهانجي جي ايم سيد سان ملاقات ٿي هئي. ڇا سيد سان ڪنهن ڳانڍاپي جو امڪان آهي؟

**ج:** جي.ايم.سيد جيڪو سدائين ڳالهہ ڪندو آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين کي حق ملڻ گهرجن. سنڌي ماڻهن کي گڏجي، منجهن اتفاق ڪجي. جيڪي اثر رسوخ وارا آهن، جيئن بي نظير ڀٽو آهي، پير صاحب پاڳارو آهي. انهن سڀني کي ساڻ ڪڄجي. اهي تمام سٺيون ڳالهيون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ملاقات ٿي هئي.

**س:** سنڌي بلوچ پختون فرنٽ جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**ج:** فرنٽ جو پروگرام مون پوري طرح پڙهيو ناهي. سنڌن منشور پڙهجي تہ پوري ڄاڻ پوي. باقي جيڪي هنن جا خيال اخبارن ۾ پڙهيا اٿم سي چڱا آهن تہ مرڪز وٽ فقط ٽي چار محڪما هجن، باقي سڀئي صوبن وٽ ائين ٿيندو، انهيءَ لاءِ في الحال ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ٽي سال اڳ، لنڊن ۾ ممتاز ڀٽي مونکي مانيءَ تي سڏيو هو. اتي حفيظ پيرزادو ۽ ڄام صادق بہ هئا، اتي اهڙي ڪا ڳالهہ نڪتي هئي. پوءِ اسان جي ملاقات بہ ڪونہ ٿي آهي.

**س:** پر ايم.آر.ڊي واري تحريڪ ۾ اوهان پنهنجا تمام گهڻا ماڻهو گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيا؟

**ج:** ان ۾ سڀ گڏ ٿيا. ڀٽي صاحب پيري سڀ گڏ ڪونہ ٿيا. ايم.آر.ڊي وارو مسئلو بہ تمام وڏو هو. جتوئي صاحب بہ......

(مخدوم صاحب ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني).

**س:** اوهان جي خيال ۾ جتوئي صاحب بي پي جو ڇڏي؟

**ج:** جتوئي صاحب لاءِ جي.ايم.سيد جو هڪ اخباري بيان مون پڙهيو هو تہ مون ڀٽي صاحب کي چيو هو تہ جتوئي توهان سان بيوفائي ڪندو ۽ توهان کي ڇڏي ويندو. جتوئي صاحب جي اڳ ايترو ويجهو ڪونہ هئس. منهنجي

ج: بي نظير مونکي موڪليو هو، اچڻ نه اچڻ سان ڪو فرق ڪونه پيو.

س: ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کان اڳ اخبارن لکيو هو ته اوهان بيگم ڀٽو سان به ملندا، پر اوهان مليا ڪونه؟

ج: اخبارن پنهنجي طرفان لکي ڇڏيو هو. فرانس جي ويزا اسان ورتي ئي ڪانه هئي.

س: مهاجر قومي موومينٽ اوچتو وجود ۾ آئي ۽ جلدي زور وٺي ويئي. هينئر هنن جا پٺاڻن ۽ پنجابين سان جهيڙا ٿيا آهن. اوهان جو ڇا خيال آهي ته اڳيان هلي اهي سنڌين لاءِ خطرو نه بڻبا؟

ج: في الحال اهي سنڌين سان لهه وچڙ ۾ اچن پيا ۽ اچڻ به کپي. انهن کي سنڌي سڏائڻ گهرجي. ڀلي اردو ڳالهائين، اسان وٽ سنڌ ۾ آهي ته سنڌي آهن. باقي اڳيان وقت اچي ته خبر پوي.

س: مهاجرن لاءِ اسان کي ڪهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي؟

ج: جيڪو سنڌي پاڻ ٿي هلي، سنڌي پاڻ جي حيثيت سان سان ڳالهائي، تنهن سان ڱڏجي هلجي.

س: بنگلاديش ۾ جيڪي بهاري آهن، انهن کي پاڪستان ۾ اچڻ گهرجي؟

ج: نه، انهن کي نه اچڻ گهرجي. پيا به گهڻائي گند ٿيا آهن پاڪستان ۾، اهو ته نه ٿيڻ گهرجي.

س: پيپلز پارٽي ڳالهه ڪري ٿي مضبوط مرڪز جي. سنڌي عوام مضبوط مرڪز جي ڳالهه ڪري ٿو. اوهان ڇا ٿا سمجهو ته پيپلز پارٽي اقتدار ۾ آئي ته سنڌ کي فائدو ورندو؟

ج: اسين اميد ته اها ئي رکون ٿا. انهيءَ وقت مضبوط مرڪز رڳو پنجاب لاءِ نه هوندو، سڀني صوبن لاءِ هوندو. صوبن کي پنهنجا پورا حق ملڻ گهرجن.

س: ڀٽي صاحب جي ڏينهن ۾ اوهانکي هڪ مل جو لائسنس مليو هو، جيڪو اوهان وڪڻي ڇڏيو؟

ج: ڀٽي صاحب جي ڏينهن ۾ نه، ايوب خان جي ڏينهن ۾. ٿي سگهي ٿو ته ڀٽو صاحب تڏهن وزير هجي. تڏهن ٽيڪسٽائل مل لاءِ ٻين 12 ماڻهن سان گڏ مونکي به لائسنس مليو هو. ايوب خان چيو هو ته وڪڻبي ڪانه ۽ پاڻ لڳائبي. پر پر ڪاروباري ماڻهن اهڙو انتظام ڪيو جو بينڪن مان قرض مليو ئي ڪين. ٻين 12 ماڻهن اهي لائسنس وڪڻي ڇڏيا پر اسان وٽ اهو لائسنس ائين جو ائين رهجي ويو.

س: اوهان جي شجري متعلق به ڪجهه غلط فهمي آهي؟

ج: اڳي جيڪو اسان جو شجرو هو، اهو عبدالرحمان بن ابوبڪر سان مليو ٿي. مرحوم اسدالله شاهه تحقيق ڪري شجرو وڃي محمد بن ابوبڪر سان ملايو. اهو صحيح شجرو آهي. درگاه تي به اهو شجرو رکيل آهي. ڪي ماڻهو اڃا به شجري تي ڪم ڪري رهيا آهن.

س: اوهان جي گاديءَ کي نوَ لک جي گادي چئجي ٿو. ڇا واقعي نو لک مريد آهن؟

ج: اڳي ايترا هئا. هاڻ ته ٻيڻا ٽيڻا هوندا.

س: برسات جي پڙهندڙن لاءِ ڪو نياپو؟

ج: قرآن ۽ سنت تي عمل ڪريو. پاڻ ۾ وڏ ۾ وڏ حب الوطني پيدا ڪريو.

هفتيوار برسات شمارو 17، جلد 17، 1988ع

**تنهنجي جلون سان پرپور اکيون**
**ٽيون منهنجون سراپا نور اکيون**

۽ سچ ٿو چوان ته منهنجون اکيون ان ڏينهن کان اڄ تائين جلون سان پرپور آهن، جيتوڻيڪ منهنجون هيءُ اکيون ان ڏينهن کان ئي ان شاعر کي ڏسڻ ۽ چاهڻ لڳيون هيون. جڏهن کان مان رونا ليليٰ، محمد يوسف، مضري فقير، فوٽي زرداري ۽ حسين بخش خادم کي ٻڌڻ لڳو هوس، پر تڏهن آئون شاعر نه هوس شاعريءَ جو ٻڌندڙ هوس ۽ جڏهن شاعر ٻٽيس تڏهن "ديوان طالب الموليٰ"، "ڇپر ۾ ڇڙيون" ۽ "بي پير اکيون" ۽ نثر ۾ لکيل يادگار تذکرو "يادِ رفتگان" ڪتاب منهنجي اڳيان هئا، جيڪي اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ ڇپيا هئا. انهن ڪتابن ۾ "ڇپر ۾ ڇڙيون"، ڪتاب ڪافين، بيتن ۽ ڪن ٻين صفحن تي ٻڌل هئو ۽ نهايت ئي خوبصورت ڇپيل هئو، شايد ئي ان دور ۾ ڪو ٻيو ڪتاب اهڙو خوبصورت ڇپيل هجي، هن ڪتاب مان ئي ڪيترو ڪلام مختلف راڳين جي آواز ۾ ٻڌڻ لاءِ ملندو هئو مثال طور:

اکين ۾ مينهن وسايو، گوڙ نڪو گهمسان،
اهڙي گونگي مينهن ڪان، الله ڏئي امان،
سڄڻ رهه تون راتڙي، اهو ڪر احسان،
نه ته ترسي پئو طالب چوي، منا ٿي مهمان،
اڄو ٿئي آسمان، پوءِ ڀڄڻ ٻاهر نڪرجان.

عشق ٿيو استاد، سڀ ڪنهن کي ٿو سبق پڙهائي،
حضرت عشق جي اعليٰ عظمت، سڀ ڪان سرسي شان ۽ شوڪت،
علم ڪري امداد، خيال خوديءَ جا خوب وڃائي.

۽ "ديوان طالب الموليٰ" ڇا هئو! سنڌي غزل جي روايت جو امين ڪتاب هئو.

اسان جو نسل جنهن شعوري طور هڪ اهڙي دور ۾ جنم ورتو جيڪو ويڙهه/ مزاحمت جو دور هئو ۽ اسان کي شاعري به ان قسم جي وڻندي هئي، پر هيءُ ڪتاب اهڙو هئو جيڪو منهنجي من جي پاتال ۾ اڄ به پنهنجي سمورن غزلن سميت تازو توانو آهي.

شاعريءَ جي دنيا ۾ اچڻ ڪانپوءِ احساس ٿيو ته اسان نظرين جي ڪري گهڻو ڪجهه "نج سنڌ جو اثاثو" وڃايو ۽ ان ۾ شاعري به آهي. بهرحال تڏهن به هن ديوان جي ان شعر منهنجي رهبري ڪئي هئي ۽ اڄ به اهو شعر رهبري ڪري رهيو آهي ته:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب الموليٰ!
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

پڪ سان هيءُ شعر مذهبي توڙي طبقاتي وچوڙي تي هڪ ڪاپاري ڌڪ هئو، جيڪو انهن سڀني نعرن ڪان وڌيڪ سگهارو هو، جيڪي نعرا اسين ان دور ۾ هٽي رهيا هئاسين ۽ انهن نعرن جي عيوض

پر شاعري سندن پهريون ۽ آخري عشق هئو. پاڻ 1952ع ۾ جمعيت الشعراءِ سنڌ جا سرپرست ٿيا. 1955ع ۾ بزم طالب المولىٰ جو بنياد رکيائون ۽ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر بڻيا. اڳتي هلي ان جا چيئرمين به رهيا. سندن وجڻ کانپوءِ بورڊ ڪيتري وقت تائين سلامت نه رهيو، شايد سندن ٻاجهه جو هٿ ان مٿان نه رهيو. هاڻ وري اهو اسان جو قومي ادارو جميل سائين جي هٿ هيٺ آهي ۽ سندس رهبريءَ ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سنڌ جي علم ۽ ادب تي ڇانو ڪندڙ هيءَ اداري نما شخص سنڌ کيئن وساريندي. جنهن پنهنجي سموري ڄمار الڳ الڳ مورچن تان سنڌ کي سدائين ڏنو. خانداني طور هيءُ خاندان جنهن تي نهايت سٺي انداز ۾ لکيو ويو آهي ۽ لکيو ويندو، سنڌ جو محسن خاندان آهي، پر شاعراڻي ۽ ادبي دنيا جنهن ۾ هڪ مکتب فڪر هن خاندان جي نالي سان سڃاڻپ ٿو ۽ ايستائين اهو سڃاتو ويندو جيستائين سنڌ آهي سنڌي ادب آهي ڇاڪاڻ ته پاڻ سنڌ کي شاعريءَ جي ناليءَ ۾ ايترو ڏئي ويا آهن جو اها سدائين مالا مال رهندي ۽ کين يادرڪندي. ٻيءَ طرح سندن سنڌ سان تعلق امين سائين جن جي لفظن ۾ ايئن به آهي ته:

تعلق آهي اهڙو ئي، نظر جو ناز وارن سان.
رهي ٿو ربط جهڙيءَ طرح، لهرن جو ڪنارن سان

ڪڏهن ايئن ڪو نه ٿيو آهي، ته گل دامن اٽڪي پئي،
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي به خارن سان.

۽ سچ اهو آهي ته هن خاندان جو سنڌ جي علم ادب ۾ جيڪو حصو آهي. اهو ايترو گهڻو آهي جو هڪ ڪان وڏيڪ ڪتاب ان تي لکي سگهجن ٿا.

سنڌي موسيقيءَ، شاعريءَ ۽ علم تان جنهن ڏينهن هيءَ مهربان ڇانوَ هٽي وئي ان ڏينهن کي ٻارهين جنوريءَ جو ڏينهن ٿو چئجي. اڄ هو پاڻ جسماني طور اسان سان گڏ نه آهن، پر سندن ٻاجهه سندن شاعريءَ جي ڪتابن ۾ نثر جي ڪتابن ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ۽ سنڌ جي ٻين اڻ ڳڻين ادارن سان گڏ جميل سائينءَ جي اکين ۾ موجود آهي ۽ رهندي، جو ته اهو سندن ڇڏيل ورثو آهي، جيڪو اسان کي سنڌ جيان ۽ محبوب جيان سدائين اکين ۽ دل ۾ رهندو، جيستائين دل سلامت هوندي ۽ جيستائين اکيون سلامت هونديون ۽ منهنجي اکين ۾ اڄ به اهو چهرو سلامت آهي، جيڪو سنڌي شاعريءَ جي روايتن جي امين شاعر جو آهي. انڪري مان پنهنجي اکين جي سلامتيءَ جي سدائين دعا گهرندس جن ۾ اهو محبوب چهرو محفوظ آهي ۽ بس.

◙

شبِ فرقت ۾ مان تنها ۽ مون سان منهنجو غم تنها،
ڪيان پيو جادهٔ منزل جو طئي، هر پيچ و خم تنها.

وري فصلِ بهار آئي، وري صحرا نوردي ٿي،
بيابان ۾ فقط پنهنجا ڏنم، نقشِ قدم تنها.

هجومِ غم ، خيالِ يار، سوزِ عشق ، دردِ دل،
خدا جي ذات گڏ آهي، مگر ٻي چشمِ نم تنها.

زماني کان نرالو آهي، مشرب لا اُبالن جو،
اسين تاري تڳون پنهنجي، ڪٿو پيا پنهنجو دم تنها.

هميشه عالمِ بيگانگي ۾ ئي رهيو دلبر،
رڪيائين همڪناري ۾ ٻ، اسان ڪي دم بدم تنها.

اسان رندن فقط پيرِ مغان جي دست بوسي ڪئي،
زماني سان گڏ هوندي ٻ، آهي دم قدم تنها.

ڪٿي جيڪر ڏسڻ چاهيو، ڪڏهن هو "طالب المولي"،
نظر ايندو سوَنِ ۾، صاحبِ درد و الم تنها (9).

حضرت مخدوم محمد زمان "طالب المولي" پنهنجي شاعري سان گڏوگڏ زمان ۽ مڪان کي ٻه قلمبند ڪيو آهي، دنيا جي ڪنهن ٻه ٻي شاعر اهڙي ريت وقت ۽ وقوع کي ظاهر نه ڪيو آهي. مثلاً: پاڻ جتي جتي ٻه ويهي شعر لکيائون، ته ان شعر سان گڏوگڏ، اها تاريخ ، تاثير ۽ هنڌ ٻه لکندا ويا. جهڙوڪ: اسلام آباد، حيدرآباد، ڍاڪا، راولپنڊي، زيارت، ڪراچي، ڪوهه مري، ڪوئٽه، ڪپرو، لاڙڪاڻو، لاهور، لنڊن، مدينه منوره، مڪه معظم، ميرپورخاص ۽ هالا وغيره. اهڙي طرح حضرت مخدوم محمد زمان "طالب المولي" جو هڪ هڪ شعر پاڻ سان گڏ، پنهنجي پنهنجي پوري ۽ مڪمل تاريخ ٻه رکي ٿو. اهو هڪ اهڙو راز آهي، جيڪو هرهڪ شاعر ۽ محقق سمجهي نٿو سگهي. شيخ اياز چيو هو:

رات اُڏري رُوح منهنجي مان چڪور،
ڳائي ڳائي چنڊ کي ريجهائي ويا.
او ڪِلڻ وارا ! ٻه ٽي مُڪڙيون ته ڏينم،
پاند سيئي تو وٽان مهڪائي ويا.
راز جيڪو ڪنهن پيمبر حل نه ڪيو،
اي پرهه ! تنهنجا پکي سمجهائي ويا (10).

مخدوم صاحب جي شاعري کي حسين بخش"خادم" مصري فقير ۽ خصوصن رونا ليلي اهڙي انداز ۾ ڳائيو جو گهر گهر ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ " تو دلڙي يار ! ڏُتاري " ٿي ويو. حسين بخش "خادم" سُريلي آواز ۾ چوندو هو:

ٿنهنجا ڪيس پيارل! ڪارا،
آهن پيچ انهن جا پيارا،
ڪن ونگ وجهڻ لئہ وارا،
پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سياڻا سارا،
مهميرن تي سي مارا،
ٿين وير بہ اُت ويچارا،
ٿا شاهہ پرن شوڪارا،
مُنهنجي نرمل! آهي نيزاري ...
تنهنجي پاڪ پرين! پيشاني،
آهي نرمل! نُور نشاني،
سڄ چنڊ ڪي لڳي حيراني!
ناهي تنهنجي ثريا ثاني،
ٿيا تنهنجا مٽ نہ شاني،
ڪر اچڻ سندي احساني،
وٺ محب منا! مهماني،
اڄ اڳڻ متي دل جاني!
تنهنجي محبت دلڙي ماري ... (11)

مون ننڍپڻ ۾ جڏهن پهريون ڀيرو هيءُ ڪلام ٻڌو هو، تہ ان ڪان وٺي، اڄ ڏينهن تائين، جڏهن بہ هيءُ ڪلام، توڙي جو رونا ليليٰ جي آواز ۾ ٻڌندو آهيان، تہ مون تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. اڄ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران، سہ ماهي مهراڻ جو خاص نمبر، حضرت مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" جن جي نالي سان شايع ڪيو پيو وڃي، تہ ڪنهن اجهل چڪ سببان ، منهنجو قلم، حضرت مخدوم "طالب المولىٰ" صاحب جن جي مذڪوره ڪلام جي هن خاص مصرع ڏانهن مائل ٿيو ٿو وڃي، جنهن ڪي مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو آهيان ۽ نڪوئي ڪڏهن وساري سگهندس:

تنهنجون اکڙيون ٻئي ميخانا،
يا پُر ٿيل پيمانا،
يا محب ! ٻئي مستانا،
ڪن درد وارا ديوانا،
اُتي جنگ پرن ٿا جانا،
تُون شمع ٻيا پروانا،
تنهنجا شوق آهن شاهانا،
هي راز ٿيا رندانا،
تنهنجي اڳتئون توبهہ زاري.

پو ير ! ڪانہ ڪيئي پوئواري.
تو دلڙي يار ! ڏُتاري،
پو ير ! ڪانہ ڪيئي پوئواري. (12)

1944ع ۾ مخدوم صاحب، حضرت مخدوم نوحؒ جي سترهين سجاده نشين جي حيثيت ۾ خلافت جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو. سندن طبيعت ۾ خوف خدا، عشق رسولؐ ۽ سنڌي ادب جي اشاعت جي پهلوئن سان گڏ شرافت، ڪشاده دلي ۽ نوڙت جا پهلو پڻ بہ درجہ اُتم موجود هئا. مرحوم پيٽي صاحب جي دور ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جن چيف منسٽر سنڌ ٿيا. انهن ايامن ۾ جتوئي صاحب ۽ مخدوم صاحب سيد صبغت الله شاهہ المعروف پير ايراني پاران چار شوري ۾ مسجد جي سنگ بنياد جي تقريب ۾ مدعو ڪيا ويا. مخدوم صاحب جيڪي آخر ۾ آيا ۽ هلندڙ تقريب ۾ رخنو وجهڻ ڪانسواءِ اسٽيج کان هيٺ پنڊال ۾ اڳيان خالي جڳهہ تي ويهي رهيا، اها سندن عاجزي هئي. پير ايراني صاحب ڪين جلسي جي ڪاروائي روڪيندي مٿي اچي ويهڻ لاءِ دعوت ڏني، اهو سڀ ڪجهہ پاڻ کي مخدوميءَ واري هٺ، وڏائي ۽ ٺٺ ٺانگر کان بچائڻ هو.

فاني شين جي حقيقت کي سمجهڻ کانپوءِ ئي من مٿيو بڻجي ٿو:

تسبيح طلبي توءِ، من مڙوئي اٿاولو،
ٻيٺو ڪري ٻانهن، وينو اٿين سوءِ،
نہ اڳ نہ پوءِ، پڪو تنهن پهہ ۾.
(سليم)

هڪ گهٽ 1950ع جو سال هو، جو مخدوم زمان يا زمان شاهہ اندر جا سڀ شاهاڻا ناٽ ڇڏي فقط "طالب المولىٰ" ٿيو، اهوئي تخلص پچاڙي تائين سانڍيندو آيو. سندس اندر ۾ جيڪو اُهاءُ ٿيو ان ۾ انجمن علم و ادب جي ڪردار ۽ اثر کي پڻ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. جنهن جو بنياد پاڻ ئي 1936ع ۾ وڌو هئائون. ان سان گڏوگڏ صاف سٿري صحافت کي فروغ ڏيڻ لاءِ هالا ۾ پريس قائم ڪري "الزمان" ۽ "پاسبان" مقامي اخبارون جاري ڪيائون، جنهن جي تسلسل ۾ ادبي رسالو "فردوس" پڻ جاري ٿيو.

مخدوم صاحب جو "جميعت الشعراء" جي جماعت سان تمام گهڻو واسطو رهيو، اها جماعت 1946ع ۾ قائم ڪئي وئي، سندن سهڪار ان جماعت لاءِ هر طرح تعريف جوڳو رهيو. اهوئي ڪارڻ آهي جو کين ان جماعت "محبوب الشعراء" جو لقب ڏنو ۽ کين صدر پڻ چونڊيو ويو.

تصوف ۽ ادب تي سندن گرانقدر تحريرون يادگار آهن: جيئن:

(1) اسلامي تصوف، (2) امام غزاليءَ جا خط (3) بهار طالب، (4) رباعيات طالب، (5) خودشناسي، (6) شيطان، (7) يادِ رفتگان، (8) ڪچڪول، (9) مثنوي عقل و عشق.

ان کان علاوه سندن ڪافيون بياض ۾ انيڪ مضمون پڻ موجود آهن.

ڪافي يا وائي سنڌي ٻوليءَ جي اهم ۽ نج صنف آهي، اُتر ۾ ان کي ڪافي ۽ لاڙ ۾ وائي سڏبو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ ان جو پهريون ڏس شيخ لاڏ جيو جي محفلن ۾ پوي ٿو. هيءُ بزرگ مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي ثم برهانپوريءَ جو مريد هو. پاڻ سنڌ مان لڏي وڃي سنڌي پوره برهانپور ۾ رهيو. سندس پُرسوز آواز ۾ ايڏي تہ ڪشش هئي جو ڪانئس سنڌي راڳ ٻڌڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو ڪهي ايندا هئا. ڪافي يا وائيءَ جا ڪيترائي قسم آهن، جيئن يڪي، سواتي، ڏيڍي وغيره. ان صنف ۾ حسن ۽ جمال، تصوف، هجر ۽ فراق جا موضوع ملن ٿا. ڪي وائي ۽ ڪافي کي ڌار سمجهن ٿا. ان صنف تي ڪيترن ئي سنڌي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي. جن مان مخدوم طالب المولىٰ جو نالو صف اول جي شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس سنڌي ڪافيون ناليوارن فنڪارن ڳايون. جن کي هند سنڌ ۾ مڃتا ملي.

مخدوم صاحب 1950ع کان پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. 1952ع ۾ ميونسپل ڪميٽي هالا جو صدر ۽ 1960ع ۾ بلديہ هالا جي پهرئين چيئرمين جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائون. صدر ايوب جي دور کان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي پڻ سوڀارا ٿيندا آيا. 1969ع کان پاڻ نہ رڳو آخر تائين پاڪستان پيپلز پارٽي جا

بنيادي ميمبر رهيا. بلڪ آخر تائين ان پارٽيءَ جا وائيس چيئرمين پڻ رهندا آيا. سندن اهم ڪم پاڪستان پيپلز پارٽي جي هالا ڪنوينشن جو انعقاد هو، جنهن ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

کين سندن حياتيءَ ۾ ٿي ثقافتي ۽ سياسي خدمتن عيوض تمغہ پاڪستان، هلال امتياز ۽ ”شاهه لطيف“ ايوارڊ مليا.

علمي ميدان هجي يا سياسي ۽ ثقافتي مخدوم صاحب هر لحاظ کان پاڻ ملهائيندو نظر اچي ٿو. سندس ان بلند ڪردار جا اثرات اڄ بہ سندن اولاد ۾ نمايان نظر اچن ٿا.

مخدوم صاحب جي حيات مستعار جو بہ غور مطالعو ڪبو ته پاڻ زندگيءَ جو وڏو حصو علم ۽ ادب جي خدمت ۽ واڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. تعليم جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙڻ پڻ سندن سوانح جو سونهري باب سمجهيو ويندو آهي. ضرورت مند شاگردن لاءِ هالا ۾ هاسٽل هجي يا دادو شهر ۾ ”طالب المولىٰ هاءِ اسڪول“ جو قيام. ائين ڪٿي چئجي تہ پاڻ سنڌ ۾ تعليمي نظام جي واڌاري لاءِ شروع ٿيل انهيءَ تسلسل جي ڪڙي هئي، جنهن جي ابتدا حسن علي آفندي، ميان صاحب احمدي، قاضي آف پاٽ ۽ سيد الهندي شاهه ڪئي هئي.

انهيءَ مانواري انسان جي وفات حسرت آيات 11- جنوري 1993ع ۾ منجهند ڌاري جناح اسپتال ڪراچي ۾ ٿي. سندن مدفن حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جي مقبري ۾ الهندي ۽ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ مقرر ٿيو.

رهي ناءُ الله، باقي سڀ فنا،
اوري ٿي انا، تہ پسڻ لهين پرين جو.
(سليم)

## سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپيل نوان ڪتاب






مخدوم طالب المولي، پاڻ ڪافيءَ جو سگهارو شاعر هئو. نج سنڌي طرز تي ڪافيون چيائين؛ هونءَ تہ پاڻ ڪلام، غزل ۽ نظم بہ چيائين، سندن شعرن ۾ ماڪيءَ جهڙي مٺاس ۽ شبنم جي قطرن جهڙو حُسن آهي جيڪو هر اهل دل کي موهي وجهي ٿو. سندس ڪلام انسان جي جذبات ۽ احساسات سان ٽمٽار آهي. ڪافيءَ جي حوالي سان اسانجي اديبن جي راءِ ورهايل پئي رهي آهي. چون ٿا تہ: هن کي اُتر ۾ ڪافي ۽ لاڙ ۾ وائي چيو ويندو آهي. ڪجھ ماڻهو ان کي وائيءَ کان ڌار سمجهن ٿا جنهن تي مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪارائتي راءِ ڏيندي هيئن چون ٿا تہ: "وائي ۽ ڪافيءَ کي بہ جدا جدا شيون نہ سمجهڻ گهرجي ڇوتہ: حقيقت ۾ هڪڙي ئي شئي جا بہ نالا آهن. لفظ، جملا ۽ مضمون ساڳيا آهن. نہ تصوف ۽ خيال ۾ فرق آهي ۽ نہ ئي معني ۽ مطلب ۾." ( مهراڻ ، 4/ 2012 :140 )

هونءَ تہ ڪافيءَ جي صنف جو موجد ۽ سرجڻ جو بادشاھ ميون شاھ عنايت کي چيو ويندو آهي، پر طالب المولىٰ ڪافيءَ جي گهاڙيٽي تي هڪ ڪارائتو ڪتاب لکي ڪافيءَ جي اهميت کي اُجاگر ڪيو آهي. ڪافين تي ججهو مواد سندس ڪتاب: "ڇپَر ۾ ڇڙيون" ۾ بہ موجود آهي. جنهن کان پوءِ ججهي ۽ سگهاري انداز ۾ ڪافي سرجڻ لڳي. سندس ڪافين مان ڪجھ مثال هن ريت آهن تہ:

ڏور نہ ڀيا ڪي ڏس"نحن اقرب" پاڻ چيائين:

ڏس وجود کان ويجهو پيڙو گهوريا ڀيا سڀ گس
دور وڃڻ آهي ڀولو بلڪل ڪر وجود ۾ وس
هيڏن هوڏن جهوت نہ پائج هٿ اٿئي هٿ ڪس

عشق تنهنجي مونکي مست بڻايو
هاڻ پلا ڪنهن کي دانهن وڃي ڏيان
تنهن جي دردن دانهون ڪرايون
محبت من ۾ مچ مچايو

پنهنجو مَٽُ تون پاڻ، لائق فائق يارُ لاثاني
تنهنجي جُتي ۾ ڪو پير نہ پائي، هي ٿو ٻڌايان ڳائي وڄائي
سونهن سندا سرواڻ
چنڊ جهڙو جي توکي سمجهن، ۽ وري ان تي واقعي وسهن
اهي آهن اڻ ڄاڻ

مخدوم صاحب جن پنهنجي جوانيءَ ۾ هڪ ڪافي چئي هئي، جيڪا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جهنگ ۾ باھ جيان پکڙجي عام ٿي وئي. جنهن ۾ عشق، الفت، سڪ، سوز، پيار ۽ پريت جي گهرائي آهي. جنهن عشق جي آتش ۾ مبتلا دلين کي تہ ويتر گرمائي ڇڏيو، پر عشق کان آري برف جهڙين دلين ۾ بہ عشق جي باھ، آڳ لڳائي انهن کي پگهرائي مست بڻائي ڇڏيو. جنهن جا هي ٻول ماڪ پنل صبح کان شروع ٿي شام لڙيءَ تائين بہ جڏهن عوام جي لبن تان ٻُرڻ لڳندا هئا تہ عشق جي اگڻ تي چوڏس هڪ سڪون واري سانت ڇانئجي ويندي هئي تہ:

سهڻل جا سينگار، وهوا دل کي وڻن ٿا،
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا،
من کي موهن ٿا،

ڪارا ڪارا، ڪنڊڙا سهڻا سهڻا، سنهڙا سنهڙا.
وانگوڙي ۾ وار
تيل ڦليل، ڦڻيون ڦوڪارا، ڏوپيل واسيل ڪيس هو ڪارا
گهرا گهنڊيدار،

سڪندي سال ٿيا ٽيڻديس نيٽ چري
ٽيڻديس نيٽ چري ويندس مفت مري

دلڙي ڦري وري وينين وساري
تارا ٽڪي پيا توڏي نهاري
ڳڻتن منجهه ڳري ويندس مفت مري

قرب جا ڪوڙين ڪانگ اڏاير
آب اکن مان ويهي وهاير
دلڙي درد پري ويندس مفت مري

عمر! بند رکبيون نہ ڪنهن جون نياڻيون
مڙئي منهنجون شاهد اٿئي گهر ڏجاڻيون

وجهان پن، ڏيان ٻن، اهي محل ماڙيون
اسان لاءِ سڀ ڪي ولهارن جون واڙيون
ڪٿي باغ بنگلا، ڪٿي لنب لاٽيون!

تودلڙي يار! ڏتاري، پو پر! ڪانہ ڪيئي پوئواري،
تنهنجا ڪيس پيارل! ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا،

ڪن ونگ وجهڻ لئي وارا، پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا.
ٽين وير بہ ات ويچارا، ٿا شاهہ پرن شوڪارا،
منهنجي نرمل! آهہ نيزاري.

تنهنجي پاڪ پرين! پيشاني، آهي نرمل! نور نشاني،
سچ چنڊ لڳي حيراني! ناهي تنهنجي ثريا ثاني،
ٿيا تنهنجا مٽ نہ ثاني، ڪر اچڻ سندي احساني،
وٺ محب مٺا! مهماني، اچ اڱڻ مٺي دل جاني!
تنهنجي محبت دلڙي ماري.

(ڇپر ۾ ڇڙيون،ص: 364 - 339 )

مخدوم صاحب جي ڪافي هجي ۽ اربيلي فنڪاره رونا ليلىٰ ۽ راڳ جي راڻيءَ عابده پروين جو آواز هجي ته ڪافيءَ جي ان ڦهر ۽ سحر کان باشعور ماڻهو پلا ڪيئن ٿو بچي سگهي.! سندس ڪافين ۾ اڄ به اهوئي سحر ۽ اثر آهي جيڪو ڪالهه هئو ته:

عجب عشق آهي اسانجو الستي،
ڪڏهن بت پرستي ڪڏهن خود پرستي.

جهان کان جدا ٿي جهان ۾ رهون ٿا،
سين ساڻ گڏ هوندي سڀ ڪجهه سهون ٿا،
وسائيسون وهواهه وري واري وستي .

تنهنجو حُسن اچي نه حسابن ۾،
تون پاڻ ئي پنهنجي جوابن ۾ .

عمر! عاجزن سان نه ڪر مال مستيون
هلي ڪين سگهنديون، اهي هوڏ هستيون.

مخدوم سائين جن رڳو ڪافي، ڪلام، گيت ۽ غزل ئي نه لکيا آهن، پر پاڻ مُحَمَّد مصطفىٰ ﷺ ۽ آلِ محمد (عليه السلام) جن جو شان بيان ڪرڻ لاءِ، سندن شان ۾ مدح، مناجات ۽ مرثيا پڻ چيا آهن. جن ۾ خيالن جي ڪيڏي نه وسعت، گهرائي رکيل آهي. جنهن کي پڙهڻ سان هر انسان جي دل ۽ دماغ جا سيئي طبق روشن ٿي وڃن ٿا، ۽ روح جي سچائيءَ سان اندر مان پوءِ واهه واهه جهڙا لفظ زبان تي تري اچن ٿا. جيئن سندن هي مدح چيل آهي ته:

ذرڙو، ذرڙو، ذرڙو ئي ڪامل ڪوه طور
جو ڏسي نه ٿو ڏيهه ۾ تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون اٿي پٽي پور
طالب المولي چاڻ تون هر جائي اٿئي حضور
هو دل کان ناهي دور هر دم آهي هنج ۾

جيڪر جتي هجان پنهنجي محب مجيب جي
ته پيرن ۾ پرين جي پيئي روز پوان
وڪ وڪ تي واهه چميو قدم چمان
ٿانيڪي ٿيان طالب المولي تنهن سان.

سرڪار امام حسين عليه السلام جن جي شان ۾ شايع ٿيل، مرثين، منقبتن، نوحن، ۽ سلامن جو بياض 'شانِ حسين' به سندس شايع ٿيل ڪتابن مان هڪ، نمايان حيثيت رکندڙ ڪتاب آهي. جنهن ۾ مولا حسين عليه السلام جن سان سندس گهري عقيدت ۽ احترام جو اظهار ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻ ڪربلا جي خاڪ جي عظمت، اهميت ۽ ان جي درد ڀري ڪهاڻيءَ کي پنهنجن لفظ ۾ اهڙي ته انداز سان بيان ڪيو اٿائين: جو اهل دل ماڻهوءَ ۽ مظلوم جي ماتمدارن کان به، بي ساخته دانهن نڪري وڃي ٿي ۽

پرهيز ڪيائون جو پنهنجي ڊاڪٽر کي ٿي حيران ڪري ڇڏيائون. هڪ دفعي سندن علاج ڪندڙ ڊاڪٽر ڪرنل نجيب ماڻهن کي ٻڌايو ته: ”مون مخدوم صاحب جهڙو باضابطا (Disciplined) شخص زندگيءَ ۾ ڪو ورلي ڏٺو هوندو. پاڻ ايڏي ته پرهيز ڪيائون جو، جوئر جا داڻا تارازيءَ ۾ تورائي، انهن جو اٽو ڳوهرائي، ماني پچرائي کائيندو هو. نه گرهه گهٽ، نه وڌ. اها ڳالهه مخدوم صاحب جي صبر ۽ برداشت جي قوت جي نشاندهي ڪري ٿي.“ (رباني، 1991 - 581)

سنڌ جي وڏ گهراڻن جي ماڻهن جيان جوانيءَ کان وٺي پيريءَ تائين، تتر، ڪڪڙ ۽ ڪتو، سوئر پالڻ ۽ انهن کي ويڙهائڻ جهڙي وڏيرڪي شوق کان پري رهيو. سندس جوانيءَ ۾ به راڳ ويراڳ ۽ ڪتابن سان عشق رهيو. سندن سياسي زندگي به بنا ڪنهن لوڀ جي رهي. 1953ع ۾ بنا مقابلي ميمبر سنڌ اسيمبلي منتخب ٿيا. ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جا ميمبر چونديا ويا، سندن ميزبانيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن 1- جون 1970ع تي هالا ۾ ٿيو، ان ئي ڏهاڙي ون يونٽ جي خاتمي جو به اعلان ٿيو. شهيد ڀٽي هالا ڪانفرنس ۾ ان ڏهاڙي ون يونٽ جي خاتمي جي قوم کي مبارڪ ڏني: انهيءَ ڪانفرنس ۾ طالب المولىٰ جن کي پاڪستان پيپلز پارٽي جو وائيس چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ ايم.آر.ڊي. تحريڪ ۾ پڻ سرگرم رهيا، پر پاڻ پنهنجي ذات لاءِ ڪڏهن به ڪنهن کان ڪجهه نه گهريو سواءِ عزت جي. ذوالفقار علي ڀٽو جيان سندن سياسي ڪردار به ڪرپشن جي ڪارنهن کان پاڪ، شفاف ۽ ڪير جهڙو اُجرو آهي. ڀٽو صاحب جڏهن ملڪ جو صدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٿيو هو، ته تڏهن به ڪانئس پڇيائون ته: ”مخدوم صاحب توهانکي ڇا گهرجي؟ مخدوم صاحب جواب ۾ چيس ته: ڪجهه نه، الله سائينءَ اسانجي خاندان جي جيڪا عزت ڪئي آهي، فقط اها برقرار رکجو.“
(رباني، 1991 - 582 )

پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو صدر مقرر ٿيو ته ان اداري جي مختلف نمونن سان مالي مدد پڻ ڪيائين. بورڊ جي ميٽنگن ۾ اچڻ مهل ڪڏهن به ان مان ٽي _اي بل نه ڪنيائين، مخدوم نوح وارو قرآن ڪريم جو نسخو بنا ڪنهن اجوري جي بورڊ کي ڇپڻ لاءِ ڏنائين جنهن جو بورڊ کان ڪو به معاوضو وغيره نه ورتائين. بورڊ کي پيڪيجز لميٽيڊ لاهور کان ان ڪم لاءِ ڪجهه مالي مدد وٺي ڏنائين.

مخدوم جي مزاجن ۾ شاعريءَ جو اثر انڪري به سمايل هو، جو سندن پيدائش ئي ان گهراڻي ۾ ٿي جنهن جو علمي ۽ ادبي کيتر ۾ هڪ مثالي ڪردار پئي رهيو آهي. سندن بزرگ حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليہ کان پوءِ هڪ ٻيو وڏو بزرگ فتح محمد نالي ٿي گذريو جنهن رسالو ’فتحي‘ لکيو. اهو شاعر ته ڪونه هو، پر بلند پايہ اديب ۽ مصنف ضرور هو. اهڙي طرح غلام رسول صديقي به وڏو اديب ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد زمان جن جو پڙ ڏاڏو ۽ سندن ننڍو ڀاءُ به شاعر هئا. وري مخدوم صاحب جو والد شاعر ڪونه هئو، پر سندن چاچو شاعر هئو. مخدوم غلام حيدر اديب ۽ مصنف هو. سندس ڪتاب ”سفينہ النوح“ مشهور آهي. مخدوم طالب المولىٰ جن جو سلسلہ نسب حضرت ابوبڪرؓ جن سان ملي ٿو. پاڻ مخدوم نوحؒ (م 27 ذوالقعد 998هه) جا سورهون نمبر سجاده نشين هئا. تاريخن ۾ سندن سلسلہ نسب ۾ اختلاف آهي: جنهن جي تصحيح لاءِ سندن ئي ڪتاب: ”ڇپر ۾ ڇڙيون“ جي مقدمي ۾ بيخود حسيني هيئن لکي ٿو ته: ”سنڌ جي سڀني متقدمين مورخن يا معاصر عالمن ۽ خود حضرت مخدوم صاحب جن جي خانداني روايت موجب سندن نسب شيخ الشيوخ شهاب الدين ابوحفص عمربن عبدالله سهروردي (م 632هه) يا شيخ ابوالنجيب عبدالقاهر بن عبدالله سهروردي جي خاندان سان ملي ٿو. انهن بزرگن جو سلسلہ نسب حضرت محمد بن ابي بڪر سان ملي ٿو، پر غوث الحقؒ جي نسب کي حضرت عبدالرحمان بن ابي بڪر سان ملايو ويو آهي جيڪو غلط آهي. سندن نسب محمد ابن ابي بڪر سان ملي ٿو نہ عبدالرحمان سان.“ (زمان: 2011 ص- 25 )

آزاد انور ڪانڍڙو



# مخدوم طالب المولىٰ
## ادب ۽ ٻوليءَ جو محسن

هالا جي سرزمين علم ۽ ادب جي حوالي سان سنڌ ۾ هڪ زرخيز خطي طور ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. هالا جي مردم خيز مٽيءَ مان جنم وٺندڙ عظيم هستين سنڌي ادب، شاعري، ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي سياست ۾ پڻ هالا جي شخصيتن مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي محسن مخدوم طالب المولىٰ جو شمار اهڙين هستين ۾ جن سنڌي ادب، شاعري ۽ سنڌي ٻولي جي حوالي سان بي مثال خدمتون سر انجام ڏنيون. سياست ۾ به سندس خدمتون سدا ياد رهنديون. مخدوم طالب المولىٰ جو جنم 4- آڪٽوبر 1919ع بمطابق 9 محرالحرام 1338هه ۾ اچر ڏينهن هالا نوان ۾ درگاهه حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي پندرهين سجاده نشين پنهنجي دور جي مشهور شاعر اديب مخدوم غلام محمد جي گهر ۾ ٿيو. مخدوم صاحب جو اصل نالو محمد زمان هو. سندن ڏاڏو مخدوم ظهيرالدين ڪين پيرل سائين سڏيندو هو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ بن مخدوم غلام محمد، بن مخدوم ظهير الدين پريل چام، بن مخدوم امين محمد عرف پڪن ڌڻي، سجاده نشين حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ صديقي سهروردي، درگاهه سروري، سنڌ جي مشهور ولي الله حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي اولاد مان آهن، جو خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق ﷺ جي اولاد مان هو. مخدوم صاحب ابتدائي ديني تعليم آخوند ولي محمد وٽ حاصل ڪئي بعد ۾ ماستر عبدالغفور، مخدوم غلام حيدر، مولوي محمد عالم ڏيري واري ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان به تعليم حاصل ڪيائون.

مخدوم طالب المولىٰ جي والد درگاهه حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي سورهين سجاده نشين پنهنجي دور جي مشهور شاعر اديب مخدوم غلام محمد 16 ڊسمبر 1944ع ۾ وفات ڪئي بعد ۾ درگاهه نوح سرورؒ جا سورهين سجاده نشين ٿيا ۽ ان ذميواريءَ کي تمام سهڻي نموني نڀائيندا رهيا. سندن گادي سروري سهروردي جي سلسلي ۾ سنڌ هند ۾ مشهور آهي، جيڪا 9 لکي گاديءَ طور مشهور آهي. پيراڻي گاديءَ جي ذميواري سان گڏ ادب ۽ سياست ۾ به پنهنجو رهبرانه ڪردار ادا ڪيو . پاڻ 1952ع ۾ هالا ميونسپالٽي جو صدر ۽ 1960ع کان 1961ع تائين چيئرمين رهيو. جڏهن ته 1953ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو بنا مقابلي ميمبر ٿيو. صدر جنرل ايوب خان جي دور ۾ ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. مخدوم صاحب جو شمار پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني مان هو. مخدوم صاحب جي ئي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش سان 1- جون 1970ع تي هالا ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو پهريون ڪنوينشن ٿيو، جن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي پاڪستان پيپلز پارٽي جو پهريون وائيس چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

مخدوم صاحب کي شاعريءَ جو شوق 1930ع ۾ ناري جي سفر تي وڃڻ دوران ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ٿيو. پهريان پاڻ بيوس پوءِ فراق، زمان شاهه، طالب ۽ 1949ع ۾ طالب المولىٰ جي تخلص سان لکڻ شروع ڪيائون.

تو ، دلڙي يار ڏتاري، پو ير ڪانہ ڪيئي پوئواري!

تنهنجا ڪيس پيارل ڪارا، آهن پيچ اِنهن جا پيارا،
ڪن ونگ وجهڻ لئہ وارا، پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سيائا سارا، مهمين تي سي مارا،
ٿين وير بہ ات ويچارا، ٿا شاهہ پرن شوڪارا،
منهنجي نرمل آهہ نيزاري! الا...

سهڻل جا سينگار وهوا- دل کي وڻن ٿا،
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، من کي موهن ٿا!

گڏ گذارڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ، طالب مولا رسڻ ۽ پرچڻ،
محبت جا معيار- وهوا- دل کي وڻن ٿا.

تون جا هئين، جا مان جا ٿي وئين،
جڏهن تنهنجو ٿيس تہ جدا ٿي وئين!

توکي پيار ڏيان، تنهنجا ادب ڪيان،
آءُ طالب، تون مولا ٿي وئين.

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت ”طالب الموليٰ“،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

مخدوم صاحب سنڌي ادب جي حوالي سان ڪيترائي مثالي ڪم ڪيا ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو. ورهاڱي بعد سنڌي هندو عالمن، اديبن جي لڏپلاڻ ۽ ڪيترائي رسالا اخبارون بند ٿيڻ ڪان پوءِ ان دور ۾ سنڌي ادب کي ترقي وٺرائڻ ۽ سنڌي هندو عالم، اديبن جي لڏپلاڻ سبب پيدا ٿيندڙ خال کي پرڻ ۾ مخدوم طالب الموليٰ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪيترائي رسالا جاري ڪرايا، جن ۾ پاڻ هالا ۾ ”الزمان“ پريس قائم ڪري ”پاسبان هالا“ ۽ ”الزمان هالا“ اخبارون جاري ڪرايون. 1950ع ۾ فردوس رسالي جي رهنمائي ۽ مالي امداد ۾ اڳيرا رهيا. سندس سرپرستيءَ ۾ مشهور شاعر جمع خان غريب 1952ع ۾ ميهڙ لڳ سيتا مان ماهوار ”طالب الموليٰ“ رسالو ڪڍيو. پاڻ 1954،55ع حيدرآباد مان ”روح ادب“ رسالو ڪڍرايو. مخدوم صاحب 1956ع ۾ حيدرآباد مان مولانا غلام محمد گرامي جي صدارت ۾ ماهوار ”شاعر“ رسالو جاري ڪرايو. ”الزمان هالا“، ”پاسبان“ هالا اخبارن، ”فردوس“ ۽ ”روح ادب“ رسالن ۾ مولانا غلام محمد گرامي بہ مدير، ايڊيٽر رهيو. مخدوم صاحب مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ ۾ انجمن علم و ادب هالا پاران پهرين نومبر 1952ع ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا ۾ سنڌ جي سدا حيات عالم ڏاهي علامہ آءِ آءِ قاضي جي صدارت ۾ ادبي ڪانفرنس منعقد ڪيائون. پاڻ فردوس

پبليڪيشن، انجمن علم و ادب، ادارا روح ادب جي سرپرستيءَ سان گڏ مالي مدد به ڪندا رهيا. مخدوم صاحب جي مثالي ادبي خدمتن ۽ سنڌي ادب جي ترقي ۾ رهنمائي سبب کين ميجتا ڏيڻ لاءِ 1955ع ۾ بزمِ طالب المولىٰ جوڙي وئي، مخدوم صاحب 1952ع ۾ جميعت الشعراء سنڌ جا سرپرست ۽ 1957ع ۾ صدر ٿيا. 14- آڪٽوبر 1961ع تي حيدرآباد جي بسنت هال ۾ مزاحيه ڪانفرنس کي وڏي پذيرائي ملي.

مخدوم طالب المولىٰ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ٿيو. پاڻ به پيرا 1961ع کان 1971ع تائين ۽ 1989ع کان 1992ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو. جڏهن ته پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، لطيف يادگار ڪائونسل، ڀٽ شاهه، ثقافتي مرڪز، سنڌ اڪيڊمي سنڌ يونيورسٽي (هاٿوڪي سنڌالاجي) جي مشاورت ڪاميٽي جو ميمبر به رهيو. مخدوم صاحب کي سندس ادبي، علمي خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ مليا، جڏهن ته ملڪي سطح تي کيس علمي ادبي خدمتن تي حڪومت پاڪستان پاران 1965ع ۾ تمغه پاڪستان، 1992ع ۾ هلال امتياز ۽ 1991ع ۾ لطيف ايوارڊ ڏنا ويا. تعليمي حوالي سان مخدوم صاحب وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون، اسڪول قائم ڪرائڻ کان وٺي شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلون ٺهرائڻ ۽ شاگردن کي اسڪالرشپ ۽ انعامن سان پڻ نوازيندو هو. سندس اهڙين علمي ۽ تعليمي خدمتن تي کيس ڪيترائي ايوارڊ مليا ۽ ڪيترا ئي تعليمي ادارا سندس نالي سان سندس حياتي ۾ ٺهيا جيڪو ڪنهن شخصيت لاءِ وڏي اعزاز کان گهٽ نه آهي. مخدوم صاحب سروري اسلاميه ڪاليج هالا، طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو، طالب المولىٰ اورينٽل ڪاليج هالا، سنڌ طبيه ڪاليج حيدرآباد، جا سرپرست رهيا. ڪيري هاءِ اسڪول جي هاسٽل به سندس يادگار آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ شاعري ۽ نثر جا اٽڪل 26 کان مٿي ڪتاب آهن جن ۾ بهار طالب 1946ع، رباعيات طالب 1946ع ۽ 1990ع، اسلامي تصوف 1951ع، شيطان 1951ع، خودشناسي 1952ع، امام غزالي جا خط 1953ع ۽ 1994ع، يادِ رفتگان 1953ع ۽ 1994ع، مثنوي عقل و عشق 1955ع ۽ 1983ع، ڪچڪول طالب 1955ع،ڪافي 1958ع ۽ 1962ع، شان سروري 1958ع، ڇپر ۾ ڇڙيون 1971ع، 1990ع، 2005ع ۽ 2011ع، سنڌ جو ساوڻ 1982ع، ديوان طالب المولىٰ 1982ع ۽ 2011ع، آ،ڪانگا ڪر ڳالهه 1982ع، شام و صبح 1982ع، بي پير اکيون 1987ع، مصريءَ جون ٽڙون 1990ع (هي ڪتاب انگريزي ۾ "Pieces of Sugar Candy" جي نالي سان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ترجمو ڪيو، جيڪو 1997ع ۾ شايع ٿيو. سدا وسين سنڌڙي 1990ع، آب حيات 1990ع، ڇهنڊڙيون 1992ع، منهنجو ننڊيڻ 1993ع، مضامين طالب المولىٰ 1996ع، بهارستان 1994ع، لغات سنڌي مخففات 1994ع، شان حسين 2004ع ۽ بيا ڇپيل آهن. مخدوم طالب المولىٰ 11 جنوري 1993ع تي وڇڙي ويا.

## مددي ڪتاب:

مهراڻ شاعر نمبر، 1969ع،
مهراڻ سوانح نمبر، 1958ع.
مهراڻ 3-2012ع



سهيل ابڙو

# ڪونهي هِت ڪو ڪال، محبت جي متاع جو

## مخدوم طالب الموليٰ جي بيت ۾ رومانويت

ڪابہ ادبي تخليق، پوءِ اها نثر جي روپ ۾ هجي يا شاعريءَ جي صورت ۾، اگر اها نڪري نروار ٿئي ٿي تہ ان حساس ماڻهوءَ جي نازڪ دل مجهان ٿي جنهن جي جيءَ کي اگر ڪا هلڪي بہ جهوري اچي ٿي تہ هن جون اکيون آبديده ٿيو ٿيو پون، يا هن جي ديدن ۾ ڪو دلفريب نظارو سمائجي ٿو تہ هڪدم سندس من اندر ۾ مسرت جي مُڪڙي کلي پوي ٿي.

مجموعي طور تي ادبي تخليق جو واسطو پمپ ڪندڙ ان پيالي جهڙي دل سان آهي، جيڪو بايولاجيڪلي پلي وينز، آرٽريز ۽ والوز تي مشتمل هجي، پر حقيقت ۾ ان جي هيئت ائين آهي جو اگر هو سڪڙجي ٿي تہ عاشق جي محدوديت جيتري هجي ٿي ۽ جڏهن کلي ٿي تہ پوءِ سڄو زمانو ٿي وڃي ٿي.

سو دل ۾ يا ڪنهن درد رکندڙ حساس دل ۾ اها طاقت ۽ شڪتي موجود هوندي آهي، جو هُو جڏهن پنهنجا پَر پکيڙي ٿي تہ هن وشال ڪائنات مان فقط روپ، رنگ، موهہ ۽ منظر پاڻ ۾ سمائي ٿي، پر گڏوگڏ رنج، روڳ يا سڪ ۽ سوڳ کي بہ پاڻ وٽ سيري ٿي اچي ۽ پوءِ پنهنجي اظهار جي باڪمال طاقت سان جڏهن اها تخليق ڪائنات جي اڳيان پيش ٿي ڪري تہ موضوع جي مناسبت سان ماڻهن جي مزاج ۾ تبديليءَ جو سبب ٿي بڻجي، بقول طالب الموليٰ سائينءَ جي:

دل تہ برابر آهي، پر ٿئي دل آويز.

سو اهائي دل، دل آويز هوندي آهي جنهن ۾ رڳو ”وينز، آرٽريز ۽ والوز“ ناهن هوندا، پر برعڪس ان جي اهڙي دل جو پيالو تہ وري احساس ۽ ادراڪ سان ٽمٽار هوندو آهي ۽ بلاشڪ تہ مخدوم طالب الموليٰ جن جي شخصيت دل آويز بہ هئي تہ دل نواز بہ هئي، دل پذير بہ هئي تہ دل فروز بہ هئي.

اوهان جو طالب الموليٰ حقيقت ۾ فقير آهي،
مگر ظاهر ۾ هو مخدوم ۽ هڪ پير سمجهيو ويو.

سندن جنم هالا جي ان مردم خيز مٽي مان ٿئي ٿو، جتي جي خمير ۾ صديون اڳ تصوف جي سرهاڻ، ڪلاسيڪيت جا ڪنايہ ۽ جديديت جو جوهر، پهرين کان موجود هو. جو هڪ پاسي مخدوم احمد پٽيءَ ۽ ميين عيسيٰ کان وٺي مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ تائين جي تصوفي ۽ محبت سان ڀرپور شاعريءَ جو واس هوائن ۾ پکڙيل هو تہ ٻئي طرف عروضي شاعريءَ ۾ انقلاب برپا ڪندڙ ”ديوانِ گل“ سان گڏ سندس سٽ ۾ بيٺل ’ديوانِ قاسم‘ ۽ ’ديوانِ آسو‘ جهڙا سنگِ ميل بہ هالا جي ادبي ايوان ۾ پيوست ٿي چڪا هئا.

نہ فقط ايترو پر خود مخدوم خاندان جن جو جدِامجد حضرت مخدوم نوحؒ جيتوڻيڪ هڪ اهم روحاني شخصيت هئا، پر پنهنجي دلي ڪيفيت جي اظهار لاءِ پاڻ بہ شاعريءَ جو سهارو وٺي چا تہ ڪمال بيت چيو اٿن:

اپٽيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي.

ان ئي تسلسل ۾ مخدوم نوحؒ جا پوٽا، لاکو لطف الله، جنهن جا بيت شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ گڏجي ويا ۽ ميان فتح محمد، جيڪو وري فارسيءَ جو ميجيل اديب هو ۽ جنهن نہ فقط مخدوم نوحؒ جن جي سوانح حيات ”رسالہ فتحيہ- جيڪو تصوف جي حوالي سان شاهڪار ڪتاب آهي.“ لکيو، پر ان سان

به هڪ ئي محبوب جي محبت تائين محدود ٿئي ٿو وڃي ۽ پنهنجي روحانيت واري گادي ۽ زبردست معاشي ۽ معاشرتي حيثيت جي پرواهه نه ڪندي تصوف جو چوغو پائي رومانس جي انتهائي حساس تندن کي ڇهڻ لاءِ ايترو به چئي ٿو ڏي ته:

جُتي ٿيان جيڪر، پنهنجي محب مجيب جي
ته ڪري پيار پيرن سان، پريو وجهان پاڪر
پيئي هجانس پير ۾، سدا منجهه سفر
طالب مولا طلب جي، هي خاص آهي خبر
ته نٽر به ٿيان سٽر، جي لالڻ وٽ لتاڙجان.

اهي لفظ پڙهي ۽ پڙهي سچ پچو ته هڪ سامع يا قاريءَ جي دل جون به سيئي حساس تارون 'سَر سَر' ڪرڻ لڳن ٿيون ۽ خوديءَ کي ختم ڪرڻ وارو اونهو فلسفو، انتهائي سليس لفظن سان سمجهه ۾ اچي ٿو وڃي.

مخدوم طالب المولىٰ، فطرت جو دلداده شاعر آهي ۽ فطرت جي رنگينين ۽ نظارن سان به بيحد پيار ٿو ڪري، اُتر پار ڪان ڪڪرن جي اُٿڻ ۽ جهڙالي جهرمر ڪان وٺي، بوندن جي بهار ۽ ڪوه مريءَ جي ماحول کي به بيحد رومانٽڪ انداز سان پنهنجي طويل بيت "سار سنڀار" ۾ پيش ٿو ڪري.

ڪري اُٿيا اُتر ڪان، ڪڪر ڪارونڀار
وسڻ سندا ويس ها، پيا منجهن سؤ سينگار
مٿان ڪوه مريءَ جي، ڪيئون وارو وار.....

۽ ان طويل بيت ۾ اڳيان هلي، مريءَ جي مال روڊ تي رنگ برنگي گلن جيان گهمندڙ اپسرائن جي ٽور ٽڪور جي منظرنگاري ڪندي چوي ٿو:

هُو ڊوڙي ڊڪي ڊيل جان، هليون هوٽل ۾ هڪوار
جهڙيون هرٽيون هيج مان، ڪن رمز پري رفتار
ڪلها هٽي قرب جا، شائق ڪيئون شڪار.....
ڪي وٽن هيٽ وينيون، ڪي دڪانن تي ڊار.....
پُسي پاٽيءَ ۾ پين، ڪپڙا قربدار.....
بدن بَکيو تن مان، چيلهه ڪيا چمڪار.....
هوڏانهن گل گلاب جا، هيڏانهن هي دلدار.....
اهي اسان ڪان ئي پڇو، دم دم جا ديدار.....
ڪهڙا ڪوه مريءَ ۾ ها، جهلڪا ۽ جنسار.....

مخدوم صاحب جو هي بيت، مون کي مريءَ جي مال روڊ جو منظوم سفرنامو لڳندو آهي، جنهن جي هر مصرع چڻ ته رومانس جي 'اسڪوائچ' جو هڪ هڪ پيگ آهي ۽ جڏهن 'متارن' جهڙا مئخوار ان بوتل جا پنجاهه پيگ هڪ ئي ڳيت ۾ پي پورا ڪن ٿا ته 'موڪيءَ' جهڙي ڪوه مريءَ جي مڌ جا ديوانا ٿي وڃن ٿا.

هي ته سڀ پيار جون ڳالهيون آهن، جن ۾ رومانس جي موجودگي کي فراموش نه ٿو ڪري سگهجي، پر حيرت ڪده جي هِن جهان ۾ عجب ته تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن مخدوم صاحب جي تڪرار ۾ به رومانس جي ريڊ ليبل، گلابي ڪاڪ ٽيل جي صورت ۾ ظاهر ٿيو بيٺي آهي. اهو تڪرار "اکين، پيرن، سر، دل ۾ روح" جو آهي جو "گونگيون گوءِ ڪٽي ويون" جي عنوان سان جڏهن اکين جي اهميت، وفا، سچائي ۽ هيٺائيءَ جو ذڪر ڪري ٿو ته لڳي ٿو ته اک ئي اهو عضوو آهي، جيڪو وصل واري وقت ۾ به وڏيڪ سرهو هجي ٿو ۽ هجر وارين راتين ۾ وڏي مهل انهن ئي اکين تي آهي.

اکين کي آئون روڪيان جيئن روئڻ کان.....
اکين کي اُداس جو ڏاڍو ڏک ٿيو.....
اکيون اِئين چون تہ پسون روز پرينءَ کي.....
مينهن وسي چا ڪندو، وسن پل تہ اکيون.....

پر اڳيان هلي "قدمن تان قربان ٿيان" ۾ جڏهن پيرن جي پهچ، پنڌ، هاج ۽ همٿ جو ذڪر ڪري ٿو تہ خود پاڻ ئي اکين کي پيرن مٿان ڪيرائي ٿو ۽ پيرن کي اکين تي فوقيت ٿو ڏي.

اکيون بہ آهن اکيون، پر پيرن سان نہ پڄن.....
رويو رويو اکيون، اچيو پيرن مٿان پَوَن.....
جي اکيون پير هجن، تہ پتو پوين پنڌ جو.....

پيرن کان مٿي وري درجو 'سر' کي ڏنو اٿس جو سر جي جوڙ، سرسي، گهرج ۽ قربانيءَ جي آڌو پيرن جو پنڌ اجايو ٿو ڀائنجي.

پير بہ آهن پير، پر سر نہ رکي سانگو.....
پير نہ وڃن پرينءَ وٽ، پر سر ٿئي گهاتو گهات.....
سر کي جهلي سهٽا، ٿا پلپل پيار بہ ڪن.....
جتي سر ڪپت، اتِ قدم ڪيجي چا ڪندا.....

واقعي، سودا تہ سرن جا ئي ٿيندا آهن، سو سر کان وڌيڪ يار جي قدمن تان پيو چا گهوريو آهي، پر هن تڪرار جو رومانس اچا بہ اوچي اُڏام اڏي ٿو ۽ "درجا آهن دلين تي" جي عنوان سان بيتن جي سيريز شروع ٿئي ٿي، جو عاشق جي اصل حاڪم تہ دل آهي ۽ درجا سڀئي دل تي آهن، يا اِن کي ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ سڀ عمل نيت سان مشروط آهن ۽ نيت جي پيدا ٿيڻ جي جاءِ تہ وري بہ دل ئي آهي.

سر جهڪن صد بار تہ بہ درجا آهن دلين تي.....
الله بہ ڪري ائين جيڪا دل مان دانهن ٿئي.....
دل ئي سا درگاهہ، جت الله آهي اوڏڙو.....
جو رسول ۽ رحمان بہ درجا ڏنا دلين کي.....

آخر ۾ دلين جي دروازي تان ٿيندو هي سفر روماني پرواز ڏانهن بہ اسهي ٿو وڃي، جو دل تہ ماس آهي، فاني جسم جو هڪ حصو آهي ۽ اصل رمزون روح جون ٿيون ڏسڻ ۾ اچن، جو روح لافاني آهي ۽ تخليق جي مرحلي کان وٺي تڪميل جي آخري ڏاڪي تائين روح جي ئي موجود هئڻ جون شاهديون آهن. سو هن تڪرار جي ٿٽ ۾ روحاني منزل کي پائڻ ۽ روح کي ئي اُتم، اعليٰ ۽ ارفع ڏيکارڻ لاءِ "رمزون آهن روح جون" ۾ جيڪي بيت چيا ويا آهن، اهي مخدوم صاحب جي دل جي ڪيفيت ۽ روحاني تسڪين جي عڪاسي ڪن ٿا.

دل تہ برابر آهي دل، در پرده رهي روح
سوئي طالب مولا، آ سالم منجهہ صبوح
فائق ڏنس فتوح، رمزون آهن روح جون.

مجموعي طور تي هي حسين تڪرار، اکين کان روح يا مجاز کان حقيقت تائين جو اهو سهانو سفر آهي. جنهن ۾ مخدوم طالب المولىٰ، سليقي سان هڪ قاريءَ کي معرفت جي منزل جي آگاهي، ڏورڻ جو ڏس ۽ حصول جا اصول بہ اهڙي خوبصورت ۽ ملائم طريقي سان ڏسي ٿو، جو ماٺهو ان سموري سفر جي رومانوي سحر مان پاڻ آجو نہ ٿو ڪرائي سگهي ۽ هوريان هوريان سندس پويان لڳي ٿو پوي.

# منهنجو نندپڻ

ٻيو سڀ ڪجهه فنا ٿي ويندو آخر
مگر انسان لءِ پائندگي آهه
حياتي جو سفر پورو نہ ٿيندو
مرڻ ڪان پوءِ بہ هڪڙي زندگي آهه.

مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ
12 جون 1960ع
دادو



## مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

# منهنجو ننڍپڻ

(1919ع - 1944ع)

*آئون پنهنجو ننڍپڻ پنهنجي والد صاحب قبله مرشدنا حضرت مخدوم غلام محمد صاحب عرف گل سائين، 16هين سُجاده نشين درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليه رحمت جي انتقال تائين سمجهان ٿو. اگرچه ان بعد به شڪار ۽ راند (والي بال) جاري هئي تاهم دنيائي بار ۽ ذميواريون به ڪُلهن تي پونديون ۽ وڌنديون ويون؛ تان جو اڄوڪي افراط و تفريط واري دور ۾ به هلجي پيو. صدر ضياء الحق جو مارشل لا وارو 11 سالن جو دور به گذريو، ان کان اڳ صدر ايوب خان جي مارشل لا وارو ڏهه سالہ دور به گذاريوسين. صدر ايوب خان وارو دور عزت ڀريو هئو، جنهن ۾ شاندار ۽ عزت دار ماڻهو محفوظ رهيا. جيتوڻيڪ صدر ايوب خان جي دور ۾ ماڻهن کي شڪايات به پيدا ٿيون ۽ ون يونٽ ٿيڻ بعد حالات تيزيءَ سان بگڙيا ۽ اڃا تائين بگڙندا رهن ٿا، پر انهيءَ هوندي به اڄڪلهه وري به صدر ايوب خان! ۽ ان جي دور کي ياد ڪيو پيو وڃي.*

– طالب المولىٰ

### ولادت:

منهنجي ولادت 9- محرم الحرام 1338ھ/ 4- آڪٽوبر 1919ع تي هالن نون ۾ ٿي. شروع ۾ منهنجي سارَ سنڀارَ منهنجي ڏاڏي حضرت مخدوم ظهير الدين عرف مخدوم پرو ڄام، 15 هين سجاده نشين درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليه رحمة ڪئي. سندن انتقال (10 جنوري 1927ع) بعد منهنجي نگهداشت منهنجن پُڦن جي هٿ ۾ ۽ منهنجي ننڍي چاچي ميان غلام حيدر وٽ رهي.

### تعليم ۽ تربيت:

آئون جڏهن پڙهڻ جي لائق ٿيس تہ آخوند ولي محمد (1) وٽ قرآن شريف جي تعليم سان پڙهائي شروع ڪيم، جنهن جي مڪمل ٿيڻ بعد، ان وقت جي دستور موجب وڏي بنگلي تي منهنجي حافِظي ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو، وڏي بنگلي جي هال ۾ جتي اڄڪلهه پلنگ پيل آهي اتي ان وقت کٽ پيل هوندي هئي، کٽ جي اڳيان سيراندي جي طرف مرشدنا قبله والد صاحب جن وِهندا هئا ۽ ويٺل هئا، مون کي به پنهنجي پر ۾ وهاريئون ۽ منهنجي سامهون، منهنجي استاد آخوند ولي محمّد کي وهاريو ويو، منهنجي اڳيان رحل تي قرآن شريف رکيو ويو. هال جي اوڀر واري ديوار وٽ منهنجي وڏي چاچي ميان عبدالحسين، ان جي پر ۾ منهنجو ٻيو نمبر چاچو ميان الله بچايو عرف مير سائين، ان جي پر ۾ منهنجو ٽيون نمبر چاچو ميان محمّد سعيد عرف علام حيدر ۽ ان بعد منهنجي والد صاحب قبله مرشدنا جن جا سوٽ وهاريا ويا ۽ انهن جي پرسان ميان الله اوڀايو وهاريو ويو ۽ باقي هال ۾ شهر هالا جا معزّز وهاريا

ويا (اهو سنّاء انهي زماني جو هو ۽ اڄڪلهه اونهين ناهي. اڳ شادن مرادن جي محفلن ۽ مجلسن ۾ به سيّد، پير ۽ فقير وغيره کي ان طرح وهاريو ويندو هو.) پوءِ منهنجي استاد آخوند ولي محمّد مونکي سورة بقره شريف جو پهريون رڪوع پڙهڻ لاءِ چيو جو مون کي پڪو به هو، پر ماڻهن جي هجوم ۽ مرشدنا قبله والد صاحب ۽ چاچن جي رعب کان رڪوع ٿورو پڙهي روئي ڏنم (ان زمان ۾ آئون نابالغ ٻار هئس) آخوند صاحب هڪدم قرآن شريف ڪٺي ٽيپيو ۽ پهرين قبله والد صاحب مرشدنا جن پوءِ آخوند ولي محمّد ۽ پوءِ منهنجي چاچن ۽ ٻين پيرن ان بعد شهر جي معزّزن گڏجي مبارڪون ڏنيون. مبارڪون ٻڌي مطمئن ۽ خوش ٿيڻ سبب روئڻ به بند ڪيم. هڪدم هڪ شخص مٺائيءَ جو وڏو ۽ پريل ٿالهه منهنجي استاد آخوند ولي محمّد کي هٿ ۾ ڏنو. آخوند صاحب اهو ٿالهه مرشدنا قبله والد صاحب جن اڳيان جهليو، پاڻ مٺائي مان ذرو کٽي نهايت شفقت سان منهنجي وات ۾ وڌو ۽ دوباره به مبارڪ ڏنائون ۽ پوءِ پاڻ مٺائي مان سوڻ ڪيئون ۽ آخوند صاحب کي فرمايائون ته هاڻ اوهان سوڻ ڪري، پوءِ پيرن کي سوڻ ڪرائي مٺائي وراهيو ۽ ان طرح ئي ڪيو ويو. ياد ڏياريان ته جنهن وقت مون روئي ڏنو ته مرشدنا والد صاحب قبله جن هڪدم مون کي کٽي پنهنجي محبّت ڀري آغوش ۾ ورتو. جڏهن روئڻ بند ڪيم ته پوءِ آغوش مان آزاد ڪيائون، تيتر مِٺيون ڀي ڏنئون. مٺائي تقسيم ٿي وڃن بعد مجلس برخواست ٿي ۽ مون کي به وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. قبله مرشدنا والد صاحب جن جو اهو پيار اڃا تائين به نه وسريو آهي.

قرآن شريف جي تعليم مڪمّل ڪرڻ بعد ماستر عبدالغفور (2) نالي وٽ سنڌي تعليم جو آغاز ٿيو، جنهن کي (بعد ۾) ماستر حاجي عبدالرحمان (3) انجمؒ هالائيءَ وٽ مڪمل ڪيم. سنڌي تعليم بعد مولوي عبدالحي ڦل پوٽي وٽ فارسي پڙهڻ شروع ڪيم. مولوي صاحب اسان جي عقائد رکڻ وارو ثابت نه ٿيو، ان ڪري ڪيس رخصت ڏني وئي ۽ وري مولوي محمّد عالم ڏيري واري وٽ پڙهائي شروع ڪيم. مولوي صاحبن وٽ آمدنامو، دو وايو، ٿوايو، ڪريم، پندنامو، گلستان، بوستان ۽ ڪجهه حصو سڪندر نامي جو پڙهيم ڀي، ته پاڻ ڳوٺ روانو ٿيو، ڇو جو والد قبله مرشدنا جن مون کي فرمايو ته ڪتابن جو ايترو علم حاصل ڪرڻ ڪافي آهي، هاڻي وڃي ماڻهن کي پڙهو يعني انهن سان ملاقاتون ڪريو ۽ سندن فيصلا ڪريو ته وڏو تجربو حاصل ٿيندو. (مون پڙهڻ کان ڪڏهن به ڪونه ٿڪايو) بلڪ ماستر غلام رضا ٻٽي (4) مرحوم وٽ انگريزيءَ جا ٽي درجا به پڙهيس. ليڪن ان وقت جي خانداني دستور موجب مون کي (وڌيڪ) اسڪولي تعليم ڪانه ڏياري وئي. ان بعد والد صاحب قبله مرشدنا جن مون کي هڪدم (ڊسمبر 1933ع يا جنوري 1934ع) ٿرپارڪر (5) (سانگهڙ ضلعو ڪافي دير سان وجود ۾ آيو.) ضلعي ۾ مريدن جي دعوتن تي موڪلڻ فرمايو. سرديءَ جي موسم هُئي ۽ انهيءَ سفر ۾ اٽڪل ڏيڍ مهيني کان به گهٽو وقت لڳو. روزانو عام توڙي خاص ماڻهن جون ملاقاتون جاري رهيون جنهن ۾ مريدن کان سوا ٿر جا خاص ماڻهو به شامل هئا، سندن مطالعي ڪرڻ جو عظيم موقعو مليو. اهڙي طرح قبله والد صاحب مرشدنا جن مون کي هر سال (6) اڪثر دعوتن تي موڪليندا هئا. اِهو سلسلو اٽڪل 8 يا 9 سال جاري رهيو: ان بعد قبله والد صاحب مرشدنا جن مون کي ديوانِ حافظ عطا فرمايو ۽ ان تي فالون ڪڍڻ به سمجهايائون ۽ فرمايائون ته "هن ڪتاب کي چڱيءَ طرح هميشه مطالعه ڪندا رهو". اڄ تائين به ديوانِ حافظ مون سان گڏ هوندو آهي ۽ ان جو مطالعو جاري رهندو آهي. ديوانِ حافظ تي فالون به ڪڍبيون آهن، جيڪي اڪثر صحيح ثابت ٿينديون آهن.

ان ڪانسواءِ قبله والد صاحب مرشدنا جن اڪثر روزانه ڏينهن جو 2 بجي کان شام جو 4 بجي تائين پنهنجي صحبت ۾ ويهاري هدايتون به ڏيندا رهندا هئا. سفر ۽ هدايات جو سلسلو سالن تائين جاري رهيو.

**راند:**

مون مرشدنا قبلہ والد صاحب جن جي هوندي ئي والي بال راند شروع ڪئي ۽ اڪثر سيني ميمبرن ڪان اڳ والي بال گرائونڊ تي موجود هوندو هُئس. حرن واري مارشل لا نافذ ٿي ۽ سال ڪن جاري رهي. ان وقت والي بال گرائونڊ هالا ٽاٽي جي پير ۾ "پنهوءَ (7) واري باغ" ۾ هوندو هئو. پنهوءَ واري باغ ۾ هالا ٽاٽي جي وچان صرف لوڙهو هوندو هئو. هالا ٽاٽي ۾ فوج جو مرڪز هئو. هڪڙي دفعي اتفاقاً فوجين ڪان رائيفل جو فائر ٿي ويو. ان دور ۾ (خصوصاً مارشل لا واري دور ۾) هڪڙو فائر بہ وڏي ڳالهہ هوندي هُئي جنهن جي باقاعده رپورٽ ٿيندي هئي ۽ ان جي جانچ پڙتال ڪرائڻ بعد فائر ڪندڙ کي جوڳي سزا ڏني ويندي هئي: سو ان فائر واري واقعي کي درگذر ڪرڻ لاءِ بہ ٽي فوجي باغ ۾ لنگهي آيا. اسان راند پئي کيڏياسون، تہ اسان ڪان پڇڻ لڳا، فائر هتان تہ نہ ٿيو وغيره. وغيره. ان واقعي ڪانپوءِ پنهوءَ واري باغ ڪان هڪ فرلانگ اوپر طرف "سوني (8) واري باغ" ۾ وچي پلي گرائونڊ ٺاهي راند شروع ڪئي سون. اها راند "طالب المولىٰ والي بال ڪلب" جي نالي سان ٿيندي هئي ۽ اجا بہ ساڳئي نالي سان ٿيندي رهي ٿي.

**شڪار:**

قبلہ والد صاحب مرشدنا جن جڏهن پهرين دفعہ مون کي سانگهڙ وغيره دعوتن تي موڪليو هئو تہ منهنجي دل وندر لاءِ بہ چار بازَ بہ ڏنائون. جيئن تہ اهو سفر ڏيڍ مهيني ڪان بہ گهٽو هئو ان ڪري اهو نسخو واقعي ڪامياب ٿيو، روزانہ ماڻهن سان ملاقاتن وغيره بعد شام جو شڪار تي وجبو هئو ۽ ڏاڍو سٺو وقت گذرندو هو.

هڪ پيري سياري جي موسم ۾ هڪ ڏينهن شام جو قبلہ مرشدنا والد صاحب جن مون وٽ منهنجي رهائش گاه نمہ واري بنگلي تي آيا ۽ فرمايائون تہ اڄ وڏي بنگلي جي ايوان ۾ لطف (9) فقير ليفٽ رائيٽ چوندو ۽ فوجي پريڊ ڪندو پي رهيو، ان ڪري شڪار بند ۽ باز، خانصاحب سائينداد (10) خان ڏانهن موڪليون ٿا. فوراً حڪم جي تعميل ڪئي وئي ۽ باز موڪليا ويا. پوري ٽي ڏينهن انگريز سنڌ ۾ حُرَن واري مارشل لا نافذ ڪئي. جڏهن مارشل لا ختم ٿي تہ وري باز گهرائي ڏنا ويا ۽ شڪار شروع ٿيا، روزانہ پنهرن جي ماني ڪائي مختلف طرفن ڏي شڪار تي وجبو هو ۽ سج لٿي شڪار بند ڪري رات جو موٽي ڳوٺ ڏي اچبو هو. ان زماني ۾ تتر عام جام هوندا هُئا ۽ شڪاري فقط آئون هوندو هئس. (11) اهو زمانو منهنجي پهرين شادي يعني سن 1937ع کان اڳ جو ولي عهديءَ ۽ آزادي وارو هوندو هو جڏهن مرشدنا والد صاحب قبلہ جن جي روح عالم بالا ڏي پرواز (15- ڊسمبر 1944ع) ڪيو تہ آئون سجاده نشين ٿيس ۽ عوام و خواص جو هجوم روزانہ مون وٽ موجود هوندو هئو، جڏهن فاتحہ خواني وارن جو اچڻ گهٽيو، تہ وري اصلي دستور موجب شڪار بہ شروع ٿيو ۽ والي بال گرائونڊ تي وڃڻ بہ شروع ڪيم ۽ راند بہ جاري رکيم.

**ننڍپڻ جا دوست:**

ننڍپڻ ۾ منهنجا صرف بہ دوست هئا: هڪڙو سيد حيدر شاه (12) جيڪو منهنجو ٽڇ شريڪ بہ هئو ۽ ٻيو پير ميان محبوب علي (13) هئو. منهنجا باقي سڀ دوست وڏي هوندي جا آهن يعني مرشدنا والد صاحب قبلہ جن جي انتقال ڪان بعد جا آهن.

**ننڍپڻ جا دايا:**

مون کي ننڍپڻ ۾ ٽي دايا رکي ڏنا ويا:-

1- دايو هاشم شيدي.

2- دايو مرزا نبي بخش مغل

3- دايو محمد هاشم سرائي.

دايو هاشم شيدي سن رسيده هئڻ ڪري جلد ئي گذاري ويو. ڪانئس پوءِ مرزا نبي بخش مغل مقرر ٿيو جيڪو پڻ وڏي عمر هئڻ ڪري جلدي گذاري ويو. بعد ۾ دايو هاشم (14) سرائي رکي ڏنو ويو جيڪو آخر تائين دايو ٿي رهيو. دايو هاشم سرائي ان وقت اٽڪل 50 سالن جي عمر جو هو. سفيد ريش هوندي هئس بيحد بااخلاق ۽ باتميز به هو. قبلہ والد صاحب مرشدنا جن نارن واري زمين ۽ مال منهنجي حوالي ڪيو ته دائي هاشم سرائي ان جي به سار سنڀار ڪئي. منهنجي وڏي ٿي وڃڻ بعد دايو هاشم، منهنجي وڏي فرزند مخدوم محمد امين فهيم جو به ڪافي سال دايو ٿي رهيو.

## هم ڪلاسي ۽ نوڪر:

1- جمعو جت ولد محمد عاقل عرف اڪو جت (ڪلاسي ۽ نوڪر)
2- رئيس غلام محمد نظاماڻي (ڪلاسي)
3- ڳُدو (خدا بخش) صوفيائي ولد عبدالڪريم صوفيائي (نوڪر)
4- برادي (براتي) موچي ولد ڪرڙ موچي (نوڪر)
5- محمود ابڙيجو ولد عبدالڪريم ابڙيجو (صحبتي)
6- قبول شيدي ولد الله ورايو شيدي ولد حاجي جيئندو شيدي (صحبتي)
7- ڦتو (فتح محمد) ڳاهوڻي (نوڪر)

فارسي تعليم شروع ٿي ته مون سان منهنجو ٽج شريڪ نوڪر جمعو (15) جت ۽ رئيس غلام محمد (16) نظاماڻي (وڏي عمر ۾ ڏاڙهيءَ سان) گڏ پڙهندا هئا. رئيس غلام محمد نظاماڻيءَ کي مرشدنا والد صاحب قبلہ جن ئي مون سان گڏ پڙهڻ لاءِ مقرر ڪيو ته نظرداري به منهنجي ڪري.

جڏهن تعليم کان فارغ ٿيس ته ڦتو (17) (فتح محمد) ڳاهوڻي ۽ ڪدو (خدا بخش) صوفيائي (عمر ۾ ذري گهٽ هڪ جيڏو) نوڪر هئا، ڪجهه وقت لاءِ برادي (18)(براتي) موچي به نوڪر ٿي رهيو. هڪ جيڏا هم صحبتي محمود (19) ابڙيجو ۽ قبول شيدي هوندا هئا. ڪي ٻيا ڇوڪرا به ايندا هئا جن جا نالا ياد نہ آهن.

## شادي:

منهنجي پهرين شادي پير ميان امام علي (20) صديقي جي همشيره سان 26 جون 1937ع ۾ ٿي. ان زماني ۾ محمد فقير (21) کٽياڻ جي هالا ۾ اچ وڃ ڪثرت سان هوندي هئي. فقير صاحب منهنجي شاديءَ ۾ استاد سينڌي (22) خان صيد کي شڪارپور مان سڏائي محفلون ڪرايون. منهنجي عمر ان وقت 18 سال هئي. استاد سينڌو خان صيد چند سالن هالن ۾ رهڻ بعد وڃي محمد فقير جي ڳوٺ سليمان کٽياڻ تعلقہ هالا ۾ رهيو ۽ اتي ئي وفات به ڪيئين ۽ اتي ئي ميخانہ منصوريءَ تي مدفون به ٿيو. مون استاد صيد مرحوم جي منظوم تاريخ وفات فارسي ۾ لکي جيڪا مندرجہ ذيل آهي:

منهنجي پهرين رفيق حيات 24 نومبر 1940ع ۾ وفات ڪئي. منهنجي ٻي شادي مولوي فضل احمد (23) غزنوي جي دختر نيڪ اختر (24) سان 9- ڊسمبر 1942ع ۾ ٿي. ٻئي شاديون قبلہ والد صاحب مرشدنا جن ڪرايون.

## شاعريءَ جي ابتدا:

ڊسمبر 1933ع ڌاري قبلہ والد صاحب مرشدنا جن مون کي پهرين دفعہ ٿرپارڪر طرف مريدن ۾ دعوتن تي موڪليو، اُتي بوڇڻاهہ نالي ڳوٺ ۾ منٺار فقير راڄڙ آيو. حاضريءَ تي ۽ باقي سڄو سفر گڏ رهيو.

روزانہ هڪڙو ڏهر ناهيندو هو جيڪو صحب فقير چانيهو پنهنجي سريلي آواز ۾ ڏيندو (ڳائيندو) هو. اهي ڏهر ٻڌي دل ۾ شوق پيدا ٿيو تہ شاعري چاهي ۽ روز منٺار فقير ڏهر ڪيئن ٿو ناهي! سفر ختم

ٿيڻ بعد ڳوٺ آياسون. هڪ ڏينهن هالا جي اُتر طرف شڪار تي وڃڻ ٿيو اُتي ئي مندرجہ ذيل شعر في البديهہ جهونگاريندي زبان تي آيو جيڪو منهنجي شاعريءَ جي ابتدا پڻ آهي:

يا الاهي يار مون ايندو ڪڏهن

درد دل جو دور هي ٿيندو ڪڏهن

آئون جڏهن ٻئي سال دعوتن تي ويس تہ منٺار فقير (25) جو انتقال ٿي چُڪو هو، ان مان حساب لڳي ٿو تہ مون جنوري يا فيبروري 1934ع ۾ شاعري شروع ڪئي هوندي. (26)

**ننڍپڻ جا ٻہ دلچسپ واقعا:**

(1)

فارسيءَ جي پڙهائيءَ دوران مون ڏاڙهي ڏاري هئي. ڇوڪرا (هم صحبتي) چوندا هئا تہ "بابا سائين ڏاڙهي اڄ ناسڪو پئي هٽي". آئون پڇندو هوس تہ "ڇا ٿي ڳهري؟" تہ ڇوڪرا ڪنهن نہ ڪنهن تازي فروٽ جو نالو وٺندا هئا. فروٽ ايندو هو تہ مون کي چوندا هئا تہ "حويليءَ تي سڏ آهي". منهنجو وڃڻ ۽ ڇوڪرن جو فروٽ کي چٽ ڪرڻ، مزيدار ڳالهہ هي هئي تہ دايو هاشم بہ اچي انهن ساڻ کائڻ ۾ شريڪ ٿيندو هو.

(2)

فارسيءَ پڙهندي جڏهن هڪ شعر تي آياسون جيڪو "شور بختان" جي نالي سان شروع ٿيو ٿي. استاد ان جي معنيٰ سمجهائي ۽ ٻئي ڏينهن اتفاقاً ان جي معنيٰ منهنجي ملازم ۽ هم سبق جمع جت کان پڇي. جمعي وراڻيو تہ "ڪلرائو بخت". ڏاڍو کلياسون ۽ استاد بہ نهايت محظوظ ٿيو. ڇو تہ "شور" ڪلر کي بہ چئبو آهي. دراصل "شور بختان" "بدبختن " کي چئبو آهي.

## حوالا

(1) آخوند ولي محمد ولد آخوند حافظ حاجي محمد قاسم، درگاهہ شريف جو مجاور هئو. سندس انتقال 30 محرم الحرام 1353ھ/ 15 مئي 1934ع ۾ ٿيو.

(2) ماستر حاجي عبدالغفور ولد حاجي هدايت الله شيخ، هالن جي پيروائي مُلن مان هئو. 26- جميد الثاني 1366ھ/ بمطابق 18 مئي 1947ع ۾ انتقال ڪيائين.

(3) آخوند انجم هالائي، هالا جو ڪهنہ مشق ۽ صاحب ديوان شاعر هو. 15 آگسٽ 1902ع ۾ ڄائو ۽ 1 نومبر 1975ع ۾ انتقال ڪيائين.

(4) ماستر غلام رضا پٽني جي والد جو نالو علي نواز پٽنو هئو. پاڻ 21 اپريل 1976ع ۾ انتقال ڪيائين.

(5) اڳ (ان دور ۾) سانگهڙ ٿرپارڪر ۾ شامل هئو جنهن کي خانبهادر غلام محمد خان وسان، پنهنجي سياسي فائدي ۽ سهوليت ڪارڻ خانبهادر ايوب کهڙي وزير اعليٰ سنڌ کي چئي جدا ضلعو ٺهرايو.

(6) مختلف طرفن جي مريدن ڏانهن دعوتن تي موڪليندا هئا.

(7) پنهو خان چانديو، ڏيري وارن چانڊين مان هو، انهي اِهو باغ منهنجي پڙڏاڏي حضرت مخدوم امين محمد عرف پڪن ڏٽي رح 13 هين سجاده نشين درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليہ رحمة جي حڪم تي رکيو.

(8) سونو خان چانديو، پنهو خان جو مائٽ ۽ ڏيري وارن چانڊين مان هو، جنهن اهو باغ منهنجي ڏاڏي حضرت مخدوم ظهير الدين عرف مخدوم پرو ڄام جن جي حڪم تي رکيو.

(9) لطف فقير، لسبيلي جي هڪ وڏي خاندان جو فرد ۽ مجذوب سالڪ به هو. اصل ۾ فوجي ماڻهو هو. مجذوب ٿيڻ بعد باقي عمر هالا ۾ گذاريائين. چون ٿا تہ هالا کان ڏکڻ طرف ڳوٺ کنڊو ۾ گهڻو رهندو هو، اتي ئي انتقال ڪيائين ۽ اتي ئي مدفون ٿيو.

(10) خانصاحب سائينداد خان ولد ڪاميو خان چورو مريد بہ هو ۽ خاص ڏر بہ هو.

(11) فيلڊ مارشل صدر ايوب خان جڏهن سنڌ ۾ شڪار ڪرڻ شروع ڪيو تہ عوام ۽ خواص بہ بندوق سان شڪار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو تترن جو ستيائي ناس ٿي ويو. اهو دنيا جو دستور آهي تہ وقت جو بادشاهہ (صدر وغيره) جيڪو شوق ڪرڻ فرمائيندو آهي تہ عوام توڙي خواص بہ اهو شوق هروڀرو بہ پورو ڪندو آهي.

(12) سيّد حيدر شاهہ ولد سيّد مٺن شاهہ اجناڻي 15 ڊسمبر 1919ع ۾ ڄائو. چڱو شاعر بہ هو. سندس تخلص شروع کان ناعم ۽ پوءِ آخر تائين حيدر هو. آخر ۾ سيشن جج ٿي پينشن تي لٿو ۽ 8 مارچ 1986ع ۾ انتقال ڪيائين.

(13) پير ميان محبوب علي ولد پير ميان غلام سرور ولد پير ميان پنيلڏو پنيلي هالائي.

(14) دايو محمد هاشم ولد غلام محمّد سرائي، وصال 20 جون 1958ع.

(15) جمعو جت بعد ۾ مون وٽ سالن جا سال ڊرائيور ٿي رهيو.

(16) رئيس غلام محمّد خان نظاماڻي (ڪرم خان نظاماڻي ڳوٺ وارو) ولادت: 16 ڊسمبر 1951ع وصال: 1 مئي 1982ع.

(17) ڦتو، پوٽي وارن ڳاهوڻن منجهان هو ۽ قبلہ صاحب مرشدنا جن وٽ ڪمدار بہ ٿي رهيو.

(18) يرادي (براتي) فقير وصال ڪري ويو.

(19) محمود ابڙيجو حال حيات آهي ۽ هيڊ ماستر جي عهدي تي پهچي رٽائر ٿيو آهي. ولادت: 29 نومبر 1919.

(20) پير ميان امام علي ولد پير ميان محمّد صديق قريشي وينل ڳوٺ اُچ شريف (لاڙ) ضلع بدين، حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليہ رحمة جي فرزند مخدوم امين محمّد اول جي ٻئي نمبر فرزند پٽ ميان فضل الله جي اولاد مان هئو. سن 1973ع ۾ انتقال ڪيائين.

(21) محمّد فقير ڪنياڻ ولد حيدر خان ڪنياڻ ولادت: 1876ع وصال: 4 فيبروري 1941ع.

(22) استاد سينئو خان ولد هنڊو خان ولادت: (اندازاً) 1880ع وصال: 17 فيبروري 1940ع.

(23) مولانا فضل احمد غزنوي ولد مرحوم سردار الله بخش 26 آڪٽوبر 1906ع ۾ ڪوئيٽا ۾ تولد ٿيو. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب هندستان، ايران، عرب ۽ مصر جا سفر ڪيا. عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان بي. اي ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ مان عربي فارسيءَ ۾ ايم. اي ڪيائين. سيرت نبويﷺ تي بہ هڪ جامع ڪتاب تحرير ڪيائين. 4 ڊسمبر 1986ع تي وڏي عمر ۾ انتقال ڪيائين.

(24) جا، بي بي نيڪ نمازي ۽ تهجد گذار بہ آهي. الحمد الله.

(25) مٺار فقير ولد قبول محمّد راڄڙ وصال: 16 جنوري 1935ع.

(26) ديوان طالب المولىٰ جي ص 80 تي، شاعريءَ بابت نوٽ درست ڪونهي. نئين تحقيق موجب جيڪو سن صحيح ثابت ٿيو، اهو مٿي ڄاڻايو ويو آهي.

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 1992/3ع

# مخدوم محمد زمان
# طالب المولیٰ جون کجھ تحریرون

وڏو ماڻهو نہ عُهدي ساڻ ٿيبو
وڏائي جو سبب اخلاق آهي
تڪبّر ذات تي جي ٿئو تہ ڇا ٿئو
عمل ري ڪنهنجي عزّت ڪابہ ناهي۔

مخدوم محمد الزمان طالب المولیٰ
1953ع

# "سنڌي ادبي بورڊ" جو ٺهراءُ

"اڙدو جي قومي زبان طور اهميت کي محسوس ڪندي، هيءُ 'بورڊ' قومي تعليمي ڪميشن جي عمل هيٺ ايندڙ انهن سفارشن کي خلوص دل سان ساراهي ٿو، جن مطابق سيني شاگردن لاءِ اڙدو کي (1) مڊل، اعليٰ ۽ اعليٰ ثانوي درجن لاءِ هڪ لازمي اپياسي مضمون، ۽ (2) بي. اي. لاءِ هڪ اختياري مضمون ٺهرايو ويو آهي.

"بورڊ کي، بهرحال، ڪميشن جي انهن سفارشن ۾ ڪو فائدو نظر نٿو اچي، جن جي بنياد تي،

(الف) تسليم شده تعليمي اصولن جي اُبتڙ، جيڪي ٻارن کي سندن مادري زبان ذريعي سکيا ڏيڻ جي حمايت ڪن ٿا، اڙدو کي پرائمري سطح تي هڪ لازمي مضمون طور متعارف ڪرايو ويو آهي؛ ۽

(ب) تجويز ڪيو ويو آهي ته اڙدو زبان، عبوري مدت بعد، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح تي تعليمي ۽ امتحاني ذريعن طور سنڌيءَ جي جاءِ والاري.

"انهيءَ نازڪ مسئلي تي هن علائقي جي شاگردن، ماٽن ۽ عام خلق جي احساسن جي ترجماني ڪندي، بورڊ جي زوردار راءِ آهي ته مٿيون سفارشون، قومي مفادن کي محسوس ڪرائڻ بجاءِ، متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي تعليمي اختياريءَ وارن خلاف مسلسل شڪايت جو موقعو ڏينديون.

"... سنڌي زبان کي پنهنجي موجوده درجي ۽ انهيءَ اهم مقام کان محروم ڪرڻ سان، جيڪو مقام ڪيس هن علائقي جي ثقافتي نظام ۾ حاصل آهي، حڪومت سنڌي ڳالهائيندڙ عوام جي احساسن کي مجروح ڪندي، ۽ ڪين ون يونٽ اندر پنهنجي حيثيت ۽ ترقيءَ بابت غير سلامتيءَ جو بيجا احساس ڏياريندي.

"انهن حالتن جي مدنظر، سنڌي ادبي بورڊ گذارش ٿو ڪري ته هن علائقي ۾ زبان جي مسئلي تي نظرثاني ڪئي وڃي، ۽ تجويز ٿو ڪري ته

(1) سنڌيءَ جي موجوده تعليمي ۽ امتحاني حيثيت برقرار رکي وڃي؛ ۽

(2) اڙدو کي پرائمري سطح تي ٻارن لاءِ لازمي نه سمجهندي، ان کي نئين تعليمي نظام ۾ ڇهين کان ٻارهين درجي تائين، يعني ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح تي، هڪ لازمي مضمون طور متعارف ڪيو وڃي." [اقتباس] [6- آڪٽوبر، 1962ع]

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 1962/2ع

# سنڌي عوام کي اپيل

سنڌي اخبارن ۾ وقت بوقت، اختياريءَ وارن جو، ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو پئي ويو آهي، ته سنڌ جي ريلوي اسٽيشنن، رستن، ڳوٺن، پبلڪ جاين ۽ ٻين هنڌن جا قديمي ۽ تاريخي نالا بدلائي، نوان نالا رکيا پيا وڃن، جيئن ته ڪينجهر ڍنڍ جو نالو ڪلري، ۽ ڪڏڻ شهر جو نالو ٽنڊو روئداد خان وغيره.

انهيءَ کانسواءِ، سنڌ جي سيني ريلوي اسٽيشنن جا سنڌي صورت ۾ لکيل نالا بدلائي، اردو صورت ۾ لکيا ويا آهن. انهيءَ ڪري ڇا ٿيو آهي جو ڪيترين اسٽيشنن جا نالا، پنهنجي صحيح تلفظ ۽ معنيٰ مقصد کان بدلجي ويا آهن. جيئن الهڏنو ساند مان الهدينو ساند. قومي شاهراه ۽ ٻين روڊن تي پڻ ساڳيءَ ريت، مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا، اردو صورت ۾ تبديل ڪري غلط لکيا ويا آهن.

انهن مسئلن تي اخبارن ۾ گهڻو ڪي لکيو ويو آهي، پر اجا تائين، اختياري وارن، انهيءَ ڏس ۾ ڪو قدم ڪونه کنيو آهي.

ريلوائي اسٽيشنن ۽ روڊن تي، شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن جا بورڊ عام ماڻهن جي معلومات ۽ سهوليت خاطر ئي هنيا ويا آهن. چنانچه، جڏهن انهن بورڊن تي غلط نالا لکيا وڃن ٿا، تڏهن نه فقط بورڊن هڻڻ جو صحيح مقصد پورو نٿو ٿئي، بلڪ عام مونجهارو پڻ ٿئي ٿو. بعضي ته مضحڪه خيز صورتحال پيدا ٿي پوي ٿي. ازانسواءِ، قديمي شهرن، ۽ ٻين عام مشهور هنڌن جا نالا، بنا ڪنهن سبب جي بدلائڻ ڪري، انهن جي تاريخي حيثيت کي نقصان رسي ٿو.

مٿئين ڳالهين کي خيال ۾ رکي، سنڌي ادبي بورڊ فيصلو ڪيو آهي ته سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، ۽ عام مشهور هنڌن جي اهڙيءَ طرح بگڙيل نالن يا نون مقرر ڪيل نالن جي باري ۾ مفصل معلومات گڏ ڪري، هن مسئلي کي واسطيدار اختياري وارن وٽ، مناسب ۽ مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو وڃي، ۽ موجوده صورتحال کي درست ڪرڻ لاءِ ڪوشش ونجي. انهيءَ لاءِ سنڌ جي پبلڪ کي گذارش ڪجي ٿي ته مهرباني ڪري، پنهنجي حد اندر جتي به ڪين بگڙيل يا اصل نالن بدران نون نالن جا بورڊ نظر اچن، ته ان باري ۾ مفصل معلومات، مسٽر محمد ابراهيم جويو، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، 3، سول لائينز حيدرآباد (سنڌ) کي ڏياري موڪلين.

مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" (تمغہ پاڪستان)
ميمبر، نئشنل اسيمبلي آف پاڪستان
۽
چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (سنڌ)

("مهراڻ، ٽماهي نمبر1964/1ع)

# سنڌي ادبي بورڊ جي دفتري زبان سنڌي رهندي
# عاليجناب قبلہ مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"
# چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جي پريس پڌرائي

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري زبان قرار ڏيڻ جو فيصلو نهايت موزون ۽ برمحل آهي. اردودان طبقي جي ڪن حلقن انديشو ظاهر ڪيو آهي تہ ائين ٿيڻ ڪري، اردو زبان جي مستقبل تي اثر پوندو، پر اهڙو انديشو بي بنياد آهي. ڇو تہ اردو زبان جي صحيح ترقي علاقائي زبانن جي ترقيءَ سان ئي سگهندي. سنڌ جي صوبي جي بحال ٿيڻ کان پوءِ، سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ سنڌي زبان کي ان جو جائز مقام ڏيڻ تمام ضروري آهي، جڏهن انگريزن جي دؤر ۾، سنڌي زبان پوريءَ ڪاميابيءَ سان سرڪاري آفيسن ۽ ڪورٽن جي زبان ٿي رهي آهي تہ پوءِ هينئر ان کي ساڳئي نموني ۾ استعمال ڪرڻ ۾ ڪوبہ اعتراض هئڻ نہ گهرجي، بلڪ ائين ڪرڻ ڪري، صوبي جو انتظام بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ عوام ۽ حڪومت کي هڪبئي جي ويجهو اچڻ جي مدد ملندي- چنانچہ سنڌ جي گورنر جناب رحمان گل، حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن تان اهل سنڌ کي سنڌيءَ ۾ خطاب ڪري، ان ڳالهہ جي ثابتي ڏني آهي تہ موجوده حڪومت جي سمورين سرڪاري ۽ نيم سرڪاري آفيسن خاص طرح سان شهرن جي ميونسپالٽين، ٻهراڙيءَ جي يونين ڪائونسلن ۽ پوليس ٿاڻن ۾ لکپڙهہ سنڌي زبان ۾ ئي هئڻ گهرجي.

اسان "سنڌي ادبي بورڊ" جي ميٽنگ سڏائي آهي، جنهن ۾ هن اداري ۾ پڻ سنڌيءَ کي سرڪاري زبان طور استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. حقيقت ۾ هن وقت پڻ بورڊ ۾ سموري لکپڙهہ ۾ گهڻي حد تائين سنڌي سرڪاري زبان طور استعمال ڪئي ويندي آهي.

[روزانہ "هلال پاڪستان"، حيدرآباد- مورخہ 4- سيپٽمبر 1970ع]

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 1970/3ع

## مهراڻ جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ جي يادگار موقعي تي

# سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن

## عالي جناب مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ جو پيغام

سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" جو سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۾ جيڪو ڪردار رهيو آهي اهو علمي دنيا کان لڪل ڪونهي. بلاشبه مهراڻ سنڌي زبان جي سڀني رسالن جو مهندار مخزن آهي. الحمدﷲ، هن رسالي کي سنڌ جي سمورن عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ ليکڪن جيءَ ۾ جايون ڏيني پنهنجي ادبي تعاون سان ڀني نوازيو آهي ۽ مهراڻ به ڪيترن ني ليکڪن کي شهرت جي آسمان تي چمڪايو آهي ۽ لاتعداد نون لکندڙن جي حوصلہ افزائي ڪئي آهي. ادب جي ترقي لاءِ مهراڻ جو تاريخ ساز ڪردار هڪ حقيقت جي حيثيت رکي ٿو. الله جي فضل سان هي رسالو پنهنجي روايتي ۽ تاريخي ڪردار کي ساڳي سگهه ۽ دستور سان نباهيندو اچي پيو.

مهراڻ شروع کان وني ڇپائي جي مروَّج طريقي (ٽائيپ وسيلي هينڊ ڪمپوزنگ) سان شايع ٿيندو پئي رهيو، ليڪن موجوده زماني جي تقاضائن کي مد نظر رکندي اِن کي طباعت جي جديد طريقي سان هم آهنگ ڪرڻ مناسب هو. چنانچہ موجوده بورڊ ان ڏس ۾ پيش رفت ڪئي آهي ۽ نئين سال جو هي پهريون شمارو ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪرايو ويو آهي.

آئون هن تاريخي موقعي تي دلي مسرت جو اظهار ڪريان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته شال مهراڻ هن نئين نظامِ اشاعت هيٺ اڃا به وڌيڪ رنگيني ۽ جاذبيت ماڻي ۽ گڏوگڏ عالمن، اديبن، شاعرن، دانشمندن کي درخواست ڪندس ته، مهراڻ جي هن نئين ۽ ڪشش پيشڪش جي حوالي سان ان سان ادبي سهڪار ۾ اڃا به وڌيڪ سرگرميءَ سان حصو وٺن.

۱ـ جنوري ١٩٩١ع

مخدوم طالب المولىٰ

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

طالب المولىٰ

# سوچ، ترتيب ۽ پرک

(1)

ڪنهن جي چوڻيءَ موجب تہ "فڪر هر ڪس بقدر همت اوست" يعني هر شخص جي سوچ ان جي همت موجب هوندي آهي عمر سارو ساڳيو ماڻهو شباب ۾ هڪ طرح سان، جوانيءَ ۾ ٻيءَ طرح سان ۽ پيريءَ ۾ بلڪل ٽيءَ طرح سان سوچيندو آهي. ساڳيءَ طرح هڪ ئي ڪلام کي صوفي هڪ نموني سان، مئڪش ٻئي نموني سان، فلسفي ٽئين نموني سان تہ ملاً چوٿين نموني سان سوچيندو وغيره وغيره

وڏيءَ عمر ۾ جڏهن سڀ اُميدون لهي وينديون آهن تہ همراه پوءِ مسجد وغيره جو رخ ڪندا آهن يا گوشہ نشين ٿي خشڪ نصيحتون ڪرڻ فرمائيندا آهن. اهو بہ چڱو.

شاعر يا نثر لکندڙ پلي ڪيڏي بہ وڏيءَ عمر ۾ چو نہ هُجي تہ بہ انسان آهي. سندس خواهشات ۽ جذبات پوڙها ٿيڻ جي بدران جوان ٿيندا آهن. جيئن "مرد چون پير شود حرص جوان مي گرود" يعني "ماڻهو (عورت ۽ مرد) جڏهن پوڙهو ٿيندو آهي تہ سندس حرص جوان ٿئي ٿو". تنهنڪري پراڻين يادن کي بہ شاعر يا نثر لکندڙ لکندو آهي. اهڙا مثال پراڻن وڏن شاعرن جي ڪلام ۾ آل جال موجود آهن. انهن يادن کي لکڻ انساني فطرت جي تقاضا آهي. نہ ڏوهہ.

غير شاهر پنهنجي وڏپڻ ۾ ننڍپڻ جون شرارتون ۽ يادون ياد ڪري اکين منجهان لڙڪ لاڙي ذهني سڪون حاصل ڪندو آهي. جيئن:

پيري ۾ پيئي اکيون آريءَ ڏي ڪئي! (شاه)

شاعر ڪڏهن حقيقي عشق جي سمونڊ ۾ ترندي ٽٻيون هڻندي معرفت جا موتي ميڙيندي چوندو آهي تہ:

پنهون ٽيس پاڻ، سسئي تان سورهيا! (شاه)

۽ ڪنهن وقت وري مجازي محبت جي دريا ۾ لڙهندي چوندو تہ:

مون نہ وهيڻو پاڻ، ويئي نيڻ نچوئيان! (شاه)

يا

سڪ تنهنجي سپرين، اندر ٿي اَجَهلَ،
پڙڪئو پاهر نڪري، ڳوري ڪاٺي ڪَلَ،
ري سيرائي سَلَ، مون کي ڏنا سڄڻين.
(شاه)

۽

روئڻ ۽ راڙو مون نماڻيءَ نجهري،
ڪنل کي قلب ۾، قرب سندو ڪاڙهو،
هوتن لاءِ هاڙهو رجائيندیس رت سين!
(شاه)

هيءَ چوڻ تہ فلان فلان شاعر جذباتي ۽ مثلاً نفسياتي شاعري ڪري ٿو وغيره وغيره تہ ان ڳالهہ کي بلڪل صحيح نہ چئبو پاڻ ان شاعر جو سمورو ڪلام پڙهي سوچبو تہ سندس لکڻي ڪيئن آهي ۽ ان مان حظ حاصل ڪبو. رڳو تنقيد ۽ ترديد تي ڪونہ پاڙبو. (28 جولاءِ 1987ع).

(2)

# ترتيب

آءُ ٻهريون شاعر آهيان، جنهن شروع کان ئي پنهنجو ڪلام تاريخ وار لکيو آهي ۽ ڪتابن ۾ به ڪلام تاريخ وار لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ طريقي مان خبر پوي ٿي ته شاعر جي خيالن ۽ تصورن ڪيئن ڪيئن ڪم ڪيو آهي.

سنڌي شاعرن جيڪا ------- يعني عورت جي زبان ۾ شاعري ڪئي آهي، ان ۾ آمرن، ظالمن ۽ زور آورن وغيره وغيره کي اهڙيءَ طرح ته ڪناين ۽ اشارن ۾ خوب سجاڳ ڪيو آهي، جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ رومال ۾ ويڙهي هُنن کي اهڙو ته پنجو هنيو آهي، جو تاقيامت قائم رهندو. هن حقير جي شاعريءَ ۾ به اهو رنگ ڪنهن حد تائين سمايل آهي. حقيقت ۾ شاعرن جو شهنشاه ۽ سلطان شاه لطيف رح آهي.

دستور آهي ته ڪوبه ڪتاب جڏهن ڇپايو ويندو آهي ته ان لاءِ ڪنهن صاحب کان به پنهنجي نثر يا نظم وغيره جي تعريف ۾ ٻه ٽي اکر لکايا ويندا آهن. اهو دستور به ڪو غلط ڪونهي، ڇو ته اهو صاحب ئي مواد جي سمجهاڻي ڏيندو آهي جا هڪڙي طرح ضروري به ڇئبي، پر مون هن پيري انهين هن ڪري نه ڪيو ته فقط پنهنجي راءِ ئي "ڪافي" لاءِ ڪافي سمجهيم. اُميد ته هر ڳالهه اکين آڏو اچي وينديءَ ۽ ذهن نشين ٿيندي، ڪافي بابت منهنجي راءِ اڳتي پڙهندا، جنهن جو عنوان آهي "پرک".

"ڪافي" صرف زباني پڙهبي ته به سٺي هوندي ته وڻندي، پر جي پاڻ ڳائي پڙهبي ته ڪجهه وڌيڪ وڻندي. مگر ڪنهن سريلي ڳائڻي کان ٻڌبي ته ذهنن ۾ گهر ڪري ويندي، يعني سريلو ڳائڻو حسين ڪافيءَ کي حسين تر بنائي ڇڏيندو. هن وقت منهنجو اشارو موسيقيءَ ۽ سريلائپ جي شهزادي عابده پروين ڏي آهي، اها صاحبه جنهن به ڪافيءَ کي ڳائي ٿي ته ان ڪافيءَ جي خوش قسمتي آهي.

(12 جون 1987)

(3)

# پرک

شاعر روزمره جي واقعن ۽ حادثن وغيره وغيره جو مشاهدو ڪري ٿو. عجيب و غريب حالات مان گذري ٿو ڪيس ڪيترن ئي قسمن جون ڳالهيون پيش اچن ٿيون، ڪيئي تجربا ۽ تجزيا ڪري ٿو تنهنڪري پنهنجي ڪالم ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪناين، اشارن، استعارن ۽ تشبيهن وغيره سان رکي ٿو. شاعر جي مئي پرستي، ميخانه نوازي، ساقيءَ جي مئي فروشي، ساغر و پيماني جي گردش، رندانه قلندرانه گفتا، عاشق و معشوق جون رمزون ۽ گل و بلبل وغيره جي پردي ۾ مختلف گروهن، طبقن فرقن، زاهد و عابد، مفتي و ملا ۽ محتسب وغيره، پيري و مخدوميءَ جي ظاهرداريءَ جي خبرگيريءَ سان گڏ ٻين به ڪيترن ئي موضوعن تي نڪته چيني ڪندي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پاڻ کان به نه گسندو ۽ نه مڙندو آهي ته ڪنهن ڪنهن وقت ذاتي تعريف ڪرڻ مان نه ڊاپيندو آهي. شاعر اهو سڀ ڪجهه آل جال ۽ آزاديءَ سان لکي ويندو آهي، جو ڪوبه شخص تقرير يا نثر ۾ نه چئي سگهندو آهي. شاعر معاشري جو بي باڪ نقاد آهي. هو اهڙيءَ ته خوبصورتيءَ سان سڀ ڪجهه ادا ڪري ويندو آهي، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن ۾ ذهني ڇُرڀُر مچائي ڇڏيندو آهي ۽ جن تي به تنقيد ڪندو آهي ته هو دماغي ۽ ذهني طرح مجبور ٿي اندر جو اندر ۾ حقيقت کي بنا دير جي تسليم ڪندا آهن.

شعر ئي اهڙي معرفت آهي، جو نثر کان بالاتر ۽ لازوال ٿيندو آهي. مگر شرط هي آهي ته شاعر شاعر هجي. ان ڪري ئي ته ڪنهن صاحب شاعر کي "رحمان جو شاگرد" چيو آهي، جنهن شيءِ تي عوام جي نظر نه پوندي آهي، شاعر ان کي به ڏسندو آهي، عوام جي ڪَن تي جو آواز نه پهچندو آهي، ان کي به شاعر ٻڌندو آهي ۽ ٻنهي شين کي سوچيندو ۽ سمجهندو به آهي.

طالب المولیٰ

# مثنوي عقل و عشق جي تصنيف جو پسمنظر

مون کي چٽو ياد آهي تہ جناب عموي صاحب مرحوم مخدوم غلام حيدر جن وٽ جڏهن پارسي پڙهي رهيو هوس، تہ ان زماني ۾ هڪ ماٺهوءَ سان، جنهن جو نالو ياد نہ آهي، عقل ۽ عشق تي تبادلہ خيالات ڪري رهيا هئا. ان ڪانپوءِ جلدئي منهنجي تعليم لاءِ هڪ عالم مقرر ڪيو ويو.

هڪ دفعي عمومي صاحب جن دستور موجب سبق ٻڌڻ لڳا. ان وقت آءٌ "گلستان" جو پنجون باب پڙهي رهيو هو جو باب عشق تي آهي. مون سان بہ پاڻ عشق ۽ عقل بابت سوال ڪرڻ لڳا. مون عشق تي ڳالهايو جيئن مونکي پنهنجي مرسد (والد صاحب قبلہ) عشق بابت سمجهايو هو. آخر عمومي صاحب جن چيو تہ "ابا انهيءَ حقيقي عشق جا اسين بہ قائل آهيون، جنهن انهي عشق جي دامن جهلي ان جا بيڙا پار آهن" ۽ مثنوي روميءَ مان هي شعر پڙهيائون.

ملتِ عشق از همہ دينها جدا است
عاشقان را مذهب و ملت خدا است

اهو زمانو اڄ کان اٽڪل ويهہ سال اڳ جو هو. ان بعد وري 1951ع ڌاري وٽن ساڳيو بحث ڇڙيو ۽ پاڻ فرمايائون تہ عقل ۽ عشق تي ڪنهن محفل ۾ تبادلہ خيالات ٿيڻ گهرجي ۽ آءٌ پنهنجو تصور نظم جي صورت ۾ پيش ڪريان. چانچہ هي شعر بروقت لکيو ويو.

بي تحرڪ زندگي بيڪار آهہ
بي عمل انسان چڻ بيمار آهہ

پوءِ پروگرام ٺاهيو ويو ۽ انجمن علم و ادب هالا جي انتظام هيٺ تبادلہ خيالات ٿيڻو هو مگر ڪن سببن ڪري اهو پروگرام ملتوي ڪيو ويو ۽ ٿوري وقت بعد مرحوم عمومي صاحب جن بہ بي خوش ٿي پيا ۽ 27 رمضان المبارڪ 1372هہ مطابق 9 جون 1953ع تي دارالبقا ڏي رحلت ڪيائون.

افسوس جو سندن موجودگيءَ ۾ اهو پروگرام پيش نہ ٿي سگهيو. چانچہ هن مثنويءَ کي سندن نامي ۽ اسم گرامي سان منسوب ڪريان ٿو.*

(هي مثنوي 22 نومبر 1954ع – 25 ربيع الاول 1374هہ تي لکڻ شروع ڪئي وئي ۽ 29 نومبر 1954ع – 2 ربيع الثاني 1374هہ تي پوري ٿي.)

---

* هي بہ اکر "مثنوي عقل و عشق" تي مخدوم طالب المولیٰ صاحب جا لکيل.

"تاريخن جي ڪتابن ۾ شاهه صاحب سان جيڪي مخالفت جون آکاڻيون اچن ٿيون، سي گهڙيو ڪري مخدوم مير محمد جي زماني جون آهن. اهو بزرگ حضرت پير مخدوم نوح رحه جو چوٿون گادي؟ وارو هو."

مولانا مرحوم لفظ "آکاڻيون" ڪم آڻي، ان روايت کي خودبخود غلط ثابت ڪري ڇڏيو آهي، تاهم مخدوم مير مرحوم جو نالو به لکيو اٿس. ان مان مطلب هي ٿو نڪري ته مولانا صاحب جو به رايو هو ته شاهه جي مخالف هڪ اها ڌر به هئي.

تاريخ جي ڪن بين لکندڙن مخدوم مير محمد کي "پنج پاڳو پير" به ڪري ڄاڻايو آهي. هوڏانهن پنجون پڳدار مخدوم محمد زمان اول هو ۽ مخدوم مير محمد ڇهون پڳدار هو. خبر نه آهي ته مولوي صاحب مرحوم اهو احوال تاريخ جي ڪهڙن ڪتابن تان ورتو آهي جو سراسر غلط آهي.

سن 1882ع ۾ ديوان ڏيارام گدومل "سگما" پنهنجي ننڍڙي انگريزي تاليف "سنڌ بابت ٿورو ذڪر" ۾ مخدوم صاحبن ۽ شاهه جو ذڪر آندو آهي، پر ان صاحب ته مخدوم محمد زمان ستين پڳدار کي پنجون پڳدار ڪري لکيو آهي، جنهن جي مخالفت ديوان ليلارام وطڻ مل لعلواڻيءَ پنهنجي انگريزي تصنيف "شاهه لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شعر" ۾ صاف لفظن ۾ بيان ڪندي لکيو آهي:

"انهن صاحبن کي، جي شاهه ڪريم ۽ مخدوم نوح رحه جي حياتين مان واقف آهن، بخوبي معلوم هوندو ته مخدوم نوح رحه ۽ شاهه ڪريم جو ڪيترو نه پاڻ ۾ گهاٽو تعلق رهيو آهي. "سگما" حقيقت تي مبني نه آهي."

ان ڪانپوءِ ديوان صاحب پنهنجي رنگ ۾ ثبوت ڏئي ۽ پراڻن هالن جي قديم نسخن تان جانچ جونچ ڪري اهو ڄاڻايو آهي ته مخدوم محمد زمان صاحب، شاهه ڀٽائي جو پورو همعصر نه آهي، مگر مخدوم مير محمد ان جو پورو پورو همعصر آهي. مخدوم محمد زمان سن 1117هه ۾ وفات ڪئي، يعني شاهه ڀٽائي جي عمر ان وقت پندرهن سال هئي.

وري مرزا قليچ بيگ مرحوم پنهنجي تصنيف "احوال شاهه عبداللطيف" ۾ شاهه جي مخالفت بيان ڪندي لکي ٿو ته: "شاهه صاحب جا ٽي مخالف هئا، جن ۾ مرزا صاحب اسان جي خاندان ڏي به اشارو ڪيو آهي." عجب ٿو لڳي ته اهڙا بيان غلط روايتن تي هلن ٿا ۽ بنا سوچڻ، سمجهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي پنهنجي تصنيفن ۾ اهڙين روايتون داخل ڪريو ڇڏين.

آنجهاني ڀاڪٽر گربخشاڻي به هن ذڪر کي مرزا صاحب جي لفظن ۾ ٿوري ئي ڦيرگهير سان پنهنجي ڪتاب 'مقدمه لطيفي' ۾ آندو آهي. انهن سوانح نگارن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ به اهڙن عنوانن جو پتو ڪونه ٿو پوي. حقيقت ۾ انهن لکندڙن تحقيق ڪانه ڪئي ۽ فقط روايتون لکي خلق کي منجهائي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو نه رڳو هالن جي مخدومن ۽ شاهه جي تعلقات بابت صحيح ڳالهه نه لکيل آهي، بلڪ غلط روايتن ئي سنڌ جي تاريخ تي اونداهيءَ جا پردا وجهي ڇڏيا آهن.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه کان وٺي شاهه ڀٽائيءَ تائين سجاده نشينن جا دور هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

| | |
|---|---|
| 1ـ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه | 911هه:998هه |
| 2ـ مخدوم امين محمد اول | 952هه: 1015هه |
| 3ـ مخدوم ابوالخير عرف ابوالحمد | 980هه:1050هه |
| 4ـ مخدوم عبدالخالق | 1030هه: 1081هه |
| 5ـ مخدوم محمد زمان اول | 1055هه: 1117هه |
| 6ـ مخدوم مير محمد عرف مخدوم مير پير | 1099هه: 1149هه |
| 7ـ مخدوم محمد زمان دوم | 1119هه: 1184هه |

جيئن ته شاهه ڀٽائي سال 1102هه ۾ ڄائو ۽ 1165هه ۾ وصال ڪري ويو ته هن حساب سان مخدوم محمد زمان "پنج پاڳٽي" (پنجين پڳدار) کان وٺي مخدوم محمد زمان ست پاڳٽي تائين حيات هو. مولانا وفائي صاحب جي لکڻ موجب شاهه صاحب جا همعصر مخدوم محمد زمان اول (1119هه: 1183هه) ۽ مخدوم مير محمد (1095هه: 1149هه) هئا. هڪ ته مخدوم محمد زمان دوم کي مولانا صاحب مخدوم محمد زمان اول ڪري لکيو آهي ۽ ٻي وڏي غلطي هيءَ ڪيل آهي ته سن غلط لکيا ويا آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي "مقدمه لطيفي" ۾ هي احوال به لکيل آهي ته:

"شاه صاحب جا مريد زياده ٿيندا ويا. اها ڳالهه آسپاس جي پيرن ۽ مشائخن کي نه آئڙي ۽ سندن سينن ۾ باه ڀڙڪي. انهن مان هڪڙا هالن وارا پيرن مخدوم نوح جو اولاد به هئا، تن مان پير پنج پاڳئو گادي نشين هو."

ان جو جواب مولائي شيدائي صاحب به ڏنو آهي ته: "مٿيون بيان ڊاڪٽر صاحب شاه عبداللطيف جي زندگيءَ جي انهيءَ دؤر متعلق ڏنو آهي، جڏهن شاه ڀٽائي مغلن مان شادي ڪئي هئي." پر اهو بيان به غلط آهي ڇو ته ويهن سالن جي عمر ۾ شاه مغل بيگ جي نياڻيءَ تي عاشق ٿئي ٿو ۽ 1124ع ۾ مغل بيگ دل تبيلي جي هٿان مارجي وڃي ٿو. تنهن ڪانپوءِ شاه صاحب مغل بيگ جي نياڻيءَ سان شادي ڪري ٿو. هوڏانهن مخدوم محمد زمان پنج پاڳئو 1117هه ۾ وفات ڪري ٿو جڏهن شاه صاحب جي عمر 17 سال آهي.

مولانا وفائي صاحب، مياں نور محمد ڪلهوڙي جي ذڪر ۾ لکيو آهي ته: "شاه کي زهر ڏيڻ جي سلسلي ۾ مخدوم صاحب به شامل هو ۽ اهو ڪم مخدوم عبدالرئوف ڀٽيءَ جي هٿان ڪرايو ويو." مير علي شير قانع "تحفه الڪرام" جو مصنف، جيڪو شاه ڀٽائيءَ جو نه رڳو مدح خوان آهي پر معتقد به آهي ان اهو ڪتاب شاه صاحب ڪانپوءِ سورهين سال لکي پورو ڪيو تنهن پنهنجي ڪتاب ۾ شاه صاحب سان ڪنهن جي به اختلاف ۾ زهروغيره بابت ڪجهه به نه لکيو آهي ۽ مخدوم عبدالرئوف بابت سندس هي لفظ آهن:

"پنهنجي وقت جو عارف ۽ ڪامل هو. هو اجوڪي زماني جي مشائخن ۾ ممتاز هو. سمجهدار ٿيڻ کان وٺي وفات جي وقت تائين سمورو وقت سندس اخلاق سهڻا رهيا ۽ هميشه رياضت ۽ عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس ڪرامتون شمار کان ٻاهر آهن. مياں نور محمد ن جي ڏاڍي خدمت ڪندو هو ۽ سندس اڪر اڪر جي تابعداريءَ واسطي دل و جان سان تيار رهندو هو. هو 1166هه ۾ وڃي خدا جي رحمت سان واصل ٿيو."

جيڪڏهن مخدوم عبدالرئوف بابت شاه جي خلاف ڪا ڳالهه هجي ها ته لازمي طرح مير علي شير لکي ها، ڇو ته انهيءَ وقت جو واقعو بلڪل تازو هجي ها. تعجب جي ڳالهه آهي جو اهڙي غلط روايت به مولانا مرحوم لکي ويو. ڪير چئي سگهندو ته اهڙي الله واري شخص وقت جي حاڪم جي چوڻ جي ڪري هڪ ٻئي اهل الله کي زهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب پنهنجي تصنيف "شاه" جي صفحي 3 تي واضح طرح ڄاڻايو آهي ته:

"شاه حبيب پٽ جي فراق ۾ بي حال ٿي پيو هو ۽ رات ڏينهن پيو ڏٽيءَ در ٻاڏائيندو هو ته سندس پٽ وري ڪيس سلامت اچي ملي. مخدوم نوح رحه جي درگاه تي به هر روز اهائي دعا پنندو هو."

هت اعتراض وٺڻ وارو ماڻهو هي اعتراض اٿاري سگهي ٿو ته شاه صاحب جي موٽي اچڻ بعد مخالفتون پيدا ٿيون هونديون. پر انهيءَ قسم جي سڀني اعتراضن جو هڪڙوئي جواب "تحفه الڪرام" ۾ آهي. آنجهاني ديوان ليلارام 1890ع ۾ ئي انهن غلط روايتن جي ترديد ڪري فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي مگر افسوس آهي جو ويچاري جي تحقيق ڏي ڪنهن به مصنف يا ڪنهن ٻي اديب ڌيان ڪونه ڏنو نه ته هيترو مغالطو پيدا ئي ڪونه ٿئي ها.

1. شاه ڪريم بلڙائي، مخدوم نوح رحه وٽان روحاني فيض جا درجا حاصل ڪيا ۽ سندن خاص مريد هو. بلڙيءَ ۾ به پنهنجي مرشد جي ارشاد موجب وڃي دين جي تبليغ ۾ مشغول ٿيو. مخدوم نوح رحه ۽ سندن اولاد جو شاه ڀٽائي هميشه معتقد رهيو ڇو ته مخدوم ۽ ان جو اولاد سندس ماٿاڻو مرشد هو ۽ شاه صاحب به اهو ناتو آخري وقت تائين نڀايو. هالن جي درگاه تي هميشه شاه صاحب رياضتون ۽ خدمتون ڪيون. نه رڳو ايترو پر "مراة الساڪين" جي لکڻ موجب هن درگاه تي ڇلو ڪڍي فيض به پرايو.

ٿيندي: ”اڄڪلهہ“ ۽ ”سيڪجهہ“؛ يا وري ڪي اهڙا لفظ آهن جن جي لکت هڪ جهڙي پر معنيٰ جدا جدا آهي، مثلاً ”ڳَهَرُ“ ۽ ”گَهَرَ. گهر“ ان جاءِ تي چئبو جتي هميشہ رهبو هججي ۽ گَهَرَ جي معنيٰ آهي موتي. پهرين لفظ ۾ فقط ۾ اکر آهن ۽ ٻي لفظ ۾ ٽي اکر. تنهنڪري نمبر 1 ۾ گ ۽ هہ ڪي گڏي لکجي ۽ نمبر 2 ۾ هہ گ کان پرپرو ڪري لکجي. انهي تسم جي لفظن کي هن ڪتاب ۾ ڪٿي گڏي ۽ ڪٿي جدا ڪري لکيو ويو آهي، تان تہ پڙهڻ بعد خاص طرح اوڏهين خيال ڇڪجي.

اهي واحد مؤنث يا منڪر لفظ جن جي پڇاڙي ۾ ”ي“ آهي، تن ۾ فعل متعدي يا حرف جر واري جملي ۾ جمع لکڻ وقت آخري نون کان اڳي ”ي“ لکي ويندي آهي ۽ واقعي انهن ۾ ”ي“ آهي بہ. پر جيئن تہ هن زماني ۾ ڳالهائڻ وقت گهٽو ڪري ”ي“ ڪم ڪانہ ٿي آندي وڃي، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ بہ انهن لفظن مان ”ي“ ڪڍي وئي آهي. مثلاً شادي، ان جو جمع شادين يا بيماري ان جو جمع ٿيندو بيمارين وغيره مگر ڪتاب ۾ لکيو ويو آهي شادن ۽ بيمارن وغيره وغيره. انهيءَ، منهنجيءَ ۽ ڏيءَ وغيره جهڙن لفظن مان ”ء“ ڪڍي فقط ”ي“ تي زير ڏئي ساڳيو مطلب ورتو ويو آهي، ڇو تہ ڪجھ زماني کان ڳالهائڻ ۾ اهي لفظ ان طرح ٿي ڳالهايا وڃن ٿا، تہ پوءِ ڇو نہ لکت ۾ بہ اينهين هيئڻ گهرجي. ”ي“ ۽ ”ء“ کي گم ڪرڻ سان شاعري جي وڍ ڪٽ واري فن ۾ تڪليف ڪانہ ٿيندي.

هر ڪتاب ۾ عنوان ٿيندا آهن. جن کي سَرو (عنوان يا هيڊنگ چئبو آهي) ۽ هن ڪتاب ۾ بہ آهن. انهن سرن جي عربي ۽ فارسي لفظن کانسواءِ هڪ لفظ انگريزي بہ آهي. انهن جي بدران بہ ڪوشش ڪري عنوان يا بين هنڌن تي سنڌي لفظ ڪم آندا ويا آهن، مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | فهرست جي بدران | چاڙ |
| .2 | فٽ نوٽ جي بدران | واڌارا |
| .3 | انتساب جي بدران | سَڄَ |
| .4 | شڪريہ جي بدران | ٿورا |
| .5 | ضميمي جي بدران | ميڙ چونڊ |
| .6 | فرهنگ يا لغت جي بدران | اُپٽار |
| .7 | پيش لفظ جي بدران | اڳياڙي |
| .8 | سوانح عمري جي بدران | حياتيون |
| .9 | تنقيد جي بدران | ڇنڊڇاڻ |
| .10 | تقطيع جي بدران | وَڍِ ڪُٽ |
| .11 | تقليد جي بدران | اهل |
| .12 | گرامي جي بدران | جوڙجڪ |
| .13 | اجنبيت جي بدران | ڌاريائي |
| .14 | تعريف يا تعارف جي بدران | ساراهہ |
| .15 | اشتقاق جي بدران | پيچ گهڙ |
| .16 | وزن جي بدران | گهاڙيٽو |

جن سڄڻن جا ناﻻ ڪتاب ۾ آهن. انهن مان گهٽن جون مختصر حياتيون بہ ڏنيون ويون آهن ۽ جيترو ٿي سگهيو آهي تہ سندن تصويرون بہ هٿ ڪري ڏنيون ويون آهن.

اُپٽار ۾ نہ فقط لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي پر شرح بہ آهي. مختلف گهراڻن، دورن، ڪتابن ۽ شهرن وغيره جا احوال بہ ڏنا ويا آهن. مٿين لکيل مڙني چڱاين جي ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان ۾ انهي نموني جو هي پهريون ڪتاب آهي ۽ اميد آهي تہ محنت ساپ پوندي ۽ ڪوشش قدر جي نظرن سان ڏٺي ويندي.

(ڪتاب: ”ڪافي“، بزم طالب الموليٰ تان ورتل)

طالب المولىٰ

# سروري جماعت جو "ڏهر" ۽ اويسي طريقو

نوٽ: اٽڪل 22 سال اڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب مون کان لفظ 'ڏهر' بابت پڇيو هو پر ڪي اهڙا سبب ٿيا، جو ڪا خاص رهاڻ ڪانه ٿي سگهي، ۽ ڊاڪٽر صاحب کي 'ڏهر' بابت ڪجهه ٻڌائي ڪونه سگهيس.

اٽڪل 8،7 سال اڳ ڊاڪٽر صاحب خط لکي وري به ساڳي ڳالهه پڇي، مون پنهنجي مختصر راءِ لکي موڪلي هئي، پر ڊاڪٽر صاحب وٽان ڪو جواب ڪونه آيو. پر 'ڏهر' بابت وڌيڪ لکڻ جو خيال ٿيو ته جيئن مختلف حلقن ۾ مخدوم نوح عليہ الرحمت جي جماعت سروريءَ ۾ رائج 'ڏهر' بابت مختلف قسمن جي خيالن جي اظهار ۽ جماعت سروريءَ جي "سهروردي" يا "اويسي" هجڻ بابت پيدا ٿيل مونجهارن جي وضاحت ڪري سگهجي.

13 مئي 1980ع تي شيخ محمد اسماعيل صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو لکيل ڪتاب "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" موڪليو ۽ ان ڏينهن ئي مطالعي بعد شدت سان ضرورت محسوس ٿي ته جلد اهڙو مضمون لکجي ته جيئن وضاحت ٿئي ۽ ڪابہ غلط فهمي باقي نہ رهي. ان مضمون لاءِ حوالا گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو پر طبيعت جي ناسازيءَ سبب اهو ڪم جلد مڪمل نہ ٿي سگهيو. هن وقت بہ عبدالله وريامہ اسان جي هدايتن ۽ گڏ ڪيل حوالن موجب مضمون نقل ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي آهي.

— "طالب المولىٰ"

"ڏهر" لفظ "ڏاهر" جو مخفف (گهٽايل) آهي. 'ڏهر' جو اشتقاق (بنياد) لفظ 'ڏاهـ' آهي، جنهن جون معنائون آهن: خبر ڏس، پتو پرولي ۽ ڳجهارت[1]. پر انهي لفظ جون معنائون 'سڏ' ۽ 'اطلاع' وغيره بہ آهن.

لفظ "ڏاهر" ۾ 'ر' نسبتي آهي، جيئن ڪنيں پتر ۽ لهر وغيره وغيره. عام ۽ خاص کي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيئي الله ۽ ان جي آخري رسول ﷺ ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي. "ڏهر".

چوٽي آهي تہ "ڏاهري بہ آيل آهن يا 'ڏاهرن' جي اچڻ جو انتظار آهي، وغيره. يعني سر سان ڏهر ڏيندڙ فقير چوندا آهن تہ فلاڻي ڳالهه لاءِ سموري برڳٽي ۾ 'ڏاهـ' ڏني ويئي تہ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا "مدد ڪرڻ لاءِ" تہ ڪم ٿي ويو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جيترين بہ صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ 'ڏهر' کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڄ تائين جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، انهيءَ ۾ جديد تحقيقاتي بنيادن مطابق مذهبي پرچار وارو ڪلام يعني 'گنان' بہ ڏنا ويا آهن، جن کي اندازاً 1965ع کان پوءِ سنڌي شاعري جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي. 'گنان' نقط اسماعيلي پيرن جي تعريف جا بيت آهن، جن کي سنڌي ادب جي ٻئي دور جي شاعريءَ طور پيش ڪيو ويو آهي.[2] حالانڪ "ڏهر" بہ سنڌي شاعريءَ جي عظيم صنف آهي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد ڪريم ﷺ جي ساراهہ ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي ساراهہ جو ذڪر آهي. منهنجي ڄاڻ موجب شاعريءَ جو هي نمونو الف اشباع (مقدم الصوات) جي دور سان گڏ شرع ٿيو آهي ۽ اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي.

---

[1] سنڌي لغات قديمي"، مرزا قليچ بيگ، حيدرآباد، 1924ع، صفحو 155

[2] ڏسو "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، ڇاپو ٻيو از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحہ 184_186.

"ڏهر" سنڌي شاعري جي هڪ غير عروضي صنف (نمونو) آهي، جنهن کي مخدوم معظم غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحہ جي سروري جماعت جياريو اچي. اها صنف ايتري تہ مقبول هئي ۽ آهي، جو شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ان کي جاءِ ڏني. غير عروضي سنڌي شاعري ڪنڌڙ کي گهرجي تہ ڏهر جي صنف تي آل جال لکن.

ڏهر ۾ حمد، نعت، منقبت، اصحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف تي مضمون لکيا آهن.[1] ڏهر عوام ۽ خواص کي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيئي الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي، جنهن جي وسيلي نہ صرف الله ۽ الله جي رسولﷺ پر پنهنجي مرشد جي احوال کان پڻ جماعت کي روشناس ڪرايو وڃي ٿو.

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن رسول الله ﷺ جن جي سنتن پاڙڻ تي انساني وس پڄندي بيحد ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان ۾ پاڻ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي هئائون.

مڪي شريف ۾ ڪعبة الله جي ويجهو بہ جبل هڪ صفا ۽ ٻيو مروه ڇڱا خاصا وڏا هئا.[2] جڏهن مڪي پاڪ تي ڪاھ ٿيندي هئي، ڪو خطرو هوندو هو يا ڪو قافلو يا قاصد ايندو هو تہ انهن جبلن مان هڪ تہ ڪوبہ شخص چڙهي بلند آواز سان ان ڳالهہ جو اطلاع ڏيندو هو تہ ماڻهو هوشيار ٿي ويندا هئا. اهو طريقو اسلام اچڻ کان بہ گهڻو وقت اڳ رائج هو.

جڏهن حضرت محمد بن عبدالله جن نبوت ملڻ بعد ماڻهن کي اسلام ڏي اچڻ ۽ هن سچي مذهب کي اختيار ڪرڻ جي تبليغ ڪئي تہ پاڻ هڪ دفعو مڪي جي ڪوھ صفا[3] تي چڙهي ان وقت جي رواج موجب بلند آواز سان هي لفظ "يا معشر قريشي" بہ ٽي ڀيرا چيا ۽ قريش اچي گڏ ٿيا. پاڻ آيل ماڻهن کي فرمايائون تہ جيڪڏهن آئون چوان هت هن جبل جي پويان هڪ وڏو لشڪر موجود ۽ حملي ڪرڻ وارو آهي تہ اعتبار ڪندؤ؟ ان تي ماڻهن جواب ڏنو تہ "بيشڪ، ڇو تہ اوهان ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي."

تنهن تي پاڻ چيائون تہ صرف هڪ الله آهي، ان کي سجدو ڪريو ۽ آئون ان جو رسول (ﷺ) آهيان، وغيرہ. تنهن تي ابولهب هميشہ وانگر بڪواس ڪئي ۽ ماڻهو هليا ويا.

"ڏهر" بہ انهيءَ قسم جو يعني الله طرف سڏڻ جو هڪ طريقو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي تصنيف "سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ" ۾ لکيو آهي تہ: "مخدوم صاحب جن جو طريقو سهروردي آهي ۽ مخدوم صاحب (هالا) جي جماعت جي اصطلاح ۾ مرشدن جي تعريف ۽ ذڪر جي سلسلي کي "ڏهر" چون. 'ڏهر ڏيڻ' معنلي بلند آواز ۽ هڪ خاص ڍار سان اهڙا بيت ڏيڻ، جن ۾ درگاھ جي وڏي سرور پير يعني مخدوم نوح رح صاحب ۽ سندس درگاھ جي صفت هجي. اهو مضمون هن درگاھ جي مريدن لاءِ برڪت ۽ آٿت جو سهارو آهي ۽ سندن 'ڏهر ڏيڻ' جو خاص مقصد اهو ئي آهي." "ڊاڪٽر صاحب جو اهو چوڻ صحيح آهي. وري ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو تہ "مگر سنڌي راڳ جي روايت جي لحاظ کان ڏهر جو اصطلاح هڪ خاص اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ ملتان جي سهروردي طريقي ۾ پڻ ڏهر موجود آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ اهو سُر ڪنهن آڳاٽي راڳ جو يادگار آهي، جنهن جا آثار ڪنهن حد تائين ميسار جي چڪا آهن."[4]

---

(1) مقدمو از طالب المولي، "رسالہ رهنمائي" منثار فقير راڄڙ مرڪزي بزم طالب المولي، 1984ع هالا، صفحہ 5_6

(2) اهي جبل وچولي درجي کان بہ گهٽ هئا، جن کي سعودي حڪومت اجا بہ وڌيڪ ننڍو ڪري ڇڏيو آهي.

(3) هن وقت ڪوھ صفا جو معمولي نشان باقي آهي.

(4) "سنڌي موسيقي جي تاريخ" صفحو 305 (ڇاپايل شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز 1978ع)

جنهن ۾ واضح نموني سان دنيا جي فاني هجڻ، نيڪي ۽ برائيءَ جي فرق کي سمجهڻ ۽ بنا وقت وڃائڻ جي رب کي راضي ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي.

حيات فقير جت، جاتي ضلعي ٺٽي جو رهاڪو هو سندس هڪ ڏهر آهي:

جي آسائي آهين، تہ هلي وڃ هالين،
جي سُتيءَ جا سيڪڙو سي پين پيالين،
ڪوجهي افعالين، پير نہ ڇڏي پانهنجا.

هن ڏهر ۾ مرشد جي ساراهہ ۽ سندس مهربانين جو ذڪر آهي. منٺار فقير راڄڙ پٽ قبول محمد (1275هہ/1865ع-1358هہ 1938ع) ڳوٺ ڪاٺي راڄڻ ضلعي سانگهڙ جو مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سروري جماعت ۾ سندس چيل ڏهر تمام گهڻو مشهور آهن. سندس ڏهرن جو ڪتاب "رسالو رهنمائي" پڻ ڇپيل آهي. سندس ڪجهہ ڏهر هتي پڻ ڏجن ٿا:

چئو لااللہ الاالله، محمد رسول،
اٿين چئي ويو چاڳلو مولا جو مقبول،
منجهان دل 'منٺار' چئي، ڪيو جن قبول،
مٿان تن محصول، لطف ساڻ لهي ويو.

—

سرور شاهہ جي سگهہ جو ليکو لکندو ڪير
آيو جو اولياءَ وٽ، پرتئون پري پير
سو سڀ ڪي شاهوڪار ٿيو توڙي ڏڏا ڏئير
جن دعا گهري هڪ دمڙي، تن کي سرور بخشيو سير
جنهن جي فيض ۾ ناهي ڦير چو نہ مڃي 'منٺار' چئي.

—

سرور جي سومار تي، آيس آس ڪري،
ادب نوڙت نياز مان، پرتان پير پري،
تہ من سندم 'منٺار' چئي، ڪنهن سوليءَ واٽ وري،
محبت شال سري، مٺي مرشد پاڪ جي.

—

سٺي منهنجا سڏڙا، سائين امين محمد ايندو
ڪئين دلاسا دل کي، اچي ڏڍ وڏا ڏيندو
مرڻ ويل 'منٺار' چئي، اچي وسيلو ٿيندو
هيءَ نماڻي نيندو پلئہ لائي پانهنجي.

—

ميان محمد زمان منهنجا پرين، سڻ سائل جا بہ سوال،
نرمل ناري ملڪ تي، تون رکج خان خيال،

موهر سان منٺار چئي، ڪر پلايون پال،
لائق پريا لال، ڪر نظر - نوازڻ جي.

—

مينا ظهيرالدين ظهور ڪيو وٺو مسند مٿي مور،
منجهه قلب 'منٺار' چئي، ٿيو ذڪر جو زور،
تابش طالبن تان ويو شيطاني شور،
ويئي دلگيري دل تان، هيئڙي مٿان هور،
مليو امل اتور پلئه لڳندي پير جي.

—

آيو پوٽو پڪن ڏٺيءَ جو نسورو ئي نُور،
آهي والد ولي جنهن جو جنهن کي حبيبي حضور،
سو غلام محمد گهوٽ ئي آهي، محمد وٽ منظور،
ڪيو دين سندو دستور، تنهن موهر ۾ 'منٺار' چئي.

—

بسم الله پلي ڪري آيو هي مرد موچارو
والد ولي جنهن جو آهي پارس پاڳارو
تنهن غلام حيدر گهوٽ هي، نوازيو سڀ نارو
مهراڻو 'منٺار' چئي، ٿيو سياڳو سارو
لٿو مونجهارو قلب قريشيءَ نئون ڪيو.

آيو سائين محمد زمان موهر ۾، پهريون دفعو پير
سو صحيح صديقي سلچڻو ڪٿي الله ڪيو اڪثير
سو نرمل نوازيندو اچي، واهڻ وستيون وير
سو آيو پلي بوچڻاهه تي، ڪامل قطب ڪبير
۽ ڏٺي ٿو فيض فقير والي وريل شاهه ڪي.[1]

مٿي ذڪر ڪيل سيئي ڏهر منٺار فقير پنهنجي مرشد جي شان ۾ چيا آهن، جن ۾ مختلف سروري سجاده نشينن جي ساراهه، سندن فيض ۽ مسافريءَ جو ذڪر ڏنل آهي. هن سلسلي ۾ منهنجا چيل ڏهر پڻ مثال طور ڏجن ٿا:

لاالـه الاالله، محمد الرسول،
جهانن ۾ جميل کي، مولا ڪيو مقبول،
پيغمبر پڌرو ڪيو الله جو اصول،
"طالب المولیٰ" مرد ٿي، فڪر ڇڏ فضول،
جنهن قريشيءَ جي قلب کي، قلبئون ڪيو قبول،
سو محبتي ملول، ڪڏهن ٿيندو ڪونه ڪو.

---

[1] "رسالو رهنمائي". منٺار فقير راڄڙ مرڪزي بزم طالب المولیٰ، هالا، 1984ع.

آءُ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي شاهه سرور
پنان ٿي پينار تو تنهنجي نيڪ نظر
سندي ڏينهن محشر سوڪو ڪج سردار تون.

—

آءُ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي سرور شاهه،
پنان ٿي پينار تو تنهنجي نيڪ نگاهه،
سدا منهنجو ساهه، سڪي تنهنجي سڪ ۾.

—

آءُ طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي سرور پير
يا ننگي نوح فقير پرم رکجانءِ پال سان،
دامن لڳس تنهنجي، مٺا مرشد مير.[1]

مٿين سڀني ڏهڙن جو موضوع اهو ساڳيو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي، يعني الله ۽ الله جي رسول ﷺ ۽ مٺي مرشد کان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جي طلب جو اظهار.

ان کان سواءِ هن وقت بہ نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ 'ڏهڙ' لکڻ جو شوق پيدا ٿيو آهي. سروري جماعت سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان شاعر عبدالله خان ورياهه[2] پڻ ڪافي ڏهڙ چيا آهن، جن مان مثال طور بہ ڏهڙ هيٺ ڏجن ٿا:

سچو سرور نوح ٿئي، صديقي سلطان،
لاڙ وچولي، ٿر ۽ اتر ۾ اعلان،
هند توڙي سنڌ ۾، ملڪان ملڪ بيان،
آڳي جا احسان، سرور ڪيو سوجهرو.

—

سرور ڪيو سوجهرو چوڌر تي چانڊاڻ،
مرشد سندي مر سان، پريا پاڳين پاڻ،
طالب سندي طلب جي، تن ۾ رکي تاڻ،
سرور نوح سڃاڻ تہ سولو نڪرين سير مان.

هي ڏهڙ سرور نوح رحہ جن جي صفت ۾ بيان ڪيل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڏهڙ جي نمونن کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڏهڙ مختلف ماڻهن جا چيل آهن، پر انهن سڀني جو موضوع اهو ساڳيو آهي. ڏهڙ جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ اهي نہ صرف حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت ۽ سندن درگاهه، پر سندن سجاده نشينن جي فيض ۽ برڪت، مسافري ۽ سهائي سومار بابت پڻ وڏي تعداد ۾ چيا ويا آهن.

ڀلاري ڀٽ ڌڻي شاهه عبداللطيف عليہ الرحمة پنهنجي رسالي ۾ 'سر ڏهڙ' جي عنوان هيٺ ڇهن داستانن ۾ ڪافي بيت چيا آهن. ڪلياڻ آڏواڻي ڏهڙ جي معنيٰ سمجهائيندي لکي ٿو تہ "ترءِ ۾ ٻن پٽن جي وچ ۾ ماٿر يا ڏاڍي

---

(1) مقدمو "رسالو رهنمائي"، از طالب المولىٰ.
(2) عبدالله ورياهه پٽ تاج محمد ورياهه، ٽنڊي آدم جو رهندڙ آهي. پاڻ شاعر کان سواءِ اديب پڻ آهي. سندس تحقيقي مقالو "سنڌي جي تاريخ سڪن جي روشنيءَ ۾" لکيل آهي.

مٿيءَ واري سڌي ميدان کي "ڏهَرَ" چوندا آهن.[1] هن نسبت سان سڌي، سچي، واضح ڳالهه جيڪا ڏهر جو اصل موضوع هوندي آهي، جيڪو ڪنهن بہ بيت ۾ سمايل هجي، تہ ان کي "ڏهر" چئي سگهجي ٿو.

جلال کٽي سنڌ جو مشهور ۽ جهونو سگهڙ جيڪو ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائلي اڌ ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن جي سنڌي لوڪ ادب ۾ هڪ خاص حيثيت آهي. هن پنهنجي هڪ سينگار بيت ۾ 'ڏهرَ' جو لفظ 'ڏندن' لاءِ استعمال ڪيو آهي. بيت هن ريت آهي:

لڪ ليئي، "ڏهَر ڪپور"، پروان پؤنر پونگ،
تنهن سمايا سارنگ، جلوي ساڻ "جلال" چئي.[2]

سينگار بيت جو هڪ ٻيو نمونو سگهڙ ڪوريءَ جو پڻ ملي ٿو سندس نالو نہ ملي سگهيو آهي، پر هي جلال کانپوءِ واري دؤر جو سگهڙ آهي. هن پڻ ساڳيو ڏهر ڏندن لاءِ ڪتب آندو آهي.

مرواريد مات ٿيا ڏسي "ڏهر" سندان.[3]

سگهڙ جلال کٽي پنهنجي سينگار بيت ۾ 'ڏهر ڪپور' معنيٰ 'ڪافور جهڙا اڇا ڏند' جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

جڏهن تہ ڪوري سگهڙ "مرواريد" يعني موتين کان بہ وڌ محبوب جي ڏهرن، يعني ڏندن جو ذڪر ڪيو آهي. مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي مشهور سگهڙن جي سينگار بيت جي نمونن ۾ "ڏهر" جو لفظ ڏندن لاءِ ڪم آندل آهي. نہ صرف اهو پر ٻين بہ ڪيترين لکڻين جي قديم سنڌي زبان جي نمونن ۽ گفتن ۾ "ڏهَر" ڏندن لاءِ ڪتب آيو آهي.

جهڙيءَ طرح ٻن پٽن جي وچ واري اڇي، سڌي ۽ ڊاڍي مٿيءَ واري ميدان کي "ڏهر" چئبو آهي، ساڳيءَ طرح ٻن چپن جي وچ ۾ اڇن، اجرن ۽ سهڻن ڏندن جي قطار کي بہ ڏهر سڏيو ويو آهي ۽ سگهڙن ۽ لوڪ ادب جي ڄاڻن بہ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي، پر هن لفظ جي عام استعمال اُن معنيٰ ۾ باقي نہ رهيو ان ڪري هن لفظ بابت عام ماڻهن توڙي اديبن کي ڄاڻ ملي نہ سگهي.

'ڏهرَ' جي لفظ جي معنيٰ کي ڳوليندي مختلف عربي فارسي ۽ سنڌي لغات ڏسڻ جو موقعو مليو. ممڪن آهي تہ هي لفظ اصل ۾ عربي لفظ 'دهر' جي تبديل ٿيل صورت هجي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي "زمانو". نبي ڪريم ﷺ جن جي حديث: "لاتَسبّو الدَهَرَ فان الله هو الدَهُرُ". يعني 'زماني کي خراب نہ چئو چو تہ ان کي رب پاڪ ٿو هلائي.'[4] ڏهر جي لفظي معنيٰ اهڙي زماني جي پڻ آهي، جنهن جو ڪوبہ ڇيڙو نہ هجي. هڪ وڏي ۽ ڊگهي عرصي کي پڻ 'دهر' چئبو آهي.[5] مقصد تہ 'دهر' جي لفظي معنيٰ زمانو جڳ، وقت، عرصو مدت، سمو دنيا، سنسار ۽ جهان ٿيندي.[6] جيڪو شاهہ سائينءَ جي رسالي ۾ ڏنل سر ڏهر جو اصل موضوع آهي، سر ڏهر جو هڪ بيت مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

---

(1) شاهہ جو رسالو ترتيب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو_ 427
(2) سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1986ع.
(3) ايضاً ص_ 154 .
(4) لسان العرب_ امام علامہ ابي الفصل جلال الدين محمد بن مڪرم ابن منظر الافريقي المصري، جلد چوٿون، دارصادر بيروت، لبنان، ص 292
(5) فرهنگ فارسي عميد، حسن عميد، تهران ڇاپو ڇهون، 1325هہ، جلد اول، صفحو 1125
(6) جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1404هہ_ صفحو 1249

ڏور نہ اڳئين ڏاڻ مهند ملاحن لکيو
موڙي چڙيا مڪڙا، پسي پاڻيءَ پاڻ
جسوڏن جيها ياڻ پيئڙا وير وماس ۾.[1]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ 'ڏاهہ' جي لفظي معنيٰ "ڏس، پتو اهڃاڻ، پرو خبرچار سڌ، سماءُ، احوال، سڻس، ڪڙڪ، چتاءُ، آگاهي، اطلاع، ڄاڻ، واقفيت، ڳجهارت، پرولي، مام، سمجهہ، عقل، هوش، فهم، ٻڌي، ڏاهپ، سياڻپ، سچيتائي، دانائي ۽ هوشياري" پڻ لکي آهي، جڏهن تہ 'ڏهر' کي سنڌي راڳڻيءَ جو هڪ قسم، تعريف جا بيت، سُريلا بيت جيڪي دعا يا ذڪر خاطر ملتان جي غوث بهاءُ الدين رحہ ۽ مخدوم نوح رحہ جا مريد وڏي آواز سان پڙهن، لکيو اٿن.[2]

مٿين سڀني ڳالهين جي آڌو اچڻ بعد اهو معلوم ٿيو تہ "ڏهر" اچي اجري، واضح ۽ سچي ڳالهہ، جيڪا زماني جي مختلف دؤرن سان تعلق رکندڙ هجي، ان جي سڌ ڏيڻ کي چيو وڃي ٿو جيڪو صاحب الفيض والفتوح حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي جماعت سروريءَ ۾ مروج ڏهر جو اصل موضوع آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب اڳتي هلي بزرگ نوح هوٿياڻيءَ جي تاريخ حقيقت معلوم ڪندي هڪ ڏهر جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو پاڻ سومر فقير ڏاهريءَ کان درگاهہ حضرت نوح هوٿياڻيءَ تي ٻڌو هئائون.

اٿندي پير اويس جو تر جو ناڻءَ ڳنهن،
سي سدا وتن سنرا، پاپ نہ پڙي تن،
الله اويسين، ڪوسو واءُ نہ وارئين.

بلوچ صاحب جن هن بيت بابت لکن ٿا: "پڇا تي چيائون تہ هي ڪو آڳاٽو بيت آهي، جيڪو سيني بہ سيني هلندو اچي، پر اهو معلوم ناهي تہ ڪهڙي شاعر جو چيل آهي. ظاهر آهي تہ هيءُ 'سماع' جو بيت آهي، ڇاڪاڻ تہ 'اٿندي' مان مراد آهي 'سماع' ۾ اٿندي سان ئي برڪت ۽ پلائيءَ لاءِ اويس پير ۽ اويسين جو نالو ڪڻ."

اهو پڻ ظاهر آهي تہ هيءُ بيت مخدوم صاحب جي سلسلي جي فقير جو چيل ناهي، ڇاڪاڻ تہ مخدوم صاحبن جو طريقو 'اويسي' ناهي، مگر 'سهروردي' آهي. ڏهر جي هن بيت ۾ پير اويس ۽ اويسين وارا ناتا تاريخي لحاظ کان اهم آهن. اسان جي خيال ۾ سنڌ ۾ تصوف جو 'اويسي طريقو' ٿورو هليو مگر آڳاٽو آهي.

درويش نوح هوٿياڻيءَ جي توڪل ۽ تسليم واري زندگي مان پڻ سمجهجي ٿو تہ هو اويسي هو. مانجهندن جي سامهون الهندي طرف 'شاهہ اويس'، جنهن جي نالي ۾ اويسي طريقي جا اهڃاڻ سمايل آهي، سو پڻ آڳاٽو ولي ٿي گذريو آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ ڏيرا فقير درويش، جيڪي سُئي ڪندر واري مقام ۾ مدفون آهن، تن مان پڻ هڪ ٽولو اويسين جو هو. هيءُ آڳاٽي اويسي طريقي جي مضمون وارو سماع جو بيت آهي، جيڪو مسلسل روايت ذريعي 'ڏهر' طور پڙهجڻ ۾ آيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ سنڌ اندر "ڏهر جي سماع" کي اويسي طريقي سان پڻ ڪا نسبت آهي ۽ ڏهر ۽ سماع جو اهو سلسلو ڪم از ڪم اٺين صدي هجريءَ تائين پهچي ٿو ڇاڪاڻ تہ درويش نوح هوٿياڻي تڏهن ٿي گذريو."[3]

---

[1] شاهہ جو رسالو پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، سر ڏهر داستان پهريون، بيت نمبر ڏهون، صفحو 456
[2] جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، صفحو 137 ۽ 1348
[3] سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، صفحو 307

هن ۾ وضاحت طلب اها ڳالھ آهي تہ ڏهر ۾ اويسين جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل ان ڪري نہ آهي، جو هيءُ سلسلو سهروردي آهي، اويسي ناهي ۽ سندن خيال موجب درويش نوح هوٿياڻي رحہ اويسي سمجهڻ ۾ اچي ٿو.

هن سڄي ڳالھ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهريائين اويسي طريقي کي سمجهجي ۽ پوءِ ثابت ڪجي تہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جو اويسي طريقي سان ڪهڙو تعلق هو ۽ درويش نوح هوٿياڻيءَ جي مخدوم نوح رحہ سان تعلق تي پڻ روشني وجهجي.

'اويسي' جو لفظ حضرت اويس القرني سيد التابعين جي نالي مبارڪ سان منسوب آهي. پاڻ يمن جي علائقي قرن جا رهاڪو هئا. حضور جن جي پريٺ اسلام قبول ڪيو هئائون، پر ملاقات جو شرف حاصل نہ ڪري سگهيا. پاڻ (سنہ 17 هجري کان پوءِ) يمن جي هڪ امدادي فوج سان مديني پاڪ ۾ آيا ۽ حضرت عمر رضي الله عنه سان سندن پهرين ملاقات ٿي. ڪجھ عرصو ڪوفي ۽ بصري ۾ گوشہ نشينيءَ جي زندگي گذاريائون ۽ الله جي عبادت ۾ مشغول رهيا، جنهن کانپوءِ ڪيترن جنگين ۾ حصو ورتائون.

سندن لاڏاڻي بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون. هڪڙي روايت آهي تہ آذربائيجان جي هڪ معرڪي ۾ (20 کان 22هہ) حصو وٺڻ کانپوءِ موٽندي رستي ۾ اوچتو بيمار ٿي وفات ڪري ويا.

(حديقه الاوليا، 2: 9)

ٻي روايت موجب جنگ صفين (37هہ ــ 657ع) ۾ حضرت علي رضہ جي طرفان شريڪ ٿي ۽ شهيد ٿي ڪنهن پاسي گم ٿي ويا.

'اڪمال في اسماء الرجال' جي عبارت آهي تہ "فُقدَ يصفين سنه بيع وثلثين" معنيٰ "گم ٿي ويا صفين مان سنہ 37هہ ۾."

ٽين روايت سندن دمشق ۾ وفات ۽ مقبره 'باب الجابه' ۾ دفن ٿيڻ بابت آهي.

چوٿين روايت آهي تہ پاڻ مڪي شريف ۾ وفات ڪري ويا.[1]

هڪ ٻي روايت موجب، سيلاني ماڻهن کان معتبر احوال ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ حضرت اويس جو مقبرو ڪن مٿانهن جبلن ۾ موجود آهي، يعني سن شهر جي ويجهڙائيءَ وارن جبلن ۾، جتي هر سال 9 ذوالحج جي رات ميلو لڳندو آهي.[2]

تاريخ مظهر شاهجهانيءَ وارو بہ ساڳي ڳالھ جي تصديق ڪندي لکي ٿو تہ: "سن کان پنج ڪوھ پري لڪي جي طرف ڏانهن هڪ جبل آهي، جنهن تي حضرت خواجہ اويس قرنيءَ جي مزار پئي ٻڌجي، جتي سندس والده جي مزار بہ آهي. هيءَ جاءِ اويس قرنيءَ جي نظرگاه بہ ڪوٺجي ٿي. صبح جي موقعي تي جبل ۽ ڀين پاسن کان هشام ماڻهن جا زيارت لاءِ هتي ايندا رهن ٿا."[3]

سنڌ ۾ اويس قرني عليہ الرحمت جي روضي مبارڪ جو هجڻ ۽ ان تي ساليانی ميلي لڳڻ تي وقت جي علامن اعتراض ڪيو تہ حضرت اويس يمن مان هلي اچي سنڌ ۾ وصال ڪيو يا حضرت علي ڪرم الله وجه جي لشڪر ۾ شهادت پرائي اچي سن واري جبل ۾ مدفون ٿيو. اها ڳالھ مڃڻ جهڙي نہ آهي، پر ڪن بدعتي قبر پرستن اها مصنوعي

---

[1] انسائيڪلوپيڊيا (اردو) جلد ٽيون، دائره معارف اسلاميہ، پنجاب يونيورسٽي لاهور، ص-ص 570 ۽ 571

[2] سراج العارفين.

[3] تاريخ مظهر شاهجهاني، يوسف مريڪ (ترجمو: نياز همايوني)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1979ع صفحو 299

قبر ٺاهي آهي. انهيءَ حجت ۽ دليل سان انهن عالمن قبر تي ويندڙ ماڻهن کي روڪيو. روڪيندڙ عالمن ۾ حضرت مخدوم بلاول عليہ الرحمة پڻ شامل هئا.

حڪمت الاهي حضرت مخدوم بلاول رحہ کي تلتيءَ ۾، جتان سن وارو جبل نظر اچي ٿو حضرت اويس قرني رحہ جن پنهنجي مقرر ٿيل مقبري مان پنهنجي بزرگي ۽ ڪرامت جي قوت سان جلوه افروزي ڪري پنهنجو مشاهدو ڏيندي فرمايائون تہ فقيهن جي روايت پوري آهي، پر اسين تہ اجهو پنهنجي قبر ۾ موجود ويٺا آهيون.[1]

ان مشاهدي بعد حضرت مخدوم بلاول رحہ جن مريدن ۽ شاگردن سميت سن ۾ اچي حضرت خواجہ اويس قرني رحہ جي زيارت ڪئي. گهڻي زماني کان اهو مقبرو ڊهي ويو هو جنهن کي سنڌ جي ارغون حاڪم ميرزا شاه حسن وڏي عقيدت منديءَ سان ٺهرائي، ان جي چوڌاري ديوار ڏئي چوڪنڊي قائم ڪئي ۽ ماڻهن جي سهوليت لاءِ تلاءُ ٺهرايائين.[2]

عارفن ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ 'اويسي' ان قسمن جي بزرگ کي ٿو چئجي. هڪڙا جن جي بيعت جو سلسلو حضرت اويس قرني رحہ جن کان هليو آهي، ٻيا اهي جيڪي حضرت اويس رحہ وانگر بغير ظاهري مرشد جي منزل مقصود کي رسيا آهن.

هتي هي سمجهڻ بہ ضروري آهي تہ حضرت اويس قرني رحہ جن جي سلسلي جا ڪهڙا بزرگ ٿي گذريا آهن، جن کي اويسي سلسلي جو چئي سگهجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ اهو متبرڪ سلسلو حضرت جنيد بغدادي عليه الرحمة جن کان مٿي هلي ٿو. سندس وفات 7 رجب المرجب سنہ 297هہ ۾ ٿي. اهو مريد هو شيخ ابو عمر اصطخريءَ جو اهو سڳورو مريد هو. شيخ ابو تراب عسڪري بن محمد بخشيءَ جو جنهن جي وفات سنہ 245هہ ۾ ٿي. اهو مريد هو شيخ ابو علي شفيق بلخيءَ جو جنهن جي وفات 194هہ ۾ ٿي. اهو سڳورو مريد هو. حضرت سلطان ابراهيم بن ادهم جو جنهن جي وفات 28 جمادي الاول سنہ 166هہ ۾ ٿي، جيڪو مريد هو حضرت ابو موسيٰ يزيدراعي جو. اهو مريد هو حضرت ابو عمر اويس قرنيءَ رحہ جو ۽ ان سڳوري کي فيض مليو حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت علي ڪرم الله وجہ کان.

جيڪي بہ بزرگ حضرت جنيد رحہ سان منسلڪ آهن، اهي سڀئي سڳورا 'اويسي' سلسلي جا اصحاب سڏائڻ جا مستحق آهن. چاڪاڻ تہ سندن بزرگن جو ظاهري شيخ طريقت اويسي سلسلي سان تعلق رکندڙ آهي ۽ انهن جي بيعت جو سلسلو اويس قرني رحہ کان هليو اچي. ٻيا اهي جيڪي سواءِ ڪنهن ظاهري مرشد جي حضرت اويس قرني رح جن وانگر قادر جي ڪرم سان ڪامل اولياءُ الله ٿي ويا، انهن کي 'اويسي المشرب' چئبو. شيخ ابوالقاسم جرجاني ۽ حضرت خواجہ ابوالحسن خرقاني۔ وفات 542هہ) پڻ اهڙن اويسي المشرب اولياءَ ڪرام مان آهن.

ساڳيءَ طرح حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جن جو بہ ظاهري مرشد نہ آهي، ان ڪري کين پڻ "اويسي المشرب" چيو ويندو. انهيءَ سبب جي ڪري کين سهرورديءَ سان گڏوگڏ اويسي پڻ سڏيو ويندو آهي.

اويسي بزرگن بنسبت چيو وڃي ٿو تہ اهي سڳورا ذڪر سان گڏ "اويس، اويس" جو نعرو پڻ هڻندا هئا.

ساڳيءَ طرح حضرت عوث الحق مخدوم نوح رحہ جن شروعات ۾ "لاالله الاالله" جي ذڪر سان گڏ "اويس، اويس" بہ گهڻو چوندا هئا.[3]

---

[1] سراج العارفين جي حوالي سان هي ذڪر قلمي ڪتاب سفينة النوح ۾ ٿيل آهي، صفحو 77

[2] سفينة النوح في سڪينه الروح (قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي، صفحو 72، (طالب المولي لئبرري هال نوان).

[3] سفينة النوح في سڪينة الروح (قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي، قريشي، صفحو 72 کان 86

قطب الاقطاب حضرت مخدوم نوح رحہ جن پنهنجي اويسي شرف حاصل ڪرڻ بابت فرمائين ٿا تہ: "جڏهن ڇوڏهن روهين جي ڇمار ۾ قرآن پاڪ پڙهندو هئس، هڪڙي ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ حضرت محمدﷺ جن توهان کي سڏايو آهي. پاڻ هئي سڳورا مون کي پاڻ سان هڪڙي عجيب ۽ حيرتناڪ رستي تان وٺي هليا، تان جو هڪ جبل تي اچي چڙهياسون. اتي هڪڙي عاليشان جاءِ هئي، پاڻ مون کي ان ڏانهن هلڻ جو اشارو ڪيائون. جڏهن اتي پهتاسون تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جن جي ڪچهري لڳي پئي هئي. مون کي سندن آڏو پيش ڪيائون، انهن اسان جي ڏاڍي عزت ڪئي. سندن هٿ ۾ هڪ ڦرهي هئي، جيڪا مون کي عنايت ڪيائون، جنهن تي ٽي سٽون لکيل هيون ۽ مون کي سبق وانگر پڙهايائون. اتي مون کي حضور ﷺ جن جو ديدار نصيب ٿيو سندن اشاري تي ويجهو حاضر ٿي سندن قدمبوسيءَ جي سعادت حاصل ڪيم. حضور ﷺ جن گهڻيون مهربانيون ۽ لطف فرمايا. ڦرهي وٺي اهي سٽون ڏسي نئين سر سبق پڙهايو.

اتان ٿي اچي وهب الاهيءَ جو آغاز ٿيو. لدني علم جا دروازا کلي پيا. ظاهري ۽ باطني علوم جا درياهہ سيني ۾ پلٽجي پيا ۽ تعليم و تربيت جو سڌو رب تعاليٰ سان تعلق پيدا ٿي پيو ۽ سڌو سنئون ان جو مريد ٿي پيس."

حضرت غوث الحق جن جي اهڙيءَ طرح بلاواسطہ ظاهري مرتبي ۽ مرشد جي سڌو رب تعاليٰ جي ذات اقدس کان تلقين وٺڻ ۽ فيض پرائڻ کي اويسي طريقو ٿو چئجي.[1] ڪامل عارفن اويسيت جي وائلي سڃاڻپ ۽ تعريف ڪئي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن خاص ٻانهي کي ڪنهن ٻئي جي وچ ۾ پوڻ کانسواءِ پنهنجي بي انتها فضل ۽ ڪرم سان صمدي تعليم سان مشرف ۽ ممتاز ڪري پاڻ تعليم ۽ تربيت عطا ڪري ۽ تلقين بخشي تہ اهو شخص اويسي طريقي ۽ اويسي نسبت وارو ٿي پوندو.

حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي اويسي هجڻ جي سلسلي ۾ حضرت بهاءُ الدين گودڙيو فرمائي ٿو تہ: "ٺٽي شهر ۾ حضرت ميان محمود ڪاريي رحہ جي جاءِ تي، جيڪو حضرت مخدوم اعظم جن جو مريد پڻ هو فقيرن ۽ الله وارن جي محفل مچايو ويٺا هئا ۽ ڳالهہ پئي ٿي تہ فلاڻو بزرگ فلاڻي ولي الله جو عقيدتمند ۽ فلاڻو فقير فلاڻي شيخ جو مريد آهي. ٺٽي جي هڪ مشهور بزرگ مخدوم فضل الله' شيخ ابوبڪر رحہ (حضرت مخدوم نوح رحہ جي ڏوهٽي) کان پڇيو تہ حضرت مخدوم نوح رحہ جن ڪهڙي بزرگ جا عقيدتمند ۽ مريد آهن. شيخ ابوبڪر رحہ جن جڏهن مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ ساڳيو سوال کانئن معلوم ڪيائون. حضرت مخدوم اعظم جن ارشاد فرمايو تہ "اسين مخلوق مان ڪنهن جا بہ مريد نہ آهيون، پر قادر جي ڪرم جا مريد آهيون."

شيخ ابوبڪر اطمينان سان سچي ڳالهہ مخدوم فضل الله جن کي ٻڌائي، ان چيو تہ بيشڪ هو سچو شخص آهي ۽ پاڻ اويسي اولياءَ جو درجو رکن ٿا، ان بعد مخدوم فضل الله سڀ شڪ شبها ختم ڪري هر دم پنهنجن ۽ مريدن واري روش اختيار ڪئي.[2]

جنهن وقت هي واقعو رونما ٿيو هو تڏهن مخدوم اعظم حضرت غوث الحق رحمت الله عليه پورا ٽي مهينا ٺٽي شهر ۾ مقيم رهيا ۽ پنهنجي فيض ۽ برڪت سان الله وارن، نيڪ ماڻهن ۽ حاجتمندن جي رهبري ۽ سروري ڪندا رهيا.[3]

---

[1] رسالہ فتحي، (قلمي) از مخدوم فتح محمد رحمت الله عليه (طالب المولي لائبريري هالا.)

[2] سفينہ النوح في سڪينہ الروح (اردو قلمي) تاليف حضرت مخدوم غلام حيدر رح. تصحيح ۽ حاشيہ عبدالله ورياهہ طالب المولي لائبريري هالا، صفحو 99

[3] سراج العارفين، قلمي، طالب المولي لائبرريري هالا، صفحو 99

اهڙيءَ طرح حضرت مخدوم نوح رحہ اويسي ٿيا ۽ اويسي ولين جي درجو سيني اوليائن کان بلند ۽ بالاتر هوندو آهي. مٿين سمورن دليلن ۽ تاريخي حقيقتن جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ بعد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان خيال جي واضح ترديد ٿي وڃي ٿي تہ مخدوم صاحبن جو سلسلو اويسي نہ آهي، ۽ پير اويس بابت چيل ڏهر مخدوم صاحبن جي سلسلي جي ڪنهن فقير جو چيل نہ آهي. پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل آهي، جنهن پنهنجي مرشد کي اويسي پير ۽ ان جي مڃيندڙن ۽ مريدن کي اويسي سڏيو اٿس.

جيستائين درويش نوح هوٿياڻيءَ جو ذڪر آهي، جنهن جي درگاهہ تي اهو 'ڏهر' پڙهيو ويو ان جو تعلق پڻ جماعت سروريءَ سان آهي. هن بزرگ بابت جيڪي تفصيل هٿ اچي سگهيا آهن، سي هن ريت آهن:

صاحب الفيض والفتوح حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة جن جي والد ماجد مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ هڪ فقير رهندو هو. هڪ ڏينهن اهو درويش ائين چئي مخدوم نعمت الله جن وٽان هليو ويو تہ اوهان جي پيشانيءَ ۾ جيڪو نور هو اهو منتقل ٿي چڪو آهي. جنهن ڏينهن مخدوم نوح رحہ جن جي ولادت باسعادت ٿي تہ اهو بزرگ اتي پهچي ويو ۽ مخدوم نوح رحہ جن جي بيعت ڪري مريد ٿيو.

هن واقعي جو ذڪر منٺار فقير راڄڙ پنهنجي هڪ ڏهر ۾ هن ريت ڪيو آهي:

جنهن ڏينهن پيدا پير ٿيو سرور شاهہ سردار
تڏهن هوٿياڻيءَ حضور ۾، اچي ڪيو اظهار
تہ ان ۾ نور الله جو جو جل، جلال، جبار
رجمون منجهہ رسول جو اڙين جو آڌار
آءٌ مريد ٿيندس نوح جو اٿم پڪو اعتبار
سو مون وٽ مڪمل آڻيو تہ ڪندس دلبر جو ديدار
پوءِ آندائون اڪمل کي، جو ماڻهن جو مهندار
اتي هوٿياڻيءَ هٿ ورتو ٿي دست بيعت بردار
تڏهن ان صادق شاهد ٿي، ڪيا چئو قبلي چوڌار
تہ آءٌ مريد اولياء جو آهيان پهرين درجي دار
تڏهن فيض ڏٺيءَ فرمايو تنهن طالب سان تڪرار
تہ نو لک ملڪ مريد ٿيا، منهنجا شاگرد بي شمار
تنهن پڇاڻان تنهنجو مون نام رکيو نروار
اهڙا معجزا نوح جا، آهن لکين لک هزار
تنهن جون تعريفون ڪيتريون، ڪندو مداحي 'منٺار'،
آهي اور تہ ڪوئي پار سرور سندي سگهہ جو.[1]

درويش نوح هوٿياڻيءَ بابت انهن روايتن کانسواءِ ڪجهہ تاريخي ڪتابن ۾ پڻ حوالا ملن ٿا. انهن موجب درويش. نوح هوٿياڻي،[2] اٺين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ڪيبراٽي واري ايراضيءَ ۾ هڪ نالي وارو درويش ٿي گذريو آهي.

---

[1] رسالو رهنمائي، منٺار فقير راڄڙ مرڪزي بزم طالب المولي هالا، 1984ع، صفحو 38.

[2] حديقة الاولياءَ ۾ 'درويش نوح ڪبير' لکيل آهي، پر سنڌس بزرگ جو نالو هوٿي هو انهيءَ ڪري مقامي طرح 'نوح هوٿياڻي' جي نالي سان مشهور آهي.

جنهن جي درگاهه هن وقت حيدرآباد _ هالا رستي تي ڪيبرن جي ڳوٺ کان ٻه ميل ڪن اتر _ اوڀر ۾ واقع آهي. حديقه الاولياءُ جو مصنف لکي ٿو ته:

"جڏهن ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح الدين سنڌ پهتا ۽ ڪيبرن جي ڳوٺ کي ڏٺائون. جنهن ڏڳن جي گوهر پٽي چاري. ان موقعي تي ڪو شخص سندس گوهر ڏانهن وڌيو جنهن تي بزرگ چيو ته: "ڄام تماچيءَ جي حڪم سان منهنجي مال سان دست اندازي نه ڪر." اهو ٻڌي هو نهايت عجب ۾ پيا ۽ اڳتي وڌي اچي درويش کان پڇيائون ته: "ملڪ جو والي اڄا ڄام جوڻو آهي ۽ تماچي دارالخلافت دهليءَ ۾ نظربند آهي. پوءِ ڪيئن ٿو چوين ته 'ڄام تماچي جو حڪم آهي.' درويش چيو ته: "مون کي تماچي جي خبر ڪانهي، باقي ٻن ٽن ڏينهن کان وڻ ٽڻ پکي پکڻ کان اهائي صدا ٻڌي رهيو آهيان، ته ڄام تماچي جو حڪم آهي." اها بشارت ٻڌي ڪين نهايت خوشي ٿي ۽ درويش سان پنهنجو سڄو احوال ڪيائون ۽ مقصد حاصل ٿيڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائون.

غالباً انهيءَ موقعي موقعي تي درويش ڪين دعا ڪئي ته فتح اوهان جي آهي. چون ٿا ته درويش نوح ان موقعي تي هي بيت پڙهيو:

جوڻو وڃي جهوريءَ ماريو
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.[1]

يعني ته: "ڄام جوڻي کي وڃي پورو ڪريو ۽ ڄام تماچيءَ کي ملڪ جو بادشاهه بنايو."

درويش نوح هوٿياڻيءَ هي دعائيه فقرا تڏهن چيا، جڏهن ڄام تماچي سنڌ ۾ پهچي ويو هو ۽ ٺٽي ڏانهن ويندي ڪيبرن وٽان اچي لانگهائو ٿيو. تاريخي لحاظ کان ڄام تماچي غالباً سلطان فيروز شاهه جي فوت ٿيڻ (18 رمضان 1388-89 تي دهلي ڇڏي.[2] مقصد ته هي واقعو به ان تاريخ کان سنت پوءِ جو آهي. مخدوم نوح عليه الرحمة جن جي تاريخ ولادت 27 رمضان المبارڪ 119هه آهي ۽ سندس دارالبقا ڏانهن روانگي 27 ذوالقعد 998هه جو ظهور پذير ٿيو.[3] جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته بزرگ نوح فقير هوٿياڻي ڄام تماچيءَ جي سنڌ ڏانهن واپس ورڻ (790هه — 1388ع) وقت ننڍي عمر جا هئا ۽ سندن عمر مخدوم نوح عليه الرحمة جي ولادت (911هه) وقت اٽڪل سوا سئو سالن کان مٿي هوندي. هي فقير پنهنجي وقت جو نالي وارو درويش ٿي گذريو آهي ۽ سندس ڪيئي ڪرامتون مشهور آهن. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي پاڻ مخدوم نوح رحمت الله عليه جا سچا ۽ پلارا مريد هئا. سندن اولاد اڄ تائين به درگاهه سروريءَ سان ساڳي عقيدت رکن ٿا ۽ مريد آهن.

مٿين سڀني ڳالهين سمجهڻ سان اهو ثابت ٿئي ٿو ته مخدوم نوح عليه الرحمة جو سلسلو نه صرف سهروردي پر 'اويسي' پڻ آهي ۽ سندن مريد هجڻ جي حيثيت ۾ درويش نوح هوٿياڻيءَ کي پڻ 'اويسي' چئي سگهجي ٿو.

---

[1] حديقه الاولياءُ (قلمي 1240) مير علي شير قانع واري نسخي جي حاشئي تي هي بيت لکيل آهي.

[2] سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 198. صفحه 182_183.

[3] سفينه النوح (اردو) قلمي. تاليف مخدوم غلم حيدر صديقي. تصحيح ۽ حاشيه عبدالله 4_153_154.



مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

# ڪافي ۽ اُن جو فن

**ڪافيءَ جي سارا**:

"انسان ۾ هڪ روح آهي، جنهن جو واسطو دل سان آهي؛ ۽ ٻيو نفس آهي، جنهن جو تعلق جسماني ۽ دماغي لذتن سان آهي. روح کي حقيقت وڻندي آهي ته دل کي فرحت بخشي ٿو. نفس کي مبالغو ۽ ڪوڙ وڻي ٿو، جنهن مان جسم ۽ دماغ کي آرام رسي ٿو."

ڪافيءَ ۾ حقيقت، واقعيت ۽ حال بيان ٿيندو آهي. غزل ۾ اڪثر مصنوعيت، اجنبيت ۽ مبالغو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪافي ڳائڻ وقت سڪوت پيدا ٿيندو آهي ۽ ماڻ طاري ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو آهي، جو روحاني فعل آهي، ۽ غزل ٻڌڻ وقت "واه واه" جا نعرا بلند ٿيندا آهن، اهو دماغي ڪم آهي. هن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته غزل ۾ به حقيقت ۽ واقعيت بيان ٿيندي آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن، ۽ اهڙا شاعر بلڪل ٿورا هوندا آهن، جن جي غزل ۾ اهي شيون هجن. "ديوان عطا" جي ديباچي ۾ غزل بابت هڪ هنڌ لکيل آهي ته:

"غزل حسين ڇوڪرن سان عشق ڪرڻ جي مضمونن، وصل ۽ ميلاپ بابت، بوس و ڪنار جي اگهاڙن جذبن واري ڪليل بيانن جي ڪري بدنام ٿيل آهي. ايتريقدر جو فارسي زبان جا پڪا ۽ مجيل شاعر به انهيءَ اگهاڙپ کان پاڻ بچائي نه سگهيا آهن."(1)

نفس جي پاڪائيءَ لاءِ ٽن قسمن جي پاڪائي ضروري آهي: هڪ جذبات جي پاڪائي، ٻي عمل جي پاڪائي، ٽين فڪر جي پاڪائي، جذبات جو تعلق دل سان آهي، فڪر جو تعلق دماغ سان ۽ عمل جو تعلق دل ۽ دماغ ٻنهي سان آهي. ڪافيءَ ۾ اهي ٽيئي پاڪايون موجود هونديون آهن. پر هيءَ ڳالهه لازمي آهي ته شاعر، شاعر هجي!

"نفس جي علم هي ثابت ڪيو آهي ته انسان جي دماغ ۾ اهڙا پردا آهن، جن تي آواز قائم ٿي ويندو آهي. عمر جي لحاظ سان انسان ڪٿي هڪ ڏينهن جو ٻچو نه هجي!" اهوئي سبب آهي جو ڪافيءَ جا پاڪ مضمون ننڍڙي هوندي کان ئي ٻڌندي، اسان جا سنڌي شاعر پاڪ دل، نيڪ نيت ۽ سهڻي فڪر وارا ٿيا. هونءَ به اڳيئين زماني ۾ هرهنڌ ٻارن ۽ ڇوڪرن، توڙي ڇوڪرين جي آڏو سندن مائٽ ۽ ٻيا ماڻهو گٺا لفظ ۽ واهيات ڳالهيون ڪو نه ڪندا هئا.

نه فقط ايترو پر، سنگن بندن جون ڳالهيون به ايتريقدر ته مخفي ڪندا هئا، جو آخري فيصلي ڪانپوءِ ئي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي سندن شادي ٿيڻ جي حقيقت معلوم ٿيندي هئي. اهوئي سبب هو جو اڄ کان پنجاهه سال کن اڳ بالغ ٿيل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي رانديون ڪندا هئا، تڏهن به منجهن نفساني جذبا پيدا نه ٿيندا هئا، وغيره وغيره. مگر هن زماني ۾ ٻارن جا ماءُ ۽ پيءُ سندن منهن تي ئي آل جال پيار ۽ هڪٻئي سان گستاخيون ڪن ٿا. اهو انهن گستاخين جو ئي نتيجو آهي، جو موجوده دؤر ۾ جرم ۽ سياه ڪاريون حد کان گهڻو وڌي ويل آهن. اهڙيءَ حالت ۾ شاعري به اهوئي نه رنگ وٺندي! اڄڪلهه جي اسڪولن ۽ مدرسن ۾ ڇا ڇا ٿي رهيو آهي، اهو ڪنهن کان به ڳجهو ڪونهي. اخلاق جو رڳو نالو آهي، ظاهر ۾ هڪ رسمي پابندي آهي، مگر باطن ۾ ان جي برخلاف ٿي رهيو آهي! ڇا انهن حالتن جو اثر ادب

تي ڪونہ پوندو؟ اسان جي درويشن، فقيرن ۽ الله وارن اخلاقي سماع جون محفلون رچائي، انهن ۾ انهيءَ رنگ ڍنگ جو ڪلام ڳارائي، ننڍن توڙي وڏن کي الله جي طرف موڙيو.

**ڪافيءَ جي پيچ – گهمڙ:**

4- نومبر، 1944ع ميرپورخاص ۾ مرڪزي صلاحڪار بورڊ جي طرفان هڪ ادبي محفل ٿي هئي، جنهن جي صدارت سيد ميران محمد شاهہ ڪئي. پاڻ صدارتي تقرير ۾ چيائين تہ:

"اسان هتي هن لاءِ گڏ ٿيا آهيون تہ ڪافي، ڪي چئون، ڪي ٻڌون. مگر خاص انهيءَ خيال سان تہ ان ڪافيءَ کي، سنڌي زبان جي ان ذخيري کي، ائين ڪرڻ سان زنده رکون"(2) انهيءَ محفل ۾ مسٽر غلام حسين سومري چيو تہ:

"اسان مسلمانن وٽ دعاي ڪاف آهي، جنهن ۾ ڪاف جا لفظ تمام گهڻا ڪم آندل آهن.

ڪافي شايد اتان ورتل هجي."

تنهن تي پروفيسر سدارنگاڻيءَ چيو تہ

"عام طرح چوڻ ۾ ايندو آهي تہ هيءَ ڳالهہ ڪافي، يعني قناعت پذير آهي، اوائل ۾ ممڪن آهي تہ قناعت جو مدنظر "ڪافي لفظ استعمال ٿيو هجي."

ڪجهہ وقت گذرڻ بعد، سيد عطا حسين شاهہ موسويءَ پنهنجي ڪتاب "ڪچ ڪوڏيون" ۾ "ڪافي" جي عنوان سان لکيو تہ:

"هر ڪنهن ملڪ جي زبان ۽ تمدن تي فاتح ملڪن ۽ حڪمران قومن جو گهرو اثر پوي ٿو. عربن جي اچڻ ڪري عربي رسم الخط جاري ٿيو، عربي لفظ گهڻي قدر جاري ٿيا. عربيءَ ۾ "ڪفة" جي معنيٰ آهي دڦ جي ڪاني، جنهن ۾ گهنگهرو پيل هجن. "استڪفوا"(3) جي معنيٰ آهي خيرات وٺڻ يا خيرات گهرڻ لاءِ هٿ ڊگهيرڻ، ۽ فقير جو هٿ جي تريءَ تي پئسا وٺڻ." آخوند رب ڏنو، مجاور درگاهہ شريف حضرت غوث الحق مخدوم نوح، ان "ڪافي" جي لفظ بابت لغت جو هي رايو ڏنو تہ:

"لفظ "ڪافي"، "ڪَفِي" مان نڪتل آهي، جنهن جون ٻہ معنائون آهن: هڪ تہ ساهميءَ جي ٻنهي پڙن جو برابر هئڻ، ۽ ٻيو تہ شعر جي قافين ۾ ڪونہ ڪو اختلاف هجڻ. اهو اختلاف لفظي هجي يا معنوي، عرفي هجي يا اصطلاحي يا اعرابي. اختلاف جي برخلاف اتحاد هجي تہ ان حالت ۾ قافيو نہ بلڪ ان کي رديف چئبو. امڪان آهي تہ شعر جي ٻنهي مصرعن جي هموزن ۽ توري تڪي تُڪن ناهڻ کي "ڪفي" مان "ڪافي" ٿي ويو هجي.

"لفظ "ڪافيءَ" جي مادي جو اشتقاق آهي "ڪُفُو"، جنهن جي معنيٰ بہ ٿيندي ساهميءَ جا ٻئي پڙ برابر. تنهنڪري اصطلاح ۾ انهيءَ معنيٰ جي لحاظ سان ڪنهن خاص نظم جو نالو "ڪافي" رکيو ويو آهي، جو تہ هرهڪ مصرع جون حرڪات، سڪنات ۽ وزن هڪجيترا ۽ هم وزن آهن. انهيءَ ڪري اصطلاح ۾ لفظ "ڪافي" بابت لکي ٿو:

"ڪاف ڪلمن مان "ڪاف" لفظ جي لغوي معنيٰ آهي چمڙو سبڻ، چمڙو وڍڻ، ڪنهن شئي کي ڪناري تي ڪرڻ. "قاف" فرشت سان "قاف" لفظ جي معنيٰ ڳولا ڪرڻ، تلاش ڪرڻ. مجازاً بعض صوفي بزرگ پنهنجي لاءِ جاءِ ڪنهن جبل جي چُر ۾ رياضت يا مراقبي لاءِ اختيار ڪندا هئا، تنهن کي "ڪافي يعني تلاش حق لاءِ گوشہ نشينيءَ جي جاءِ سڏيندا هئا. انهيءَ معنيٰ ۾ اسان جي سنڌي "ڪافي"، لفظن جي اهڙي چُر يا گفا آهي، جنهن جي ٻاهرين شاعرانہ بيهڪ ۾ اندروني تلاش حق جي ڪنن پروڙ بہ سمايل آهي."

مولانا فضل احمد غزنوي بي. اي. اديب فاضل، منشي فاضل ۽ قرآن جو سٺو مفسر آهي، ۽ عربيءَ جي تمام گهڻي ڄاڻ رکي ٿو. "ڪافي" بابت سندس رايو آهي ته:

"ڪافي عربيءَ جو لفظ آهي. ان جو مادو "ڪفي" ۽ مصدر "ڪفايَة" آهي، ۽ ان جو اسم فاعل "ڪافي" آهي. ڪافيءَ جي اصل معنيٰ آهي "خالي ٿيل جاءِ پرڻ" ۽ ان جو عام استعمال، "مراد حاصل ڪرڻ" ۾ ٿئي ٿو.

"سنڌيءَ ۾ "بس، هي ڪافي آهي" چئبو؛ يعني ان کان وڌيڪ ضرورت نه آهي. مصدر ان ريت ايندو: "ڪافي هجڻ، "حاجت جيترو پورو هجڻ"، وغيرها.

ڪافيءَ جا قرآن پاڪ ۾ استعمال هيٺين ريت آهن:

"ڪفي الله المومنين القتال" (جهاد ۾ مومنن پاران بس الله ئي ڪافي آهي). يعني جهاد ڪٽي ڏيڻ سان مراد پوري ڪندڙ آهي.

"اليس الله بڪاف (ڪافي) عبده" (ڇا الله ئي پنهنجي ٻانهي- محمد پاڪ جي مدد لاءِ ڪافي نه آهي؟)

(از مفردات راغب اصفهاني، لسان العرب، تاج العروس، القاموس، صراح وغيرها).

"منهنجي تحقيق هيءَ آهي ته سنڌيءَ ۾ هي جيڪو "ڪافي" جو استعمال ٿئي ٿو، سو بنهه غلط آهي؛ جو ته ان لفظ مان بيت يا شعر وغيرها جي معنيٰ اصل ڪانه ٿي نڪري. دراصل هي لفظ "قافيه" آهي، جنهن مان "قافي" لفظ بمعنيٰ الڪلام المقفيٰ آهي. يعني قافيي سان ٺاهيل ڪلام، بيت، شعر وغيره.

"جڏهن سنڌي ادب مان عالم لڏي ويا ۽ رڳا انگريزدان ۽ سنڌيدان حضرات رهجي ويا، خاص ڪري وچ ۾ سنڌي ادب واٺين جي هٿن ۾ هليو ويو، ته انهن "ق" جي بدران "ڪ" ڪتب آڻڻ شروع ڪيو، جو هاڻي "ڪافي" بنجي ويو آهي، اهڙين بگڙيل لفظن جا اُچار شاهه جي رسالي ۾ الاهي ملندا. مثلاً "آگا"، جو اصل لفظ "آغا" آهي، ۽ "بگڙ"، جو اصل ۾ "بغير آهي."

لفظ "ڪافي" بابت مٿيان بحث ڪيتريقدر صحيح يا غلط آهن، انهن جو فيصلو عالم ۽ اديب ڪندا. مگر مطلب هو ته ڪنهن حد تائين "ڪافي" لفظ جي ساراهه ٿئي.

سنڌي شاعري ۽ ادب جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو هر دؤر ۾ ادبي محفلون، مشاعرا، ڪچهريون ۽ رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. انهن محفلن ۽ رهاڻين ۾ نه رڳو عربي، فارسي، اردو ۽ هندي زبانن ۾ لکيل ڪلام ڳايو ويندو هوندو، بلڪ سنڌي زبان جو ڪلام به لازمي طرح پيش ٿيندو هوندو، ڇا سنڌين کي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ واري زبان سان پيار نه هوندو؟ جي ها ته پوءِ رڳو سنڌي دوها ئي ڳارايا ويندا هوندا ڇا؟ نه نه، يقيناً سنڌي زبان جي شاعريءَ جي ڪا ٻي صنف، دوهن ڪانسواءِ به ڳائي ويندي هوندي، جيڪا ڪافي ئي ٿي سگهي ٿي. شيخ لاڏ جيئي ڪانپوءِ ڪافيءَ تي سرڪاري بندش ٿورو ئي پئجي ويئي هوندي، جو پوءِ ٻارهين- ٽيرهين صديءَ جي هجريءَ جي شاعرن اچي لهرائي هوندي! ايتري شڪر گذاري به جرمن جي قوم جي هڪ پادريءَ ٽرمپ صاحب جي ميڄڻ گهرجي، جنهن شاهه جو ڪلام ڇاپائي، سنڌين جو ڪُر مٿي ڪيو.

## ڪافيءَ جا گهاڙيٽا:

جهڙيءَ طرح موزون شاعريءَ ۾ ڪيترائي وزن آهن، جن ۾ غزل، مسدس ۽ قطعا يا رباعيون وغيره لکجن ٿيون، تهڙيءَ طرح غير موزون شاعريءَ ۾ ڪافي جا به گهڻائي وزن آهن، جن کي آءٌ "گهاڙيٽا" سڏيان ٿو. جيڪڏهن ڌيان ڏجي ۽ ڪوشش ڪجي ته بيت ۽ ڪافيءَ جا ڪيئي وزن ۽ بحر مقرر ڪري سگهجن ٿا. پر ڪافي، جا محدود چيز آهي، ان کي محدود ڪري ڇڏڻ يا هرويرو ڪنهن بڪيڙي ۾ وجهي ڇڏڻ ڪنهن به طرح مناسب نٿو لڳي. ڪافي جذبات جي حالت ۾ هڪ ڳائڻ جي طرز ۾ ٺهي

غزل لکڻ لاءِ فارسي شاعريءَ جو مطالعو ۽ فني ڪتابن جو پڙهڻ ۽ ياد رکڻ نهايت ضروري آهي. جڏهن استادي ۽ شاگرديءَ جو عام دستور هو، تڏهن هر شاعر تي هي فرض رکيو ويندو هو تہ معياري شاعرن جو ڪلام گهٽ ۾ گهٽ ياد رکي. مگر ڪافي لکندڙ شاعر کي خاص طرح جن ڳالهين جي ضرورت آهي، اهي آهن صحيح لفظ، صحيح جملا، صحيح پهاڪا، ٽُڪن جي پورائيءَ جو خيال گهارڻ جي سمجهہ ۽ ڳائي ڇاڻن يا گهٽ ۾ گهٽ ڳائڻ کي ڪنهن حد تائين سمجهڻ. ڪافيءَ ۾ پاڻ تي گذريل واقعا ۽ وارداتون بيان ٿينديون آهن. هر معلوم ٿيل ڳالهہ ٻڌائي ويندي آهي ۽ قلبي ڪيفيتن جو اظهار هوندو آهي، جنهن جو واسطو نہ تڪلف سان آهي نہ اهل سان، سڀ ڪان پهرين درد گهرجي، سا تہ آهي خدائي ڏات، جا ذات تي ڪانہ ملندي آهي. تنهن هوندي بہ ڪو ڪافي لکڻ چاهي تہ پهرين پاڻ ۾ درد پيدا ڪري.

ڪافي لکڻ وقت، ڪافيءَ جي ڪانہ ڪا طرز دماغ ۽ ذهن ۾ موجود هئڻ گهرجي، ۽ ان کي جهونگاريندو رهڻ گهرجي، جو تہ ان طرز تي ئي ڪافي لڪٽي آهي. جيڪڏهن ڪابہ نئين طرز آهي ۽ ان تي ڪافي ٻڌائڻ آهي تہ اها طرز جهونگار ۾ هجي ۽ ڌيان ڪافي لکڻ ڏي رهي تہ لفظ سر مان ٻڌي نڪرندا. تڪون ٺهنديون وينديون ۽ مصرعون تيار ٿي نيٺ وڃي ڪافيءَ جي صورت وٺنديون. قدرتي طرح ان ڪافيءَ ۾ اهڙا ۽ اهڙيءَ طرح لفظ اچي ويندا، جن جا اُچار بہ موسيقيءَ جي اصول موجب صحيح بيهندا، جيئن ڳائٽي کي انهن لفظن جي اُچارڻ ۾ ڪابہ هَبَڪ ۽ تڪليف ڪانہ ٿيندي، سر سان، ڪافيءَ ۾ جيڪي لفظ اچن ٿا، انهن جو مثال انهيءَ ٻِيَچَ (ڪاتي، ڇُري، چاقو وغيره) وانگر آهي، جنهن کي لُهار پاڻي ڏيندو آهي، ۽ هُو وَهڻ ۾ نهايت تيز ٿيندو آهي. جن نيچن کي پاڻي ڪونہ ڏنو ويندو آهي، اهي سنا نہ وَهندا آهن، ۽ آخر مُڏا ٿي ويندا آهن.

## ڪافيءَ جو مضمون:

1- ڪافي، اسان جي ديسي شاعريءَ جي اعليٰ صنف آهي. هن ۾ اهي مضمون، اهي احوال، اهي بيان ۽ ذڪر اچڻ گهرجن، جيڪي اسان جي رسمن ۽ رواجن ۾ آهن. پوءِ سُرُ ڪٽي سسئي پنهون، هجي يا سهڻي ميهار، ليلا چنيسر هجي يا مومل راڻو يا عمر مارئي وغيره. ڪٽي انهن محبتين جا حال بيان ٿيندا ۽ ڪٽي انهن ئي نالن ۾ پنهنجون حقيقتون ۽ حالتون اينديون. ڪٽي مُرساٽي زبان ڪم ايندي تہ ڪٽي عورتاٽي. مرساٽي زبان ۾ مضمون جو ڍنگ، طلبون، صدائون ۽ التجائون پنهنجي نموني جون هئڻ گهرجن، ۽ عورتاٽي زبان ۾ مضمون جو رنگ پنهنجي نموني جو هجي. جيڪڏهن ٿوروئي انهن رنگن ۽ ڍنگن ۾ فرق اچي ويو تہ ڪافيءَ جي ستياناس ٿي ويندي.

2- ڪافيءَ ۾ اهڙا حال ۽ اهڙا اهڙا واقعا بيان ڪرڻ گهرجن، جيڪي اول تي پاڻ تي گذريا هجن، پر جي نہ، تہ بہ اهي حالتون ۽ حقيقتون آڻڻ ڪپن، جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿينديون رهن ٿيون ۽ ٿينديون رهيون آهن.

3- ڪافيءَ ۾ لفظ ۽ مثال وغيره اهي ڪم آڻڻ گهرجن، جيڪي روز روز ڪم اچن ٿا. جو تہ ان طرح جو واقعو، هر بيان ۽ هرڪو حال ۽ حقيقت جلد ۽ آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ ايندا.

4- ڪافيءَ ۾ حمد، نعت ۽ مدح وغيره بہ اهڙي تہ نموني ۾ لکڻ گهرجي، جو اٹپڙهيل بہ سمجهي تہ هيءَ الله جي ثنا آهي، هي محمد ﷺ جي تعريف آهي ۽ هي ٻين الله وارين بزرگن جا احوال آهن. فقط ايترو پر ڇا ڇا چيو ويو آهي ۽ مطلب ڇا آهي، اهو بہ سمجهڻ ۾ اچي.

5- ڪافيءَ ۾ جتي بہ ڪا قرآن شريف جي آيت، ڪا حديث يا ڪو عربيءَ جو قول استعمال ڪجي ٿو تہ لفظ اُن مان بہ ٻہ لفظ اشاري طور ڪم آڻجن ٿا. پڙهيل تہ آيت، حديث ۽ قول کي سمجهي وڃن ٿا، پر

شمس العلماء علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي مرحوم، ”نئين زندگي“ جي جنوري 1951ع واري پرچي ۾ ”شاھ کان اڳ جا شاعر“ جي عنوان سان لکيو آهي!

”عام طرح خيال ڪيو ويندو هو تہ شاھ صاحب کان اڳ شاعريءَ جو ميدان سُڃو هو ۽ پڙهندڙ شاھ جي ڪلام جو حسن ڏسي ائين پائيندا هئا تہ اهو جمال لازوال هنهنئين حاصل ٿيو، ۽ ان جي خط ۽ خال سينگارڻ ۾ ڪنهن ٻئي مشاطہ جو هٿ نہ هو. پر اينهين ناهي، شاھ صاحب کان اڳ ڪيترائي باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن، جن انهيءَ بحر حلال جو سرو پيتو ۽ انهي ميخاني جي مَند مان گهٽائي پريت جا ڀيڙا پياريائون.“

اڳتي هلي، قاضي قاضن ۽ شاھ ڪريم جي ذڪر ڪرڻ بعد، علامہ صاحب، لطف الله قادري جو ذڪر ڪري سندس بيت لکيا آهن. لکي ٿو تہ:

”لطف الله قادري جو اهو ڪتاب (منهاج المعرفت) 1078ھ ڌاري، يعني شاھ صاحب جي ولادت باسعادت کان 34 سال اڳ جو لکيل آهي..... نموني طور هي ٻہ – ٽي بيت اوهان جي نزهت خاطر ڏجن ٿا.“

هڪ بيت نموني خاطر هيٺ ڏجي ٿو، ان مان زبان، مضمون ۽ خيال وغيره جو پَرو پوي ٿو تہ ان زماني ۾ بہ سنڌي زبان ۽ سنڌي شاعري اوج تي هئي.

جنهن پنڌ نهايت ناھ ڪا، نڪو انت نہ ڇيھ،
سو ڪوڙين ڏسي ڪنبئا، ڌوران ڏاڍو ڏيھ،
ات هلڻ حيرت ۾ ٿيو، چيتا ٿو چيلُھ،
اوري ڪرمَ آسرو، واديءَ وچ مَ ويھُ،
ثابت ٿي سبحان سين، منجھ حقيقت پيھُ،
تہ سو پَسين ڏيھُ، جنهن ڪي سِڪي سِڪو.

## لفظ ۽ انهن جو اُچار:

اڳيان شاعر پاڻ بہ ڪجھ نہ ڪجھ ڳائي ڄاڻندا هئا، نہ تہ راڳ جي ٿوري گهڻي ڄاڻ مڙئي هوندي هين. وٽن بہ راڳ جون محفلون ٿينديون هيون ۽ پاڻ بہ پين راڳ جي محفلن ۾ ويندا هئا، تنهن ڪري ڪافي ۾ آزاد اچارڻ وارا لفظ ڪم آڻيندا هئا، جن جي اچارڻ ڪري ڳائڻي کي بہ ڳائڻ ۾ آوازن ۾ لائڻ وقت آزادي ۽ آساني ٿيندي هئي ۽ ٻڌڻ وارا بہ ٻڌي لطف وٺندا هئا. مگر هاڻوڪي زماني ۾ ڪيترائي اهڙا شاعر آهن، جن جو راڳ سان تہ ڪو واسطو ئي ناهي. نہ فقط ايترو صرف راڳ ٻڌي بہ ڪو نہ ڄاڻن، فقط لفظ جوڙي انهن کي ”ڪافي“ يا ”وائي“ نالو ڏئي ڇڏيندا آهن. اهڙي ڪافي جڏهن ڳائي ويندي آهي، تڏهن پتو پوندو آهي تہ راڳداري جي لحاظ سان هت ڪهڙا لفظ اچڻ کپندا هئا. انهي حقيقت کي راڳ جا ڄاڻو ئي سمجهي سگهندا. موزون شاعري ۾ بہ انهي ڳالھ جو ڌيان رکڻ گهرجي. اهي حالتون وڏن وڏن ۽ ڪهنہ مشق شاعرن جي ڪلام ۾ بہ موجود هونديون آهن. اچارڻ جي حساب موجب ڪهڙا لفظ شعر ۾ هئڻ گهرجن، ان جا ٻہ – ٽي مثال ڏجن ٿا.

ڪيئن ڇڏيندس، دلربا، دلدار مان تنهنجي پچار،
مهلقا، محبوب! ماٺيندس پيو پلپل پيار. (نامعلوم)

اهو شعر ڳائبو يا رڳو زباني پڙهبو تہ ”پچار“ ۽ ”پيار“ جي ”ر“ کي ٿورو زور سان ظاهر ڪرڻو پوندو. اها ڪوشش ڳائيندڙ، پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ڏکي لڳندي، هو جيڪڏهن سخن فهم نہ هوندا تہ بہ ڪين

غير شعوري طور هڪ ڏکيائي محسوس ٿيندي، پر جيڪڏهن هي هيٺ لکيل شعر ڳائبو يا پڙهبو تہ ڏکيائي تہ نهيو بلڪ هڪ خوبصورتي معلوم ٿيندي ۽ لطف ايندو:

اي سڄڻ سهڻا! ڪيل واعدا ڪجئين آخر وفا،
مون قبوليا سر تي آهن روز شب جور و جفا. (نامعلوم)

اهڙا لفظ بہ ٽُڪن جي پڇاڙيءَ ۾، ۽ رديف واري لفظ جي آخر ۾ ڪم آڻڻ نہ گهرجن، جن جي اُچارڻ ۾ هَٻڪ ۽ رنڊڪ ٿئي. مثلا "ڻ"، "ڳ"، "ڃ" وغيره.

هر ڪافي ڪنهن نہ ڪنهن ڳائڻ جي طرز تي لکبي آهي. ان طرز جي لحاظ سان بہ تڪون ننڍيون يا وڏيون نہ هئڻ گهرجن، نہ تہ طرز اڻپوري ئي رهندي. اگرچ هوشيار ڳائڻو پنهنجي ڪوشش سان ان عيب کي ڍڪڻ جي ڪندو آهي، تڏهن بہ سمجهڻ وارا سمجهي ويندا. هڪ پيروين جي طرز آهي، جنهن ۾ هيءَ ڪافي ڳائبي آهي

هليا جنگ جوڳي ٿي نروار نانگا،
لتاڙي لنگهيا لڪ لڪيون ۽ لانگها.

هيءَ ڪافي ڪن بين راڳڻين ۾ بہ ڳائي سگهجي ٿي، ان جو بحر "متقارب مثمن سالم" آهي، يعني فعولن فعولن فعولن فعولن. پر جي ساڳئيءَ طرز ۾ هي ٻول، جنهن جو ٽل آهي.

ڪڇڻ ۾ ڪڙائي، مِني آهي ماٺ،
سراپا سجائي، مِني آهي ماٺ.

ڳائبا. جن جو بحر "متقارب مثمن مقصور" ٿيندو ۽ وزن فعولن فعولن فعولن فعول، تہ طرز ۾ ڪوت ٿي پوندي ۽ مٿي ٻڌايل عيب ظاهر ٿي پوندو. ڳائڻو ۽ ٻڌندڙ بہ صحيح لذت حاصل ڪري نہ سگهندو. مٿي موزون ڪافين جا مثال هن ڪري ڏنا ويا آهن، تہ سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي، جو تہ اڄڪلهہ موزون شاعري جو چرچو گهٽو آهي؛ پر غير موزون شاعريءَ ۾ لکيل ڪافين جو بہ ساڳيو ئي مثال آهي.

**ڪافي ۽ گيت:**

"ڪافي ۽ گيت" اهڙيءَ طرح بہ جدا شيون آهن، جيئن چوندا آهن تہ "هرڻ پنهنجي ذات، ڦاڙهو پنهنجي ذات." موسيقيءَ سان ٻنهي جو واسطو آهي، پر ٻنهي ۾ وڏو فرق بہ آهي.

ٻنهي جا گهاڙيٽا جدا، مضمون جدا، لفظ ۽ محاورا جدا ۽ ڳائڻ جون طرزون بہ جدا. گيت (7) پرايو آهي ۽ ڪافي پنهنجي، تنهنڪري ڪافيءَ کي سندس اصلي رنگ ۾ لکڻ گهرجي. افسوس آهي جو اڄڪلهہ اسان جا شاعر، جيڪي نئين مان گيت ۽ ڪافي لکڻ لڳا آهن يا نئينءَ مان شاعريءَ جي دنيا ۾ پير پاتو اٿن، انهن گيت ۽ ڪافيءَ جا مضمون، محاورا، لفظ، جملا ۽ اشارا وغيره هڪ ڪري ڇڏيا آهن. وري اسان جا نوان ڳائڻا، انهن گيت تہ گيت جي ماڳ پر ڪافيءَ کي بہ گيتن جي طرزن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو آهي. هو ويچارا سمجهن ٿا تہ هنن ڪافين کي نين طرزن ۾ آڻي ڪو ڪمال ڪيو آهي، مگر حقيقت ۾ هو ڪافين جي اصلي رنگ کي ميساري وڏي غلطي ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اها ڳالهہ وڌي وئي تہ ڪافيءَ جون صحيح ۽ اصلي طرزون، جيڪي نهايت سهاجهڙيون ۽ نماڻيون آهن، سي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ گم ٿي وينديون. صنعتي نمائش ۾ ڏسبو تہ نين شين سان گڏ پراڻيون شيون بہ رکيل هونديون آهن، جيڪي وڏي ڪوشش ۽ محنت سان آنديون ويون هونديون آهن. قدردان ۽ سمجهو ماڻهو انهن ئي پراڻين شين کي پسند ڪندا آهن. عقل ۽ روح بہ انهن جي ڏسڻ مان خوش ٿيندا آهن. اهي پراڻيون شيون ئي تہ آهن جن جي وسيلي ۽ جن جي مطالعي ڪرڻ بعد ئي ملڪن ۽ قومن جون تهذيبون ۽ تاريخون لکيون وينديون آهن. ڪتبخانو بہ اهوئي بهترين هوندو آهي، جنهن ۾ زياده کان زياده پراڻا ڪتاب ۽ دستاويز وغيره هوندا آهن.

نرم ۽ هينيان، ڪٿي لئي تيز رکبي تہ ڪٿي آهستي روش اختيار ڪبي، ڪٿي جذبات وارن آوازن کان ڪم وٺبو تہ ڪٿي سوز ۽ گداز وارن ورلاپن کان. مقصد تہ هر مضمون جي معنيٰ ۽ مطلب سان لفظن جي اچارڻ کي استعمال ڪبو، نہ تہ ڳائڻي جي محنت ئي برباد. جنهن ڪافيءَ ۾ محبوب سان صدائن ۽ التجائن جي رنگ ۾ ڳالهائجي ٿو، ان جي آوازن ۾ ليلائڻ ۽ ريجهائڻ جو انداز هئڻ گهرجي؛ جنهن ڪافيءَ ۾ حمد ۽ نعت هجي تہ ان جي ڳائڻ وقت ادب ۽ رعب ۾ رهڻ ڪپي. اهڙيءَ طرح هرهڪ مضمون جي لحاظ سان ڳائڻي جي طبيعت ۾ هڪ اثر پيدا ٿيڻ گهرجي. يعني ڳائڻي تي فرض آهي تہ هو پاڻ ۾ اهي سڀ ڪيفيتون صحيح نموني ۾ پيدا ڪري. ڪلام ۽ راڳ مان اول پاڻ لطف ۽ لذت حاصل ڪري تہ ٻڌندڙ تي پاڻيهي اثر پوندو.

ڳائڻي جو فرض آهي تہ ڳائڻ وقت هو پنهنجي حرڪات ۽ سڪنات جي وسيلي اهي سڀ ڳالهيون ادا ڪري، جيڪي ڪافيءَ ۾ ڏوهيڙن جي مضمون ۾ هجن.(9) ڳائڻي لاءِ هيءَ ڳالهہ بہ لازمي آهي تہ اڳ ۾ ئي ڪچهريءَ ۾ وينل ماڻهن جي طبيعتن کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انهيءَ ئي خيال سان مختلف مضمونن واريون ڪافيون ۽ راڳڻيون ڳائي، جيئن هر شخص ٻڌي خوش ٿئي. هر شخص جي طبيعت ۽ وٽ پنهنجي پنهنجي هوندي آهي. جيڪڏهن ڳائڻي پنهنجي سمجهہ کان ڪم نہ ورتو تہ هو ناڪامياب رهندو.

## ڪافي، راڳ ۽ راڳيندڙ:

ڪافي آهي ئي ڳائڻ لاءِ، نہ لکي رکڻ لاءِ. ڪافيءَ ۽ موسيقي، ٻئي شيون لازم ۽ ملزوم آهن، جيترو سنڌي شاعريءَ جو موسيقيءَ سان تعلق آهي، اوترو ڪنهن ٻئي ملڪ جي شاعري جو موسيقيءَ سان واسطو ڪونہ آهي. ٻين ملڪن ۾ صرف شعر لکيا ويندا آهن ۽ پوءِ موسيقار انهن کي ڳائڻ جي طرزن ۾ وجهندا آهن. هيءُ نڪتو غور طلب آهي تہ اها ڪافي ئي آهي جا نہ رڳو ڳائيندي لکي وڃي ٿي، مگر لکت ۾ اچڻ ڪانپوءِ بہ ان جي مٿان "ڪافي"، راڳڻي ۽ تار لکڻ هميشه کان ضروري سمجهيو ويو آهي. البت اڄوڪي زماني ۾ اڪثر اهو ڪونہ ٿو لکيو وڃي ڇا جي ڪري جو اند ڏند جو دؤر آهي. مگر ڪافين جي سڀني پراڻن قلمي ڪتابن ۾ اينهين لکيل آهي. ٻين سڀني زبانن ۾ نظم، عنوانن سان سا هونءَ ئي لکيا ويندا آهن، ليڪن ڪافيءَ جو اکر اکر، لفظ لفظ، جملو جملو ۽ هرهڪ اُچار موسيقيءَ جي اصول موجب، آواز جي لاهين- چاڙهين جي حساب سان لکيل هوندو آهي. پر افسوس جي ڳالهہ آهي جو موجوده دؤر ۾ ڪافي موسيقيءَ کان بلڪل جدا رکي ويئي آهي. ڪنهن ڳائڻي کي غزل يا ڪو نظم وغيره ڏبو تہ هو بنا دير جي وٺي ياد ڪري هڪ نہ ٻيءَ طرز ۾ ڳائيندو رهندو. پر ڪا نئين گهاڙيٽي واري ڪافي ڪيس ڏبي تہ هو هڪدم پڇندو تہ ڪهڙي طرز، ڪهڙي راڳڻي ۽ ڪهڙي تار ۾ ڳائبي!

## موسيقي:

(1) "موسيقي" سرياني زباني جو لفظ آهي، ان جي معنيٰ آهي راڳ.
(2) "موسيقي" يعني ڳائڻ ۽ وڄائڻ جو علم.
(3) حضرت سليمان جي شاگرد، حڪيم فيثا غورث، موسيقيءَ جي ابتدا ڪئي.
(4) ڪن جو چوڻ آهي تہ حضرت دائود کان موسيقي شروع ٿي.
(5) حقيقت ۾ موسيقي بہ ان وقت وجود ۾ آئي، جڏهن انسان سان گڏ آواز پيدا ٿيو،

باقي موسيقيءَ جا قانون ۽ اصول ڪڏهن نهيا ۽ ڪنهن ٺاهيا، ان جا مختلف زمانا ۽ جدا جدا استاد آهن. ان موضوع تي ڪنهن ٻئي پيري لکبو.

خواجه نظام الدين محبوب الاهيءَ لکيو آهي ته.

"مارا در روزِ ميثاق نداي "الست بر بکم" در آهنگ "پوربي" بگوش رسيده بود، و آن صورت بنوعي مشاهده ميشود که گويا ديروز بوده، بلکه آن روز را، هنموز شب نيامده است"(10).

**موسيقار:**

"موسيقار" جو ٻيو نالو "ققنس" به چيو وڃي ٿو. ان جي معنيٰ فارسي زبان جي لفظن ۾ "مرغ آتش زن" لکيل آهي، يعني باهه لڳائيندڙ پکي. ڪتابن ۾ ان پکيءَ جو قصو تفصيل سان ڏنل آهي. هن زماني ۾ ڳائڻي کي "موسيقار" چون ٿا.

**ڪافي ۽ ساز:**

اڄ کان چاليهه سال کن اڳ ۾ ڪافي فقط يڪتاري، ڍلي (گهاگهر) ڍولڪ تي ڳائي ويندي هئي. پر جيئن هن ملڪ ۾ انگريزن هارمونيم آندو ته اهو به آهستي آهستي ڪافي ڳائيندڙن ڪم آڻڻ شروع ڪيو، ۽ اڄڪلهه اهو ساز ڳائڻا عام طرح استعمال ڪن ٿا ۽ مقبول عام ۽ وڄائڻ ۾ به آسان آهي؛ پر برصغيره جي تقسيم کان اڳ ۾ ئي ريڊيو تي هارمونيم استعمال ڪرڻ بند ڪيو ويو، ۽ اڄ تائين ٻنهي ملڪن جي ريڊيو تي ڪم ڪونه ٿو آندو وڃي. موسيقيءَ جي ماهرن هن ڪري هارمونيم کي ترڪ ڪيو آهي، جو ان جي بلند ۽ مٺن آوازن ۾ ڳائڻو پنهنجي آواز جون خاميون لڪائي سگهي ٿو. اهو هيئن ته هارمونيم ڳائڻي جي هٿ ۾ رهي ٿو. هو جڏهن پنهنجو ڪو غلط آواز محسوس ڪري ٿو ته هڪدم ماٺ ٿو ڪري ۽ اتي هارمونيم جي پويان ڳائڻ جي عادت ٿيو پوي. جڏهن وٽس اتفاق سان اهو ساز موجود نه هوندو آهي، تڏهن ڳائڻ ۾ اهو رنگ پيدا نه ڪري سگهندو اهي، وغيره وغيره. ان هوندي به هارمونيم ايتري قدر ته مقبول ۽ ضروري ساز سمجهيو وڃي ٿو، جو خود ريڊيو تي ڳائڻ وارا وڏا وڏا گويا به پين محفلن ۾ اڪثر هارمونيم استعمال ڪن ٿا. هي ساز هر وقت تيار هوندو آهي، منجهس ملائڻ ۽ آواز سان پوري بيهارڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. ٻيا ساز، جن ۾ تارون ٿين ٿيون، اهي هر ڳائڻو پنهنجي آواز سان ڳائڻ وقت ملائيندو آهي. تانپوري يا ستار جا سُر ملائڻ معمولي ڳالهه نه آهي. يعني هر تار صحيح صحيح پنهنجي پنهنجي سُر تي ملي اچي، اهو وڏو ڪمال آهي. پر اڄڪلهه گهڻو ڪري گويا ستار يا تانپوري جا سُر هارمونيم تي ملائيندا آهن. اها ڪيڏي نه گهٽتائي آهي!

ڪافي ڳائڻ وقت حقيقت ۾ يڪتارو، دلو يا ڍولڪ ڪافي ساز آهن. گهڻن سازن هوندي گوڙ ٿئي ٿو ۽ دماغ انهيءَ رنگينيءَ ڏي توجهه ڏئي ٿو ۽ دل، سُر ۽ ڪافيءَ جي مضمون مان اهڙ سُرور- جيڪو ملڻ گهرجي- حاصل ڪري نه سگهندي.

هن زماني ۾ ڪافيءَ جا ڳائڻا ٻن قسمن جا ملندا: هڪڙا اهي، جي راڳداريءَ جا چڱا ڄاڻو آهن. ۽ ٻيا معمولي ڳائيندڙ، اهي هارمونيم تي ڳائيندي پاڻ چڱي لئي پيدا ڪندا آهن، پر جيڪي فقط لِسي ڪافي ڳائين ٿا ۽ جيڪي ٽئي درجي جا ڳائڻا ليکڪن ٿا، انهن لاءِ يڪتارو، دِلو، ڪڙتالون ۽ ڍولڪ ڪافي آهن. ڪافي ٻُڌي روحاني لذت حاصل ڪرڻي هجي ته لِسي ڪافي ڳائڻ وارن کان سادن سازن تي ٻُڌجي. البت هيترو خيال رکجي ته ڳائڻو سريلو هجي. ان باري ۾ هڪڙو مثال پيش ڪبو:

هڪ بند ڪوٺيءَ جي چئني ڪنڊن ۾ هڪ هڪ تانپورو، هڪ ئي سُر تي پورو ملايل رکجي. ڪوٺيءَ جا دروازا بند رکجن ۽ ٻيو ڪوبہ آواز ڪوٺيءَ ۾ اندر نہ هجي ۽ نہ ٻاهران اچي. هرهڪ تانپوري وٽ هڪ ماڻهو ويهاري، هڪ ٻئي تانپوري (پنجين) کي وچ ڪوٺيءَ ۾ رکي ڇيڙجي تہ سڀئي تانپورا آواز ڏيڻ لڳندا. پر شرط هي آهي تہ اهو پنجون تانپورو بہ ٻين چئن تانپورن سان پورو پورو. مِلايل هجي. ساڳيءَ طرح "ڪافي" ٻُڌڻ وقت بہ سيني وينلن کي هڪ ڪُنُو تي ويهڻ گهرجي، ۽ محفل ۾ نہ ٻيو ڳالهاءُ هئڻ کپي، ۽ نہ وري ٻاهريون گوڙ ئي اندر اچي، نہ وري ڳائڻي سان ڪو گهڻا ۽ گوڙ ڪرڻ وارا ساز ئي هجن. جي ڪٿي ڪجهہ ساز هجن، تڏهن بہ آهستي وڄارائجن. ڪافيءَ ۾ جذبات، واقعات ۽ حالات وغيره سمايل هوندا آهن، تنهن ڪري يڪسوئيءَ ۽ يڪتائيءَ ۾ ئي انهن جي ٻُڌڻ مان لطف وٺي سگهبو. گهڻن سازن جي گوڙ ۾ دماغ ۽ ذهن تماشي ۾ لڳي ويندا ۽ دل جي دنيا ۾ بيگانگي پيدا ٿي پوندي ۽ سُرور وٺي نہ سگهبو. ڇو تہ روحاني لذتن سان نفساني تقاضائون ٽڪربيون رهنديون تہ غير شعوري طرح هڪ بيچيني ۽ بي آرامي حواسن ۾ وچڙڻ لڳندي.

## حوالا

(1) غزل کي برو نٿو سمجهيو وڃي، بلڪ غزل تہ منهنجي پسند جي هڪ صنف آهي، ۽ موزون شاعريءَ ۾ آءٌ خود غزل لکندڙ آهيان، پر هت مقصد آهي غزل ۾ عام طرح سان فحش ۽ مضمونن بيان ڪرڻ بابت حقيقت ڏيڻ.

(2) رسالو "مهراڻ"، سن 1944.

(3) هي لفظ "ڪف" مان نڪتل آهي، تنهن ڪري "استڪف" هئڻ گهرجي. هونءَ بہ "استڪفوا" ۾ "و" ۽ "ا" ضمير غائب جمع جي نشاني آهي، تنهن ڪري ان جي معنيٰ ٿيندي هنن خيرات ورتي. خيرات گهرڻ لاءِ هٿ ڊگهيڙيو ۽ فقيرن هٿ جي ترِيءَ تي پئسا ورتا. المنجد، لسان العرب ابن المنظور.

(4) آخوند صاحب پنهنجي لکت جي سند ۾ ڪتاب "تسهيل العربيہ" جو نالو ڏنو آهي. هي ڪتاب "مطبع الله بخش قاديان" ۾ ڇپيو.

(5) "مطلع"- هي لفظ عربيءَ جي فعل "أطلع" منجهان نڪتل آهي. "أطلع" معنيٰ آهي اُڀرڻ جي جاءِ ظاهر ٿيڻ جي جاءِ، "مطلع" عام اصطلاح ۾ غزل، قصيدي ۽ نظم جي پهرين ٻنهي مصرعن يا پهرين بند کي چوندا آهن، جن ۾ قافيا ۽ رديف هجن يا فقط قافيائي هجن. مثلاً:

منهنجي آهِ نارسا ۾ جي ذرو اثر هجي ها،
هو رهي ها مون سان گڏجي يا تہ دربدر هجي ها.
ڪياسون ورهہ وارن جا وري آباد ميخانا،
پياسن کي پياري پرت جا پُرڪيف پيمانا.

(6) "مَقطَع"- عربيءَ جي فعل "قطعَ" منجهان نڪتل آهي، معنيٰ آهي وڍڻ جي جاءِ ۽ ڪنهن شئي جي پوري ٿيڻ جو هنڌ. عام اصطلاح ۾ غزل قصدي وغيره جي آخري شعر يا بند کي مقطع شاعر جو نالو يا تخلص هجي. غزل جي مقطع ۾ باقاعدي نالو يا تخلص وجهڻ جو دستور خواجہ فريدالدين عطار (وفات اندازاً 627هہ) قائم ڪيو. "لٽرري هسٽري آف پرشيا"- جلد 2. اي، جي. براڻون

(7) اسان وٽ گيت فقط اهي آهن، جن کي سنڌ جي جدا جدا پاڳن ۾ ٿوري ڦير گهير سان هِن هِن نالن ۾ سڏيو ٿو وڃي. مثلاً: گيت، ڳيچ، ڳاچ ۽ ڳيو، اهي گيت عورتون ئي ڳائينديون آهن؛ جيڪي شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي ڳايا ويندا آهن. مثال طور ٻه گيت هيٺ ڏجن ٿا:

وراڻي: جي مليا مارو لٽو پولو- جي مليا سانگي لٽو پولو،
وٺا مينهن، لڳيون موڪون، مارن ملڻ لئہ منهنجي دل ماندي.
بينسر جوڙائي ڏي تون جڙيا بنرا!
مليا مارو لٽو پولو.
جهالر جوڙائي ڏي تون بنيا بنرا!
مليا مارو لٽو پولو.
ڪاٺئون آنديئي، ڙي ادل! ڪونج ولر واري،
ڪونج ولر واري، ماءُ پيءُ جي پياري.
بينسر ادل جي مان لاڙئون آٺيان،
ڪاٺئون آنديئي، ڙي ادل! ڪونج ولر واري.
دهري ادل جي مان لاڙئون آٺيان،
ڪاٺئون آنديئي ڙي ادل! ڪونج ولر واري.
ٻانهين ادل جي مان لاڙئون آٺيان
ڪاٺئون آنديئي، ڙي ادل! ڪونج ولر واري.

(8) تصوف متعلق ڪيئي مختلف رايا آهن، مگر اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ نہ اهو لفظ يوناني پيداوار آهي ۽ نہ وري خود صوفين جي قول موجب "اهلِ الصفا" مان نڪتل آهي، پر حقيقت ۾ اهو لفظ عربيءَ جي "صرف" يعني "اُن" مان نڪتل آهي، ۽ صوفيءَ کي ايراني زبان ۾ "پشمينہ پوش" بہ سڏيندا آهن. اُن جا ڪپڙا نبي ڪريم ﷺ جي پيدا ڪيل سادگيءَ جو نتيجو آهن. بعد ۾ جڏهن عيش عشرت وڌندو ويو، تڏهن انهن بزرگن کي "صوفي" سڏيو ويو، جن حضور جن جي سنت جي پيروي ڪندي سادا ڪپڙا پاتا. تصوف کي اهو علم چئجي، جنهن ۾ صوفين جي زندگيءَ جي طريقي جي خبرچار هجي.

(9) سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڳاٽا چڱي انداز ۾ ملي سگهندا، جن مان سيد قاسم علي شاهہ لاڙائي ۽ عثمان ڪڇي جا نالا خاص طور تي قابل ذڪر آهن.

يعني اسان ميثاق جي ڏينهن "الست بربڪم" جو آواز پوربي راڳ ۾ ٻڌو، ۽ اهو واقعو اهڙيءَ طرح تہ اڪين آڏو پيو ڦري، جو ڪڻ ڪالهوڪو ڏينهن آهي، يا اينهين ڪٿي چئجي تہ اجوڪو واقعو آهي.

(هماري موسيقي ص-1)

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 3-1969/4ع

# چوند شاعري/ کلام

آءٌ پهريون شاعر آهيان، جنهن شروع کان ئي
پنهنجو ڪلام تاريخ وار لکيو آهي ۽ ڪتابن ۾ به ڪلام تاريخ وار رکڻ جي
ڪوشش ڪئي آهي. انهي طريقي مان خبر پوي ٿي ته شاعر جي خيالن
۽ تصورن ڪيئن ڪيئن ڪم ڪيو آهي. هن ڪتاب جي ترتيب به
تاريخ وار پيش ڪيل آهي ته جيئن خيالن ۾ وڇوٽ نه پوي.

سنڌي شاعري

جيڪا ريختي، يعني عورت جي زبان ۾ شاعري ڪئي آهي، ان ۾ آمرن،
ظالمن ۽ زور آورن وغيره وغيره کي اهڙي طرح ته ڀڃاين اشارن ۾ خوب
سمجهايو ويو آهي جيئن ڪو ڀڄڻ بت پاڻ آهي ۽ رومال ۾ ويڙهي ڇڙن کي
اهڙو ته پنهنجو ڪيو آهي جو قيامت قائم رهندو. هن حقير جي ريختي ۾
اهو رنگ ڪجهه حد تائين سمايل آهي. حقيقت ۾ ريختي جي فن جو شهنشاهه
۽ سلطان شاهه لطيفؒ آهي.

پنهنجي شي هر ڪنهن کي وڻندي آهي. مون کي به
پنهنجا اکر وڻندا هئا. تنهنڪري هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي،
پنهنجي هٿ اکرن ۾ ڇپايو اٿم. ان سببان هن ڪتاب جي هي به
هڪ خوبي آهي ته حروف ڏسندڙن يا ڪاتب جي حرف ته ايندو بلڪ
هر عيب ۽ صواب مصنف کان ئي سمجهيو ويندو. اهائي ڳالهه آهي ته
مون ڪتابت رکرڻ وارا پنهنجا اکر به پسند ڪندا.

طالب المولیٰ
۱۵ شوال ۱۴۰۷ھ
۱۲ جون ۱۹۸۷ع
جمع

طالب المولیٰ

## هادي آهي هڪڙو

تڏهن به هڪ الله هو جڏهن ڪجهه نه هو
جڏهن هوندو ڪين ڪي تڏهن به سو ئي سو
"وحدهٗ لاشريڪ له" ثاني سندس نه ڪو
صحيح آهي سمجهيو طالبؔا مولا تو
اُهو ئي اُهو هادي آهي هڪڙو

٩-١٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

*

اڄ به اهو ئي آهه جيڪو هئو اڳ
هئڻ رڳو هُن جو جلوو آهي جڳ
قرب ۾ ڪلتارَ جي مانجهي ٿيجئين مڳ
طالب مولا مرد ٿي وٺ داور وارو ڏڳ
نه ليندين ساڳيو سڳ جي پاسي ڪندين پاڻ کي

٩-١٢-١٩٥٥ع
حيدرآباد

*

هادي سو حڪيم سو مالڪ سو مختار
رازق سو رحيم سو جابر سو جبّار
اڳ به سو پوءِ به سو ازّين جو آڌار
"اَللّٰہُ الغَنِيُّ وَ اَنتُمُ الفُقَرَآءُ" سو ئي سو سردار
طالب مولا مرد ٿي ڪر وحدت جو واپار
قادر سو ڪلتارَ قائم دائم ڪل تي

١٠-١٢-١٩٥٥ع
ميرپورخاص

*

بقا هڪ الله کي ٻيو سڀ فنا
هستي فقط هُن جي انسان سندس ادا
هو جبّار جلّ جلاله جائي جلوه نما
اِنَّ الله عَلٰي كُلِّ شَيءٍ قديرُ صفت سندس سدا
سيئي سطوت ان جا گولا ۽ گدا
اڳيان ان جي ڪا ڪانهي طاقت ڪنهن جي

١٥-١٢-١٩٥٥ع
ڪرم نظاماڻي

*

الله ثي الله — پيو سنڀران ڪين ڪي
ڪن ۾ ٻانگي ٻانگ سان — ڪيو آواز اِلاّالله
ماڏر مون معصوم کي — چيو لوليَ ۾ الله
ڪونهي ٻيو ڪريم ري — هو شاهن سندو شاهه
آهي ان جي امر ۾ — سفيد ۽ سياهه
هادي سو همراهه — هردم آهي هڪل ۾

٢٦-١٢-١٩٥٥ع
ڪرچات

*

ساراهجي سچو ڌڻي — قدرت جنهن جي قديم
"ڪل شيءِ محيط" سو — حاذق اهو حڪيم
قائم ذات قدير جي — آهي پاڻ عليم
قادر اهو ڪريم — قائم ڪائنات ۾

٢٨-١٢-١٩٥٥ع
ڪرچات

*

صفتون سَوَ هزار — ذات آهي هڪڙي
ڪار فرما ڪريم ٿيو — انسان سڀ اوزار
هلايو حڪمت سان — قدرت کي ڪلتار
ڪاني قرب انهي سندو — ٻي محبت ئي مردار
طالب مولا مرد ٿي — ڪر نوڙت ساڻ نهار
ڏس عبرت جا آثار — حسن قبح ۾ هڪڙا

١-١-١٩٥٦ع
هالا

*

دوا اهو دارو اهو — طاقت اهو طبيب
طالب مولا تنهنجو — حاذق اهو حبيب
قادر آهي قريب — پر ڏسڻ کان ڏور ٿيو

١-١-١٩٥٦ع
هالا

# مالڪ جي مختاري

ٿل: مالڪ جي مختاري وي ٻيو نہ سُجهي ٿو ساري سر ۾
١. سوئي هادي، سوئي رهبر سنديس ئي سرداري وي
اوّل، آخر ظاهر باطن بيشڪ آهي باري وي
ان جي قدرت شَجَر حَجَر ۾

*

ٽل: منهنجو محمّد مير-مولا ڇاتي - سرسو آهي سڀ صورت سان
۱. آهي قسم ڪائنات ۾ ڪونهي نرمل جو ڪو نظير
۲. شمس اڳيانئس ٿو شرمائي توڙي ماه مُنير
۳. عامل، ڪامل عرب، عجم ۾ ڪل ڪان قريشي ڪبير
۴. آهي فقير فقيرن ۾ ئي پيرن جو خود پير
۵. ڪاڻ بشر جي قادر ڪيڙو بيشڪ سو ئي بشير
۶. طالبُ مولا ننڍڙي ڪان ئي عشق سندس جو اسير

۲۹-۹-۱۹۵۶ع
حيدرآباد

*

ٽل: حضرت پاڻ حَسينُ-صَلَواعَلي - مورهئون انهي جو ڪو مَٽُ ناهي
۱. ڪُل ڪان قرارو اُمي، عربي جوڙ نہ جنهن جا شرقي، غربي
عالم جو سو امين
۲. منهنجو محب مليح جو آهي سڀ سهڻن ڪان صبيح سو آهي
آهي حق اليقين
۳. عالم جو اڳواڻ سو ٻيڙو قادر ان ڪي آهي ڪيڙو
سڀ جا صدر نشين
۴. طالبُ مولا پنهنجو سوالي ڪين ڇڏيائين هرگز خالي
مون جهڙو مسڪين

۳۱-۱-۱۹۵۷ع
هالا

ٽل: اڇي عشق اندر ۾ سمايو جنهن وَهم وجودي وڃايو
۱. ذات صفت جي سُڌ سمجهائِي برهہ بهادُرَ بات ٻڌائِي
اتي رمزن رنگ رچايو
۲. "وَ فِي اَنْفُسِكُم" وارو اشارو "وَنحن اقرب" ناز نيارو
مڇي محبّت مچ مچايو
۳. ڪک پن ۾ ڪيو ذات ظُهورو پُرجهي. اهو جو پرت ۾ پورو
هي ساقيَ سِرُ سمجهايو
۴. عبد، احد ۾ پردا حجابي نازڪ آهن ناز نقابي
آهي فائق فَن فرمايو
۵. طالب مولا حسن حقيقت مرد ٿي ماڻج ماڳ معرفت
هي هاديَ حڪم هلايو

۱۵-۳-۱۹۵۷ع
هال

٠٧ روز چمان، چشمن تي چايان لائق سمجهي لبن سان لايان
پريَن جا پيزار
٠٨ ڳڌ گذارڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ طالب مولا رُسڻ ۽ پرچڻ
محبّت جا معيار

١٣-٧-١٩٥٥ع
حيدرآباد ۾ هالن جي
وچ ۾ لکي وئي

*

ٿل: گهٽو آهن گهٽ تو کان سڀ گل ڦل!
ساري ملڪ ۾ تنهنجي حسن جا هُل

٠١ ڪنئين خود کي خوب سينگارن ٽيون!
مَلي مهٽي پاڻ کي مارنَ ٽيون!
توڙي هر هر پَاڻ سنوارن ٽيون
نٽيون تو سان پڄن ڪري تنهَنجي اهل

٠٢ منهنجا جاني، مٺا، قربدار ڪنا!
تو کي مولا حسن هزار ڏنا
تون سهڻو آهين سينگار بنا
تنهنجي حسب نسب ۾ ناهي اَل

٠٣ تون پاٺي اچي ٿو پيار ڪرين
مِٺڙن جي مٺا! وارو وار ڪرين
ڪنئين مون سان عجيبا تو آر ڪرين
اِهي مٺڙا پلي ڪر آر انگلَ

٠٤ منهنجو توڏي اچڻ، تنهنجو ڪوڙو رسڻ
منهنجي منٿ ڪرڻ، تنهنجو منهڙو مٽڻ
منهنجو پيار ڏيڻ، تنهنجو پرچي پوڻ
ڏاڍي مرڪي ملڻ جي اٿئي انڪل

٠٥ مون کي پنهنجو بنائيءِ حبيبُ پرين!
ڪيو قرب ڏئي تو قريبُ پرين!
منهنجو بخت پلو ۽ نصيبُ پرين
منهنجي درد جا تو. وٽ سڀ درمل!

٠٦ تنهنجو .طالب نرمل! نماڻو آهيان
تہ بہ تنهنجو آهيان جي اياڻو آهيان
تنهنجي ڍٽ جو رمز ۾ راڻو آهيان
منهنجي ڪاڪ جي آهين تون مومل

١٦-٣-١٩٦٦ع
ڍاڪا

*

ٿلُ: تنهنجو دنيا ۾ محبوبا نه مٽ
پلي پائي اچي ڪو ڪلنگي چٽ

٠١ ڪٿي هار سينگار هزارين ڪن
وري ناز انداز سان سامهون اچن
تنهنجو هوندس مان پلي مون لئي سڪن
ڪنهن کي طاقت جو ڪري مون سان ترڪٽا

٠٢ زر زيور سان نٿو حسن وڌي
لکي هوندي لباس به ڪجهه نه ٿئي
اِها ذات خدائي جنهن کي ملي
هڪ تون آهين جنهن جو ناهي مٽ سٽ

٠٣ هٿ ڪونهي خوشامد جو ڪو سبب
هن ڳالهه کي چاڻي هڪڙو رب
تنهنجو اعليٰ آهي حسب نسب
تون تاجيَ پيٽي آهين پٽ

٠٤ پرين! پاڻ سان تو پابست ڪيو
اهو سودو دست بدست ڪيو
محبت ۾ منا! ڏاڍو مست ڪيو
مون کي پيار جو پياري پٽ تي پٽ

٠٥ ڪنهن کي طالب مولا ڪجهه نه مڃي
پلي ڪير اڏامندو چو نه اچي!
ڪٿي اک به انهي ڏي ڪين ڏسي
رڳو تو وٽ آهي چريو چرڪٽ

۵-۴-١٩٦٦ع
ڪالا باغ

ٿلُ: تون چا هئين، چا مان چا ٿي وئين
جڏهن تنهنجو ٿيس ته جدا ٿي وئين

٠١ هيَ ڳالهه سڄڻ! تون ٻڌاءِ ته ڪا
ڪهڙو ڏوهه ڪيوم ۽ آهي چا!
مون کان ڪهڙي پلا ٿي اربعا خطا!
جو بلڪل بي پروا ٿي وئين

٠٢ مون کي منهنجي نينهن نهوڙي ڇڏيو
مون کي منهنجي ورهه وکوڙي ڇڏيو
مون کي منهنجي عشق الوڙي ڇڏيو
مون کي گهرجي دوا تون دعا ٿي وئين

۲. تنهنجي پاڪ پرين! پيشاني، آهي نرمل! نورَ نشاني
سجَ چنڊُ لڳي حيراني! ناهي تنهنجي ثرّيا ثاني
ٿيا تنهنجا مٽ نہ شاني، ڪر اچڻ سندي احساني
وٽ محب مٺا! مهماني، اچ اڱڻ مٿي دل جاني!
تنهنجي محبّت دلڙي ماري

۳. تنهنجون اکڙيون ٿيون ميخانا، يا پُر ٿيل پيمانا
يا محبا! ٿيون مستانا، ڪن درد وارا ديوانا
اُتي جُنگ پرن تا جانا، تون شمع ٿيا پروانا
تنهنجا شوق آهن شاهانا، هي راز ٿيا رندانا
تنهنجي اڳتئون توبه زاري

۴. تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز رئان ڪري ريهون
ڏنيون پرت پيارل! پيهون، ويون وَرهن گذري ويهون
ٿي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لڳن ۾ ليهون
تنهنجي فڪر سُڪايون ڦيهون، اچ برھ ۾ گڏجي ٻيهون
ڪئي گوندر آ گلزاري

۵. محبوب! ڦٽا ڪر ماٺا، هيَ رمز سڪئين ڪيئن راٺا!
تنهنجي گهور گهمايا گهاٺا، نٽا مورهئون وٺن وهاٺا
تنهنجي صدمن ڪيا سَنڌَ ساٺا، اچي پرت پڄائج پاٺا
وجهان ٽپڙا روز ۽ ناٺا، تنهنجا سور آهن سيباٺا
تنهنجي تات، طلب ۽ تاري

٦. اچ وعدا پرت جا پاڙيون، هڪ ٿئي سان سور سلهاڙيون
دل، دل ڏي لالڻ! لاڙيون، تا سور وڃن سنڌ ساڙيون
ٿيو چيتو آهہ چيهاڙيون، دل درد وڃن ڏونڏاڙيون
اچ وِرهہ وسايون واڙيون، تنهنجي درجون مَٽ نہ ماڙيون
ڪر سهڻا يارا! ستّاري

۷. تنهنجو طالب مولا آهي، ٿئي ساڻ پلا ٿيو چاهي!
رس تنهن کي قرب مان ڪاهي، ٿيا لڳ لاڳاپا لاهي
ڇڏ وير ورھہ جي واهي، ڪير سينو توسان ساهي!
اهاَ طاقت ڪنهن کي ناهي، اچ مون وٽ گاهي ماهي
لاءِ برهہ جي يارا! ٻهاري

۸-۱۱-۱۹۵۵ع
هالا

*

ٿل: سڪندي سال ٿيا ٿينديس نيٺ چري
ٿينديس نيٺ چري ويندس مفت مري

١. دلڙي لڙي وري ويئين وساري
تارا تڪي پيا توڏي نهاري
ڳڻتن منجهه ڳري ويندس مفت مري

٢. قرب جا ڪوڙين ڪانگ اُڏايم
آب اکن مان ويهي وهايم
دلڙي درد پري ويندس مفت مري

٣. پيارا پرين! مون کي هئن نہ وسارين ها
ڪاتہ گهڙي مون سان گڏجي گذارين ها
لڳڙي ذوق ذري ويندس مفت مري

٤. دلڙي ڏئي مون درد پرايو
توکي پيارا! ترس نہ آيو
ٿيڙي ڳالهہ ڳري ويندس مفت مري

٥. طالب مولا ڪان نہ پري ٿي
منهنجي تہ توريَ ڪانہ سري ٿي
تنهنجي ڪيئن سري! ويندس مفت مري

١٩٦٢ع

*

ٿل: ڪري قرب اچڻ، وري موٽي وڃڻ
اها رسم رکڻ، اختيار نہ ڪر
هڪ پيرو ملڻ، چني ناتو ڇڏڻ
مهٽا منهن تي ڏيڻ، اختيار نہ ڪر

١. ويا وَرهہ وري، آئين ڪونہ وري
دل درد پري، ڳڻتين ۾ ڳري
ٿي نيٺ چري، منهنجي ڪانہ سري
هيئن مُنهڙو مٽڻ، اختيار نہ ڪر

٢. تنهنجي اک جي اٿي، ڏاڍي دل کي وٺي
ڏي قرب ڪٺي، منهنجو آهين ڏٺي
تنهنجي گهرج گهٽي، آهيان هڪڙي ڇٽي
ڏکي ڏار ڪرڻ، اختيار نہ ڪر

٣. آهيان عشق اَري، من تو لئي مري
پنهنجا قرب ڪري، اچ پير پري

ٿي کين پري، منهنجي دلڙي ٺري
رڳو يارا رسڻ، اختيار نه ڪر
۰۴ جوشن ۾ جلي، دل ڪين پلي
اڄ هاڻ هلي، وارث تون ولي
ناهي ٻي ڪا ڳلي، تو چاٽي علي
ڏک ڏاڍا ڏيڻ، اختيار نه ڪر
۰۵ تنهن جو طالب مان محبوبا! آهيان
ڪئن تو سان رسان! در ڪين ڇڏيان
تو توڏي ڏسان، ڇا توکي چوان!
رڳي تُنڪا هڻڻ، اختيار نه ڪر

۲۱-۱۲-۱۹۵۷ع
قاسم ٻگهيو

*

ٿل: مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ٻلا
تو کي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
۰۱ تو وٽ ته حجت جي جاءِ نه ڪا
ڇئو ڪنهن سان سليان سور ٻلا!
دردن جي حقيقت ماهه لقا!
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
۰۲ من! عشق ۾ ڇاڇا ٿي گذريو
تو مون کان ڪڏهن ڪجهه ڪونه پڇيو
ريجهين جي رُسين تو ڄاڻي خدا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
۰۳ سڀ ڏک ڏورايا درد ۽ غم
سردار سڄڻ! هي رنج، الم
هڪ پيرو ڇا سو سو پيرا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
۰۴ تنهنجي چڙ ۾ لکين ٿي لطف مٺا!
تنهنجو جور، جفا پڻ مهر وفا
گستاخ ٿي ڏهه ڏورايا
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان!
۰۵ ٻڌ عرض هي طالب مولا جا
اي سهڻن جا سردارا سدا
محبوب مٺا مصرن جهڙا!
توکي نه چوان ٻيو ڪنهن کي چوان

۲۰-۱۰-۱۹۵۵ع
هالا

*

ٿل: منهنجا رُسنا پرين، منهنجا رسنا پرين!
شل سلامت هجين منهنجا رسنا پرين!
۱. تنهنجا جور جفا، منهنجي مهر وفا
جاٽي هڪڙو خدا، منهنجا دلبر مٺا!
تو سان سر ٿو لڳي سهڻا سهڻا پرين!
۲. منهنجا پيارا سجڻ، جيَ جا َجيارا سجڻ!
حال وارا سجڻ، دل جا دارا سجڻ!
رمز ۾ راز ۾ روز رهڻا پرين!
۳. يارا! تون اڄ وري، دلڙي دردن پري
تنهنجي ڪئن وئي سري! ڪر ڪا اڄ دلبري
ڏي دلاسا مٺا قربَ ڪُهڻا پرين!
۴. ڪرڪا نرمل! نظر لهج منهنجي خبر
نينهن ۾ نازوَرا ڏس نہ ڪَسُ ۾ ڪثر
پنهنجي طالب کي تون ڏي نہ مهڻا پرين!

۶-۵-۱۹۵۹ع
حيدرآباد

*

ٿل: اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!
۱. تنهنجي اچڻ جون رکيون اميدون
جيَ کي جياريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!
۲. راتو ڏينهان سڪ ۾ سهڻا!
گهڙيون گهاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!
۳. تو ريَ گهڙيون يار پيارا!
رويو گذاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!
۴. نوري نرمل! نالو تنهنجو
روز اچاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!
۵. طالبُ مولا تنهنجو آهيان
توکي سنڀاريان تنهنجون واٽون نهاريان
يار سجڻ!

۱۷-۴-۱۹۶۰ع
ڳوٺ مريد راڄڙ – ضلعو سانگهڙ

مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

# نعت

السلام اے خالقِ کون و مکان
السلام اے مالکِ ہفت آسماں
السلام اے وارثِ باغِ جناں
السلام اے جانِ جاناں السلام
السلام اے شاہِ شاہاں السلام

السلام اے شافعِ روزِ جزا
السلام اے شافعِ راہِ خدا
السلام اے دافعِ رنج و بلا
السلام اے شاہِ ذیشاں السلام
السلام اے شاہِ شاہاں السلام

السلام اے ناصرِ ہر ناتواں
السلام اے ضامنِ ہر دوجہاں
السلام اے حافظِ پیر و جواں
السلام آقا و نگراں السلام
السلام اے شاہِ شاہاں السلام

السلام اے مظہر رب الجلال
السلام اے خوش لقب فرخندہ فال
السلام اے صاحبِ حسن و جمال
السلام اسرارِ سبحاں السلام
السلام اے شاہِ شاہاں السلام

السلام اے یاورِ درماندگاں
السلام اے ماہرِ امن واماں
السلام اے حامیء بے خانماں
السلام اے ظلِ یزداں السلام
السلام اے شاہِ شاہاں السلام

اظہر کراچی 1980/1-2ء

## امداد حسيني



# قبلہ مخدوم طالب المولىٰ

قبلہ مخدوم طالب المولىٰ
بس رڳو ايترو ٿي عرض آهي
تہ اُنهيءَ رَبَ پاڪ جي ساراهہ
هر بشر لاءِ عين فرض آهي
جنهن نبي ۽ رشي، مُني، اوتار
موڪليا هن جهان فانيءَ ۾
ذات جنهن کي وٽيس ڏي ڏاتار
جنهن سڄي ڪائنات کي جوڙيو
رات جي لاءِ ڏينهن کي ٺاهيو
ڏينهن جي لاءِ رات کي جوڙيو
ڏينهن جي لاءِ چَنڊ سورج جو
رات جي سِينڌ لئہ ستارن کي
سنڌڙي ديس مَٿ سورج جو
مان بہ اُن ديس جو ڪوي آهيان
جو بہ غدار آهہ مان ان جي
سرِ بازار لاڪ ٿو لاهيان
ٻاڪ جي ساک سان چوان ٿو مان
تو پرينءَ کي ڏٺو، اسان توکي
مان ميان ٿو اهو ميان ٿو مان

## محبوب سروري



اڄا غبار غمن جا لٿا ئي ڪونہ آهن،
اڄا تہ زخم جگر جا ڇٽا ئي ڪونہ آهن.
اوهان جي عيد مبارڪ جي مهرباني پر،
اڄا تہ ڳوڙها ڳلن تان سُڪا ئي ڪونہ آهن.
جدا ٿي "طالب المولىٰ" جڏهن کان ويو آهي،
اڄا تہ رنگَ ادب جا رَتا ئي ڪونہ آهن.
اهي مشاعرا ۽ محفلون ويون ڪيڏانهن؟
اڄا تہ ساڳيا ميڙا مَتا ئي ڪونہ آهن.
اچون ٿا عام جي آڏو ڳلن تان لڙڪ اُگهي،
زمانو سمجهي تہ ڄڻ هي رُنائي ڪونہ آهن.
نماز ننڊ کان آهي چڱي، مگر مؤذن؛
اڄا فراق جا ماريل سُتائي ڪونہ آهن.
"فنا بقا" جو پلي درس ڏي، مگر ناصح؛
اوهان کي نينهن جا نيزا لڳائي ڪونہ آهن.
"جهان آهي فنا"، شيخ ٿو ڪري تلقين،
انهي کان جاني ڪڏهن ٿيا جُدا ئي ڪونہ آهن.
جهان ۾ شان جي شوخائي ڪونہ ٿا ڇڏيون،
اندر جا زخم اڃا ڪنهن ڏنائي ڪونہ آهن.
ٻڌايان درد جدائي جا ڪيترا "محبوب"!
لڳائي دل وري ليڪا ڪيا ئي ڪونہ آهن*

## طالب المولىٰ

ٻڌايا ڇا اوهان کي، ڇا ڇوان هو، طالب المولىٰ،
خدا وارو، خدا وارن منجهان هو طالب المولىٰ.

فدائي- سرور هر دوجهان هو طالب المولىٰ،
۽ درويشن ۽ مجذوبن جي جان هو طالب المولىٰ.

وڏو داناءُ سر دلبران هو طالب المولىٰ،
بلاشڪ رازدار عاشقان هو طالب المولىٰ.

غريبن مفلسن تي مهربان هو طالب المولىٰ،
۽ اهل الله جو هڪ رازدان هو طالب المولىٰ.

وڏي صحرا ۾ ڄڻ هڪ گلستان هو طالب المولىٰ،
انڌيري ۾ چراغ ضوفشان هو طالب المولىٰ.

زمين شعر و ادب جو آسمان هو طالب المولىٰ،
اديبن جو امير، ڪاروان هو طالب المولىٰ.

جتي دانشورن جي درميان هو طالب المولىٰ،
اتي چوڏهين جي چنڊ وانگر عيان هو طالب المولىٰ.

وڏو شيرين سخن، جادوءُ بيان هو طالب المولىٰ،
سخنور، نڪتہ سنج ۽ نڪتدان هو طالب المولىٰ.

سياست ۾ شرافت جو نشان هو طالب المولىٰ،
وطن جي لئہ بهار، بي خزان هو طالب المولىٰ.

جماعت "سروري" جو پاسبان هو طالب المولىٰ،
برابر "نوح سرور" جو نشان هو طالب المولىٰ.

وقار- سنڌُ وَ سنڌي زبان هو طالب المولىٰ،
بلاشڪ عظمتِ "هالا نوان" هو طالب المولىٰ.

هو پنهنجي دور جو روح روان هو طالب المولىٰ،
هو خود هڪ دور هو، هڪ داستان هو طالب المولىٰ.

وڏو قربائتو ۽ قدردان هو طالب المولىٰ،
محبت جي چمن جو باغبان هو طالب المولىٰ.

سڀن جو دوست دلبر دل وٽان، هو طالب المولىٰ،
سندم محبوب محسن مهربان هو طالب المولىٰ.

* قبلہ حضرت طالب المولىٰ 11- جنوري 1993ع ۾ وفات ڪئي، انهيءَ جي جدائي بعد ڪنهن دوست پهرين عيد تي عيدمبارڪ ڏني جنهن تي زبان بند ٿي وئي ۽ اکيون اشڪبار ٿي ويون، هي نظم لکيو ويو.



غمزده منصور ویراگی عفی عنہ

# قطعہ تاریخ

## حضرت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولیٰ قریشی وصدیقی

مرگِ طالب درجہاں مشہور شد
مبتلائے رنج و غم منصور شد

در فراقِ محترم "مخدوم" زماں
خاندانِ سروری مہجور شد

شاعرِ "سند" و ادیبِ بے مثال
وائے محرومی زیاراں دور شد

عاشقانِ آستانِ "نولکھی"
درغمِ معشوقِ آں محصور شد

گل شد آں روشن چراغ از امرِ رب
محفلِ یارانِ دل بے نور شد

سالِ رحلت ھاتف "منصور" گفت
طالب بینائے حق مخمور شد

۱۴۱۳ھ

از: عبدالرشيد ’رشيد‘ ايڙو

# نذرانہ عقيدت

## بَحُضور مَرحوم و مَغفور جَنت نَشين

## قِبلہ مَخدوم محمّد زَمان ’طالب المولىٰ‘ رحمة الله عليه

جُدائيءَ ۾ تنهنجي هزارن رنو آ
مُريدن مِٺي مُلڪ وارن رُنو آ
وڇوڙي ۾ يارن پيارن رنو آ
ڄگر جي ٽڪر نيڻ ڻارن رنو آ

سياري ورايو اُتر واءُ اهڙو
جهڙپ ساڻ جهٽ پٽ جُهونجهارن رنو آ
ڏنيون اوڇنگارون جئن لختِ جگر پڻ
وڏن سان صغيرن ۽ ٻارن رنو آ.

سڄي ’نوح نگري‘ وَئي ماتم ڪُده ٿي
هتي جي حسينُ تر نظارن رنو آ.
ضعيفن نحيفن نماڻن سان گڏ ڪئين
سٺي صحت وارن سَگهارن رنو آ.

وفادار ڪئين ’نَوَ لِکي‘ جا مُقرب
ڪُٺل قُرب ۾ قربدارن رنو آ.
پرهَ ويل شبنم گُلن تي ڏسڻ سان
لڳو پي تہ ڪو رات تارن رنو آ.

محبت جي مسجد ۾ محشر مچي ويو
جو محراب و منبر مُنارن رنو آ.
سهارو هو ’سائين‘ سوين سالڪن جو
تنين بيوسن بي سهارن رنو آ.

فقيرن ذڪر ڪيو ٿي شام و سحر هِت
ڪري قلب قابو قرارن رنو آ.
رڳو لاڙ وارن نہ هئا لُڙڪ لاڙيا
سڄي سنڌ ٿر بَر سنگهارن رنو آ.

هُيا جيڪي طالب جا طالب حقيقي
سهي سُور سِر تي سڄارن رنو آ.
ادبَ جي جهان ۾ سندس شاعري ڪي
ڪري ياد سهسين سنيارن رنو آ.

فراقِ سُخنور سان سائيهہ اندر
سُخن ۽ ادب جي اِدارن رنو آ.
حقيقت پڇو همسفر گر ’رشيد‘
سندم باغِ دِل جي بهارن رنو آ.

(نوٽ: سائين وڏن جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي منعقده محفل مشاعري ۾ پڙهيو ويو)



غلام حسين "مشتاق" سچاروي

# ڪئي علم و ادب جي آبياري طالب المولىٰ

مُحبّت سنڌ سان ڪئي عمر ساري طالب المولىٰ،
ڪري ٿي ياد توکي سنڌ ساري طالب المولىٰ.
ڪيو مانائتو مخدوميت جو مان خدمت سان،
وٺي تنهنجي خدا کي خاڪساري طالب المولىٰ.
سياست کي شرافت سان عبادت جو ڏئي درجو،
سياست جي تو سينڌ آهي سنواري طالب المولىٰ.
ثقافت ٻولي ۽ ڌرتي کي جڻ نئين زندگي بخشي،
لطيفي لاٽ پيهر جيئڻ جياري طالب المولىٰ.
ادارن انجمن بزمن جي رونق جنهن جي دم سان هئي،
ڪئي علم و ادب جي آبياري طالب المولىٰ.
اچي ويا "سنڌي ادبي بورڊ" ۽ "مهراڻ" موجن ۾،
صدارت جي جڏهن تو واڳ واري طالب المولىٰ.
ڪري ٿي ياد "بزمِ طالب المولىٰ، به اڄ توکي،
"جميعت شُعَراء- سنڌ" اُجاري طالب المولىٰ.
ادب شعر و سخن جون محفلون آهن اداس اڄ پڻ،
حياتي جن جي خدمت ۾ گذاري طالب المولىٰ.
هو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن جي حيثيت ۾ هو،
بلاشڪ شخصيت تنهن جي نياري طالب المولىٰ.
سنڌ "اخلاق حسنہ" جي ڪهاڻي اڻ ڪٿڻ واري،
ملي شهرت ۽ عزت ناماري طالب المولىٰ.
وڇوڙو تنهن جو آهي عمر ڀر جو روڳ ٻڏجي ويو،
بهارن ۾ رهي ناهي بهاري طالب المولىٰ.
ڳڻي تنهن جا نہ ڳڻ سگهبا ڳڻڻ ڪان ڳڻ ڳرا آهن،
ٿيو "مشتاق" تنهن جو جڻ مَياري طالب المولىٰ.



## ميرزا فتح علي بيگ ’شاهد‘

# قطعہ تاريخ

دين حق جي لاءِ بس شاياڻ شان، شاڻ حسينؑ
عظمتِ انسانيت جو پاسبان شاڻ حسينؑ

منهب و ملت سندو روح روان شاڻ حسينؑ
تا ابد اسلام جو تاب و توان شاڻ حسينؑ

خود ڪيو هر مرثيہ جي لفظ مان تا يومِ دين
عظمتِ شهدائي دينِ حق عيان شاڻ حسينؑ

هي رثائي شاعري جو بس ذخيرو بي بها
اهلِ ايمان لاءِ آهي جاڻ جان شاڻ حسينؑ

هي **خليق** خوش بيان آهي بحق عبدالحسين
اُن جو هي نذر عقيدت بيگمان شاڻ حسينؑ

مرثيہ خوان شاعر شيرين سخن آهي **جليس**
تنهن ڪيو آهي مرتب اُن هتان شاڻ حسينؑ

مرثيہ گوئي جي ’**شاهد**‘ ويو ڪري، هاتف چيو
شمع روشن **طالب المولىٰ** نشان شاڻ حسينؑ

2005ع

نوٽ: ”شاڻ حسينؑ“ سنڌ جي عظيم شاعر مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ جي مرثين جو بياض آهي، جنهن کي مرحوم جليس جعفري مرتب ڪيو ۽ محترم مخدوم غلام محمد گل سائين‘ المعروف مخدوم خليق الزمان سال 2005ع ۾ شايع ڪرائي منظر عام تي آندو.

## محمد ايوب جوٽيجو

### غزل

مخدوم قربدار هو،
ماڻهو مزيدار هو.

ذات جي ڏيهه ۾،
شاعر شاندار هو.

ادب ۽ اخلاق ۾،
اعليٰ ڪردار هو

محبت سان ملندو هو
سڀ جو هو يار هو

”ايوب“مخدوم لاءِ چا لکي،
دوستن جو دلدار هو.

### غزل

يارن جو يار هو، مخدوم،
محفل جو مهندار هو، مخدوم.

محبتي ماڻهو ڪچهري، جو ڪوڏيو،
مٺو مٺڙار هو مخدوم.

غزل، گيت ۽ چوسٽا لکياتين،
شاعريءَ سان سرشار هو مخدوم.

ادب ۾ اعليٰ مقام آ، ان جو،
ڪندو قوم سان پيار هو، مخدوم.

### غزل

هئو يار مخدوم ويو موڪلائي،
سونهن جو شاعر، سونهن کي ويو ڳائي.

علم ۽ ادب جو هو اٽڪ خزانو،
محبت سان پريل محبت سان ويو ملهائي.

ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ مثل هو مخدوم،
منٽن ۾ پراون کي پنهنجو ڇڏيندو هو بڻائي.



ذوالفقار سيال

# مخدوم طالب الموليٰ- ٽريند سيٽر

مخدوم محمد زمان ”طالب الموليٰ“ سنڌ جو اهو ڀهڳڻو شاعر، ۽ اديب آهي، جيڪو پنهنجي وقت ۽ انداز جو نمائندو رهيو آهي. هر وقت ۽ دور جا پنهنجا موضوع ۽ لهجا هوندا آهن، ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعارہ بہ پنهنجا ئي هوندا آهن، جن جو سنئون سنئون واسطو موضوع سان ٿئي ٿو.

مخدوم ”طالب الموليٰ“ جي شاعريءَ ۾ هڪ خاص ۽ منفرد پهلو اهو بہ آهي جو سندس شاعريءَ ۾ فارسي انداز کان هٽي ڪري بہ، ڪلاسيڪل انداز سمايل آهي.

مخدوم صاحب جي دور ۾ ”ڪافي“ نہ صرف مقبول صنف هئي، پر ان جا موضوع پڻ وسيع ٿيندا هئا، جنهنڪري ڳائڻ واري ان انداز کي هڪ خاص ۽ اهم پذيرائي ملي. ڪافي، جيئن تہ راڳ جو ٺاٺ بہ آهي ۽ شاعري جي صنف بہ، پر مخدوم طالب الموليٰ صاحب ان تي ڪتاب لکي، جيڪا فني، ادبي ۽ موسيقيءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، ان جو ڪو جواب ئي ڪونهي ۽ ڪتاب ”ڪافي“ علم ۽ ادب هڪ مڪمل ۽ ڪامل ريفرنس طور پيش ڪجي ٿو، هونئن بہ هالا ۽ ٽکڙ سنڌي شاعريءَ جون نرسريون رهيون آهن.

مخدوم صاحب جي شاعريءَ جو اهو بہ ڪمال آهي تہ سندس ٻولي عام، سليس پنهنجي ڌرتيءَ جي حوالي سان مڪمل آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”ڇپر ۾ ڇڙيون“ پنهنجي دور جو هڪ اهم باب آهي. جيڪو پنهنجن نظرين، فني رُخن ۾ مڪمل آهي، اهوئي سبب آهي جو مخدوم صاحب کان متاثر ٿي ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ ”سروري لهجو“ اُڀريو. جنهن سنڌي علم ۽ ادب جي آبياري ڪئي. مخدوم صاحب نہ صرف بلند پائي جو شاعر هو، پر پاڻ سٺا نثرنگار بہ هئا، سندس پاران لکيل خاڪن جو ڪتاب ”يادِ رفتگان“ پڻ وڏي اهميت رکي ٿو، ۽ تاريخ ۾ ريفرنس بڪ طور ڪم اچي ٿو.

مخدوم صاحب جو اهو ڪمال آهي تہ پنهنجن وڏڙن جي رنگ ۽ انداز کي قائم رکندي، سندس فرزندن پڻ ان کي قائم رکيو آهي ۽ هينئر ٽئين پيڙهي ان کي اڳتي وڌائي رهي آهي. جيڪا خوش آئينده آهي.

اديبن ۽ شاعرن کي البت هڪ شڪايت ضرور رهي آهي تہ مخدوم طالب الموليٰ سياست (بيوفا محبوبا) کي ايترو گهڻو وقت ڏنو، جو هن جو ادب وارو حصو گهٽجي ويو. پر جيڪڏهن اهو وقت اچا ادب کي ملي ها تہ سندس تشبيهون، ترڪيبون ۽ استعارا نج ۽ عام فهم آهن. ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ موضوعاتي تڪرار رهيو آهي، پر سنڌيءَ ۾ مخدوم سائين، عقل ۽ عشق، اکين ۽ پيرن جو جيڪو تڪرار ڇنيو آهي، ان ۾ علم، فن ۽ ردم ايترو آهي جو اهو فيصلو نٿو ڪري سگهجي ٿو تہ ڪير ڪٽندڙ ۽ ڪير هارائيندڙ آهي. علامہ اقبال وٽ شڪوہ، جواب شڪوہ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، پر مخدوم طالب الموليٰ وٽ عقل ۽ عشق اکيون، پيرن جو، تڪرار جو رنگ ڏاڍو دلچسپ ۽ رنگين آهي. جنهن ۾ هڪ عام ۽ سادي ماڻهوءَ جي سوچ آهي، پر جيڪڏهن اُن کي اچا غور سان ڏٺو وڃي تہ هڪ وڏو فلسفو ۽ علم آهي.

مخدوم ”طالب الموليٰ“ جي شاعريءَ ۾ ايتري تہ رواني ۽ موسيقي آهي جو سندس هر شعر هر

راڳ ۾ ڳائي سگهجي ٿو. سنڌي شاعرن ۾ اهڙي ورائٽي تمام گهٽ شاعرن وٽ آهي.

مخدوم صاحب جو شاعراڻو انداز اهڙو ته دلڪش آهي، جو ان جو اثر انسان جي روح ۾ پيهجي وڃي ٿو ۽ اندر مان احساسن جي هڪ نئين روشني ڦُٽي نڪري ٿي، اجان ڪيترائي خوبصورت تحقيقي ڪتاب ۽ شاعري سان سنڌي ٻولي ۽ ادب مالامال هجي ها.

بهرحال ان ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي رنگ، انگ ۽ انداز جو هڪ منفرد ۽ ٽرينڊ سيٽر شاعر آهي. جنهن نه صرف شاعريءَ ۾ تجربا ڪيا، پر شاعرن لاءِ موقعا ۽ پليٽ فارم به پيدا ڪيا، جنهن ۾ بزمِ طالب المولىٰ ۽ سروري جماعت شامل آهن.

مخدو "طالب المولىٰ" پنهنجي ٻاجهاري شخصيت وانگي سنڌي شاعريءَ جو هڪ مڪمل اڻ مٽ حوالو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپيل نوان ڪتاب








احمد خان آصف مصراڻي

# طالب الموليٰ جو ديوان آءِ مطالع مون ڪيو

سنڌ سڳوريءَ ۾ صدين کان وٺي شاعري جو شغل ۽ شغف، شوق ۽ ذوق جاري ۽ ساري آهي. شاعرن جي به ڪمي ڪانهي، ڏينهون ڏينهن شاعرن جي شمار ۾ اضافو ايندو ٿو رهي، مگر حقيقت هي آهي ته اهڙا شعراءِ ڪرام، جن جا نام ۽ ڪلام مقبول خاص و عوام ٿيا هجن، ۽ جيڪي ”الشعراء تلاميذ الرحمان“ جي زمري ۾ اچي ٿا وڃن، تن جو تعداد بلڪل ٿورو آهي، انهن ٿورن ۾ ”اصحاب دواوين“ شعراءَ ته بنهه ٿورڙا ۽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس ٿا ملن.

چو ته صاحب ديوان شاعر ٿيڻ ڪا اک جي ماڪي لاهڻي نه آهي. ديوان، جنهن جو جمع دواوين آهي، عربي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ”شعرن جو ڪتاب يا دفتر“ مگر شاعرانه ۽ اديبانه اصطلاح ۾ ديوان انهيءَ خاص ڪتاب کي ڪوٺبو، جنهن ۾ الف بي وار رديفن تي غزليات يا اشعار جي ترتيب ڏنل هجي. هن وقت تائين سنڌي ٻولي ۾ جيڪي دواوين زيور طبع سان آراسته پيراسته ٿي چڪا آهن، سي هي آهن:

1- ديوان گل مصنف خليفو گل محمد هالائي.
2- ديوان آسو مصنف شري آسورام ماستر هالائي.
3- ديوان قاسم مصنف آخوند محمد قاسم هالائي.
4- ديوان انجم مصنف حاجي عبدالرحمان هالائي.
5- ديوان فاضل مصنف فاضل شاهه حيدرآبادي.
6- ديوان خاڪي مصنف شري ليلارام وطن مل حيدرآبادي.
7- ديوان صورت بهار مصنف ديوان صورت سک حيدرآبادي.
8- ديوان واصف مصنف مرحوم محمد بخش واصف حيدرآبادي.
9- ديوان حافظ مصنف مرحوم حافظ حيات شاهه گجراتي ثم حيدرآبادي.
10- ديوان سانگي 2 جلد مصنف مرحوم مير عبدالحسين سانگي حيدرآبادي.
11- ديوان قليچ مصنف مرحوم مرزا قليچ بيگ حيدرآبادي.
12- ديوان حامد يا (ارمغانِ حامد) مصنف حافظ حامد ٽڪڙائي.
13- ديوان احسن مصنف استاد الشعراءِ حافظ محمد احسن دادو.
14- ديوان بلبل مصنف مرحوم شمس الدين بلبل ميهڙ.
15- ديوان نجفي مصنف مرحوم هدايت الله نجفي لاڙڪاڻو.
16- ديوان قادري مصنف مرحوم فقير علي محمد قادري لاڙڪاڻو.
17- ديوان سام مصنف ا- ا- جٺسنگهاڻي لاڙڪاڻو.
18- ديوان ساغر مصنف مولابخش سانگي لاڙڪاڻو.
19- ديوان اثر مصنف مرحوم مولانا عبدالله اثر لاڙڪاڻو.
20- ديوان مفتون مصنف مرحوم مولانا عبدالغفور همايون سکر.
21- ديوان بيدل مصنف مرحوم فقير بيدل روهڙي.

22- ديوان بيڪس مصنف مرحوم فقير بيڪس روهڙي.
23- ديوان مجروح مصنف مرحوم عزيزالله مجروح سکر.
24- ديوان اظهر مصنف سيد اظهر گيلاني گهوٽڪي.
25- ديوان فدا مصنف مهراڻ خان بجاراڻي جيڪب آباد.
26- ديوان قمر مصنف مولانا رحيم بخش قمر نواب شاهه.
27- ديوان ڪوجهي مصنف مرحوم محمد بخش ڪوجهي روهڙي.
28- ديوان اڪبر مصنف مرحوم قاضي علي اڪبر درازي روهڙي.
29- ديوان حفيظ مصنف قربان علي وارهه.
30- ديوان فراق مصنف فراق ٺٽوي.
31- ديوان تاج، 32- ديوان جتوئي، 33- ديوان اصغر، 34- ديوان ثنائي. اهي منهنجي نظر مان نه گذريا آهن، مگر پراڻين فهرستن ۾ انهن جا نالا درج آهن.
35- ديوان طالب المولي مصنف قبله مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ هالا

دواوين جي مٿين لسٽ تي نظر وجهڻ سان هينيان نڪتا نروار ٿين ٿا:

الف:- پهريون سنڌي ديوان لکڻ جو رواج هالا جي شاعرن کان شروع ٿيو.

ب:- پهريون سنڌي ديوان هالا جي شاعر خليفي گل محمد پاڻ بمبئيءَ ۾ ڇپرايو.

ت:- چوڏهين صدي هجري جو پهريون سنڌي ديوان "ديوان گل" هالا جي شاعر سنڌ کي ڏنو ته پندرهين صدي هجري پهريون غزلن جو ديوان، طالب المولىٰ به هالا جي شاعر قبله طالب المولىٰ سنڌ وارن کي ڏنو.

ث:- شايع ٿيل دواوين مان، پنج ديوان، هالن جي شاعرن کان حاصل ٿيا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هالائي شعراء جو دواوين جوڙڻ ۾ ڪيترو نه هٿ ۽ حصو آهي.

د:- هن وقت تائين شايع ٿيل دواوين ۾ پهريون خواهه پويون، ٻئي ديوان هالائي شاعرن جا آهن.

نوٽ:- ڪليات گدا- مصنف غلام محمد شاهه گدا حيدرآبادي، ڪليات عزيز آنجهاني ليکراج عزيز، ڪليات مسافر- مصنف محمد صديق مسافر ۾ اول اشعار ديوان جي ترتيب تي، الف بي وار رديفن تي ڏنا ويا آهن، بعد ۾ ٻيا اشعار درج ڪري، ڪليات جو نالو ڏنو ويو آهي، ورنه مٿيان شاعر به اصحاب دواوين شعراء ۾ شمار ٿي سگهجن ٿا.

## ديوان طالب المولىٰ:

ديوان طالب المولىٰ تي لکڻ کان اڳ ۾، صاحبِ ديوان، قبله طالب المولىٰ صاحب بابت چند الفاظ لکڻ جي جرئت ڪريان ٿو. سائين طالب المولىٰ همه گير شخصيت جو مالڪ آهي، سندس شخصيت، بابرڪت جا ڪيترائي روشن پهلو آهن، جن تي ڪما حقه روشني وجهڻ منهنجي وس ۾ وت کان ٻاهر آهي، آءٌ فقط اُهي چند ڳالهيون لکندس، جن جو سندس شاعريءَ سان گهٽو، گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي. ڳالهيون لکندس، جن جو سندس شاعريءَ سان گهٽو، گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي.

پاڻ صاحبِ فيض والفتوح، غوث الحق، سرور سائين مخدوم نوحؒ جي درگاهه، فيض- بارگاهه جو سجاده نشين، نو لکي گوڏڙي جو سائين، ۽ نه رڳو سروري جماعت، بلڪ سنڌ ۾ سهسين، سڪايلن جو رهبر، روحاني پيشوا ۽ پير روشن ضمير آهي، جيئن ديوان ۾ فرمائي ٿو:

باوجود ان جي، خاڪسار آهيان،
سر تي دستار سروري آهيان.

طالب المولىٰ، خوددار، مستقل مزاج، اعليٰ سياستدان، ملڪ، ملت ۽ قوم جي اعليٰ ۽ مقتدر هستي آهي. هن عهدي جي ڪرسي کي ڪرسي (بي مزي) ڪري پئي سمجهيو آهي. سندس نظر ۾ ”سياست يعني هر انسان فراموشي جو ٻيو نالو“ آهي. غريب پروري، بنده نوازي، سخاوت ۽ خدمتِ جو هميشه جذبو هوندو اٿس.

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب نہ ڪونهي ڪو.

هو صاحب مخدوميءَ ڪان خدمتِ خلق کي وڏو ۽ مٿانهون سمجهي ٿو.

ڪجھ نہ ڏيندي فائدو افراط زر
تون سخاور مان سخي سردار ٿيءُ.

دولت تي سخاوت کي ترجيح ڏئي ٿو. طالب المولىٰ راڳ رنگ، ساز آواز ۽ موسيقيءَ ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. ڪجھ سال اڳ پاڻ ”ٺوڙي زماني“ ايجاد ڪري، پري محفل ۾ ڳائي ٻڌائي هئائين. موسيقي جا ڪيترا الفاظ اشعار ۾ آندا اٿس مثلاً:

اڄوڪي محفل ۾ ذڪر مولا ٿا عيب سمجھن جهان وارا
انهن جي مجلس جو زيب زينت، خيال، نمري، ٽپہ، ترانا.

خيال، نمري، ٽپہ، ترانا موسيقي جا الفاظ ڪهڙي ناقدانہ ۽ ناصحانہ نموني ۾ بيان ڪيا ويا آهن.
شڪار سان بہ دل وندرائيندو آهي، شعر ۾ شڪارانہ الفاظ بہ عجيب نموني ڪم آڻي ٿو:

مرغ- دل واسطي پريشان زلف
دام، ڦاهي، دوال چا چئجي.

طالب المولىٰ، سنڌي ٻولي ۽ ان جي ادب جو عاشق شيدائي، محافظ عظيم الشان عالم، فاضل ۽ اديب آهي. منهنجي هن دعويٰ جو دليل، سندس اُهي تصنيفون ۽ تاليفون آهن، جن جو ذڪر، ديوان طالب المولىٰ ۾ محترم انور هالائي ڪيو آهي. اجا بہ هڪ ڪتاب ”مثنوي عقل و عشق“ جو ذڪر نہ ڪيو اٿس. ان کانسواءِ تازو، طالب المولىٰ جي تازي مثنوي ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ“ بہ شايع ٿي آهي. ”سنڌي مخففات“ متعلق سندس ڪتاب بہ جلد شايع ٿيڻ وارو آهي.

طالب المولىٰ متعلق باقي هڪ ڳالهہ لکندس، اُها هيءَ تہ، پاڻ پشتان پشت شاعر آهن. سندس عالي نسب جو سلسلو، غارِ يار، خليفي اول حضرت ابوبڪر صديق ﷺ سان وڃي ٿو ملي. حضرت صديق اڪبرؓ خود عربي زبان جو مجيل شاعر هو.

خذبا طفک يا الاهي من اله زاد قليل
اين موسيٰ اين عيسيٰ اين يحيٰ اين نوحؑ
انت يا ”صديق“ عاص اتب اليٰ لموالجليل.

سڄي سنڌ ۾ وڏي سڪ سان پڙهي ويندي آهي. انهيءَ دعا جا سنڌي نظم خواهہ نثر ۾ ڪن شاعرن ترجما بہ ڪيا آهن. تازو محترم منصور ويراڳي هالائي جو نظمي ترجمو هڪ ڪتاب ۾ شايع ٿيو آهي. آءٌ اڄوڪي محفل جو فائدو وٺندي، سروري پبليڪيشن جي سرواڻ سائين عاطف صاحب کي سڪ سان صدا هڻان ٿو تہ دعا صبوحي جو متن ۽ ترجمو پبليڪيشن طرفان شايع ڪرائين. سنڌ ۾ سنڌن وڏي ڏاڏي سرور سائين غوث الحق مخدوم نوحؒ جي شاندار شاعري مان ڪجھ ابيات هٿ آيا آهن. هڪ بيت ٻڌو:

متان ڏسي موهجين، دنيا وارو ڏچ
جدا ڪجئين جوڏئون، ڇائي ڪي ٿي ڇچ

ترڪيب آوازن جي خيال کان غلط آهي.

طالب الموليٰ جن حرفن وڌائڻ لاءِ گهر ڪئي آهي، اُها بلڪل واجبي ۽ ضروري آهي. اڳ ۾ به اهڙي قسم جا بحث مباحثا ٿيا آهن، حروف وڌائڻ لاءِ ڪجهه اعتراض هن ريت ڪيا ويندا هئا.

الف:- سنڌي الف ب ۾ اڳ ۾ ئي 52 حروف آهن، وري لکڻ وقت هر حرف جون ٽي صورتون، مُنڍ، وچ ۽ پڇاڙي ٿين ٿيون، يعني ته 150 کن حرف ٿي وڃن ٿا، جن کي لکڻ، پڙهڻ لاءِ خاص ڪري معصوم شاگردن کي وڏي تڪليف ڪرڻي پوي ٿي، جيڪڏهن اڃا به حروف وڌائبا ته انهن تي وڌيڪ بوجو پوندو. ٽائيپ به نئين سر ٺهرائڻي پوندي.

ب:- هن وقت پرائمري اسڪولن مان الف ب ۽ هجي وارو پڙهائڻ جو طريقو ختم ڪيو ويو آهي، سڌوسنئون لفظ سيکاريا وڃن ٿا، انڪري هن وقت الف بي جي پٽيءَ جي ضرورت ئي نه رهي آهي.

ٿ:- جيڪڏهن مٿيان اکر لهه نهه ٺهه وغيره داخل ڪيا وڃن، ته پوءِ ت ۽ ڊ جنهن جو آواز ٽر ۽ ڊر به هوندو آهي. اهي ٻئي حرف ٽ ٽر ڊ ڊر به شمار ڪيا وڃن. انهن ۽ اهڙن دليلن کي وزن ڏيئي ڪجهه سال اڳ سنڌي پهرئين ڪتاب مان الف ب پٽي ختم ڪئي ويئي هئي، مگر هاڻي وري ڏني ويئي. اعتراض ڪهڙا به هجن پر علمي نڪتو اهو آهي، ته اهي حرف جڏهن ته ديسي خواه بين ڪتابن ۾ ڪم اچن ٿا، تنهنڪري آءٌ به طالب الموليٰ صاحب ۽ انور هالائي صاحب جي راءِ سان بلڪل متفق آهيان، ته اهي حروف سنڌي الف بي جي تختي ۾ ضرور ڏنا وڃن، انگن مان 6 بابت منهنجو رايو آهي ته ڇ نه، پر ڇه ڪري لکجي ۽ پڙهجي اهڙو بحث تعليم اخبار ۾ جاري آهي، مون به هڪ مضمون لکي موڪليو آهي، مگر خبر ناهي ته ڇپائي ڇڏيندا يا ڇپائيندا.

اعرابن مان تنوينن بابت اهو عرض آهي ته تنوينون، اُهي نشانيون آهن، جيڪي حرفن جي مٿان يا هيٺان اچي ”نون“ جو آواز پيدا ڪن ٿيون، اُهي بذات خود حرف نه آهن، انهن کي جدا حرفن جيتري حيثيت ڏيئي رديف طور ڪم آڻڻ جو مسئلو اڃا به بحث طلب آهي.

لفظن جا مخفف ڪم آڻڻ، پڙهڻ خواهه لکڻ سڀني ٻولين ۾ رائج آهن، انگريزي ۾ خانصاحب لکڻ مهل K.S لکبو آهي عليه السلام لکڻ مهل ”ع“ ڪم آڻبو آهي رحمت الله بدران رحہ لکبو آهي. شعر ۾ مخفف ڪم آڻڻ ته ضروري هندا آهن، مگر ايترو ضرور خيال رکبو ته مخفف جا مخفف نه ڪم آڻبا. مثلاً ”آهي“ لفظ جي ”ي“ ڪيترائي آه ڪري ڪم آڻبو پر ”ه“ به ڪيترائي ”آ“ ڪري ڪتب آڻڻ کي مرحوم جمع خان غريب، مرحوم حاجي محمود خادم ۽ استاد الشعراءِ قبلہ احسن صاحب عيب ۾ شمار ڪن ٿا. جيڪي مخفف طالب الموليٰ صاحب ڄاڻايا آهن، جيئن صدين = صدن. ندين = ندن. انهن مان صدين بدران صدن تي ڪنهن دوست اعتراض واريو ته صدين بدران صدن ڪم آڻڻ غلط آهي. منهنجي نظر ۾ اهو اعتراض خود غلط آهي، چو ته جڏهن ڪنهن لفظ جو مخفف ڪم آڻيندا سين ته ضرور ان مان ڪو حرف گهٽائڻو پوندو. مخفف جي معنيٰ ئي آهي تخفيف ڪرڻ ته پوءِ صدين ۽ ندين مان ”ي“ ڪڍي صدن ۽ ندن ڪم آڻڻ صحيح ٿيندو.

جناب طالب الموليٰ، تعليم کاتي وارن کي اپيل ڪئي آهي، ته اُهي مٿين مسئلن تي ڌيان ڏيئي خصوصاً حرف الف ب واري تختي ۾ جلد رائج ڪن... ان لاءِ منهنجو عرض آهي، ته تعليم کاتي وارا، اهڙن ڳنڍن ۾ قائل آهن، جو وٽن فنڌن جي هميشه کوٽ هوندي آهي. مٿيان مسئلا وري به طالب الموليٰ پاڻ سلجهائي سگهي ٿو. ان لاءِ منهنجو عرض آهي ته:

الف:- سنڌ جي لسانيات جي ماهرن، جهڙوڪ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي صاحب، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب، ڊاڪٽر خليل

استعمال به اوکو ضرور آهي، محب لفظ محب آهي، ديوان ۾ محب ڪري ڪم آندل آهي. شد جو خيال رکڻو آهي. اهڙا لفظ، جن جي نون غنه پنيان "ڊ" هوندو، انهن جو غنه ڪاڻڻو نه آهي يعني ته سڪندر کي سڪدر، مندر کي مدر، اندر کي ادر ڪري شعر ۾ ڪم آڻڻو نه آهي، مگر ديوان ۾ اندر کي لفظ ادر ڪري استعمال ڪيل آهي. عرض، قرض ۽ فرض لفظن جي "ر" ساڪن ۽ مرض، غرض جي "ر" متحرڪ هوندي آهي، مگر ديوان طالب الموليٰ جي ص 136- 137 واري غزل ۾ عَرض کي عَرَض ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح منع بروزن شمع آهي مگر رديفن ۾ "ن" کي متحرڪ ڪيو ويو آهي. بهرحال اهي اهڙا چند خار اهڙا آهن، جيڪي ديوان جي هيڏي ساري گلستان ۾ ڪا حيثيت ڪانه ٿا رکن.

هن ديوان جون چند منفرد ڳالهيون هي آهن: اڳين دواوين ۾ وڌ ۾ وڌ 52 حرفن جون رديفون ڪم آندل آهن، مگر هن ديوان ۾ 52 کان مٿي حرفن کي رديف بڻائي غزليات ڏنا ويا آهن. هن ديوان ۾ گهٽي ۾ گهٽ غزل ڏنا ويا آهن ۽ اڳين سيني دواوين کان صخيم آهي. هن ديوان ۾ اهڙا نوان ۽ انوکا الفاظ ڪم آندل آهن، جيڪي اڳين چيپيل دواوين ۾ ڪونه آهن مثلاً، هل، افراط زر، وغيره. هر غزل هينان تاريخ ۽ هنڌ به ڏنو ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاعر جي طبع رسا، سفر خواه حضر ۾ روان ۽ دوان آهي، تاريخن مان شاعر جي شاعري جي ارتقائي منزلن جي به خبر پوي ٿي.

مان هن راءِ جو آهيان، ته ديوان طالب الموليٰ شاعريءَ جو معتبر مجموعو ۽ هڪ عظيم الشان علمي ۽ ادبي ڪتاب آهي، جنهن کي يونيورسٽي جي اديب جي امتحانن، ايم- اي ۽ پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگردن لاءِ لازمي يا مددي ڪتاب طور منظور ڪيو وڃي. منهنجو هي پيغام بزمِ طالب الموليٰ سنڌ جي سيني شاخن تائين به پهچايو وڃي ته هرهڪ شاخ پنهنجي عنقريب ٿيندڙ محفل ۾، اهڙو ٺهراءُ منظور ڪري، ڪتاب جي لازمي يا مددي طور منظور ڪرائڻ لاءِ تعليم کاتي ۽ ٻين وس وارن کي موڪلي ڏي. هن کان پوءِ ديوان جي صدف مان چند موتي ميڙي اوهان وٽ پيش ڪريان ٿو:

**ڪلام الله**

ڪلام الله ئي دنيا ۾ هڪ نور الهديٰ آهي،
صراط المستقيم ۽ رهبر هرد وسريٰ آهي
فضيلت هن کان وڌ ڪهڙي ڪلام الله جي ٿيندي
مصنف خود خدا، شارح مُحَمد مصطفيٰ آهي

**حب رسول**

حبِ رسول پاڪ ۾ مان آهيان خود ڪفيل
مون لئه رهِ مدينه ۾ سو زادِ راه آهي

**عنوان دين**

عنوان دين آه شهادت حسين جي
قرآن سريا سمجهه هدايت حسين جي

**بوُ تراب**

چوڏهن صديون به هرگز، پيدا ڪري نه سگهيون
نالي علي ته پدمين، پر بو تراب ڪونهي

## دعائون

سدا سنڌ کي سائين آباد رک
رکج ان جا ساوا کپون ۽ کبڙ

## سڄڻ کي دعا

منهنجو تہ وار وار ٿو دم دم دعا گهري
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري

## دوستن کي دعا

محبوب، خاڪ، عاصم و اختر سان روز شب
انور سان آه طالب الموليٰ دعا جي راند

## دوستن جو ڏيہ

هڪ پاسي اسد آهي ٻئي پاسي آٿي حيدر
پوءِ طالب، مولائي چا جي اٿئي مغمومي.

## زندگي جا تحفا

حسرت و رنج والم آه وفغان، درد و فراق
منهنجي نظر ۾ هي آهن ارمغانِ زندگي.

## نئون نمونو

وٺي جيئن جنگ ۾ دشمن کي دشمن، تيئن وجهي پاڪر
مٺي محبوب سان ملبو جو هو دل جو عدو آهي.

## نازڪ نڪتو

منهنجا لب ميرا ڏسي محبوب حيران ڪين ٿي
تنهنجي در پهچي قدم پنهنجا چمي آيو آهيان.

## اڻ کٽ مال

پين تہ دنيا جي سڀ شين کي کپائجي تان کپيو وڃن ٿيون
مگر کٽائي نٿو کٽئي جو اهو محبت جو مال آهي.

## سياست (دعويٰ)

سياست يعني هر انسان فراموشي جو پيو نالو
اثر زهريلو ان ۾، لذتن ۾ چڻ کلا ڪندي

## دليل

ملي شاهي تہ والد کي وساري عيش ۾ ويٺو
ادا ٿيا ڪونہ يوسف کان سندس آداب فرزندي.

## انوکا الفاظ

ورهن کان پوءِ وصل جو هن آسرو ڏنو
ويٺو هلائي وعدهِ فردا ڪري چڏيئن.

(2)

تفريح ونڻ جو وقت ويو سردي ۽ گرمي هڪ آهي
دلبر جي گلي جو سير آبس، ڪنهن هل جي تمنا ڪير ڪري

(3)

ڪجهه نہ ڏيندي فائدو افراطِ زر
تون سخاوت مان سخي سردار ڦبِ.

(4)

مفلسي محسوس ٿئي ٿي عيش و عشرت ۾ سدا
خود ڪفيل آهيان ٿيو، سورن جي سامان کي ڏسي.

ديوان طالب الموليٰ هڪ اونهي سمنڊ مثال آهي، جنهن ۾ غواص جيترو غوط زن ٿيندو، ايترو ملهائتن موتين جو مال ميڙيندو.

آءٌ جناب طالب الموليٰ سائين کي صدق دل سان مبارڪون ڏيان ٿو، جو پاڻ ههڙو ۽ هيڏو ديوان سنڌ وارن جي سپرد ڪيو اٿن، سو بہ اهڙي وقت ۾ جڏهن ديوان لکڻ، تڪلف ۽ تصنع ۾ شمار ٿئي ٿو.

سروري پبليڪيشن جو سرواڻ مخدوم عاطف صاحب ۽ سندس ، ٻيئي ساٿي بہ مبارڪن جا مستحق آهن، جن زر ڪثير خرچ ڪري، هي ديوان، عاليشان ۽ سهڻي نموني شايع ڪيو آهي. بزمِ طالب الموليٰ هالا جا اراڪين بہ وڌون وڌواڌاين جا حقدار آهن، جن هي قابلِ قدر جلسو ڪوٺائي، ديوان جي رونمائي ۽ مشاعري جي محفل منعقد ڪرائي.

آءٌ ذاتي طور قبلہ طالب الموليٰ صاحب، مخدوم زاده عاطف صاحب ۽ مهترم انور هالائي صاحب جو شڪر گذار آهيان جن صاحبن مون کي هن مبارڪ محفل ۾ مهمان خصوصي هئڻ ۽ ديوان طالب الموليٰ جي رونمائي ڪرڻ جو شرف بخشيو آهي.

ٿورا نہ ٿورا- مون تي ماروئڙن جا
پلايون پيرا- ڳٽي ڳٽيان ڪيترا

سچي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ ديوان طالب تي مون صحيح تبصرو نہ ڪيو آهي، مون کي منهنجون اوڻايون معاف ڪندا. بقول طالب الموليٰ:-

مجان ٿو مان ڪوتاهيون پنهنجون سڀ
اوهين عيب پوش آهيو اهلِ هنر.

(ڪتاب "مون مطالع سپرين" بزمِ طالب الموليٰ سنڌ تان ورتل)



راز بلڙائي

# حضرت طالب المولىٰ جو ڪلام

حضرت طالب المولىٰ جن موجوده دور جي اُنهن ٿورن مستند ۽ معتبر شاعرن مان آهن، جن جو فڪر هر صاحب ذوق کان خراج تحسين حاصل ڪري ٿو. سندن شعر و سخن جي گلن ۾ نظر افروز شادابي ڏسبي آهي. حضرت جن جو ڪلام، پاڪ ۽ صاف محبت جي جذبات جي حسين تصوير آهي، جنهنڪري سموري ڪلام ۾ هر جڳهه سنجيدگي آهي. ڪالم جي پاڪيزه خيالن سان گڏ لفظن جي خوبصورتي ۽ اسلوب جي ادائيگيءَ جو حسن بہ هر هنڌ نظر اچي ٿو. سندن شاعريءَ ۾ زورِ بيان ۽ مضمون آفريني سان گڏ سوزو گداز رندي و مستي ۽ حسن و عشق جا ساغر ڇلڪندا نظر اچن ٿا. عشق جي ڪيف و مستيءَ ۾ سرشار ٿي بيباڪانہ انداز ۾ فرمائين ٿا.

"ڊڄيو نہ محتسب ڪان نہ واعظ ڪان شيخ ڪان،
ڪرڻون جي عشق آهي تہ هيڏو جگر ڪبو."

مٿئين شعر ۾ "هيڏو جگر ڪبو" اهڙو تہ سهڻو ادا ڪيل آهي، جنهن شعر ۾ جان پيدا ڪري ڇڏي آهي. ازانسواءِ بندش ۽ مضمون آفرينيءَ شعر کي نهايت ئي لطيف بنائي ڇڏيو آهي.

شاعري جذبات جي اظهار جو نالو آهي ۽ جذبات ۾ زياده شديد جذبو عشق جو آهي. جنونِ عشق ۾ سرشار ٿي پنهنجي شعر ۾ زورِ بياني پيدا ڪندي فرمائين ٿا:

"محبوب سان پيار ڪبو عمر ڀر ڪبو،
بيشڪ ڪبو، ضرور ڪبو، بي خطر ڪبو."

۽ وري فرمائين ٿا:

"هڪڙي کي دل ڏيئي نہ هزارن سان لائبي،
دنيا ۾ سجده گاه بہ هڪڙو ئي در ڪبو."

جوشِ عشق جي انتها ملاحظہ فرمايو:

"پرواهہ نہ ڪر ڪڏهن بہ ٽٽيءَ ٽامٽيءَ جي ڪا،
سر کي رکي تريءَ تي نہ ڪنهن ڪان حذر ڪبو."

حضرت طالب المولىٰ جن کي شعر و شاعريءَ سان فطري لاڳاپو آهي؛ اِهوئي سبب آهي جو هو صاحب جيڪو بہ شعر چوي ٿو، سو نهايت پر اثر آهي؛ ڇاڪاڻ جو هرڪو شعر واردات قلب جي تحت لکيو وڃي ٿو ۽ نہ رسماً.

زندگيءَ جو حقيقي لطف ۽ مزو محبت مان ئي ميل ٿو، پر جنهن دل ۾ محبت جو گذر نہ آهي، سا دل زندگيءَ جي لطف و مسرت کان يڪسر خالي ۽ بي بهره آهي. زندگيءَ جو حقيقي لطف ڪيئن حاصل ٿيندو، تنهن لاءِ فرمائين ٿا.

"ائين جيئري جيءُ جئن مرڻ کان پوءِ نہ مرين،
جام جيئڻ جو 'طالب' هاديءَ هٿان پيءُ،
مرد مڃي تون ٿيءُ، محبت جي ميدان ۾."

زندگيءَ جي انهيءَ نشان افزا مقام تي پهچڻ لاءِ ڪيترائي ڏک ۽ ڏاکڙا، تڪليفون ۽ ڪشالا ڪاٽڻا پون ٿا؛ ڇاڪاڻ جو حياتي فقط عيش و عشرت ۽ لطف و سرور سان نہ آهي، بلڪ اُن ۾ ياس و حرمان ۽ درد و

الم جا جزا بہ شامل آهن. هڪ سچو شاعر اُنهن سيني ڪيفيتن کان ضرور متاثر ٿئي ٿو. اهڙن ڏکن ۽ تڪليفن کان متاثر ٿي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ اُنهن جو حال اوريو آهي، مگر ”حضرت طالب الموليٰ“ جي ڪلام ۾ ڏکن جو انداز ئي نرالو آهي. اُنهن تہ ويتر راحت ڏني آهي. فرمائي ٿو.

”دل جي دنيا تہ مسرت سان نہ آباد ڪجي،
عيش و عشرت کي غمِ يار ۾ برباد ڪجي،
گردشِ پيرِ فلڪ کان جي تڪاليف ملن،
خوب خوش ٿيجي مگر تن کان نہ فرياد ڪجي“.

ڏکن کي سکن تي ترجيح ڏيندي فرمائي ٿو.

”ڏکن کين ڏکوئيو سُکن ڏنا سور،
ڏکن واري ڏيهہ ۾ محبن جا مذڪور،
ڏکين ڏاهپ نہ اچي آهن محو ۽ مخمور،
محبوبن جي ملڪ کان ڏکيا ناهن ڏور،
’طالب الموليٰ‘، مرد ٿي محبت ڪر منظور،
آڌي ۽ اسور ڏکن سان پيو ڏور تون“

عاشق، پنهنجي محبوب جي جور و جفا ۽ ظلم و ستم کان بيزار نٿو ٿئي، مگر اُن کي عين راحت سمجهي ٿو. هجر و فراق کي بہ گلن جي سيج سمجهي ٿو، جيئن فرمائين ٿا:

”داغهائي هجر کان سينو گلستان ٿي ويو،
عاشقِ مهجور يعني گل بدامان ٿي ويو“.

۽ وري اڳتي هلي فرمائين ٿا:

”با تبسم تيغِ ابروء سان جڏهن هُن وار ڪيا،
ٿو خدا ڄاڻي تہ هرهڪ زخم خندان ٿي ويو“.

عاشق جو عشق اُن حد تائين پهچي ٿو، جتي ستمِ محبوب بہ لطف کان گهٽ معلوم نٿو ٿئي ۽ محبوب جي جور و جفا کان خفا نٿو ٿئي، پر هر هر دعا ٿو ڪري تہ:

”منهنجو تہ وار وار ٿو هرهر دعا ڪري،
ڪوسو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري“.

”طالب الموليٰ“ جي شعر جي زبان ۽ اُن جي استعمال ۾ انتها درجي جي سادگي آهي ۽ ان سادگيءَ ۾ ايڏي تہ شيريني آهي جو لطف اچيو وڃي، فرمائين ٿا:

”هن آسري تي پاڻ کي بيمار مون ڪيو،
مَن منهنجو يار منهنجي ڪڏهن ڪا پڇا ڪري“.

حسن و عشق جي شاعريءَ ۾ شايد ئي ڪنهن بئي شاعر چشم و نگاهہ جي انهن تمام ڪيفيتن جو اهڙي ذوق ۽ شوق سان ذڪر ڪيو هجي، جهڙو حضرت طالب الموليٰ جن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. حقيقت هيءَ آهي، تہ چشم و نگاهہ جي لذت، حسن جو سڀ کان وڏو انعام آهي ۽ اها نگہ سرمہ سا، شاعر لاءِ سرمايہءِ نشاط آهي. نگہ سرمہ سا ۽ ڪيف زا کان لطف اندوز ٿيندي فرمائين ٿا.

”عاشق جو درد دل نہ خميرن سان دور ٿئي،
ٿيندي شفا جي هو نگہِ ڪيفزا ڪري،
زاهد جي زهد جي بہ تہ قلعي کلي پوي،
اُن ڏي حسين ڪو نگہِ سرمہ سا ڪري“.

چشم و نگاهہ جي موضوع تي اهڙو تہ رنگين مضمون پيدا ڪيو اٿن، جو اُن جي پڙهڻ سان حسن و عشق جو هڪ دفتر کليو پوي. بيباڪ نظرن جي تيراندازي ملاحظ فرمايو.

”ڪاريون ڪيف ڪڪوريل ڪجليون،
ڪن ڪلسائڪي ڪار اکيون،
سارين ٽيون مهيرن ڪي“.

وري فرمائين ٿا.

”ڪجليون ڪڪوريل ڇا چوان، گهايو وجهن هڪ گهور سان،
نازڪ نهاري ناز سان، پهرين نظر سان پاڪ ڪن،
جن ڏي نگاهون ٽيون ڪڙيون_ جيءُ ۽ جگر ۾ سي جڙيون،
سَو سر ۽ ڌڙ تي پيا ڌڙيون_ ڪاريون قتل جي ڪار ڪن.“

اکيون بہ عجيب آهن. فرمائين ٿا.

”اکيون اڳيئي عجيب، پيو جو پائڻ سرمون،
شهزاديون شوق مان نهارين نجيب،
اهي حسن حضرت شاهہ جا نُوراني نقيب،
گهايو وجهن گهور سان غازي ۽ غريب،
هيرايون حبيب، وَر وَر ڏيو وڙهڻ لاءِ.“

حُسن و عشق جي شاعري نهايت وسيع آهي، پر اُن جي خاص ڪيفيت ۽ لطف اندوزيءَ جا جيڪڏهن پيا بہ مثال ونجن، تڏهن بہ شعر جي لطافت ۽ حُسن بيان ۾ ”حضرت طالب الموليٰ“ جن مڙئي سرس نظر ايندا ۽ سندن شاعرانہ خوش سليقگي، بندس، زورِ بيان، رواني برجستگي ۽ طرزِ ادا جي دلڪشيءَ جو داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

حضرت ”طالب الموليٰ“ جن انساني قدرن ڪان بہ بخوبيءَ آگاهہ آهن. سوز و ساز سان گڏ پنهنجي شاعريءَ کي حياتِ انسانيءَ جي انفرادي ۽ اجتماعي اقدار جي اصلاح جو بہ ذريعو بڻايو اٿن. هن موضوع تي بہ حضرت جن جو ڪافي ڪلام غزل، نظم ۽ ڪافيءَ جي صورت ۾ بہ موجود آهي، مگر جيئن تہ اُهو سردست ميسر نہ ٿيڻ سبب، هتي حضرت جن جي بيتن جو سهارو وٺندس، جن ۾ هُن صاحب انساني قدرن جي ترجماني نهايت خوش اسلوبيءَ سان ڪئي آهي.

انسان کي گهرجي تہ هو پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار کي سنواري ۽ پنهنجي زندگي ۾ پختگي پيدا ڪري. شاعر جڏهن انسان کي پنهنجي اخلاق ڪان بي بهره ۽ دنيا جي ظاهري ڏيک ويک تي موهت ۽ اُن جي رنگينيءَ ۾ محو ڏسي ٿو تہ گهڻو متاثر ٿئي ٿو. اُن حقيقت حال جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

”ڏٺا اٿئون ڏيهہ ۾ سکن وارا سَو،
خوف نہ اٿن خدا جو هو رلندي ڪَن ٿا رَوَ،
محبت رکن ٿا مال جي ۽ مڇيو ڪَن ٿا مَوَ،
دنيا آهي ڍونڍ تنهن کي ڍونڍيو پيا ڪَن ڍَوَ،
ڏکن جي ڏهڪارن ڪان ڪَنبيو ڪَن ٿا ڪَوَ،
ڏکن واري ڏيهہ ڪان ڪَن پورا پڇيو پَوَ.
’طالب‘، موليٰ ساڻ هو نٿا لائين لَوَ،
هينئڙي اندر هَوَ، هو ڪانہ رکن ٿا قرب جي“.

انسان مان هُن جي خودپسندي، خودنمائي ۽ خودطلبيءَ سبب، غيرتِ نفس جو احساس ئي موجود نہ رهيو آهي؛ شاعر جي نظر ۾ اهو غيرتِ نفس هڪ نور آهي جو حق سبحان تعاليٰ کان هن کي عطا ٿيل آهي ۽ ان سان انسان جي اخلاق ۽ اعمال ۾ پاڪيزگي ۽ سيرت و ڪردار ۾ بلندي پيدا ٿئي ٿي، پر اِها عجيب دولت بہ عشق حقيقيءَ ڪانسواءِ حاصل ٿيڻ مشڪل آهي ۽ جيستائين عشق جي حقيقي ڪيفيت ڪي حاصل نٿو ڪجي، تيستائين ان منزل تي پهچي نٿو سگهجي. شاعر انسان کي ان منزل جي راهہ ڏسيندي ڪيس غيرتِ نفس جو احساس ڏياريندي فرمائي ٿو.

"جيئڻ جن جهاد مرڻ تن مشاهدو،
مَن عرف نفسه فقد عرف ربه اعليٰ هي اِرشاد،
الحب الله و البغض الله چئي عاشق ٿي آزاد،
'طالب موليٰ' مرد ٿي، پنهنجو وڃائي ناد،
عالم کي آباد_ شل الله ڪري عشق سان".

راهِ حق کي ڪيئن ڳولجي تنهن لاءِ فرمائين ٿا:

"پهرين پس پرين جو جلوه ۽ جمال،
پوءِ عاشق عجيبن جي ڪر قرب ۾ ڪمال،
شريعت ۾ شير ٿي وٺ حقيقت جو حال،
طريقت ۾ ترقي ڪري ميڙ معرفت جو مال،
پوءِ ووڙي لهہ وصال 'طالب موليٰ' مرد ٿي".

تصوف جن دامن ۾ ڪيترين ئي دل آويز، اخلاقي ۽ روحاني حقيقتون موجود آهن ۽ هڪ شاعر، خوش سليقي سان اُنهن حقيقتن مان موتي چوندي جڏهن شعر جي لڙين ۾ پُوئي ٿو تہ اهي نہ فقط دلڪش ٿين ٿيون، پر سبق آموز بہ؛ حضرت جن تصوف جي چراغ سان پنهنجي شاعريءَ جو ڪاشانو روشن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ عجيب لطافت پيدا ڪئي آهي. فرمائين ٿا،

"سا ڪا ٻولي ٻول، جنهن سان راڻُ ريجهائيئين،
ڳجهہ اندر جي ڳالهڙي ڳهلو ٿي مَ ڳول،
ڪانڌ تنهن جي ڪول_ تون وڃين چو وٺڪار ۾".

"موليٰ جي محبت، رک تون روح اندر ۾،
سدا . سهاڳي آهي، سهڻي جي صحبت،
محبت ۽ معرفت، ماڻ تہ پوءِ مرد ٿيئين".

"جن پاڻ فنا ري الله ڪيو اثبات،
ڪُل شيءِ محيط، آهي تنين کي تجلات،
هردم آهن حيات، و مرد مرن ڪينڪي".

"مهراڻ، ٽماهي نمبر 1962/2ع

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

# سائين طالب الموليٰ جي يادن جو چانورو

انسان مرڻي وَٽ آهي. انهيءَ هوندي به ڪي مانائتا ماڻهو، شاهاڻيون شخصيتون ۽ لاکيڻا لال اهڙا به هوندا آهن. جيڪي پنهنجن ڪارنامن جي حوالي سان چال جيئندا آهن سندن طبعي موت ڪين ماري نه سگهندو آهي. اهڙو ئي لکمير، سائين طالب الموليٰ هو، جيڪو تاريخ 11 جنوري 1993ع تي، هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. الله سائين مرهيس! وڃي رهندو نانءُ الله جو!!

دل ئي نه ٿي باسي ته مهمير، مڙس مٿير، ڀاڄهه سپاڄهه جو سائين، سخن جو بادشاهه قربائتو انسان، منڙو مور شهزور، ڪو هتان هليو ويو آهي! سچ ته هو اڄ به زنده آهي ۽ هميشه اسان جي دلين ۾ رهندو.

طالب الموليٰ جو اصلي نالو مخدوم محمد زمان هو، هُن سنڌ جي علم ادب ۽ ثقافت واري تاريخي شهر "هالا" ۾ جائو. پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ 1945ع ۾ "سرور نوح" جي نولکي گوڏڙيءَ جو وارث ۽ سروري درگاهه فرحت آثار جو سجاده نشين ٿيو ۽ 48 سال، پنهنجي وفات تائين، انهي مسند تي رهيو. مخدوم محمد زمان سائين علمي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي حلقن ۾ "طالب الموليٰ" جي منڙي نالي سان چاتو سڃاتو ويندو رهيو آهي.

**ڀهڳڻي شخصيت:** طالب الموليٰ هڪ تاريخ ساز شخصيت هو. هو ڳڻن جو ڳهير، ڪچهريءَ جو مور، سنڌي ثقافت جو نمونو، فضيلت جو ڳهٽو هو. هو هڪ جامع صفات شخصيت جو مالڪ هڪ قدآور شاعر، نامور اديب، منفرد نثرنگار، محقق، زباندان، لسانيات جو ڄاڻو، راڳ جو ماهر ۽ هڪ اعليٰ انسان هو. مطلب ته طالب الموليٰ سائين پنهنجي وسيع ذات ۾ هڪ ادارو هو. هو پنهنجائپ ۽ محبت جو مرڪز هو، جتي محبتين جا ميڙاڪا متل هوندا هئا. سندس فيض جي پالوٽ عام هئي، جتان ڪيترن ئي فيض ورتو. انساني عظمتن جو موتين جي کاڻ مان مليل املهه ماڻڪ هو. سچ ته اهڙا مانجهي مرد، روز روز ناهن پيدا ٿيندا، ڪنهن سگهڙ جي چواڻي:

مبارڪ تنهن مادر کي جنهن اهڙا جام ڄڻيا!

طالب الموليٰ سائينءَ جي هانوَ ۾ هُرندڙ، چت ۾ چُرندڙ، سدابهار شخصيت اڄ هن سانپر جي پردي تي اُبريل آهي. سندس سوين ساروڻيون، اڻڳڻت يادگيريون، ڪوڙ سارين ادبي محفلون، قربائتيون ڪچهريون، راڳ جون رس رهاڻيون، ماکيان مٺيون ڳالهيون، 'يادن جو چانورو' بڻجي چُڪيون آهن، جنهن جي سيتل ڇانوَ ۾ پلجندڙ سانپرن جا اوتارا ايندا رهن ٿا.

آءٌ هڪ عقيدتمند جي حيثيت ۾، يادن جي چانوري مان، ڳالهيون ياد ڪندي، سندس ڳڻن کي ڳڻيندو، ڳائيندو ۽ ڳائيندو آهيان ۽ نتيجي طور فرحت محسوس ڪندو آهيان. سنڌ جا اڪثر پير 'ڇپر ڪٽ' تي سينگاريل سنڌي سيج تي وهندا آهن، جڏهن ته مريد/ ملاقاتي هيٺ فرش تي هوندا آهن. طالب الموليٰ سائينءَ وٽ اهو رواج نه هو. سندس اعليٰ ڪردار جو هڪ مثال هي به آهي ته پاڻ نولک مريدن/ عقيدتمندن/ مداحن جو روحاني پيشوا هوندي به، ملاقاتين سان هڪدم ملاقات ڪندو هو. ڳِلمن ۽ غاليچن سان سينگاريل پٽ تي ويهي سِڪ ۽ اُڪير مان، روايتي کِل کيڪار ڪانپوءِ، حال احوال وٺي، پنهنجي خاص موهيندڙ انداز ۾ گفتگو ڪندي، دل جا دروازا کولي ڇڏيندو هو.

منهنجي پهرين ملاقات سائنس 1960ع واري ڏهاڪي جي اوائلي سالن، سندس ڳاڏي کاتي واري بنگلي "امين منزل" ۾ ٿي هئي. هي اهو دور هو، جڏهن طالب المولىٰ سائينءَ جي شاعري مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا هئا. سندس شاعري "طالب مولا طلب ۾" جي لفظن ۾ ضرب المثل بنجي چڪي هئي.

فنڪارن مان مصري فقير، ثقافتي محفلن جي جان بنجي چڪو هو، جنهن طالب المولىٰ جي شاعريءَ کي پنهنجي مٺڙي آواز ۾ عام ڪري ڇڏيو هو. استاد منظور علي خان جو عروج هو. استاد محمد ابراهيم ۽ استاد جمن جي درديلي آواز جو جادو پري پري تائين پهچي چڪو هو. انهن ڏينهن ۾، محمد يوسف فن جي دنيا ۾ نئون ساماڻو هو. سندس "الاڙي گهوڙا ڙي" وارن لفظن ۾، ڀرپور نموني ۾ دانهن ڪرڻ جي انوکي انداز، ماڻهن کي موهي وڌو هو. انهن سڀني فنڪارن کان علاوه، ڪيترن سارن فنڪارن، طالب المولىٰ سائينءَ جي ڪلام کي ڳايو. رونا ليليٰ اڳتي هلي طالب المولىٰ کي دلفريب انداز ۾ وڏي ڌج سَج سان ڳايو.

1960ع واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن مان هڪ سال (تاريخ ۽ سال ياد ناهي) گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾، شاهه لطيف جي ورسي ملهائجي رهي هئي، جنهن جي صدارت، طالب المولىٰ سائينءَ ڪئي. موقعي جي مناسبت سان تقريرون ڪيون ويون، مقالا پڙهيا ويا، ساز ۽ آواز جي ميلاپ ۾، شاهه جو ڪلام پيش ڪيو ويو. رات جي پوئين پهر تائين محفل متل رهي. طالب المولىٰ، باوقار طريقي سان، سارو وقت ويٺو هر گهڙي تازو توانو لڳي رهيو هو. ورسيءَ واري پروگرام جي رسمي پڄاڻي ٿي، جنهن ڪانپوءِ هڪدم راڳ رنگ جي غير رسمي محفل شروع ٿي، جيڪا فجر جي نماز مهل پوري ٿي. استاد منظور علي خان مرحوم، طالب المولىٰ سائينءَ جو هيئيون مشهور غزل جملي صلاحيتن سان پهريون ڀيرو ڳائي داد حاصل ڪيو:

سڄڻ توکي خبر ڪهڙي ته منهنجي رات ڪيئن گذري،
رڳو آهن ۽ دانهن ۾ پرين پريات ڪيئن گذري!

استاد منظور علي خان غزل ڇا ڳايو؟ بس تنگ توري ڇڏيائين، مخدوم سائين سارو وقت ڦرنو لڳي رهيو هو ۽ سندس منهن مبارڪ تي، اوجاڳي سبب، ٿڪاوٽ جو ڪو آثار نه هو.

1960ع واري ڏهاڪي (64-1961ع) ۾، پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾، هڪ باني استاد ۽ شعبهء سنڌيءَ جي سربراهه جي حيثيت ۾، بنده جي قائم ڪيل سنڌي ادبي سنگت (سنڌي لٽرري سوسائٽي) پبلڪ اسڪول حيدرآباد پاران، غير نصابي ۽ ثقافتي سرگرمين کي تيز ڪيو ويو، جن ۾ مطالعاتي ڪلاس، سنڌي اسٽيج ڊراما، مباحثا ۽ ادبي محفلون شامل هيون، سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ ڪيئن پروگرام پيش ٿيندا رهندا هئا، جن جون رپورٽون، وقت جي اخبارن ۽ اسڪول مئگزين "اينڊيور" ۾ ايندڙيون رهيون هيون. انهيءَ سلسلي ۾، 1964ع ۾، شهنشاهه لطيف جي حوالي سان. "يوم لطيف" جو پروگرام رٿيو ويو، جنهن جي صدارت لاءِ سائين طالب المولىٰ کي عرض ڪيو ويو، جيڪو هن صاحب، وڏي هيج مان قبول ڪيو.

ان زماني ۾، انگريز تعليمي ماهر، ايف. اي جونس پبلڪ اسڪول جو سربراهه هو. هن انگريز پرنسپال کي، شاهه لطيف جي شخصيت، سندس آفاقي شاعريءَ جي اهميت ۽ سندس ڪلام کي سازن ۽ آوازن جي سنگم ۾ پيش ڪرڻ جي روايتن کان آگاهه ڪرڻ ۽ مهمان خاص جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ بنده هڪ تفصيلي نوٽ ٽائيپ ڪرائي، محڪمه اطلاعات سنڌ پاران شايع ڪرايل انگريزي رسالي سان گڏ پيش ڪيو ويو. پرنسپال صاحب هڪ هفتي جي مطالعي ۽ ويچار ڪانپوءِ، جشن منعقد ڪرڻ، مهمان خاص کي سندس پاران مدعو ڪرڻ، خرچ پکي لاءِ رقم منظور ڪرڻ جي تحريري اجازت ڏئي ڇڏي.

1955ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ۽ ونيونٽ آٽڻ ڪانپوءِ چيئرمين چونڊيو ويو. پاڻ هالن جي تعليمي ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو سرپرست اعليٰ هو. بسنت هال حيدرآباد ۾، مزاحيہ ڪانفرنس سندس فياضي ۽ زنده دليءَ جو سڀ کان وڏو ثبوت آهي، سياست ۾ سندس فعال ڪردار هميشہ ياد رهندو.

## ادبي تخليقات:

اسان جو طالب الموليٰ، صاحبِ ديوان شاعر، اديب، نقاد، محقق، موسيقيءَ جي علم جو ماهر هو. پاڻ "زمان توڙي" ايجاد ڪري راڳ ۾ پنهنجي اعليٰ ڄاڻ جو ڌاڪو ڄمائي ويو.

طالب الموليٰ سائينءَ ويهن کان مٿي ڪتاب لکيا، جن مان ڪيترائي شايع ٿي چڪا آهن. سنڌن سنڌي ادبي ڪاوشن کي فخر مان پيش ڪري سگهجي ٿو.*

## سماجي خدمتون:

مخدوم صاحب ڏکي انسانن جون وَس آهر وڏيون خدمتون ڪيون، جن مان ڪي واقعا، ڪارنامن کان گهٽ نہ ٿا سمجهيا وڃن. 1956ع واري ڦهري ٻوڏ کان، هالن ۽ اوسي پاسي جي ٻين سوين ڳوٺن/ شهرن کي الله بچايو، مخدوم صاحب بچايو. پاڻ پنهنجي سر، مستين ۾ريئي دادلي درياهہ سان مهاڏو اٽڪائي، ان کي "ٻوڙ ٻوڙان" کان باز رکيو.

## سياسي زندگي:

مخدوم طالب الموليٰ 1950ع کان سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو 1952ع ۾ ميونسپل ڪميٽي هالا جو صدر ۽ 1960ع ۾ بلديہ هالا جو پهريون چيئرمين ٿيو. ايوب خان واري دور کان قومي اسيمبليءَ تي چونڊيو آيو. 1969ع کان آخري دم پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو.

## ادب نوازي:

درٻار طالب مان ڪيترن ئي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن فيض ورتو. سندس ادب نوازي ۽ ادب پروريءَ جو ڪو مثال نہ ٿو ملي. اهي ناميارا اديب ۽ شاعر، جن طالب الموليٰ سائينءَ مان پرايو، تن مان ڪي نالا هن ريت آهن: غلام محمد گرامي، سرشار عقيلي، اسدالله شاهہ تڪڙائي، احسن الهاشمي، اختر هالائي، جان محمد "اضعف"، پير محمد 'سائل'، منصور ويراڳي، عبدالرحيم 'بيدل'، 'ساقي' هالائي، 'غلام' هالائي، انور هالائي، سليم هالائي، محمد اسماعيل 'فدائي'، ولي سروري محبوب سروري وغيره.

## مڃتا:

طالب الموليٰ سائينءَ کي پنهنجي جيئري ئي مڃتا ملي ويئي. سندس علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي خدمتن جي عيوض کيس "تمغهءِ پاڪستان"، "هلال امتياز"، "شاهہ لطيف ايوارڊ" (1961ع) مليا.

## شاعري:

طالب الموليٰ کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ ۽ راڳ جو شوق هوندو هو. شاعريءَ ۾ پهريائين "بيوس" پوءِ "فراقي" ۽ "زمان شاهہ"، جڏهن تہ آخر ۾، 1949ع کان ،"طالب الموليٰ" تخلص اختيار ڪيائين. طالب الموليٰ ڪافي ۽ "غزل" جو پهرئين جوڙ جو شاعر هو. فن ۽ فڪر جي لحاظ کان، سندس ڪافيون

---

* هتان ڪتابن جو تفصيل دهراء سبب ڪاٽيو ويو آهي

۽ غزل پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندس شاهڪار ڪافيون ۽ غزل مختلف فنڪارن جي آواز ۽ مختلف موسيقارن جي ترتيب ڏنل ڌُنن ۾ بهاريل، هند سنڌ ۽ اجا به دنيا جي ملڪن ۾ بيحد مقبول آهن. چوندا آهن ته شاعري نالو ئي اهڙي ڪلام جو آهي، جنهن کي ڳائي وڄائي سگهجي. سندس ڪلام کي گهڻو ئٽو سنڌ، پنجاب ۽ هندستان جي ناميان فنڪارن ڳايو آهي.

**غزل:**

طالب الموليٰ جي غزلن ۾ رنگ تغزل جو ڀرپور انداز ملي ٿو، سندس موزون شاعري، عروض جي لوازمات جي عين مطابق، استادانہ اسلوب ۾ رسيل آهي.

طالب الموليٰ محبت جو وڻجارو هو، هو پيار ۽ محبت جو شاعر هو، جنهن محبتي ميڙي، قدردانن جي هڪ وسيع دنيا آباد ڪئي. محبت جو متوالو چوي ٿو:

طالب الموليٰ هٽ ڪئي الفت،
ڳڌ انهي ڪان نہ سير وزر ٿيو.

لسانيات، گرامر جي لحاظ کان، مخدوم "طالب" جي شاعريءَ جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ سندس ڪلام ۾ محاوري جو زور آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس ڪافين ۽ غزلن مان اڪثر سِٽون، مصراعون، اشعار، گفتگو ۽ ادبي تحريرن جا عنوان ۽ موضوع بنجي ويا آهن. سندس لفظن جي چونڊ انوکي ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جو انداز نهايت وڻندڙ آهي. سندس شاعريءَ جي هڪ وڏيڪ خوبي اها آهي تہ ان تي نغمگيءَ جو عنصر غالب آهي، جيڪو ساز ۽ آواز جي سنگم ۾ ادا ٿيندي، جادو جاڳائي ڇڏي ٿو. سندس ڪلام کي سنڌ کان علاوه ملڪ جي سيني حصن ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر هندستان، سينگاپور، وغيره ۾ ڳايو وڄايو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. سندس مقبوليت جو سڀ کان وڏو ثبوت اُهي ڪيسٽون آهن، جيڪي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر، هٿئون هٿ وڪامي وڃن ٿيون ۽ سنڌ ۾ هر جاءِ، هر طرف، هر هوٽل، هر گهر مان انهن وڄندڙ ڪيسٽن ۾ مختلف آوازن ۾ رڪارڊ ڪيل سندس شاعري ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

هند، سنڌ جو هي سدا حيات شاعر، صدين تائين اسان جي دلين ۾ رهندو ۽ سندس نيڪ نالو، وڏي عزت سان ورتو ويندو. طالب سائينءَ کي، خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو سڀ کان سٺو طريقو اهو آهي تہ سندس تخليقات کي پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي. انهي کان علاوه زنده قوم وانگر اسان جو فرض آهي تہ سندس ياد کي هميشہ لاءِ زنده رکڻ لاءِ سندس نالي ۾ ڪو تعليمي ادارو، ڪا اسپتال، ڪو مدرسو، ڪو موسيقي جو اسڪول قائم ڪري وٺون ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ "طالب الموليٰ" جي نالي سان منسوب تعليمي ۽ ادبي ايوارڊ جاري ڪريون.

(نئين زندگي، جون 1963ع)



جي. ايم. سيد

# مخدوم ميان محمد زمان صاحب، مخدوم ميان غلام محمد صاحب قريشي

هي صاحب، مخدوم نوح عليہ الرحمت جو 16 نمبر سجاده نشين آهي.

سندس جنم جي تاريخ 9 محرم سنہ 1338ھ مطابق 16ـ سيپٽمبر 1919ع آهي.

پاڻ اول ۾ قرآن شريف درگاه جي مجاور حافظ ولي محمد وٽ پڙهيائين ۽ ان کانپوءِ سنڌي حاجي عبدالغفور وڪيلائيءَ ۽ آخوند عبدالرحمان وٽ ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي عبدالحي ٿيڙهيءَ واري ۽ مولوي محمد عالم وٽ ورتائين.

ننڍي هوندي سندس چاچي مولوي ميان غلام حيدر صاحب جي تربيت هيٺ رهيو جو سندن جد امجد ۽ والد مرحوم جي ڏينهن ۾ سمورو ڪاروبار سنڀاليندو هو. سندن ڏاڏي مرحوم مخدوم ميان ظهيرالدين صاحب سنہ 1927ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان کانپوءِ سندن والد درگاه سروريءَ جو سجاده نشين ٿيو.

هي پنهنجي والد کي اڪيلو فرزند هو. سنہ 1937ع ۾ جڏهن 18 سالن جي عمر کي رسيو تہ سندس پهرين شادي ننڍي باگي جي پيرن وٽان ٿي، جي بہ مخدوم نوح عليہ الرحمت جي اولاد مان قريشي پير آهن. ٽن سالن بعد سندن اهليہ وفات ڪئي. ان مان کيس هڪ فرزند ميان محمد امين صاحب ٿيو. ان کانپوءِ مولوي فضل احمد غزنويءَ جي نياڻيءَ سان ڊسمبر سنہ 1942ع ۾ شادي ڪيائين.

سندن والد ميان غلام محمد صاحب 30 ذوالحج سنہ 1363ھ مطابق 16 ڊسمبر 1944ع تي وفات ڪئي. هي سنہ 1945ع جي شروعات ۾ سجاده نشين ٿيو. ان وقت سندس عمر 15 سال هئي. بيو سندس ڪاروبار ساڳيءَ طرح هن جو چاچو ميان غلام حيدر سنڀاليندو رهيو. مخدوم ميان غلام حيدر 27 رمضان سنہ 1372ھ مطابق 9 جون 1953ع تي وفات ڪئي. ان کانپوءِ سمورو ڪاروبار کيس سنڀالڻو پيو.

مخدوم صاحب کي شاعريءَ ۽ راڳ سان ننڍي هوندي کان شوق هو. پهريائين تخلص "بيوس"، پوءِ "فراقي"، بعد ۾ "زمان شاهہ" ۽ آخر ۾ سنہ 1949ع کان "طالب المولى" اختيار ڪيائين.

پاڻ سنہ 1936ع ۾ هالن جي شهر ۾ "انجمن علم و ادب" جو پايو وڌائين، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيترين ادبي ڪانفرنسون سڏايون ويون. سنہ 1937ع ۾ سنڌي خان گوپي جي اثر ڪري راڳ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ادبي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري هالن ۾ هڪ پريس 'الزمان' نالي سان کولارايائين، جنهن مان ڪو وقت هفتيوار اخبارون "پاسبان" ۽ "الزمان" نڪرنديون هيون. 1950ع ۾ هالن مان هڪ ماهوار رسالو "فردوس" سندس سرپرستيءَ هيٺ جاري ٿيو. 1952ع ۾، ماستر جمع خان "غريب" سيتا شهر مان، ماهوار رسالو "طالب المولى" سندس سرپرستيءَ هيٺ ڪڍيو. 1952ع کان سندس سرپرستيءَ هيٺ حيدرآباد مان "شاعر" رسالو نڪرڻ لڳو.

1946ع ۾ سنڌي شاعرن جي جماعت "جميعت الشعراء" نالي سان قائم ٿي. ان ۾ هي دلچسپي وٺڻ لڳو جنهن جو 1952ع ۾ جيڪب آباد واري اجلاس ۾ سرپرست چونڊيو ويو. 1957ع ۾ کيس گهوٽڪي ڪانفرنس جي موقعي تي جماعت جو صدر چونڊيو ويو. جنهن حيثيت سان پاڻ اڃا تائين انهيءَ جماعت سان وابستہ رهندو اچي.

تعليم سان خاص دلچسپي اٿن. "طالب المولى هاسٽل، هالا" ۽ "طالب المولى هاءِ اسڪول، دادو" سندس ان دلچسپيءَ جا زنده مثال آهن.

1954ع ۾ اداره "روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائين، جنهن جي سهاري هيٺ هال ۾ راڳ ڪانفرنس 1955ع ۾ سڏايائين ۽ ماهوار رسالو "روح ادب" جاري ڪرايائين. نومبر 1955ع ۾، "بزم طالب المولىٰ" جو پايو وڌائين، جنهن جون سنڌ ۾ ڪيترين ئي شاخون کلي ويون آهن. جنوري 1956ع ۾ ميرپور بٺوري ۾ لاڙ ادبي ڪانفرنس سندن صدارت هيٺ ڪئي ئي. سنڌي ادبي بورڊ جو 1955ع کان ميمبر رهندو آيو. مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۾ هن کي چيئرمين نامزد ڪيو ويو. نومبر 1955ع کان شاهه لطيف يادگار ڪميٽيءَ ۽ ڪلچرل مرڪز جو ميمبر نامزد ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ به انهن تي ميمبر هلندو اچي. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي. سنڌ جي اڪثر ادبي مجلسن ۾ سندس شرڪت ضروري ڄاڻي، کين دعوت ڏيڻي گهرايو ويندو آهي. پاڻ هن وقت تائين 17-18 ڪتاب تصنيف ڪري چڪو آهي، جنهن جي لسٽ رسالي "مهراڻ" جي يادگار نمبر 1957ع ۾ ڇاپيل آهي، جنهن تان ڪجهه بيان هن احوال لاءِ ورتل آهي.

مخدوم صاحب 1953ع جي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تي بنا مقابلي جي چونڊجي آيو. مسلم ليگ وزارتي پارٽيءَ جو ميمبر رهيو. مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ نه بيٺو. مارشل لا کان پوءِ نئين آئين جي چونڊن ۾ هي مرڪزي اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊجي آيو. مرڪزي اسيمبليءَ جي تازين چونڊن ۾ پڻ مخدوم صاحب ڪامياب ٿي، ان نشست تي فائز رهيو. سندس طبيعت جو اصل لاڙو ادب ۽ ثقافت طرف زياده آهي، پر مڪاني ضرورتن ۽ وقتي مصلحتن جي بناءَ تي هي مجبوراً سياست ۾ حصو وٺي ٿو. بدقسمتيءَ سان گهڻي وقت کان سنڌ جي اڪثر خاندانن، سياست عمل جي مدنظر اقتدار ۾ آيل پارٽيءَ سان ساٿ پئي ڏنو آهي، جا ڳالهه مخلص قومي ڪارڪنن جي نقطه نگاهه کان ملڪ ۽ قوم جي مفاد عام لاءِ مضر پئي رهي آهي. مخدوم صاحب به جڳ جهڙو ئي پئي رهيو آهي. ان ڪري مٿس ميار رکڻ يا نڪته چيني ڪرڻ ٺيڪ نظر نٿو اچي. هن وقت حالت ان ڪڙيءَ تي وڃي بيٺي آهي، ته سنڌي من حيث القوم سياسي ميدان ۾ شڪست کائي چڪا آهن. وڪاڻن گهوڙن جا ملهه ئي ڪونه ٿيندا آهن. ان ڪري مخدوم صاحب جي زندگيءَ جي سياسي پهلو کي ڇڏي، صرف ان جي ادبي ۽ ثقافتيءَ پهلوءَ جو ذڪر ڪيو اٿم.

دنيا جي تاريخ ۾ ڪيترا مثال ملن ٿا، جڏهن ڪن قومن کي سياسي ميدان تي شڪست ملڻ جي باوجود، اهي قومون ختم ٿيڻ جي عيوض، ڏک جهلي، وري زنده ٿي ويون آهن، بشرطيڪ شڪسته خورده قومن سندن ادب ۽ ثقافت کي مرڻ نه ڏنو. روم جي حامين جو يونان تي قبضو ٿيو. پهرين سمجهڻ ۾ ائين پئي آيو ته يونان ختم ٿي ويندو ليڪن يونانين جو ڪلچر ۽ ادب سلامت رهڻ ڪري، خود رومن لوڪ يونان جي تهذيب جا پوئلڳ ٿي پيا. يونانين جي سياسي شڪست ثقافتي ڪاميابيءَ ۾ بدلجي ويئي. ساڳي حالت منگولن جي ايران ۽ چين جي فتح ڪرڻ وقت بني. ايراني ۽ چيني ڪلچر ۽ زبان زنده رهڻ ڪري، منگول انهن جي رنگ ۾ رڱجي ويا. اسان به جيڪڏهن هن محاذ ثانيءَ کي محڪم جهلي پنهنجي ڪلچر ۽ زبان کي قائم رکيو اچون، ته عين ممڪن آهي ته ٿوري وقت ڪانپوءِ، اسان جي سياسي شڪست ڪلچرل ڪاميابيءَ ۾ بدلجي وڃي.

انهيءَ نقطه نگاهه کان مخدوم صاحب جي سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ جي ڪوشش اهم درجو رکي ٿي.

سنڌي ڪلچر، اتحاد انساني ۽ امن عالم جو پيغامبر آهي. سنڌ جا درويش ۽ بزرگ انهيءَ پيغام جا حامل هئا.

سنڌ جي اديبن کي گهرجي ته مخدوم صاحب جي سياسي مجبورين کي درگذر ڪري سندس ادبي ڪوششن جي پذيرائي ڪن. خدا کيس عمر دراز بخشي ۽ ڪانئس سنڌي ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪرائيندو رهي.

مخدوم صاحب کي پنج فرزند آهن:

(1) مخدوم زاده ميان محمد امين صاحب، (2) ميان غلام محمد صاحب، (3) ميان الهچايو (4) ميان عبدالحسين ۽ (5) ميان غلام حيدر.

(جُنب گذاريم جن سين، جلد پهريون 1967، سنڌي ادبي بورڊ)



اسدالله شاهہ ’بيخود‘ حسيني

# مقدمو: ’چيرَ ۾ چڙيون‘

شاعري ڇا آهي، ڇو ٿي ڪئي وڃي، شاعريءَ مان فائدو ڪهڙو نقصان ڪهڙو شاعر ڪير آهي، ڪهڙين مجبورين ڪري قلم کڻيو ڪاڳر تي ڪارا ڪري، ايترو وقت ڪيئن ٿو بچائي، جو دنيائي ڌنڌن کان دل دماغ کي واندو ڪريو وهي ٿو پنهنجا ۽ پرايا پٽڙا پٽي، سندس وجود سڄوروئي خلق لاءِ چڱو آهي يا مٺو اهي سڀ سوال سمجهائڻ بہ سولا نہ سمجهائڻ بہ سولا.

چون ٿا تہ ’شاعري جزوي است از پيغمبري‘، شاعرن وٽ غيب جي خزانن جون ڪنجيون آهن، شاعر ڌٽي سڄوري جا ڪتابي آهن يا وري شاعر گمراهن جا پوئلڳ آهن، جيڪي ڪجهہ بہ آهن پر آهن سموري جهان کان الڳ جنس، يا تہ ڪنيار وانگي مٽيءَ جي مُٺ کي ڳوهيو سوهيو سٽيو ڪٽيو چڪ تي چاڙهيو ٽپيو ٺاهيو برهہ جون باهيون ڏيو کي ڪارا ڪي ڪمرا، ڪي سادا، ڪي چٽڪمرا، ڪي سچا ۽ سالم، ڪي ڪچا ۽ پڪا ڪڍيو ٻاهر ڪري ۽ ملڪ ۾ ورهائي، پر پاڻ اهو جو گهر ۾ دانگي بہ سڄي نہ. مطلب تہ هر هنرمند ۽ ڪاريگر سان سندس پيٽ ۽ مقابلو ڪرڻ کانپوءِ بہ انهي نتيجي تي پهچبو تہ هي همراهہ ڪا شيءِ ٿي ٻي آهي:

بسيار خوبان ديده ام اما تو چيز ديگري

اهين چئجي تہ شعر انسان جي جذبات ۽ احساسات سان واسطو رکي ٿو. شعر فڪر جي عميق گهراين جو حامل، واردات قلبيءَ جو مظهر عشق ۽ الفت، پريم ۽ پياس، سوز ۽ گداز سڪ ۽ ڇڪ جو حسين ۽ ظاهري لباس، دل جي آهُن ۽ دانهن جو مؤثر ذريعو قدرت جي دلفريب ۽ دلڪش مناظر جو عڪس، ڪائنات جي همه گير ۽ عالمگير وسعتن کي پاڻ ۾، جذب ڪرڻ وارو حسن جي رشڪ آفتاب، نور ۽ ضيا، ناز ۽ ادا، جور ۽ جفا، دلبري ۽ دلدهي، دلفريبي ۽ دلربائي، ڪج روي ۽ ڪج ادائيءَ جي تصوير آهي.

شاعر گويا درد ۽ الم جو پيڪر آهي. ڪيف ۽ سرور جو مجسمو آهي. هر موچاري شيءِ جو عڪس سندس دل جي آرسيءَ تي منعڪس ٿئي ٿو. بلبل جو نغمو ڪوئل جي ڪوڪ، چيهن جي ڇهہ ڇهہ، گل جو ترڻ، باغن جي بهاري، جهڙ ڦڙ جي لطافت، بهار جي مند جي پرڪيف ڪشش، سج جو تاب، چنڊ جي ٿڌي روشني، تارن جي جڳ مڳ، سرو ۽ سمن جو دلبري شان، نرگس جي نيمخواب اک، صبا جي ٿڌاڻ، شاعر جي بيادل تي پنهنجي هوشربا جمال ۽ رعنائيءَ سان جلوه افروز ٿي ٿئي، تڏهن شاعر انهن فطرت جي نيرنگين ۾ فنا ٿي وڃي ٿو ۽ سندس هر فڪر فطرت سان هم آهنگ ٿئي ٿو.

علمي حيثيت سان مٿين خوبين واري سڄوري ڪي ٿي شاعر سڏي سگهجي ٿو. سندس شعر انسان جي مثل دل کي جياري ٿو. سندس شعر همت ۽ مردانگيءَ جو سبق آهي، اخلاق ۽ نيڪ نيتيءَ جو باب آهي، عشق ۽ الفت، سوز ۽ گداز سچائي ۽ سٺائيءَ جو داستان آهي. سندس شعر ٻڌڻ سان سمجهبو تہ فقط اسان لاءِ چيو ويو آهي ۽ دل آهہ ۽ واهہ ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندي. ڪي ڏينهن سندس ڪلام جي سرمستي من ۾ موجود هوندي. سندس ڪلام جي سؤ دفعا پڙهبو تہ بہ نئون پيو لڳندو.

اهڙي شاعر کان سواءِ ٻيا پرائي لڪير جا فقير جن ڪڏهن نہ پاڻ پڇايو نہ سور سٺا، نہ جانيءَ جو جور ۽ جفا ڏٺو نہ ورهہ ۽ وفا جا پنڌ ۽ پيچرا پيرن هيٺان ڪيا، نہ انسان سان همدردي، نہ فطرت سان سندن واسطو باقي جو

ڪجهه اڳي چيو ويو آهي، تنهن ڪي طوطي وانگر بار بار پڙهي ۽ ٻئي لفظ هيڏانهن هوڏانهن ڪري، ساڳين خيالن کي پنهنجي ناموزون ۽ درد ڪان خالي لفظن ۾ گهڙي پڙهن ٿا ۽ جيڏي مهل شعر پڙهن ٿا تہ ڦڪي ٽيڻ جي بجاءِ ماٺهن جي ٽول تي خوش ٿين ٿا، واهه واهه ۽ مڪرر مڪرر ٻڌي بهار بهار ٿين ٿا. جيتوڻيڪ سندن ڪلام ٻڌندڙن لاءِ مٺي جو سور ۽ لاڪن گهٽتائيءَ جو سبب آهي. سندن ديوان ڪتبخانن جي سينگار جي بدران پسارين جي پڙين جي ڪم ٿا اچن ۽ سندن نقالي ٿوري ئي عرصي ۾ کليو پوي. اها شاعري نہ پر وقت جو سيڙاپو آهي.

ڪن ملوڪن جو چوڻ آهي تہ شاعر اهو آهي، جيڪو ڪنهن خراب وٿ کي موچاري صورت ۾ پيش ڪري يا ناهوڪي شيءِ کي ٻچڙو جامو پهرائي سگهي يا ماڻهوءَ جي مئل جذبن ۾ نئين جان پيدا ڪري يا رنڌل کي ڪلائي ۽ ڪلندڙ کي رئاڙي وجهي يا سست ۽ آرسي آدميءَ ۾ همت پيدا ڪري يا وري جيڪو ويڙهاڪ وَرَ ڪنجيو ڏڏو ڏڏو ڪندو گهمي، انهي جو سندرو چوڙائي ٽڏي ڇانو ۾ وهاري ڇڏي.

ڪير وري چون تہ اهو ماڻهو شاعر چوائڻ جي لائق ئي ناهي، جنهن استادن جي ڪلام کي نہ فقط چڱيءَ طرح پڙهيو هجي، پر انهن جي ڪلام مان ڪيس هزارها شعر ياد بہ هجن. ڪي چون تہ جيسين فاعلاتن فاعلات جي خرخسي کي چڱيءَ پر نہ پروڙيو اٿس، وزن ۽ بحر جي گوناگون اوجهراڙي ۾ گهوتا نہ کاڌا اٿس، لفظن جي جادوگري، لفاظي ۽ خيال جي ايڏي بلندي هجيس، جو پڙهندڙ بہ حيران ٿي وڃي ۽ سندس ارشاد کي سمجهڻ لاءِ لغتن جا ڍير لڳائي ڇڏي ۽ تشريح ڪري تہ پنا ڪتائي ڇڏي تہ پوءِ چئبو تہ اهو عظيم شاعر آهي.

ڪي بزرگ چون ٿا تہ شاعر اهو آهي، جنهن جا لفظ معني جي تابع هجن. جيڪڏهن لفظن جو شان ۽ شوڪت آهي ۽ معني لڪي لڪانو پڙهي الهانو تہ پوءِ وقت جو سيڙاپو آهي، وري لفظ بہ معني جي اهڙا تابع نہ هجن جو شعر نہ پر رڳو معني ئي معني هجي.

ڪي چون تہ شعر انهن انساني جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو نالو آهي، جيڪو جنهن بہ طريقي سان ادا ڪيو وڃي تہ ٻڌندڙ تي اثر ڪري ۽ هر ڪو ماڻهو ائين سمجهي تہ هي ڳالهہ تہ منهنجي بہ ذهن ۾ هئي، پر جڏهن قلم کڻي لکڻ جي ڪوشش ڪري تہ لکي نہ سگهي.

بهرحال جيترا ماڻهو اوتريون ڳالهيون ۽ جيترا ذهن اوتريون تشريحون، تشريحون ڪري وڃي پار پئبو پر وري بہ چئبو تہ اچا شاعر کي سمجهڻ ۽ شاعر کي پروڙڻ لاءِ جيڪي سو ڪجهه گهرجي.

ڪسوٽيون تہ ڪيئي آهن ۽ پڙهندڙن جا رايا بہ جدا جدا، هر راءِ شعر جي همه گير صفتن جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ تي روشني وجهي سگهي ٿي. شاعر جيڏي وڏي بلند مرتبي وارو هوندو اوڏو ئي وڏو سمجهو مقدمه نگار هئڻ بہ ضروري آهي.

طالب المولي شاعر جي حيثيت سان ايڏي اوچي مقام کي پهتل آهي، جو مون جهڙي سيڪڙات سندس ڪلام جو جنهن بہ پيري مطالعو ڪيو آهي تہ نيون معنائون، نوان خيال ۽ نئون لطف پلئہ پيو آهي ۽ مقدمو لکندي اعتراف ٿو ڪرڻو پوي تہ سندس ڪلام کي پوري طرح پرجهي مقدمي لکڻ جو حق مون کان ادا ٿي ڪونہ سگهندو. آئون جيڪي ڪجهه عرض ڪندس، اها منهنجي پنهنجي سمجهه جي پٽاندر ئي سندس ڪلام جي اپٽار هوندي. شاعر جي ڪلام تي تبصرو يا شاعر پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو يا وري ڪي وڏا عالم فاضل نقاد. آئون تہ فقط يوسف جي خريدارن ۾ پنهنجو نانءُ ڳڻائڻ لاءِ چند پڳل ٽٽل خيال ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.*

هن فقير حضرت طالب المولي سان سفر ۽ حضر ۾ تمام گهڻو وقت گذاريو آهي، منهنجي ساڻن نيازمنديءَ کي هي سورهون سال پيو هلي. منهنجي تعليمي تڪميل ۾ سندن مالي امداد ۽ همت افزائيءَ جو وڏو حصو آهي. سندن

---

* هتان سوانح جو احوال ڪڍيو ويو آهي، جو اهو ٻين مضمونن ۾ اچي ويو آهي (ت.ج)

شخصيت جي گهري مطالعي ڪرڻ جو ڪافي موقعو بہ مليو اٿم. شايد سندن جماعت يا دوستن ۾ پير ميان محبوب علي ۽ سيد حيدر شاهہ ولد سيد مٺن شاهہ اجناٽي، سيشن جج ڪانسواءِ، جن ننڍپڻ کان وٺي سندن صحبت ۾ گذاريو آهي، اهڙو ڪو ٻيو ماڻهو نہ هجي، جيڪو مون جيترو سندن طبيعت مان واقف هجي، پير فقير امير ڪبير تہ ملڪ ۾ گهڻي ئي آهن. شان شوڪت، رعب تاب ۽ مان مرتبي وارن جي بہ گهٽائي پئي آهي، پر طالب المولىٰ جهڙو همہ صفت موصوف شخص ملڻ مشڪل آهي.

موچارا مهانڊا، موزون قد ۽ قامت، سريلو آواز مٺا ٻول، ياروسي، دوستن تي مهرباني، دشمن تي نوازش، سچائي، وفاداري، نهٺائي ۽ نماڻائي، اميرن غريبن سان هڪجهڙائي هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ ڳولڻي هجي تہ هلي وڃي طالب المولىٰ سان ملجي. ڪو وقت تہ اهڙو هوندو هو جو نوڪر چاڪر تي ناراضپو ٿيو تہ بجاءِ انهي جي جو انهيءَ شخص کي لَڪائجي، چاڻهن ڪونہ پيئندا هئا، جنهن تي ڪاوڙ هوندي انهيءَ کي وري خبر ئي ڪانہ هوندي تہ ڪو پاڻ مٿس ڪاوڙيل آهن. وري پاڻ ئي ٻڌائيندا هئا تہ آئون فلاڻي يا فلاڻي تي رنج آهيان، تڏهن وڃي اهو همراهہ کين پرچائيندو هو. مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو تہ پاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن ملازم کي گهٽ وڌ ڳالهايو هجين يا هٿ جو پونبو ڏنو هجين. ڪاوڙ هوندي تہ بہ ابا پٽ ڪري ڳالهائيو. وڏي عمر وارن ملازمن کي هميشہ جمع جي صيغي سان مخاطب ٿين. ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن جي کين خبر هوندي تہ سندن خلاف آهن، تڏهن بہ ساڻن اهڙي سهڻي هلت هلندا، جو اڳلي کي محسوس ئي ڪونہ ٿيندو تہ ڪو هن شخص کي سندن پرڪارن جو پتو آهي. اڪثر پنهنجي ڳالهہ ماري ٻين جي ٻڌن. ٻئي ڪنهن جي راءِ سندن راءِ جي خلاف هوندي تہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪونہ ڪن. اڪثر دوستن، مريدن، وينڊي ڏارين ماڻهن جا ڪم ڪاريون بہ پنهنجي خرچ تي ڪري ڇڏين. طبيعت جي ناساري، اهم ڪمن جي گهڻائي ۽ ذاتي مصروفيتن جي باوجود ڪو اڙيات اچي نڪتو تہ انهي جي ڪم جي پوئواريءَ لاءِ لاهور، راولپنڊي ۽ اسلام آباد پنهنجي خرچ تي وڃي نڪرن.

طالب المولىٰ هڪ وڏو پير آهي، جيڪڏهن مريدن وٽ سير سفر تي مسلسل نڪري تہ سڄو سال پيو مسافري ڪري پر مريد نہ کٽن، پر شروع کان وٺي مسافري تي نڪرڻ کين پسند نہ هوندو آهي. ڪيترا اهڙا علائقا بہ آهن، جتي باوجود مريدن جي زوربار ۽ منٿ ميڙ جي، هڪ دفعو بہ نہ ويا آهن. مثلاً لاڙ جي حصي ۾ حيدرآباد کان وٺي شاهہ بندر تائين جيترا مريد غوث الحقؒ جا آهن، ڪنهن ٻئي بزرگ جا مشڪل سان هوندا، پر طالب المولىٰ ڪڏهن انهي پاسي سفر تي نہ ويو آهي. مريد ٻارهين مهيني يا هر ماهہ ٻهرين سومار تي درگاهہ جي زيارت تي اچي نڪرن. اهڙيءَ ريت رياست بهاولپور ۽ ٿر جي مٺي ۽ ڇاڇري تعلقن وغيره ڏانهن فقط هڪ دفعو مسافريءَ تي ويا آهن. خيرپور ميرس ۽ ٻين علائقن ڏانهن بہ فقط هڪ يا ٻہ دفعو وڃڻ ٿيو اٿن. پنجاب ۾ خانقاهہ ڊوگران، بلوچستان ۾ پاڳناڙي، مستونگ ۽ هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ ۽ ڪيترن ٻين حصن ۾ بہ سندن ڪافي مريد آهن، پر فقط اتي جا ماڻهو ئي درگاهہ جي زيارت تي ايندا آهن. طالب المولىٰ ڏيڻ وارو ماڻهو آهي، جيڪي کيس ملي ٿو، انهي کان ٻيڻو قومي فلاح ۽ بهبود، علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي سرگرمين تي خرچ ڪري ٿو. خدا شال سنڌ جي ٻين پيرن سڳورن کي بہ ملڪ جي خدمت جو اهڙو موقعو ڏئي، جيئن هن خطي جي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪري سگهن.

طالب المولىٰ جي مجلس ۾ علم ادب، راڳ رنگ، تهذيب تمدن، ذڪر فڪر سير سفر ۽ شڪار جون ڳالهيون اڪثر هلنديون رهنديون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن سندن محفل ۾ چرچو گهڻو بہ ٿيندو آهي. مزاح زندگيءَ جي اڻ کٽ مصروفيتن، ذهين مونجهاري ۽ زماني جي افراتفري کان وقتي طور جند ڇڏائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ادب جي حدن جي اندر سنجيده چرچو بہ هڪ روح جي راحت آهي. طالب المولىٰ جي حاضريءَ جي ماڻهن ۾ بہ ڪي اهڙا شخص آهن جو

ڪنهن شئي جو رڳو نالو زبان تي آيو ته رڙيون، دانهون ڪڍيون. بس رڳو ڏاڍو چئو ته اوچتو هوڪرون ڪڍيون. حاضرين ڪل ۾ ٻڌل هوندا ۽ ڏاڍو فقير نڙي ڦاڙي ايڏو ته وڏو ۽ اهڙي انداز ۾ احتجاج ڪندو جو ڪو زمانو اهو نظارو اکين آڏو پيو ڦرندو.

سالن جا سال پاڻ پنهنجي خرچ تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ڪندا آيا آهن. ڪيترين ادبي انجمنن جو وجود سندن مالي ۽ اخلاقي مدد تي ئي منحصر بڻيو رهيو آهي.

محترم قبله جي ايم سيد، طالب المولي جي علمي ادبي خدمتن متعلق لکيو آهي: "پاڻ سن 1936ع ۾ هالن جي شهر ۾ "انجمن علم و ادب" جو پايو وڌائين. جنهن جي سهاري هيٺ ڪيترين ادبي ڪانفرنسون سڏايون ويون. ادبي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ جي ڪري هالن ۾ هڪ پريس 'الزمان' نالي سان کولرائين. جنهن مان ڪو وقت هفتيوار اخبارن 'پاسبان' ۽ 'الزمان' نڪرنديون هيون. 1950ع ۾ هالن مان هڪ ماهوار رسالو 'فردوس' سندس سرپرستيءَ هيٺ جاري ٿيو. 1952ع ۾ ماستر جمع خان "غريب" سيتا شهر مان، ماهوار رسالو "طالب المولي" سندس سرپرستيءَ هيٺ ڪڍيو. 1956ع کان سندس سرپرستيءَ هيٺ حيدرآباد مان 'شاعر' رسالو نڪرڻ لڳو.

1946ع ۾ سنڌي شاعرن جي جماعت "جميعت الشعراء" نالي سان قائم ٿي، ان ۾ هي دلچسپي وٺڻ لڳو جنهن جو 1952ع تي جيڪب آباد واري اجلاس ۾ سرپرست چونڊيو ويو. 1957ع ۾ کيس گهوٽڪي ڪانفرنس جي موقعي تي جماعت جو صدر چونڊيو ويو جنهن حيثيت سان پاڻ اڄا تائين انهي جماعت سان وابسته رهندو اچي.

1954ع ۾ 'اداره روح ادب سنڌ' جو بنياد رکيائين. جنهن جي سهاري هيٺ هالن ۾ راڳ ڪانفرنس 1955ع ۾ سڏايائين ۽ ماهوار رسالو 'روح ادب' جاري ڪرايائين. نومبر 1955ع ۾ 'بزم طالب المولي' جو پايو وڌائين. جنهن جون سنڌ ۾ ڪيترين ئي شاخون کليون ويون آهن. جنوري 1956ع ۾ ميرپور بٺوري ۾ لاڙ ادبي ڪانفرنس سندس صدارت هيٺ ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جو 1955ع کان ميمبر رهندو آيو. (ٻهرين) مارشل لا کان پوءِ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۾ هن کي چيئرمين نامزد ڪيو ويو. نومبر 1955ع کان شاهه لطيف يادگار ڪميٽي ۽ ڪلچرل مرڪز جو ميمبر نامزد ٿيو ۽ ان کانپوءِ انهن تي ميمبر هلندو اچي. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪميٽي جو ميمبر آهي. سنڌ جي اڪثر ادبي مجلسن ۾ سندس شرڪت ضروري ڄاتي، کين دعوت ڏئي گهرايو ويندو آهي. پاڻ هن وقت تائين 17-18 ڪتاب تصنيف ڪري چڪو آهي". (5)

مٿين خدمتن کان علاوه سنڌي لوڪ ادب کي زور وٺائڻ ۽ سگهڙن کي عوام جي روبرو پيش ڪرڻ جي ابتدا به طالب المولي ڪئي ۽ انهي خيال کي عملي روپ ۾ آڻڻ لاءِ ٻهريون دفعو هالن ۾ سگهڙن جي ڪانفرنس سڏايائين. اهڙي ريت سنڌ ۾ چرچو پوڳ، نقل نظير به هڪ الڳ مقام رکن ٿا. مسخرا، ظريف، چرچائي ۽ نقال معاشري جون خاميون خوبيون عجيب وٽندڙ انداز ۾ بيان ڪن ٿا. جيڪا ڳالهه سنجيده نموني نه چئي سگهجي، اها مزاحيه انداز ۾ آسانيءَ سان پيش ڪري سگهجي ٿي. طالب المولي جي ئي ڪوشش سان حيدرآباد جي بسنت حال ۾ مزاحيه ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جتي سنڌ جي چونڊ ظريفن حصو ورتو.

شاعري هجي يا ڪو بيو فن ان سان ٽن قسمن جا ماڻهو وابسته ٿين ٿا. هڪڙا جن کي خدائي ڏات مليل هوندي آهي. ٻيا جيڪي اڪتسابي ٿين ٿا، يعني لکي پڙهي، سکي ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ وارا. ٽيا اهي جن کي اها شيءِ ورثي ۾ ملي هوندي آهي. هر گهر خاندان، قبيلي ۽ قوم ۾ ڪي خاص خصوصيتون پشتان پشت هليون اينديون آهن. پلن پيڻان ڏلا ۽ ڏلن پيڻان پلا ته برابر ٿين ٿا، پر مجموعي طور چند خصوصيتون ساڳيون گهر جي پلن يا ڏلن ۾ ٿوريون ڪي گهڻيون ضرور ملنديون. انهيءَ ڪري ئي چوندا آهن ته سنڌي مهمان نواز آهن. اها هڪ قومي خصوصيت آهي، جا هن خطي جي ماڻهن کي ورثي ۾ مليل آهي. هتي جنهن کي اسين ڪنجوس چونداسون، ٻين قومن جي مقابلي ۾

اهو بہ وڏيڪ مهمان نواز ثابت ٿيندو. ماحول جي اثر ڪانسواءِ بہ خانداني طور تي ڪن خاص خصوصيتن جا اجزا خاندان سان تعلق رکندڙ شخص جي رت ۾ تحليل ٿيل هوندا آهن. ڪنهن خاندان جا فرد جري هوندا تہ ڪنهن جا عالم فاضل. شاعري بہ انهيءَ طرح ورثي ۾ بہ ملندي آئي آهي.

حضرت طالب المولي جن جي خاندان ۾ ٻين خصوصيتن کان علاوه بہ خصوصيتون صدين کان هلنديون اچن. هڪ شاعري ۽ ٻي موسيقيءَ سان دلچسپي. حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جن هڪ بلند پايہ شاعر هئا. سندن جيڪي بہ چند بيت هٿ آيا آهن، انهن جي مطالعي مان ئي سندن شاعرانہ مقام جو بخوبي اندازو ٿي سگهي ٿو. سندن بيت:

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ پانيو ماٺهوئا!
روئي ڇُڙيِ رات، ڏسي ڏکوين کي!

لفظن جي بندش، تجنيس حرفي، وزن جي پختگي ۽ خيال جي بلنديءَ جو هڪ اعلي مثال پيش ڪري ٿو. خيال جي تازگي اهڙي آهي جو اڄ بہ پاڪستان جي باڪمال شاعرن وٽ اهو خيال استعمال ٿئي ٿو. حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي رحمتہ الله جن لاءِ اهو مشهور آهي تہ پاڻ پنهنجي مواعظ ۾ ٻين بزرگن سان گڏ حضرت غوث الحقؒ جن جا بيت بہ پڙهندا هئا. خليفي محمود نظاماڻيؒ پنهنجي ترتيب ڏنل حضرت روضي ڌڻيءَؒ جي ملفوظات ۾ حضرت غوث الحقؒ جا ٻيا بہ بيت ڏنا آهن.[1]

حضرت غوث الحقؒ جي ئي تربيت هيٺ شاهہ عبدالڪريمؒ ڪمال تي پهتو.

اهڙيءَ طرح حضرت غوث الحقؒ جي پوٽي لاکي لطف الله جو ڪلام بہ نهايت بلند پايي جو آهي، سندس بيت شاهہ لطيفؒ جي ڪلام ۾ گڏجي ويا آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رايو آهي تہ شاهہ جي رسالي ۾ آيل سُربسنت بهار سمورو ئي لاکي لطف الله جو چيل آهي.[2]

حضرت غوث الحقؒ جن جو هڪ ٻيو پوٽو ميان فتح محمدؒ بہ فارسيءَ جو هڪ سٺو اديب هو. سندس لکيل حضرت غوث الحقؒ جن جي سوانح حيات 'رسالہ فتحي'، ٽن جلدن ۾ موجود آهي. رسالہ فتحي ۾ ميان فتح محمدؒ جو فارسي ڪلام بہ آيل آهي. سندس سنڌي ڪلام هٿ اچي نہ سگهيو آهي.

طالب المولي جو پڙ ڏاڏو مخدوم امين محمد عرف 'پکن وارا صاحبؒ'، (م 1303هه) سنڌي زبان جي بهترين شاعرن ۾ ليکيو وڃي ٿو. سندس ڪلام 'ڪليات امين' جي نالي سان پروفيسر محبوب علي چنا مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. مخدوم امين محمد جو ننڍو ڀاءُ ميون غلام نبي عرف 'پنيلڏو' بہ سنڌي زبان جو شاعر هو.[3]

ميين پنيلڏي کي چار فرزند هئا. ميان غلام حسين، ميان غلام رسول (احمد علي)، ميان غلام سرور ۽ ميان غلام محي الدين. اهي چارئي پائر شاعر هئا. البتہ ميون غلام رسول (احمد علي) سڀني کان سٺو شاعر هو.

طالب المولي جو والد ماجد حضرت مخدوم غلام محمدؒ فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. ديوان حافظ هميشہ ساڻ هوندو هوس. پڻ ڪاهي ڪاهي سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شعر بہ چوندو هو. حضرت علي عہ جي شان ۾ چيل سي حرفي مشهور آهي.[4]

---

[1] هتي مخدوم نوح جا ڏنل بيت ڪٽيا ويا آهن. (ت ج)

[2] هتي 'سُر بسنت بهار' جا ڏنل بيت ڪٽيا ويا آهن. (ت ج)

[3] هتان ميان پنيلڏي جي ڪلام جو نمونو ڪٽيو ويو آهي (ت ج)

* ميين غام رسول جي ڪافي ٻڻ طوالت سبب نہ ڏني وئي آهي (ت ج)

[4] هتي مخدوم غلام محمد جي سي حرفي طوالت سبب نہ ڏني وئي آهي. (ت ج)

اها ذات طالب المولى کانپوءِ بہ انشاءَ الله نسل بہ نسل قائم رهندي. سندس وڏو فرزند مخدوم زاده محمد امين فهيم سٺو شاعر آهي. سندس نظم، غزل ۽ قطعا نهايت برجستا آهن.[1]

هن مجموعي ۾ آيل ڪلام تي تبصري ڪرڻ کان اڳ گذارش ڪندس تہ ڪافي يا بيت صاف سنڌي صنفون آهن. سنڌ تي جيڪي ڌارين جا حملا ۽ جلهون ٿينديون رهيون آهن، تن جو لازمي اثر اسان جي ثقافت تي بہ پيو آهي. سنڌي زبان جي علمي ادبي حيثيت جيتوڻيڪ قائم رهي، پر عربي ۽ فارسي زبانن جو غلبو صدين جون صديون هلندو آيو. هڪ تہ انهن ٻولين ۾ دين اسلام جي احڪامات جي اپٽار ڪيل هئي، ٻيو قران حڪيم ۽ حديث سڳوري جي ڪري بہ عربي سان سنڌي مسلمانن جو هڪ خصوصي انس هو. درباري زبان فارسي هئڻ ڪري بہ اسان جا پڙهيل ڪڙهيل ۽ عالم فاصل ماڻهو پنهنجي خيالات جي اظهار جو ذريعو فارسي کي بنائيندا آيا. نہ فقط ايترو پر هڪ صدي اڳ خط و ڪتابت بہ گهڻو ڪري فارسي ۾ ئي ٿيندي هئي. مدرسن ۽ مسجدن ۾ گفتگو بہ اڪثر فارسي ۾ ڪئي ويندي هئي. عالمن ۽ شاعرن پنهنجن تخليقن کي فارسي زبان ۾ ئي پيش ڪرڻ کي فخر ٿي سمجهيو. اهڙي ماحول ۾ سنڌين سڳورن جا ٻہ گروه نظر اچن ٿا، جن پنهنجي ٻوليءَ کي مضبوط، شاهوڪار ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ بي انتها ڪوشش ڪئي. هڪ گروه علماءَ جو هو جن عام خلق کي مونجهاري مان ڪڍڻ لاءِ دين جي حڪمن کي سليس سنڌيءَ ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 'ابوالحسن جي سنڌي'، 'دائري واري سنڌي'، وغيره مشهور ٿيون ۽ ڪيترا ديني ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا.

ٻيو گروه صوفي شاعرن جو جن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي سنڌيءَ جي قالب ۾ پلٽيو جتي سنڌ جا بلند پايہ عروضي شاعر لف و نشر ۽ مراعات النظير جي چيستان ۾ قاسي حقائق ۽ دقائق کي بيان ڪرڻ ۾ وار جون کلون لاهڻ لڳا، اتي ٻين بزرگن صاف، سلوڻي، مٺي ۽ موچاري سنڌي ۾ پنهنجي خيالن ۽ صحيح جذبن کي سنڌ جي ماحول مطابق پيش ڪري، ڪافي ۽ بيت کي ابدي زينت بخشي ۽ زبان کي لازوال حسن ۽ دوام ڏئي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو فارسي گو توڙي سنڌي گو شاعرن جو عروضي ڪلام ڪنهن کي ڪو ورلي ياد هوندو پر ڪافي گو شاعرن جو ڪلام يڪتاري، دلي ۽ ڍولڪ ۽ سريلي آواز جي ذريعي جهرجهنگ پڪڙجي ماڻهن جي جذبن سان هم آهنگ ٿي ويو.

اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ ڪافي گو شاعر ڪي سنڌي ڄٽ ڪونہ هئا، جو نڪو فارسي ڄاڻندا هئا، نڪو عربي. نہ انهن بزرگن مان اڪثر عالم، فاضل ۽ علم عروض جا ڄاڻو هئا، پر پنهنجي ٻوليءَ سان عشق ۽ پنهنجي ثقافت سان پيار ڪين اهو گس وٺايو جو نہ فقط پاڻ زنده جاويد ٿي ويا، پر سنڌي زبان کي بہ ڳاڙهي ڪنوار بنائي ڇڏيائون.

البتہ زبان کي وڌيڪ ميناج ڏيڻ ۽ ان جي اهليت کي ثابت ڪرڻ ۽ عروضي شاعري کي ڪتابن تائين محدود ڪرڻ لاءِ هنن عجمي وزنن کي بہ استعمال ڪيو آهي ۽ ان ۾ بہ وري پنهنجو تصرف ڪري، مصرعن کي ننڍو وڏو ڪري، راڳڻين جي لاڙهين چاڙهين سان پچايو اٿن. صاف، سپڪ ۽ کري ٻولي استعمال ڪندي غزل جي شڪل ۾ بہ ڪافيون چيون ويون آهن. البتہ غزل ۽ ڪافيءَ ۾ فرق ڪرڻ خاطر مطلع ۾ ٻن مصرعن جي بجاءِ فقط هڪ مصرع آندي وئي آهي. مثال طور:

ٿلهہ: سگهو ڏي سير ۾ ساهڙ! ميهر! مون کي مددگاري،
دلو درياءَ جي دهڪن، پڇي پيلو ڪيو پورا،
ڇڏيو ست ساهہ ٻر ٻانهن، هجيس هيبت ۾ هيڪاري.
(مرحوم حافظ شاهہ)*

---

مخدوم امين فهيم جي شاعريءَ جا مثال ٻڻ ڪٽيا ويا آهن (ت ج)

هتان 'صاحبڏني شاهہ' جو مثال ختم ڪيو ويو آهي. (ت ج)

صفتون سو هزار ذات آهي هڪڙي،
ڪارفرما ڪريم ٿيو انسان سڀ اوزار
ڏس عبرت جا آثار حسن قبح ۾ هڪڙا.

—

ڏسڻ ڪان جو ڏور سو ويجهوآهي وجود ڪان،
ڪڪ پن ۾ ڪريم جو نسورو ئي نور
ذرڙو ذرڙو ذرڙو لئي ڪاملن ڪوه طور
جو ڏسي نٿو ڏيهه ۾، تنهن قلب جو قصور
دريون دنيا واريون، اُٿي پٽي پور
طالب مولا جاڻ تون، هرجا اٿئي حضور
هي دل ڪان ناهي دور، هردم آهي هنج ۾.

واحد جي واکاڻ ۽ سچي صفت، سندس قرب ۽ قهر جلال ۽ جامل جي اپٽار آهي:

عاشق! الاالله ۾“ اٿئي واحد جو وصال،
هي صيقل هٽي صاف ٿي ڪر قرب منجهه ڪمال
ته پسين جل جلاله جي، جلوي جو جمال،
ڪر اطاعت ان جي، خاصو رکج خيال،
ته هادي ٿيئي حال، طالب مولا طلب ۾.*

سموري سڪ جو محور فيض جو منبع، هدايت جو سرچشمو واليءَ جي واٽ پسائڻ وارو اونداهيءَ مان سوجهري ڏي ڏيڻ نيڻ وارو محمد مصطفيٰ ﷺ آهي. شرعي مسائل ۽ فقهي بندشن کي تسليم ڪندي، صوفيائي ڪرام انهيءَ سڳوري سان لنئون لڳائڻ، انهي جي در تي دل جهڪائڻ ۽ ڪائنس ئي سڌو سنئون ڪائنات جي اهميت ۽ ماهيت، قلب جي ڪميت ۽ ڪيفيت، روح جي راز ۽ رمز خالق جي مخلوق سان لاڳاپي ۽ ڳانڍاپي جي سبق پڙهڻ کي افضل ترين عبادت پئي سمجهيو آهي. طالب المولي جي نبي ڪريم سان بي انتها محبت جو اندازو سندس سموري ڪلام مان ڪري سگهجي ٿو. جتي فقط مجازي عشق جون ڳالهيون پيو ڪري اتي اوچتو پڙهندڙ کي محسوس ٿيندو ته مجاز سان گڏ ڪنهن حقيقي محبوب جي تانگهه. طلب ۽ تات جو به ذڪر اذڪار اچي ويو آهي.

پيرن جي پرينءَ ڏي پلاڻڻ جو ذڪر ڪندي ڪندي خالص عشقيه انداز مان مديني جي مير ڏانهن موڙيو اٿس ۽ انهي داستان جا آخري بيت مڪي معظمه ۽ مديني منوره ۾ مڪمل ٿيا. ارشاد آهي:

اکيون سڪنديون ئي رهيون، سڪ ۾ روز سدا،
طالب المولي طلب ۾، ڪٿا سبب خود خدا،
ڪٿا قدمن حق ادا، هلڻ جا حبيب ڏي.

—

ٻوڙي ٻوڙي پهتا، عجيب جي آستان،
پسائئون پرينءَ جا، مڙئي ماڳ مڪان،

* هتان به طوالت سبب هڪ مثال گهٽايو ويو آهي. (ت ج)

موضوعن جي لحاظ سان طالب المولي جي ڪلام ۾ گهڻا اهڙا موضوع ملندا، جن تي هن کان اڳ به ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، پر جيڪا خاص ڳالهه هتي پڙهندڙن کي نظر ايندي، اها آهي انهن موضوعن کي نڀائڻ جو هڪ انفرادي ۽ امتيازي طريقو. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن پراڻي موضوع کي پڙهندي ماڻهو هڪ عجيب سرور ۽ حظ حاصل ڪري ٿو. مثال طور عشق جي ڪيفيتن تي گهڻو ڪري سڀ ڪنهن شاعر لکيو آهي ۽ ائين به چيو آهي ته عشق هر بوالهوس کي ڪونه ٿو ملي وغيره. پر ائين ڪنهن ڪونه چيو آهي ته عشق ڪا هڪ خيرات خاني جي شيءِ نه آهي، جا محتاجن ۾ تقسيم ڪئي وڃي يا وري عشق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو بيت المال کوليو وڃي. مثال طور:

عشق نه بيت المال، جو ملي محتاجن کي،
عشق آهي اُن سندو جنهن کيو قرب ڪمال،
طالب مولا طلب ۾، جو رکي خاص خيال،
جانب جو جمال، اهو ماڻيندو عشق سان.
برهه نه آهي بيت المال، هت محتاج جو چاهي چاهي!
ڪيڏي اهوئي برهه جي بازي، غير چڙهي جو ٿيندو غازي،
ٻي کي ملندو محب محال، عشق اڙانگو آهي آهي!
ڪنڊا، ڪولابا، مٽيا، مصلا، ورهه بنا ويران سي وصلا،
ٿيندو ڪين ڪي حاصل حال، ٿاهه نڳي جا ٿاهي ٿاهي!

اکين جي عجيبن ڏانهن اُڪنڊ، پرين پسڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ روج ۽ راڙو رند ۽ راهون رلڻ، گهر گهر گهٽي گهٽي گهوٽ لاءِ جهاتيون پائڻ ۽ ٻيون به ڪئين اهڙيون خيالي خصوصيتون هر شاعر جي ڪلام ۾ ملنديون، پر طالب المولي جي تخيل جو رنگ ئي ٻيو آهي، فرمائي ٿو:

اکين کي آئون، روڪيان جيئن رڻ کان،
ٿئن ٿئن تنهنجي تات ۾، رهي رُنائون،
مُنن ماٺ نه اچي، جو پرين پچيائون،
طالب مولا! طلب ۾، سهڻو سوجهيائون،
هنجهون هاريائون، سڄڻ سارينديءَ گهڻو.

—

وسيو ٿيون وسن، اکيون اوهيرا ڪريو
ڪهڙي مجال مينهن کي، جو اينهين ٿي اچن،
طالب مولا! طلب ۾، نميو روز نمن،
جيڪر محب ملن، ته به رهنديون ڪين رڻ کان.

—

ڇو ٿو ڪرين مينهن! مون سان ريس رڻ جي،
طالب مولا سان ڪيا، ناحق وڏا نينهن،
تنهنجا به ٿي ڏينهن، منهنجي موسم سيڪا.

پير ويچارا پرت مان، گهٽو ئي ڪي ٿا ڪن،
سر ٿين جت صدقي، ات ڪٿي پير پڄن!
پير وڃيا تہ مٽيءَ ۾، دٻجو ٿين دفن،
سر شهادت بعد پڻ، نيزن تي چڙهن،
پير بہ طالبا طلب ۾، مورهئون ڪونہ مڙن،
پر سرويچ ئي صديقي چئي، صديق ٿا سڏجن،
پير قربو ٿئجن، ۽ سر سدائين سٽ ۾.

سر تہ برابر سوريءَ تي محبت ٿا ملهائين، پر جيستائين من ۾ محب جي منزل نہ ٿئي، قلب ۾ قربن جي قرب جو ڪاڏو نہ اچي، دل دوست جي ديدار ڏيکڻ جو پڪو پهہ نہ پچائي، تيستائين سڪٽو سر جهڪائڻ منافقن جي منزل آهي.

سر پلي ڏين سجدا، سو سو ۽ سئو بار
چانئٺ چمن چاهہ مان، ۽ پرين جا پيزار
جي دل نہ محبت ڪي مچي تہ سر ڪَلهن تي بار
سر بہ تڏهن ٿا قبول پون، جڏهن دل پرڪن دلدار
سر جهڪن صد بار تہ بہ درجا آهن دلين تي.

—

اکيون ٿين جي انڌيون، ڏسڻ کان بہ وڃن،
ڪن بہ جيڪر ڪڏهن، ٻڌڻ ڇڏي ڏين،
سرن ۾ سودا ٿئي، تہ چريا ٿي پون،
پير بہ پرڻ ڇڏين جي، هلي ڪين سگهن،
۽ مڙئي عضوا ضعف کان، جواب ڏئي وڃن،
تہ بہ دليون دوست پسن، طالب مولا! طلب ۾.*

سالڪن الست جي آواز کي لبيڪ چوڻ واري شئي کي روح سڏيو آهي. روح ئي اها شئي آهي، جنهن نوري جي نظر پوي تي ۽ اتي پرين پنهنجو پاڻ پسائي ٿو. روح لافاني ۽ ابدي آهي. ان جي اپٽار ڪري نٿي سگهجي. جڻن پيو اونهو وڃبو تيئن پيا هڪڙا اسرار کلندا ۽ ٻيا معما پيدا ٿيندا. آدم جي بوتي ۾ ڏٺي پنهنجي روح مان ڦوڪ ڏني "۽ نفخت فيه من روحي". ان لطيف ۽ اڻ ڏٺي امر کي فقط ڪتابن ۽ اشارن تائين سمجهائي سگهجي ٿو ورنہ "يسئلونک عن الرّوح قل الرّوح من امر ربي". روح فقط ڏٺيءَ جو امر آهي.

دل تہ برابر آهي دل، پر رڳو آهي ماس،
اچي پيو ان ۾، ويتر جي وسواس،
تہ هو ئي هڪ گهڙيءَ ۾، نگرو ڪندس ناس،
ڪبو جي قياس، تہ رمزون آهن روح جون.

—

* 'دلين وارا بيت" بہ هتي گهٽ ڏنا ويا آهن (ت ج)



ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

# مير علي احمد خان ٽالپر ڏانهن مخدوم "طالب المولىٰ" جا خط

خط لکڻ هڪ فن آهي. اهو جيترو آسان ۽ دلچسپ آهي، اوترو ئي ڏکيو پڻ. اهو انسان جي ادراڪ ۽ احساس جو ترجمان به ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪن سنجيده مسئلن تي ڪيل گفتگو ڪانسواءِ ڪن داخلي احساسن جو اظهار به ڪيل هوندو آهي. اهڙن اظهارن ۾ انشاء پردازيءَ جو جوهر خوب سمايل هوندو آهي. شعر، سخن ۽ قولن جي استعمال سبب ان ۾ جاذبيت پڻ پيدا ٿي پوندي آهي. سموئيل جانسن چواڻي: "خط ۾ انساني روح جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي."

خط لکڻ وارو عمل تڏهن کان آغاز ۾ آيو هوندو، جڏهن کان رابطي لاءِ لکپڙهه وجود ورتو. اوري پري ڪو نياپو/ سنيهو لکت ۾ موڪلڻ واري قرطاس کي خط چيو ويو هوندو. ڌرتيءَ جي کهڙي به ٽُڪر تي ڪنهن قوم جي وجود وٺڻ ۽ ان جي شعوري ارتقا ۾ خط لکڻ جو رواج آڳاٽو ضرور هوندو. خط جي تاريخ تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته اهو ڪنهن به آڳاٽي وجود ۾ آيل رسم الخط جيترو ئي ڪُهنو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته رسم الخط جي گهرج به خط لکڻ جي ڪري محسوس ڪئي ويئي هجي. بهرحال خط جي قدامت کي ڪنهن به حوالي سان مڃڻ واجب ٿيو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح مهذب قومن ۾ ئي ان جي آڳاٽي وجود جا اهڃاڻ ملي سگهن ٿا. قرآن مجيد جي اُڻويهين پاري جي سورت النمل ۾ حضرت سليمان عليه السلام جي خط جو ذڪر ملي ٿو. ان کان علاوه نبي پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جا روم، حبش، ايران، بحرين، عمان، دمشق ۽ يمامه جي حاڪمن ڏانهن لکيل خط ۽ خلفاءِ راشدين جا خط اسلامي تاريخ جو اهم موضوع آهن. اهڙيءَ طرح صوفي بزرگن ۽ شيخن مشائخن جا ظاهري توڙي باطني تربيت کان علاوه روحاني ۽ سماجي مسئلن تي ڪيل گفتگو تي مبني خطن جا مجموعا ان فن جو سرمايو آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ به خطن جو خاصو ڇپيل ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي، سائين جي.ايم.سيد، سيد ميران محمد شاهه، پير علي محمد راشدي، محمد امين کوسي، شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويي، عبدالقادر جوڻيجي ۽ طارق اشرف جا خط شايع ٿيل آهن. ساڳيءَ ريت ڪيترن ئي ڇپيل مجموعن ۾ مختلف عالمن ۽ شخصيتن جا خط ترتيب ڏنل آهن. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن، توڙي دانشورن، شاعرن، سياستدانن ۽ سماجي ڪارڪنن جي خطن جا ذخيرا اشاعت ۾ نه اچڻ ڪري اڳوڻي علمي ذخيري ۽ ادبي اثاثي وانگر متان ضايع ٿي وڃن، انڪري بيحد ضروري آهي ته اهڙن اهم ذخيرن ڏانهن سُتت ڌيان ڏيئي، انهن جي حفاظت لاءِ عملي اپاءَ ورتا وڃن، جن مان اڳتي هلي اسين گهڻ طرفا علمي فائدا حاصل ڪري سگهنداسين. خطن جي اهڙي ئي هڪ ذخيري مان ڪجهه خط هيٺ ڏجن ٿا، جي سنڌ جي ٻن قابل صد احترام علمي، ادبي ۽ سياسي شخصيتن جي دوستيءَ جو ڦل آهن. اهي شخصيتون مير علي احمدخان ٽالپر ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي نالن سان اسان جي ٻولي ۽ ادب ۾ نشانبر آهن. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌي ادب جي نهايت غير معمولي شهرت رکندڙ هستي هو. پاڻ هڪ ئي وقت نامور شاعر کان علاوه بهترين نثر نويس به هو. شاعريءَ ۾ سندس نازڪ خيالي ۽ منفرد انداز بيان کان علاوه نفاست پڻ نمايان آهي. سندس طبيعت ۾ به نفاست هئي، جنهن لاءِ

محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته، ”محترم سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جن نهايت نفيس طبيعت جا مالڪ هئا. انڪساري ۽ فضيلت سندن شان هوندو هو. ادب ۽ فن سان دلي ذوق هئن. سنڌي علم ۽ ادب لاءِ سندن ڪيل خدمتون ڪڏهن به وسرڻ جون نه آهن.“ جهڙو هو طبيعت جو نفيس سائين طالب المولىٰ، تهڙو هو ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ دلڪش شخصيت جو مالڪ مير علي احمدخان ٽالپر. مير صاحب جو علمي، ادبي ذوق پنهنجن همعصرن ۾ مثالي هو. نه رڳو سنڌي عالم، اديب ۽ شاعر وڏيءَ سڪ سان سندس ايوان تي حاضر ٿي علمي ڪچهريون مچائيندا هئا، پر اردوءَ جا ليکڪ به وٽس هيج مان هليا ايندا هئا. مير صاحب وسيع مطالعي جو صاحب هو. سندس ذاتي لئبرريءَ ۾ لاتعداد ڪتاب موجود هئا، جي سنڌيءَ ڪانسواءِ اردو، انگريزي ۽ فارسي ٻولين ۾ گهڻا هئا. ڇاپي ڪتابن کان علاوه اڻلڀ قلمي نسخا به موجود هئا، جن تان سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن تحقيقي استفادو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي سياستدانن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا ڏانهس آيل خط به محفوظ ڪيل هئا، جن مان اڄ هتي رڳو سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا لکيل خط پيش ڪجن ٿا، جن مان ٻنهي صاحبن جي هڪ ٻئي ڏانهن اُڪير جو بخوبي اندازو ٿي سگهي ٿو. هڪ ٻئي سان رلڻ ملڻ ۽ اٿ- ويهه ۾ اڃ وڃ به اڪثر ٿيندي هئي. حيدرآباد ۽ هالا جي وچ ۾ ڪو گهڻو مفاصلو به ڪونه هو، جو خط پٽ جو سهارو وٺن، مگر پوءِ به ڏسجي ٿو ته گهڻي مصروفيت سبب سندن هڪ ٻئي سان ملڻ ۾ دير پوندي رهي، جنهنڪري اڌ ملاقات تي اڪتفا ڪرڻي پيس. جي پنهنجن شهرن کان ٻاهر به رهيا، ته هڪ ٻئي کي ته ائين وڏيڪ ساريندا رهيا. ان جي نتيجي ۾ يادگيري ۽ حال احوال ڏيڻ لاءِ خط جو سهارو وٺڻو پيس. سائين طالب المولىٰ جن مير علي احمد خان ٽالپر ڏانهن خط لکندا هئا ته لازماً مير صاحب به جوابي خط لکندو هوندو. هت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا مير علي احمد خان ٽالپر ڏانهن لکيل ڪجهه خط ڏجن ٿا.

(1)

هالا

22 مئي 1962ع

صديق مڪرم!

السلام عليڪم! اڄ تائين نيپال کي چڱيءَ طرح جاچيو ۽ گهميم، مگر اوهان جو عيد ڪارڊ يا خط هٿ ڪونه آيو. المطلب ته خط آئيندڙ شخص پنهنجو احوال ظاهر ڪندو. اميد ته حتي المقدور سندس مدد ڪندا ته طرفين لاءِ دعاگو رهندو. محمد زمان

(2)

ٻنڊي

28 جون 1962ع

صديق مڪرم!

محبت ۾ اگر پيمان شڪني نه ٿئي ته هيٺي ڪشش ۽ پختگي عهد ڪيئن پيدا ٿيندي. دانسته وعده خلافي واقعي جرمِ محبت آهي، مگر نادانسته طور ته پاڻ اهڙا گناه بخشش جي قابل ٿيندا آهن ۽ ويجهي ٿيڻ جو بهانو. هڪ فارسي شاعر نهايت سنو مثال ڏنو آهي ته:

محبت بيشتر قائم شود چون بشکند پيمان
شگوفه اول افشاند درخت آنگه ثمرگيرد

اوهان ٻنڊي ۾ اچڻ جو وعدو پورو نه ڪري سگهيا ۽ اهو عمل ناگاه ۽ نادانسته طور ٿيو ۽ جنهن جو نتيجو هي نڪتو ته منهنجي دل ۾ اوهان جي محبت وڏيڪ زور ورتو ۽ خط جي صورت ۾ آءٌ

پاڻ خود لفافي ۾ لکي اچي اوهان وٽ پهتس ۽ وري جيڪو اوهان جو جواب مليو انهي هيڪاري لطف اندوز ڪيو. ملفوف ۾ صرف ڪاغذ ۽ رواجي لفظن جي ڀرمار ڪانه آهي پر گلن سان پُر ٿيل آهي. هن خشڪ ماحول ۾ اوهان جي مضمون آفريني ۽ سخن نوازي باغ و بهار ڪري ڇڏيو.

اسيمبلي اجلاسن جو بهانو هٿ لڳي ويو آهي. حقيقت ۾ زماني جي ڪاروبار ۽ دماغ سوز فيصلن کان هاڻي فرصت ملي آهي. پانيان ته جولاءِ ۾ موٽان. عزيزيامين به ڏينهن ٻن ۾ هت اچي ٿو. پانڃي ته هفتو کن مري، ايبٽ آباد ۽ ڪاغان ڏسڻ جي بهاني وڃي غم غلط ڪري پوءِ ڳوٺ موٽنجي.

اصحاب هوش سان گڏ رهي نه ٿا سگهون. هڪڙا اقتدار جا طالب ته ٻيا وري عهدن جا خواهان. انهن لالچن هٺي همراهن جا وچ ڪيڏي وڏا آهن. نفس کي اگرچه انهن شين مان لطف ايندو آهي مگر روح بيزار هوندو اٿن. درحقيقت تخت و تاج جي مٿان هميشه تلوار لٽڪيل رهندي آهي، پر دماغ اٿن ته سمجهن ڪونه ٿا، اکيون اٿن ته ڏسن ڪونه ٿا ۽ پير اٿن پر هلن ڪونه ٿا. اسان کي پنهنجي قبله و مرشدي والد صاحب جي نصيحت هميشه ياد آهي ته:

شکوهِ تاج سلطاني که بيم جان دروِ جست
کلاهِ دلکش است اما بدردِ سرنمي ارزد

دنيا عبرتگاهه آهي. عجيب و غريب واقعا ۽ حادثا رونما ٿي رهيا آهن. جهان هڪ تماشه گاهه به آهي، جنهن ۾ داغ دهلويءَ جي چوڻ موجب.

اي دلِ نافهم! دنيا يه تماشه گاهه هي
جو تماشه ديکهني آيا، تماشه بن گيا هي

روزانه صبح جو اسيمبليءَ ۾ وڃي ڪن ڳالهائي اچبو آهي. پوءِ سارو ڏينهن بند ڪمري ۾ قلم، ڪاغذ ۽ ڪتاب ئي همنشين و همنوا ۽ هم صحبت رهن ٿا. چو ته بقول حافظ شيرازي:

خدارا کم نشين باخرقه پوشان
رخ از رندانِ بي سامان مپوشان
درين خرقه بس آلودگي هست
خوشا وقتِ قباي مي فروشان

هت نه آهن بي سامان رند ۽ نه آهن مستانا مي فروش، تنهنڪري پنهنجي لاءِ سيڪجهه پاڻ آهيون.
حضرت جوش مليح آبادي جي غزل جو قافيو ۽ رديف وٺي ساڳي زمين ۽ ساڳئي وزن تي غزل لکڻ شروع ڪيو اٿم. غزل جي مطلع ۽ ٻئي شعر عرض رکان ٿو:

بهار آئي، جنونِ فتنه سامان کي مبارڪ ڏيو
وڙهيا عشق و خرد جيب و گريبان کي مبارڪ ڏيو
وري قيدِ سلاسل مان ٿيا آزاد مستانا
اچن ٿا جلد هي دشت و بيابان کي مبارڪ ڏيو
وري ڦُلڻ منجهان اڄ خار پنهنجي پياس لاهيندا
خدارا زود تر خارِ مُغيلان کي مبارڪ ڏيو
نوازڻ ٿو اچي حسن خرامي سان صنم سهڻو
گلن سان گڏ وڃي اهلِ گلستان کي مبارڪ ڏيو
اجهو حاضر ٿيان ٿو ۽ سرِ تسليم خم آهي
ڪمندِ زلفِ پيچان، مشڪ افشان کي مبارڪ ڏيو

صائب ويچاري فرياد ڪيو آهي تہ:

صائب! دو چيز مي شڪند قدرِ شعر را
تحسين ناشناس و سڪوتِ سخن شناس

اوهان بہ سخن شناس آهيو ۽ سخن فهم. انهيءَ ڪري پنهنجا اشعار لکي يا ٻڌائي اوهان جي سمع خراشي ٿو ڪريان. معافي

طالب الموليٰ

(3)

هالا

14 سيپٽمبر 1962ع

حبيبِ محترم و صديقِ مڪرم!

سلام مسنون- انشاءَ الله بخير و عافيت آهيو ۽ خوش و خرم هوندا. آمين

اوهان جي قربدار ۽ علمي ادبي رهاڻين جو ڪيف دماغ تي طاري آهي. بقول لطيف ڀٽائي:

اِن تڙ منجهان تِڪَ، ڏني پاڻ اچ ٿئي.

وارو معاملو اسان سان بہ هر وقت لاڳو آهي ۽ اوهان جي ياد هر لمحي دامنگير رهي ٿي.

28- آگسٽ کان هلڪو بخار شروع ٿيو ۽ 4 سيپٽمبر تي لٿو. انهيءَ کان ضعفِ جسم ۽ دردِ ڪمر بيحد پهتو. اگرچہ ٻنهي حالتن ۾ ڪمي بہ آهي، تاهم ايتري توفيق نہ آهي جو ماڻهن سان ڪمن ڪارن لاءِ ويهي سگهجي. اها تڪليف 24 ۽ 25 آگسٽ واري دادوءَ جي سخت گرميءَ کان پهتي. ڊاڪٽر جي مشوري سان 16 سيپٽمبر تي ڪوئيٽا روانو ٿيندس ۽ انشاءَ الله 28 سيپٽمبر تي موٽندس. جيڪڏهن حيدرآباد ۾ هوندا ۽ ديارِ حسن و جمال (ڪراچي) نہ اُسهيا تہ آڪٽوبر جي 4 يا 5 تاريخ حيدرآباد ۾ اوهان جي رهاڻ مان لطف اندوز ٿبو. آخر ۾ پنهنجي هڪ فارسي غزل جو هڪ شعر بہ پيش ڪريان ٿو:

بدامِ زلفِ پيچان بارها آويختم رستم
ڪہ صيدِ هوشيارم طبع بي باڪانہ مي دارم

طالب الموليٰ

(4)

ڪوئيٽا

19 سيپٽمبر 1962ع

تومي سوزي بعشقِ من و عن درعشقِ تو سوزم
تو طبعِ شمع داري، من دلِ پروانہ مي دارم

(طالب الموليٰ)

حبيب محترم!

سلام مسنون. هالن مان لکيل خط بہ اميد تہ پهتو هوندو. رسول بخش ڊرائيور جي هٿان اوهان جو خط مليو. يادگيري لاءِ بيحد ممنون آهيان. افسوس اٿم جو سيد شاهہ محمد شاهہ کي اوهان جي ڏنل دعوت ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس.

هت بخير و عافيت پهتس. طبيعت ۾ اجا بہ ضعف ۽ ڪمر جو درد موجود آهي. الحمد لله آهستي آهستي پيون تڪليفون گهٽجي رهيون آهن. هت سرد موسم جي ڪري طبيعت تي آب و هوا جو سٺو اثر پيو آهي. انشاءَ الله الرحمٰن 1- آڪٽوبر تي سٺو ڀلين پهچندس جو ماهانہ سومار آهي. ان بعد جيڪڏهن اوهان اُتي

هوندا ته اچي ديدار ڪبو ۽ ادبي صحبت مان لطف اندوز ٿبو. هت پرديس ۾ اوهان جي دستخط پڙهڻ لاءِ خاص طرح منتظر آهيان.

دعاگو
طالب الموليٰ

(5)

ڪراچي
1 جنوري 1963ع

مشفقيم و محبيم جناب مير صاحب!

السلام عليڪم: منهنجي زندگيءَ ۾ هي پهريون پيرو آهي جو نئين عيسوي سال جي اوهان کي مبارڪ لکي رهيو آهيان. ڇو ته ڏينهن پئي ٿيندو ته اوهان جو مبارڪ نامو پهتل آهي. عيسوي سال اگرچ اسان مسلمانن جو سال نه آهي، تاهم به عيسوي زبان (انگلش) دفتري زبان هئڻ ڪري گويا ذري گهٽ اسان جي زبان بنجي وئي آهي يا بنجڻ تي آهي. اها زبان اهڙي ته اسان ۾ وچڙي وئي آهي يا اسين ان ۾ وچڙي ويا آهيون جو جيڪڏهن هڪ صدي انگريزي زبان کي انهيءَ دلچسپيءَ سان ۽ انهيءَ هلندڙ تيزيءَ سان جاري رکيو ويو ته پوءِ شايد.....!

ڪالهه هت پهتس. فون تي معلوم ٿيو ته اوهان اچا خير سان حيدرآباد آهيو. اگرچ ٽيون ڏينهن ڪنهن صاحب ٻڌايو ته اوهان ڪراچيءَ روانا ٿي ويا. دل گهريو پئي ته ڪي چند گهڙيون اچي حاضري ڀرجي ۽ روح رهاڻ ڪجي. ڪيترن ئي ڏينهن کان اوهان سان رهاڻ ڪرڻ لاءِ دل بيتاب آهي. هالين به اوهان پنهنجا قرب ۽ ڪرم ڪري آيا، پر ادبي رهاڻ جو خاص وجهه ڪونه مليو. انشاء الله الرحمان ته اجهو وٺبو. حقيقت ۾ آءٌ ئي ڪافي عرصو ڳوٺ کان ٻاهر رهيو آهيان. اچي رهاڻ ۽ صحبت نه ڪرڻ جي ميار به مون تي آهي. اسان عاشق ماڻهو آهيون، تنهنڪري اسان کي ئي اهي نعمتون حاصل ڪرڻيون آهن. اوهان اسان جا محبوب آهيو. اهو چوڻ ته اوهان جو ملڻ ڪونه ٿو ٿئي، سراسر غلط آهي. هيءَ هڪ ويچاري جي ڳالهه وانگر يعني هڪ شخص شاهه جي جمع تي راڳ ٻڌڻ لاءِ پري کان پنڌ ڪري اچڻ جي سبب ٿڪجي پيو ۽ ننڊ اچي ويس. راڳ ڪونه ٻڌي سگهيو ۽ صبح جو آيو ڳوٺ. ڳوٺ وارن راڳ جي خبر پڇيس، جواب ۾ چيئين ته ”يار! رات فقيرن کي ننڊ اچي وئي، تنهنڪري راڳ ٿيو ئي ڪونه!“

ڪاشيگر کي سڏيم ۽ سندس چڱي پالش ڪيم. هن چيو ته جيڪو مال جڏهن هالن مان ڪنيو وڃي ته اُتي ڏسجي ته بهتر. جيڪو مال ڪسو هجي اُهو نه کڄجي ته ان جي بدران ٻيو تيار ڪري ڏجي. هي به ٻڌايائين ته ڪاشي هميشه جي دستور موجب پٽ ۾ چروليءَ سان لڳائڻ گهرجي ۽ لڳائڻ بعد معمار سيمنٽ ڪاشيءَ تي لڳائي وري اُگهي ٿو، اهو به بند ڪرائڻ گهرجي ڇو ته سيمنٽ جو ذرڙو به رهجي وڃي ٿو ته اتي ڳوڙهي رهجي ٿي وڃي. انشاء الله بخير عافيت آهيو.

خير انديش
طالب الموليٰ

(6)

راولپنڊي
محرم الحرام 1383هه
25- مئي 1963ع ڇنڇر

حبيب مڪرم!

قتلِ حسين اصل مين مرگِ يزيد هي
اسلام زنده هوتا هي هر ڪربلا ڪي بعد

اڄ اسان جو نئون اسلامي سال شروع ٿيو آهي. اهوئي اُهو مهينو آهي جنهن مهيني جي ڏهين تاريخ تي اسلام جي وڻ ۾ ميوو پچي تيار ٿيو. حقيقت ۾ هنڻ هينئن گهرجي ته روزِ عاشوره حضرت امام حسين سيد الشهداء جي برسي اهڙيءَ طرح ملهائي وڃي جو دنيا جون اکيون کلي وڃن ۽ حق پرستي اهڙيءَ طرح ملهائي وڃي جو سرفروشيءَ جو سبق هزارين ماڻهو حاصل ڪن. هي اهو مردِ ڪامل هو، جنهن لاءِ ميرزا دبير فرمايو آهي ته:

الله ني جب پيدا ڪيا رنج و بلا ڪو
تقسيم هوئي سب وهي خاصانِ خدا ڪو
اور سب سي سوا حصه ملا آلِ عبا ڪو
تحرير ڪا فرمان هوا ڪلکِ قضا ڪو
آغاز مصيبت تو لکهه نامِ نبي پر
اور خاتمه باالخير حسين ابن علي پر

يعني جنهن چيز کي اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم شروع ڪري ڪمال تي پهچايو، ان کي سندس ڏوهٽي پنهنجي ۽ پنهنجن مٽني ڀاتين ۽ ساٿين سميت پنهنجو خون ڏئي پختہ تر ڪري ڇڏيو. وري هڪ ٻئي هنڌ ميرزا صاحب انهيءَ جري جوان جي تعريف هن طرح ڪئي آهي:

ڪس شير ڪي آمد هي ڪہ رن ڪانپ رها هي
رن ايک طرف، چرخِ ڪهن ڪانپ رها هي
رستم ڪا جگر زيرِ ڪفن ڪانپ رها هي
خود عرشِ خداوندِ زمن ڪانپ رها هي
شمشير بکف ديکہ ڪي حيدر ڪي پسر ڪو
جبريل لرزتا هي سميٽي هوئي پر ڪو

چنانچہ اهڙي متبرڪ مهيني سان اسان جو نئون سال شروع ٿئي ٿو. آءٌ پنهنجي طرفان اوهان کي نئين سال جي نيڪ تمنائن جو تحفو پيش ڪريان ٿو.

طالب المولىٰ

(7)

مري
11- جون 1963ع

حبيبِ مڪرم!

سلامِ محبت! آءٌ جيئن 8- جون تي هالن کان هت پهتس ته اوهان جو خط اڳ آيل مليو. پڙهي بيحد مسرت حاصل ڪيم. اميد اٿم ته هت دور دراز هنڌ تي ڪاهي ماهي ياد ڪندا ته ممنون رهندس. ڪنهن شاعر جي هڪ شعر جو هي مصرع عوام اڪثر ورجائيندو آهي ته ”زمانا يا تو نہ سازد، تو با زمانہ بساز“.

علامہ اقبال انھي مصرع ۾ ھن طرح اصلاح ڪيو آھي:

زمانہ يا تو نہ سازد، تو با زمانہ سيز

سو درحقيقت آھيون اسين بہ اقبال واري موڊ ۾، تنھنڪري انھيءَ حالت ۾ اوھان جو محبت ڀريو خط باھہ تي اڇيو ڇنڊبو ھٽي.

اصل ڪافرستان تہ ھتان ڪافي دور آھي، مگر اسان لاءِ تہ پنجاب بہ ڪافرستان آھي. ھتي جا بُت آذر جي صنعت ڪي بہ شھہ ڏيو بيٺا آھن. ڀلا ڪٿي ماٺھوءَ جا ناھيل پٿر جا بُت ۽ ڪٿي خدا جا ناھيل جيئرا جاڳندا ۽ ھلندا گھمندا بُت! مريءَ جي شام ھوشربا شام آھي. ھڪ سياہ پوش ڪافر ڪي ڏسي ھڪ نظر لکڻ شروع ڪيو اٿم. مڪمل ڪرڻ بعد انشاءَ اللہ روبرو عرض ڪندس. اوھان آھيو ادب نواز ۽ سخن فھم ۽ شاعري ڪرڻ جو ھڪ مقصد ھي بہ آھي تہ اھلِ ذوق ڪي ڪلام ٻڌائي صحيح داد وٺجي. سو روڙھا رنديو اچيو اوھان جي آڏو رکون.

غم و اندوہ جي شدت اجا تائين اھا آھي
درازيِ شبِ فرقت اجا تائين اھا آھي
دلِ مجروح جي حالت اجا تائين اھا آھي
منجھس برداشت جي طاقت اجا تائين اھا آھي.

خيرانديش
طالب المولىٰ

(8)

ڪوھہ مري
1963-8-9ع

حبيبِ مڪرم و صديق محترم

سلام محبت قبول پون.

3 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ صرف اوھان جو انتظار ئي حاصل ٿيو ۽ ھي شعر ياد رھيو:

انتظار ان کا عبث اى دلِ مشتاق نہ کر
وہ کسى اور کى مہمان بنے بیٹھے ہیں۔

بھرحال محبوبن جون اھي ئي تہ رمزون موھينديون آھن نہ! بقول غالب:

ہم ہیں مشتاق اور وہ بیزار
یا الٰہی یہ ماجرا کیا ہے۔

اوھان جي مرضي.

خيرانديش
طالب المولىٰ

(9)

ھالا
30- آگسٽ 1964ع

مشفقم و محترم جناب مير صاحب

السلام عليڪم: اميد آھي تہ بخير و عافيت آھيو. ھن طرف بہ بحمد اللہ ھر طرح خير و عافيت آھي. اوھان وعدي موجب (27 آگسٽ خميس) نڪو حيدرآباد آيا ۽ نہ وري اچڻ ۽ ڪڏھن اچڻ جو اطلاع مليو.

انتظار ان کا عبث ای دلِ مشتاق نہ کر
وہ کسی اور کی مہمان بنے بیٹھے ہیں۔

پر اسين انتظار نہ ڪرڻ وارن مان نہ آهيون ۽ انتظار هميشہ رهندو.

جو انتظار میں آیام، نہ کبھی وصل یار میں آیا

المطلب تہ 5 سيپٽمبر شام جو انشاءَ الله عمره ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو ٿيندس. 15 سيپٽمبر يا ڏينهن ٻہ اڳ پوءِ موٽي هت پهچندس. اڄ ڪان وٺي (2 سيپٽمبر ڪانسواءِ) جمعيت الشعراءِ سنڌ جي ميٽنگ ۽ محفل مشاعره لاءِ حيدرآباد هوندس. ڪمن سارو صرف هالا ۾ ڪونہ هوندس. اوهان ٻہ شايد ويجهڙائيءَ ۾ حيدرآباد نہ اچو، تنهنڪري مناسب ٿيندو تہ موٽي اچڻ بعد ملجي. فيصلا ڪرڻا آهن، مشورا وٺڻا آهن ۽ مددون وٺيون ۽ ڏيڻيون آهن. سڀ وقت اندر ٿيڻ گهرجي.

طالب المولىٰ

(10)

هالا

20- آڪٽوبر 1964ع

حبيبِ محترم و صديق مڪرم

آداب و سلام: مسٽر غلام محمد سان ٻہ مليو آهيان ۽ سنڌس حريف سان- سنڌس حريف يعني قاضي عبدالرحمٰن. جيئن رات ٻڌايو هئم تہ نہ اوهان ٻڌايو تہ غلام محمد هالن مان بيهندو ۽ نہ وري آخر تائين غلام محمد ٿي آيو. مون جيئن رات ٻڌايو هو تہ مون کي اهوئي خيال هو تہ غلام محمد پنهنجي ڳوٺ واري ٽڪ مان بيهي ٿو، تنهنڪري اسان قاضي مذڪوره جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي مسئلو مشڪل پيو ڏسجي. اهو اوهان جو قرب ٿيندو جو مسٽر غلام محمد کي وهاري ڇڏيو. آءٌ ٻہ صبح جو سانس ڳالهايان ٿو. مگر اندازو هي اٿم تہ اوهان جي حڪم جي ئي ڪيس ضرورت آهي.

مير صاحبن سان مليس ۽ سنڌن بابت ٻہ صلاح و مشورو ڪيو ويو. اميد تہ چڱي ٿيندي. مگر هيترو ضرور آهي تہ ميرصاحبن ڪان انتهائي دير ٿي آهي. تاهم ٻہ جي سخت محنت ۽ همت ڪيائون تہ پوءِ ڪاڪا محمد جي اندازي موجب ڪم وڃي چڱو ٿيندو. جيڪڏهن ٻي ڌر ڪم جي اندر اچي نڪتي تہ پوءِ زياده سولائي ٿيندي. مگر هيترو ٻہ ٻڌائڻ مناسب سمجهان ٿو تہ ڪاميابي ٿئي نہ ٿئي، ٻي ڌر جا ستايل مير صاحبن ڏي هليا آيا تہ پوءِ ڪافي فرق پوندو.

محمد زمان

(11)

هالا

غره شوال 1384هه

4- فيبروري 1965ع

حبيبِ مڪرم

السلام عليڪم: اڄ عيد جو ڏينهن آهي. عيد جون تمام گهڻيون مبارڪون قبول ڪندا.

اپنی خوشی میں میری بھی غم کو نباہ دو
اتنا ہنسو کہ آنکھوں سے آنسو نکل پڑیں

طالب المولىٰ

(12)

هالا
22- فيبروري 1966ع

حبيب محترم جناب مير صاحب

السلام عليڪم: اوهان جو قربن پريو خط پڙهي بيحد مسرت حاصل ڪيم. جيڪڏهن صرف عيد مبارڪ جو ئي شڪريو ادا ڪيل هجي ها ته ضرور فڪرمند ٿيان ها، پر جيئن ته منڍ منڍ ڏوراپا به خط ۾ لکيل آهن، تنهنڪري نهايت بشاش آهيان. ڇو ته محبت ڪانسواءِ ڏوراپا ڏبا ئي ڪونه آهن. آخر ۾ خواجه حافظ شيرازي جي شعر ۾ ٿورڙي ترميم ڪري عرض رکان ٿو:

چه خوش گفتي و خورسندم عفاک الله نکو گفتي
جوابِ تلخ مي زيبد لبِ لعلِ شکر خارا

ريڊيو تان منهنجي غزل جا چند شعر ٻڌي پسند ڪيا اٿو. ان لاءِ انتهائي خوشي ٿي اٿم. دعاگو آهيان ۽ دعائن جو طلبگار آهيان.
طالب المولىٰ

(13)

ڪلڪته
24- اپريل 1962ع
سجڻ سائين!

وہ اگر مجھکو کریں یاد تو بھولیں کس کو
میں اگر بھلاؤں تو کسے یاد کروں

نه ڪڏهن وسريا آهيو ۽ نه ڪڏهن وسري سگهو ٿا. پلا هجو وسارڻ جهڙا ته وسرو. پنهنجو پاڻ پاڻهي ٿا ياد ڏياريو. الله پاڪ شال سلامت رکندو، آمين.
طالب المولىٰ

(14)

لاهور
17- جون 1962ع

حبيبِ محترم

سلام مسنون! ڪنهن شاعر جي لکڻ موجب ته

نگاہیں درپہ لگی ہیں اداس بیٹھے ہیں
کسی کی آنے کی ہم لے کے آس بیٹھے ہیں۔

سو اسان پنڌيءَ ۾ اوهان جو ڏاڍو انتظار ڪيو. خبر تڏهن پئي جو سرڪار وڃي حيدرآباد پهتي. اوهين اسان جا محبوب دوست آهيو نه، سو محبوب وچڻ تي ايندا آهن ته ٻڌائيندا ئي ڪونه. بهرحال جنهن زندگيءَ ۾ ڪنهن جو انتظار نه آهي، ڪم از ڪم آءٌ انهيءَ زندگيءَ کي زندگي ڪونه چوندو آهيان. ويچاري شاعر چيو آهي ته:

جو مزہ انتظار میں آیا
نہ کبھی وصلِ یار میں آیا

انشاء الله بالخيريت پهتا هوندا ۽ بالخيريت آهيو. اسين به الحمد لله خيريت سان آهيون. هت سنگت ۾ نه آهي ڪو اديب ۽ شاعر يا سخن فهم ۽ نه آهي ڪو موسيقي پسند ۽ موسيقار. اچو ها ته رهاڻ ڪري دل ٺاريون ها. هاڻي ته

بند ڪمري ۾ پنهنجي پاڻ سان موسيقاري ٻه آهي ته شاعري ٻه پانيان ته گهڙي ڪن لاءِ اوهان کي عشقيه دنيا ۾ وٺي هلان يعني پنهنجي شاعريءَ سان اوهان کي روشناس ڪرايان. خط جي آخري صفحي تي غزل جا چند شعر لکان ٿو ۽ پنديءَ ۾ خط جي جواب جو انتظار ڪندس.

هت ڪالهه شام جو 8 بجي آيس. اڄ شام يا صبحاڻي پنڊي ويندس. هت ڪجهه وزارت بابت ڪم ۽ ٻيو ادبي بورڊ جو ڪم آهي. مير رسول بخش خان ۽ ٻين صاحبن کي سلام ڏيندا، جن سان اوهان جي ڪري روشناسي آهي.

## مشتاقِ ديد

طالب الموليٰ

### غزل

اسين مڪينِ سرِ رهگذارِ يار آهيون
اسين فدائي نگاهِ شرار بار آهيون
رهياسون زلفِ گره گير جا سدا قيدي
اهوئي آهي سبب جنهن ڪان مشڪبار آهيون
شرابِ لعل جي هرگز نه آڇ ڪر ساقي
اسين لبِ مئي گلگون جا باده خوار آهيون
جي دست بوسي عطا ٿي ته پو زهِ قسمت
اسين ته پير چُمڻ لئه ٻه بيقرار آهيون
جبين جهڪائي سون، اهلِ ڪمال جي در تي
ٻين جي آڏو ته با عزو باوقار آهيون
اسان جو عشق هميشه ڪان آهي غيرتمند
اسين ٻه مملڪتِ دل جا شهريار آهيون
اوهين ٻه حُسن جي ڪشور جا بادشاهه آهيو
اسين ٻه ملڪِ محبت جا تاجدار آهيون
اوهان جي ڏار ڪيو دلربا ته ڇا ٿي پيو
اوهان جي درد سان هر وقت همڪنار آهيون
اسان کي دل سان گهري جيڪو ان جا آهيون غلام
مگر سدا سرِ دشمن تي ذوالفقار آهيون
اسان جي لاءِ بس آهي سڪونِ ڪُويءِ حبيب
اسين نه طالبِ گلزار و مرغزار آهيون
اسين ته برابر غيرن جي دل جو آهيون داغ
۽ پاڻ طالبِ مولا نه داغدار آهيون.

**غلام رباني آگرو**



جوڳيءَ تي جڙاءُ........

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

سنڌ، اصل کان سدا ملوڪ ۽ مٺيادار مهاڻدن ۽ مانجهي مڙسن جي پلاري پوڻ ۽ رهندي پئي آئي آهي. سنڌن سمجهه ۽ سياڻپ، ڏاهپ ۽ ذات جڻ تہ منجهيل دلين لاءِ روشنيءَ جي مثال رهي ۽ سوين سڪايل اهڙن مٺيرمڙسن جي پرت پريل پيالن مان تِڪون ڏيئي، اَياڻپ جي اُوندهہ مان نڪري، سُهائيءَ واري واٽ تي وِکون کڻي پاڻ بہ پڌرا ٿيا، تہ ڪيترن ساڃهہ پرين سپرين جو بہ ماڻ مٿانهون پئي ڪيو آهي. آئون پاڻ کي پڌائڻ ڪانسواءِ، ايترو چوندس تہ مون کي پنهنجي ننڍي وَهيءَ کان وٺي ڪن اهڙين هستين جي سٿ ۾ ويهڻ ۽ ڪجهہ سکڻ جو موقعو ميسر ٿيو جن مان بہ ٽي هستيون تہ هن جهان مان بُرقعو مٽائي چڪيون آهن، باقي هڪڙو محترم سائين زنده سلامت آهي ۽ رات ڏينهن سنڌ جي ساڃهہ ڏيڻ لاءِ اسان لاءِ قلم جا بي لوث ڪشالا پيو ڪَڍي. اهي محترم ۽ بزرگ هستيون سيد ميران محمد شاهہ 'مهجور' نڪڙائي مرحوم ۽ مرهيات مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ۽ اُستاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڊاڪٽر صاحب سان وابستہ ساروڻيون جدا ڪتاب لهي، پر هتي ڳالهہ ڪبي، سروري جماعت جي سرواڻ، نو لکي گودڙيءَ جي اڳواڻ، سنڌي شعر ۽ ادب جي بي بها ماڻڪ ۽ سنڌي راڳ ۽ سيپتا جي مانواري مهندار مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ مرحوم جي، جيڪو 11 جنوري 1993ع تي سنڌ جي ڪُکِ ۾ وڇوڙي جو ڪاڻُ هڻي وڃي رب جي در سلامي ٿيو.

مخدوم صاحب جي نالي شناسائي تڏهن ٿيم، جڏهن منهنجي والد، سندس تصنيف "يادرفتگان" گهر آندي. آرٽ ڪارڊ تي، تصويرن سان شاعرن ۽ ڏاهن جو ذڪر منهنجي دلي دلچسپيءَ جو باعث بڻيو جڏهن بہ موقعو ملندو هو تہ ويٺو انهيءَ ڪتاب جا ورق ورائيندو هئس. ان کان سواءِ پراڻن هالن ۾ پنهنجين ماسين جي گهر ويندو هئس، جن جا گهر وارا مخدوم صاحب جن جا مُريد هئا، اُتي بہ هالن جي مخدوم صاحبن جو ذڪر ٻڌندو هوس ۽ هڪ پيري تہ هڪ سَهائي سومر تي، پنهنجي ماسڙ سان گڏ، مرحوم مخدوم غلام حيدر جي آڏو حاضر بہ ٿيس، جنهن دعا بہ ڪئي ۽ الائي ڇو مون کي هڪ رپئي جو سڪو بہ خرچيءَ طور ڏنائين. اهي بہ حوالا مخدوم صاحب جن جي باري ۾ منهنجي مغز ۾ هر وقت موجود رهيا، تان جو ٿورڙي ساڃهہ آئي، ۽ ادبي سنگت جي سٿ ۾ اچي شامل ٿيس، جيڪو منهنجي ادبي سکيا جو پهريون مڪتب ٿيو.

'سنڌي ادبي سنگت' جو بنياد هڪ مضبوط نظريي تي رکيو ويو. ان جي پيڙهہ رکڻ وارا سائين پنهنجن خيالن ۽ نظرين تي نهايت سخت پابند هئا. اسان جي ڪچين ڦڪين تصنيفن تي چوهہ چنبي، اسان کي زندگيءَ جي سچاين تي لکڻ جا سبق ڏيندا هئا. سرو صنوبر گل و لالہ جي مقابلي ۾ سنڌ جي ڪنڊن، ڪرڙن، پڪن ۽ پيرُن جي ڳالهہ ڪرڻ جي واٽ ڏيکاريندا هئا. سندن سُٺايل سبقن جو تت اِهو هوندو هو تہ ادب اهو جو عام جي احساسن جو پرتوو هجي، جنهن ۾ ڌرتيءَ جو درد سمايل هجي، عام جون ڳالهيون، عام لاءِ ڪجن، جيئن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ صدين کان پيڙا ۾ پيل ماڻهن ۾ سجاڳيءَ جو سَڏُ وجهجي، جيئن پرمار طاقتون پنهنجو پاڻ نمي پون، ۽ عام هاري ناري

۽ ڪرت ڪندڙ توڙي پورهيت ڪڙمتي ڪري هلن. ساڳئي وقت پير پرستيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ کي سنڌي سماج جو اصل ناسور قرار ڏيئي، جديد ادب جو رُخ انهن علامتن ڏي موڙيو ويو. ان ڪانسواءِ ہي اهم ڳالهہ اسان کي سيکاري وئي، سا اها هئي تہ زندگيءَ پريو ۽ سگهارو ادب ڪڏهن بہ ڪنهن مراعات يافتہ طبقي مان پيدا ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سٽ جو عام ماڻهن سان، نہ واسطو آهي، نہ ئي انهيءَ سٽ جو انهيءَ مانڊاڻ سان واسطو. هنن جو مشاهدو ۽ مطالعو پنهنجي اُتي وينيءَ جي ڪري محدود. نتيجي ۾ عام جي ڏکن سورن لاءِ ڪي اکر لکڻ هنن جي وس کان ٻنهہ ٻاهر آهي. اديبن ۽ شاعرن جو اهو روايتي گروهہ محض رومانوي ادب جو پرچارڪ آهي، ۽ اُنهيءَ جي لکڻين کي زندگيءَ جي اصل حقيقتن جي پنيرائي حاصل نہ آهي. اهڙن اديبن ۽ شاعرن لاءِ سنڌي ادبي سنگت جا دروازا بند پلا آهن. ڪيترن اديبن ۽ شاعرن جي نالن سان گڏ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جو بہ نالو ٻڌجڻ ۾ ايندو هو. اها ہي ڳالهہ آهي تہ مخدوم صاحب ڪڏهن بہ سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ ڪا دلچسپي نہ ورتي.

1958ع جي آخر ڌاري، منهنجي قسمت جو واءُ وريو ڏک ڏاکڙا ۽ پريشانيون پوريون ٿيون، جو اُستاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 'لغت آفيس' ۾ هڪ عام نقل نويس جي حيثيت سان اچي شامل ٿيس. ڊاڪٽر بلوچ تي پڻ ادبي سنگت ۾ هڪ سخت قسم جو رويو هو. اڍائي سالن ڪانپوءِ جڏهن مون لغت آفيس ۾، پنهنجي محنت ۽ محبت سان چڱي جاءِ جوڙي ۽ زندگيءَ جي حقيقتن جي ٻئي رُخ تي سوچڻ جي ساڃهہ آئي، تڏهن احساس ٿيم تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجن ويچارن توڙي نظرين تي پنهنجي پر قائم رهڻ جو حق هئڻ گهرجي. هر ڪنهن کي اهو اختيار ضرور ڏيڻ گهرجي، محض ذاتي سوچ ۽ سخت نظرين جي ڪري، ڪن پورهيت ۽ سنڌ سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارن عالمن ۽ اديبن تي هرويرو اهڙيون پابنديون نہ لڳائڻ گهرجن. سنڌ توڙي سنڌ جي وَڻن وڪرن سان محبت جو بي مثال نمونو مون ڊاڪٽر بلوچ جي ذات ۾ ڏٺو ۽ آهستي آهستي آئون بہ پنهنجا خيال مٽائيندو ويس تہ هن هستي بنا ڪنهن داد ۽ اُجوري جي رات ڏينهن سنڌ جي عشق ۾ هر وسيلءَ واهڻ، ڳوٺ ڳام ۾ پٺي ڦيريون ڪاڏيون، ڇو جو ڊاڪٽر بلوچ جو خيال هو تہ:

نينهن سيڄائي شينهن، تنهي قصد ڪباب سين
رات ڪاڏائون ڏينهن، تہ پڻ پُوٽِنِ ٻَکيا.

انهيءَ زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي گاڏي کاتي واري عمارت ۾ 'جميعت الشعراء، سنڌ' طرفان، روايتي ساليانِي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو جنهن صاحب انهيءَ ڪانفرنس جو افتتاح ڪندي، سنڌ جي اعليٰ ڏاهي بزرگ وتائي فقير جي ڏاهپ ڀريل نقلن ۽ خيالن تي روشني وجهندي، اسان کي اها ڄاڻ ڏني تہ سنڌ جو مزاح مُنفرد ۽ روحاني رمزن تي مبني آهي. ان موقعي تي علامہ صاحب پنهنجي جهيٽي، پر اثرائتي لهجي ۾ وتائي فقير جا ٽي چار ٽوٽڪا بہ ٻڌايا ۽ اُنهن جي اهميت تي گفتگو بہ ڪئي. ان کان اڳ ڊاڪٽر بلوچ صاحب، استقباليہ ڪميٽيءَ جي سربراه جي حيثيت ۾، 'حيدرآباد جي تاريخ' جي حوالي سان هڪ شاندار محققانہ مقالو پڙهي، مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ منهنجي خيال ۾ اها هڪ منفرد محنت هئي، جنهن کي آيل مڙني مهمانن تمام گهڻو ساراهيو.

انهيءَ ڪانفرنس جي موقعي تي نج سنڌي ڪافين ڪلامن جي محفل منعقد پڻ ڪئي وئي، جنهن جو مکيہ مهمان توڙي راڳاين جي آنڊ جو اڳواڻ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب هو. راڳ جي محفل ۾ مخدوم

پڙهيون ويون ميساريبون ۽ اڻ ڏٺي انداز ۾ مخدوم صاحب جن جي ذاتي شخصيت لاءِ محبت ۽ عقيدت وارو جذبو اڀريو ۽ وقت گذرڻ سان ويو اِهو جذبو وڌندو ويجهندو.

جيئن تہ منهنجي ذهني تربيت، ادبي سنگت ڪانپوءِ، اُستاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پيرن ۾ ٿي، جنهن جيڪو پهريون سبق مون کي سيکاريو سو هيءُ هو:

"جي سنڌ ۽ سنڌين تي عاشق ٿيڻو آهي تہ پوءِ معشوقن طرفان جيڪي ٿئي، سو سهڻو آهي. اڄ سنڌ وارن جو انداز عاشقانہ هو ۽ هيءَ ڪر معشوقانہ آهي. رُسڻ، ڪاوڙڻ، طعنا مهڻا ڏيڻ، ستائڻ ۽ هٿي جي مظلوميت تي خوش ٿيڻ، ڏٺي ڪين ڏينهن ڏئي، باقي اهي سڀ خوبيون منجهن آهن."

انهيءَ درس جي پس منظر ۾ مون پنهنجي سوچ مَتائي ڇڏي، ۽ ان لحاظ کان، جڏهن مون مخدوم صاحب جن جي هستيءَ تي، پنهنجي وتَ آهر سوچيو تہ مون ۾ اهو احساس پيدا ٿيو تہ طالب المولیٰ مرحوم بہ سنڌ ۽ سنڌين جو سچو عاشق هو جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترائي تير پنهنجي طرف ايندي ڏٺا، پر ڪڏهن اِنهيءَ سنڌ واري عشق تان پير پاڻهون نہ ڪيائون، اصل سينو سُپر ڪري بيٺا. جو سچڻن جيڪو ڏنو سو سَهيو ۽ اُن تي ڪو حرف نہ ڪڍيو جي سنڌ سان عشق ڪرڻو آهي تہ سنڌين جا ماڻا بہ سهڻا پوندا. ماڻائي محبوبن جي عشق جو اصل شيوو آهي. ان ڪان پير پوئتي پائڻ مناسب آهي. مرحوم طالب المولیٰ بہ اِن رمز کي پنهنجو ڪيو ۽ زندگيءَ جي ڊگهي عرصي تائين اِن انداز تي پابند رهيو.

مرحوم طالب المولیٰ سان منهنجي وڌيڪ ڏيٺ ويٺ تڏهن ٿي، جڏهن پاڻ سول لائينس ۾ اچي رهيا. ملاقات جو سلسلو هو پهرين ڪُل سنڌ مزاحيہ ڪانفرنس، جن جا باني پاڻ ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن هئا. منهنجي ذاتي خيال ۾" سنڌ ۾ موجوده ثقافتي ستاءَ جي پيڙهہ جو پٿر رکڻ وارين بہ اهم هستيون، مخدوم طالب المولیٰ ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب آهن. جن جي سوچ بنيادي طرح سان سنڌ جي ڀهراڙيءَ واري سهڻي ۽ سيبتي سماج سان سلهاڙيل رهي. هنن ٻنهي بزرگن سنڌي لوڪ ادب ۽ موسيقيءَ جو گوڙهو اڀياس ڪيو ۽ سندن نظرين موجب جيڪڏهن اسان کي پنهنجي شناس قائم رکڻي آهي تہ انهيءَ ناتي کي دل جي حضور سان نباهڻو پوندو. صدين کان سورَ سهڻ وارا سنڌي، پنهنجن ڇهرن تي ڏک ۽ پيڙا جون ريکائون لڪائي، پنهنجين من مستين ۾ مشغول رهيا. اوطاقون ۽ دُڪاڻ آباد رهيا. ڪتين، لوهرن ۽ ڪورين جي ڪرت وارين جاين تي، نہ رڳو ڪمي ڪاسبي اچي گڏ ٿيندا هئا، پر ڪيئي سگهڙ سياڻا، سالڪ ۽ راڳائي اچي مڙندا هئا. وڏيرن ۽ چڱن مڙسن جون اوطاقون آباد هونديون هيون، سيارن ۾ مچ مچايا ويندا هئا. آرهڙ ۾ ڪلهي پٽڙ چنڪارون ڪري، چيڪي مٽيءَ جي سُرهاڻ ۾ سنڌي پنهنجي سُرت سان، ڳالهين ۽ ڪافين جون محفلون مچائيندا هئا. گفتي جي ملوڪت ۽ ڏاهپ وارا ڳڻ هر هڪ ۾، بهار جي هير وانگر گهلندا هئا. اوتارن ۽ درگاهن ۾ 'الو ميان' جا آلاپ، چپڙ ۽ يڪتاري تي، ماڻهن جي دلين ۾ جايون وٺندا هئا. سنڌ جي انهن ٻنهن شخصيتن، اُن اصل سنڌي سماج جو پنهنجي اکين سان گوڙهو مطالعو ڪيو ۽ اهڙن سگهڙن ۽ سياڻن، ڳائڻن ۽ وڄتن کي، ڀهراڙين وارن مَنهَن ۽ چَنگَ، نارن توڙي مُرلن تان ڪڍي، آٿي پڙهيل لکيل ماڻهن آڏو پيش ڪيو ۽ اُنهن جي مچتا لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪيائون.

دراصل اهو زمانو اهو هو جنهن شاعري توڙي ادب جي لحاظ ڪان، سنڌ ۾ اوپرا ۽ اُڌارا خيال پڙهيل ڳڙهيل طبقي تي ڇانيا حاوي هئا. ڀهراڙيءَ جي انهن سگهڙن ۽ شاعرن جون ڳالهيون محض ان خيال سان قبوليت جوڳيون نہ هيون، جو اُنهن ۾ اُهي تشبيهون ۽ استعارا موجود ڪين هئا. جن جي بنياد تي گل ۽ بلبل، سرو ۽ صنوبر واري شاعري ٿيندي هئي. زبان جو رنگ ۽ چَسُ فارسي آميز هو عروض ۽ اوزان جو زور هو. ان جي مقابلي ۾ ڀهراڙيءَ جي سگهڙن ۽

سالڪن جون ڪافيون ۽ بيت، لطيفي لات جو اُهاءُ هئا. انهن جي دلين جو آواز هو جنهن ڪان اسان جا گهڻا ئا شاعر ڄڻ بنهه بي خبرشي هئا. سندن سچا ۽ سادا مُهانڊا ۽ اوڏنا. مڙني موچارن مڙسن جي سٺ ۾ ڄڻ ته جهڙاڪر ڄڻه ٻئي پاسي شريف ۽ خاندان ماڻهن جو شوق پڪي راڳ سان. جاڻ هجي يا نه. پر وقت جي چالامان ڪري، استاد گوين جي پذيرائي ۽ پسنديدگي به تمام گهٽي هئي. ان ڪري يڪتارا گهڙا، بينون، مُرليون ۽ سُرندا ڄڻ ته ڪن تي بار نه ڳائڻ وارن جو مان. نه ئي وڄائڻ وارن لاءِ داد. بس، ڪو هڪڙو ڪلام ڪنهن ڪان ٻڌو ويو ته ڄڻ ڳائڻ واري جي ستن پيڙهين تي احسان. پيٽي يا باجي، تانپوري ۽ طبلي جي مقابلي ۾ پلا هنن ڳائڻن جو ڪهڙو حال. هوڏانهن عقل هيڏانهن عشق، ٻنهي جو پاڻ ۾ ناهه ٺهي، سو ٺهي ڪيئن؟

مرحوم طالب المولى ۽ ڊاڪٽر بلوچ ڄڻ ته ان روايت تي نوڙڻ ۽ اهڙن راڳاين کي مٿانهين ماڳ تي رسائڻ لاءِ اصل جنگ جوٽي بيٺا. سندن اِنهيءَ شعوري ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو جُو اڄ اسان کي نه رڳو انهن ڏاهن ۽ سگهڙن جي فن تي ناز آهي، پر سنڌي ڳائڻ وارن تي به گهڻو فخر آهي. اڄ جتي سارنگي ۽ پيٽيءَ کي ماڻهو ٻڌن ٿا، اُتي چپن يڪتاري ۽ گهڙي کي دل جو آواز سمجهي، پنهنجي روح کي راحت رسائين ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جون اِن ڏس ۾ ڪيل خدمتون جدا جدا باب لهن، هتي اسان جو مقصود مخدوم طالب المولى جو ذڪر ۽ سندن پس منظر بيان ڪرڻو آهي نه مخدوم صاحب جن کي مون پهرين ڀيرو تمام ويجهو کان ڪلاڪارن جي حيثيت ۾ سنڌ جي پهرين مزاحيه ڪانفرنس جي دوران ڏٺو جنهن ۾ پڻ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سندن ٻانهن ٻيلي هو.

انهيءَ مزاحيه ڪانفرنس جي موقعي تي، سڄي سنڌ مان ڪيئي چرچائي، پوڳائي، مسخرا، نوڪرباز ۽ مزاحيه شاعر اچي گڏ ٿيا. ڪي رهيا مخدوم صاحب جي سول لائينز واري بنگلي تي ته ڪي وري ڊاڪٽر بوچ صاحب جي اوطاق تي ٽڪيا. سول لائينز ۾، ديگيون دمجي ويون. فقيرن لاءِ لنگر عام جام. سنجهه صبح ڪائي ٿي ڇڙهُه ڪيائون. اِها مزاحيه ڪانفرنس، حيدرآباد واري بسنت هال جي تاريخي عمارت ۾ ٿي ۽ حيدرآباد جي تاريخ ۾ اهڙو عاليشان اجتماع ڪو گهٽ ئي ٿيو هوندو. مخدوم صاحب جن اِنهيءَ ڪانفرنس جا مير مجلس هئا. سنڌ جي مزاح جو انداز نرالو ڳالهيون زمين سان لاڳاپيل. ان ڪري اُنهن ۾ رَسُ اهڙو جو ٻڌندي ئي ٽهڪڙا. ٻنهه پيٽن ۾ سور اها پهرين ۽ آخري مزاحيه ڪانفرنس هئي، جنهن ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهند" محفلون مچائڻ وارن گفتي جي ملوڪ مڙسن جي نمائنده ۽ بي مثال گڏجاڻي هئي. سنڌ جي اها ظرافت ۽ خوش طبعي هاڻي اسان کي خال خال نظر اچي ٿي. اوطاقن جي ڦٽڻ ۽ رستن جي هوٽلن تي موجودگيءَ وري سنڌين کان اها وَٿ واپس وٺي ڇڏي آهي. جنهن جو جيترو افسوس ڪجي، اوترو گهٽ آهي. انهيءَ مزاحيه ڪانفرنس جي موقعي تي مخدوم صاحب مرحوم کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ سندس شخصيت جو جادو دل دماغ تي حاوي ٿي ويو سنڌ ۽ سنڌين جي سڪ واري رُخ مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو.

مٿين سڄي پس منظر جو بنياد فقط اهو هو جو مخدوم صاحب، پنهنجي ڀوهه جوانيءَ کان ئي فقيري رنگ کي نهايت ڳوڙهائيءَ ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو. پاڻ الفيون به پاتائون ته ڪڙا ڪنگنا به. راڳ ۽ ساز سان سندن سنڀند تڏهن ٿيو جڏهن سندن پهرين شاديءَ جي موقعي تي، گواليار جو گني گويو خوش نويس ۽ ستار جو ماهر وڄائيندڙ اُستاد سينڌو خان، هالن ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ آيو. شاعر به هو ۽ "صيد" تخلص ڪندو هو. مخدوم صاحب جو ساٿس پريت جو ڪو اهڙو پيچ پئجي ويو جو سالن جا سال، هالن ۾ رهي، مخدوم صاحب جو روح راضي ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن اُتان ويو ته محمد فقير کٽياڻ جي محبت ۾ ٽنڊي جام لڳ سليمان کٽياڻ ڳوٺ کي وڃي پنهنجو ماڳ بنايائين، ۽ پوءِ اتي ئي

حسيني هو جيڪو اسڪول ۾ منهنجو فارسيءَ جو استاد به رهيو هو ۽ لوڪ ادب آفيس ۾ وقتي طور تي ڪم به ڪندو هو تڏهن اجا مرحوم لنڊن به ڪونه ويو هو. مخدوم صاحب جن جو حڪم پڙي، ڪم ۾ جُنبي ويس. ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڪمپوز ٿيو ۽ اُتي ئي خير خوبيءَ سان ڇپجي پورو ٿيو. تڏهن ڪتابن جي مهورت واري رسم جو اجا بنياد ڪونه پيو هو پر مخدوم صاحب پنهنجي ڳاڙهي ڪاتي واري 'امين منزل' تي رات جي پهرين مانيءَ جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ آئون به شريڪ ٿيو هئس. اُن موقعي تي مخدوم صاحب مون کي جس ڏنو ۽ منهنجي محنت لاءِ مهرباني ڪيائون. مون لاءِ اِها وڏي سوکڙي هئي، جا هئي ته چند لفظن تي محيط، پر مون لاءِ سندن اِهي چند گفتا چڻ زندگيءَ جو ثمر ٿيا.

اُن زماني ۾ 'امين منزل' سنڌي شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو چڻ هڪ مُکيه مرڪز هو. مخدوم صاحب هفتي پندرهين ڏينهن ڪا نه ڪا محفل منعقد ڪرائيندا هئا. اهڙي هڪ ڪچهري دل تي تري آئي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. مخدوم صاحب جن جي گهر ۾ پهرين پوٽي مخدوم جميل الزمان جو جنم ٿيو. اُن جي خوشيءَ ۾ مخدوم صاحب چند دوستن جي دعوت 'امين منزل' تي ڪئي. مون کي ۽ شيخ محمد اسماعيل کي اِن ڪچهريءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پاڻ پنهنجي سر سنڌ يونيورسٽيءَ جي پراڻي عمارت ۾ واقع لوڪ ادب آفيس ۾ آيا. اسان جي خوش بختيءَ جو هيڏي وڏي شخصيت اسان جهڙن همراهن کي سڏ ڏنو. مقرر وقت تي وڃي پهتاسين. اها محفل ٿي مخدوم صاحب جن جي آرام واري جاءِ جي پڊ ۾ ٿي. محفل ۾ جيڪي صاحب مخدوم صاحب جن ڪانسواءِ موجود هئا، تن جا نالا ياد اچن ٿا، مرحوم ميران محمد شاهه، مرحوم مير رسول بخش خان ٽالپر، ڊاڪٽر اسد الله شاهه حسيني مرحوم، محمد اسماعيل شيخ ۽ مون ڪانسواءِ ڪي به چار ماڻهو ڳائڻ وارن ۾ عثمان ڪيڄي، منو ڪيڄي ۽ محمد هاشم ڪيڄي موجود هئا. ٽئي پاڻ ۾ پنهنجي پنهنجي فن ۽ انداز جا يڪتا گوهر. ماني کاڌيءَ کان فارغ ٿي، پهرين هلڪي ٽونڪن ۽ چرچن جي ڪچهري، مخدوم صاحب، مير رسول بخش ٽالپر ۽ شيخ محمد اسماعيل اهڙا ته ٽونڪا ٻڌايا، جو سڄي محفل ۾ ويٺل ماڻهن جي پيٽن ۾ اصل هٽ هئا. اُن کانپوءِ راڳ ٿيو. عثمان ڪيڄيءَ جي ڳائڻ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جوانيءَ ۽ جوش ڳائڻ ۾ شامل هئس. منو به اُن وقت منو هو ۽ هاشم جهڙي پڪواز وڄائڻ وارو ڪو بيو ٿيو ئي ڪين. اهڙو رس ڪيائون، جو ڪنهن کي خبر ڪانه پئي ته فجر جي بانگ اچي وئي، تڏهن ڪچهري برخاست ٿي ۽ سيڪو پنهنجي گهر پيڙو وڃي ٿيو. ڏينهن جا ڏينهن اِنهيءَ ڪچهريءَ جا پڙلاءَ ڪنن ۾ پڙندا رهيا.

مخدوم صاحب جن سان منهنجي خط و ڪتابت به رهي. هڪ پيري ڪوئيٽا ويل هئا ۽ اسان کي وقت ڏنو هئائون ته فلاڻي ڏينهن تي مونبو ۾ ملاقات ڪبي. اُتي قسمت سان مخدوم خليق الزمان سڪالو تي پيو سو پيار سان پنهنجن هٿن سان معذرت جو خط لکي موڪليائون، جنهن ۾ مخدوم خليق جي ناچاقيءَ جي احول سان لکيائون ته اچڻ کانپوءِ ملاقات جوا طلاع ڪبو. مخدوم صاحب جو اِهو وڏو هو جو اسان جهڙن وات ڳاڙهن ڇوڪرن جو به خيال ڪندا هئا ۽ پروگرام ۾ ڪا مٽ سٽ ٿيندي هئي ته اُن جو اطلاع ڏيندا هئا. ٽي وي جي نوڪريءَ دوران جيڪڏهن ڪو ڪُجهو فنڪار ڳائيندي ٻڌندا ها ته مون کي خط لکندا هئا ته تنهنجي ويٺي اهڙا ڪِيس ٿين، سو مناسب نه آهي.

آخري زماني ۾ مخدوم صاحب پنهنجي علالت سبب گوشه نشين ٿي ويا. اسان به پنهنجي هڻ هٽان ۾ سالن جا سال پئجي ويا، جو سندن ديدار نصيب نه ٿيو. ڪن خاص سببن ڪري سندن دل ۾ مون لاءِ اها محبت نه رهي هئي، جيڪا شروع ۾ رهي. بهرحال اسان ته سدائين سندن دعاڳو گهڻگهرا ۽ خيرخواهه رهياسين. الله تعاليٰ کين جنت ۾ جاءِ ڏئي، جو پاڻ هونئن ئي دنيا ۾ هڪ بخشيل روح هئا.

سال وڏن نعتيه مشاعرو ٿيو. اهو شايد آخري مشاعرو هجي. طرح هئي: ’تنهنجي در جو ٿيان دربان رسولِ الله عربي‘. پنهنجو ڪلام پورو ڪرڻ ۾ ڏاڍو وقت ورتئون. ڇاڪاڻ ته لفظ لفظ تي اکيون پرجيو ٿي آيون ۽ هڪڙا لڙڪ پيئڻون ٿي ته ٻيا لڙيو ٿي آيا. عجيب پُرسوز ماحول هو. اهڙي ئي محفل لاءِ مون چيو هو:

محفلِ نعت ۾ جي لڙڪ اکين ۾ آيا،
آخرت ۾ اُهو سامان رسولِ عربي!

ڪو زمانو هو جو هر ادبي مجلس، هر مشاعرو هر راڳ رنگ سائين جن جي ان نعتيه ڪافيءَ سان شروع ٿيندو هو:

مٺا مير مرسل، ولهين جو تون والي،
وَريو تو وٽان ڪو سوالي نه خالي.

اها ڪافي پاڻ خواب ۾ لکي هئائون. ضرور وڏيءَ حب سان لکي هوندائون. تڏهن ته ان ڪافيءَ جي اثر سان محبوبِ خدا جي محبت جا درياءَ وهڻ لڳندا هئا. خصوصاً جڏهن اها ڪافي حسين بخش ڳائيندو هو مون کي يقين آهي ته ان هڪڙيءَ ئي ڪافيءَ جي صدقي ٻنهي جهانن جو سردار سندن ساٿي ٿيندو ۽ آخرت اُجاريندو.

سائين وڏا رڳو نوح سرور جي گاديءَ جي ڪري سدائين وڏا ڪونه ٿيا هئا. قدرت اُنهن ۾ اها مٺيا رکي هئي، جو ڪين وڏو سمجهڻ ۽ چوڻ کان سواءِ چارو ڪونه هو. سنڌي ادب ۽ تعليم جي واڌاري ۽ سنڌي سماج جي سڌاري لاءِ پاڻ جيڪا خاموش خدمت ڪيائون، اُها گهٽ کان ڳجهي ڪانهي، پر ميجتا اسان ماڻهن ۾ مڙئي گهٽ آهي. ’اچا ڪي آهين، هوندا ڪُل جڳ سوڏا ڪاٻڙي‘ انهن ڪاٻڙين مان هڪ رسول بخش پليجي، سنڌي ادبي سنگت جي نوجوانن جي ون يونٽ خلاف جدوجهد جي تاريخ بيان ڪندي جيڪي چيو سو هت ورجائڻ ضروري ٿو سمجهان ته جيئن اڄوڪي نئين نهيءَ وارن کي سائين وڏن جي خاموش خدمتن جي ڪجهه جهلڪ نظر اچي:

”اُن جنگ ۾ سنڌي اديب ان وقت ڏاڍي اڪيلا هئا. ان ٿوري دؤر جي اُن منزل تي سنڌدن ڪوبه واهر ۽ وسيلو ڪونه هو جو هُو ان منزل تي هٿيار ڦٽا ڪن ها ته امڪان هو ته ون يونٽ اڃا به قائم هجي ها ۽ جيڪي وڏيرا ون يونٽ کان پوءِ ڪرسين جا ڏٽي ٿيا ۽ اربين روپيا ڪمايائون، سي شايد اڃا تائين جهنگلن ۾ سُڪا زور ٻيا ڏين ها. ان وقت حاڪم طبقي ۽ اُن جي سياست سان واڳيل هڪڙو ماڻهو سنڌ ڀاران وڙهندڙ اديبن جي فقرا لڌي جو خالص علمي ۽ ادبي مورچي تي پاسو جهليو بيٺو رهيو ۽ هن سنڌ لاءِ جاڪوڙيندڙ ترقي پسند وطن دوست اديبن جو ساٿ ڇڏڻ کان منهن نه موڙيائين.“

سهسين ساگر ڳجن، توءِ سهج نه مٺي سهڻي (شاهه)

”هن جا ٻيا هزارين لکين حبدار ۽ مداح سندس ٻيا انيڪ گڻ ۽ قرب ياد ڪندا، پر جڏهن به مون کي اهو زمانو ياد ايندو آهي ۽ ان زماني ۾ سندس ڪردار ياد ايندو آهي، ته آءٌ سوچيندو آهيان ته مخدوم محمد زمان طالب المولي جي گونا گون زندگيءَ جا ٻيا سمورا ڪم هڪڙي پاسي مٿي ذڪر ڪيل سندس وطن دوست علمي ادبي مؤقف ٻئي پاسي. وطن جي ماڻهن تي آيل ان ڏکيءَ مهل اهڙي اهم مورچي تي پنهنجن جو پاسو وٺي بيهڻ ڪري به سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه ياد رهندو:“

”شال رب جون مٿس دائمي رحمتون هجن!“

هرڻ هنيلا ٻيٺا سوچين!

(عبرت 15، جنوري 1993ع)

پليجو نہ تہ سندن مريد آهي نہ دوست، بلڪ هو هر اُن شيءِ جو مخالف آهي، جنهن جي نمائندگي سائين جن ٿي ڪئي، پوءِ بہ پليجي جي اها راءِ فقط اهو ثابت ٿي ڪري تہ جڏهن بہ سنڌ تي ڏکيو وقت آيو تہ پاڻ پنهنجي طبقاتي ۽ سياسي مصلحتن کي هڪ پاسي رکي سچ جو ساٿ ڏنائون. سنگت وارن موٽ ۾ ڇا ڏنو سو ڪنهن کان لڪل ڪونهي. ون يونٽ ٺهڻ وقت پاڻ کهڙي (ايوب) جي تمام ويجهو هئا. هڪ گروپ هو پر سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جي پٺڀرائي نہ ڪيائون، انکري مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ نہ چونڊجي سگهيا، اڳتي هلي سائين جي.ايم.سيد جڏهن 1958ع ۾ ون يونٽ خلاف محاذ جوڙيو تہ سائين وڏا ان ۾ پيش پيش هئا. ايوب خان ليفٽ، رائيٽ ڪري نہ اچي ها تہ ون يونٽ ٽٽو پيو هو.

1962ع ۾ جڏهن 'تعليمي ڪميشن' جي رپورٽ آئي تہ ان تي سخت احتجاج ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن بک هڙتال ڪئي. آءُ تڏهن شاگر هئس ۽ اڪثر وقت بک هڙتالين سان گذرندو هو. ان وقت مون کي ياد آهي تہ سنڌي سياستدانن ۾ مير رسول بخش ڇوڪرن جي همت افزائيءَ لاءِ اڪثر ڪچهريءَ تي ايندو هو پر بک هڙتال کي ختم ڪرائڻ ۽ اڳتي هلي رپورٽ مان اُهي هاڃيڪار حصا ڪڍائڻ ۾ سائين وڏي نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڻ غلام نبي ميمڻ (تڏهوڪي وزير قانون ۽ سندن خاص مريد) سان گڏ شاگردن وٽ آيا ۽ انهن کان مطالبا پڇيائون. بدقسمتيءَ سان اُن وقت جيڪي شاگرد ليڊر اُت موجود هئا، انهن رپورٽ ڪانہ پڙهي هئي ۽ نہ ئي University Ordinance پڙهيو هو جنهن جي تنسيخ جو مطالبو سر فهرست هو. پوءِ غلام نبي ميمڻ شاگردن کي Ordinance جا اهي باب ۽ رپورٽ جا اُهي حصا (جيڪي کين زباني يادَ هئا) ٻڌايا، جن سان سنڌي ٻوليءَ کي ڌڪو ويو هو. سچ پچو تہ اسان اُن وقت گهوڙا گهوڙا تہ ڪئي پئي، پر اُن ڪاتيءَ جي ڌار ڪيڏي تکي هئي، ان جو احساس اسان کي غلام نبي ميمڻ ڪرايو. پوءِ سائين جن جي قيادت ۾ غلام نبي ميمڻ، ميران محمد شاهہ ۽ مير رسول بخش ٽالپر وائيس چانسلر رضي الدين صديقي (ڪميشن جو مکيہ ميمبر) ۽ ڪمشنر نياز سان مليا ۽ ڪانئن مناسب واعدا وٺي بک هڙتال ختم ڪرايائون. سائين جن ٻين سياستدانن وانگي ڳالهہ کي اتي نہ ڇڏيو. غلام نبي ميمڻ ۽ ميران محمد شاهہ کان هڪ جامع پٽيشن لکرايائون، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، رپورٽ ۽ University Ordinance جا نقصانڪار پهلو سنڌين جو ردعمل ۽ پاڪستاني سياست تي ان جا دروس منفي اثرات واضح ٿيل هئا. اها پٽيشن ايوب خان ۽ نواب ڪالا باغ ۽ پٽي صاحب کي پيش ڪيائون ۽ ان جي نتيجي ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ وارو مسئلو حل ٿيو پر سائين وڏن حسب معمول نہ بيان بازي ڪئي، نہ داد تحسين طلب ڪيائون. خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم ڪيائون. سائين جن جا اهڙا ٻيا بہ ڪئين ڪارناما آهن، پر پاڻ ان جي ڪڏهن بہ تشهير نہ ڪيائون.

سائين وڏو ماڻهو تہ وڏو هو ماڻهپ جي اوچي معيار جو مثال بہ هو ان سان گڏ شاعر بہ تمام وڏو هو. اهو بلڪل مبالغو ڪونهي تہ ويجهڙائيءَ ۾ شاهہ سائينءَ کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽو طالب المولى کي ڳايو ويو آهي. ڏنارن جي دونهينءَ تي ۽ صاحب لوڪن جي ڊرائنگ رومن ۾ هڪ ئي طالب المولى شوق ۽ چاهہ سان ڳايو ۽ ٻڌو ويندو هو. بدقسمتيءَ سان اڄ جي نوجوان کي وهم آهي تہ پراڻن شاعرن کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان سندن ترقي پسندي مشڪوڪ ٿي پوندي، پر هو اِهو سمجهڻ ئي ڪونہ ٿا چاهين تہ جيڪي اڄ آهي، سو ڪلهہ جو تسلسل آهي ۽ جيڪي سياڻي ٿيندو سو اڄ مان ڦٽندو. اُهو حشر اياز سان بہ ڪيو اٿن. گذريل سال جڏهن سائين وڏا ڪراچيءَ ۾ اسپتال ۾ هئا تہ سنڌ جو ٻيو وڏو ماڻهو اياز بہ اُتي داخل هو. سائين جن سان ملڻ کانپوءِ اياز سان ملڻ ويس. اها منهنجي اياز سان پهرين ملاقات هئي. ڏاڍي پاپوهہ سان مليو اڪيلو اڪيلو وساريل، وساريل. چند گهڙين جي ان يادگار ملاقات مان ڇتو نظر آيو تہ ڪيس پنهنجن وساري ڇڏيو آهي، الله شل اسان جي نوجوانن کي ساڃهہ ڏي!

طالب المولي کي پراڻي شاعريءَ جو نمائندو سمجهي وسارڻ سنڌي ادب سان زيادتي آهي. آءٌ نقاد ڪونہ آهيان، جو سنڌن شاعريءَ جو مُلهہ ڪٿ ڪري سگهان. منهنجي راءِ شايد جانبداري لڳي، تڏهن بہ آءٌ پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان چوندس تہ طالب المولي سنڌي ڪافيءَ ۽ غزل کي نئون رنگ روپ ڏنو. ڪيترا نوان خيال ۽ رجحان پيش ڪيائون، جن مان هڪ مون کي هميشہ وڻندو آهي ۽ مون اهو رجحان گهٽ ۾ گهٽ اردو سنڌي، انگريزي ۽ فارسي شاعريءَ ۾ تہ ڪونہ ڏٺو آهي. پاڻ اهو ٻڌائين ٿا تہ عشق ٻہ طرفو ٿيندو آهي، عاشق ساڳئي وقت معشوق بہ آهي، معشوق بہ پنهنجي عاشق لاءِ ائين ئي تڙپي ٿو جيئن عاشق. اهائي اڪثر ڪري حقيقت بہ آهي، پر شاعرن هميشہ عاشق جي واتان ئي آهہ و زاري ڪرائي آهي. پوءِ اهو مرد هجي يا عورت. سائين طالب المولي پهريون ماڻهو آهي، جنهن اها روايت ٽوڙي. سدائين طالب المولي بلاشڪ پنهنجي دؤر جو جديد شاعر هو ۽ وڏو شاعر هو جن آزاد نظم لکيو تہ هائيڪو بہ لکيو ۽ نيڙو بہ لکيو اُهي جديد شاعرن جي صف ۾ شامل ٿيا. ساڳيءَ طرح نور محمد خستہ جهڙا جن پهرين غزل لکيو اُهي بہ جديد شاعر هئا. حافظ حامد جنهن نج سنڌيءَ ۾ غزل لکيو اهو بہ جديد شاعر هو حافظ شاهہ جنهن ڪافيءَ ۽ غزل کي Blend (غزل کي نئين ترڪيب سان گڏيو) ڪيو اهو بہ جديد شاعر هو ۽ طالب المولي جنهن ڪافيءَ ۽ غزل کي نئين حيثيت ڏني، اهو بہ بلاشڪ جديد شاعر هو. منهنجي خيال ۾ طالب المولي تي ڪنهن سچي ۽ بلندپايہ نقاد کي ضرور لکڻ کپي. منهنجي نظر ۾ امداد حسيني اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي راءِ کي نئين نهيءَ وٽ مانُ آهي ۽ جيڪو نہ رڳو معاصرن جي ڪاوشن جو معترف آهي، پر پاڻ خود بہ وڏيءَ رياضت ۽ محنت ڪانپوءِ پراڻي رنگ جي شاعريءَ مان ارتقا ڪري موجوده منزل تي پهتو آهي. طالب المولي جي ميخاني جو رند بہ رهيو آهي. اُميد تہ منهنجي اها گذارش قبول ڪندو. طالب المولي سائين لطيف جذبن جو شاعر هو. جيسين اسان ۾ محبت جو جذبو آهي، تيسين طالب المولي زنده رهندو.

سائين وڏن سان منهنجي پهرين ملاقات مئي 1954ع ۾ ٿي. پوءِ ملاقاتون ئي ملاقاتون هيون. رات ڏينهن گڏ، سفر ۾ شيلن شڪارن ۾، راڳ رنگ ۾، شعر شاعريءَ ۾، ڪل پوڳ ۾ سدائين گڏ. اهو دؤر بہ هڪ عجيب دؤر هو. ان تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اُن سنگت ۽ ساٿ مان گهڻو سکيوسين، گهڻو ئي پرايوسين. ان دور جا مشاعرا، راڳ جون محفلون، لطيفي لاتيون، سگهڙن جون ڪچهريون سڀ سائين وڏن جي سرڪردگيءَ ۾ ٿينديون هيون. ڪو شهر ڪو ڳوٺ ڪو واهڻ اهڙو نہ هو جتي ڪا ادبي محفل، ڪو مشاعرو يا راڳ رهاڻ نہ ڪئي هوندي سون. جوانيءَ ۾ سفر گهڻو ڪندا هئا. پوءِ جت پهچندا هئا، اُت خودبخود ميلا لڳي ويندا هئا. تر جا راڳيندڙ شاعر سگهڙ اچي گڏ ٿيندا هئا. 'نہ ڪو رات نہ ڏينهن، سڀ ڪا پسي پرينءَ کي' وارو سمو هوند هو. اهي محفلون ۽ مجلسون راتين جون راتيون ۽ ڏينهن جا ڏينهن هلنديون هيون. اسان جهڙا نوتي ڪئين دفعا ننگون ساهيندا هئا، پر پاڻ ويٺا هوندا هئا. قوت برداشت جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، بيحد ٿڪ جي باوجود محفل مان نہ اُٿندا هئا تہ متان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي. پاڻ نهايت سريلا هئا. ڪارو آواز ڪونہ وڻندو هون، پر ڪو اهڙو ڳائڻو آيو تہ ان کي بہ ٻڌندا هئا ۽ همت افزائي ڪندا هئا. اهوئي رويو سنڌن سيڪڙاٽ شاعرن سان بہ هو. اُتي محفلون تربيت گاهون هيون، جتان پڙهي ۽ ڪڙهي ڪئين اڳتي هلي نالي وارا شاعر ۽ اديب ٿيا ۽ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جا فنڪار ٿيا.

نوح سرور جي گاديءَ جي روايت مطابق ماهہ پيريا سائو سومار (اسلامي مهيني جو پهريون سومر) پاڻ هميشہ هالا ۾ گذاريندا هئا. آچر جي شام مغرب کان ٿورو اڳ درگاهہ تي وڃبو هو اُتي ذڪر فڪر ٿيندو هو پاڻ ڪنهن سبب جي ڪري نہ ويندا هئا تہ سنڌن فرزندن مان ڪو ضرور ويندو هو. مغرب جي نماز پڙهي واپس موٽبو هو پري پري کان مريد خادم حاضري تي ايندا هئا. دنيا جا ڪم ڪاريون بہ ٿيندا هئا، سومر جو صبح ڪچهريءَ لاءِ مخصوص هوندو هو ۽ ڪئين راڳيندڙ چوڪي ڏيڻ ايندا هئا. منظور علي خان ۽ اسد علي خان جهڙا استاد بہ ايندا هئا تہ هلڪا سلڪا الو

ميان وارا بہ سين کي ڀڏبو هو ۽ داد ۽ تحسين سان گڏ خرچي بہ ملندي هئي. رجب ۽ ذوالحج وارا سومار وڏي پيماني تي ٿيندا ها. هونئن تہ هر سومار تي هالا ۾ مال پڙيون لڳنديون آهن، پر وڏو مال جو ميلو رجب ۽ ذوالحج ۾ لڳندو آهي. هنن سومارن تي مريد لکن جي تعداد ۾ ايندا آهن. سائين وڏا رات درگاه تي گذاريندا هئا. ان رات جيڪي ڪچهريون ٿينديون هيون، سي بہ يادگار هيون.

سائين وڏن جي هڪ عجيب خصوصيت ڏٺم. لکين مريد هئا، پر پاڻ تقريباً هر مريد کي نالي سان سڃاڻندا هئا. ڪو نئون ماڻهو ايندو هو تہ ڏاڍي پيار سان پُڇندا هئا. 'ابا تون ڪير آهين؟' تعارف ٿيڻ کانپوءِ سڄي خاندان جي نالي سان خيريت معلوم ڪندا هئا ۽ سلام موڪليندا هئا. جيسين صحت اجازت ڏني، تيسين روزانو سون ماڻهن سان ملندا هئا، انهن جا مسئلا حل ڪندا هئا. قاسم دربان، الله حياتي ڏيس، عجيب شخص آهي. اهو هڪ ئي وقت پندرهن ويهن ماڻهن جو اطلاع آڻيندو ۽ هڪ هڪ ڪري ڀڏائيندو ويندو 'جيئڻ سائين! فلاڻو پٽ فلاڻو ويٺل ڳوٺ فلاڻي هن جو ڪم فلاڻي ماڻهوءَ ۾ آهي.' پوءِ پاڻ ڪم جي مطابق حڪم ڏيندا هئا. ڪنهن کي خط، ڪنهن جي لاءِ فون، ڪنهن کان روبرو ڳالهہ ڀڏبي، ڪنهن جي لاءِ ٻي ڏر کي گهرائي روبرو ڳالهيون ٻڌي فيصلو ڪبو. خانداني وراثت جي جهيڙن کي هميشہ شرعي نموني ۾ حل ڪرڻ چاهيندا هئا. ان لاءِ ڪنهن عالم ڏانهن رجوع ڪندا هئا. اڪثر مخدوم امير احمد پرنسپال سنڌ اورئنٽل ڪاليج ڏانهن ماڻهن کي موڪليندا هئا. مخدوم صاحب جي فيصلي تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. اڪثر سوچيندو هوس تہ جيڪي جهيڙا ڪورٽن جا ڌڪا کائي جُهڳو جهڻ ڪرائڻ کان پوءِ بہ صحيح نموني ۾ حل نہ ٿي ٿيا ۽ خانداني ڪدورتن جو باعث ٿي بڻيا، سي سائين وڏن جي هڪ لفظ سان حل ٿيو ٿي ويا.

ڪئين آفيسر سندن مريد ۽ معتقد هئا يا سندن شخصيت کان متاثر هئا، انهن کي چوندا هئا تہ ماڻهو مون وٽ جائز ناجائز ڪم کڻي ٿا اچن ۽ انهن جي سفارش ڪريان ٿو پر توهان ناجائز ڪم نہ ڪجو حق نہ وڃائجو ۽ جائز ڪم ۾ تردد نہ ڪجو. پاڻ مخالفن جي مدد بہ اهڙي دلچسپيءَ سان ڪندا هئا، جهڙي پنهنجن جي. آءٌ اهڙا ماڻهو بہ سڃاڻان، جي سندن مخالفت ۾ پيش پيش هئا، پر انهن تي ڏکيو وقت آيو تہ پاڻ انهن لاءِ هر ضروري ڀوڳ ڏک ڪندا هئا. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن صحت جواب ڏئي چڪي هئي، هفتي ۾ ٻہ ٽي دفعا ڊائليسس جي اذيت، هر وقت بلڊپريشر موجود، سَنڌ، سنڌ ۾ سور هلڻ چلڻ کان عاجزي، بہ ماڻهو سهارو ڏئي ويل چيئر تي وهارين ۽ لاهين، ان حال ۾ بہ ماڻهن جي ڪمن جي پوئواري ڪندا هئا.

اسپتال جي ڪمري مان بہ حسب توفيق ماڻهن جي دسترسي ڪندا هئا. مون هڪ ڪم لاءِ عرض ڪيو ڄام صاحب کي فون ڪيائون، پر موجود نہ هو. رات جو اوچتو طبيعت خراب ٿي وين. آغا خان اسپتال ۾ داخل ٿيا. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ سندن اسپتال مان فون آيو. فرمايائون تہ ڄام کي ڪم چٺي ڇڏيو اٿم. توهان وڃي ملو اهي هئا سندن قرب. اهو رويو سندن رڳو پنهنجن سان ئي نہ پر هر ضرورت مند سان هو.

غلام ربانيءَ 'جهڙا گل گلاب' ۾ سندن هڪڙو قاعدي جو ذڪر ڪيو آهي، نہ رڳو پاڻ بيحد پابنديءَ سان دوا درمل ڪندا هئا، پر زندگيءَ جا ڪي معمول بہ باقاعدگيءَ سان انجام ڏيندا هئا. مثلاً: روزانو ڊائري لکڻ، سندن روزانو جو معمول هوندو هو تہ پرهہ ڦٽي سان ڏيڍيءَ تان ٻاهر ايندا هئا ۽ 9 بجي تائين خط و ڪتابت ۽ مطالعو ڪندا هئا. صبح جي چانهہ بہ اتي پيئندا هئا. ان دوران ڪنهن کي بہ ساڻن ملڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. اڳتي هلي جڏهن نيازمندي وڌي تہ ڀائو اسدالله شاهہ ۽ منهنجي ڀاڻاري سندن بيٺڪ ۾ ئي لڳندي هئي، جنهن کي وڏو بنگلو چئبو آهي ۽ صبح جو چانهہ ساڻن گڏ پيئبي هئي. اهو سلسلو پڇاڙيءَ تائين قائم هيو. جيسين سندن صحت ٺيڪ هئي، تيسين سڄي رات جاڳڻ جي باوجود صبح وارو خط و ڪتابت ۽ مطالعي جو معمول پئي نڀايائون. ڏيڍ بجي ڏيڍيءَ تي وڃبو.

4 بجي واپس بنگلي تي اچبو 5 بجي چانهه پي ماڻهن سان ملبو 8 بجي کان 9 بجي تائين ڪچهري ۽ 9 بجي گهر. ان ڏينهن جي دل گهريا دوست موجود آهن. نه پوءِ شعر شاعري ۽ راڳ رنگ ٿيندو هو پوءِ رات جي ماني به ٻاهر کائبي. رات جي خوراڪ هئي جوئر جي سوڪ ماني ۽ کير. هڪ دفعي هالن جو هڪ مولوي صاحب حسب معمول حاضريءَ تي آيو. ڳالهائڻ جي فضيلت پوري ساري هيس، ماڻهن جو ساڻاري هو تنهنڪري سندس گستاخانه رويي کي برداشت ڪندا هئا. اسان جي ماني آئي کيس صلاح هنئي سون، چئي ته آءٌ اها ماني کائيندس. جيڪا سائين کائيندو سائين جن گهڻو سمجهايس ته مولوي صاحب منهنجي ماني اوهان کي ڪونه لڳندي، چڱو آهي ته هنن دوستن سان شامل ٿيو. مولوي صاحب جي گهڻي ضد ڪانپوءِ جڏهن جوئر جي ماني اڳيان آئي ته مولوي صاحب جو حال ڏسڻ وٽان هو اسان ته ماني کائي پوري ڪئي، جوئر جي ماني مولوي صاحب کي نه آڙي، سو آنو بهانو ڪري کائڻ کان ٽٽائي ويو.

نفاست اهڙي جو پٽ تان ڌاڳو کڻي ان کي هڪ جهڙو ويڙهي سيڙهي پوءِ اڇلائيبو. ڪاغذ کي ڀهرين ٻيٽو ڪبو پوءِ چوڙو ۽ پوءِ ڦاڙيو ۽ ڊسٽ بن ۾ اڇلائيبو. اهائي نفاست اهائي تور تڪ سندن اٿڻ ويهڻ، گفتگو سندن لباس ۽ ماڻهن سان ملاقات ۾ هوندي هئي.

"سنڌي ادبي بورڊ واري معاملي ۾ پڻ پاڻ سخت بيماريءَ جي باوجود، ذاتي انا کي هڪڙي پاسي رکندي، هر قسم جي معاونت ۽ مفاهمت لاءِ هر وقت تيار رهيا. بدقسمتيءَ سان سندن صحت انهن ڏينهن ۾ بيحد خراب رهي، جنهن سبب ان مسئلي جو ڪو خاطر خواهه حل نڪري ڪونه سگهيو ورنه پاڻ هر طرح ان معاملي کي خوش اسلوبيءَ سان نپٽائڻ لاءِ بي چين هئا. نفيس ۽ نرم دل رکندا هئا، انڪري ادبي بورڊ تان استعيفي ڏيڻ کانپوءِ ڏکويل ۽ ملول رهڻ لڳا، زبان تي شڪايت ڪڏهن ڪونه آندائون، پر مون کي لڳندو هو ته ان واقعي کانپوءِ ماڻهن جي ناقدري ڏسي سندن اندر اڌ ٿي پيو هو. سچ پڇيو ته علم ۽ ادب جي هڪ پرخلوص پانڌيئڙي سان حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اهڙو زورآوريءَ وارو ورتاءُ سنڌين جهڙن غيرتمندن ۽ سڄاڻ قوم جي مُنهن تي ڪنهن به ريت نه ٿو سونهين. بهرحال الله تعالى اسان سڀني کي پنهنجي محسنن تي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري."

منهنجي اها بدقسمتي هئي، جو انهن زورآورين ۾، جن جو مٿين پيراگراف ۾ ذڪر قمر شهباز ڪيو آهي، هڪ منهنجو پيرو به شامل هو مون کي سچي حياتي اهو سور رهندو ته سائين جن کي منهنجي پنهنجن هٿان تڪليف پهتي، ڪاش! سندن زندگي ايڏو جٽاءُ ڪري ها، جو آءٌ ان ڪوتاهيءَ جي تلافي ڪري سگهان ها. افسوس اهو آهي ته اسان جي سنڌي سڄڻن هن سنڌ دوست انسان سان اهو سڀ ڪجهه اُن وقت ڪيو جڏهن هو سفر جو سانباهو ڪريو وينا هئا، رڪاب ۾ پير پيو هون، رڳو لانگ ورائڻ جي دير هئي. ڪجهه وقت صبر ڪن ها ته محسن ڪُشيءَ جي طعني کان بچي وڃن ها.

سائين وڏن سان جيڪي زندگيءَ جون گهڙيون گذريون، اهي حياتيءَ جي پونجي آهن. انهيءَ کي ساهه سان سانڍي رکڻ ئي زندگيءَ جو مقصد رهندو. سائين ويا ته منهنجي لاءِ هر خوشي بي معنيٰ ڪري ويا. آءٌ ته جهڙوڪ راهه ھلندي ڦرجي ويو آهيان.

هاتف ڦريو ته خير پر اي سنڌ واسيو!
احساس ڪو اٿوَ ته اوهان ڇا وڃائيو؟

◙



نفيس احمد شيخ

# مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ
# چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ مقرر

اهلِ سنڌ، خاص ڪري سنڌ جي ادبي حلقن ۾ اها روح پرور خبر مسرتن جا پيغام کڻي آئي ته سنڌ جي واجب الاحترام روحاني شخصيت، سنڌي زبان جي عظيم محسن، سنڌي ادبي بورڊ جي ديرينه مُربي، سنڌ جي سيني اديبن ۽ شاعرن جي مٿي جي موڙ، عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ“ کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو آهي. شُڪر الحمدالله.

قبله مخدوم صاحب جن جي تقرري سنڌ سرڪار وٽان هڪ نوٽيفيڪيشن مورخه 23 جنوري 1979ع ذريعي عمل ۾ آئي، پر ان کان اڳ پاڪستان جي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو، ساڻن هڪ ملاقات دوران بورڊ جي سرپرستي قبول ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي، جا صاحب موصوف ڪمال لطف و عطا جي جذبي هيٺ قبول ڪرڻ فرمايائون. اداري مهراڻ جي نظر ۾ قبله مخدوم صاحب جن جي بورڊ کي اها هڪ خاص عنايت نصيب ٿي آهي، ورنه سندن بي شمار مشغولين کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. اسان جي نظر ۾ بورڊ بجا طور تي اها خوش بختي ماڻي آهي، جو مخدوم صاحب جن اُن جي سرپرستي قبول ڪئي آهي. اسان قبله مخدوم صاحب جن جي ان نوازش تي دل جي گهراين مان شڪريو ادا ڪندي، اهلِ سنڌ ۽ خاص ڪري سنڌ جي سيني اديبن ۽ شاعرن، عالمن ۽ دانشمندن، صحافين ۽ سنڌي زبان ۽ ادب جي ترويج سان دلچسپي رکندڙ سمورن حلقن کي مبارڪباد پيش ڪندي، ان خاصي خبر جو اظهار ڪريون ٿا ته سندن آسُن ۽ اُميدن، آرزوئن ۽ اُمنگن جو مرڪز ۽ محور، سندن ماضيءَ جي عظمت جو امين ۽ نگهبان ۽ حال کي اُجاريندڙ نمائنده علمي ۽ ادبي اداري جو سفينو، ماضي قريب جي بدقسمت باد مخالف ٿڦيڙن، تُند ۽ تيز، شوخ ۽ وحشتناڪ طوفاني لهرن کان محفوظ ٿي، صحيح سلامت ڪناري تي لڳو آهي. سنڌي ادب جي ڪِشتي هاڻي ڪُنن مان پار پئجي چُڪي آهي. سندن محبوب ادبي ادارو هاڻي ”سلامت هٿن“ ۾، انشاء الله نه صرف هميشه لاءِ محفوظ رهندو، پر ان سان گڏ ترقيءَ ۽ ترويج جون اُهي منزلون ماڻيندو، جو اهلِ سنڌ بجا طور تي اطمينان ۽ تسلي جو اظهار ڪري سگهندا. ڪين فخر ۽ ناز ڪرڻ جو خوب موقعو مليو آهي.

قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي علمي ۽ ادبي، ثقافتي ۽ ملڪي، سماجي توڙي سياسي خدمتن جو تفصيلي تذڪرو ڪرڻ، هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي ڏيکارڻ برابر آهي. زندگيءَ جو ڪهڙو به شعبو هجي، ”خدمت“ ڪرڻ هن متبرڪ ۽ باوقار خاندان جو صدين کان وٺي شيوو رهيو آهي. اڄ جي مهذب دنيا ۾، مختلف قومن وٽ ”تعاون“، ”تعاون براءِ ترقي“ ۽ ان قسم جي نقطن تي جيڪو زور ڏنو ٿو وڃي ۽ صبح شام پرچار ڪيو ٿو وڃي، اهو سلسلو، سنڌ ۾ پنج صديون اڳ، هالا جي مبارڪ خاڪ پاڪ مان، گلشن سنڌ جي گُلابي گل غوث الحق حضرت مخدوم نوح سروري رح جي بابرڪت شخصيت وٽان شروع ٿيو ۽ الحمدلله طالب المولىٰ سائينءَ جي روپ ۾ نقطهء عروج تي پهتو آهي ۽ رهندي دنيا ڏسندي ته فطرت جو اهو اجهل درياهه فيض روان ۽ دوان رهندو. راقم کان جيڪڏهن ڪو ماڻهو، مخدوم صاحب جن جي شخصيت بابت مختصر لفظن ۾ رايو پڇي

تہ موٽ ۾ سندن ئي هڪ شعر پيش ڪجي، جنهن ۾ نہ صرف طالب الموليٰ سائينءَ جي مزاج، پر سندن سموري خانداني روايت جو روح ۽ عرق سمايل آهي:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب الموليٰ
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

سبحان الله! سبحان الله! گهور ٿجي شانِ سروري جي ان متبرڪ اظهار تان. تہ عزيز سنڌ واسيو! سنڌي ادبي بورڊ جا ڀهي خواهہ دوستو! اُهي علمي ۽ ادبي ادارا- جن سان قومن جي سُجاڻ ۽ زندگي، جياپي ۽ مستقبل جو دارومدار هوندو آهي- تن ادارن جي ترقي فقط ”خدمت“ جي جذبي سان وابستہ هوندي آهي ۽ خدا جو شان آهي، جو قبلہ مخدوم طالب الموليٰ سائين جهڙي شخصيت جي رهبري ۽ نگراني ڀيهر نصيب ٿي آهي سنڌي ادبي بورڊ کي، جيڪي سراپا ”مجسمہءِ خدمت“ آهن.

قبلہ مخدوم طالب الموليٰ سائينءَ جي گوناگون خدمتن مان ٻن خاص نقطن جو هت ذڪر ڪرڻ نهايت موزون ۽ مناسب رهندو، جيڪي بورڊ سان وابستہ آهن ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ جي دور رس نتيجن سان عبارت آهن.

(1) پاڻ 1961ع کان وٺي 1977ع تائين بورڊ جا چيئرمن رهيا. سترهن سالن جي ان ڊگهي عرصي دوران، پاڻ جنهن شفقت ۽ قربہ دورانديشي ۽ معاملا فهمي، جرات ۽ بلند حوصلگيءَ سان بورڊ جي جيڪا خدمت ڪيائون، سا ظاهر ۾ تہ بورڊ جي وسيع اشاعتي سلسلي- جنهن وسيلي بورڊ کي بين الاقوامي علمي مرڪز ۾ شهرت ۽ عزت حاصل ٿي- سا متعلق آهي، پر اُن سان گڏ ڪيترائي اهم نقطا اهڙا بہ آهن، جن کان نئون نسل پوري طرح اڻڄاڻ آهي. اهي چند صاحب انهن نقطن جا عادل شاهد آهن، جن ساڻن گڏجي ڪم ڪيو آهي، يا جن کي سندن قرابت حاصل رهي آهي. انهن نقطن ۾ بہ خاص نقطا هي آهن تہ ون يونٽ جي بدترين سنڌ دشمن نظام ۾ جڏهن بورڊ کي، وقت جي حڪومت اکين جو ڪنڊو ٿي سمجهيو ۽ طرحين طرحين سان بورڊ کي نقصان پهچائڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ حيلا ٿي هلايا، تڏهن اها مخدوم صاحب جن جي جرئت ۽ بلند حوصلگي ئي هئي، جو بورڊ جو سفينو انهن طوفانن مان پار اُڪاريائون. ڪالاباغ جهڙي آمر جي زماني ۾ جيڪڏهن مخدوم صاحب جن سرپرست نہ هجن ها، تہ بورڊ ڪڏهوڪو تهہ و بالا ٿي وڃي ها، ڇوتہ ان زماني ۾ ڪن رجعت پسند ادبي حلقن طرفان بورڊ تي ڪُفر ۽ الحاد، زندقہ ۽ وطن دشمني ۽ اسلام دشمنيءَ جي الزامن وقت جي حڪومت کي تپائي رکيو هو. راقم کي بخوبي ياد آهي تہ بورڊ جي تحفظ جي سلسلي ۾ مخدوم صاحب جن لاهور جا جيڪي سفر ڪيا، تن جا خرچ پڻ پاڻ پنهنجي کيسي مان برداشت ڪيائون.

ٻيو خاص نقطو اهو آهي تہ مهراڻ- جنهن کي 1955ع کان وٺي همعصر جديد سنڌي ادب جي تاريخي دستاويز طور مقبوليت حاصل آهي- اُن جي سرپرستي ڪندي، پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي پسند يا ناپسند کي آڏو اچڻ نہ ڏنائون. هڪ ذهين ۽ زيرڪ، معاملا فهم ۽ ڪشاده قلب دانشور جي حيثيت ۾ ”مهراڻ“ کي پنهنجي فطري راهہ تي هلندي ڪڏهن بہ ڪا رڪاوٽ بنجڻ نہ ڏنائون. اهوئي سبب آهي جو مهراڻ ۾ شروع کان وٺي جتي قديم ۽ جديد، ۽ مختلف مڪتبہءِ فڪر جي لکندڙن کي موقعو ملندو رهيو، اُتي جديد ترين ادبي روايتن ۽ رجحانن جي بہ آبياري ٿيندي رهي. نتيجو اهو نڪتو جو اڄ سنڌي ادب ۾ مهراڻ کي هڪ فخر لائق مقام حاصل آهي. سڀني لکندڙ طبقن وٽ يڪسان مقبوليت حاصل آهي ۽ مهراڻ ادب جا کي اهڙا صحتمند رُجحان پوکي سگهيو آهي، جنهن جو ڦل مستقبل سان وابستہ آهي.

(2) مخدوم صاحب جن جي بورڊ تي هڪ ٻي خاص عنايت اها رهي، جو پاڻ ڪمال نوازش سان، مخدوم نوح رحه جي فارسي مترجم قرآن شريف جو نهايت نادر ۽ قيمتي اصل نسخو، ورهين جا ورهيه، بورڊ جي حوالي ڪيائون. برصغير هند و پاڪ ۾ اولين فارسي مترجم قرآن پاڪ جو اهو مخطوطو، بجا طور تي اهلِ سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهي، جنهن کي مخدوم صاحب جن جي توجهه سان اشاعت عام حاصل ٿي. اڄ اهو ڪمياب ۽ نادر نسخو هر گهر جو سينگار آهي، جنهن لاءِ سنڌ واسي، مريد خادم ۽ عام اهلِ دل ورهين کان واجهائيندا رهيا ٿي. مخدوم صاحب جن جي ايماء ۽ قبوليت سان، سنڌ جي هاڪاري عالم علامه غلام مصطفىٰ قاسمي، ان نسخي تي ورهين جا ورهيه تحقيقي ڪم ڪيو ۽ محترم غلام رباني آگري صاحب کي ان جي اشاعت جي سعادت حاصل ٿي. اها مخدوم صاحب جن جي فراخدلي ٿي آهي، جو پاڻ ان اسڪيم جي ڪاٻه نقدي رائلٽي يا اجورو ڪونه ورتائون، جيتوڻيڪ بورڊ جي مقرر ڪيل اصولن مطابق ان جو جواز موجود هو.

مقصد ته، مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ، سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده سرپرستي قبول فرمائڻ کان پوءِ جنهن عزم ۽ خاص توجهه جو اظهار ڪيو آهي، اهو سنڌي ادب لاءِ نهايت نيڪ فال آهي. باوجود لاتعداد مشغولين جي، پاڻ 26- جنوري 1989ع تي، اسان جي استدعا کان سواءِ، پاڻ بورڊ کي پنهنجو ادارو سمجهي، نهايت شفقت ۽ مهر سان، بورڊ جي ڪئمپس ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪمال دلنوازيءَ جو مظاهرو ڪيائون. سندن حيات بخش آمد، بورڊ جي عملدارن ۽ ڪارڪنن ۾ وڏو حوصلو پيدا ڪيو. سندن خوشگوار آمد، ملازمن جي زخمن جي مرهم پاشي ثابت ٿي. سندن اها محبت آفرين آمد، معنىٰ آفرينيءَ سان لبريز ۽ سرشار هئي، جنهن کي بنده راقم خاص طرح سمجهي سگهيو آهي، ڇوته مخدوم صاحب جهڙا معاملا فهم ۽ دور انديش، ذهن ۽ ذڪاء جا صاحب ۽ ڏگهي نظر رکندڙ بزرگ اسان وٽ سنڌ ۾ آهن گهٽا، جن جي صحتمند فڪر ۽ صحيح سوچ مطابق ادارا، پتين ۽ ڇتين سان ٺهيل عمارتن جو نالو نه، پر انهن عمارتن ۾ ڪم ڪندڙ مخلص ۽ تجربيڪار، پاڻ ارپڻ وارن صلاحيتمند ملازمن ۽ ڪارڪنن جو ئي نالو هوندا آهن. ادارا بي لوث خدمتگذارن ۽ مخلص ڪارڪنن جو نالو هوندا آهن، ڇوته بلند ۽ بالا عمارتون ته بقول مرحوم حسام الدين راشدي، ”ڪراچيءَ ۾ سيٺ دائود به سوين ٺهرائي ڇڏيون آهن.“ مخدوم صاحب جن بورڊ جي ملازمن جي جيڪا قدرداني، عزت افزائي ۽ شفقت نوازي ڪرڻ فرمائي آهي، ان سان ڪين هڪ نئون عزم حاصل ٿيو آهي. ان مختصر ملاقات دوران، مخدوم صاحب جن گفتگو فرمائيندي، بورڊ جي ڪم ڪار بابت جن ترجيحن جو اظهار فرمايو، تن مان اهلِ سنڌ لاءِ خوشخبري طور هڪ نقطو پيش ڪرڻ موزون آهي. پاڻ فرمايائون ته ”سنڌ جي ادب ۽ شاعري، تهذيب ۽ ثقافت، تصوف ۽ مشاهيرن جي تذڪري جهڙن موضوعن تي بورڊ ماضيءَ ۾ جيڪي اشاعتي سلسلا شروع ڪيا هئا، تن جي تڪميل طرف خاص توجهه ڏنو ويندو.“ بلاشبه ادبي بورڊ جو قيام ئي مٿين مقصدن جي حاصلات سان وابسته آهي. ماضيءَ ۾ بورڊ انهن ئي مقصدن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي ۽ الحمدالله بورڊ کي پنهنجي هن روشن ۽ درخشنده نئين دؤر ۾ ساڳيون ترجيحات ميسر ٿي رهيون آهن.

مخدوم صاحب جن جي چيئرمن مقرر ٿيڻ تي ادارو مهراڻ سندن خدمت ۾ دل جي گهراين مان مبارڪباد پيش ڪندي، ڪين يقين ڏياري ٿو ته سندن شفقت پرئي ۽ حوصلا افزا خوشگوار ماحول ۾، سندن بهترين رهبري هيٺ، بورڊ جا ڪارڪن وڌيڪ تندهيءَ سان سندن ٻانهن ٻيلي ثابت ٿيندا ۽ انشاء الله دنيا ڏسندي ته سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي مقصدن ۾ وڏيون ڪامرانيون ماڻيندو.

اهو پڻ نهايت خوشيءَ جو امر آهي تہ سنڌ جي اديبن، شاعرن، علمي حلقن ۽ مختلف ادبي تنظيمن، وڏي تعداد ۾ جناب مخدوم صاحب جن جي تقرر تي مسرت جو اظهار ڪندي، سندن رهبريءَ ۾ بورڊ جي ترقيءَ جو يقين ظاهر ڪيو آهي. سنڌ جي اديبن، بورڊ سان ماضيءَ ۾ جيڪا محبت پئي ڪئي آهي ۽ ان سان والهانہ تعاون ڪيو آهي، سو سڄ وانگر روشن آهي. خاص طرح "مهراڻ" سان سندن علمي سهڪار هڪ اهڙي منفرد حقيقت آهي. جنهن جو مثال پاڪستان جي ٻين ٻولين جي ادب ۾ ملڻ ناممڪن آهي. مهراڻ فقط اديبن ۽ شاعرن جي مخلصاڻي اعزازي سهڪار سان اها حيثيت ماڻي سگهيو آهي ۽ اسان کي توقع آهي تہ هاڻي جڏهن بورڊ جي حوالي سان سنڌي ادب جي مٿي تي مخدوم صاحب جهڙي شخصيت جو موڙ مُزين ٿيو آهي، تڏهن سنڌ جا اديب ۽ شاعر، وڌيڪ محبت سان پاڻ ملهائي بورڊ ۽ مهراڻ سان علمي سهڪار ڪندا رهندا.

## سنڌي ادبي بورڊ جي نئين تشڪيل

سنڌ سرڪار جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي نوٽيفڪيشن مورخہ 5- فيبروري 1989ع مطابق بورڊ جي هن ريت نئين تشڪيل ڪئي ويئي آهي.

1. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ — چيئرمين
2. ثقافت کاتي جو نمائندو — ميمبر
3. خزاني کاتي جو نمائندو — ميمبر
4. جناب مخدوم جميل الزمان جميل — ميمبر
5. جناب غلام رباني آگرو — ميمبر
6. جناب ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي — ميمبر
7. جناب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ — ميمبر
8. جناب بشير احمد موريائي — ميمبر
9. جناب علي احمد بروهي — ميمبر
10. جناب سيد احسن الهاشمي — ميمبر
11. جناب عبدالله خان ورياهہ — ميمبر

ادارو "مهراڻ"، بورڊ جي نون ميمبر صاحبن کي مبارڪباد پيش ڪري ٿو ۽ دعاگو آهي تہ سندن تعاون ۽ رفاقت سان جناب مخدوم صاحب جن جي مثالي رهبريءَ ۾ بورڊ ترقيءَ جون وڏيون منزلون ماڻيندو. (آمين.)

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 1989/1ع

(iiii) پورهئي جو پس منظر:

چيو ويندو آهي تہ تخليق ڪار عالم، اديب ۽ شاعر پنهنجي دؤر جو آئينو ٿيندو آهي. جن حالتن جي بنيءَ مان سندس شخصيت پچي نڪري ٿي، اها ئي جهلڪ هن جي تخليق ۾ موجود هوندي آهي. ان کان علاوه هو هڪ حساس انسان جي روپ ۾ پنهنجي وجود ۾ هڪ ڪائنات هوندو آهي. انهيءَ حوالي سان هن جي قلمي پورهئي ۾ انهيءَ ڪائنات جا رنگ بہ موجود هوندا آهن. مخدوم محمد زمان طالب المولى اسان کي ڇا ڏنو آهي؟ انهيءَ جواب ڏيڻ کان اڳ پاڻ کي ڏسڻو پوندو تہ سندس دؤر ڪيس ڇا ڏنو؟ ڇو تہ وقت جون حالتون ئي تہ هر ڪنهن قلمي پورهئي جو پس منظر ٿينديون آهن.

مخدوم محمد زمان طالب المولى جي ولادت ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ ٿي ۽ ويهين صديءَ جي انهيءَ ڏهاڪي کان انساني تاريخ ۽ مقامي ماحول ۾ ايڏا انقلاب آيا، جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

سندن حياتيءَ واري دؤر ۾ ٻہ مهاڀاري لڙايون لڳيون. اڻ ڳڻين بادشاهين جو خاتمو آيو. دنيا جي ٻهرين ڪميونسٽ سلطنت قائم ٿي ۽ انگريزن جي حڪمرانيءَ جو سج ڪيترن ملڪن ۾ غروب ٿيو. دنيا مختلف ڪئمپن ۾ ورهائجي وئي. آگرين تي ڳڻڻ جيترا ملڪ "سپرپاور" جي جامي ۾ دنيا جهان ۾ منظم دهشتگردي جا باني بڻيا. جپان ۾ ايٽم بم جو استعمال ڪيو ويو. فلسطينين کي بي گهر بڻايو ويو ۽ مسلمانن جي مرڪزي اداري "خلافت" کي ختم ڪيو ويو ۽ ترڪيءَ کي يورپ جو "بيمار ملڪ" چائي پاش پاش ڪيو ويو.

سنڌ ۽ هند جي سطح تي پڻ وقت جي حالتن اڻ ڳڻيا ڪر موڙيا. مخدوم صاحب جي ولادت واري سال ۾ هندستان کي هڪ هٽ تي "منٽو مارلي سڌارا" ڏنا ويا تہ ٻئي هٽ تي "رووليٽ ائڪٽ" جو ٻرندڙ تانڊيو لکيو ويو. انهيءَ سال جليانہ والا باغ ۾ جنرل ڊائر احتجاجي عوام جو قتل عام ڪيو ۽ سنڌ جا وڏي پيماني تي سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. انهيءَ سال "خلافت تحريڪ" جو آغاز ٿيو هڪ سال پوءِ "عدم تعاون تحريڪ" هلي.

1923ع ۾ سکر بئراج تي ڪم شروع ٿيو ۽ 1924ع ۾ "خلافت" جو خاتمو ٿيو. ٻنهي واقعن سنڌ واسين کي اقتصادي ۽ مذهبي ميدانن ۾ ورهائڻ شروع ڪيو. بئراج جي ڪم سنڌ جي مٿين طبقي کي "اتر سنڌ" ۽ "ڏکڻ سنڌ" ۾ ورهائڻ شروع ڪيو. "خلافت تحريڪ" ۾ هندو مسلم اتحاد جي قوت کان ڊڄي فرنگي سرڪار مذهبي ڪٽرپڻي کي هوا ڏني. مخدوم طالب المولى جڏهن ائن سالن جو هو تڏهن سنڌ، هندو مسلم نفاق جي اوڙاهہ حوالي ٿي چڪي هئي. پاڻ سورهن سالن جو هو تہ نٿورام جهڙي ناعاقبت انديش ۽ ڪٽر هندوءَ کي نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪري ڪتاب لکڻ لاءِ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻڻو پيو. نفرتن جي انهن ئي واچوڙن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي ٿي. نئين سنڌ ۽ نئين صوبي ۾ نئين سياسي هلچل ٿي. 1938ع ۾ مسلم ليگ کي مقبول بڻايو ويو. ستت ئي پوءِ مسجد منزل گاهہ جي بچائڻ جي نالي ۾ خوني تحريڪ هلي. 1940ع ۾ لاهور ۾ "پاڪستان جو ٺهراءُ" ۽ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو. مخدوم طالب المولى جڏهن اٺاويهن سالن کي پهتو تہ 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو.

قيام پاڪستان کانپوءِ مخدوم طالب المولى سياست ۽ علم ادب جي دنيا ۾ ڀرپور نموني سان حصو ورتو. 1955ع ۾ ون يونٽ قائم ٿيو. 1964ع ۾ ايوب شاهيءَ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۽ حيثيت تي وار ڪيو. سالن کانپوءِ ون يونٽ ٽٽو ۽ سُتت پوءِ اوڀر پاڪستان ٽٽو. ان کان اڳ "پاڪستان پيپلز پارٽي" نالي سياسي تنظيم ملڪي افق تي نروار ٿي. هن پارٽي حڪومت ڪئي، ان کانپوءِ مارشل لا جو طويل ترين اونداهو دؤر شروع ٿيو. انهيءَ عرصي دوران پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي باني ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو. اهي سمورا واقعا مخدوم محمد زمان طالب المولى جي اکين آڏو رونما ٿيا. مخدوم صاحب پارت ۽ پاڪستان جون جنگيون ڏٺيون ۽ روس کي افغانستان ۾ مداخلت ڪندي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏٺو. مقامي، ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح جي انقلابي تبديلين، دور جي هر شخص جي ذهن، سوچ ۽ فڪر تي گهرا اثر ڇڏيا. مخدوم طالب المولى جهڙي نفيس، نازڪ مزاج، انسان دوست ۽ حساس ترين شخص اوس ئي انهن حالتن جو اثر قبول ڪيو هوندو ۽ انهيءَ ئي پس منظر ۾ سندس شخصيت ۽ قلمي پورهئي کي سمجهي سگهجي ٿو.

(iv) ڪجھ قلمي پورهيت بابت:

مخدوم محمد زمان طالب المولي جو تعلق انهيءَ خاندان سان آهي، جنهن صدين کان وٺي روحاني حوالي سان سنڌ ۽ هند ۾ معتبر مقام ماڻيو آهي. اهڙيءَ ريت ادبي ۽ خاص طور تي شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ هن خاندان سنڌي زبان کي ڪيترا مشهور معروف شاعر ڏنا. 1920ع کان وٺي مخدوم خاندان عملي طور تي سياست ۾ پڻ حصو ورتو آهي، جيڪو بلا ناغي اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

مذهب، علم ادب ۽ سياست جو اهو ۽ اهڙو پس منظر ڪڪ پچي هيٺو نہ ڪندڙ ماڻهوءَ کي بہ "وڏن انسانن" جي بهرين صف ۾ آڻي بيهارڻ لاءِ ڪافي آهي، پر مخدوم محمد زمان طالب المولي کي "پدرم سلطان بود" جي بيساکي ڪم آڻڻ جي ڪڏهن بہ ضرورت ڪانہ پئي، ڇو تہ پاڻ مخدوم خاندان جو اهو فرد هو جنهن ۾ پنهنجي وڏڙن جون اهي سموريون خوبيون صلاحيتون ۽ لياقتون موجود هيون. هو پاڻ روحاني رهبر پنهنجي دؤر جو قادر الڪلام ۽ استاد شاعر بلڪ هڪ مخصوص ۽ مثالي ادبي مڪتب فڪر جو باني ۽ پيشوا قلم ڌڻي هو. علاوه ازين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بانين مان هڪ هو ۽ سندن سياسي مسلڪ پڻ منفرد ۽ مثالي هو. ان ڪري هن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي. مخدوم محمد زمان طالب المولي کي ورثي ۾ ڪير مليو ۽ پاڻ ڪند ٻڌجي، ان کي وڌيڪ مٺو ڪيائين.

قلمي پورهئي جي حساب سان جڏهن مخدوم محمد زمان طالب المولي جي قدوقامت جي اندازي لڳائڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي تہ انهيءَ صورت ۾ بہ مرحوم علم دوست ۽ ادب پرور انسان نظر اچي ٿو. مخدوم صاحب لڳاتار سٺ سال ٻوليءَ جي جهولي پري. 1946ع کان وٺي 1993ع تائين يعني 47 سالن ۾ سندن 25 ڪتاب شايع ٿيا. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي تہ لڳ ڀڳ ٻن سالن ۾ هڪ ڪتاب تخليق ڪيائون. پاڻ کي هيءَ ڳالھ پڻ ڌيان ۾ رکڻي پوندي تہ سندن ڪيترا مسودا اڃا اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن.

هيءَ حقيقت پڻ رڪارڊ تي آڻڻ گهرجي تہ علامہ آءِ آءِ قاضي کان وٺي احمد خان آصف تائين، پوري اڌ صديءَ اڻ ڳڻين اديبن شاعرن ۽ ليکڪن سان ذاتي طور تي خط و ڪتابت ڪيائين. انهيءَ حوالي سان سندن هزارين خط سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ موجود آهن. خط و ڪتابت جو اهو خزانو پنهنجي جاءِ تي دور جي حالتن، ادبي صورتحال ۽ اهم واقعن تي ڀرپور روشني وجهي ٿو انهن خطن ۽ جوابي خطن کي جيڪڏهن تاريخ وار رکيو وڃي تہ پاڻ کي شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن يا اهڙي تاريخ ملي، جنهن تي مخدوم صاحب خط و ڪتابت نہ ڪئي هجي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي هڪ عملي قلمي پورهيت هو. هن ٻوليءَ، علم ادب ۽ ثقافت جي سڌاري، واڌاري ۽ تحفظ جي هر ڪنهن تحريڪ ۾ پنهنجي حيثيت ۽ حصي مطابق ڪردار ادا ڪيو. ايوب شاهيءَ جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڏکيا ڏينهن آيا ۽ اسان جي تاريخي اهميت وارن ماڳن مڪانن جي نالن مٽائڻ خواه بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، مخدوم صاحب ان ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌس دؤر جي شايد ئي ڪا اهڙي ادبي تنظيم ۽ تحريڪ هجي، جنهن مخدوم صاحب جي مالي اخلاقي علمي ۽ قلمي فيض مان ونڊ نہ ورتي هجي. هن پلي انسان پلي نموني سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سڀ کان وڏي ڳالھ تہ علم ادب جي دنيا ۾ شائستگيءَ ۽ شرافت جون روايتون جيئن ۽ جهڙيءَ ريت مخدوم محمد زمان طالب المولي قائم ڪيون، انهن کي وڏي عرصي تائين ياد ڪيو ويندو.

(v) ڪجھ هن جي قلمي پورهئي بابت:

مخدوم محمد زمان طالب المولي هن دؤر جو نہ فقط چوٽيءَ جو استاد شاعر هو بلڪ بهترين نثر نويس پڻ هو. سندس ڪتابن۔ "ياد رفتگان"، "ڪافي" ۽ "لغات سنڌي مخففات" کي اسان جي نثري ادب ۾ هميشہ لاءِ نمايان حيثيت رهندي. "لغات سنڌي مخففات" تہ لغت ۽ لسانيات جي ميدان ۾ هڪ منفرد ۽ مثالي تجربي برابر آهي. انهن هر دؤر جي بهترين ڪتابن کان سواءِ مخدوم صاحب سنڌي نثر ۾ ٻيا ڪتاب پڻ لکيا، جن مان "خود شناسي"، "اسلامي تصوف"، "شان سروري"، "شيطان"، "انتخاب خطوط امام غزالي" ۽ "مصريءَ جون ترڙون" وغيره ذڪر لائق آهن.

مخدوم محمد زمان طالب المولي جو هي ڪتاب سندن انهن مضمونن، مقالن، مهاڳن ۽ خطبن تي مشتمل آهي جيڪي پاڻ 1950ع کان 1993ع تائين لکيائون ۽ اهي پنهنجي دؤر جي مشهور معروف رسالن ۾ شايع ٿيا. هن سموري مواد کي ستن حصن ۾ ورهائي ترتيب ڏنو ويو آهي.

هن حصي جا ٻه مضمون "خدا جو انڪار" ۽ "خدا جو اقرار" علامہ اقبال جي "شڪوه" ۽ "جواب شڪوه" وانگر خدا جي وجود بابت اهم سوال جو مدلل جواب آهي. هڪ پڪي مسلمان ۽ روحاني رهبر جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب موضوع سان اهڙو تہ انصاف ڪيو آهي جو عام ماڻهو ۽ عقل جا اڪابر ٻئي طبقا سندس تحرير ۽ دليل کي مڃڻ لاءِ مجبور ٿي پون ٿا. قائل ڪرڻ جو سندس انداز ملاحظ فرمايو:

"ڇا باغ ۾ زمين جي هڪ ٽڪري ۾ زيتون، انب، ڏاڙهون، صوف، ڪيلا، ناريل ۽ کجور وغيره وغيره جا وڻ نہ ٿا ٿين؟ تہ پوءِ هي ڪنهن جو عقل آهي ۽ ڪنهن جو حافظو آهي؟ ڪنهن جي ڪارسازي آهي جا سج جي حرارت، چنڊ جي شعاع، نضا، نمي ۽ زمين جي قوت جا ذرات مع ڪري هڪ حڪمت، هڪ اندازي، هڪ قريني ۽ سليقي سان جملي وڻن ۾ تقسيم ڪري رهيو آهي ۽ اهو ڪهڙو عقل آهي ۽ ڪنهن جو عقل آهي، جو سيڻ وڻن ۾ جدا جدا رنگن جا گل ۽ جدا جدا قسمن جا ڦر پيدا ڪري رهيو آهي."

اهڙيءَ ريت هن حصي جا ٻيا ٻہ مضمون "انساني زندگيءَ جو پس منظر ۽ زندگي ۽ موت جي حقيقت پڻ اهم سوالن جا بهتر جواب آهن.

لاکيڻو لطيف سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ چاڻ سڃاڻ واري وڏي وٿ برابر آهي. ڀلاري ڀٽ ڌڻي جو ڪلام لافاني قدرن جو پڙاڏو انسانيت جو آواز ۽ سنڌي ثقافت جو آئينو آهي. سنڌ جي هر ڪنهن قلمي پورهيت، پوءِ ان جو تعلق مذهبي ۽ نظرياتي حوالي سان ڪهڙي بہ مڪتب فڪر سان هجي. هن سداحيات شاعر جي سوانح ۽ ڪلام تي ضرور قلم کنيو آهي. مخدوم محمد زمان طالب المولي جو لاکيڻي لطيف ۽ سندس خاندان سان هڪ خصوصي تعلق رهيو آهي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي لطيف سائينءَ جي ادبي حيثيت ۽ اهميت کي ڌيان ۾ رکندي "لطيفيات" جي موضوع تي بہ قلم کنيو آهي. اهو موضوع ئي هن ڪتاب جي مواد ۾ "مذهب" کانپوءِ موزون جاءِ والاري ٿو.

"لطيفيات" (اشارات شاه) جي حصي ۾ نو (9) مضمون ڏنا ويا آهن، جن مان پريان ست مضمون لطيفي پيغام ۽ ڪلام جي شرح آهن. هڪ مضمون "شاه جا ٽي بيت" سنڌي ادب ۾ لغوي تحقيق جو منفرد نمونو آهي. البت سندن مضمون "شاه جي نظر ۾ عورت جي عزت" معاشري ۾ عورت ۽ مرد جي حيثيت واري مسئلي تي وڏيڪ بحث لاءِ دروازا کولي ٿو.

"تاريخ" هن ڪتاب جو ٽيون رنگ آهي. هن حصي ۾ جملي چار مضمون ڏنا ويا آهن، جن مان هڪ مضمون عظيم سنڌ جي قديم شهر ٺٽي بابت آهي، جڏهن تہ باقي مضمون اسلامي تاريخ جي اهم ورقن ۽ واقعن جي ياد تازي ڪرائن ٿا. هن حصي ۾ جتي مسلمان حڪمرانن جي چڱائين کي ڳڻايو ويو آهي اتي ڪين مافوق الفطرت هستين ثابت ڪرڻ بدران سندن اوڳڻن تي بہ اجايو پڙدو نہ وڌو ويو آهي. "پيڻوڙي" ان سلسلي جو اهم مضمون آهي، جنهن ذريعي صديون آڳاٽي سنڌ جي دؤر جي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي. هي مضمون نہ فقط هالن جي مخدومن ۽ صاحب ڪتاب جي خاندان بابت معلومات فراهم ڪري ٿو ليڪن ڪيترن اهڙن قدرن، نظرين ۽ اصولن جي چٽائي بہ ڪري ٿو جيڪي صديون گذري وڃڻ کانپوءِ بہ ساڳي اهميت ۽ افاديت رکن ٿا.

هن مضمون ۾ وقت جي حڪمران ۽ حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جي وچ ۾ ٿيل گفتگوءَ کي بہ مناسب جاءِ ڏني وئي آهي. حضرت غوث الحق عليہ الرحمة صديون اڳ جيڪا سياست ۽ حڪمرانن بابت پنهنجي راءِ قائم ڪئي، اها اڄ بہ اڄ کانپوءِ وارن سياستدانن ۽ حڪمرانن لاءِ "نيڪ نصيحت" ۽ "زرين اصول" جهڙي اهميت رکي ٿي. اهو اقتباس اوهان بہ ملاحظ فرمايو:

"ملڪ سياست کان سواءِ پائدار ٿي هلي ڪين سگھندو. وري سياست جي معني آهي تہ فسادن ۽ عناد ڪندڙن کي تنبيهہ ڪجي، جيڪڏهن اجا بہ سولا ٿي نہ هلن تہ انهن کي سزا ڏجي، پوءِ اهي امير هجن يا غريب"

"سياست تڏهن بحال رهندي جڏهن فوج راضي ۽ خوش هوندي. فوج تڏهن وندلي جڏهن خزانو جمع ٿيندو. خزانو تڏهن مڙندو جڏهن رعيت خوش حال هوندي. رعيت خوشحال تڏهن رهندي، جڏهن عدل ۽ احسان ڪبو. بادشاهہ ۽ بادشاهت جو دارومدار خزاني، عدل ۽ احسان تي رکيل آهي.

بادشاهہ کي حڪم هلائڻ لاءِ ٽي قلعا قائم ڪرڻ گهرجن. پهريون قلعو مٽيءَ جو آهي. هن مان مراد آهي "رعيت". ان قلعي کي عدل ۽ احسان جي گاري سان اهڙو تہ مضبوط بنائي ڇڏي، جو ان ۾ ظلم جي ايذاءَ جي اثر کان ڏاريا ڦوٽ نہ پوي.

ٻيو قلعو آهي فولاد جو. هن مان مراد "الله جا خاص ٻانها ۽ حقدار". انهن لاءِ جيڪي بيت المال ۾ حصو مقرر ٿيل هجي، سو ڪين پوري وقت تي بنا دير جي گهر ويٺي ئي پهچائجي، تہ بي فڪر ۽ فارغ البال ٿي پنهنجن مدرسن ۾ علم پڙهائي ملڪ جو سڌارو ڪن.

ٽيون قلعو آهي لوهہ جو هن مان مراد آهي "فوج". ان قلعي کي انعام ۽ اڪرام سان اهڙو تہ پڪو ڪجي جو فتني ۽ فساد کان ملڪ آزاد ٿي سگهي، بلڪ انهن شين جو ملڪ ۾ اچڻ ئي نہ ٿئي، عام ۽ خاص انڪري ئي امن جي سائي ۾ آسودو رهي."

"تحقيق ۽ تنقيد" هن ڪتاب جي پنجين ڪٿي آهي. هن حصي ۾ جملي نو مضمون ڏنا ويا آهن. پهريان ٽي مضمون "ڳجهارت"، "وائي" ۽ "ڪافي" جهڙين لوڪ ادب ۽ شاعريءَ جي اهم صنفن جي فني ۽ فڪري پهلوئن تي جامع ۽ بنيادي معلومات فراهم ڪن ٿا. "ديوان طالب المولي جو مهاڳ" هن ڪتاب ۾ الڳ مقالي طور شامل ڪري ڪتاب خواهہ مقالي کي جوڳي حيثيت ڏني وئي آهي. هن مهاڳ ۾ "سنڌي لپيءَ" بابت صاحب ڪتاب جو اهم سوال اجا بہ لسانيات جي ماهرن لاءِ سوچڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو.

"هالن جا مخدوم صاحبءِ پٽائي" ۽ "سروري جماعت جو ڏهر ۽ اويسي طريقو" ڪتاب جي هن حصي جا اهم مقالا آهن. پهريون مقالو مرحوم دين محمد وفائيءَ جي انهيءَ سوال جو جواب آهي، جيڪو هن مخدوم خاندان ۽ پٽائي جي لاڳاپن بابت عوام جي ذهن ۾ پيدا ڪيو هو. مخدوم محمد زمان طالب المولي جو هي مقالو بهتر تنقيد جو عهدو مثال آهي. ٻيو مضمون "سروري جماعت جو ڏهر ۽ ۽ اويسي طريقو" بہ ساڳي ئي پٺماني ۽ درجي جو تنقيدي مضمون آهي. هي مضمون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هڪ لکٽي جي موٽ آهي.

"ادب لطيف" جي سري هيٺ هن ڪتاب ۾ اٺ مضمون ڏنا ويا آهن. جن مان هر ڪو مضمون پنهنجي جاءِ تي انتهائي دلچسپ، معلوماتي ۽ ناصحانہ آهي. مضمون "شيرين غلطيون" نہ فقط طنزو مزاح جو بهتر شاهڪار آهي، بلڪ صاحب ڪتاب جي ذوق مزاح جو عڪس پڻ آهي. "پروانو"، "جدائي"، "چمي"، "تصور" ۽ "محبت" پيار ۽ پريت جي هڪ ئي جذبي جا مختلف پهلو روشن ڪن ٿا.

ڪتاب جي آخر ۾ صاحب مخدوم محمد زمان طالب المولي جون ٽي تقريرون ۽ خطبا ڏنا ويا آهن. جن مان هڪڙو صدارتي خطبو يوم شهادت حسين رضہ جي موقعي تي ڏنو ويو هو. ٻيو خطبئہ استبقاليہ آهي، جيڪو 1952ع ۾ "انجمن علم و ادب" هالا جي ساليانہ مجلس ۾ پڙهيو ويو هو. ٽيون صدارتي خطبو لاڪيٽي لطيف جي 209 سالہ ورسيءَ جي موقعي تي منعقد ٿيل ادبي ڪانفرنس جي ٽين نشست ۾ ڏنو ويو هو.

سوا ٽي سو ڪن صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولي صاحب نہ فقط پڙهندڙن کي علم، عقل ۽ معلومات جا ڪيترا موتي آڇيا آهن، بلڪ ان سان گڏوگڏ صدين جي تاريخ، پنهنجي دور ۽ پنهنجي شخصيت جي جهلڪ پڻ ڏيکاري آهي. صاحب ڪتاب جو هي ڪتاب پڻ اسان جي ادبي تاريخ ۾ جوڳي جاءِ ماٽيندو.

خلوص ۽ محبت جي محفلن جا ڪيترائي عڪس چٽيءَ طرح سيني ۾ سانديل آهن. ڪنهن مناسب موقعي تي انهن عڪسن کي مهربان پڙهندڙن آڏو ضرور آڻبو.

هڪ ٻه راتيون محفل جو عجيب رنگ هو ڪڏهن کل خوشي ته ڪڏهن سوز و گداز ڪڏهن منهن تي مرڪ ته ڪڏهن ڳلن تي ڳوڙها. هيڏانهن قبلہ مخدوم طالب المولي جن جي مٺي، محبت واري اديبانه ۽ شاعرانه گفتگو هوڏانهن قبلہ مير سڪندر خان جن جي زنده دلي ۽ گريہ زاري. مون کي ورڙي ننڊپڻ کان وٺي لاڪيٽي لطيف سان عشق، سو رکي رکي موقعي ۽ موضوع جي لحاظ کان ڪو پٽ ڌڻيءَ جو بيت پڙهان ۽ مخدوم صاحب ۽ مير صاحب جن کان آهون ۽ دانهون نڪري ٿي وڃن ۽ ٿم ٿم نيڻ نمڻ واري ڪيفيت هئي.

بيئي وينا رُونِ، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾،
ڪنهن کي ڪين چُونِ، منجهن جو پريتڙو!

ٻه راتيون اهي روح پرور ڪچهريون جاري رهيون. ٻي رات جڏهن روح رهاڻ اوج تي هئي ته قبلہ مخدوم صاحب جن هيٺيان لفظ چيا، جيڪي اڃا تائين منهنجي دل تي اُڪريل آهن:

"هي ٻه راتيون گڏجي پاڻ ۾ جيڪي روح رهاڻيون ڪيون اٿئون، اُهي راتيون اسان کي مليل زندگيءَ جو حصو ته آهي پر انهن کان واڌاريون آهن." محفل ۾ ويٺل هڪ دوست وضاحت چاهي ته "قبلہ سائين! اهي راتيون واڌاريون ڪيئن آهن؟" ته پاڻ فرمايائون، "بابا زندگي معنيٰ ته پٽ ڪوهَ، ڏچا، ذهني ڪوفت ۽ آزار ۽ هي ٻه راتيون جيڪا روح کي راحت، جيڪو سرير کي سُرور ۽ قلبي قرار مليو آهي، اهو اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ اڻ لڀ آهي ان ڪري هي ٻه راتيون ڄڻ اسان کي واڌاريون مليون آهن."

نومبر 1967ع ۾ مان Sea Customs ۾ اگزئمننگ آفيسر مقرر ٿيس ۽ ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ ٿي. ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا قبلہ مخدوم صاحب جن جي بنگلي تي وڃڻ پيو ٿيندو هو. ڪڏهن ادبي ڪچهري نصيب ٿي ويندي هئي ته ڪڏهن ڪم ڪار سانگي ماڻهن جي پيهہ لڳي ويندي هئي ته ڪچهري بي مزي ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي مون کي فرمايائون "عنايت صاحب! مون کي سڌو نڌو لڳي ته اوهان اچو ۽ ڪا ادبي روح رهاڻ نه ٿئي، تنهنڪري اڳتي واسطي جيڪڏهن اوهان اڳواٽ ٽيليفون تي ڏينهن مقرر ڪري اچو ته هڪ ٻه دوست ٻيا ٻه گهرائي وٺجن ته ادبي روح رهاڻ ٻه ٿئي ۽ ان ڏينهن تي ڪم ڪار لاءِ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان ٻه ڪٽي معافي وٺجي." سائينءَ طرفان اهڙيءَ عنايت ڪرڻ تي بيحد خوش ٿيس، پر دل ئي دل ۾ سوچيم ته نه ماڻهن جي اچ وڃ ختم ٿيندي ۽ نه ڪا قربن پري ڪچهري قائم ٿي سگهندي. بهرحال مون هفتي گذرڻ بعد فون ڪيو سائين موجود هئا. ڏينهن ۽ وقت مقرر ٿيو ۽ مان عين ان ڏينهن، اُن ئي وقت تي حاضر ٿيس ته وڃڻ شرط بنگلي جي خدمتگار ٻڌايو ته سائين طالب المولي صاحب جن منهنجو انتظار پئي ڪيو ۽ کين (خدمتگارن ۽ خادمن کي) منع ڪري ڇڏي هئائون ته ڪم ڪار لاءِ ايندڙ ماڻهن کان اڄ جي معافي وٺي ڇڏجي.

ڏاڍو خوش ٿيس، فوراً اندر گهرايائون ۽ فرمايائون ته "عنايت صاحب! اوهان سان روح رهاڻ رچائڻ لاءِ مون محمد علي جوهر، علي محمد مجروح ۽ محمد جمن هالي کي ٻه تڪليف ڏني آهي." مون کين عرض ڪيو ته "سائين! اها ته منهنجي خوشنصيبي آهي ته سائين جن اسان جي لاءِ پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهه گهڙيون ڪچهريءَ ڪرڻ خاطر ڪيون اسان جي عزت افزائي ڪئي آهي." ٿوريءَ دير ۾ علي محمد مجروح، محمد جمن هالو ۽ محمد علي جوهر جن ٻه پهچي ويا. ادب ۽ فن تي گفتگو ڇڙي وئي. واري واري سان سڀني پنهنجا پنهنجا رايا ۽ ويچار پيش ڪيا ۽ قبلہ مخدوم صاحب جن ٻه پنهنجي خيالن ۽ ادبي ڄاڻ کان اسان کي آگاهہ ڪيو. مولانا روم، حافظ شيرازي ۽ امير خسرو ته ڄڻ کين برزبان ياد هئا. هر موقعي ۽ محل جي لحاظ سان مٿي ذڪر ڪيل شاعرن جا شعر ٿي پڙهيائون. رکي رکي لطيفي لاٽ مان ٻه مستفيض ٿيندا رهياسون. ان کانپوءِ شعر و شاعريءَ جي بيٺڪ ٿي، جنهن ۾ واري واري سان سڀني پنهنجا پنهنجا غزل، گيت ۽ نظم ٻڌايا. قبلہ مخدوم صاحب جن ٻه پنهنجا غزل ٻڌايا، جيڪي مون کي بنهہ نوان نڪورا لڳا ۽ ڏاڍا پسند آيا. ٻه ادائي ڪلاڪ کن ادبي رهاڻ رچائي اجازت ورتي

مون تہ ويندي ويندي وري فرمايائون, "بابا! ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڍي ونجي ۽ اهڙوين رهاڻيون رچائجن تہ روح کي غذا ملڻ جو بندوبست تہ ٿيندو رهي."

هڪڙي دفعي مون کين نماڻو عرض ڪيو تہ "منهنجي غريب خاني تي اچڻ جي عنايت ڪن تہ بيحد ٿورائتو رهندس." فوراً ها ڪرڻ فرمايائون. ڏينهن ۽ وقت مقرر ٿيو. مان انهن ڏينهن ۾ طارق روڊ (P.E.C.H.S) ڪراچيءَ پرسان هڪ فليٽ ۾ رهندو هئس. توڙي جو کين عرض ڪيم تہ "فليٽ جي ٻهرين منزل تي رهندو آهيان", پر پوءِ فرمايائون تہ ڊاڪٽرن جي منع آهي تہ ڏاڪڻ نہ چڙهان, پر هاڻي عنايت کان بہ ڪنڌ ڪيرائڻ جو حوصلو نہ پيو ٿئيم, ايندس ۽ ضرور ايندس." (توڙي جو هيءَ ڳالهہ 1969ع جي آهي, سائين جن ايڏا بيمار تہ ڪونہ هئا, پر خوش ۽ هشاش بشاش بہ نہ هئا, دل جي تڪليف بہ کين هئي ڊاڪٽرن جي علاج هيٺ بہ هئا).

پاڻ عنايت تي عين عنايت ڪري آيا, مون سندن اعزاز ۾ ڊنل دعوت ۾ ڪجهہ دوستن کي پڻ سڏيو هو. واهہ جو محفل متي ان ڏينهن قبلہ مخدوم صاحب جن بہ خوشقسمتيءَ سان ڏاڍا هشاش بشاش موڊ ۾ هئا. ڪچهريءَ ۾ ويٺي هڪ اردو شعر پڙهيائون, جيڪو مون کي بروقت ياد ٿي ويو ۽ جڏهن بہ اهو شعر پڙهندو آهيان, خودبخود قبلہ مخدوم صاحب جن جو چهرو سامهون اچي ويندو آهي. شعر آهي:

وہ اگر مجھ کو کرین یاد, بھلائین کس کو
مین اگر ان کو بھلائون تو کیس یاد کرون.

هڪ يادگار محفل ٿي, جنهن جو لُطف ۽ سرور اڄ تائين پيو محسوس ڪندو آهيان. افسوس فقط اهو اٿم تہ ڪاش! اهڙيون ڪچهريون رڪارڊ ڪري محفوظ ڪري ڇڏجن ها تہ هوند اڄ ٻيا دوست, اديب, شاعر ۽ دانشور بہ اهي رڪارڊ ٿيل ناياب محفلون ٻڌي لُطف اندوز ٿين ها. ان کانپوءِ ڪيترن ئي مشاعرن ۽ محفلن ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون, هر ملاقات ۾ ائين محسوس ٿيندو هو تہ مخدوم صاحب جن جي گفتگوءَ ۾ ميٺاج جو حصو روز بروز وڌندو وڃي. سندن ڳالهائڻ ٻولهائڻ وقت گلڻ سان وڌيڪ وٺندڙ ۽ اهڙو تہ مانائتو ٿيندو وڃي, جو محفل مان اٿڻ تي اصل دل ئي نہ چوي. اهڙي سمي مون کي هميشہ لاکيٽي لطيف جو هي بيت ياد ايندو هو.

مڻايان منو گهڻو ڪڙو ناهہ ڪلام,
سُڪوت ئي سلام, پريان سندي پار جو.

1988ع کان وٺي 1990ع جي عرصي دوران شهر ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا ڪنهن کان بہ ڳجها نہ آهن, خاص طرح حيدرآباد شهر جي حوالي سان, اهي ڏڪائيندڙ ڏينهن هاڻي بہ تصور ۾ ايندا آهن تہ خوف, هراس ۽ نحوست سڄي وجود کي وڪوڙي ويندي آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ مون فيصلو ڪيو تہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هڪ وڏي پيماني تي مشاعرو ڪجي, جنهن ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جا ناميارا شاعر شرڪت ڪن. مقصد اهو هو تہ ٻنهي ٻولين جي اوچن ذهنن (Intellectuals) اديبن ۽ شاعرن کي براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ ڪٺو ڪجي. نشرياتي لهرن ذريعي ذهني هم آهنگيءَ ۽ ڀائيچاريءَ جو مظاهرو ۽ پرچار ڪجي تہ مَن نفرتن جي وڳوڙيندڙ راڪاس کي ڌرتيءَ تان تڙي ڪيڻ ۾ ڪاميابي ٿئي ۽ امن ۽ سلامتيءَ جي سنڌ, امن, چين, سک ۽ آرام جو ساهہ کڻي سگهي. اهڙي وڏي مشاعري جي صدارت لاءِ ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ مان جيڪڏهن ڪو نالو ذهن تي آيو تہ بس قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولي جن جو ئي هيو. ساڳئي وقت اها سڌ هئي تہ سائينءَ جي طبيعت ناساز آهي خبر ناهي مشاعري جي صدارت لاءِ راضي ٿيندا بہ يا نہ. ٽيليفون ڪري ملاقات جو وقت ورتم تہ جيئن خدمت ۾ روبرو وڃي عرض ڪريان ۽ سڄي حقيقت سربستي وڃي سمجهايان. وقت ۽ ڏينهن طئي ڪري جڏهن پوري وقت تي حويليءَ ۾ سندن خدمت ۾ پهنجي آمد جو اطلاع موڪليم تہ فوراً بنا دير جي گهرايائون. مخدوم زاده جميل الزمان صاحب جن بہ موجود هئا. ملڻ شرط جيڪو پهريون جملو فرمايائون, سو هي هو "عنايت صاحب! مان ڪيتري عرصي کان اهو محسوس ڪري خوش ٿيندو آهيان تہ اوهان وقت جا ڏاڍا پابند آهيو. اها اهڙي خوبي آهي, جيڪا اڄڪلهہ ناياب ٿيندي پئي وڃي." مون سندن نفيس

جذبن ۾ وقت جي احساس ڪرڻ لاءِ سندن ٿورا مڃيا ۾ موٽ ۾ فقط ايترو عرض ڪيم تہ "قبلہ سائين! وقت جي پابنديءَ جي احساس جو جذبو جنهن جو هينئر هينئر سائين جن ذڪر ڪيو آهي، اهو خود ڪيترو نہ اٽلپ ٿي ويو آهي. سائين جن جي اها عظمت آهي، جو وقت جي پابنديءَ جو احساس ايتري شدت سان رکن ٿا." پوءِ مقصد جي ڳالهہ تي آيس. شروع ۾ تہ طبيعت جي ناسازي ۽ صحت جي ڪيفيت ڪڏهن تولو تہ ڪڏهن ماسو هئڻ سبب ڪين هائو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو ورِي اهو سوچي تہ مشاعري جي محفل ۾ گهٽ ۾ گهٽ 4-3 ڪلاڪ ويهڻو پوندو تہ هيڪاري معاملو ڏکيو ٿي نظر آيو پر پوءِ قبول فرمايائون. نيٺ پنهنجي مٺڙي زبان مان مٺڙا، نرم ۽ نفيس لفظ هن طرح فرمايائون.

"صحت ٺيڪ نہ هئڻ جي باوجود بہ اوهان ڪان ڪنڌ نٿو ڪيرائي سگهان." منهن تي مرڪ آڻيندي ۽ ڪجهہ خوش طبعيءَ واري موڊ ۾ وڌيڪ فرمايائون "هاڻي اها ذميواري جميل سائينءَ جي هوندي تہ منهنجي صحت کي ٺيڪ رکڻ ۾ منهنجي مدد ڪندا رهن تہ جيئن مشاعري تائين تہ ٺيڪ رهجي." مون ۽ جميل سائينءَ هڪ ئي آواز ٿي قبلہ سائينءَ جي صحت جي باري ۾ دعا ڪئي، مان ايترو تہ خوش ٿيس، جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهان. خوشيءَ ۾ سرهائيءَ ۾ حيدرآباد موٽيس.

9 مارچ 1989ع جي رات هئي. معتدل ۽ خوبصورت موسم، هلڪڙي هلڪڙي هبڪاريندڙ هوا رات کي وڌيڪ مٺڙ ۽ معطر ڪري ڇڏيو هو. براڊ ڪاسٽنگ هائوس جي ڪليل ميدان ۾ شاميانن ۽ رنگ برنگي روشنين جي زيبائش هيٺ مشاعري جي محفل جو اهتمام ٿيل هو. قبلہ مخدوم طالب المولي صاحب جن مخدوم جميل الزمان صاحب سان گڏ ٺيڪ سايي اٺين وڳي براڊ ڪاسٽنگ هائوس پهتا. مون، اڳ ۾ پهتل شاعر حضرات ۽ ريڊيو جي سينيئر آفيسرن قبلہ طالب المولي صاحب جن جو استقبال ڪيو. ٿوري دير منهنجي آفيس ۾ اچي ويناسون ۽ چانهہ جي پيالي پيتي سون. ٺيڪ 11-9 وڳي ٻاهر سجايل خوبصورت پنڊال ۾ مشاعري جي محفل شروع ٿي. مشاعري جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ حمايت علي شاعر ۽ تاج بلوچ کي بطور ڪمپيئر گذارش ڪيل هئي. هن مشاعري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ناليوارن شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو جن ۾ شمشير الحيدري، سيد احسن الهاشمي، ابراهيم منشي، قمر شهباز امداد حسيني تاج بلوچ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، نور شاهين، زيب عاقلي، محمد علي جوهر لاڙڪاڻوي، علي محمد مجروح، الحاج رحيم بخش قمر تاجل بيوس، هدايت بلوچ، احمد خان مدهوش، سوز هالائي، انور هالائي، بشير موريائي، سرويچ سجاولي، نفيس احمد ناشاد، مريم مجيدي، سحر امداد، ولي سروري ۽ حاجن ابڙيجو شامل هئا. جڏهن تہ ان مشاعري ۾ اردوءَ جا بہ تمام ناميارا شاعر شريڪ ٿيا. جن ۾ فهميده رياض، حمايت علي شاعر صهبا اختر الياس عشقي، فاطمہ حسن، سحر انصاري، پروفيسر عنايت علي خان، نگار صهبائي، صابر ظفر احمد حمداني درد اسعدي، ارتقي عظمي، محمود صديقي، صابر وسيم، عتيق جيلاني، سيد ڪاظم رضا، رعنا ناهيد رعنا، مختيار ڪريمي شامل هئا.

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولي صاحب جن جيڪو غزل پڙهيو ان مان چند بند پيش ڪجن ٿا.

رهي ٿي ڪانہ دلبر يار يڪتائي، ٻيائيءَ ۾.  
جدائي پن پوي، ملندي حقيقت هيڪڙائيءَ ۾.

—

خدا جي خلق جي بي لوث خدمت ڪر تہ افضل ٿين،  
هزارين نعمتون حاصل ٿين حاجت روائيءَ ۾.  
جي دشمن ڳولڻو آهي تہ وڃ ڪنهن سان ڇڱائي ڪر،  
مخالف گر ڪپي، ملندو اياڳو آشنائيءَ ۾.

—

جنابِ شيخ، مفتي، محتسب، زاهد ۽ واعظ سڀ،  
ٿا وڪڻن سڀ خدا کي روز رمزِ پارسائيءَ ۾.

نہ سينو ساهجي هردم، نہ ڪنڌ ڀر ور وجهڻ گهرجي
وڃي ڍهڪو ڪبو پٽ تي، ادا آڪڙ اجائيءَ ۾.
سمورو وقت سهڻو گذرندو اي طالب المولىٰ!
جڏهن هر ڪنهن سان هلبو يار نِنڊڙو ٿي وڏائيءَ ۾.

هر بند تي قبلہ مخدوم صاحب جن کي شاعرن طرفان توڙي حاضرين محفل طرفان دل کولي داد ڏنو ويو اهڙيءَ طرح ريڊيو پاڪستان جي تاريخ ۾ طويل ترين مشاعري نشر ڪرڻ جو هڪ نئون رڪارڊ قائم ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن تي سنڌي توڙي اردو اخبارن ۾ 'ڪل سنڌي ـ اردو مشاعري' تي واهہ واهہ جون واڪايون شهہ سرخين ۾ ڇپجي ويون. مشاعري جي تعريف ۾ ايڏي وڏي پيماني تي ان کي منعقد ڪرڻ لاءِ منهنجي ڪوشش کي پڻ ساراهيو ويو ۽ دوستن بعد ۾ ٻڌايو تہ گڏيل شاعري نشر ڪرڻ جي باعث شهر جي ماحول تي خوشگوار اثر پيو هو ۽ ماڻهن ان جذبي کي ڪافي ساراهيو.

ان کانپوءِ بہ ڪيئي ڀيرا مون کي قبلہ سائين جن جي صحبت ۾ ويهڻ جي سعادت ملي. منهنجي خوشنصيبي هڪ اها بہ آهي تہ مون کي قبلہ سائينءَ جي جنم مبارڪ جي تاريخ درست ڪرڻ جو بہ اعزاز حاصل آهي، جنهن تي بجا طور تي فخر اٿم. هڪ دفعي پاڻ فرمايائون تہ 'منهنجي جنم جي تاريخ متعلق عيسوي ۽ هجري سن جي پيٽا ۾ ڪجهہ مغالطو آهي جيڪو ٺيڪ ٿي وڃي تہ بهتر ٿيندو." اتفاق سان مون کي هڪ اهڙو نسخو هٿ لڳي ويو هو جنهن جي ذريعي جيڪڏهن عيسوي سن جي تاريخ ۽ سن هٿ اچي وڃي تہ هجري سن جي تاريخ آسانيءَ سان ملي سگهي ٿي. جڏهن مون قبلہ سائين جن کي سندن جنم جي باسعادت تاريخ بابت هجري سن ۽ تاريخ ٻڌايو تہ پاڻ فرمايائون مون کي گهڻو اڳ ۾ ڪنهن دوست ڪيئي ڏنو هو پر پنو ڪٿي وڃائجي ويو هو پر ذهن ۾ ڪجهہ يادگيريءَ جا ڏنڊلا پاڇولا محفوظ هئا. جن کي اوهان چٽو ڪري ڇڏيو ۽ مغالطو دور ٿي ويو. بس هاڻي جيڪا تاريخ اوهان ٻڌائي آهي، ان کي مسند سمجهبو ۽ ڪتابن ۾ بہ آئنده لاءِ اها ئي هجري تاريخ ۽ سن لکبا." ان سچي قصي جي مخدوم جميل الزمان صاحب جن کي خبر آهي، جن سان قبلہ مخدم طالب المولىٰ سائينءَ جو بيحد پيار هو ۽ کين تمام گهڻو پائيندا هئا.

ان کانپوءِ قبلہ مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪيترن ئي بزرگن جي تاريخن ڪڍڻ لاءِ هڪ طويل فهرست مون ڏي جميل سائين جن هٿان ڏياري موڪلي ۽ مون کي خوشي آهي تہ تقريباً سڀ هجري تاريخون مون ڪڍي موڪلي ڏنيون، جن تي قبلہ سائين ڏاڍا خوش ٿيا.

آخري ڏينهن ۾ گهڻو وقت اڳ جو سندن ئي ترتيب ڏنل ڪتاب 'ياد رفتگان' جي نئين ايڊيشن ڪڍڻ ۾ مصروف هئا ۽ جميل سائين جن بہ ان سلسلي ۾ ڪافي سرگرم هئا. مون کي بہ هن سلسلي ۾ ڪجهہ حڪمن ملڻ جو انتظار هو پر عالم بالا ۾ وري شايد قبلہ طالب المولىٰ جن جو محبوب سان وصال ڪرڻ جو شدت سان انتظار هو:

آديسي آديس هتان ڪري هليا،
ڪاپڙين قلب ۾، ڪيو ڏورانهون ڏيس،
ويراڳي نئون ويس، رانول ڍڪي رمڻا

قبلہ طالب المولىٰ سائين جن جون ايتريون تہ ڳالهيون اندر ۾ سانديل آهن. سندن بيشمار وصفن. قربن ۽ گڻن جا ايترا تہ داستان سيني ۾ محفوظ آهن، جو انهن تي لکبو تہ هڪ چڱو خاصو ڪتاب تيار ٿي ويندو. دعا اٿم تہ قبلہ مخدوم طالب المولىٰ جن جو اولاد، جيڪو خود بہ نہ رڳو نيڪنامين جي بلندين تائين پهتل آهي ۽ پاڻ بہ وڏا اديب ۽ شاعر آهن. سائينءَ جي ورثي کي زنده رکيو ايندا تہ جيئن لاٽ مان لاٽ ٻرندي رهي، روشني مڌم نہ ٿئي ۽ اها روشني، باقي بچيل تاريڪين کي بہ هميشہ واسطي منور ڪري ڇڏي. (آمين)

خدا رحمت ڪند اين عاشقانِ پاڪ طينت را.

نصير مرزا



# سجڻ جا ساريو سانگ .....

مان توهان سان پيار ٿو ڪريان، ان ڪري چوان پيو ته توهان جهڙو ڪوئي به ڪونه هو.

(پئبلو نيرودا جي نظم جي هڪ سٽ)

شايد 1970ع جي ابتدا جي ڳالهه آهي.

اِن ڏينهن شام جو مان ۽ منهنجو هڪ دوست 'علي بابا ريسٽارنٽ' جي ٽيرس مٿان اوپن ايئر ۾ ويٺا هئاسين ۽ وقت ڪيڏو نه تيزيءَ سان 'پاس آن' ٿي رهيو هو.

سياري جي ان شام جو دور ڪينٽونمينٽ جي ميدان ۾ 'اميدن پرئي' بزرگ جي درگاهه پويان، سج اٿين لهي رهيو هو، جيئن سياري ۾ لهندو آهي. ٽيرس جي گرل تي بوگن ويلا جي ول پکڙيل هئي ۽ هلڪي هلڪي هوا تي ان جا ڪاسني گل ڇٽي، هيڏانهن هوڏانهن وکري رهيا هئا. تڏهن ول ۾ اڏرندڙ گلن جو پيڇو ڪندي، رستي ڏانهن نگاهه ڪڇي وئي هئم..... 'واهه! قبلہ مخدوم صاحب' ۽ پوءِ ان گذرندڙ لمحي جي دوربينيءَ تي اک رکي ڏٺم. مخدوم صاحب جن، موٽر جي فرنٽ سيٽ تي ويٺل هئا سندن ڪار تيزيءَ سان 'ٺڏي سڙڪ' تان ترندي هيٺ ڊوڙندي پئي وئي.

- ۽ اُن ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي بي مثل شاعر، قبلہ مخدوم صاحب جن جي، هڪ پلڪ لاءِ ڏٺل جهلڪ، مون لاءِ ڪنهن معجزي ڪان گهٽ ڪانه هئي. ياد اٿم گهٽي گهٽي عرصي ڪان، اندر ۾ ڪيڏي نه اٿاهه، اڪير هوندي هئم ته: 'تو دلڙي يار ڏتاري..... اڄ تون اڳڻ يار' اسين ڇو وساريون، اوهين ٿا وساريو، يا 'وڃ ته قاصد سهي، پوءِ يار اچي يا نه اچي' جهڙي سريلي شاعريءَ جي سرجڻهار ۽ پنهنجي دؤر جي عظيم درويش صفت شخصيت سان روبرو ويهي مڪاميلو ڪجي. پر ان دؤر ۾ ٽريجڊي مون سان هيءَ به هئي ته ادب ۾ اڃا نئون نئون هئس، سو انڪري نه هئم ايڏي واقفيت ۽ نه پهچ- جو ان خوبصورت خواهش ۽ خواب جي پورڻتا ٿي سگهيم ها. خير گهٽو گهٽو پوءِ 1980ع ۾ جڏهن منهنجي نهايت پياري دوست سوز هالائيءَ جي شعري مجموعي 'رنگ رتا پيچرا' جي مهورت ۾ شرڪت لاءِ هالا پراڻا وڃي پهتو هئس، تڏهن اتي پڄڻ ڪانپوءِ، منهنجي خوشيءَ جي انتها نه رهي، مخدوم صاحب جن منهنجي بلڪل سامهون نيڻ نهار جي فاصلي تي، رنگ منچ مٿان رکيل ڪرسيءَ تي جلوي افروز هئا- سچ پچ ته ان مهل مون محسوس ڪيو ته مخدوم صاحب جن پنهنجي شاندار شخصيت ۽ ان شخصيت مان ڦٽي نڪرندڙ ٺڏي مٺي روشنيءَ باعث ان معرڪي ۽ محفل ۾ فقط پاڻ ئي پاڻ پئي نظر آيا. ٻي خدا جي سموري مخلوق، بي معنيٰ، فيس لس (Faceless) ۽ جهڙوڪر هئي ئي ڪانه! لڳم، سڀ آڊينس (Audience) غير اهم آهن ۽ اهم صرف پاڻ آهن (۽ اهو صحيح به ته هو) فنڪشن جي پڄاڻيءَ تي جڏهن پاڻ اسٽيج تان هيٺ پئي آيا ته نهايت اتاولائيءَ ۽ اڪير مان وڌي، جهڪي ساڻن هٿ ملائڻ لاءِ، مون به ٻين وانگر پنهنجو هٿ اڳيان وڌائي ڇڏيو هو..... پاڻ نهايت شفقت سان پنهنجو نرم ۽ ڪومل هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏنائون ۽ چيائون: "خيريت سان آهيو نه مرزا صاحب؟"

- ۽ جنهن گهڙيءَ مخدوم صاحب جن پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏني، مون سان زندگيءَ جا اهي پهريان لفظ اچاريا هئا، تڏهن دل ۾ چيو هئم، 'مان هر لحاظ کان خيريت سان آهيان' ۽ لڳم، مان هنن گهڙين ۾ نهايت محفوظ هٿن ۾ به آهيان. پوءِ اندر ڪمري ۾ ريفريشمينٽ جي مرحلي ۾، گفتگوءَ جو سلسلو شروع ٿيو ته مون به ڪيڏو نه پئي چاهيو ته ٻين وانگر مان به ساڻن ويهي ڳالهيون ڪريان، پر

اوچتو ادب احترام ۽ حجاب جي ديوار، الائي ڪيئن پنهنجو پاڻ وچ ۾ اڀي ٿي اچي بيهي رهي..... سو ڪڇيس ڪجهه بہ ڪونہ. فقط ڪين ٻڌندو ۽ سندن زيارت مان محظوظ ٿيندو رهيس..... نيٺ وقت پورو ٿيو ۽ مخدوم صاحب جن اٿي روانا ٿيا ۽ مون لاءِ هيءَ سنگ (دل ۾ چيم) قطعي تشنہ ثابت ٿي.... خير اِن گڏجاڻيءَ کي اڃا ڪجهہ عرصو مس گذريو هو، تہ هالا نوان جي ادب دوستن، ناميارِي ليکڪ الطاف شيخ سان شام ملهائڻ ۽ طرحي مشاعري جو اهتمام ڪري، مون کي بہ نينڊ موڪلي. جيئن تہ ڪارڊ ۾ صدارت مخدوم صاحب جن جي لکيل هئي، انڪري خرامان خرامان وڃي اتي پهتس. مخدوم صاحب جن کي روبرو ڏسي مان تہ جهڙوڪر ٺڙي پيو. ان شام جي سلسلي ۾ فرشي نشست جو انتظام ٿيل هو ۽ سامهون پاڻ طول وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي، خوبصورت ٽڪ واري رلِيءَ تي موجود ائين لڳي رهيا هئا، ڄڻ تارن ۾ چوڏهينءَ جا چنڊ. مشاعرو پورو ٿيو تہ مان آٽوگراف وٺڻ جي بهاني سان ۽ سندن وجود جي خوشبوءِ مان هڳاءُ ماڻڻ لاءِ، سندن پير ۾ وڃي براجمان ٿيو هئس. ڪين پنهنجي ايترو ويجهو جو پسيم تہ لڳم: اندر ۾ ڄڻ ڪنهن هٽ وڏائي بڻڻ آن ڪري چڏيو هجي.... هر طرف ڄڻ روشني ئي روشني پکڙجي وئي.... پاڻ پهرين ان طرحي مشاعري ۾ پڙهيل غزل مان هي شعر لکيو:

مون نہ ڪو اهڙو ڪڏهن منظر ڏٺو،
مئڪدي ۾ ميڪشن روئي ڏٺو!

۽ پوءِ هيٺيان لکيائون: 'مرزا صاحب، ياد رکو توهان جي اندر ۾ روشني جيتري گهٽي هوندي، اوهان تي پروانا بہ اوترائي گهٽا ايندا.'

بس اِجهو اِها هئي مخدوم صاحب جن سان منهنجي ٻي ملاقات ۽ اها ملاقات بہ مون لاءِ سراسر تشنہ ئي رهي، چو تہ آٽوگراف ڏيڻ ڪانپوءِ، ترت ئي ان محفل مان پاڻ اٿي روانا ٿي ويا هئا، جو سندن دوا کائڻ جو وقت ٿي ويو هو.... خير وقت هڪ دفعو وري ياوري ڪئي ۽ مخدوم صاحب جن سان ملاقات لاءِ ٽيهر سبيل پيدا ٿي پئي ۽ اها هيئن تہ 9 مارچ 1989ع تي، جڏهن عنايت بلوچ صاحب جن جي جاکوڙ سان شاندار ڪل اردو سنڌي مشاعرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران اسٽيشن جي احاطي اندر ارينج ڪيو ويو تہ، ان جي صدارت بہ مخدوم صاحب جن قبول ڪرڻ فرمائي هئي. ياد اٿم سندن آمد تي مون ان مشاعري جي پروڊيوسر جي حيثيت سان، ڪيئن نہ سندن قدمن ۾ پنهنجا پلڪ وڇائي ڇڏيا هئا ۽ گل پاشي ڪئي هئي. جڏهن پاڻ اسٽيشن ڊائريڪٽر صاحب جي آفيس ۾ هلي ويٺا تہ ياد اٿم، ڪانٽن مشاعري جو ڪانٽريڪٽ صحيح ڪرائڻ لاءِ مون جيڪا پنهنجي پين ڪين صحيح ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ ڏني هئي، اها پين اڄ سوڌو، بطور سووينئر، مون هن يادگار جملي سان پاڻ وٽ محفوظ رکي ڇڏي آهي تہ: "هيءَ ئي آهي اها پين، جنهن کي مخدوم صاحب جن پنهنجي مبارڪ هٿن ۾ جهلي، مشاعري لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪانٽريڪٽ تي صحيح ڪرڻ فرمائي هئي." هاڻي اڄ جڏهن اسان جي سٿ مان اٿي پاڻ روانا ٿي چڪا آهن، تڏهن مخدوم صاحب جن سان پنهنجي ان عقيدت بابت سوچيندي پوري ويساهہ سان چوان ٿو تہ، ساڻن منهنجي اها محبت، قطعي بي لوث هئي، جنهن ۾ رڳو خلوص ئي خلوص ۽ اها نيت شامل هئي تہ مان بہ مخدوم صاحب جن سان پيار ڪندڙن ۾ شمار ڪيو وڃان ۽ سندن چوڌاريءَ ۾ گهرايو وڃان ۽ بس وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ!

- ۽ ان ڪانپوءِ جنوري 1992ع ۾ پهريون هفتو منهنجي زندگيءَ لاءِ ڪيڏو نہ يادگار هفتو ثابت ٿيو هو، جڏهن منهنجي سؤٽ محمد حبيب بيگ مرزا ۽ منهجي بي حد اصرار ۽ خواهش تي ملاقات لاءِ باوجود ناچاڪيءَ جي پاڻ اڌ ڪلاڪ کن جو وقت ڏيڻ فرمايائون ۽ مون کي ياد آهي، وقت جا الائي ڪيترا فاصلا لتاڙڻ ڪانپوءِ ساڻن روبرو نويڪلائيءَ ۾ ويهي ڪلڻ ۽ ملڻ بابت اِهو منهنجو ڀاڳ ڪٿو ڪليو هو ان ڏينهن

ساڻن اها ملاقات مخدوم هائوس جي چوڌيواريءَ اندر اناس بنگلي جي پڪ ۾ موجود ان مستطيل نما ڪمري ۾ طئي ٿي، جتي مخدوم صاحب جن اڪثر پنهنجي پيارن، ملڻ وارن ۽ دوستن احبابن کي ملاقات ۽ زيارت جو شرف بخشيندا هئا.

ٽيليفون تي طئي ٿيل تاريخ ۽ وقت مطابق صبح جو 11 وڳي، مخدوم هائوس جي شاهي مين گيٽ آڏو دروازي وٽ سؤ سال جهوني نم جي (ڇانو پرئي) وڻ هيٺان گاڏي بيهاري، دروازي جي ننڍڙي در مان اندر ٿياسين ته، سامهون 'اناس بنگلي' جي دروازي تي چڙهيل بوگن ويلا جي ڪاسني گلن سان جهنجيل ول اسان کي ڀليڪار چيو. دروازي پرسان، ننڍڙو ڳاڙهو خوبصورت ليٽر باڪس لڳل هو ۽ ان ۾ ڪجهه خط به پيا هئا. اڳواٽ اطلاع هجڻ سبب، دروازي تي مخدوم صاحب جن جي حاضريءَ وارو ماڻهو اسان لاءِ منتظر هو. سڄاٽپ ڪرائڻ ڪانپوءِ، مان ۽ محمد حبيب سندس پويان پويان ڌيرج پريا قدم کڻندا، 'اناس بنگلي' ڏانهن وڌندا پئي وياسين. بنگلي جا ور وڪڙ رستا ۽ ڳاڙهن سُرن واريون ڏگهيون ڏگهيون گهٽيون اورانگهيندي لڳم: مان سندباد جي قالين تي آهيان ۽ دل ۾ چيم اڄ مان ان شخصيت سان ملڻ ۽ سندن زيارت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان، جنهن ويهين صديءَ جهڙي وحشيانه انڌاڌنڌ صديءَ ۾ به، پنهنجي شرافت، وضعداريءَ ۽ حسن اخلاق ذريعي پنهنجي آسپاس اهڙي ته روشني قائم ۽ دائم رکڻ ۾ سوڀ ماڻي آهي، جنهن کي ڪوبه زوال ڪونهي ۽ جنهن جي علمي، ادبي ۽ سماج سڌارڪ ڪردار تي جيترو فخر ڪجي، اوترو گهٽ آهي.

جيئن جيئن اناس ڏانهن ان بزرگ خادم جي پويان پويان، نرم وکون کڻندا وياسين پئي اڳتي وڌندا، اسان لاءِ دروازا ان حويليءَ جا ايئن کلندا پئي ويا، جڻ اسان جو ئي انتظار ڪري رهيا هجن. (۽ مخدوم هائوس ۾ پنهنجو اِهو آدرڀاءُ ڪيڏو نه وٽيو پئي اسان ڀنهي ڪي) پوءِ جڏهن شيشي جي ديوار واري ان مستطيل نما ڪمري جي دروازي تائين پهتس ته خوشيءَ منجهان ڀڪڻ لڳو هئس. جنوريءَ جي ان صبح جي روشنيءَ ۾، ڪيڏي نه مترتا ۽ خوشبوءِ سمايل هئي.

ڪمري جي ٻاهران 'ڊورميٽ' تي جتي لاهي چائنٽ اڪري، محمد حبيب پويان مان به اندر ٿيس ته اکيون سامهون رکيل پلنگ ڏانهن بي اختيار کڄي ويون هئم: حضرت مخدوم سرور نوح جي سلسلي جا سورهان ۽ نامور ترين سجاده نشين..... مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب، پنهنجي پرپور 'ڏيا' ۽ روشنيءَ سان پلنگ جي وچ تي پلٿي ماري وينا هئا. سندن پلنگ جي سيرانديءَ سان گولائي ۽ اڌ سورج جهڙو چٽ هو ۽ مان اکيون کٽي سندن چهري ڏانهن نگاهه وڌي ته ڏٺم: سندن پيشانيءَ تي محبت جو چنڊ چمڪي رهيو هو. اوچتو مون کي محسوس ٿيو ته، اسان محفوظ هنڌ تي پهچي ويا آهيون. سڄي ڪمري ۾ مخدوم صاحب جن جي موهيندڙ شخصيت جو هڳاءُ هو ۽ لڳو پئي جڻ هر طرف روشني ئي روشني پکڙي پيئي آهي.

پلنگ جي پيرانديءَ سان به ڪرسيون رکيل هيون ۽ اڳيان ٽپائي موجود هئي. هيٺ زمين تي وال ٽو وال ڪارپيٽ وڇايل هو ۽ سامهون ديوار سان ٽراليءَ تي ٽي.وي ۽ ٽي.ويءَ تي غلاف ۾ شايد ڪلام پاڪ رکيل هو. ٿورو فاصلي تي ڪنڊ سان، هيٺ ڪارپيٽ تي مخدوم صاحب جن جي حاضريءَ جو خاص ماڻهو ۽ سندن پسند جو شاعر جناب انور هالائي ۽ ڪوئي ٻيو نامعلوم شخص پلٿي ماري باادب ٿي وينا هئا. مون اڳيان وڌي ۽ جهڪي مخدوم صاحب جن جا قدم ڇهيا ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ جڏهن پنهنجو خوبصورت هٿ، منهنجي هٿ ۾ هيئنڊ شيڪ لاءِ ڏنائون ته مون کي هڪ دفعو ٻيهر محسوس ٿيو ته هن وقت دنيا جو بهترين هٿ منهنجي هٿ ۾ آهي..... ۽ اهو ئي هٿ- جنهن سنڌي ادب کي، 'ڇپر ۾ چڙيون'، 'ديوان طالب المولىٰ'، 'ياد رفتگان'، 'ڪافي' ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب ارپيا هئا. مون سوچيو..... ڪاش! ڪا اهڙي جديد مشين هجي ها، جنهن جي ذريعي، مخدوم صاحب جن جي هٿ جو عڪس ۽ پنهنجي هٿ مٿان موجود سندن هٿ

جي لمس جو فوٽو پرنٽ وٺي جيڪر پاڻ وٽ سدائين لاءِ بطور سووينئر محفوظ ڪري ڇڏيان. خير جنهن مهل، پاڻ روايتي انداز سان منهنجي سؤٽ محمد حبيب بيگ سان خوش خير عافيت پئي ڪئي، مون سندن مبارڪ چهري ڏانهن پئي ڏٺو. اوچتو مون کي سندن هي چهرو اڳي ڏٺل چهري کان ڪافي ڌفرنٽ لڳو ۽ اهڙو فريش، انرجيٽڪ ۽ ترو تازه نہ رهيو هو، جهڙو ان کان ٻہ سال اڳ آءٌ ڏسي چڪو هئس. تڏهن الائي ڪنهن جو چيل هڪ گفتو ياد آيو هئم تہ، سونهن، جواني ۽ صحت پرندڙ ميڻ بتين جيان وڳهرندڙ شيون آهن ۽ انهن ٽنهي شين جو آخرڪار هڪ انت آهي. عربيءَ ۾ چوٽي بہ آهي تہ يعني: (هوريان هوريان) 'هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن واپس موٽندي آهي.'

وري سندن آواز جي غير معمولي هيٺائيءَ بہ ڪافي فڪرمند ڪري ڇڏيو هو، پاڻ محمد حبيب سان خوش خيرعافيت مان واندا ٿي، مون ڏانهن متوجهہ ٿيا تہ دلگير ٿي چيو مان: "قبلا، اسين توهان جي صحت لاءِ ڏٿيءَ در دعاگو آهيون. شال! اوهان جلد صحتياب ٿيو، جو سنڌ جون رونقون ۽ ادبي محفلون اوهان کي ڏاڍو ياد ٿيون ڪن."

نهايت ڌيرج سان ۽ هيٺي آواز ۾ وراڻيائون: "مرزا صاحب! صحت جواب ڏئي چڪي آهي. اِجهو هو سامهون ڪبٽ سان رکيل اسٽڪ ڏسو پيا نہ، ان جي سهاري تي ٿو هلجي، اندران هيستائين بہ ويل چيئر تي اچڻ ٿو ٿئي. اکين جي ديد بہ صحيح ناهي، انهن جو بہ آپريشن ٿيڻو آهي. گردن بہ ڪم ڪري ڇڏي ڏنو آهي.... هاڻي تہ، هفتي ۾ ٻہ دفعا ڊائلاسز ٿئي ٿي ۽ ان ڪم لاءِ 'اناس' جو هڪ ڪمرو مخصوص ڪيو ويو آهي، جتي ڊائلاسز مشين ۽ ٻيو ضروري سامان رکيو آهي، انڪري ڪا ڏکيائي ڪانہ آهي"

مخدوم صاحب جن، پنهنجي اِها ڳالهہ پوري ڪري چپ ٿيا تہ لڳو ڪمري ۾ ڪا سوگوار خاموشي پکڙجي وئي آهي.

هفتي ۾ ٻہ دفعا ڊائلاسز ٻڌي، مان في الحال تہ ڊجي ويو هئس. جو تہ ڊاڪٽر دوستن سان اٺ ويهہ ۽ پنهنجي دوست طارق عالم جي گردن شرنگ ٿي وڃڻ واري سانحي مان گذرڻ ڪانپوءِ، مون خوب ڄاتو ٿئي، تہ هفتي ۾ ٻہ دفعا ڊائلاسز جو نتيجو نيٺ ڇا نڪرڻ وارو هوندو؟ ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ زندگيءَ جي خيريت لاءِ سواءِ ڪنهن معجزي ظاهر ٿيڻ جي، ڪو ٻيو چارو هوندو ئي ڪونهي. موت مٺو ناهي ۽ اِهو بہ درست آهي تہ هر ماڻهو جي (جنيز) Genes ۾ هڪ گهڙيال فٽ هوندو آهي ۽ هڪ ڏينهن ڪنهن مقرر قت تي ان جي ٽِڪ ٽِڪ کي بند بہ ٿيڻو هوندو آهي، جو قدرت جو اٽل قانون بہ تہ اهوئي آهي. مون ڏٺو تہ، اِهو سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ جي باوجود مخدوم صاحب جن جي ڪنهن بہ گفتي يا ڪنهن بہ رويي مان اِها لکا ڪانہ ٿي پئي تہ نهايت جلد زندگيءَ جي متوقع اختتام کان پاڻ گهبرايل يا هيسيل آهن.

ڪيڏي عجيب ڳالهہ ۽ وڏي بهادري آهي..... مون سوچيو، جڏهن ماڻهوءَ کي خود خبر بہ هجي تہ نهايت جلد هو هِتان... دنيا جي ڀرپور آرائش مان وڃڻ وارو آهي ۽ اهڙي ڄاڻ ڪانپوءِ بيمار شخص کي ڪيڏي نہ صبر سان زندگي گذارڻي پوندي آهي ۽ ان احتياط سان تہ، ٻي کي ان جي لکا بہ نہ پوي تہ هو ڪو موت کان، دنيا کي ڇڏڻ کان ڊجي ٿو. اٽلو گفتگوءَ جي هڪ موڙ تي نهايت جرئت سان فرمايائون: 'موت آخر خراب آهي بہ ڇو؟ آخر زندگيءَ جو ٽڪ بہ تہ لاهڻو آهي نہ، مرزا صاحب'!

ايتري ۾ اسان جي اڳيان رکيل ٽيبل تي بامبي بيڪريءَ جو فروٽ ڪيڪ ۽ فرسٽ ڪلاس چانهہ Serve ڪئي وئي، تڏهن اوچتو فون جي رنگ وڳي ۽ پاڻ اسان جي چانهہ سپ ڪرڻ دوران، فون تي (شايد) پنهنجي خادم حاجن ابڙيجي سان ڳالهيون ڪندا رهيا.

چانهہ سپ ڪرڻ دوران مان مسلسل آسپاس جي ماحول جو جائزو وٺندو رهيس. سامهون شيشي جي ديوار پاهران ملازم ۽ حاضريءَ وارا خدمتگار، رکي رکي ٻهن پر اتان لانگهائو ٿيندي، ڇپن ئي ڇپن

۾ ائين نرم گفتگو ڪري رهيا هئا، جيئن هوريان هوريان چانهه جي پيالن ۾ کنڊ ملائڻ لاءِ نهايت احترام ۽ سڪون سان چمچو گهمائبو آهي.

فون تي گفتگو پوري ٿي، پاڻ محمد حبيب ڏانهن متوجهه ٿيا، جنهن مخدوم صاحب جن جي شاندار مرتب ڪيل ڪتاب 'ياد رفتگان' جي نئين ايڊيشن لاءِ، پاڻ سان گڏ آندل، 'مرزا خاندان' جي تازو مرحوم ٿي ويل شاعرن جي ڪلام جو انتخاب ۽ سندن تصويرن وارو لفافو، سندن خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ نظر جي عينڪ تبديل ڪري مواد ۽ تصويرن تي هڪ نظر وڌائون ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي مون ڏانهن ڏٺائون ته سندن عينڪ جي شيشن تي منهنجي چهري جو عڪس سامهون نظر آيو ۽ ڪجهه لمحن لاءِ اِن ڳالهه به ڪيڏو نه راحت پهچائي ته مان مخدوم صاحب جن ڪي اکين وانگر اوڏو آهيان. عين منهنجي ان سوچ وقت ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڪارپيٽ تان هو نامعلوم شخص اوچتو اٿيو ۽ هٽ ڀڙي، مخدوم صاحب جن جا پير چهي، پنئين پير ائين ورڻ لڳو، جيئن درگاهن مان يا پنهنجي مرشد اڳيان اٿڻ ڪانپوءِ، بنا پٺ ڏيڻ جي ٻاهر نڪربو آهي. (۽ اهو منظر به ڪيڏو نه وڻيو مون کي) سوچيم ته جڏهن مان به هتان وڃڻ لاءِ اٿندس ته، ايئن ئي ڪندس ۽ پنئين پير ٻاهر نڪرندس ۽ پٺ نه ڏيندس. تڏهن اِن سوچ دوران سدائين غلام رباني آگري صاحب جن جا، مخدوم صاحب جن جي باري ۾ لکيل هي لفظ ذهن تي تري آيا هئم: "جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته، سنڌي ڪلچر جو مثالي نمونو ڏيکارڻ لاءِ تون سنڌ جي ڪنهن به فقط هڪ ماڻهوءَ تي هٿ رک، ته مان جيڪر مخدوم صاحب جو نالو ڪڻان.'

محمد حبيب، پنهنجي والد اسد بيگ مرزا ۽ چاچن نادر بيگ مرزا ۽ اجمل بيگ مرزا جي شعري مجموعن ۽ غزلن جي ديوانن جي ادبي بورڊ پاران ڇپرائڻ جو ذڪر ڇيڙيو ته، فرمايائون، "مرزا صاحب اِهي ڪتاب خوشيءَ سان ڇپرائبا. ادبي بورڊ تي اوهان جي علمي ادبي خاندان جو وڏو حق آهي. اوهان جي خاندان جا هونئن به سنڌي ادب تي وڏا احسان آهن. بورڊ اِهي ڪتاب ضرور ڇپرائيندو. اوهان اِن لاءِ هيئن ڪريو جو چيئرمين جي نالي تي رڪارڊ لاءِ هڪ عدد خط لکي اماڻيو. انشاءَ الله اِهو ڪم سربسر ڪبو."

- ۽ مون واچ ۾ ڏٺو وقت تيزيءَ سان اڏامندو پئي ويو. ڪائي ازلي ابدي ٽِڪ ٽِڪ وقت ڪي مسلسل اڳيان ڌڪيندي پئي وئي ۽ خبر به ڪانه پئي، جو اڌ ڪلاڪ ۽ اناويهه سيڪنڊ گذري چڪا هئا. مون گهڻو چاهيو پئي ته اٿڻ کان اڳ ڪن ٻين مامرن ۽ موضوعن تي به ساڻن گفتگو ڪريان- ۽ اِن ڏس ۾ مون ڪجهه لفظ ڳالهايا به- پر منهنجي ڳالهه جي تهه تائين نه پهچندي، ڪن جي پويان هٿ رکندي فرمايائون: 'مرزا صاحب ٿورو ڏاڍ سرو ڳالهايو'...... مان چپ ٿي ويس، ڪڇيس ڪجهه به ڪونه..... ۽ اهو اِن ڪري به جو، جيڪڏهن مان ان موضوع تي زور سان ڳالهايان به ها ته، منهنجي ان وڏي سر ڳالهائڻ کي اتي معيوب سمجهيو وڃي ها، اِن ڪري مجبورا دل جي ڇپن تي آگر رکي، چپ ٿي ويهي رهيس. محمد حبيب، ڪانئن سندن موجوده مصروفيتن بابت استفسار ڪيو ته فرمايائون: "اڄڪلهه مڪمل گوشه نشيني آهي مرزا صاحب! گهر ۾ اندر وقت گذارجي ٿو يا هتي پلنگ تي. ماڻهن سان ملجي به محدود ٿو. صرف ضروري ڪم لاءِ ڪجهه وقت ڪڍي هتي اچجي ٿو، باقي وقت ۾ سو آرام ڪجي ٿو. ڊائلاسز به اسان جي اِتي ئي ٿيندي آهي، پر ۾ ڪمرو موجود آهي، جتي اِن ڪم لاءِ ساز سامان جو انتظام ٿيل آهي."

مون اٿڻ کان اڳ، هڪ دفعو ٻيهر ان ڪمري جي هڪ هڪ شيءِ تي نظر وڌي، خاص ڪري مخدوم صاحب جن جي سيرانديءَ کان بند دروازي مٿان.... قديم مخروطي انداز ۾، ٽڪنڊن ڪانچن ۾ جڙيل رنگارنگي شيشن ۽ ان منجهان مٿن پوندڙ ترڇن ڪرڻن جو طلسم، مون کي ڪيڏو نه پلو پئي لڳو. ۽ رنگارنگ شيشن جي شيڊس ۾ خود مخدوم صاحب جن به ڪيڏا نه پربهار پئي لڳا. مون اڌ ڪلاڪ جي ملاقات ۾ اندازو لڳائي ورتو هو ته زندگيءَ جا ڀرپور رنگ ماڻيندڙ هن برگزيده شخصيت، جيتوڻيڪ

ڪڏهن ٻه ڪنهن معجزي ڏيکارڻ جي دعويٰ ڪانہ ڪئي آهي، پر مان پنهنجي مشاهدي جي آڌار تي چئي سگهان ٿو تہ، جيڪڏهن هو پاڻ ڪنهن تي نظر وجهڻ چاهين تہ، رڳي سگهن ٿا، گرم ٿيڻ چاهين تہ، سامهون ويٺل کي ڳاري ٻہ سگهن ٿا ۽ اِن جي ثبوت طور هتي ڪيئي واقعا مان ڌهرائي ٻہ سگهان ٿو، جن جي شدت کي پاڻ سدائين درگذر ڪري صبر کان ڪم ورتائون ۽ ٽالريٽ (Tolerate) ڪري پنهنجي وضعداريءَ جو انوکو مثال قائم ڪيائون. سندن اهڙي سڀاو بابت رباني صاحب جو هيءُ تجزيو ٻہ ڪيڏو نہ Oppropriate آهي تہ: منجهن سهپ ايڏي جو سوچيندو هئس تہ هن شخص کي سڄيءَ عمر ۾ ڪڏهن ڪاوڙ ٻہ آئي آهي يا نہ! سچ پڇو تہ خود مون کي ٻہ منهنجي ان صرف اڌ ڪلاڪ واري مشاهدي ۾، مخدوم صاحب جن دنيا جي انهن سدا بهار ۽ عظيم شخصيتن مان هڪ نظر آيا، جيڪي خاموشيءَ سان مرڪڻ، خاموشيءَ سان ڪاوڙ ڪرڻ ۽ خاموشيءَ سان ئي احتجاج ڪرڻ جا قائل هوندا آهن. سبحان الله، ڇا ذڪر ڪجي، سندن اهڙين خوبين جو. اٺڻ کان اڳ ٺيڪ يارنهن لڳي ۽ ٽيهہ منٽن ۽ ڪجهہ سيڪنڊن تي مون هڪ دفعو ٻيهر آٽوگراف وٺڻ لاءِ پنهنجي ڊائري سندن مبارڪ هٿن ڏانهن وڌائي ڇڏي هئي. فرمايائون، مرزا صاحب ڊائري اوهان پنهنجي هٿن ۾ ئي رکو، مان ڪجهہ لکرائي ٿو ڇڏيان، اهو لکي وٺو...... پوءِ ڪجهہ سوچي فرمايائون- لکو: 'دل جيڪڏهن غمگين آهي تہ مبارڪ آهي، غم اگر دل گداز آهي تہ سٺو آهي. سڀ ڪم ان کي سونپيو، جيڪو ڪارساز آهي، پنهنجي اندر ۾ وڃائجي وڃو، سوچيو ۽ ڌيان کان ڪم وٺو" پوءِ مون کان ڊائري وٺي، هيٺ صحيح ڪري ڏنائون.

۽ عزيزو! پوءِ هيءَ ملاقات، جيڪا صبح جو.11 وڳي ڌاري شروع ٿي هئي، پوڻين ٻارهين تائين ختم ٿي وئي. پر (مون سوچيو) ختم تہ صرف ملاقات جو وقت ٿيو هو، مخدوم صاحب جن جون ڳالهيون، سندن وجود جي خوشبوءِ، هٿن جو ڇهاءُ، گفتار جي هٻڪار تہ، جيستائين جيئندس، مون سان گڏ سدائين رهندي ۽ انشاء الله سدائين مون سان گڏ ئي رهندي- ٽِل ڊيٿ!

تہ پيارا پڙهندڙو! قبلہ مخدوم صاحب جن سان منهنجيءَ ان ملاقات جي نجي تاثرات جو مٿيون مذڪور اوهان ملاحظہ فرمايو..... ۽ اِن ڳالهہ کي جڏهن پريو سال گذري چڪو ۽ مان حيدرآباد مان بدلي ڪري ريڊيو پاڪستان خيرپور اماٽيو ويس تہ، هڪ ڏينهن 11 جنوري 1993ع جي شام جيئن ئي رڪارڊنگ جي خيال سان اسٽوڊيوز جي ڪاريڊار ڏانهن وڃي رهيو هئس تہ، ڪنٽرول روم جي مانيٽر تان اوچتو نيوز ڪاسٽر، مخدوم صاحب جن جي لاڏاڻي جي ڏک ڏائڪ خبر انائونس ڪئي. هاءِ.....! هي ڇا ٿيو! ۽ ڪجهہ لمحن لاءِ تہ لڳم، فريز ٿي ويو آهيان ۽ گهر کان پري خيرپور ۾ اِن خبر اچانڪ ڪيڏو نہ شاڪ پهچايم. اوچتو لڳم: سنڌ خالي ٿي وئي آهي، وضعداريءَ جو هڪ پورو ڪتاب ڪلوز ۽ حسنِ اخلاق جي هڪ پوري تاريخ پڄاڻيءَ کي پهچي چڪي آهي. محسوس ٿيم: سنڌ جي سياست ۽ شرافت جو جيڪو شاندار شاهي دروازو هو، اهو تيز هوا ۾ ٻيڪڙجي بند ٿي ويو ۽ ڪاريڊار مان ٻاهر ايندي سوچيم: ڇا مخدوم صاحب جن جو ڇڏيل هيءُ خال ڪڏهن پرجي سگهجندو؟

جواب آيو، اِهو ممڪن ئي ڪونهي. Imposible- ۽ مشهور فلم اسٽار مصطفيٰ قريشي صاحب، ريڊيو پاڪستان طرفان پيش ٿيندڙ تعزيتي پروگرام ۾ ڪيڏو نہ صحيح پئي چيو تہ: 'سنڌ ۾ مخدوم صاحب جهڙو ٻيو 'طالب المولىٰ' پيدا ئي نہ ٿيندو.' ۽ ان کان ڪي ڏينهن پوءِ:

مخدوم محمد امين فهيم صاحب جن جي 'پڳداري' واريءَ رسم جي ادائگيءَ واري ڏينهن، مان مخدوم هائوس ۾ موجود اڻاس بنگلي جي انهن ئي پيچرن تان لنگهي اندر 'وچيل تڏي' ڏانهن وڃي رهيو هئس، جن تان پورو هڪ سال اڳ فخر سان لنگهي، جنوري 1992ع ۾ ساڻن ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ويو هئس ۽ هاڻي ان ڏينهن صبح جو انهن ئي پيچرن تان ٻيهر هلندو، ڪنڌ جهڪائي چپ چاپ پنهنجي

محترم دوست مخدوم جميل الزمان 'جميل' سان سندن عظيم بزرگ جي عذرخواهي لاءِ وڃي رهيو هئس ۽ صبح جي جن لمحن ۾ مان پنهنجي دوست طارق عالم سان گڏجي اتي وڃي پهتو هئس، هر پيچري تي سوگوار سناٽو ڇانيل هو. اڪثر ماڻهو ماتمي لباس ۾ هئا ۽ نيڻ نهار تائين اناس جي قالينن تي گلن جون سڪل پنڪڙيون پکڙيل هيون.

پوئين دروازي کان 'اناس' ڏانهن ويندي، اندر لڳل علم پاڪ وٽان لنگهندي (ياد اٿم) ڪنهن چيو پئي، ڪنهن دؤر ۾ هن علم پاڪ هيٺان ويهي مخدوم صاحب جن، محرم ۽ عاشوري جي ڏينهن ۾ ڪارا ڪپڙا پائي، مرثيه خواني ڪندا هئا ۽ (ٻڌايو پئي ويو ته ان وقت اتي رقت جا عجيب منظر ڏسڻ ۾ ايندا هئا اڳيان ويندي، مڙي پويان نگاهه وڌم، علم پاڪ جي آسپاس ڪيئي ماڻهو ماتمي لباس ۾، هٿ ۾ خود مخدوم صاحب جن جي لاءِ رومال اکين تي رکيو گريي ۾ مشغول هئا.

'اناس' اندر داخل ٿيس ته، تِر ڇڏڻ جيتري جاءِ به ڪانه هئي، ڪيئي هاڪاريون شخصيتون اندران هال مان اٿي ٻاهر ۽ ڪيئي مانائتيون مورتون ٻاهران- اندر داخل ٿيڻ لاءِ منتظر نظر آيون. اچانڪ مخدوم صاحب جن جا، ڪافي وقت اڳ مون کي بطور آٽوگراف طور ڏنل هي لفظ ذهن ۾ تري آيا. "مرزا صاحب! اوهان جي اندر ۾ روشني جيتري گهٽي هوندي، پروانا به اوترائي گهٽا مرندا اوهان تي."

جميل سائينءَ سان ڳلي ملي عذرخواهي ڪندي چيم: "قبلا! اسين اوهان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون" گلو گير آواز ۾ وراڻيائون: "مهرباني مرزا صاحب، اسين به ايئن ئي سمجهون ٿا."

اتي 'پٽر' تي ايندڙ شخصيتن جي آمد ۽ اتي اڳ ئي موجود خلق باعث نهايت پيڙ هئي. مان ۽ مون سان گڏجي آيل منهنجا دوست طارق عالم ۽ سوز هالائي ٿورو پرڀرو ٿي ويهي رهياسين. پوري هال ۾ ڪجهه تعزيتي ڪتاب، هيڏانهن ڪان هوڏانهن هٽن ۾ شفٽ ٿي رهيا هئا. مون به چاهيو ته عقيدت جا ڪجهه لفظ مان به انهن تي لکان، پر ڪتاب ايڏا ته مصروف هئا، جو پوءِ مون 'تعزيتي ڪتاب' بدران ذهن جي صفحن تي لکڻ شروع ڪري ڏنو.

ڊيئر ڊائري! مان دعويٰ سان ٿو چوان ته مون پنهنجي پوري ڄمار ۾ سڄيءَ سنڌ جي ڪيئي سجاده نشينن، عظيم ليکڪن ۽ برگزيده هستين مان، اڪثر کي به نفس نفيس پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. پر پوري ويساهه سان گواهي ٿو ڏيان ته مخدوم صاحب جن جهڙو عظيم انسان اجا تائين ته، مون کي ڪو ٻيو نظر نه آيو آهي. سندن هر ادا ۾ جيڪو شان، وضعداري، حسن ۽ شرافت هئي، ان جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته، هاڻي اهڙو اهل دل انسان هيءَ دنيا شايد ئي پيدا ڪري سگهي. مان سندن انهن سڀني وصفن جو قائل ته اڳ ئي هئس، پر جنوري 1992ع ۾ جڏهن ساڻن روبرو نياز حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو ته انهن ڳالهين تي دلي طرح بيعت ڪيم، جيتوڻيڪ جنوري 1992ع تائين، ناچاڪيءَ ۽ پنهنجي مسلسل علالت باعث، پاڻ پنهنجي دنيا ۽ مصروفيتون محدود ڪري جهڙوڪر مڪمل گوشه نشينيءَ جي گودڙيءَ ۾ هئا ۽ شديد ناچاڪيءَ جي باوجود ان ملاقات ۾ سچ ته، پاڻ اِها لڳا بلڪل ئي نئين ڏنائون ته، هاڻي پنهنجي پيار ڪندڙن ۾ صرف ڪي سال ڪن جا مهمان آهن.

سنڌ ۾ پاڻ نون لکن ماڻهن جا 'روحاني پيشوا' شمار ڪيا ويندا هئا، پر نون لکن ماڻهن جي دلين جا حاڪم هوندي به هميشه فقيرائٽي روش کي ترجيح ڏنائون ۽ هڪ صاف دل صوفيءَ وانگر، تعصب کان پري، سڄي حياتي تصوف جي صاف سٿري هوا ۾ ساهه کڻندا رهيا هئا.

حسب نسب جي لحاظ کان سندن نسبت جيتوڻيڪ حضرت ابوبڪر صديق رضه سان هئي، پر سنڌ ۾ دراصل پاڻ سروري مسلڪ جا پيروڪار هئا ۽ اِن حوالي سان سندن لاڏاڻو سروري جماعت لاءِ ته وڏي صدمي جو باعث آهي ئي، پر ساڳئي وقت مختلف مسلڪ ۽ نقطه نظر رکندڙن کي به سندن ڪمهلي لاڏاڻي

سبب سخت ڏچڪو رسيو آهي. علاوه ازين..... روحاني پيشوا هجڻ سان گڏوگڏ، ڪير نٿو ڄاڻي ته، پاڻ نهايت خوش فڪر، قادرالڪلام ۽ نهايت اعليٰ پايي جا شاعر، دانشور ۽ نثرنگار به هئا. پاڻ لکڻ سان اِها ڪڏهن کان رغبت اختيار ڪئي هئائون؟ اِن ڏس ۾ پاڻ ڪٿي ڄاڻايو اٿن ته: مون ۽ منهنجي دوست اسد الله شاهه حسينيءَ هڪ ڏينهن ويهي حساب لڳايو ته، خبر پئي ته اسان 1930ع کان شاعري شروع ڪئي هئي. اُن لحاظ کان 1993ع تائين ڪين ڪنهن هڪ نسل جي نه، ڪيترن نسلن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ جو شرف حاصل هو. اِن عرصي دوران ڪين ڪيترن هم خيال ۽ قادر الڪلام شاعرن جو سٿ به حاصل رهيو، پر هتي ايترو چوڻ جي جسارت مان ضرور ڪندس ته ٻيا ڪيئي شاعر سندن جهڙا هئا، پر جهڙس ڪوئي به ڪونه هو.

ٻين ڳالهين سان گڏ هتي مخدم صاحب جن جي دل جي ڪشادگيءَ جو هي واقعو به بيان ڪرڻ بي محل نه ٿيندو. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته پنهنجي همدردن ۽ پيش روئن جي باري ۾ راءِ ڏيندي وڏا شاعر اڪثر محتاط رويو اختيار ڪندا آهن. ڪنجوسيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. قطع نظر ان جي مخدوم صاحب جن جي فراخدلي ڏسو، جو محترم انور هالائيءَ جو شعري مجموعي ’چنڊ جون ڪلائون‘ ۾ چيو اٿن، ته انور صاحب جو ڪجهه ڪلام اهڙو به آهي جو ان جو مثال ٻئي ڪنهن شاعر جي ڪلام ۾ ڪونه ملندو. بلڪ دل چوندي آهي ته، اِهو شعر جيڪر آءٌ لکان ها ته، ڏاڍو چڱو ٿئي ها.‘

ڇا هر وڏي کان وڏي شاعر وانگر، خود مخدوم صاحب جن جي شعري اٿت ۾ ڪي ’جهول‘، ڪي نقص هئا؟ نهايت ادب سان عرض ڪريان، مان پاڻ ڪي اِن ڪٿ جو اهل نٿو سمجهان، البته، خود مخدوم صاحب جن جي هن رباعيءَ واري اعتراف کي سندن دل جي ڪشادگيءَ جو هڪ ٻيو اعليٰ مثال سمجهندي، ان کي هتي نقل ڪرڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان. پاڻ فرمايو اٿن:

جنهن ۾ نه هجي نقص اهو فن ڪونهي،
بي باد خزان ڪوئي به گلشن ڪونهي.
تاريڪ سندس هوندو سدا مستقبل،
ماضي جي ڪنهين شخص جو روشن ڪونهي.

مان انشاءَ الله مخدوم صاحب جن جي شاعريءَ بابت، پنهنجي اهليت مطابق ضرور ايندڙ وقت ۾ ڪجهه لکندس. في الوقت مون کي سندن شاعريءَ جي انفراديت بابت پنهنجي دوست ’سوز هالائي‘ جي هن راءِ سان اتفاق آهي، جنهن ڪنهن هنڌ لکيو هو ته: ’سائين جن سونهن ورونهن جا حساس خوبصورت شاعر آهن. سندن لفظ لفظ ۾ لئه پريل ۽ سٽ سٽ ۾ سنگيت سمايل آهي. جيڪڏهن ائين چئجي ته، ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته، شاعريءَ ۾ مخدوم صاحب جن جي دنيا سڀني کان الڳ ٿلڳ هئي.‘

ٻئي پاسي ڏسو ته، اِها مخدوم صاحب جن جي نهٺائي ۽ اعليٰ انسان هجڻ جي خوبي هئي، جو جڏهن سندن شاعريءَ کي انهن ۽ اهڙن ٻين حوالن جي روشنيءَ ۾ واکاڻيو پئي ويو ته، پاڻ فرمايائون: ”آءٌ خود حيران آهيان ته منهنجي شاعريءَ ۾ ڪي ايتريون خوبيون به آهن ڇا!؟“

ڪيڏو عجب ٿو لڳي ته، اڃا تائين سائين جن جي ڪلام بابت ڪا جامع تحقيق، ڪا بهتر اسٽڊي ڪنهن به ڪارنر تان سامهون ڪانه آئي آهي. ها-! گرامي صاحب جن ’مهراڻ‘ جي ’شاعر نمبر‘ ۾ سندن شاعريءَ جو هي ڪهڙو نه سهڻو تجزيو ڪندي لکيو هو ته: ”شاعريءَ جو ڪمال اِهو آهي ته اِها ساده دل

عوام جي خيالات ۽ جذبات جي ترجماني ڪري ۽ ان سان گڏ انهن جي ذهني ۽ قلبي طلبُن ۽ تقاضائن کي به ڇيڙي، ان خيال سان 'طالب المولىٰ' جو فن عوامي ڇئي سگهجي ٿو.'

ويهين صديءَ جي هن ڏهاڪي ۾ 'عوامي شاعر' هجڻ جي حيثيت سان گڏ مخدوم صاحب جن جي 'عوامي شخصيت' هجڻ ۾ به پلا ڪنهن کي ڪهڙو شڪ ٿي سگهي ٿو! پاڻ سروري جماعت جي نون لکن طالبن جا طالب المولىٰ ته هئا، پر قطع نظر اِن جي سندن ادبي سماجي ۽ سياسي خدمتن کان ڪير آهي جو انڪار ڪري سگهندو. لاشڪ ته، پاڻ پيدائشي طرح 'روحاني پيشوا' هئا ۽ بنيادي طور تي سندن سياءِ ۾ جيڪا درويشي ۽ فقيري هئي ۽ اهڙيون ٻيون خوبيون جن ڪين سنڌ جي ٻين روحاني پيشوائن کان سدائين مختلف ڏيکاريو، اهي هي هيون ته، پاڻ فطرتن، حساس، گداز دل جا مالڪ ۽ محبتي انسان هئا، سندن اِنهن اوصافن کي، سندن حاضريءَ جي هڪ دوست، مرزا عباس علي بيگ صاحب ڪهڙن نه مختصر لفظن ۾ لکي، ڄڻڪ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪندي، ڪنهن هنڌ لکيو آهي ته: 'پاڻ اِن ڪارڻ به سڀني جا محبوب هئا، جو ڪين محبت سان محبت هئي'.

قبله مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن بابت ذهن جي تعزيتي ڪتاب تي اهو سڀ ڪجهه لکڻ ڪانپوءِ سامهون لڳل گهڙيال تي نظر وڌم. ٻنپهرن جا ٻارنهن ٿي رهيا هئا. اٽي ڪڙو ٽيس ۽ هٽ ادب جا ٻڌي جميل الزمان صاحب جن کان روانگيءَ جي اجازت وٺي هال منجهان ٻاهر آيس. ماڙهن جي پرهجوم ميڙاڪي مان ٻاهر ايندي ڏٺم: مخدوم هائوس ۾ اتي موجود قديم طرز جو فرنيچر هر ڪمري ۾ وڇيل 'وال ٽو وال' ڪارپيٽ، خوبصورت ايراني قالين، ديوارن ۾ فٽ ٿيل شيشم جي ڪاٺ وارا ڪٻٽ، آرسين ۾ جڙيل انهن جا منقش فريم، ديوارن تي ٽنگيل مخدوم خاندان جي بزرگن ۽ نوجوانن جون خوبصورت تصويرون، ٻاهر دروازن سان رکيل رنگا رنگ نالن واريون گلن جون ڪونڊيون ۽ هر شيءِ تي لڳم سوگواريت ڇانئي پئي هئي. پانيم شين جا سرير ته اتي موجود آهن، پر ساهه ڪنهن ۾ به موجود ڪونهي ۽ سڀني جا بدن ته اتي هڪيا تڪيا هئا، پر روح لاپته......

شايد تعزيت لاءِ آيل ڪنهن بزرگ پڙهيو پئي،

"هر شيءِ عارضي، هر شيءِ فنا

اول فنا- آخر فنا!"

'اناس بنگلي' جون پر پيچ گهٽيون، ۽ انهن گهٽين ۾ موجود ماڻهن مان رستا ناهي ٻاهر نڪرندي ڇپن ۾ مون پڙهيو: "ڪل شيءِ يرجع الي اصلة" تنهن بعد مخدوم هائوس جو مئن گيٽ اورانگهي نڪري ٻاهر رستي تي آيس ۽ مخدوم سرور نوح جي مزار مبارڪ ڏانهن منهن ڪري، هوا ۾ اکين جي ماڻڪين سان لکيم: عزيزو! لاشڪ ته جن جن به وراثت ۾ محبت ڇڏي هوندي، انهن سان ماڻهو سدائين محبت ڪندا رهندا- ويندي ڏينهن قيامت تائين.

۽ پوءِ عقيدت منجهان ڪنڌ جهڪائي، چپ چاپ حيدرآباد واري بس اسٽاپ ڏانهن وڌڻ لڳس.

(جنوري 1993ع)

سرشار عقيلي

# مثنوي عقل و عشق جي اهميت ۽ افاديت

سنڌي مثنوي "عقل و عشق" محترم مرشدي و مخدومي، حضرت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولى جي تصنيف آهي. هن ڪتاب جي اهميت جا چند پهلو هي آهن.

(1) ادبي لحاظ کان سنڌي مثنويءَ جي سلسلي ۾ هي هڪ پيش قدر اضافو آهي، سنڌيءَ ۾ ادب جي هن صيفي يعني مثنويءَ بابت مستقل تصنيفات جو تعداد تمام ٿورو آهي ۽ انهن مان بہ اڪثر پراڻي طرز جون آهن.

(2) پنهنجي موضوع جي لحاظ کان هي هڪ انوکي شيءِ آهي ۽ خاص ڪري سنڌيءَ ۾ هن موضوع "عقل و عشق" تي هن کان اڳ ڪنهن صاحب غالباً خامہ فرسائي نہ ڪئي آهي. اگرچہ "حسن و عشق" جي موضوع تي گهڻو ئي ڪجهہ چيو ويو آهي.

(3) هيءَ مثنوي عالم علوم شريعت واقف رموز طريقت، محسن قوم و ملت، حضرت مخدوم غلام حيدر صاحب رحمتہ الله عليہ جي ارشاد جي تعميل ۾ لکي وئي آهي ۽ ان جو انتساب صاحب موصوف مرحوم ڏانهن ٿيل آهي.

(4) هي مثنوي حضرت مصنف صاحب قلم بند هڪ هفتي جي عرصي ۾ 22 کان 29 نومبر تائين لکڻ فرمائي آهي، جيئن مسودي مان ظاهر آهي. مثنويءَ جي موضوع جي اهميت ۽ هي هڪ هفتي جو قليل عرصو ظاهر ڪن ٿا تہ هن جي ترتيب ۾ حضرت مرشدي مخدوم صاحب جي انهي استغراق کي دخل آهي، جو صاحبِ دل بزرگانِ دين جو خاصو آهي، ڪا اهڙيءَ حالت ۾ هن جو رشد و هدايت جو باعث بنجڻ يقيني آهي، شعراءِ ڪرام ۽ صوفيانہ ذوق رکندڙن لاءِ يڪسان طور هي هڪ نادر تحفو آهي.

(5) موجوده مادي دؤر ۾ وقت جي تقاضا آهي تہ اربابِ عقل و فراست کي اصحاب عشق و وجدان جي زاويئہ نگاہ کان واقف ڪيو وڃي.

هي هڪ تسليم شده امر آهي تہ "عقل" کي ڪائنات ۾ هڪ مستقل جاءِ حاصل آهي، قرآن پاڪ قدم قدم تي عقل ۽ فڪر جي دعوت ڏئي ٿو هو بار بار تدبر ۽ تفڪر جي تلقين ڪري ٿو. هو پنهنجي دعوت جو بنياد بصيرت تي رکي ٿو ڪائنات جي هر شيءِ هڪ مقرره قانون جي مطابق سرگرم عمل آهي، جو انسان انهيءَ قانون جو علم حاصل ڪري ٿو اهو ڪائنات جي انهيءَ قوت کي پنهنجي تابع بڻائي سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح آهستي آهستي تسخير فطرت ڪري سگهي ٿو جو بني آدم جو شرف آهي. سمع و بصر کي خدا هڪ وڏو عطيو قرار ڏنو آهي ۽ انهن کي سندن ڪارڪردگيءَ لاءِ پنهنجي اڳيان جوابده ٺهرايو اٿس، مگر اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ حد تائين آهي، جيستائين عالم محسوسات جو تعلق آهي ۽ ظاهر ۽ عالم محسوسات تي انتها ٿي ٿئي.

هن ڳالهہ جو اعتراف خود علم مشاهدات (سائنس) جي ماهرن ڪيو آهي، مغربي سائنسدان ايڊنگٽن پنهنجي مشهور ڪتاب "طبيعي دنيا جي فطرت" ۾ لکي ٿو تہ:

"سائنس جي تحقيقات اسان کي اشياء جي حقيقت متعلق ڪجهه نٿي ٻڌائي سگهي."

پروفيسر سليوان پنهنجي ڪتاب "سائنس جي حد بندي" ۾ لکي ٿو ته:

"سائنس کي پنهنجي حيثيت جو اعتراف ٿي ويو آهي". جيتريقدر ادارڪ حقيقت جو تعلق آهي، سائنس اسان کي فقط جزوي علم بخشي سگهي ٿي."

مختصر هي ته غير محسوسات لاءِ "عقل" قطعاً نارسا آهي، غير محسوسات جي عالم ۾ جا شيءِ ڪم ڪري ٿي، ان جو اصلاحي نالو "عشق" آهي، هي اهو عشق آهي، جو خود عقل جي تڪميل آهي.

مقامِ فکر هي پيمائش- زمان و مکان
مقامِ ذکر هي "سبحان ربي الاعلیٰ"
(اقبال)

مقام فڪر (عقل) جي مقابلہ ۾ مقام ذڪر (عشق) جو مرتبو. هن مثنويءَ جي مطالعي مان ذهن نشين ٿيندو.*

---

* مرحوم الله بخش عقيلي "سرشار تخلص. اصل ٺٽي جو سنڌي ادب سان خاص شغف هئس. وڏو اديب ۽ عالم هو مخدوم صاحب جن سان والهانہ عقيدت ۽ محبت هوندي هئس. هي ليک. 'اداره روح ادب. سنڌ' جي ناظم اعلیٰ طور سندس لکيل آهي. جيڪو 'مثنوي عقل و عشق' جي ٻهرئين ڇاپي (1955ع) تي لکيل هو.



ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# حضرت مخدوم طالب الموليٰ جي شاعري

شاعري، انسان جي نفيس جذبن جي اظهار جو نالو آهي. فنڪار جي ذهن ۾ تخيل، خيال ۽ وجدان موجود هوندا آهن، جن جي پٺيان جذهن شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور عمل ڪندا آهن، تڏهن اهي جذبو بنجي پوندا آهن. ان ڪانپوءِ اهو جذبو لفظن جو روپ اختيار ڪندو آهي، ته لفظ وجود ۾ ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ شاعريءَ جو روپ اختيار ڪندا آهن. مطلب ته شاعري اندر جي اڌمن جي اظهار جو نالو آهي. جيڪا شاعري اهڙيءَ طرح وجود وٺي، اهائي فطري ۽ سچي شاعري آهي. اهائي شاعري تخليقڪار جي شخصيت، مشاهدي ۽ اثرپذيريءَ جي آئيني دار هوندي آهي.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي شاعري به سندس شخصيت جي آئيني دار آهي. سندس شاعريءَ ۾ سندس جذبن، اُمنگن، خيالن، ويچارن، مشاهدن ۽ زندگيءَ جي تجربن جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. سندس شاعري گهڻي قدر داخلي آهي، پر هن ڪيترين جاين تي وقت جي حالتن جي عڪاسي به ڪئي آهي، ۽ انسان جي ڏاڍ، ڌڪاءَ ۽ غريب طبقي جي استحصال تي پنهنجي دردمندي به ڏيکاري آهي. سندس شاعري گهڻي قدر جمالياتي شاعري آهي. هن حسن ۽ جمال جو ذڪر ڏاڍي اثرائتي، دلڪش ۽ دل پذير انداز ۾ ڪيو آهي. هو پنهنجي عاشقاڻه جذبن جو اظهار ڏاڍي ڪليل انداز ۾ ڪري ٿو ۽ ان سلسلي ۾ اشاريت، لڪاءَ ۽ اهڃاڻن کان ڪم ڪونه ٿو وٺي. هجر ۽ وصال جو بيان ڏاڍي پرسوز طريقي سان ڪري ٿو.

هن وقت جي حالت جي ڳالهه ڪٿي ڪٿي، ته ڪٿي اشاراتي انداز ۾ ڪئي آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان سندس شاعريءَ ۾ ٺيٺ سنڌي لفظن ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جو ڏاڍو سهڻو ميلاپ نظر اچي ٿو. هن پنهنجي عروضي شاعريءَ ۾ روايتي علامتن، گل ۽ بلبل، ميخاني ۽ مئي، مينا ۽ ساغر، شاهد ۽ ساقيءَ جو ذڪر به آندو آهي، پر انهن ۾ به نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ڪتاب 'ڇپر ۾ ڇڙيون' جي نئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ پاڻ لکيو اٿس:

"ٻين ڪيترن ئي صاحبن جو آهي اعتراض، ته آءٌ شاعريءَ ۾ پنهنجي، بلبل ۽ گل، ميخاني ۽ مئي، مينا ۽ ساغر شاهد ۽ ساقي وغيره وغيره جو ئي ڪريان ٿو فڪر. حقيقت آهي هي ته انهن مضمونن جي پردي ۾ لاٿي وڃي ڪائي ڪل اُبتي آمرن ۽ ظالمن جي، ڪٿي ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن مضمونن کي خوبصورتيءَ سان لکڻ به فن آهي، عظيم ۽ شاعراڻه آهي ڪمال." (ص.ت)

مخدوم صاحب سنڌي قديم توڙي جديد شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن قديم سنڌي شاعريءَ جي صنفن: بيت ۽ ڪافيءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، پر انهن ۾ نئون رنگ ڀريو اٿس ۽ نوان مضامين آندا اٿس. انهن سان گڏ عروضي صنفن: غزل، رباعي، مثنوي ۽ قطعي وغيره ۾ ڀرپور انداز ۾ پنهنجا تخليقي جوهر ظاهر ڪيا اٿس. هتي سندس شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪجي ٿو:

**بيت:**

هي سنڌيءَ شاعريءَ جي اهم بنيادي ۽ قديم صنف آهي. قديم زماني کان اڄ تائين بيشمار شاعرن سنڌي بيت چيا آهن ۽ چوندا رهن ٿا. ابتدا ۾ سخين ۽ سُورهين جي ساراهه، بيت جو مُک مضمون هو. ان ڪانپوءِ صوفي شاعرن تصوف جا اسرار و رموز بيتن ۾ بيان ڪيا. ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ علامتن ۽ تمثيلن کان به

ڪم ورتو ۽ سنڌ جي ماحول مان اخذ ڪيل تشبيھون بہ آنديون. خاص طرح سان سنڌ جي رومانوي داستانن کي تمثيل طور آندو ويو. ڪن شاعرن سڌي سنئين نموني تصوف ۽ ويدانت جي اپٽار ڪئي، تہ ڪن وري تمثيلي طور سنڌ جي سورمين جي زباني پنھنجا خيال ۽ ويچار بيان ڪيا. تصوف ڪانسواءِ بيت ۾ مجازي مام، مجازي حسن، سونھن ۽ سينگار، وڇوڙي جي ورلاپن ۽ وصال جي واين جو اظھار بہ ڪيو ويو. نہ فقط ايترو پر اشاراتي انداز ۾ توڙي ظاھر ظھور وقت جي حالتن جو ذڪر بہ ڪيو ويو.

موجوده دؤر ۾ بہ صوفي شاعر توڙي جديد شاعر بيت جي ذريعي پنھنجا جذبات، احساسات، اُمنگ، ارمان، اميدون، مايوسيون ۽ محروميون بيان ڪري رهيا آهن. حضرت مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ بہ بيتن جو وڏو ذخيرو ملي ٿو. سندس ڪتاب 'چپر ۾ چڙيون' جي پهرئين حصي ۾ عنوانن هيٺ بيت آيل آهن، جيڪي ڪتاب جو تقريباً ہ ڀاڱي ٽيون حصو والارين ٿا. ڪتاب 'آب حيات' جو بہ وڏو حصو عنوان وارن بيتن تي مشتمل آهي. انهن ڪانسواءِ ڪتاب 'سدا وسين سنڌڙي' ۾ سڀ بيت آهن، جيڪي مختلف عنوانن هيٺ آيل آهن. هي ڪتاب 'طالب المولي اڪيڊمي هالا' طرفان ڊسمبر 1990ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي جا بيت 1954ع کان 1974ع تائين مختلف وقتن ۽ مختلف هنڌن تي لکيا ويا.

مخدوم صاحب جي بيتن ۾ تصوف جي اپٽار بہ آهي، تہ حسن و عشق جو ذڪر بہ آهي. وڇوڙي جا ورلاپ بہ آهن، تہ وصال لاءِ التجائون بہ آهن. زماني جي حالتن جو ذڪر بہ آهي، تہ سياسي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي بہ ڪيل آهي. پنھنجي وطن سنڌ جي ساراھہ بہ آهي، تہ پنھنجي عاشقانہ جذبن جو اظھار بہ آهي. نہ فقط ايترو پر نون ۽ انوکن موضوعن تي بہ بيت چيل آهن جن تي اڳ ڪنھن بہ شاعر خيال آرائي نہ ڪئي آهي. انهن مان ڪجھہ هي آهن: 'قدمن تان قربان' عنوان هيٺ پيرن جو ذڪر، 'گونگيون گوءِ ڪٽي ويون' ۾ اکين جو احوال، 'جتيءَ جوڙ بہ جي ٽيان' ۾، جُتيءَ جي اهميت جو اظھار 'ڪتو ڪتو نہ چئو' ۾ ڪُتي جي خوبين جو بيان ۽ اُن جي خاصيتن جي پيٽ وغيره.

بيتن جي سلسلي 'مرسل مٺيادار' جي هڪ بيت ۾ ٻنھي جهانن جي سردار جي ثنا ۽ صفت هن طرح بيان ڪري ٿو:

صورت سيرت سھٽي، محبوب سو مليح،
لطيف کان لطيف سو صبحين کان صبيح،
مُثل دل جي لاءِ ٿي، محبت سندس مسيح،
اُمي عربي چام کي، فائق ڪي فصيح،
سرور سو صبيح، طالب مولا ملڪ ۾.
(چپر ۾ چڙيون)

ڪتاب 'چپر ۾ چڙيون' جي بيتن جي سلسلن 'تقوي ري طاعت' ۽ 'جي پائين جاني ملان' ۾ سلوڪ ۽ معرفت جون ڳالهيون ڪيون ويون آهن ۽ تقوي (پرهيزگاري) تي گھڻو زور ڏنو ويو آهي. هڪ بيت ۾ سلوڪ جي طالب کي هدايت ڪندي چوي ٿو:

عبادت الله جي ٿئي، تقوي ساڻ تمام،
الفت رک عظيم سان، آهي قرب ۾ ڪِمام،
'قالوا بلي' قول جو عاشق پار انجام،
تہ اظھر الشمس ٿئي، ناسوت اندر نام،
طالب المولي طعام، ڪاءِ تقوي جو طلب ۾.
(تقوي ري طاقت)

عشق جو ذڪر ڪيترن ئي شاعرن ڪيو آهي ۽ پنهنجي انداز سان ان جي وصف بيان ڪئي آهي. شاهه لطيف چيو آهي: 'عشق نہ آهي راند' يعني 'عشق' جي عنوان تي ڪيتري وقت کان شاعر لکندا اچن ٿا. مخدوم صاحب بہ 'عشق' جي تعريف ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. البت اسلوب بيان ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هو چوي ٿو: 'عشق نہ بيت المال'.

عشق نہ بيت المال، جو ملي محتاجن کي،
عشق آهي اُن سندو جنهن ڪيو قرب ڪمال
طالب المولىٰ ۾، جو رکي خاص خيال،
جانب جو جمال، اهو ماڻيندو عشق سان.

بيت جي روايتي مضمون سان گڏ مخدوم صاحب پنهنجي بيتن ۾ نوان مضمون بہ آندا آهن ۽ پراڻن مضمونن جي بيان ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي آهي. بيتن جي سلسلي 'گونگيون گوءِ ڪتي وڃون' ۾ اکين جون خوبيون ۽ خصوصيتون نئين انداز ۾ بيان ڪيون اٿس. وڇوڙي واري وقت ۾ وصال لاءِ واجهائيندي، اکين جي جيڪا ڪيفيت ٿئي ٿي، ان کي مخدوم صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي:

پڇن، پڇرن پاڻ ۾، ويچاريون وسن،
ڪڇن پڇن ڪينڪي، نہ ڪي ڪجهه ٻڌن،
سدائين صبر جي، عادت آهہ اکين،
طالب المولىٰ طلب ۾، گوءِ ڪتي گونگين،
تڏهن لڙڪ اگهين، حبيبن هٿن سان.

مخدوم صاحب ڀهريون شاعر آهي، جنهن بيت ۾ 'پيرن' جو مضمون آندو آهي ۽ پيرن جي ساراهہ ڪئي آهي. اڳ ۾ ڪنهن بہ شاعر پيرن جي اهميت ۽ ڪيفيت بيان نہ ڪئي آهي. مخدوم صاحب 'قدمن تان قربان ٿيان' سلسلي جي بيتن ۾ پيرن جا ٿورا مڃيندي، ڪڏهن پيرن کي چمڻ جي طلب رکي ٿو تہ ڪڏهن قدمن تان قربان ٿيڻ جي سڌ رکي ٿو. ڪٿي تہ هو پيرن کي اکين کان بہ وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اکين تي پيرن جو احسانُ آهي، جو اهي پرينءَ وٽ پهچائين ٿا. هڪ بيت ۾ اکين ۽ پيرن جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو:

اکيون بہ آهن اکيون، پر پيرن سان نہ پُڄن،
هو روئن رت ڦڙا، هو ڦتجو ٿا ڦتجن،
هو بيوس آهن برهہ ۾، هي هيجئون اٿيو هلن،
هو نهارين نجيب کي، هي تر نہ ٿا ترسن،
هو اُباڻڪيون عجيب لئہ، هي رندن منجهہ رلن،
احسان ڪيا اکين تي، پرت منجهان پيرن،
طالب المولىٰ طلب ۾، چُميو وري چمجن،
جهلئي نہ ٿا جهلجن، هلندي پنهنجي حبيب ڏي

بيتن جي سلسلي 'جيڪر آءٌ هجان' ۾ مخدوم صاحب بلڪل نئون انداز اختيار ڪيو آهي. هنن بيتن ۾ هو پنهنجي سُڌ بيان ڪري ٿو تہ جيڪر آءٌ 'ڪارا ڪيس قريب جا هجان'، 'پرينءَ جي پيشاني هجان'، 'جي جانيءَ جي جبين هجان'، 'جي عجيب جو ابرو هجان'، 'جي محبوب جي اک جو ڇپرُ هجان'، 'جي اکيون جان عجيب جون'، 'جي گل هجان'، 'جي تير هجان'، 'جي قريب جو ڪَنُ هجان'، 'جي نجيب جو نڪ هجان'، 'جي لالڻ جو لب هجان'، 'جي دهن

سجڻ سراپا سوهڻو عجيب رڳو انوار
هڪڙو پاسو چنڊ جو اونده انڌوڪار
ڪٿي هن جي ڳالهه ٿي، ڪٿي پيرين پرين پار
طالب المولي ڇيهه ٿيو ڪٿي هجن چنڊ هزار
جي پر هاٿا پيزان تہ بہ هيڻاهون هنن ڪان.

اهڙيءَ طرح ٻين عنوانن هيٺ آيل بيتن ۾ بہ روايتي مضامين نئين انداز ۾ ملن ٿا. 'ساقي' جو ذڪر غزل جي شاعري ۾ تہ عام ملي ٿو پر مخدوم صاحب بيتن ۾ بہ ساقي ۽ شراب جو احوال آندو آهي. هن قسم جي بيتن ۾ ساقي ۽ شراب سان واسطو رکندڙ ساڳيا لفظ آندا ويا آهن، جيڪي عروضي شاعريءَ ۾ عام مستعمل آهن. جهڙوڪ: گل، گلفام، جام، آب حيات، پيمانو وغيره. هڪ بيت ڏجي ٿو:

ساقي ڏي شراب سو گل بُو ۾ گلفام،
اندر احساسن جي، لاهي تاس تمام،
انهيءَ آب حيات مان، جوڙي ڏي ڪو جام،
چاڙهي نشا نينهن جا، صبح توڙي شام،
طالب المولي طلب ۾، پڙو عشق سندو احرام،
تنهنجو وٺي نام، پيئندس پيمانن ڪي.

مجموعي 'آب حيات' جي بيتن تي جدا جدا عنوان ڪونهن. هن ۾ ڪل 96 بيت آهن، جن جو هڪ ئي عنوان 'آب حيات' چئي سگهجي ٿو. هي مجموعو مخدوم صاحب پنهنجي خادم ۽ تيماردار محمد حاجن ابڙيجي ڏانهن منسوب ڪيو آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي ماٺيپي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هڪ بيت ۾ ڪيس مخاطب ٿي چوي ٿو:

پنهنجي هٿن سان پيار تون، دلبر دوائون،
آخر پنهنجي امر سان، ڏيندو شافع شفائون،
مون کي موهيو ٿيون ڇڏين، تنهنجون ادائون،
آب حيات آئون، منهنجا ساقي، ڏي پيان!

## ڪافي:

ڪافي، سنڌي شاعريءَ جي عام مقبول صنف آهي، جنهن مان سنڌ جو عام توڙي خاص ماڻهو حظ حاصل ڪندو رهيو آهي. تصوف، حسن و عشق، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ اندر جا اڌما ڪافيءَ جا مضمون رهيا آهن. قديم توڙي موجوده دؤر جي بيشمار شاعرن ڪافيون چيون آهن. جن مان ڪيترا باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ: سچل سرمست، قادر بخش بيدل، مصري شاهه، خوش خير محمد، دريا خان، نانڪ يوسف وغيره. انهن جون ڪافيون جڏهن ڳايون وينديون آهن، تڏهن ٻڌندڙ کي بيخود بنائي ڇڏينديون آهن.

موجوده دؤر ۾ حضرت مخدوم طالب المولي سائين ڪافيءَ جو بلند پايہ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڪافين ۾ رس، رچاءُ ۽ موسيقيت بدرجہ اُتم موجود آهي. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن سندس ڪافيون ڳايون وينديون آهن، تہ روح کي راحت رسندي آهي ۽ قلب کي قرار حاصل ٿيندو آهي. سندس ڪافين ۾ عرفان ۽ ايقان جا نُڪتا بہ ملن ٿا، تہ مجازي عشق جا جذب بہ مؤثر انداز ۾ ملن ٿا. سندس ڪافيون ٽن ڪتابن ۾ ملن ٿيون: 'ڇپر ۾ ڇڙيون'، 'بي پير اکيون' ۽ 'آب حيات.'

'ڇپر ۾ ڇڙيون' ۾ ٻه حصا آهن: پهرئين حصي ۾ بيت آهن ۽ ٻئي حصي ۾ ڪافيون. هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1971ع ۾ 'بزم طالب المولیٰ' جي طرفان ڇپيو ۽ ٻيو ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان 1990ع ۾ ڇپيو. هن ۾ جيڪي ڪافيون آيل آهن، اهي مخدوم صاحب 1955ع کان 1968ع تائين مختلف جاين تي لکيون. مجموعي 'ٻي پير اکيون' ۾ صرف ڪافيون آهن، جيڪي مختلف هنڌن تي 1968 کان 1987ع تائين لکيون ويون. ڪتاب مخدوم صاحب جي پنهنجن هٿ اکرن ۾ 'بزم طالب المولیٰ' جي طرفان 1978 ۾ شايع ڪيو ويو. ڪتاب 'آب حيات' جا ٻه حصا آهن: پهرئين حصي ۾ 12 ڪافيون آهن ۽ ٻئي حصي ۾ بيت آهن. هن مجموعي جون ڪافيون 1980ع کان 1991ع تاين مختلف وقتن ۽ جاين تي لکيون ويون. هي مجموعو طالب المولیٰ اڪيڊميءَ طرفان 1991ع ۾ شايع ڪيو ويو.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي ڪافيون ڳايون ويون آهن ۽ عوام انهن کي ڏاڍو پسند ڪيو آهي. فن توڙي فڪر جي لحاظ کان ڪافين ۾ نواڻ ۽ انوکائي آهي. جمال جي جلوي جو ذڪر ڏاڍي پيار ۽ منفرد انداز ۾ ملي ٿو. شاعر پنهنجا جذبات، احساسات ۽ تجربات دلپذير انداز ۾ بيان ڪيا آهن. نه فقط ايترو پر شاعر پنهنجي مجازي محبوب جي ناز ۽ انداز ۽ پنهنجي والهانه محبت جو ذڪر ڪليل لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪافيون سندس زندگيءَ جو حقيقي رنگ ۽ روپ پيش ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ جو شاعر پنهنجي عاشقانه هلت چلت جو ذڪر ڪرڻ وقت لِڪَ لڪاءُ نه ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي ته ڪافيون، جدت ۽ انفراديت، فني پختگي ۽ موسيقيت جي لحاظ کان سنڌي ادب جو شاهڪار بڻجي پيون آهن. مطلب ته موجوده دؤر جو ڪوبه ڪافي گو شاعر ساڻس برميچي نه ٿو سگهي. ڪن ڪافين ۾ عرفان ۽ ايقان جون ڳالهيون به نمايان نظر اچن ٿيون. يعني ڪافين ۾ مجازي عشق سان گڏ حقيقي عشق جو رنگ به ملي ٿو.

هن ڪافيءَ ۾ تصوف جا اسرار و رموز بيان ڪيا ويا آهن. خاص طرح سان چوٿون بند فڪري لحاظ کان وڏي معني رکي ٿو:

ٿلهه:

ورهه وهائج ويهي ويهي، رلندي رلندي ڪنهن نه ڪمايو
بند نظر ڪر ظاهر واري، پو تون پسندين صورت پياري،
نام ونج ٿي نيهي نيهي، ٿيندءِ پوءِ هي سانگ سجايو
محبت وارو مارگ مشڪل، ڪو ڪو هلندو ان تي ڪامل،
رمز سان جنهن دل ريهي ريهي، سوئي ويندو وک وڌايو
هلندي ڪانه هتي مخدومي، جيڪو ماٺيندو مغمومي،
ڳالهه ڪبي هيءَ ڪيهي ڪيهي، سو سمجهي جو پڙ ۾ آيو
طالب المولیٰ سوئي آهي، جنهن کي ضرورت ٻي ڪا ناهي،
پاڻ ۾ ويو جو پيهي پيهي، پرينءَ انهيءَ کي پاڻ پسايو!
(ڇپر ۾ ڇڙيون)

جمال جي جلوي جو ذڪر ڏسو ته ڪهڙي دلڪش انداز ۾ ڪري ٿو:

رخسار ۾ جيڪو رنگ پري، ناهي ثاني ان جو گلابي گل
جنهن جو ڪوبه جهان ۾ ڪونهي مل، ساري سَرَ ۾ تنهن جو آهي سڳنڌ.

ڪٿي ڪٿي صنف نازڪ جي سونهن ۽ سينگار ۽ گفتار جو ذڪر نمايان انداز ۾ ڪيو اٿس. هن بند ۾ 'سڳين' جي ڪولڻ واري انداز ۾ ڊيل وانگر هلڻ جي چال جي چٽي تصوير ملي ٿي:

سهڻيون سڳيون ٻئي ڪولي هلين ٿو ڏيل ڪان وڌ چال چلين ٿو
تنهنجو قسم آ ٿئي ناهيان ڪوڙو
منهنجا محب مٺا!
ڦٽيون ڪييو جڻ ڏين ڦوڪارا.

هن بند ۾ 'ايرينگن' جي لڏڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي:

منجهه ڪنن ايرينگ لڏن ٿا، ڳاڙهن ڳلن کي خوب چمن ٿا،
ناز منجهان ٻئي نوري نچن ٿا،
عشق مان ڏين اچل.
پيارا پري کان مارن موچارا.

هيءَ ڪافي جڏهن حسين بخش 'خادم' جي آواز ۾ ٻڌبي آهي، تہ ٻڌندڙ کي بيخود بنائي ڇڏيندي آهي. ان ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جو ذڪر موجود آهي، وڇوڙي جا ورلاپ آهن ۽ وصال لاءِ التجائون آهن. ڪافيءَ مان ٻہ بند ڏجن ٿا:

ٿلهہ: تو دلڙي يار ڏتاري، پوير ڪانہ ڪيئي پوئواري!
تنهنجا ڪيس پيارل ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا،
ڪن ونگ وجهڻ لئہ وارا، پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا،
ٿين وير بہ اُت ويچارا، ٿا شاهہ پرن شوڪارا،
منهنجي نرمل! آهہ نيزاري.
تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز رئان ڪري ريهون،
ڏنيون پرت پيارل پيهون، ويون ورهن گذري ويهون،
ٿي دلڙي چيهون چيهون، پيون لال لڳن ۾ ليهون،
تنهنجي فڪر سڪايون ٿيهون، اچ برهہ ۾ گڏجي بيهون،
ڪئي گوندر آ گلزاري.

عربي فارسي ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن جي حسين امتزاج، تجنيس حرفيءَ، اندروني قافين جي خوبصورت بيهڪ ۽ موسيقيت، هن ڪافيءَ ۾ وڏي رنگيني، رعنائي، دلڪشي ۽ تاثير پيدا ڪيو آهي.

مٿيان مثال ڪتاب 'ڇپر ۾ ڇڙيون' ۾ آيل ڪافين مان ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ ٻاويهہ عنوانن هيٺ ڪافيون ڏنيون ويون آهن. پهرين عنوان: 'مالڪ جي مختاريءَ' هيٺ آيل ڪافين ۾ الله تعاليٰ جو حمد بيان ڪيل آهي: ٻئي عنوان: 'منهنجو محمد مير' وارين ڪافين ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ثنا ۽ صفت بيان ڪيل آهي. ٽئين، چوٿين ۽ پنجين هيٺ آيل ڪافين ۾ مسلڪ جي راهہ جو ذڪر آهي. انهن عنوانن جا نالا آهن: 'تقوي سان ڪر طاعت طلب'، 'هت آهيان انسان' ۽ 'لالن لاءِ لوڙيون'.

ڇهون عنوان: 'سوا عشق جي ٻيو ڪو مذهب نہ ملت' ۾ عشق ۽ عاشقانہ جذبن جو اظهار آهي. عنوان ستين کان پندرهين تائين محبوب جي حسن ۽ جمال، سونهن ۽ سينگار جو اظهار آهي، وڇوڙي جا ورلاپ آهن ۽ وصل لاءِ آزيون نيزاريون آهن. سورهين عنوان: 'ڇريون چست ڇهريون' ۽ سترهين عنوان 'گونگيون گوءِ ڪٿي ويون' ۾ محبوب ۽

محب جي اکين جي ڪرشمي سازين جو ذڪر آهي. هيٺين بندن ۾ محبوب جي اکين جو ذڪر ڪهڙيءَ نہ نرالي، پر دل پذير انداز ۾ ڪيو اٿس:

هميشہ ڏسون ٿا گلابي گلابي، ڪڪوريل ڪڪوريل شرابي شرابي
الاجي ڪٿان ٿيون پين پُر پيالون!
ڏسڻ ۾ سدائين اياڻيون اياڻيون، نماڻيون نماڻيون، سياڻيون سياڻيون
سدائين ٿيون ڏسجن، نيون ۽ نراليون.

اندروني قافين ۽ لفظن جي ورجاءَ، حسن، تاثر رواني ۽ موسيقيت پيدا ڪئي آهي: جنهن ڪري هي بند سنڌي شاعريءَ جو منفرد شاهڪار بنجي پيا آهن.

ڪافين جي ٻئي ڪتاب 'بي پير اکيون' ۾ بہ اکين جي تاثير جو ذڪر ملي ٿو. هن مجموعي جي ڪيترين ڪافين ۾ اکين جون ڳالهيون آهن. ڪجهہ بند هيٺ ڏجن ٿا. هن بند ۾ شاعر اکين جي حسن کي، جسم جي ٻين انگن جي حسن ۽ جمال تي ترجيح ڏني ٿو:

تنهنجو سڄڻ ڏاڍو انگ انگ،
تنهنجو واهہ جو ڍولڻ ڍنگ ڍنگ،
تنهنجو ڀهڳڻ ڀنگ ڀنگ،
پر مڙني کان ممتاز اکيون!

هيٺين بند ۾ اکين جي نهار کي، تڪبير وجهڻ سان تشبيهہ ڏني اٿس:

جيڪي اوچا ڪنڌ جهلي ٿا هلن،
جيڪي ڪنهن جي اڳيان ڪونہ جهڪن،
جيڪي تاج لاهي ٿا سر تي رکن،
تن کي بہ وجهن تڪبير اکيون.

هن بند ۾ ڏسو تہ ڪهڙين نہ نرالين ۽ خوبصورت تشبيهن ذريعي اکين جي حسن ۽ تاثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

جت شرمائن لکين لالون،
جت گهبرائن مئي گلگون،
جت يعقوتي رنگ زار زبون،
سي غيرت گل اندام اکيون.

ڪن ڪافين ۾ شاعر پنهنجي وطن سنڌ سان محبت جو اظهار بہ ڪيو آهي. هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

ٿلهہ:

سنڌ سونهاري ٻلي ٻلي او سائيو!
سائيو جنهن جو مٽ نهي مُلڪين
جنهن ۾ آهہ ڀٽائي ڀلارو
هاڪ انهيءَ جي هلي هلي!

اک اجائي جيڪو ڪٽندو
ڇڏبو انهيءَ ڪي پلي پلي.

ڪن ڪافين ۾ سنڌ جي مشهور رومانوي داستانن جي تمثيل به ملي ٿي. هڪ ڪافيءَ ۾ مارئيءَ ۽ عمر جي علامتي انداز ۾ وقت ۽ حال جي ڳالهين جو اهڃاڻ به ملي ٿو مثلاً:

اهوجهن اياڻن تي هيڏيون هلائون،
اسيرن جون آهون ٿئي بلڪل بلائون،
نه ويران ڪر تون ولهارن جون وستيون.

ڪن ڪافين ۾ پيغام پهچائيندڙ 'ڪانگل' ۽ 'ڪبوتر' جو ذڪر به ملي ٿو:

توڙي ڪنڙو ڪارو ڪوجهو
ته به سو آهي، ڪو نه اهوجهو
واٽان ڪين ڪي وري وري،
جي هو ڪري ٿو ويتر وچڻ جي.
ٻولي ڪبوتر هڪڙي ٻولي،
ڪونه 'ڪنياتان' ڇئي ڪنپ ڪولي
غون غون ڪري ذري ذري،
گونگن وانگي چپ ۾ چوڻ جي.

فني سٽاءَ جي لحاظ کان به مخدوم صاحب جي ڪافين ۾ ڪيترائي گهاڙيٽا ملن ٿا. هيٺين ڪافيءَ ۾ ٿلهه هڪ نئين ۽ منفرد گهاڙيٽي ۾ ملي ٿو جيڪو پنجن ٽُڪن تي مشتمل آهي:

ٿلهه: آبِ حيات پيار او ساقي!
نَنڊڙن پنهنجي لال لبن مان،
سنهڙن پنهنجن لال لبن مان،
مٺڙن پنهنجن لال لبن مان،
سهڻن پنهنجن لال لبن مان،
آبِ حيات پيار او ساقي!

ڇئني تڪن ۾ فقط پهريون لفظ بدلايو ويو آهي، باقي ٻيا لفظ ساڳيا آهن (ڪتاب 'آبِ حيات') بدلايل چارئي لفظ لال لبن جي سهڻين وصفن سان تعلق رکن ٿا. اهي لفظ ڇاڻين ٿا ته محبوب جا لال لب نَنڍڙا به آهن ته سنهڙا به آهن، مٺڙا به آهن ته سهڻا به آهن. انهن لفظن جي مناسبتا ۽ لفظي ورجاءَ شعر ۾ وڏي خوبصورتي ۽ رنگيني پيدا ڪئي آهي. 'آبِ حيات' جي ڪافين ۾ گهڻي قدر ساقي ۽ آب حيات جو ذڪر ملي ٿو. مثلاً:

'پيتم آب حيات ساقي، تنهنجي لال لبن مان'
'پياري آب حيات، پنهنجي لبن مان پنهنجي ساقيءَ ڪي'
'آڻي آب حيات پيار سهڻا سهڻا مٺڙا ساقي'

کيئن نہ گڏ سڏ تا رهن هي پاڻ ۾ ٿي چار مست
چشم مست و ناز مست و يار ۽ گفتار مست
سرخ ساڙهيءَ ۾ ڏنم سهڻي جا ڪارا وار مست
چڻ ڏنگڻ جي واسطي تيار آهن مار مست
رخسار و خال و زلف عنبر جي ياد ۾
دل جي اگڻ کي رشڪ گلستان ڪري ڇڏيم
ڇا رنگ ۽ ڇا ڍنگ ۽ ڇا جلوه گري آهہ
خمداري نہ زلف جيان مشڪِ ختن ۾ آهہ
ان جون اکيون ٿيون ياد پون، ٿو جڏهن ڏسان
صحرا ۾ بيهي ڊوڙي نهارڻ غزال جو.

تصوف جي تعليم موجب خدا شناسيءَ لاءِ خودشناسي يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي. مخدوم صاحب پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

جڏهن ٿو زيور مان سون کي ڏسجي
تڏهن مون 'هو پاڻ' سو بسو سمجهو
پاڻ پنهنجو سدائين 'تو' سمجهو
ذهن ۾ توکي روبرو سمجهو.

تصوف ۾ ذڪر سان گڏ فڪر کي وڏي اهميت آهي. مخدوم صاحب چوي ٿو:

فڪر ڪان ٿي وٺان ٿو ڪم هردم
مون وهڻ پنهنجو جستجو سمجهو.

'تون' ۽ 'مون' جي حقيقت بيان ڪندي چوي ٿو:

فقط هي فرق آهي تون ۽ مون ۾، تون آهين باطن مان ظاهر آهيان
مگر اي پرده نشين آهيون جهان ۾ يڪتا ۽ يگانا

محبوب حقيقيءَ سان پنهنجي وابستگيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

توسان وابستہ منهنجو هر دم آهہ
ذڪر ۽ فڪر تنهنجو هر دم آهہ.

اهڙيءَ طرح هو عشق مجازيءَ سان گڏ عشق حقيقيءَ جون وارداتون ۽ ڪيفيتون بيان ڪري ٿو. غزل جي روايتي انداز ۾ محبوب جي جفائن جو ذڪر بہ ڪيو اٿس، پر اسلوب بيان ۾ جدت آهي:

ڪري بسمل ڇڏيئہ عاشق، نهاريئي ڪينڪي ٻيهر
تہ هن تنهنجي شهيدِ ناز جي سڪرات ڪيئن گذري.

—

جفائن تي جفائن بعد حاصل تو ٿئي مقصد
سڄڻ جي آهہ هي رسم و وفا اهڙي، جو ڇا چئجي.

مثنوي:

مخدوم صاحب عروضي صنف 'مثنوي' ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ٽي مثنويون ملن ٿيون: 'سنڌ جو ساوڻ'، 'آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ' ۽ 'مثنوي عقل و عشق'. "مثنوي عقل و عشق" سندس شروعاتي دؤر جي شاعريءَ سان تعلق رکي ٿي، جيڪا 22 نومبر 1954ع تي لکڻ شروع ڪئي وئي ۽ 29 نومبر 1954ع تي لکي پوري ڪئي وئي. هيءَ مثنوي پهريون ڀيرو جنوري 1955ع ۾ 'اداره روح ادب سنڌ' طرفان ڇپائي شايع ڪئي وئي ۽ ٻيو ڀيرو مرڪزي بزم طالب المولي هالا طرفان ڇپائي وئي. هن مثنويءَ ۾ عشق ۽ عقل جي ڀيٽ ڏني وئي آهي. شاعر مولانا روم ۽ علامہ اقبال کان متاثر نظر اچي ٿو ايتري قدر جو انهن جي مثنويءَ مان مثال بہ پيش ڪيا اٿس. چوي ٿو:

مثنوي رومي ڪٿي ويهي رهيس،
داستانِ عشق تي آخر رسيس
پو وري اقبال تي آيس ادا
ڳالهہ آخر ٿي وئي بلڪل صفا.

زندگي تحرڪ جو نالو آهي انهيءَ نقطہ نگاهہ کان مخدوم صاحب پنهنجي مثنويءَ جي شروعات ئي هن طرح ڪري ٿو:

بي محترڪ زندگي بيڪار آ
بي عمل انسان چڻ بيمار آ.

عقل جي وصف بيان ڪنديءَ چوي ٿو تہ عقل ٻن قسمن جو آهي.

عقل ٻن قسمن ۾ آ پيدا ٿيل
عقلِ جزوي ۽ ٻيو آ عقل ڪل.

وڌيڪ چوي ٿو تہ 'عقل ڪل' ۽ 'عشق' هڪ ڳالهہ يعني جتان عقل جي انتها ٿئي ٿي، اتان عشق جي منزل شروع ٿئي ٿي:

عقل ڪل ۽ عشق هڪڙي ڳالهہ ٿي
عقل جزوي کي اٿي هاٿي وٺو.
عقل جي پارو ٿئي جت انتها
عشق جي ٿيندي اتان آ ابتدا.

'عقل جزوي' کي هو ناقص سمجهي ٿو ۽ 'عقل ڪل' کي انسان جي، لاءِ حقيقي رهنما سمجهي ٿو:

عقل جزوي آهہ ناقص لئہ ادا،
عقل ڪل انسان جي لئہ رهنما.

عقل ۽ عشق جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو:

عقل وارن وٽ رهي ٿي خودسري،
عشق آهي بي نياز و برتري.
عقل جو شيطان آهي همنشين،
عشق جو دربان آ روح الامين.
عقل تي آ عشق جو ٿئي اختيار
عشق جو الله تي آهي مدار

عشق رهبر عقل آهي راهزن،
عشق آ حق اليقين ۽ عقل ظن.

**رباعيات طالب:**

هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جون رباعيون آهن. پهريائين هي مجموعو 1946ع ۾ سليم هالائي مرحوم ڇپائي پڌرو ڪيو هو ان جو ٻيو ڇاپو 1990ع ۾ طالب المولي اڪيڊمي هالا طرفان ڇپيو آهي. هنن رباعين مان ڪنهن به رباعيءَ جي آخر ۾ سن ڄاڻايل ڪانهي. جيئن ته پهريون ڀيرو هي ڪتاب 1946ع ۾ ڇپيو ان ڪري معلوم ٿئي ٿو ته هي رباعيون 1946ع يا ان کان اڳ ۾ لکيون ويون هونديون. ان مان ظاهر آهي ته مخدوم صاحب رباعيون ننڍي عمر ۾ لکيون. ان مان مخدوم صاحب جي فني مهارت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته عروضي صنفن ۾ رباعي تمام مشڪل صنف آهي ۽ ان تي طبع آزمائي ڪهنه مشق شاعر ئي ڪندا آهن. رباعيءَ جو مخصوص وزن ٿيندو آهي. ان ۾ زندگيءَ جا حقائق، فلسفيانه انداز ۾ علامتي طريقي سان بيان ڪيا ويندا آهن. مخدوم صاحب به هي رباعيون فني قواعد و ضوابط مطابق لکيون آهن ۽ انهن ۾ رباعيءَ جي فڪري روايتن جو لحاظ رکيو اٿس. ان هوندي به رباعين ۾ جدت ۽ انفراديت به آندي وئي آهي. هڪ رباعيءَ ۾ انسان جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي اٿس:

دنيا آ مثل باغ ۽ انسان آ گل
آ جنهن جو هميشه ته هجڻ مشڪل
هڪ روز ٿيندو شاخ حياتيءَ کان جدا
هت هن جي فقط رهندي سدا بوئي گل.

مخدوم صاحب جي نظر ۾ محبت جو راز قيمتي خزانو آهي، جنهن کي ظاهر ڪري وڃائي نه ڇڏجي:

تون راز محبت کي عيان ڪج نه ڪڏهن
هي مال وڃائي ڪو زيان ڪج نه ڪڏهن
جي سور ۽ سختيون ٿا عجيبن کان اچن
تن جو به ڪنهين ساڻ بيان ڪج نه ڪڏهن.

جام، ساقي ۽ ميخانو رباعيءَ جو مک مضمون رهيو آهي. مخدوم صاحب به اهو مضمون ڪم آندو آهي، پر ميخاني مان سندس مراد 'ميخانهٔ وحدت'، ۽ ساقيءَ مان مقصد 'ساقي ڪوثر' آهي، چوي ٿو:

ميخانهٔ وحدت ۾ مان مخمور آهيان
هر وقت تي دل شاد ۽ مسرور آهيان
اُميد اٿم ساقيءِ ڪوثر ۾ وڏي
دل سان ٿو چوان اُن وٽ منظور آهيان.

اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب پنهنجي رباعين ۾ دنيا جون حقيقتون ۽ دلي وارداتون بيان ڪيون آهن. ڪن رباعين ۾ حسن و عشق جو ذڪر ڪيو اٿس، چوي ٿو:

ميلي ۾ ملي محب ويو دل کي ڦري
هو ماهه لقا مون کي ويو مست ڪري
اميد اچا وصل جي آهي طالب
من منهنجو ان جي فڪر ۾ هر دم ٿو ٻري.

چُهنڊڙيون:

هي قطعات جو مجموعو آهي، جنهن ۾ سن وار قطعا آهن. جيڪي 48-1949ع کان 69-1970ع تائين آهن. ڪتاب 1992ع ۾ طالب المولىٰ اڪيڊميءَ طرفان ڇپيو آهي. شروع ۾ مخدوم صاحب جي طرفان 'ٻه اکر' آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو ته قطعن ۾ زندگيءَ جا آزمودا، اشاراتي انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. عنوان جي وضاحت ڪندي مخدوم صاحب 'ٻه اکر' ۾ ڄاڻايو آهي:

"مون هن ڪتاب جو نالو 'چهنڊڙيون' ان ڪري رکيو آهي، جو ڪتاب ۾ جيڪي به قطعا آهن، ڪنهن شخصيت بابت ڪجهه نه ڪجهه چهنڊڙيءَ جي قسم جو مگر سچو اشارو ڏنو ويو آهي."

موجوده دؤر ۾ غريب ۽ نڌڻڪو ماڻهو جنهن حالت ۾ مبتلا آهي، ان جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس:

خدا حافظ نڌڻڪن جو ٿئي آهي
زماني ۾ سفارش ئي هلي ٿي
سفريباٽا ڏِکن ۾ ٻار آهن
جو هر دفتر ۾ رشوت ئي هلي ٿي.

مخدوم صاحب هي قطعو 1955ع ۾ لکيو.

1969ع ۾ ون يونٽ جي زماني ۾ جڏهن ايوب خان صدر هو ۽ جنرل موسيٰ مغربي پاڪستان جو گورنر ان زماني ۾ مخدوم صاحب مسڪينن ۽ غريبن جو ذڪر ڪندي لکيو:

جو مسڪينن غريبن سان کَهي ٿو
گهٽي مدت نه سو حاڪم رهي ٿو
ڀلي وزراء و امرا سو هجن پر
فقط فرعون سان موسيٰ نهي ٿو.

انهيءَ ئي دؤر ۾، 1968ع ۾ ايوبي صدارت جي حقيقت واضح ڪندي مخدوم صاحب صدارت ۽ امامت، ملوڪيت ۽ خلافت جي فرق کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

صدارت کي امامت ڪونه چئبو
حڪومت کي خلافت ڪونه چئبو
اها ڪا ڳالهه ٻي آ يارو!
سياست کي صداقت ڪونه چئبو.
ملوڪيت، خلافت ڪانه چئبي،
ڪثافت جيئن لطافت ڪانه چئبي،
رڳي وڏ ماڻهپي ڪا شيءِ نه آهي،
اها بدعت امامت ڪانه چئبي.

1958ع ۾ پاڪستان جي جيڪا سياسي حالت هئي، ان جي تصوير هن طرح چٽي اٿس:

سياست ناهه ڏاڙهي پٽ آهي،
فقط غدار جي هٿ ڪٺ آهي،
نه ات ڪو جرڙ، ضرب ۽ ونڊ جو
رڳو هر ڳالهه ۾ ئي ڪٽ آهي.

غلام محمد قاضيءَ

# مثنوي عقل و عشق: امتيازي ۽ جديد پيشڪش

جيتري قدر منهنجي ياد جو تعلق آهي تہ 1954ع جي اول ۾ قبلہ طالب المولي سائين جن جي ارشد گراميءَ تي سندن زير صدارت سرور اسلاميہ ڪاليج هالا ۾ هڪ مباحثو 'عقل ۽ عشق' تي منعقد ڪيو ويو هو. ٻن صاحبن ان ۾ حصو ورتو تن مان سڀني جا نالا مون کي ازبر نہ آهن، مگر ڪجهہ هي آهن:

عشق جي طرف: مرحوم مولوي غلام محمد گرامي صاحب، مرحوم محترم محبوب علي چنا، عقل طرف: مرحوم محمد رحيم بلوچ هالا نوان ۽ راقم الحروف

عشق حقيقيءَ، عقل جزويءَ تي برتري حاصل ڪئي، نہ عقل حقيقيءَ تي، ڇو تہ عقل حقيقيءَ جي منتها عشق آهي ۽ عشق بي عقل جنون آهي.

قبلہ طالب المولي سائين جن جي ذات گرامي ميدان علم ادب، سياست ۽ روحانيت ۾ ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. سندس ادبي خدمات تي لکڻ مون جهڙي بي بضاعت لاءِ نہ فقط مشڪل آهي، بلڪ ناممڪن.

موجوده مثنوي"عقل و عشق" ۽ سندن ٻي تصنيفات مان اها حقيقت روز روشن آهي تہ پڻ سنڌي ادب جي جيڪا بي لوث خدمت ڪئي اٿن، اها سندن سنڌي ادب ۽ علم سان والهانہ محبت جو ثبوت آهي.

باوجود سندن ڪثير المشاغلي ۽ عديم الفرصت هجڻ جي ڪافي وقت ۽ سرمايو سنڌي ادب جي بهبوديءَ لاءِ صرف ڪيو اٿن. في الحقيقت موجوده مثنوي، سنڌي ادب ۾ امتيازي ۽ جديد پيشڪش آهي. هن کان اڳ ڪنهن بہ سنڌي شاعر هن موضوع تي طبع آزمائي نہ ڪئي آهي. قارئين لاءِ هي دلچسپ ادبي اضافو آهي.......

اها ادبي خدمت سندن ورثو آهي، سندن جدامجد حضرت مخدوم نوحؒ جن، سنڌ جي پهرين باڪمال شخصيت هئي، جن هندو پاڪ ۾ پهريون قرآن شريف جو فارسي ترجمو ڪيو.

◘

هيءَ 'گذارش' هالن پراڻن جي غلام محمد قاضيءَ پاران "مثنوي عقل و عشق' جي ٻئي ڇاپي (١٩٨٣ع) تي لکي هئي، جنهن جا ڪجهہ حصا ڏنا ويا آهن. (ت ج)



عبدالله ورياهه

# طالب المولىٰ جو سنڌي لوڪ ادب ۾ حصو

سنڌ جي سرزمين اهڙا املهه هيرا ۽ جواهر پيدا ڪيا آهن جن جو مثال ملڻ محال آهي. سنڌ جي ماڻهن هر صنف تي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. اهڙن مڃيادار ماڻهن ۾ حضرت مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" پنهنجي هڪ ڌار شخصيت ۽ حيثيت رکي ٿو.

سنڌي ادب جو هي روشن مينار نه صرف پنهنجي سر لاٽ ٻاريو اچي، پر ڪيترن عالمن، اديبن، محققن شاعرن ۽ ادارن لاءِ پڻ مددگار ثابت ٿيندو رهي ٿو.

پاڻ نه صرف علمي ادبي ميدان ۾ پر هڪ روحاني رهبر جي حيثيت ۾ ۽ سياسي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري پڻ سڃاتا وڃن ٿا.

ادبي دنيا ۾ جتي، پاڻ شاعري جي ميدان ۾ پاڻ مڃايو اتن اتي پاڻ تحقيقي مقالا لکي ۽ پنهنجي موقف کي نهايت ئي سهڻي ۽ مدلل انداز ۾ سمجهائي اهو ثابت ڪري چڪا آهن ته پاڻ نه صرف شاعر پر محقق ۽ عالم پڻ آهن.

سندن سرپرستي ۾ سنڌ جا ڪيترا اهم علمي ادبي ادارا پڻ ڪم ڪري رهيا آهن. سندن رهنمائي ۽ هدايتن تحت ڪم ڪندڙ اهي ادارا سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافي جو باعث ٿيا آهن. ان ڪري سنڌي ماڻهو اهو تسليم ڪن ٿا ته "طالب المولىٰ" هڪ شخص نه پر ادارو آهي.

سنڌ سگهڙ ڪانفرنس- 1991ع، ٽنڊو آدم ۾ سنڌ جي تاريخ جي پنهنجي قسم جي پهرين ڪوشش هئي ته جيئن لوڪ ادب جي واڌ ۽ ويجهه ۽ سگهڙن جي نظر انداز ڪيل فن کي اهميت ڏيئي کين پنهنجو صحيح مقام ڏيارجي. ان ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ ۾ به مخدوم "طالب المولىٰ" صاحب جي وڏي ڪوشش ۽ هٿ رهيو، جيڪا سڀني کي خبر آهي. هن لوڪ ادب ڪانفرنس دوران لوڪ ادب بابت مواد هٿ ڪندي جيڪا اهم ڳالهه سامهون آئي اها هئي، "طالب المولىٰ جو سنڌي لوڪ ادب ۾ حصو."

جيتوڻيڪ لوڪ ادب بابت ڇپيل مواد ۾ اها ڳالهه سامهون آئي ته سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم جيڪا محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي سربراهيءَ ۾ مڪمل ٿي. ان ۾ به مخدوم صاحب جن وقت بوقت ذاتي طرح دلچسپي وٺي پنهنجي ڀرپور مدد ڪندا رهيا هئا، تڏهن ئي وڃي هيءَ اهم اسڪيم مڪمل ٿي، پر ان ڪانسواءِ ٻيو اهم پهلو اهو هو ته سائين طالب المولىٰ صاحب جي سنڌي لوڪ ادب ۽ ديسي شاعريءَ لاءِ ان کان به وڌيڪ عملي ڪوششون رهيون آهن. بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو ته لوڪ ادب جي خاص صنفن بيت ۽ ڪافي ڏانهن عام ۽ خاص ماڻهن جو رخ گهڻي ويو ۽ اهي شيون صرف ٻهراڙيءَ جي ننڍڙين ڪچهرين تائين وڃي رهيون ته هالا انهن ڳالهين جو مرڪز ٿي، پڙهيل لکيل ماڻهن جو هن طرف ڌيان ڇڪايو. حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي درگاهه تي سندن حياتي کان وٺي اڄ تائين هر اسلامي مهيني جي پهرئين سومار تي ننڍڙو ميلو لڳندو آهي. ان ڏينهن ٻني ذڪر فڪر ڪانسواءِ سماع جي محفل پڻ ٿيندي آهي. جنهن ۾ بيت ۽ ڪافيون ڳايون وينديون آهن ۽ بيتن جي انداز ۾ ڇيل ڏهر پڻ ڏنا ويندا آهن. سائين طالب المولىٰ صاحب نه صرف ان محفل کي زور وٺايو، پر سومار جي رات ڪافي ۽ بيتن جا مشاعرا به شروع ڪرايا ته جيئن ماڻهن جو هنن نج، سنڌي صنفن ڏي ڌيان وڃي.

مخدوم صاحب جي وڏي چاچي مرحوم ميان عبدالحسين وٽ سدائين سومار جي ڏينهن لوڪ ادب جي ڪچهري ٿيندڙ هئي، جيڪو پاڻ به ڏور ۽ ڳجهارت جو وڏو ڄاڻو هو ۽ وٽن ڪيترا پري پري جا سُگهڙ ان ڪچهريءَ سانگي ڪهي ايندا هئا. سندن وفات بعد به اها ڪچهري درگاهه شريف تي ٻُمَن جي هينيان ٿيندي هئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين ٿيندي پئي اچي.

سائين طالب الموليٰ صاحب جي ڪوشش سان سنه 1952ع ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ هڪ ادبي ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن جو افتتاح ان وقت جي مشهور عالم ۽ اديب علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب ڪرڻ فرمايو. ان ڪانفرنس جي هڪ نشست "لوڪ ادب" لاءِ رکيل هئي. جنهن جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ڪئي. مقالا پڙهندڙن ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کانسواءِ محترم عبدالڪريم سنديلو مرحوم پڻ شامل هو.

ان ڪانفرنس جي موقعي تي ڪافيون ڳارايون ويون ۽ الغوزي ۽ مرليءَ تي لوڪ ڌنون پيش ڪيون ويون هيون. هن ڪانفرنس ۾ ئي لوڪ ادب کي سهيڙي، سانڍي شايع ڪرڻ جو پروگرام ٺهيو ۽ پوءِ اهو سائين طالب الموليٰ جي ذاتي دلچسپي سان سنڌي ادبي بورڊ ۾ منظور ڪري محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي ڪيو ويو هو. هيءَ اسڪيم چاليهن ڪتابن تي ڇَنيهن سالن جي محنت سان وري به مخدوم صاحب جي چيئرمين هوندي مڪمل ٿي. سندن ئي حڪم ۽ اجازت هيٺ سنڌي ادبي بورڊ طرفان لوڪ ادب جي چاليهن ڪتابن جي "فهرست" شايع ٿي چڪي آهي جڏهن ته "ڏسٽي" (انڊيڪس) جو ڪم جاري آهي. مٿي ذڪر ڪيل ڪانفرنس هلندي مخدوم صاحب موجود دوستن سان "مزاحيه ڪانفرنس" ڪرائڻ جو پڻ اظهار ڪيو ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان کي بيحد پسند ڪيو هو. اها مزاحيه ڪانفرنس 14 آڪٽوبر 1961ع تي حيدرآباد بسنت هال ۾ مخدوم صاحب جي ذاتي ڪوشش ۽ خرچ سان نهايت ئي سهڻي نموني تي گذري ۽ تمام گهڻي پسند ڪئي وئي. هن ڪانفرنس جي ڪاروائي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هلائي ۽ باقي انتظام بزم طالب الموليٰ شاخ هالا ڪيو هو.

سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ هڪ ٻي محفل سنه 1951ع ۾ ڪرائي وئي. جنهن جي صدارت مخدوم صاحب جي چاچي مرحوم مخدوم غلام حيدر سائين جن ڪئي هئي. هن محفل ۾ ان وقت جو حيدرآباد جو ڪليڪٽر آغا عبدالنبي به شريڪ ٿيو. سنڌ جي مشهور شاعرن هن محفل ۾ پنهنجو ڪلام پڙهيو ۽ ڪافيون پڻ ڳارايون ويون. ان کانسواءِ مرحوم شاهه محمد نابينا بينون پڻ وڄايون، هن محفل کانپوءِ ئي ادبي محفلن ۾ ڪافين ڳائڻ ۽ الغوزو، نڙ ۽ بينون وڄائڻ جو رواج پيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

1952ع ۾ هالا ۾ ٿيندڙ "ادبي ڪانفرنس" کان وٺي 1991ع ۾ ٽنڊو آدم ۾ ٿيندڙ "سنڌ سُگهڙ ڪانفرنس" تائين لوڪ ادب لاءِ ٿيندڙ ڪوشش ۾ جناب مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو ڀرپور حصو رهيو آهي.

اهو چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته سنڌي لوڪ ادب کي لکيت ۾ آڻڻ، ٻاهراڙين جي ڪچهرين کي شهرن ۾ آڻڻ ۽ لوڪ ادب ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي دلچسپي پيدا ڪرڻ جون ابتدائي ڪوششون مخدوم صاحب ئي ورتيون. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ لوڪ ادب ۽ لوڪ موسيقي نه صرف محفوظ ٿي آهي، پر عام ۽ خاص ماڻهن جي دلچسپيءَ جو باعث پڻ بڻيل آهي.

مخدوم صاحب جي لوڪ ادب جي ترقي ۽ حفاظت لاءِ ورتل ڪوشش کانسواءِ پاڻ عملي طرح سان به لوڪ ادب جي مختلف صنفن ۽ سگهڙائپ جي موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي اٿن. جنهن جو خاص طرح سان ڪڏهن به ذڪر نه ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪافي صنفون سندن مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. پر انهن کي لوڪ ادب جي مخصوص عنوان ڏيڻ کانسواءِ گڏي بيتن ۽ ڪافين جي عنوان

جيڪي لڪير جيءَ سان سو آگي جو احسان
طالب. مولا طلب ۾ دوئيءَ کان رک ڏيان
هڪڙو اٿئي حنان، شڪ نہ آڇج شرڪ جو.

## جُتي جوڙ بہ جي ٽيان

جُتي سندي جوڙ کي ڪلنگيون ڪين پُڄن
اُتِ ڪيئن ڪلاهون اچيو ٽيون جذباتون جُهڪن
جن کي اتان عار ٿئي سي سِرَ ئي ڪُسيو وڃن
جيڪي اتي جُهڪيا تہ تاج بہ ماٿيا تن
محبوب جڏهن وڃي پُڳا مٿائين مقامن
پانئيون تہ جُتي لاهيون اهو اچا خيال هُئن
تہ پين پڙلاءُ ڪن تي ءَ حڪم هي مليُن
جانب جُتي نہ لاهجو متان پير اُگهاڙا ٿين!
جتي ٿيان تہ بيو ڇا ڪپي ڪٿان ٻنهي جهانن
جو پهتي ساڻ پرين جُتي عرش عظيم تي.

## حمدِ باري تعاليٰ

هُن جا حمد هزار ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايون
ڪک پن ۾ قادر جي قدرت اکين وارن لئي آهي عبرت
گل ڦل ۽ گلزار تن ۾ وحدت تون واڌايون
”ڪُن“ چئي ڪل جنهن آهي جوڙيو نيزو نينهن جو تنهن ئي کوڙيو
عجب ڪري اسرار پاڻ وينو آهي لوڪان لڪايون
جڳ جنسار سندس ئي آهي ٻي ڪنهن جو هي مظهر ناهي
ٻيا سڀ نقش نگار صفتون انهي جون سڀ ۾ سمايون
”مَنَ عَرَفَ ۾ “طالب مولا“ ڇاڻو تي ڪج ڳولا ڦولا
پارس جا هي پارَ جيءَ ۾ جنهن جون آهن جايون

## مرسل مٺيادار

ڪائنات جو ڪريم ڪئو محمد کي مختار
رهبر ڪيائين راهہ جو مرسل مٺيادار
عاشق مٿس الله ٿيو جل جلاله جبار
عربي احمد چام ۾ نور ڪيئين نروار
صلواتون سيد تي بيحد، بيشمار
آهي ان عجيب جو طالب طلبگار
اڙين جو آڌار عشق عربي چام جو
”لا اِلٰه اِلاالله“ محمد الرسول

جهانن ۾ جميل کي مولا ڪيو مقبول
پيغمبر پترو ڪيو الله جو اصول
طالب مولا مرد ٿي فڪر ڇڏ فضول
جنهن قريشي جي قرب کي قلبئون ڪيو قبول
سو محبتي ملول ڪڏهن ٿيندو ڪونه ڪو
پيغام پرور موڪليو هٿان پنهنجي حبيب
امانت سان الله جو نياپو ڏنو نجيب
آخر ان عجيب ڪفر ڪعبي مان ڪڍيو

## مدح

مٺا مير مرسل وِلهن جون تون والي
وريو تو وٽان ڪو سوالي نہ خالي
ڪِنن ڪوجهڙن جو هلي ڪونہ حيلو
تون ئي عيبدارن جو واهر وسيلو
مڙئي توکي پرتا هي عالي موالي
سدائين سپيئي سندءِ در صدائي
پياڪن کي پيارج ڪا سُرڪي سَوائي
اسين آهيون ساقي! سُتي جا سوالي
تون رهبر اچي راس او هيٺن جا حامي!
اي سردار سرور سندءِ جڳ سلامي!
ڪالھہ سار منهنجي وجهي وِڪَ وصالي
تون ئي آهين طالب جو پيو ڪير آهي
محمد مٺا! هاڻ پرواھ ناهي
سندم لڄ ۽ لڏ سڀ سڄڻ تو سنڀالي

## مناجات

عاجز جون التجائون- سيد تون سڻ سوپارا!
مل مهل ۾ مُحَمد- مشفق، مٺا، موچارا!
توکي پرين پڪاريان واتون سدا نهاريان
سيد سٺي صدائون ڏي سِڳهہ ۾ سهارا
سڏ ۾ تون سڏ ڏِئين ٿو محڪم مدد ٿِيين ٿو
عربي اکي ڪر عطائون او منهنجا جَي جيارا
سائين آهيان صدائي دردن کان ٿئي رهائي
ٿينديون دفع دوائون منهنجا پرين پيارا
نرمل نراس ناهيان اميد وار آهيان
خادم جون سڀ خطائون بخشاءِ اڄ پلارا
منڙا الله سائين ڪر سهنج پڻ سدائين
ٿينديون پسم بلائون ويندا هي سور سارا

اي هاشمي قريشي هرڪا ڪمي ۽ بيشي
نرمل سٽي ندائون خرم ڪجئين خدارا
مولا سنڌ مجيندو محبوب! مُهت ڏيندو
سڀ ڏي وني شفائون ڪل ڪان ڪثر قرارا
طالب تي يار هٿ ڌر پوريون منا مڙئي ڪر
محبوب! مدعائون منهنجون پيار وارا

**ڏهر:**

ڏهر لفظ ڏاهر جو مخفف آهي، ڏهر اصل ۾ ڏاهه مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، ڏس، پتو، پرولي سڏ ۽ اطلاع وغيره.

سنڌي ٻولي ۽ لوڪ ادب ۾ ڏهر هڪ نظر انداز ڪيل صنف آهي. جنهن ۾ رب جي ساراهه، حضرت محمد رسول ڪريم ﷺ جي مدح ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جو شان ۽ ساراهه بيان ڪيل آهي. ڏهر سنڌي شاعري جي هڪ عروضي صنف آهي، جنهن کي سروري جماعت جياريو اچي.

ڏهر عوام ۽ خواص کي سڏ ڪري يا اطلاع ڏيڻ ۽ رب ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي. جنهن جي وسيلي نه صرف الله ۽ الله جي رسول پر پنهنجي مرشد جي احوال کان پڻ روشناس ڪرايو وڃي ٿو. ڏهر هڪ خاص ڍار سان اهڙن بيتن کي چئبو آهي، جيڪي درگاهه سروري، مخدوم نوح رح ۽ ٻين سجاده نشينن جي صفت ۾ هجن، اهي ڏهر درگاهه جي مريدن ۽ عقيدت مندن لاءِ برڪت ۽ آٿت جو سبب سمجهيا ويندا آهن. ڏهر اوائلي سنڌي دوهي يا بيت جو هڪ قديم نمونو آهي. جنهن ۾ سليس، مٺي ۽ نصيحت واري ٻولي ڪتب ايندي آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان فرحت اچي ويندي آهي.

مخدوم طالب المولیٰ صاحب جا چيل ڏهر پڻ خدا، خدا جي رسول ۽ مرشد مخدوم نوح عليه الرحمت جي شان ۾ آهن، جن ۾ مريدن کي هدايت ۽ نصيحت ڪيل آهي هتي مثال جي طور تي ڪجهه ڏهر ڏجن ٿا.

**ڏهر**

لا اِلٰهَ اِلا الله، محمد الرّسول،
جهانن ۾ جميل ڪي، مولا ڪيو مقبول،
پيغمبر پترو ڪيو، الله جو اصول،
طالب مولا مرد ٿي، فڪر ڇڏ فضول،
جنهن قريشيءَ جي قلب کي، قلبئون ڪيو قبول،
سو محبتي ملول، ڪڏهن ٿيندو ڪونه ڪو،
هل سروري سماع، ۾ ڪر الله الله هُو،
جنهن مان پٽبي مورهون، خوديءَ واري خُو،
طالب مولا تصور ۾، ٿيبو رب سان روبُرو،
پوءِ پسندين سو بَسُو، سروري! سبحان ڪي.
آئون طالب تنهنجو توڪلي، تون سخي شاهه سرور،
پنان ٿي پينار ٿو، تنهنجو نيڪ نظر،
سنڌي ڏينهن محشر، سوڪو ڪج تون سرورا.

## سينگار:

سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ محبوب جي حسن ۽ ٺاهه ٺوهه بابت شعر هوندا آهن ۽ خاص طرح مجازي محبوب جي حسن ۽ سينگار بابت چيل بيت ئي سينگار جا بيت هوندا آهن. پر پوءِ ڪن الله وارن اوليائن پنهنجو حقيقي محبوب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن ڪي ميجي سندن حسن ۽ سينگار جي ساراهه ڪئي آهي.

سگهڙن ۽ سالڪن به ان راهه تي هلي حقيقي محبوب جي شان ۾ سينگار جا بيت چوڻ شروع ڪيا، سينگار جو ٽيون قسم "ڏهس" آهي. جنهن ۾ محبوب جي وارن "ڏندن" چپن، نڪ، منهن، چيلهه، ڳچي وغيره جا ڏهه نالا مختلف ٻولين جا سينگار جي بيتن ۾ سجاڻ سگهڙ شامل ڪري سينگار کي وڌيڪ خوبصورت ڪندا آهن ۽ پنهنجي ڄاڻ ۽ علم جو اظهار پڻ.

مخدوم صاحب جن جتي مجازي عشق جون منزلون طئي ڪندا رهيا آهن اتي نبي سائين جي محبت سان مست ۽ سرشار دل جا پڻ مالڪ آهن. ان ڪري سندن چيل سينگار ٻنهي قسمن جا چيل آهن. جيڪي نه صرف سنڌي پر سرائڪيءَ ۾ پڻ آهن، مثال جي طور تي ڪجهه سينگار جا بيت هتي شامل ڪجن ٿا.

### سينگار جا بيت

سج چنڊ ڪان سهڻو، جانب جو جمال
قادر قدرت سان ڪِئو، قائم هيءُ ڪمال
طالب مولىٰ، مردسو، لالن جوئي لال
ماٺهو گهرن مال، مون سيباڻو سپرين.

ڪٿي سنبل سهڻا ڪٿي مبارڪ مُو
ڪٿي چهرو چنڊ جو، ڪٿي جبين جادو
ڪٿي شعاع شمس جو، ڪٿي رهبر رُو
ڪٿي تلوارون تير ٿيا، ڪٿي أحمَد جا ابرو
ڪٿي اکيون عجيب جون، ڪٿي ساغر ۽ سَبُو
ڪٿي گل گلاب ۽ ڪٿي بدن جي بُو
لبن لعل لجائيا، ڏندن لک لُولُو
هلڻ تان حبيب جي عجب ۾ آهُو
ڪٿي فضيلت فردوس جي، ڪٿي ڪامل سندي ڪُو
حبيب آهي هُو، طالب مولا تنهنجو.

ڪٿي منهن محمد جو ڪٿي ماهتاب
ڪٿي جلوو جانبن، ڪٿي آفتاب
هڪڙو چمڪي رات جو، ٻئي ۾ ڏينهن جو تاب
هنن هي حساب، سجڻ سدائين سوجهرو.

## سينگار صفاتي

ساراهيان سجڻ کي جو محبوب محبوبن،
ثاني سندن ڪونہ ڪو سهڻو منجهہ سهڻن،
ور انهيءَ جي وارن جا، وَرَ وَرَ ڏيو وڙهن،
سج چنڊ کان سهڻي، آهي پيشاني پرين،
شمشيرون شرمائيون، بيشڪ تن پُرن،
اکڙيون ڏسيو عجيب جون، مرم لڳي مِرگهن،
همسر ڪين گلاب ٿئي، ڳاڙهن تن ڳلن،
نڪ نهوڙي ڪئين نيا، ڀيا وري لعل لبن،
جهڪا جواهر تا ٿين، ڏسيو کي ڏندن،
يوسف جهڙا گم ڪيا، ڪيئي چاهہ ذقن،
مٿي قربائتن ڪلهن، ڳچي ڪونج مثال ٿي.

رخڙا يار دا ويک کي سهڻا، شمس و قمر شرماندي هن،
تاري ڪتيان ويک سانول ڪون، شرم و حيا وچ آندي هن،
عاشق روز ملڻ دي ڪارڻ، ماندي، ماندي ماندي هن،
طالب مولا درد اندر دي، دل ڪون ڪاندي جاندي هن.

## ڳهن سان مشابهت

## سينگار جا بيت

چمان پيشاني پيار مان نرمل نوراني
تہ بہ حيا ڪري ڪين ڪي دلبر دل جاني
طالب مولا تنهنجي ڪريان سِرتي سلطاني
پوڄيان پيشاني جي الي هجان عجيب جي.

ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن تي لڳيو روز لڳان
هو پڻ چمن چاهہ مان آئون پڻ چميون ڏيان
طالب مولا تِر کي ماڳهين ڪِس ڪيان
رمز پرئي رخسار سان مورهون مِس ٿيان
سدائين سهاڳ ٿي سجڻن کي سونهان
ٿين بخت سنوان نرمل جي جي نٹ هجان

پرين جيئن پائين تہ چمان روز چپن کي
طالب مولا هوند هو لبن سان لائين
آئون مِنين ڏيڻ کان نہ مُڙان هو هر هر هٹائين

حبيب هنڊائين بولو بنجي جي پوان.
هجان جي حبيب جو چوکو چندن هار
ڳهٽو ٽيانس ڳچيءَ ۾ پل پل وٺانس پيار
پيو لڳان پرينءَ جي سيني تي صد بار
منيون ڏيانس منين تي ۽ چمانس وار وار
طالب مولا ٿي پوان دلبر جو دلدار
ٿيان سڄڻ جو سينگار سڄڻ نہ سينگار منهنجو.

جيڪر جانيءَ جو ٿيان بلڪل بازو بند
تہ وجهانس قرب ڪمنڊ طالب مولا تہ دلئون

جيڪر جانيءَ جي هجان ٻانهين ڪنجاري
ڪنڌ هيٺ رکيم قرب مان ٿيان ٻلهار ٻيهاري
طالب مولا آئون ٿيان هوند ٻَرڪي ٻياري
وتان سينگاري ڀهڳڻ سندي ٻانهن ۾.

منڊي ٿيان محبوب جي تہ هٿ ۾ پئي هجانس
سنهڙيون سهٽيون آڱريون چميو چميو چمانس
هردم پٽي هٿ ۾ سدائين سونهانس
ويجهي هجانس وجود کي لئون لئون ساڻ لڳانس
ويتر آئون وٺانس طالب مولا تہ دلئون
جيڪر هجان چيلهڪي تہ چيله چمان چوڌار
چنبڙان ۽ ڇهنانس پئي ٻڪ وجهي ٻيهار
پري نہ ڪري پاڻ کي ٿيان سندس ئي سينگار
واهہ جا چماس وار طالب مولا طلب مان

پازيب ٿي پرينءَ جا پل پل پير چمان
پانچو پري جي ٿئي تہ جلوا جام ڏيان
رمز پريءَ رفتار تي ڇيريون ٿي ڇمڪان
قدم قدم تي واهہ جو ناچو ٿي نچان
ميندي رتڙن جي مٿان ڪري ٿاهہ ٺهان
سهاڳ ٿي سونهان طالب مولا تن کي.

**هنر:**

هنر سنڌي لوڪ ادب جي هڪ اهم ۽ دلچسپ صنف آهي، جيڪا نظم جي صورت ۾ مختلف تعداد تي ٻڌل هوندي آهي. هن ۾ سگهڙ يا شاعر لڪ ڪري ماڻهن، شهرن، جنن، پکين، جانورن، بيمارين وغيره جا نالا شامل ڪندا، جڏهن ان جي چير ڪبي آهي تہ ان جي معنيٰ ٻي نڪرندي. مجازي ۽ حقيقي معنيٰ جا

شعر هنر ۾ شامل هوندا آهن. ڪي هنر سُرن تي ٻڌل هوندا آهن. هنرن جا ٻه مختلف قسم ٿين ٿا. لفظي تجنيسي هنر جي بيت ۾ استعمال ڪيل لفظن جو پاڻ ۾ تڪرار هوندو آهي. هڪ ئي لفظ ڪي بار بار دهرايو ويندو آهي. پر هر هنڌ ان جي معنيٰ ڌار نڪرندي آهي.

جنسي تجنيسي هنر ۾ سگهڙ پنهنجي دانائيءَ سان ڪنهن به جنس يا ماڻهو ۽ شهر وغيره جو نالو استعمال ڪندو آهي، جنهن جي معنيٰ ۾ مقصد بيو نڪرندو آهي.

لفظي تجنسي هنرن ۾ درائو وڏيڪ ڏاهپ ۽ ڏانءَ سان ٺاهيو ويندو آهي، جنهن ۾ هنر جو بيت هڪڙي يا هڪ ڪان وڌيڪ سرن ۾ چئبو آهي جڏهن ته ان جي چير وري ٻئي سر مان ٿيندي آهي.

مقصد ته هنر سچاڻ سگهڙن جي دانائي جو هڪ اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ ڳالهه يا مقصد لڪائي پيش ڪبو آهي. طالب المولىٰ سائين به هنر چيا آهن، جن ۾ نه صرف لفظي تجنيسي هنر پر جنسي تجنيسي هنر پڻ شامل آهن. انهن مان ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا جيڪي سهڻي سٽاءَ جا نادر نمونا آهن.

**جنسي تجنيسي هنر:**

(ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن وارا)

هُنر: مٽياري مَر منهنجا پرين، آراضي ٿي اڄُ،
ڏيپلو پريت جو، ته سڪر ٿيان سڄُ،
محبتَ ديري مڄ، ٻاريو منهنجي من ۾.

چيرَ: مَٽِ ياري مَر منهنجا پرين، آ راضي ٿي اڄ،
ڏي پلوُ پريت جو ته سڪُر ٿيان سڄ،
محبتَ ديري مڄ، ٻاريو منهنجي من ۾.

هُنر: ڪڏي چڏ قلب مان، دليل جو ديرو،
سَڪرنڊ جي ويندي ساهه ۾، من ٿيندو ميرو،
دِلي دوڙُ دوڙاءِ ڪا، ساجهر سويرو،
ڪر پلن وٽ پيرو ته وسينءَ ڪي ويجهو ٿئين.

چيرَ: ڪڏي چڏ قلب مان، دليل جو ديرو،
سِڪَ رنڊجي ويندي ساهه ۾، من ٿيندو ميرو،
دِلي دَوڙُ دوڙاءِ ڪا، ساجهر سويرو،
ڪر پلن وٽ پيرو، ته وسينءَ ڪي ويجهو ٿئين.

**لفظي تجنيسي هنر:**

محبت جي ميدان ۾، جو خيما ٿو کوڙي،
طالب مولا ٿو ٿئي، سو ئي سوکوڙي،
انهيءَ کي کوڙي، مهمير منجهائي چڏيا.

حاڪم پاٽيئي هٽن ۾، محبت واريون مُنديون،
دليون دلبر يار تو، ڪئين ماريون ۽ مُنديون،
محب پاٽيئي مُنديون، طالب کي طلب جون.

ڳجهارت کي ڳولهڻ به هڪ وڏو فن آهي. هي صنف لوڪ ادب جي ڪچهري جو هڪ اهم موضوع آهي. ڳجهارتون صدين کان اهي ساڳيون هلنديون اچن ٿيون، جڏهن ته ڪي سگهڙ ۽ سالڪ انهن کي نئين نموني سان پڻ ٺاهي پيش ڪندا آهن مخدوم صاحب به ڳجهارتون چيون آهن، پر انهن ۾ اها خوبي آهي ته اهي پوري وزن ۾ ۽ شعر جي انداز ۾ سليس نج سنڌي لفظن ۾ چيل آهن جيڪي عام فهم ۽ اثر ڪندڙ آهن.

ڳجهارت هڪ سٽ يا ٻن سٽن واري ڏوهيڙي يا مڪمل بيت جي صورت ۾ هوندي آهي. پر سائين طالب المولىٰ موزون ۽ غير موزون کي ڳنڍي موزون شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. ڳجهارت ۾ اها جدت صرف مخدوم صاحب جو ئي ڪمال آهي. جيڪو طريقو اڳ ۾ ڪڏهن به اختيار ڪيل نه آهي. اميد ته سُگهڙ ۽ سالڪ هن مثال کي پسند ڪندي ان تي عمل ڪندا. هتي نموني جي طور تي ٻه ڳجهارتون ڏجن ٿيون.

**ڳجهارتون**

ڏِيٺي: حاڪماڻي ڪر سڄڻ، پر تون ته پنهنجي ڪين ڪر،
مون ته ڪئي آهي گدا جي، تون وري ڪپڙي جي پر.
پڇٺي: حاڪماڻي= مهرباني، پنهنجي= بيوفائي
گدا جي- التجا، ڪپڙي جي- جهولي
سڄي: مهرباني ڪر سڄڻ، پر بيوفائي ڪين ڪر،
مون ڪئي آ التجا، ۽ تون وري جهولي ڪي پر.
ڏِيٺي: اسر ڪيو لاچار اسر کي
رمز نالي سان لڳي ڪيئن هت وِهان.
پڇٺي: اسر= درد، اسر= جان، نالو= رانجهن
سڄي: درد ڪيو لاچار آهي جان کي،
رمز رانجهن سان لڳي ڪِئن هت وِهان.

**ٽيهه اکريون:**

لوڪ سنڌي شاعري جي هڪ صنف ٽيهه اکري به آهي، جنهن کي ”سي حرفي“ به چوندا آهن. هن ۾ عربيءَ جا اٺاويهه اکر ۽ همزو الف ”ء“ ۽ لام ۽ الف کي گڏي ”لا“ جو اکر به شامل ڪري ڪل ٽيهه اکر ڳڻيا آهن ۽ هرهڪ بيت جيڪو گهڻ ۾ گهڻ ٻن سِٽن جو هجي. هرهڪ اکر لاءِ ٺاهيو آهي. اهڙي طرح ٽيهن اکرن لاءِ ٽيهه بيت ٽيندا آهن. جن جو موضوع گهڻو ڪري مذهبي مناقبن يا نصيحت تي ٻڌل هوندو آهي.

ڪن ٽيهه اکرين ۾ ٽيهن بدران اٺاويهن يا ان کان به گهڻ لفظن جا بيت ٺاهيل هوندا آهن، پر انهن کي به ”ٽيهه اکري“ سڏيو ويندو آهي. ٽيهه اکري کي سي حرفي پڻ چيو ويندو آهي.

سائين طالب المولىٰ ڪيتريون ئي ٽيهه اکريون پڻ لکيون آهن، جيڪي مڪمل ٽيهن اکرن تي ٻڌل آهن. انهن جو موضوع به خدا جي هيڪڙائي وحدت ۽ نصيحت آهي.

سندن چيل ٽيهه اکرين مان هڪ نموني جي طور تي هن مضمون ۾ شامل ڪجي ٿي.

(1)

الف- اٿي اڌ رات جو، آڌوتي اورين،
ڪلهان ڪند ڪورين، ”قالو“ واري قول تي.

(2)

بي- بهادر بي ريا، بيشڪ ٿيا باحال،
قائم قرب ڪمال، حاصل ڪيائون حق جو.

(3)

تي- تڪيائون تار ۾، ترهو ڪي توحيد،
ترڪ ڪري تقليد، سورهہ رهيا سچ تي.

(4)

ثي- ثنا سبحان جي، سدائين سامين،
عشق سنئو عاصين، ڪونہ ڪيئون ڪنهن گهڙي

(5)

جيم- جلائي جسم کي، الله ڪيائون اثبات،
وحدت وائي واتِ، عاشقن اختيار ڪئي.

(6)

حي- حليمي حال سان، هنن ڪي هردم،
دانائن دم دم، واڳيو وينجهارن سان.

(7)

خي- خدائي خيال ۾، خاصا ٿيا خوشحال،
محبت وارو مال، ميڙيائون مهمير ٿي.

(8)

دال- دلاور دم جو، ورد ڪيائون واهہ،
دائم منجهہ درگاهہ، واصل اهي وير ٿيا.

(9)

ذال- ذاتي ذڪر ۾، فنا ٿي في الحال،
دم دم درس ڏمال، قائم ڪيائون قلب ۾.

(10)

ري- رضاتي رمز ۾، رهن ٿا راضي،
قبل ۾ ماضي، تهدل ترڪ ڪري ڇڏيئون

(11)

زي- زباني ذڪر کي، قلبي ڪيائون،
واري وڌائون، پاڻ کي پاتار ۾.

(12)

سين- سِرَ ۾ سِرُ ٿي، سورهيہ ٿيا سلطان،
محبت جي ميدان، ڳوءِ ڪٺي غازي ٿيا.

(13)

شين شادي، غم ڪان، مٺي ملڪ سندن،
جهڙا منجهہ تنبن، تهڙا راضي رڻ ۾.

(14)

صاد- صابر سروري، سدائين سهڻا،
مرڪن من مهڻا، مدامي محبت ۾.

(15)

ضاد- ضامن پاڻ ٿيا، پنهنجا پاڙيهي پاڻ،
ڪن ٿا روح رهاڻ، پنهنجي پر ۾ پاڻ سان.

(16)

طوئي- طمع کي ترڪ ڪيئون طلب تهدل توڙ،
منهن تي ٻڌي موڙ، ملنجهي سي مشهور ٿيا.

(17)

ظوئي- ظاهر ذات کي، ڪيئون ثابت منجھ صفت،
اندر جي الفت، اجاريائون عشق سان.

(18)

عين- عاشق عشق جا، عادل ٿيا اڪسير،
ترڪ واري تڪبير، پاڙهي وڌائون پاڻ کي،

(19)

غين- غالب نفس جي، غلبي تي غازي،
پرين جاپازي، مرد ٿيا ميدان ۾،

(20)

في- فنا ٿيا فڪر ۾، فائق جي في الحال،
عاشقن احوال، پنهنجو سليو پاڻ سان،

(21)

قاف- قائم قرب ۾، ڪيو جن ڪمال،
واحد جو وصال، تن کي پنهنجي پاڻ ۾،

(22)

ڪاف- ڪلمون قلب سان، جن پڙهيو هڪ واري
تنين جي سواري، لامڪانئون لنگهي وئي.

(23)

لام- لامڪانئون لنگهي ويا جن ڏل ۾ ڪيو ميل،
عشق وارو اسرار، انهن تي اظهار ٿيو.

(24)

ميم- محبت جي ملڪ جي تنين ڪيو معراج
جي ٿيا لا- يحتاج، عشق واري اسرار ۾.

(25)

نون- نگاهن ناز جي، جن کي ڪيو نروار،
سيئي ٿيا سردار، مدامي محبت ۾.

(26)

واءُ- ويهي وصل کي، جن ووڙيون منجهه وجود
ثابت ڪيائون سجود، پنهنجي پَرِ ۾ پَرِ کي.

(27)

هي- هلائي حُسن سان، جن ڪيو ناز نياز،
سيئي ٿيا شهباز، محبت واري ملڪ جا.

(28)

الف- الاهي عشق ۾، ڪري عشق جو آواز،
"سري" واري ساز، ثابت ڪيو سبحان کي،

(29)

لام- لائي لئون ٿيا، حسن سان هڪ حق،
فائقن فرق، قلبئون ڪڍي ڇڏيو.

(30)

يي- يقيناً يار سان، يڪدل ٿي ياقي،
پو آهين تون باقي وارو ٿي وِچ ناهه ڪا.

## مناظرا:

مناظرو، ڳوڻاٽي شاعريءَ جي هڪ اهم ۽ دلچسپ صنف آهي. جنهن ۾ شاعر يا سگهڙ پنهنجي پسند جي موضوع تي ٻن شين جو جهيڙو يا بحث ڪرائي، ڪنهن به هڪ شئي کي ٻيءَ کان مٿي ڪري ثابت ڪندو آهي. ڪن مناظرن ۾ وري سوال جواب هوندا آهن ۽ آخر ۾ وڏي ضد بحث کانپوءِ فيصلو ٽيندو آهي.

مختلف مناظرا ماڻهن جي هترن، پکين ۽ جانورن جي وچ ۾ هوندا آهن. تہ ڪڏهن بيت چوندڙ ڪنهن بہ بي جان شئي کان ڳالهرائي عجيب منظر پيش ڪندو آهي جنهن مان نہ صرف وندر پر وڏي نصيحت پڻ حاصل ٿئي ٿي.

سائين طالب الموليٰ بہ اهڙي قسم جا مناظري جا بيت چيا آهن. جن مان "اکين ۽ پيرن" جو مقابلو ۽ "ڪانگ ۽ ڪبوتر" بابت بيت وڏيڪ دلچسپ آهن.

عام طرح سان شاعرن ۽ سگهڙن ڪن بہ ٻن شين جو هڪٻئي سان مقابلو ڏيکاريو آهي. پر مخدوم صاحب اکين، پيرن، سِرُ دل ۽ روح جو پاڻ ۾ مقابلو ڪري هڪ کان ٻئي کي سرس ڏيکاريو آهي. هن قسم جو هي مناظرو ٻئي ڪنهن جو چيل نظر نٿو اچي. هن مناظري ۾ تمام سهڻا مثال ڏيئي سمجهايو ويو آهي. ٻولي نج سنڌي ۽ سليس عام فهم استعمال ڪيل آهي، ايتري قدر دلچسپ آهي جو پڙهندڙ پڙهڻ شروع ڪندو تہ سچو پڙهڻ کان اڳ اصل بس نہ ڪندو. مناظرا تمام طويل آهن هتي انهن مان ڪجهه چونڊ ڪيل بيت مثال جي طور تي ڏجن ٿا.

### ڪبوتر ۽ ڪانگ

ڪبوتر ۽ ڪانگ ۾، آهي وڏو ڦير
هن جي گونگن وانگيان، غون غون سمجهي ڪير،
هُن جي ڪان ڪان سمجهي، جو پائي اگڻ تي پير،
هو ديس پرائي جو پکي، هي وطن جو وانهير،
ڪارو ڪوجهو ئي سهي، من ۾ رکي نہ مير،
اير نہ ڪوئي پير، طالب مولا تن ۾.

کبوتر آيو ڪالهڻان، ڪانگ تہ هوئي هت،
هو ڪري وانهير ووڻ ۾، ڪبوتر چني چت،
هي هلي ٽپڪي ساڻ ٿو، بيهو متي پت،
چڙهون جهلي چوهہ مان، تہ بہ ڪري قربَ ڪرت،
رُليون رليو بہ پچو وڃي، جانب هجي چِت،
انصاف ڪبو عشق مان، ۽ نينهن جي ڪبي نرت،
تہ طالب مولا تِتِ ڪهڙي مجال ڪبوتر ڪي،

دميل دم ڪشي جو ڪبوتر ويچارو،
ڪريو گهو گهو گهٽجي، چڻ دم ئي اڏارو،
طالب مولي آهہ سو، مورهئون مونجهارو،
بچڙو، ڪنڙو، ڪوجهڙو، ڪانگل جي ڪارو،
تہ بہ هردم همزبان هو، سنڌي سچارو،
حمامن ڪان هر طرح، بيشڪ پلارو،
ٿئي ساهئون سهارو، جي اچي اڏامي اگڻ تي.

### اکيون ۽ مِينهن

اکيون ۽ مينهن، ٻئي تہ اڪر هيڪڙي،
هو موسم جو محتاج ٿيو هي وسن راتو ڏينهن،
هن ۾ نِر جا نيهن، هو طالب وسن وقت تي.
مينهن وسي چا ڪندو، وسن پل تہ اکيون،
جن دلبر جي ديدار جون چاٽيون روز چکيون،
پري هوندي بہ پرينءَ سان، ٻيئي پي ٻکيون،
جيڪي رب رکيون، سي طالب پلي تون ڪن.

پچن پچرن پاڻ ۾، لڙڪ سوين لاڙين،
ويئيون پنهنجي پر ۾، پرت ڪي پاڙين،
سُڪا ساڙي سيڪو، هي ساوا ٿيون ساڙين،
قدم پياري پرينءَ جا، عاجزيون آڙين،
طالب مولا طلب ۾، وَرُ وَرُ وِلاڙين،
نينهن اندر ناڙين، گونگيون گوءِ ڪٽي ويون.

### پيرَ ۽ اکيون

اکيون بہ آهن اکيون پر پيرن سان نہ پُڄن،
هو رئن ٿيون رت ڦڙا، هي ڦنجو تا ڦنجن،
هو بيوس آهن برهہ ۾، هي هيجئون اٿيو هلن،
هو نهارين نجيب کي، هي تر نٽا ترسن

## دل ۽ سِرَ

سِرَ تہ برابر سِرَ ٿيا، پر من جا ناهن مِٽ،
دل تان لهن ڪين ڪي، ڪڍهن جيڪر ڪَٽ،
تہ رڳي هوند هار ٿئي، يا ڪلندي ٿئي نہ ڪٽ،
جي دل تي چڙهن ڪين ڪي، عشق جا الهٽ،
دل تي نہ هجن درد ۽، پيا ڦوڙائي جا ڦٽ،
تہ سِرَ نہ هجن منجهہ سَٽ، سچ ٿو صديقي چوي.

سر ويچارو سدائين، آهي دل جي وس،
دل چويس تہ وڍجي، نہ تہ بلڪل ڪري بس،
اونهِين ٿئي اوسَ، جِئَن طالب مولا دل چوي.

سر جهڪيو چا ٿيو، جهڪي نہ جيڪر دل،
تہ اها اڪثر ٿي ٿئي، منافقي منزل
سر ڏني تہ حل ٿئي، مورهئون ڪو مشڪل،
طالب مولا دل سان، هڙئي ٿئي حاصل،
سِرُ وڍجي اوّل، تہ بہ درجا آهن دِلِن تي.

## روح ۽ دل

دل تہ برابر آهہ دل، پر رڳو آهي ماسُ،
اچي پيو ان ۾ ويتر جي وسواسُ،
تہ هو ئي هڪ گهڙي ۾، نگرو ڪندس ناسُ،
طالب مولا طلب سان، رک اصلئون هي احساسُ،
ڪبو جي قياس، تہ رمزون آهن روح جون.

دل تہ برابر آهي دل، پر روح بنا بي رنگ،
ڏڙڪي برابر پاڻ تي، پر چري منجهس پيو چنگ،
معنيٰ واري ملڪ ۾، فرحي نڪو فرهنگ،
ڪر اچي ان جاءِ تي، عشق وارو انگ،
طالب مولا ان ۾، ڍولڻ رکيو ڍنگ،
سمجهيو انهيءَ راز ڪي، ڪو مولائي ملنگ،
دوڙ ڪيو هي دنگ، تہ رمزون آهن روح جون.

## ڪافيون:

نج سنڌي زبان جي شاعري دوهن ڪانسواءِ ڪافي آهي، جيڪا صدين ڪان سنڌ ۾ ڳائي ويندي هئي. جنهن ۾ پاڻ تي گذريل واقعا ۽ وارداتون بيان ڪيون ويندون آهن ۽ قلبي ڪيفيت بيان ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ درد سمايل هجي، ڪافي جو تعلق راڳ ۽ سُر سان آهي، جنهن ڪي جهونگاري سر ۾ ڳائي پوءِ لکيو ويندو آهي.

## ڪافي

اسان تان سچاپي حبيباڻي هستي
رکيل آهه اصلؤن اهو انگ الستي
مٺا محب مالڪ جي مستور آهن
مگر ملڪ ساري ۾ مشهور آهن
ڪئي سون سندن سونهن جي سرپرستي
اسين پرده وارن جا آثار آهيون
اسين ورهه وارن جا وهنوار آهيون
ٿيو صاف سو دوهي دستي بدستي
ڪهين بي نشان جي نشاني ٿياسون
ڪهين بي زبان جي زباني ٿياسون
اسان جي اندر برهه وارن جي بستي
ڪجي ڳالهه ڪهڙي ڪا رازِ نهان جي
اچي وات ورتي عجيبن اسان جي
ملي ويئي گهر ويني هي سوپ سستي
اسين ڪنهن معطّر جي خوشبو بڻاسون
نہ غيرن سندي ڪا خودي خو بڻاسون
اسان ڪئي نہ حاصل بلندي مان پستي
فقط مي محبّت جا پيمانا ناهيون
مگر رمز ۽ روح ميخانا آهيون
اسين مرڳو مستن جي هر موج مستي
ڪو مولا جي طالب ۾ مطلوب آهي
ازل کان جو ان ساڻ منسوب آهي
نہ ٿي ۽ نہ ٿيندي ڪڏهن دل شڪستي

**بيت:**

نج سنڌي شاعري جو سڀ کان وڌيڪ معروف نمونو بيت آهي، ڀن سٽن جو دوهو جنهن تي پوءِ بيت نالو پيو. بيت جا ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ بيت نہ صرف ڀن پر ڀن کان وڌيڪ مصرعن جا پڻ قديم زماني کان موجود آهن، سنڌي بيت تجنيس حرفي جا بهترين مثال آهن. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت آهي.

بيت عام طرح سان ٻهراڙيءَ جا اڻ پڙهيل سگهڙ بہ پنهنجي ڄاڻ ۽ دانائي سان اهڙا تہ سهڻا جوڙي ڏيکاريندا آهن جو پڙهندڙ حيران ٿيو وڃن.

بيت سنڌ ۾ قديم زماني کان رائج آهي، شعر جو هي نمونو سيني کان وڌيڪ مقبول ۽ عام فهم آهي. سومرن ۽ سمن جي دور کان وٺي بيت ملن ٿا، پر خاص طرح سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي بيتن جو بادشاهه چئجي تہ جڳائي ٿو.

## نصيحت جا بيت

تقويٰ ريءِ نہ طالب ائٿي حاصل هدايت
اول اڇيو عمل تي پو ٿيندي شفاعت
جي چاهين منزل ماڻيان تہ رک سالم سعادت
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪيڏهين وڃي سهڙج سلامت
اصل عبادت تقويٰ ساڻ تمام ٿئي

عبادت جو الله سان ويهي نہ ڪر واپار
ڏي وٽ واري ڏيهہ ۾ ٿيج نہ گنهگار
اصلي عبد آهيين ڪر عبديت اظهار
تہ ٿيندو هر هڪ ڳالهہ ۾ مولا مددگار
"طالب الدنيا مخنث" بلڪل آهہ بيڪار
"طالب العقبيٰ مونث" عورتن آچار
"طالب المولىٰ مذڪرُ" ٿي مرد مڙيادار
جيتر ٿيبو ڪين ڪي پڪو پرهيزگار
تہ قلب جو قرار حاصل ٿيندو ڪونہ ڪو

سو ڪٿهن ڪٽندو ڪونہ ڪو جنهن حجت هلائي
سهٽي ڪي سپين پريين ڏني واحد وڏائي
جن "آئون" ۽ "اسان" ڪيو سي ٽڙيا توائي
طالب مولا مرد ٿي رک صبر سچائي
جن هلائي هيٺائي تن ڪي محب مٺي ڪيو

### واقعاتي بيت:

انساني زندگيءَ ۾ مختلف واقعا ۽ مرحلا اهڙا ايندا آهن، جن ڪي سولائي سان وساري ڪين سگهبو آهي. عوامي شاعر ۽ سگهڙ بہ اهڙن خاص واقعن ڪي وسارڻ بدران، انهن بابت تفصيل سان شعر ۽ بيت جوڙي انهن ڪي محفوظ ڪري وٺندا آهن. اهڙن بيتن ۾ سخا، ظلم، عدل، جنگ بيمارين، ڏرتي ڌڻي، راڄوٽي فيصلن، قبائلي جهيڙن، ڌاڙن، ڦرين، چورين ملڪي خوشحالي علائقائي سونهن ۽ سفر وغيره جا بيت شامل هوندا آهن.

هن قسم جا بيت اسان جي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهن. جيڪي اسان کي ان وقت بابت حقيقت کان تفصيل سان آگاهہ ڪن ٿا. مخدوم صاحب جن جا بہ ڪيترا اهڙا واقعاتي بيت چيل آهن. جن انهن يادگار لمحن کي محفوظ ڪري تاريخ جو حصو بنائي ڇڏيو آهن. جن مان ڪجهہ مثال طور هتي ڏجن ٿا.

## واقعاتي بيت

محبت جا ميلا رات هٿا راهوندڙ ۾
پسي رمز رندن جي روح ڏنا ريلا

وهائيئون وِرهه ۾ وهواهه سڀ ويلا
اچن البيلا رمي اهي راهوندڙ ڏي

رات رهي راهوندڙ ۾، ڪئيسون روح رهاڻ
ويراڳي ورونهن لئي، پري آيا پاڻ،
سوا سوز فراق جي، ڪليئون نہ ڪنهن جي ڪاڻ
طالب مولا طلب ۾، ڪيئون وٽ وراڻ
الله اهي آڻ، وري منهنجي وطن تي.

## چنڊ تي

چنڊ تي پهچڻ ۾ اڃا ٻئي سال لڳن
پر روسي امريڪي اڃهو ٿا وڃو ات وهن
ٺاهينداسي ٺاٺ سان هزار هوٽلن
وٺي هلبو حبيب کي تہ چنڊ جا پتا پون
بلڪل پيٽون ڪبيون سندس ساڻ سڄڻن
پر هتي اڄ ئي پيو پتو منجهان تصويرن
تہ طالب مولا ان ۾ آهہ وجود ويرانين
نڪا سبزي سونهن ڪا هو جڙيل مان جبلن
ڪروڙين قسمن تہ ٻہ هيٺاهون حبيب ڪان

## چوڏهون سن

ساراهيان سچو ڏڻي، جو خالق خلقڻ هار،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ، مڙني جو مهندار،
چارئي يار رسول جا، جيئن گلن جا گلزار،
ٻيا ٻارهن ڀڳڻ جي ٿيا، عالم ۾ اظهار،
چوڏهن چوڏس واسطي، اڃهو ۽ اڏار،
تهان پوءِ تعريف ۾، آهِ سڀ ولين جو وار،
اهو طالب مولا مرد ٿيو جنهن عشق ڪيو اختيار،
قائم رب ڪلتار، قادر آهہ ڪل تي.

چوڏهين سن ۾ چوطرف، ٿيا چڱا مڙس چور،
ڪانگن ڪلاهون پاتيون، ۽ مجروح ٿيا مور،
هنجهہ ويچارا هُوس ۾. چهون ٿيون چڪور،
گهوڙا گهوٽالن اندر، ۽ گڏهہ چرن پيا گور،
هرڻ هلندا ٿا وتن، سوين پيدا سور،
اشراف سِڪن عزت لاءِ، اڳتي آهن انور،

مردن سان ميدان ۾، ڙالون لائن زور،
اکين وارا اڻ ليا، کوڙين آهن کور،
سي تلن منجهان تور، جيکي طالب مولا مرد ٿيا.

مٿي ڏنل سموري مواد جو گهري، نظر سان مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته سائين طالب المولىٰ جي لوڪ ادب سان لاڳاپيل ڪلام ۾ جتي عام چوٽين پهاڪن کي خوبصورت ۽ عام رائج سليس ٻوليءَ ۾ استعمال ڪيو آهي. اتي ڪيترا نوان موضوع پڻ متعارف ڪرايا اٿن، جيڪي هن کان اڳ ڪنهن به شاعر يا سُگهڙ نه ڏنا آهن، مخدوم صاحب جن مداحون مناجاتون، ڏهر، سينگار، هنر، ٽيهه اکريون، مناظرا، ڪافيون ۽ ٻيا بيت لکي ثابت ڪيو آهي ته پاڻ نه صرف عظيم شاعر ۽ نثر نويس آهن، پر لوڪ ادب جي سيني صنفن جي ڄاڻ ۽ مهارت رکندڙ هڪ سڄاڻ ۽ سالڪ سُگهڙ پڻ آهن، جن سنڌ جي ديسي ۽ نج سنڌي شاعري کي جيئري رکڻ لاءِ نه صرف ڪوششون ورتيون آهن، پر عملي طرح سان ان جي هر صنف تي ڀرپور طريقي سان طبع آزمائي پڻ ڪئي اٿن.

## مدد ورتل ڪتابن جا نالا


1. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ ڪافي، بزم طالب المولىٰ شاخ هالا- 1962ع
2. پروفيسر محبوب علي چنه، ڪشڪول
3. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“، ڇپر ۾ ڇڙيون، مرڪزي بزمِ طالب المولىٰ هالا، 1971ع
4. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ ، ٻي ٻير اکيون، مرڪزي بزم طالب المولىٰ، ھالا- 1987ع
5. طالب المولىٰ، سدا وسين سنڌڙي، طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا- 1990ع
6. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1959ع
7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ٽيهه اکريون (پاڱو پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1960ع
8. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، واقعاتي بيت، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1961ع
9. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مناظرا، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1961ع
10. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي سينگار شاعري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1986ع
11. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڳجهارتون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1969ع
12. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، بيت، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- 1971ع
13. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، قافيون (جلد پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو- 1985ع
14. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، قافيون (جلد ٽيون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو- 1990ع
15. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هنر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو- 1992ع
16. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“، سروري جماعت جو ڏهر ۽ اويسي طريقو (مقالو)، ٽماهي مهراڻ- 1990/1ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو- 1990ع


نوٽ: هن مضمون لکڻ ۾ آئون سائين مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ جن جي اجازت ۽ رهنمائي لاءِ ٿورائتو آهيان.

”مهراڻ“ ٽماهي نمبر 1991/4ع

ڊاڪٽر مخمور بخاري



# عجب عشق آهي اسان جو الستي...

## (مخدوم طالب الموليٰ جي شخصيت، فڪر ۽ فن جو جائزو)

سنڌ جي ڇهه سؤ سالہ قديم شهر هالا جي علمي ۽ ادبي تاريخ حضرت مخدوم نوح سرورؒ کان شروع ٿئي ٿي. حضرت مخدوم نوح سرورؒ نہ رڳو پنهنجي وقت جو عارف ڪامل بزرگ هو، پر ساڳئي وقت قرآن شريف جو فارسي مترجم، مفسر ۽ اوائلي سنڌي بيت چوندڙ شاعر پڻ هو. انهيءَ اعليٰ بزرگ جي اولاد مان ڪيترائي شاعر، عالم، اديب ۽ اهل الله پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ علم و ادب جي حوالي سان خاص طور مخدوم امين محمد 'پڪن ڏٽي'، مخدوم غلام محمد، گل سائين ۽ مخدوم غلام حيدر ذڪر لائق آهن. مخدوم غلام حيدر سياسي توڙي علمي ۽ تعليمي حوالي سان وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. ان ئي گلدستي جو هڪ خوبصورت ۽ پنهنجن خيالن ۽ شخصيت سان ديرپا خوشبوءِ ڇڏيندڙ هستي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جن بہ آهن. سندن جنم 4- آڪٽوبر 1919ع تي درگاهہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي سورهين سجاده نشين مخدوم غلام محمد گل سائين جي گهر ٿيو. گل سائين پاڻ بہ شاعر، اهل دل، صاحبِ بصيرت ۽ نثرنويس هئا. سندن تصنيفن ۾ 'امل مالڪ' (نهج البلاغہ جو سنڌي ترجمو) ۽ ڪجهہ شاعري محفوظ رهي آهي. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي تعليم ۽ تربيت ان روح پرور علمي ۽ روحاني ماحول ۾ سڄاڻ شخصيتن جي زير سايہ ٿي. سندن درسي تعليم جي شروعات قرآن شريف پڙهڻ سان ٿي، جيڪا آخوند ولي محمد کان حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون(1). جنهن کانپوءِ سنڌي تعليم ماستر عبدالغفور ۽ هالا جي مشهور شاعر، ناول نگار انجم هالائيءَ وٽان حاصل ڪرڻ بعد فارسيءَ جي تعليم شروع ۾ پنهنجي چاچي ۽ عالم، اديب مخدوم غلام حيدر کان حاصل ڪيائون ۽ پڻ مولوي عبدالحئي ڦلپوٽي ۽ مولوي محمد عالم ڏيري واري وٽان پڙهيائون. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان بہ درس وٺي سندن شاگردن ۾ شامل ٿيا(2). ان ابتدائي تعليم کانپوءِ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي سندن والد مخدوم غلام محمد 'گل سائين' خود تربيت ڪرڻ لڳا ۽ مسلسل کين مريدن وٽ دعوتن تي موڪليندا رهيا تہ جهڙيءَ ريت ڪانئن پوءِ ايندڙ پڳدار جي مريدن سان شناسائي ٿئي ۽ پيو تہ فطرت کي جهاڳڻ، ماڻهن کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زماني جا رنگ ڍنگ ڏسڻ مان جيڪو علم ۽ تجربو حاصل ٿئي ٿو، اهو ڪنهن بند ڪمري ۾ ويهي هزارين ڪتاب پڙهڻ سان حاصل نہ ٿو ٿئي. اسان ڏسون ٿا تہ سندن طبعيت ۾ جيڪا وضعداري، برداشت ۽ سماجي ڄاڻ هئي، اها ان تربيت جو ئي نتيجو آهي، جيڪا کين سندن والد مخدوم غلام محمدؒ وٽان حاصل ٿي.

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب الموليٰ،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ سنہ 1944ع ۾ پنهنجي والد جي وصال بعد، درگاهہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جا سترنهان سجاده نشين مقرر ٿيا. سڄي عمر ان ذميواريءَ کي احسن نموني سان نباهيندي گذاريائون. ساڳيءَ ريت پنهنجي حياتيءَ کي علم و ادب تعليم، سماج ۽ مثبت سياست لاءِ وقف ڪيائون. زندگيءَ ۾ اڻٿڪ محنت جي ڪري پنهنجي پوئين ڄمار ۾ عليل بہ رهيا ۽ نيٺ 11- جنوري 1993ع تي هن جهان مان رخصت ٿيا.

شاعر هو، باڪمال هو، اهلِ وفا بہ هو،
هر دل جو غم شناس، ڪرم آشنا بہ هو.

’مسند نشين‘ تہ ملڪ ۾، آهن گهڻائي پر،
هو هن ’غريبِ شهر‘ جو، غم آشنا بہ هو.

ان جي نظر سياستِ دوران ڪان باخبر،
هو ناز جنهن تي سنڌ کي سو رهنما بہ هو(3).
(علي محمد مجروح)

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بابت هن مضمون کي مختلف عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي، تہ جيئن هن گهڻ رُخي شخصيت بابت گهڻو ڪجهہ ڄاڻي سگهجي.

## سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتون:

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن، جن ۾ سياست، سماج ۽ تعليم جي شعبي ۾ سندن خدمتون اهم آهن. پاڻ دستياب رڪارڊ موجب 1952ع ۾ هالا ميونسپالٽي جا صدر ۽ 1960-04-02 کان 1961-09-03 تائين چيئرمئن رهيا(4). 1953ع ۾ بنا مقابلي ميمبر سنڌ اسيمبلي منتخب ٿيا. جنهن کانپوءِ ايوب خان جي دور ۾ ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا. مخدوم صاحب جن جي ذاتي دلچسپيءَ سبب سندن ميزبانيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن 1- جون 1970ع تي هالا ۾ ٿيو، ان ڏينهن ون يونٽ جي خاتمي جو اعلان ٿيو هو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي هالا ڪانفرنس ۾ قوم کي ون يونٽ جي خاتمي جي مبارڪباد ڏني هئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون وائيس چيئرمئن مقرر ڪيو ويو.

علمي حوالي سان پڻ مخدوم صاحب جن جو ڪردار اهميت ڀريو آهي. سروري اسلاميہ ڪاليج هالا، طالب المولي اورينٽل ڪاليج هالا، سنڌ طبيہ ڪاليج حيدرآباد، طالب الموليٰ هاءِ اسڪول دادوءَ جا سرپرست رهيا. ڪپري هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ مخدوم صاحب جي علم نوازيءَ جي يادگار آهي. ان کانسواءِ مخدوم طالب الموليٰ جن جي طرفان ڪيترن ئي شاگردن کي اسڪالرشپ ۽ سونا تمغا پڻ ملندا رهيا.

## ادبي خدمتون:

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن پنهنجي مصروف پيراڻي زندگي گذارڻ جي باوجود سنڌي علم و ادب سان لنءُ لاتي ۽ علمي طور پڻ وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا، جن ۾ هالا ۾ ”الزمان پريس“ قائم ڪري، ”پاسبان“ ۽ ”الزمان“ اخبارون جاري ڪيائون. ان کانسواءِ ”انجمن علم و ادب هالا“ جي سرپرستي ڪندي، 1- نومبر 1952ع تي سروري اسلاميہ ڪاليج هالا جي بيت الحڪمت ۾ هڪ عظيم الشان ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرايائون، جنهن جي صدارت هاڪاري عالم ۽ دانشور علامہ آءِ.آءِ.قاضي ڪئي. 1950ع ۾ فردوس پبليڪيشن طرفان نڪرندڙ رسالي ماهوار ”فردوس“ جي بہ هر لحاظ کان رهنمائي ڪندا رهندا هئا، پر جڏهن فردوس جي سنڀاليندڙن جا ذاتي اختلاف وڌڻ لڳا تہ مخدوم صاحب جن اهو رسالو باقاعده پنهنجي نگرانيءَ ۾ شايع ڪرائڻ لڳا ۽ ان دوران سليم هالائي کي ماهوار فردوس جو ايڊيٽر مقرر ڪيائون. 1952ع ۾ سندن ئي نگرانيءَ ۾ مسٽر جمع خان غريب، ’طالب الموليٰ‘ جي نالي سان ماهوار سنڌي رسالو سيتا شهر مان جاري ڪيو. 1954ع ۾ ”انجمن علم و ادب“ جي هڪ ذيلي شاخ ”اداره روح ادب“ جي نالي سان مخدوم صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ قائم ڪري حيدرآباد مان ماهوار ”روح ادب“ جي نالي سان سنڌي رسالو شايع ڪيو ويو. سن 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر مقرر ٿيا. 1956ع

۾ سندن ئي سرپرستيءَ هيٺ حيدرآباد مان ماهوار ”شاعر“ نالي رسالو جاري ڪيو ويو. 1957ع ۾ ”جمعيت شعراء سنڌ“ جا صدر چونڊيا ان ڪانسواءِ 14- آڪٽوبر 1961ع تي حيدرآباد جي بسنت هال ۾ مزاحيہ ڪانفرنس پڻ منعقد ڪرايائون. سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا ۾ نومبر 1955ع ۾ ”بزمِ طالب المولىٰ“ جوڙي وئي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا سنہ 1961ع کان 1971ع تائين ۽ ٻيهر 1989ع کان 1992ع تائين چيئرمئن رهيا. ان ڪانسواءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، لطيف يادگار ڪائونسل، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، سنڌ اڪيڊمي سنڌ يونيورسٽي (هالوڪي سنڌالاجي) جي مشاورت ڪميٽيءَ جا ميمبر پڻ رهيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن کي سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جي مدِنظر حڪومت پاڪستان طرفان 1965ع ۾ ”تمغہ پاڪستان،“ 1992ع ۾ ”هلال امتياز“ جا تمغا مليا ۽ 1991ع ۾ کين ”لطيف ايوارڊ“ جو اعزاز مليو.

**تصنيفون:**

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن مٿي ڄاڻايل ادبي سرگرمين جي باوجود تمام گھڻو ادبي پورهيو ڪيو آهي. سندن ترجمي، ترتيب ڏنل ۽ طبع زاد ڪتابن جو تعداد 26 کن آهي، جن جي وچور هن ريت آهي:

1. بهار طالب: شاعريءَ جو پهريون مجموعو، جيڪو 1946ع ۾ هالا مان شايع ٿيو.
2. رباعيات طالب: رباعين جو مجموعو، پهريون ڀيرو 1946ع ۾ سليم هالائيءَ شايع ڪيو ۽ ٻيو ڀيرو 1990ع ۾ مخدوم جميل الزمان ”طالب المولىٰ اڪيڊمي“ هالا مان شايع ڪيو.
3. اسلامي تصوف: تصوف جي حوالي سان ترتيب ڏنل مضمونن جو مجموعو 1951ع ۾ شايع ٿيو.
4. شيطان: 1951ع ۾ شايع ٿيو.
5. خودشناسي: ترجمو ڪيل 1952ع ۾ شايع ٿيو.
6. امام غزاليءَ جا خط: امام غزاليءَ جي خطن جو ترجمو 1953ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو ڀيرو طالب المولىٰ اڪيڊمي پاران 1994ع ۾ ڇپرو ٿيو.
7. دُرِ ناياب عرف يادِ رفتگان: سنڌ جي چونڊ مرحوم شاعرن ۽ زندگين جو مختصر احوال. فوٽو ۽ ڪلام سميت الزمان پريس هالا طرفان 1953ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو ڀيرو نئين سر واڌاري سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1994ع ۾ شايع ٿيو.
8. مثنوي عقل و عشق: عشق بابت طويل مثنوي، جنهن جي آخر ۾ مثنويءَ ۾ ڪم آندل قرآن شريف جي آيتن جو ترجمو ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي. هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو ”اداره روح ادب سنڌ“ طرفان 1955ع ۾، ۽ ٻيو ڀيرو 1983ع ۾ ”بزمِ طالب المولىٰ“ شاخ هالا طرفان شايع ٿيو.
9. ڪچڪول طالب: سندن شاعريءَ جو هيءُ چوٿون مجموعو 1955ع ۾ شايع ٿيو.
10. ڪافي: سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف ڪافيءَ تي هيءُ پهريون تحقيقي ڪتاب، پهريون ڀيرو 1958ع ۾ ۽ ٻيو دفعو ”بزمِ طالب المولىٰ“ شاخ هالا طرفان 1962ع ۾ ڇپرو ٿيو.
11. شانِ سروري: سندن شاعريءَ جو پنجون مجموعو 1958ع ۾ شايع ٿيو.
12. چپر ۾ چڙيون: مخدوم صاحب جي بيتن ۽ ڪافين جو هيءُ مجموعو، پهريون ڀيرو 1971ع ۾ ”بزمِ طالب المولىٰ سنڌ“ پاران ۽ ٻيو ڀيرو 1990ع ۾، ٽيون ڀيرو 2005ع ۾، ۽ چوٿون ڀيرو 2011ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي نروار ٿيو.
13. سنڌ جو ساوڻ: هيءَ مثنوي 1982ع ڌاري شايع ٿي.

14. ديوانِ طالب المولىٰ: مخدوم صاحب جي غزلن جو هيءُ ديوان، "سروري پبليڪيشن" هالا پاران 1982ع ۾، ۽ ٻيو ڇپرو "طالب المولىٰ" اڪيڊميءَ پاران 2011ع ۾ پڌرو ٿيو آهي.
15. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه: ڪانگ جي ذريعي پرين ڏانهن پيغام اماڻڻ وارو احوال 426 شعرن جي مثنويءَ ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب 1982ع ۾ شايع ٿيو.
16. شام و صبح: هيءُ مختصر ڪتاب "بزمِ طالب المولىٰ" طرفان 1982ع ۾ پڌرو ٿيو، جيڪو خود شاعر جو تحرير ٿيل آهي.
17. ٻي پير اڪيون: سندن ڪافين جو مڪمل مجموعو، جيڪو مخدوم صاحب جي هٿ تحرير سان سنہ 1987ع ۾ "بزم طالب المولىٰ سنڌ" طرفان شايع ٿيو.
18. مصريءَ جون ٽڪرون: مخدوم طالب المولىٰ جي چونڊ ملفوظات تي مشتمل هيءُ ڪتاب "طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا" طرفان 1990ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو 'Pieces of Sugar candy' جي سري سان ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ ڪيو، جيڪو پڻ اڪيڊمي پاران 1997ع ۾ پڌرو ٿيو.
19. سدا وسين سنڌڙي: سندن بيتن جو هيءُ مجموعو، "طالب المولىٰ اڪيڊمي" هالا پاران 1990ع ۾ شايع ٿيو.
20. آبِ حيات: سندن بيتن ۽ ڪافين جو هيءُ مجموعو، "طالب المولىٰ اڪيڊمي" 1990ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.
21. ڇهنڊڙيون: مخدوم صاحب جي قطعن جو هيءُ مجموعو، "طالب المولىٰ اڪيڊمي" 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.
22. منهنجو ننڍپڻ: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ننڍپڻ جي يادگيرين متعلق هيءُ آتم ڪٿا، سندن نالي سان قائم اڪيڊميءَ، 1993ع ۾ شايع ڪئي.
23. مضامين طالب المولىٰ: علمي ادبي مضمونن جو هيءُ مجموعو "طالب المولىٰ اڪيڊميءَ" پاران 1996ع ۾ پڌرو ٿيو.
24. بهارستان: سندن رباعين، قطعن ۽ فردن جو هيءُ مجموعو، 'طالب المولىٰ' اڪيڊميءَ 1994ع ۾ پڌرو ڪيو.
25. لغات سنڌي مخففات: مخدوم صاحب جي مرتب ڪيل هيءَ لغت، سنڌي ادبي بورڊ، 1994ع ۾ پڌري ڪئي.
26. شانِ حسين: سندن تحرير ٿيل مرثين، منقبتن، نوحن ۽ سلامن جو هيءُ مجموعو 2004ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ بابت پيش ڪيل معلومات جي آڌار تي اسان چئي سگهون ٿا تہ سندن سموري حياتي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ گذري. ان سان گڏوگڏ پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ چويهہ ڪن نثر ۽ نظمن جا ڪتاب لکيائون. هت اسين ٻن مکيہ عنوانن هيٺ سندن نثر ۽ نظم جو مطالعو ڪنداسين.

**نثر:**

مخدوم صاحب نثر ۾ ڏهہ ڪتاب لکيا. اسان ڪي هٿ آيل ڪجهہ مکيہ ڪتابن بابت ترتيب وار جدا جدا بحث ڪجي ٿو:

**(1) امام غزالي جا خط:**

هيءُ ڪتاب- حجة الاسلام امام غزاليءَ جي چونڊ خطن جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ امام صاحب رياست جي حڪمرانن کي رياست تي حڪمراني ڪرڻ، عوام جي اهنجن، تڪليفن، ۽ مسئلن جي تدارڪ ڪرڻ ۽ اسلامي نظرين (جنهن موجب رياست اندر رهندڙ هر مذهب، فرقي، رنگ نسل جي فرد کي برابر ۽ بنيادي حق ڏنا وڃن) موجب هڪ رياست کي هلائڻ جو ذڪر ڪيو آهي. امام غزالي پنهنجي هڪ خط ۾ وقت جي بادشاهه کي هن ريت مخاطب آهي:

"اي امير! جيڪڏهن اوهين آخرت ۾ نيڪ بختي ۽ خوشحالي گهرو ٿا ته خداوندي فرمان کي پنهنجو رهنما بنايو. حق تعاليٰ جي فرمان کانسواءِ چاره جوئي ڪرڻ لاءِ ڪنهين دستور باطل ۾ ڪابه شيءِ تلاش نه ڪريو ۽ نه طاغوتي نظام (شيطاني نظام) جي پيروي ڪريو، پر ڪنهن اهلِ حق جي صحبت اختيار ڪريو، جو شيطان جي چنبي کان آزاد هجي، هو اوهان کي به انهي چنبي مان آزاد ڪرائي ڇڏيندو(5)."

"امام غزالي جا خط" موضوع توڙي مواد جي اعتبار کان اڄ به اهميت ڀريا آهن.

**(2) درناياب عرف يادِ رفتگان:**

يادِ رفتگان، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جو هڪ اهم علمي ڪتاب آهي، جيڪو شاعريءَ جي تاريخ جي با تصوير باب جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنه 1953ع ۾ الزمان پرنٽنگ پريس هالا مان شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪل 44 شاعرن جا باتصوير احوال ۽ نمونې خاطر سندن شعر درج ٿيل هئا، جڏهن ته هن ڪتاب جو وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپو سنه 1994ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪل به سؤ پندرهن شاعرن جو باتصوير احوال ۽ نمونې خاطر سندن شعر آندو ويو آهي.

'يادِ رفتگان' جي پهرئين ڇاپي کانپوءِ وري پنهنجي زندگيءَ جي آخري حصي ۾ مخدوم صاحب جن هن ڪتاب جي مواد ڪٺي ڪرڻ ۽ ان تي نظرثاني ڪرڻ جو ڪم نئين سري سان شروع ڪيو. ان ڏس ۾ مخدوم جميل الزمان جن لکن ٿا:

"... ٻئي ڇاپي جي تياريءَ جو ڪم حضرت قبله مخدوم صاحب جن نومبر 1991ع ۾ شروع ڪيو، ۽ ڊسمبر 1992ع ۾ مڪمل ڪيائون.. ان جو مسودو سندن پلنگ تي ساڄي پاسي کان رکيل هوندو هو، جنهن تي طبعيت جي ناسازيءَ ۽ ٻين مصروفيتن جي باوجود وڏي انهماڪ ۽ دلچسپيءَ سان نظرثاني ڪندا هئا(6)."

ڪتاب درناياب عرف يادِ رفتگان جي پهرئين ڇاپي ۾ مخدوم طالب الموليٰ جن مرحوم شاعرن کي غائبانه خطاب ڪيو آهي، لکن ٿا:

"اي ڪاغذي دنيا جا شهريارو! اوهان جون تصنيفون، اوهان جون سدا بهار حڪومتون آهن، ڏسڻ وارن جي اڳيان اوهين نقوش ۽ حروف جو لباس پهري ڪلندا ۽ ڳالهائيندا نظر اچو ٿا. اوهان شاعريءَ جي مملڪت ۾ شهرتِ عام ۽ بقائي دوام جا اهڙا ته عالي شان ۽ پائدار محل تعمير ڪري ڇڏيا آهن، جو سوين سال اڃا به ساڳئي ساز ۽ سامان سان سينگاريل رهندا. ڪيترائي نسل انهن محلن ۾ ايندا رهندا ۽ آرام ڪندا رهندا(7)."

ساڳيءَ ريت ٻئي ڇاپي ۾ مخدوم صاحب شاعرن کي منظومِ خطاب ڪيو آهي، جيڪو 5- ڊسمبر 1991ع جو لکيل آهي.

’يادِ رفتگان‘ ۾ شامل مواد جي ترتيب بہ بنيادي قسم جي آهي، جنهنڪري هيءُ ڪتاب پڙهندڙن وٽ سانڍڻ جهڙو تہ آهي ئي، پر اديبن، شاعرن، نقادن ۽ محققن وٽ حوالاجاتي نوعيت جهڙي حيثيت پڻ رکندڙ آهي. شمشيرالحيدري ڪتاب جي مواد جي حوالي سان ڇپائيندڙ نوٽ ۾ لکي ٿو:

”يادِ رفتگان ۾ مختلف دورن، مختلف هنڌن، مختلف صنفن ۽ مختلف فڪري مڪتبن جي شاعرن کي چونڊيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن جو تمام مختصر تعارف ڏنو ويو آهي، پر تڏهن بہ هرهڪ جو جنم ۽ موت جو سن، رهائش جو هنڌ، روزگار جو وسيلو، تعليم، شوق، شغف، شاعراڻو مرتبو ۽ شاعريءَ جو نمونو، سڀ ضروري معلومات اهڙي طرح ڏني وئي آهي، جو ’يادِ رفتگان‘ فوتي شاعرن جي هڪ مستند ڊائريڪٽري بنجي پئي آهي، جيڪا حوالي جي ڪتاب طور ڪتب ايندي.“

**(3) ڪافي:**

هيءُ ڪتاب بہ موضوع جي اعتبار کان سنڌي زبان ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن صنف جي فن بابت هيءُ ڪتاب اڄ ڏينهن تائين واحد ڪتاب آهي. ڪافي، سنڌي شاعريءَ جي مقبول صنف رهي آهي. سمورن ڪلاسيڪل شاعرن (شاهہ لطيف کانسواءِ) ڪافي چئي آهي. حقيقت ۾ ڪافيءَ جو تعلق موسيقيءَ سان آهي، تنهنڪري موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندڙ ئي ڪافي ڳائي سگهي ٿو.

مخدوم صاحب جي هن ڪتاب ’ڪافي‘ ۾ شامل مواد کي مختلف عنوانن ۾ ورهائي جدا جدا رکيو ويو آهي، جن مان ڪي عنوان هن ريت آهن:

سنڌي تهذيب، سنڌي ٻولي، موزون ۽ غير موزون شاعري، بيت، وائي، ڪافي، ڪافيءَ جا گهاڙيٽا، ڪافي لکڻ جو طريقو، ڪافيءَ جو مضمون، ڪافيءَ جي زبان، ڪافي ۽ گيت، ڪافيءَ جي ڳائڻ جو طريقو، ڪافي، راڳ ۽ راڳيندڙ، ڪافي ۽ ساز وغيره

مٿي ڏنل موضوعن جي فهرست مان آسانيءَ سان ڪتاب ۾ شامل مواد جي اهميت جو اندازو ڪري سگهون ٿا. موضوع جي اعتبار کان مخدوم صاحب وائي ۽ ڪافيءَ جي بنيادي فرق کي ظاهر ڪندي لکن ٿا:

”وائي ۽ ڪافيءَ ۾ ڪو فرق آهي تہ فقط گهاڙيٽن جو آهي. باقي نہ مضمون ٿو ڦري، نہ مفهوم، نہ لفظ ٿا ٻئي قسم جا اچن، نہ محاورا ۽ نہ خيال ئي ڪي جدا جدا آهن. وائيءَ جي مصرع هرڪو هڪ سٽي ڪانہ ٿي ٿئي، مثلاً: شاهہ جي رسالي ۾ هڪ وائي آهي، ان جي هر مصرع ۾ ٻہ ٻہ سٽون آهن.

ڪافيءَ ۽ وائي جيڪڏهن بہ جدا صنفون هجن ها تہ انهن ۾ مداح ۽ مولود وانگر مضمون جو فرق بہ هجي ها. جيئن ’غزل‘ ۽ ’هزل‘ بہ شيون آهن، اگرچہ ٻنهي جا گهاڙيٽا ساڳيا ئي آهن.“

وائي ۽ ڪافي جي فرق بابت مخدوم صاحب جن جو اهو خيال درست آهي تہ هي ٻئي صنفون فقط گهاڙيٽن سبب آهن ۽ شاعريءَ ۾ هيئت ئي بنيادي شيءِ آهي، جنهن تي خيال جي اڏاوت ٿئي ٿي، تنهنڪري ظاهري طور هڪ جهڙائي رکندڙ گهاڙيٽا، شاعر جي ذهن ۾ واضح هجڻ گهرجن تہ ساڳي وقت ان گهاڙيٽي جي ابتدا بابت ڄاڻڻ، نقاد پاڻ لاءِ اهم سمجهي ٿو. ان ئي جذبي تحت مخدوم صاحب لفظ ڪافيءَ جي اصل بابت پڻ ڪتاب ۾ بحث ڪندي آخر ۾ اها راءِ قائم ڪئي آهي تہ:

”سنڌي ۾ هي جيڪو ”ڪافي“ جو استعمال ٿئي ٿو، سو بنهہ غلط آهي، ڇو تہ ان لفظ مان بيت يا شعر وغيره جي معنيٰ اصل ڪانہ ٿي نڪري. دراصل هي لفظ ”قافيہ“ آهي، جنهن مان ”قافي“ لفظ بمعنيٰ الڪلام المقفہ آهي، يعني قافيي سان نهيل ڪلام، بيت، شعر وغيره.

هن اقتباس مان جيڪا اهم ڳالهہ اسان جي سامهون آئي آهي، تہ لفظ ’ڪافي‘ حقيقت ۾ ’قافي‘ آهي. جيڪڏهن هن کي قافيہ جي نسبت سان ’قافي‘ سڏجي تہ قافيو تہ هر پابند شعر ۾ موجود

هوندو آهي، پر جيئن تہ هر پابند شعر ڳائي/جهونگاري نہ ٿو سگهجي، پر ساڳي وقت ’ڪافي‘ جو تعلق گهڻي ڀاڱي راڳداريءَ سان آهي، تنهنڪري لفظ ’ڪافي‘ جي بجاءِ ’قافي‘ وڌيڪ وزندار محسوس ٿئي ٿو.

ڪتاب ’ڪافي‘ ۾ جنهن بنيادي شيءِ جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي، اهو پهلو آهي: ”ڪافيءَ جا گهاڙيٽا“، توڙي جو مخدوم صاحب جن ڪتاب ۾ مٿيون عنوان تہ قائم ڪيو آهي، پر خبر ناهي ڇو هن عنوان تي پنهنجي عالمانہ سوچ ۽ عام فهم اسلوب سان، اسان جي رهنمائي نہ ڪئي اٿن، جڏهن تہ پاڻ ان کوٽ کي محسوس ڪندي لکيو اٿن تہ: ڪافيءَ جا گهاڙيٽا لامحدود آهن، جن بابت جدا ڪتاب ’ڪافي جا گهاڙيٽا‘ لکبو، پر سنڌي ادب اهڙي شاهڪار ڪتاب کان محروم ٿي رهيو. تازو راقم جڏهن سچل سرمست تي تحقيق ڪري رهيو هو تہ سچل سرمست جي شاعريءَ جي فن بابت لکندي، ان جي ڪافيءَ جي گهاڙيٽن بابت پڻ تفصيل سان لکندي درازي شاهہ جي مروج ڪيل سٽ کان وڌيڪ نمونن کي مثالن سان پيش ڪيو. اها ڪوشش ڄڻ مخدوم صاحب جن جي ان رهيل ڪم جي تشنگيءَ کي پورو ڪرڻ خاطر ضرور چئبي.

**مضامين طالب المولىٰ:**

هن سِري هيٺ مخدوم صاحب جن جا ٻائيتاليهہ مضمون شايع ٿيل آهن، جيڪي سائين جن 1950ع کان 1993ع تائين مختلف وقتن تي لکيا ۽ پڙهيا. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون هيٺين مکيہ موضوعن ۾ ورهايل آهن: (1) مذهب، (2) لطيفيات/ اشارتِ شاهہ،(3) تاريخ، (4) سوانح، (5) تحقيق/تنقيد، (6) ادب لطيف، (7) خطبا.

هنن مکيہ عنوانن هيٺ آيل سمورا مضمون، ٻولي ۽ اسلوب جي اعتبار کان سادا ۽ عام فهم آهن، جنهنڪري هر پڙهندڙ انهن مضمونن مان لطف اندوز بہ ٿئي ٿو تہ اصل پيغام کي بہ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، اسان جيڪڏهن هڪ نهار هن ڪتاب جي مکيہ مضمونن تي وجهنداسين تہ اسان هنن مضمونن جي اهميت جو ڪاٿو لڳائي سگهنداسين.

ڪتاب ”مضامين طالب المولىٰ“ ۾ لسانيات جي حوالي سان پڻ مواد شامل آهي، جنهن ۾ مضمون ”دٻ دونهين ۾“ هڪ معلوماتي مضمون آهي، جيڪو هڪ اصطلاح جي وضاحت طور لکيو ويو آهي. جنهن ۾ ڪنهن اصطلاح يا لفظ جي بنياد معلوم ڪرڻ وارو فارمولو موجود آهي. هيءُ مختصر پر دلچسپ مضمون آهي. ’دٻ دونهين ۾‘ اصطلاح جي تشريح ڪندي مخدوم صاحب جن لکن ٿا:

”جڏهن اول اول بندوق ايجاد ٿي ۽ ڪثرت سان استعمال ۾ آئي، تڏهن ئي ڪنهن جي زبان مان اوچتو اهو جملو نڪتو تہ عام استعمال ۾ آيو، تشريح هن طرح آهي تہ ان وقت جي بندوقن کان وڌيڪ بارود بندوق ۾ پئجي ويندو هو، ڇو تہ بارود جو ڪو مقدار مقرر ڪونہ هوندو هو ۽ وري هٿ سان ئي لپ ڀري وجهڻو پوندو هو ۽ وري بارود بہ نئون ايجاد ٿيل، تنهنڪري بندوق جي فائر ٿيڻ بعد ڪيترو ئي وقت دونهون هوا ۾ شامل هوندو هو.

مطلب هيءُ ٿيو تہ اجا دشمن جي فائر جو دونهون غائب ئي نہ ٿئي تہ تون هڪدم ان تي بي پناهہ حملو ڪري ڏي. ان مضمون ۾ مطلب کي ڪنهن سگهڙ ٽورن ئي لفظن ۾ چيو: يعني تہ ”دٻ دونهين ۾(12).“

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ ٻيو مضمون ”فردوسِ سخن“ بہ ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ ڪن لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ڏئي، ان بابت مختلف شاعرن جا شعر ڏنا ويا آهن. 1953ع ۾ لکيل هيءُ مضمون ڄڻ ڪنهن شاعر جي خاص لغت جوڙڻ جو بنيادي خاڪو آهي.

ڪتاب ’مضامين طالب المولىٰ‘ ۾ ’ديوانِ طالب المولىٰ‘ جو مهاڳ بہ شامل ڪيو ويو آهي. جيڪو علم زبان جي حوالي سان اهم ۽ ڪارائتو آهي، جنهن ۾ سنڌي الف- ب جي ٻاونجاهہ اکرن جي پٽيءَ متعلق بحث ٿيل آهي. مخدوم صاحب جي خيال موجب مذڪوره پٽي ۾ ’ڙهہ‘ ’لهہ‘، ’مهہ‘، ’نهہ‘، ’ٺهہ‘، ’تنوين‘ ۽ ’غنہ‘ اکرن جو اضافو ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ هن کان اڳ سنڌي الف- ب جي پٽيءَ ۾ ’گهہ‘ ۽ ’جهہ‘ جهڙا اکر شامل آهن. مخدوم صاحب جن جي خيال موجب مذڪوره اکر عام جام لکيا پڙهيا وڃن ٿا، تنهنڪري ڇاڪاڻ تہ مرڪب اکر اڳ بہ پٽيءَ ۾ موجود آهن، سي هي اکر بہ پٽيءَ ۾ شامل ڪجن. اهڙي خيال سان سنڌي الف- ب جي پٽي اجا بہ طويل ٿيڻ جو خدشو آهي. ساڳئي وقت موجوده وقت ۾ پٽيءَ کي گهٽائڻ جهڙا خيال بہ موجود آهن. بهرحال هيءُ مهاڳ لساني حوالي سان هڪ نئين بحث کي جنم ڏئي رهيو آهي. جنهن تي لسانيات جي ماهرن کي تفصيل سان خيال آرائيءَ جو حق حاصل آهي.

اشارتِ شاهہ (لطيفيات) سري هيٺ لکيل مضمونن ۾ مخدوم صاحب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت مختلف نُڪتن تي پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن، خاص طور شاهہ صاحب جي شعرن جي لفظي معنىٰ جي حوالي سان گفتگو ڪندي، انهن شعرن جي تشريح پڻ ڪئي آهي تہ ٻئي طرح لطيفيات جي عالمن سان مدلل اختلاف بہ رکيو اٿن. اهڙيءَ ريت مذڪوره مضمون شاهہ صاحب جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندڙ ۽ بيتن جون نيون معنائون ٻڌائيندڙ اهم مضمون آهن.

مذڪوره ڪتاب جي هڪ مضمون ”خواجہ حافظ شيرازي ۽ شاهہ ڀٽائي“ ۾ مخدوم صاحب جن شاهہ ڀٽائيءَ بابت ترقي پسند سوچ کي ظاهر ڪندي هڪ اهم نُڪتي طرف اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، تہ ڀٽائي سرڪار بحيثيت انسان پنهنجي شاعريءَ ۾ سمورا انساني جذبا ويهي اُٿيا آهن، تنهنڪري هرورو ان جي شاعريءَ کي فقط مذهبي شاعري ڪري پيش نہ ڪرڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ تہ هڪ انسان جي حيثيت ۾ ڀٽائي صاحب پڻ جدا جدا جذبن ۽ احساسن کي اظهاريو آهي يعني هُن وٽ علحده علحده احساس آهن، جيڪي مذهبي بہ آهن، روحاني بہ، رومانوي بہ تہ انقلابي بہ آهن.

اسان ڏسون ٿا تہ شاهہ لطيفؒ اهڙو شاعر آهي، جنهن وٽ موضوعن ۽ مضمونن جو ڪوبہ ڪاٽو ئي ناهي، هن الله جي هيڪڙائي، رسول ﷺ جن جي اطاعت، انسان دوستي، روحانيت، تاريخ کان ويندي انساني سياءِ، خواهشن، حساسيت، حسناڪيت تائين تہ ٻئي طرف درياهہ رستي وڻج واپار، ۽ دريائي جيوت تائين لاتعداد موضوع ۽ مضمون ويهي پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ سموهيا آهن.

ساڳي ئي ڪتاب ۾ شامل لطيف سائينءَ جي عرس تي ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي خطبي ۾ شاهہ جي راڳ جي حوالي سان گفتگو ڪندي، ڪن اهم نُڪتن بابت اشارو ڪيو ويو آهي، جن ۾ هڪ تہ سنڌ ۾ راڳداريءَ جي حوالي سان استاد ۽ شاگرد وارو سلسلو ختم ٿيڻ واري رجحان تي ڏک جو اظهار ڪندي مخدوم صاحب چون ٿا:

”اهڙيون درسگاهون هجن جتان فنڪار تيار ٿي نڪرن.“ اڄ اهڙن ادارن جي کوٽ جي شدت سان احساس ٿئي ٿو تہ مڪمل سکيا کانسواءِ ڳائڻ جي ميدان ۾ لٿل شهسوار سنڌي موسيقيءَ کي عروج ڏانهن وٺي وڃڻ بجاءِ اُن جي تباهيءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ ٻيو تہ ڀٽائيءَ جي ڀڙ ۾ ڪي نيون ڌُنون ڳائڻ گهرجن، جنهن سان ڀٽائيءَ جي راڳ کي وڌيڪ تقويت ملي.

’هالن جا مخدوم صاحب ۽ ڀٽائي‘ هڪ اهم مضمون آهي، جنهن ۾ ڪن عالمن طرفان پيش ڪيل اهو خيال تہ پنجون پاڳون ’مخدوم مير محمد عرف مخدوم مير پير‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مخالف هو. مخدوم صاحب ان ڳالهہ جو دليلن سان جواب پيش ڪندي ثابت ڪيو آهي تہ هيءَ ڳالهہ مفروضو آهي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. خود شاهہ صاحب جي حياتيءَ تي نظر وجهڻ سان هڪ ڳالهہ چٽي نظر

اچي ٿي تہ ڀٽائي صاحب پنهنجي حياتي ۾ ڪٿي بہ مرشد ۽ مريد وارو سلسلو نہ جوڙيو، نہ ئي اسان کي ڪا ايڏي وڏي جماعت هن سيد سچوري سان گڏ نظر اچي ٿي. جنهن سبب نو لکي گودڙيءَ واري پير صاحب کي ڪو خطرو هوندو. ڀٽائي سيلاني فقير هو، هن فطرت کي جهاڳي حقيقت جو علم حاصل ڪيو هو. هن جو ڀٽ تي آباد ٿيڻ وارو عرصو بہ ڪو سندن حياتيءَ جو آخري ڏهن سالن جو آهي: ساڳي وقت اها بہ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ الله وارا نيڪ فرد ڪڏهن بہ دنيا جي حرص هَوس، هٺ ۽ تڪبر پويان نہ ڊوڙندا آهن ۽ نہ ئي اهڙين خسيس شين جي لاءِ پنهنجي جماعت کي وڌڻ لاءِ اُتساهيندا آهن. اهڙي قسم جون ڳالهيون يا مافوق الفطرت ڪرامتون بزرگن جي بيان ۾ عام ڪرڻ سنڌ ۾ رواج بڻجي چڪو آهي. تنهنڪري انهن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ جي بجاءِ بزرگن جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ سندن حياتيءَ کي ڏسون ۽ پرکيون.

مذڪوره ڪتاب جو هڪ ٻيو اهم ڪارائتو مضمون آهي، ”سروري جماعت جو ’ڏهر‘ ۽ اويسي طريقو“، هن مضمون ۾ مخدوم طالب المولىٰ سائين جن ٻن اهم نُڪتن تي ويچار ونديا آهن: (1) شاعريءَ جي صنف ’ڏهر‘ بابت ۽ (2) اويسي طريقي بابت.

’ڏهر‘، مخدوم نوح سرورؒ جي مريدن سماع وانگر چوڻ شروع ڪيا، جن ۾ حمد، نعت، منقبت، اصحابہ ڪرام ۽ ٻين الله جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف تي مضمون آٿبا آهن. ڏهر چوڻ جو سلسلو فقط سروري جماعت اندر موجود آهي ۽ تصوف جي ڪنهن بہ سلسلي ۾ اهو طريقو رائج ناهي. سروري جماعت جي ڪيترن ئي شاعر مريدن ڏهر چيا آهن، جن ۾ منثار فقير راڄڙ خاص ذڪر لائق آهي، جنهن جو ’ڏهرن‘ جو مڪمل مجموعو ’رسالو رهنمائي‘ پڻ شايع ٿيل آهي. مخدوم صاحب هن مضمون ذريعي شاعريءَ جي هڪ خاص صنف ۽ سروري جماعت جي هڪ خاص طريقي ’ڏهر‘ چوڻ ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي تہ ٻئي طرف هن مضمون ۾ مخدوم نوح سرورؒ جو اويسي هجڻ، اويسي طريقي بابت پڻ مدلل علمي حوالي سان گفتگو ٿيل آهي. بهرحال ٻن مختلف حوالن جي ڪري هيءُ مضمون، پنهنجي موضوع ۽ مواد سبب نهايت ڪارائتو آهي.

مجموعي طرح ڏسو تہ مذڪوره ڪتاب ۾ هڪ ئي وقت تي ڪيترائي موضوع، مضمون ۽ عنوان قائم ٿيل آهن. مذهب کان سياست تائين، تاريخ کان لطيفيات تائين، ادب کان لسانيات تائين گهڻ موضوع آهن، جن سان نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ويو آهي.

**لغات سنڌي مخففات:**

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ۾ اڪثر لفظن جي معنائن ۽ ٻوليءَ جي لساني پهلوئن جو ذڪر ڪيو آهي، پر سندن مڪمل لسانياتي سوچ سمجهہ جو ڀرپور مثال ”لغات سنڌي مخففات“ آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا مخفف ڏاڍي ڌيان سان پيش ڪيا ويا آهن. گرامر جي اصولن موجب لکت ۾ لفظ مڪمل ڏنا ويندا آهن، جڏهن تہ عام رواجي ڳالهائڻ ۾ اڪثر لفظن جا ڪجهہ اکر حذف ٿي ويندا آهن تہ اُن سان گڏوگڏ شاعريءَ ۾ عروض جي قاعدن سبب ڪٿي لفظن جا مخفف بڻبا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ”سنڌي لغات مخففات“ جي مقدمي ۾ لفظن جي مخفف جا اصول بيان ڪندي لکي ٿو:

”مطالعي دوران اهو معلوم ٿيو آهي تہ لفظن جا مخفف روپ ڪنهن ڏوڪيبازيءَ سان يا بيقاعدي نموني نٿا حاصل ڪجن، پر اُن لاءِ بہ ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪي اصول يا قانون ٺهي ويندا آهن. مثال طور هيٺيان اصول عام طور لفظن جي مخففات لاءِ ڪارفرما هوندا آهن، مثلاً:

(i) سنڌي (ادغام) وارا اصول ۽ قانون

(ii) شاعري يا نثر وارين صنفن ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۾ لفظن جو مخفف روپ وٺڻ
(iii) روزمره واري ٻولي ۽ عام گفتگوءَ واري ٻوليءَ ۾ لفظن جو سُسڻ وغيره(13).“

مطلب ته لفظن جا مخفف پڻ لسانياتي اصولن موجب ئي جنم وٺن ٿا، جن کي سوچي سمجهي ئي پيش ڪري سگهجي ٿو. مخدوم طالب المولىٰ جن پهريون پيرو سنڌي زبان ۾ هن قسم جو ڪم سرانجام ڏيندي سنڌي لفظن جي مخفف جي لغت تيار ڪئي.

جنهن جي مواد جي ورهاست موجب مختلف بابن ۾:

اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف: اسم عام، مؤنث: مصدري لفظ: ۽ ٻٽن لفظن جا مخفف.

مجموعي طور پنيءَ جي ٻاونجاهه اکرن مان 43 اکرن تي ڪل ارڙهن سو لفظن جون مخفف صورتون پيش ٿيل آهن.

سنڌي زبان جي هيءَ پهرئين نرالي لغت پنهنجي دور جو نه رڳو سنڌي لغت نويسيءَ ۾ نئون پر هڪ جديد اهڃاڻ آهي. هن ڪم ڪانپوءِ سنڌيءَ ۾ مختلف نوعيت جون لغتون پڻ جوڙڻ جو رواج پئجي چڪو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا”سنڌي لغات مخففات“ جي اهميت بابت لکي ٿو:

”هيءَ لغات گهڻ ڪارج واري لغات آهي. هن ۾ اڪيچار خصوصيتون آهن، جن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن لغات جي مدد سان لفظن جا ڏاتو، اُچار، اشتقاق، ٻوليءَ ۾ لفظن جي معنىٰ، سمجهاڻي ۽ وياڪرڻي ڪارڻ معلوم ڪري سگهجن ٿا. هن لغات جي مطالعي سان لساني، وياڪرڻي، تهذيبي تمدني ۽ ثقافتي ڳالهيون، نُڪتا ۽ حقيقتون سامهون اچن ٿيون، جن جي چنڊڇاڻ کي بنياد بنائي ڪئين ڪتاب به لکي سگهجن ٿا(15).“

**منهنجوننڍپڻ:**

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن جي يادگيرين تي مشتمل هيءَ ڪتاب بنهه مختصر ئي سهي، پر مصنف بابت بنيادي ڄاڻ ڏئي ٿو. سندن ولادت، ننڍپڻ، درسي تعليم، والد بزرگوار مخدوم غلام محمد گل سائينءَ وٽان تربيت، زماني شناسيءَ جو علم ۽ شاعريءَ ڏانهن رغبت جهڙي ڄاڻ، هن مختصر مضمون مان ملي ٿي. مخدوم صاحب هيءَ معلومات بيماريءَ جي حالت ۾ لکي، جنهن کي سندن صد لائق پوٽي، اديب، شاعر ۽ محقق مخدوم جميل الزمان ڪتاب جي صورت ۾ ترتيب ڏئي، ان تي ضروري حاشيا لکي، شايع ڪرائي هڪ وڏي علمي، سياسي ۽ روحاني شخصيت جي زندگيءَ جي ابتدائي دور کي نهايت شائنتي انداز ۾ دنيا آڏو آڻيندي محفوظ بڻايو آهي.

**مصري جون تڙيون:**

هيءَ ڪتاب، مخدوم طالب المولىٰ سائين جن جي چونڊ علمي نُڪتن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ سمورن موضوعن بابت سندن ذاتي خيال پيش ٿيل آهن، جيڪي علمي حوالي سان نهايت ڪارآمد ۽ مفيد آهن. هت نموني خاطر سندن ڪجهه قول نقل ڪجن ٿا:

- هي دور آزاد غلامي جو آهي.
- دنيا عظيم ايڪسيڊنٽ آهي.
- اڄڪلهه سياسي ۽ نظرياتي اختلاف دشمنيءَ جا ٻيا نالا آهن.
- ماڻهوءَ جي نيت پرکڻي هجي ته ان سان راند ڪجي.
- ڪنهن جي طبعيت سمجهڻي هجي ته ان سان گڏ شڪار ڪجي.
- ذهني ڪيفيت چهري مان معلوم ٿيندي آهي.
- عشقبازي ٻي شيءِ ۽ عيش بازي ٻي شيءِ ٿيندي آهي(16).

**ب: شاعري:**

هن عنوان هيٺ اسان مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جي شاعريءَ جو مطالعو صنف وار ڪنداسين.

**غزل:**

غزل، مخدوم صاحب جن جي محبوب صنف آهي. سندن غزل جو مڪمل ديوان 'ديوان طالب المولىٰ' جي سري سان شايع ٿيل آهي. هن ديوان جي مقدمي ۾ سائين جن سنڌي الف- ب جي پٽيءَ ۾ ڪجھ اکرن جي اضافي بابت بحث ڪيو آهي. هن ديوان ۾ انهن اکرن تي به غزل پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

مخدوم طالب المولىٰ جن غزل کي ڏاري صنف جيان ئي قبول ڪيو آهي، پر باوجود ان جي سندن غزل نهايت خوبصورت آهن.

سندن اهڙي هڪ خوبصورت تشبيهه جو ذڪر به ڪجي، جنهن ۾ سڄڻ جي ڪارن وارن کي ڪاري رات سان پيٽيو ٿا، چون ٿا:

رشڪِ بخت سيہ رشڪِ تاريک شب هن جا زلفِ دوتا -خوشنما خوشنما
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان جلوه گر، جلوه گر يا خدا يا خدا!

مخدوم صاحب جڏهن غزل لکي رهيو هو يا ديوان مرتب ڪري رهيو هو، ان وقت يقيناً سندن آڏو هالا جي شاعرن جا ديوان موجود هوندا، خاص طور "ديوان گل" ته سندن اڳيان رهيو، چاڪاڻ ته "ديوان گل" سنڌي غزل جي عمارت جوڙيو بينو آهي ۽ پيو ته مخدوم صاحب جن پنهنجي ديوان جي مهاڳ ۾ "ديوان گل" جا حوالا ڏنا آهن.

مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي غزل ۾ ڪيترائي نوان موضوع شامل ڪيا آهن. زماني جي حالتن بابت فڪرمند آهن. وقت، پڪيءَ جيان اڏامندو ٿو وڃي، واريءَ جيان مُٺ مان ڪسڪندو وڃي ٿو، پر جيئن جيئن وقت تبديل ٿئي ٿو ته ان سان گڏ هو مقرر ٿيل اخلاقي قدرن کي به اورانگهي ٿو. اسان گُنريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪيترن ئي اخلاقي مونجهارن ۾ مبتلا آهيون، جنهن سبب هڪ اهڙو نسل پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو پنهنجن اعليٰ قدرن جي بجاءِ بين سوسائٽين جي طرز انداز کي اختيار ڪرڻ ۾ فخرمند آهي، نه رڳو ايترو، پر ان اثر هيٺ هو ڪيترن ئي غير اخلاقي قدمن کي به درست سمجهي رهيو آهي. ان پس منظر ۾ مخدوم صاحب خوب چيو آهي:

عجب آهي زماني جا سيئي اطوار مٽجي ويا،
وڏا سردار مٽجي ويا، وڏا پوتار مٽجي ويا.

اهو اخلاق، اها الفت، اها تهذيب ڪانهي ڪا،
غريبن ۾ اجا ڪجھ آهي، پر زردار مٽجي ويا.

نه عزت هاڻ اشرافن جي محفوظ آهي اي يارو،
وڏن تي چا ميار آهي جو ننڍڙا بار مٽجي ويا.

زماني جون حالتون چا بدليون، اسان مان سهپ، برداشت، خلوص، سڪ، احترام ئي موڪلائي رهيو آهي. مقدس عبادتگاهن جو تقدس به پائمال ڪرڻ کان نٽا ڪيبايون. مسجدون دهشتگرديءَ جي ور چڙهي ويون آهن، خانقاهون ذاتي مفادن لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن. ان صورت ۾ عام فرد ڪيڏانهن وڃي، اهو بنيادي سوال آهي. مخدوم صاحب ان پس منظر ۾ چون ٿا:

پناهون خانگاهن ۾ ملي سگهيون نه اي زاهد!
تڏهن ميخاني کي ۽ ان جي پيمانن کي پوڄيون ٿا.

اسان ڪان ڪانہ بدعت ٿي سگهي خرقہ نوازيءَ جي،
خدا جو سنهن تہ بس چاڪِ گريبانن کي پوڄيون ٿا.

پر اها فراريت آهي، مسئلي جو حل ناهي، ڪنهن مستقل حل ڏانهن. اسان جي سوچ جو سفر ناهي، اهو عارضي پٽو آهي. حقيقت جي تلاش اسان کي ٿي ڪرڻي پوندي. مخدوم صاحب ان مستقل حل ڏانهن اسان کي وٺي وڃي رهيا آهن، جتي دنيا جا هي سڀ رنگ ڊاهڻا پوندا، چون ٿا:

اها پيري ۽ مخدومي بہ، هڪڙو ڍنگ اڄ آهي،
فقط رندن سان الفت آهہ، مستانن کي پوڄيون ٿا.

وري اڳتي پنهنجي حالت بابت چون ٿا تہ ڪين هن مالداريءَ جي خواهش جي بجاءِ فقرائيءَ ۾ موج ماڻڻ جي خواهش آهي:

ناهہ خواهش مالدارن ۾، ٿيان داخل ڪڏهن،
مون کي فقرائي مزي جي، مالداري ٿي نصيب.

”ديوان طالب المولىٰ“ ۾ انساني مزاج کي بہ چٽيو ويو آهي. ڪي بنهہ ننڍڙيون ڳالهيون جڏهن شاعر بيان ڪندو آهي تہ اهي وڏيون محسوس ٿينديون آهن. اهڙوئي هڪ خيال مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي هڪ غزل ۾ چٽيو آهي، تہ هر فرد پنهنجي اندر ۾ هڪ الڳ ڪائنات رکي ٿو. هن جون ترجيحات پسند ناپسند جدا جدا ٿين ٿيون، جيڪو فطري اصول آهي، ان ڪيفيت کي مخدوم صاحب ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي:

هر ڪنهن جي ٿيندي آهہ طبعيت جدا جدا،
رنگِ وفا جدا ۽ محبت جدا جدا،

واعظ رڳو مبالغو ۽ رند صفا گو،
قدرت بنائي آهہ ئي فطرت جدا جدا.

عشق، شاعريءَ جو بنيادي محرڪ آهي، جيستائين اهو جذبو جاڳي نہ ٿو، چٽنگ جيان ڏکي نہ ٿو ڏکي، دکي باهہ جهڙو پنيڻ نہ ٿو پڙڪائي، ان وقت تائين شاعريءَ جو وجدان پنهنجي اظهار جي حالت تائين پهچي نہ ٿو سگهي ۽ عشق ئي اهو جذبو آهي، جيڪو يار جي در تي جهڪائي ٿو تہ سڄڻ خاطر جڳ جهان سان وري ويڙهہ ڪائڻ جي همٿ بہ ڏئي ٿو. مخدوم صاحب بہ هڪ سچي عاشق صادق وانگر يار جي در جي خاڪساري نصيب ٿيڻ تي سَرها آهن:

يار جي در جي چڱو جو خاڪساري ٿي نصيب،
شڪر ٿيو هي راهہ مون کي عشق واري نصيب.

عاشق، پنهنجي محبت ۽ محبوب لاءِ هميشہ پُراعتماد رهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ عشق هڪ اهڙو پاڪ پوتر احساس آهي، جيڪو جڏهن بہ جنهن جي اندر ۾ ڪر موڙي اٿي ٿو تہ ان جي سوچ جي دنيا کي حساسيت ۽ حسناڪيت بخشي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ ان شخص اندر هڪ سگهہ ۽ تازگي پيدا ٿئي ٿي، جيڪا هن کي عشق جي اٿانگن پيچرن تي هلڻ جو حوصلو ڏئي ٿي. مخدوم صاحب ان خيال کي ڪيڏي نہ خوبصورت تشبيهہ ۾ پيش ڪيو آهي:

سر پهاڙن جو ڪين ڪي جهڪندو،
عشق ٿئي بي وقار ناممڪن.

مخدوم صاحب عشق جي معاملي ۾ پڻ بااصول نظر اچن ٿا، هنن جي سامهون بهتر آهي ته عشق جي ابتدا ڪرڻ وارو ئي خود انتها ڪري، هيءُ سوچ به عشق جي اصولن جو ڪو اعليٰ مرتبو آهي، چون ٿا:

جيڪو به جنهن سان عشق جي خود ابتدا ڪري،
ان جو ئي فرض آهه ته هو انتها ڪري.
اڳرو قدم اي طالب المولیٰ ڪڏهن نه ڪڻ،
تنهنجو پلي حريف ئي هر ابتدا ڪري.

عشق جي واديءَ ۾ پير رکڻ سان هر روز عشق جي ڪتاب جو هڪ نئون ورق ڪلي ظاهر ٿئي ٿو. هڪ نئون رنگ، هڪ نئون ڍنگ، هڪ نئون انداز، هڪ نئين نرالي دنيا ۽ ان دنيا جي خوشبو، سرهاڻ وجي ٿي ذهن کي معطر ڪندي ۽ عاشق وجي ٿو سفر ڪندو، جو سفر من اندر آهي. جيڪو هڪ حد تي پهچڻ ڪانپوءِ وري ٻئي حد ۾ داخل ٿي وجي ٿو. ائين هر حد ڪانپوءِ وري ٻي حد شروع ٿئي ٿي. سچل سرمست چوي ٿو:

حدين وجي هرڪو لاحد وجي پير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وجي.

مجموعي طور اسان ڏسون ٿا ته مخدوم صاحب جن پنهنجي غزل ۾ ڪيترين ئي تشبيهن، استعارا استعمال ڪيا آهن ته گڏوگڏ فڪري طور سندن غزل رڳو حسن و عشق تائين محدود ناهي، پر منجهس انساني سياءِ، وقت ۽ حالتن جي شناس ۽ روحانيت جهڙا موضوع ۽ مضمون پڻ سندن غزل ۾ شامل آهن.

**بيت:**

بيت، سنڌي اوائلي شاعريءَ جي صنف آهي، لوڪ شاعرن توڙي ڪلاسيڪي شاعرن بيت خوب چيو آهي. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ بيت اسان کي سومرن جي دور کان ملي ٿو. وقت سان گڏوگڏ بيت جي قالب ۾ بن قسمن جي تبديلي ايندي رهي، هڪ سٽن جي واڌاري جي ۽ ٻي، قافين جي مٽا سٽا جي. جنهن سبب ان جون ڪيترين ئي صورتون پيدا ٿيون، جن ۾ دوهو، سورٺو، دوهو- سورٺو، سورٺو- دوهو شامل آهن. هي هيئتي صورتون چند تي آڌاريل پڻ آهن. هن دور ۾ به بيت جون هي صورتون لکيون پڙهيون وڃن ٿيون. بيت توڙي جو اوائلي صنف آهي، پر روايت مان پاڻ کي ڳنڍي رکندڙ شاعرن هن دور ۾ به بيت چيو آهي. مخدوم طالب المولیٰ جن جي شاعريءَ ۾ اسان کي بيت به جججهي تعداد ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ ڪيترائي موضوع آندل آهن ته ساڳئي وقت فني حوالي سان سندن بيت ٻن، ٽن، چئن ۽ ان کان به وڌيڪ ائن، نون سٽن جو آهي. سندن هڪ بيت، پاونجاهه سٽن جو آهي. جيڪو تجربو سگهڙن وٽ ته ملي ٿو، پر ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل شاعري ۾ نه ٿو ملي. 'سارسنڀال' عنوان هيٺ اهو طويل بيت سندن ڪتاب 'چپر ۾ چڙيون' ۾ شامل آهي.

مخدوم طالب المولیٰ جي بيت جي مطالعي سان جيڪا ڳالهه سامهون اچي ٿي ته هن پاڻ کي روايت سان ڳنڍيل رکندي نج ديسي صنف بيت کي ديسي ئي رنگ ۾ رهڻ ڏنو آهي ته ساڳي وقت ان ۾ موضوعاتي وسعت به پيدا ڪئي اٿس. الله جي هيڪڙائي کان ويندي مني مير مرسل جي ثنا تائين، تقويٰ کان روحاني رهاڻ تائين، عشق جي آزين نيازين کان وقت ۽ حالتن تائين ڪيترائي مضمون مخدوم صاحب جن پنهنجي بيت ۾ سموهيا آهن.

پيغام پرور موڪليو هٿان پنهنجي حبيب،
امانت سان الله جو، نياپو ڏنو نجيب،
آخر ان عجيب، ڪفر ڪعبي مان ڪڍيو.

روحانيت مخدوم صاحب جي جي هڪ خاص سڃاڻپ آهي. پاڻ جنهن درگاهه سان وابسته هئا، اتي سندن هڪ حيثيت روحاني اڳواڻ جي به هئي، ۽ پاڻ سمجهندا به هئا ته سڪون، بي سڪون خلق جي خدمت مان ئي حاصل ٿيندو. سندن وضعدار طبعيت ان ڳالهه جي عملي صورت آهي. مخدوم صاحب جن پنهنجن بيتن ۾ 'رهاڻيون راهوندڙ ۾' جو مضمون آندو آهي، هالا نئگ راهوندڙ ۾ درگاهه حضرت مخدوم نوح سرور" جي تيرهين سجاده نشين ۽ بيت ۽ ڪافي جي شاعر مخدوم امين محمد پڪن ڏٺي، پڪا اڏي اڪيلائيءَ ۾ ويهي الله جي عبادت ۽ رياضت ۾ وقت بسر ڪندا هئا. مخدوم طالب الموليٰ جن ان جاءِ تي ويندڙ هئا ۽ ان هنڌ تي ڪيل امين سائينءَ جي عبادتن، رياضتن ۽ روح پرور روحاني رهاڻين ڪان تصور ۾ واقف هئا، تنهنڪري ان تصور تي پاڻ بيت به چيا اٿن:

رند رهن راهوندڙ ۾ جوڳي ٿيو جنگ،
لڪيو ٻڌن لوڪ ڪان لالائي جا لنگ،
دنگن مٽي دنگ، پيئن شوق شراب جا.
(چپر ۾ چڙيون، ص 5-124)

وطن سان محبت هڪ انساني فطري جذبو آهي، مخدوم صاحب جن بحيثيت هڪ محب وطن شاعر جي، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي مٽي، پنهنجي سنڌ سان محبت جو اظهار خوب ڪيو آهي ۽ سنڌ کي سدائين شاد ۽ آباد رهڻ جي دُعا پڻ ڏني آهي، چون ٿا:

سدائين سرهي رهين منجهه هجن هبڪار،
مسڪينن تي مينهن جي وسي شل وسڪار،
ڏڪر سيئي ڏور ٿين وجن ڏهڪي ڏهڪار،
طالب مولا طلب جا وڏا آهن وهنوار،
سائين مون ستار سدا وسي سنڌڙي.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 36)

عشق جي ضمن ۾ مخدوم صاحب جن پنهنجي خوبصورت خيالن جو اظهار ڪيو آهي، ڪبوتر، ڪانگ، اڪيون ۽ پير عشق جي ڪٿا جا خاص ناٺا آهن. ڪانگ ۽ ڪبوتر وسيلي پرين ڏانهن پيغام اماڻڻ جو تصور به اسان کي آڳاٽي وقت کان ملي ٿو، پر هنن موضوعن تي مخدوم صاحب جن ڪبوتر ۽ ڪانگ جي خصلتن جي پيٽ به ڪئي آهي جيڪا ڏاڍي دلچسپ آهي.

ڪانگ برابر ڪارڙا، ڪنا جي ڪوجها،
ته به ڏين پيغام پَرڪ سمجهي سبوجها،
آهن ابوجها طالب مولا ڪين ڪي.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 74)

ساڳئي وقت ڪبوتر بابت چون ٿا:
ڪبوتر ۽ ڪانگ ۾ آهي وڏو قير،
هن جي گونگن وانگيان غون غون سمجهي ڪير،
هُن جي ڪان ڪان سمجهجي جو پائي اگڻ تي پير،
هو ديس پرائي جو پکي هي وطن جو دانهير،
ڪارو ڪونجهو ئي سهي من ۾ رکي نه مير،
اير نه ڪوئي پير، طالب مولا تن ۾.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 72)

اکين ۽ پيرن جو ذڪر بہ دلچسپ آهي، اکيون عشق جي اظهار جو بهترين ذريعو آهن، ۽ اکيون ئي آهن جيڪي ڪن کي گهائل ڪن ٿيون، ڪن کي مائل ڪن ٿيون، ڪڏهن تڙپ ۽ بيقراري وڌائن ٿيون تہ ڪڏهن تڙپ ۽ بيقراريءَ کي ماٺو ڪن ٿيون. ڪڏهن سڄڻ لاءِ اوهيرا ڪري وهن ٿيون تہ ڪڏهن خوابن کي پاڻ ۾ ٽانڪي وتن ٿيون عاشق سان چلولايون ڪنديون. مخدوم صاحب جن اکين بابت خوب لکيو آهي، مينهن سان پنهنجي حالت کي پيٽيندي چون ٿا:

وسيو ٿيو وسن، اکيون اوهيرا ڪريو،
ڪهڙي مجال مينهن کي جو اينهين ئي اچن،
طالب مولا! طلب ۾ ٽميو روز ٽمن،
جيڪر محب ملن تہ رهنديون ڪين رئڻ کان.

(ڇپر ۾ ڇڙيون، ص 130)

۽ جڏهن اکين پنهنجي پرين جو ديدار ڪيو تہ ڪين روئڻ وسري ويو ۽ ان ويل مخدوم صاحب جن کي پنهنجا پير ياد آيا جن جي ذريعي هو سڄڻ تائين پهتو آهي. هيءُ انداز نرالو آهي، پيرن کي ڳائيندي سائين طالب المولیٰ جن چون ٿا:

قدمن تان قربان ٿيان، جو هليا وٽ حبيب،
هيرايا هٿن سان، قربائتي قريب،
نہ تہ ڪڏهن ڏسان ها ڪين کي لالڻ يار لبيب،
طالب ٿيا طبيب، جو پرينءَ وٽ پڄائيون.

مجموعي طور مخدوم طالب المولیٰ سائين جن جو بيت خوبصورت ۽ دلچسپ آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جو بہ سهڻو استعمال ٿيل آهي، فني ۽ موضاعتي حوالي سان ڪٿي ڪٿي نرالو ڍنگ اختيار ٿيل ملي ٿو.

## ڏهر:

ڏهر هڪ غير عروضي صنف آهي، جيڪا بيت جهڙي سٽاءَ رکندڙ آهي. هيءُ صنف ڪڏهن کان لکجڻ شروع ٿي، ان بابت تہ پڪي پختي ڄاڻ ناهي، بلڪ اهو وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ صنف سروري جماعت پاران متعارف ڪرائي وئي، جيڪا مخدوم نوح سرورؒ جي درگاهہ تي سماع جي محفل ۾ پڙهي ويندي آهي، جنهن ۾ حمد، نعت، منقبت، اصحابہ ڪرام ۽ بين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف ڪئي ويندي آهي. سروري جماعت جي ڪيترن ئي شاعرن منٺار فقير ۽ ڏهر چيا آهن. مخدوم طالب المولیٰ، سروري جماعت جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ پڻ ڪجهہ ڏهر چيا آهن:

آءٌ طالب تنهنجو توڪلي، تون سٽي شاهہ سرور،
دامن لڳس تنهنجي، منهنجا مٺا مرشد مير،
يا ننگي نوح فقير، پرم رکجانءِ پال سان.

## سہ حرفي:

سہ حرفي يا ٽيهہ اکري سنڌي توڙي سرائڪي شاعريءَ ۾ اوائلي وقت کان ملندڙ صنف آهي، موجوده دور ۾ هن صنف تي طبع آزمائي نہ ٿيڻ جي برابر ٿي رهي آهي مخدوم صحب جن پنهنجي شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾ سہ حرفي بہ چئي، جن جو چڱيل تعداد بہ آهي. جن ۾ الله سان عشق، دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ لالچ ۽ حرص، هوس کي ڇڏڻ جهڙا موضوع آندل آهن:

بي: ميڙي ڪر مضبوط هيءُ، محبت وارو مال
'ولا تمنن لتستڪثر' خاصو رک خيال،
طالب مولا ترڪ ڪر، بديءُ کي بهرحال،
لائق ٿئين لال، تہ هادي تنهنجو حال ٿئي.
(ڪچڪول طالب، ص 102)

**ڪافي:**

ڪافي، سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف آهي، جنهن جي ابتدا اسان کي امير خسرو جي دور کان ملي ٿي، مختلف دورن ۾ ڪافيءَ ۾ نکار ايندو رهيو. سچل سرمست، سنڌي ڪافي جي مروج يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چوٽي گهاڙيتن ۾ قافين جي متا سٽا سان سٽ کان وڌيک نمونا ايجاد ڪيا. هيءُ تجربو، انتهائي اهم آهي، جيڪو ڪامياب ثابت ٿيو، پوءِ ٻيءِ ڪيترن ڪافي گو شاعِرن ان هيئتي تجربي کي قبول ڪندي خود بہ اهڙي انداز ۾ ڪافي لکي.

ڪافيءَ جي هن شاندار پس منظر کان اسان جو مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ پڻ واقف هو، تنهنڪري هن صاحب خاص ڪافيون چيون. سنڌن ڪافيون مختلف هيئتن يڪي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چوٽي جي سٽاءَ ۾ آهن. جيڪي ڪلنگڙي، آسا، ڌناسري، بلاول، تلنگ، سدا سهاڳڻ، گنڌاري ديسي ۽ ٻين ڪيترن ئي سُرن ۾ آهن.

موضوعاتي طور ڪافيءَ ۾ سچڻ جي سونهن، سوپيا، ان جا آرا انگل، راز نياز، پنهنجا درد، ڏک، آهون ۽ دانهون بيان ڪيون آهن. مخدوم صاحب جن جي ڪافي ۾ پڻ اهي سموريون وارتائون ۽ ڪهاڻيون آيل آهن. حُسن کي پسند ڪرڻ هڪ فطري جذبو آهي، پر شاعر جي اک جنهن انداز سان ان سونهن کي پنهنجي اک جي لينس ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ پوءِ جڏهن ان منظر کي لفظن جي شڪل ۾ ڪاغذ تي اُتاري ٿو تہ اهو هڪ نئون ۽ نرالي رنگ ڍنگ سان نکري پئي ٿو. ڪافيءَ جي خصوصيت اها آهي تہ هو نج سنڌي صنف هجڻ سبب ان ۾ نج سنڌي لفظن جو استعمال ٿئي ٿو ۽ جيڪو شاعر، پنهنجي زبان تي دسترس ۽ موسيقيءَ جي بنيادي ڄاڻ رکي ٿو، اهو شاعر بهتر ڪافي لکي سگهي ٿو. مخدوم صاحب جن جي ڪافي پڻ رس چس سان پرپور ۽ خوبصورت آهي، حسن جي بيان ۾ چيل هي ڪافي ٺيٺ لفظن جي استعمال جي سبب نهايت شانائتي ٿي پئي آهي.

سهڻل جا سينگار، وهوا دل کي وڻن ٿا،
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا، ڏاڍا نهن ٿا،
من کي موهن ٿا.

ڪارا ڪارا، ڪنڍڙا ڪنڍڙا سهٽا سهٽا، سنهڙا سنهڙا
وانگوڙي ۾ وار،
نيل قليل، ڦٽيون ڦوڪارا، ڏوپيل واسيل ڪيس هو ڪارا،
گهرا گهنڊيدار.
(چپر ۾ چڙيون، ص 339)

مخدوم صاحب جن وري هڪ ٻئي هنڌ سونهن سوپيا جو ذڪر اذڪار زيورن جو ڪيو آهي، جنهن جي پائڻ سان محبوب جي حسن ۾ بي تهاشا اضافو ٿئي ٿو ۽ شاعر ان حسين ۽ دلڪش منظر کي پنهنجن لفظن ۾ ڪجهہ هن طرح چيو آهي:

منجهہ ڪنن ايرينگ لڏن ٿا، ڳاڙهن ڳلن کي خوب چمن ٿا،
ناز منجهان ٻئي نوري نچن ٿا، عشق مان ڏين اُچل!

انساني ڇهري تي جيڪا شيءِ وڏيڪ ڇُڪشش ۽ موهيندڙ هوندي آهي، اهي اکيون آهن، اکيون الله جي خاص نعمت پڻ آهي، ڇاڪاڻ ته انهن اکين سان ئي سموري ڪائنات جي رنگ ڍنگ کي ڏسي سک ۽ سڪون حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهي اکيون ئي آهن، جيڪي حجابن جي پردي مان به الائي ته ڪهڙا ڪهڙا نه سلڻ جهڙا اورڻ به ڪنديون آهن. تنهنڪري شاعرن اکين کي وڏيڪ اهميت سان ڳايو آهي. سموري ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل، عروضي توڙي جديد شاعريءَ ۾ اکين جو ذڪر ضرور ڪيو ويجي ٿو.

مخدوم صاحب جي جد امجد برصغير جي ناميارا عالم دين، قرآن ڪريم جي مفسر ۽ پهرئين فارسي مترجم ۽ سنڌي شاعر، حضرت مخدوم نوح سرورؒ اکين تي خوب بيت چيو آهي:

اپڻيان ته انڌيون پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي.

ساڳي ريت مخدوم طالب الموليٰ جن به پنهنجي شاعريءَ ۾ اکين جو ذڪر خاصو ڪيو آهي. ڪافيءَ ۾ پڻ سندس اهڙو تذڪرو موجود آهي. اکين جون مختلف حالتون بيان ڪيون ائن، جڏهن محبوب سو صدما ڏئي اڪيلو ڇڏي هليو وڃي ڪيس پنهنجي عاشق جي دلي ڪيفيت ۽ جذبن، احساسن جو احساس نه ٿئي، ته به اکيون عاشق جو وڏو سهارو ٿين ٿيون. مخدوم صاحب جن چون ٿا:

پلي سهٺو سو صدما ئي ڏئي پلي دلبر دل کان دور ٿئي،
پلي نينهن ۾ يار نهوڙي نئي ته به ڪين ڇڏن غمناڪ اکيرن.
(بي پير اکيون، ص 34)

اکين کي ڳائيندي مخدوم طالب الموليٰ جن اکين جون ڪيتريون ئي خاصيتون بيان ڪيون آهن ته اکيون ئي آهن جيڪي عشق ۾ انسان کي بي باڪ بنائي وجهنديون آهن، ڇاڪاڻ ته اکيون ان وقت حالِ دل بيان ڪنديون آهن جڏهن عشق جي هڪ مرحلي تي چپن جي سرحدن کي پار ڪري لفظ معشوق جي سماعتن تائين نه پهچندا آهن، ان ويل دنيا جهان جي پياري شيءِ اکيون ئي هونديون آهن عاشق لاءِ، جيڪي سندس اندر جون وارتائون اورينديون آهن، اکين جي انهي بي باڪي کي مخدوم صاحب جن ڳايو آهي:

محبوب هزار حجابن ۾ ۽ شرم حيا جي حسابن ۾،
سرتاپا نوري نقابن ۾ ڪن عشق ٿيون آزاد اکيون.
(بي پير اکيون، ص 39)

پئي پرت جوڻ ٿيون پيغام اکيون،
يا عشق سنڌو الهام اکيون!
(بي پير اکيون، ص 36)

اکيون عزم واريون عقابي عقابي،
هو مارڻ لاءِ ڪن ٿيون شتابي شتابي.
(ڇپر ۾ ڇڙيون، ص 423)

مخدوم طالب الموليٰ جن بنيادي طرح ڪافي ۽ بيت جا شاعر آهن، هنن جنهن خوبصورتي ۽ ڪمال ڪاريگري سان هنن ٻنهي صنفن سان انصاف ڪيو آهي، اهو عمل قابلِ قدر آهي. سندن ڪافيءَ جي ٻولي خوبصورت رس چس مان پرپور ۽ موسيقيت جي لئه سان پُر آهي، تنهنڪري سندن ڪافي آسانيءَ سان جهونگاري سگهجي ٿي.

## مثنوي:

مخدوم طالب الموليٰ جن جي شاعريءَ ۾ اسان کي مثنوي به ملي ٿي، مثنوي اڻين ته فارسي شاعري جي صنف آهي، پر سنڌي شاعرن به ان تي طبع آزمائي ڪئي آهي. بنيادي طرح مثنويءَ جو هر بند ٻن سٽن جو پاڻ ۾ هم قافيا ٿئي ٿو، پورو نظم هڪ ئي بحر ۾ چيل هوندو آهي. مخدوم صاحب جن جي چيل مثنوي 'عقل و عشق' دلچسپ آهي، ڇاڪاڻ ته منجهس عقل ۽ عشق جي پاڻ ۾ دليل سان پيٽ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي ته عقل هميشه دليل گهري ٿو ۽ عشق پنهنجا وشالتا ۾ هر شيءِ کي جذب ڪري ڇڏي ٿو ۽ عشق ئي تنهڪري اعليٰ بڻجي وڃي ٿو، چون ٿا:

عشق جو احوال ڪو عاشق ڪندو،
عقل جو احوال ڪو فاسق ڪندو.

عشق جي ڪنجڪ جهلي قابو هلون،
عقل کي هاٿي اتي ئي ٿا ڇڏيون.

## مرثيو:

مخدوم طالب الموليٰ سائين جن جي شاعريءَ ۾ اسان کي مرثيو به ملي ٿو. اهلبيت اظهار سان عقيدت ۽ محبت هر مسلمان جي دل ۾ موجود آهي. خاص طور ڪربلا جي رڻ ۾ حضرت امام حسينؑ جن جي شهادت وارو دل ڏکوئيندڙ سانحو هر دل کي رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ڪيو. مخدوم طالب الموليٰ جن هڪ حساس دل ۽ سجاڳ شاعر هئا. هنن ان دردناڪ واقعي جي ڪرب کي دل سان پوڄيو هوندو. پاڻ 1946ع کان 1960ع تائين واري عرصي ۾ مرثيا لکيا اٿن، جيڪي سمورا سنه 2004ع ۾ سندن لائق فرزند شاعر مخدوم خليق الزمان، 'شانِ حسين' جي نالي سان ڪتاب ۾ 'جليس جعفري' کان ترتيب ڏياري پڌرا ڪيا. اهڙي ريت مخدوم طالب الموليٰ جن جو هڪ علمي سرمايو محفوظ بڻجي ويو.

پاڻ پنهنجي هڪ مرثيي 'اي سرزمين ڪربلا' ۾ چون ٿا:

خيمه اطهر لٽيا ڪيئن ۽ جليا ڪهڙي طرح،
آل پيغمبرؐ تي ٿيا جورو جفا ڪهڙي طرح.

ڪلمه گو مرسلؐ سندا ٿيا بي حيا ڪهڙي طرح،
شام قيدي ٿي هليو آل عبا ڪهڙي طرح.

من گهڙيءَ تو ۾ نه آيو زلزلو چو اي زمين،
ٿي لڏيو جنهن وقت شاهه دوسر گردون نشين.

(شانِ حسين، ص 155)

ڏهين محرم جي شام ڪربلا جي ميدان تي حضرت امام حسينؑ جي خيمي وارن تي خاموشي، ڏک، درد ۽ پيڙا سان لٿي. اهو وقت ۽ اهو منظر ڏاڍو حزن و غم ۽ رنج الم پريو هو. مخدوم صاحب جن مرثيي "آئون چو نه ڪريان شڪر خدائي دوجهان جو" ۾ چون ٿا:

هڪ شام غريبان ۽ ٻيو اونده جو ميدان،
خيمن ۾ تلاطم ۽ اُداسيءَ جوئي سامان،

سڀ عالم عقبيٰ ڏي ويا خيمن جا نگهبان،
هت حسرت و فرقت هو ۽ خاموش بيابان،
عبرت هئي عبرت اڄ خود ظلم خجل هو،
هي لاش نه هو خاڪ تي اسلام جي دل هو.
(شانِ حسين، ص 80)

مخدوم طالب الموليٰ جن مرثين کانسواءِ حمد، نعت، منقبت، نوحه ۽ سلام پڻ ڇپيا آهن. سندن مذهبي شاعري به رومانوي شاعري جيان خوبصورت آهي. خاص طور مرثين ۾ واقعي کي ترتيب سان بيان ڪرڻ ئي ڪاميابي هوندي آهي. جيڪا خوبي مخدوم صاحب جن جي مرثين ۾ نظر اچي ٿي. سندن مرثيا مسدس جي هيئت ۽ عروض جي مختلف بحرن ۾ آهن.

شانِ حسين ڪيڏو نه برتر بلند آ،
پهتو ته ڪربلا ڪي معليٰ ڪري چڙهيئين.

**رباعي:**

فارسي شاعريءَ جي هيءَ صنف به مخدوم صاحب جن جي شاعري ۾ ملي ٿي. سندن رباعين جو مڪمل ڪتاب 'رباعيات طالب' ۽ ٻيون رباعيون 'بهارستان' ۾ شامل آهن. هيءَ صنف ٻن حوالن کان ڏکي صنف آهي. هڪ ته ان لاءِ بحر ۽ وزن مقرر ٿيل آهن، ڪنهن ٻئي بحر يا وزن تي رباعي نه ٿي چئي سگهجي ۽ ٻيو ته موضوع يا خيال کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ فقط چار سٽون ئي درڪار ٿين ٿيون. مخدوم صاحب جن پنهنجي رباعين ۾ مالڪ مهربان جي آڏو پنهنجي عاجزي، هيٺائي، مجازي عشق توڙي برابري، سهپ ۽ سياست جهڙا موضوع آندا آهن:

اي بارِ خدا آئون گنهگار آهيان،
مون ڪونه چڱو ڪم ڪيو بدڪار آهيان،
هن نفس جي غلبي کان ته لاچار آهيان،
ته به تنهنجي عنايت جو طلبگار آهيان.
(رباعياتِ طالب، ص 1)

مخدوم صاحب جن پنهنجي سموري شاعريءَ ۾ دنيا جي اجائي وڏائي، هٺ، تڪبر ۽ مخدومي جهڙي رتبي کان بيزاري ڏيکاريندي هميشه هڪ سادي، عاجزي واري ۽ خلق جي خدمت ڪرڻ واري زندگيءَ جي تمنا ڪئي آهي. اهڙا خيال سندن رباعين ۾ به موجود آهن،

بنگلن ۾ رهي دل کي تون مغرور نه ڪر،
دنيا جي طرب عيش کي منظور نه ڪر،
هر پل ۾ غريبن سان اي 'طالب'! ٿي غريب،
تون عيش فنا کي پنهنجو دستور نه ڪر.
(رباعياتِ طالب، ص 42)

مخدوم صاحب جن جون رباعيون عام فهم، سليس ۽ ڪيترن ئي موضوعن تي هجڻ ڪري پڙهندڙ وٽ مقبول ٿيون آهن.

**قطعا:**

مخدوم صاحب جن جي شاعريءَ ۾ قطعو به ملي ٿو. سندن هڪ مڪمل ڪتاب قطعن جو آهي "ڇهنڊڙيون" جيڪو پنهنجي نالي مان ئي دلچسپ آهي، مخدوم طالب المولىٰ جن هن ڪتاب بابت مهاڳ ۾ لکن ٿا:

"مون هن ڪتاب جو نالو "ڇهنڊڙيون" انڪري رکيو آهي، جو ڪتاب ۾ جيڪي به قطعا آهن، انهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن شخصيت بابت ڪجهه نه ڪجهه ڇهنڊڙيءَ جي قسم جو مگر سچو اشارو ڏنو ويو آهي(21)."

واقعي به هنن قطعن پڙهڻ سان ڇهنڊڙيون جو هلڪو احساس اُڀري ٿو، جيڪا روش حق ۽ سچ چئي ڏيڻ واري؛ اڄ جي دور ۾ گھٽجندي ٿي وڃي؛ پر مخدوم صاحب جن هڪ حق گو، بلند اخلاق، مدبر ۽ بي باڪ وانگر دنيا آڏو سچ چئي ڏنو آهي:

رڳي چاڙي هٽڻ ۾ ڪونئو ڪڙڪو،
رڳي بڪ بڪ ڪرڻ جو ڪوڙو ڪڙڪو،
نه جو هٽجن پلا ڊاڙون ڀڃاڪون،
سهي سگهجي نه جي هڪڙو به دڙڪو.

(ڇهنڊڙيون، ص 79)

هزارين انقلاب ايندائي رهندا،
جوابن جا جواب ايندائي رهندا،
ڪي بي تعبير ڪي تعبير سان ختم،
دماغن ۾ خواب ايندائي رهندا.

(ڇهنڊڙيون، ص 84)

مخدوم طالب المولىٰ جي شاعريءَ ۾ اسان کي فرد به ملي ٿو، ان ڪانسواءِ پاڻ سنه 1955ع تائين سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبان ۾ شعر چيو اٿن، جيڪو 'ڪچڪول طالب' ۾ شايع ٿيل آهي. هن ڪتاب کانپوءِ سندن ڪنهن به ٻئي شعري مجموعي ۾ سندن سرائڪي، اردو ۽ فارسي زبان جو شعر شايع ٿيل ناهي.

**مجموعي جائزو:**

مخدوم طالب المولىٰ سائين جن بابت ڪيل هن مطالعي ۾ اسان کي هينيان نُڪتا واضح نظر اچن ٿا:

1) سروري جماعت جا روحاني اڳواڻ ۽ پير و مرشد جي حيثيت باوجود، خلق جو خادم هجڻ ۾ سرهائي پسائيندا هئا.
2) سندن طبيعت ۾ وضعداري، بردباري، سهپ، سندن اعليٰ تربيت جو نتيجو هئي.
3) پاڻ انصاف پسند، ڪوڙ سان نفرت ڪندڙ ۽ منهن تي سچ چئي ڏيندڙ بي باڪ شخص هئا.
4) سموري حياتي علم و ادب لاءِ وقف ڪندي نه رڳو ڪتاب شايع ڪرايائون پر عملي طور ادارا جوڙي، مختلف علمي ادبي ادارن جي سرپرستي ڪندي ڪيترن ئي نون اديبن، شاعرن توڙي فنڪارن لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪيائون.

5) نثر ۾ سندن محبوب موضوع 'ٻولي' رهيو ۽ ان سلسلي ۾ لفظن جا بنياد تلاشيندي بي باڪيءَ سان نوان بحث به ڇيڙيائون.
6) شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائون، خاص طرح پاڻ ڪي روايت سان ڳنڍيل رکيائون.
7) مخدوم صاحب جن هڪ ئي وقت تي نيم ڪلاسيڪل ۽ عروضي سان پاڻ کي ڳنڍيل رکيو.
8) موسيقي شناس هجڻ سبب سندن ڪافيءَ ۾ ردم، لئه ۽ رواني موسيقيت پيدا ڪري رهي آهي.

## حوالا


1. مخدوم طالب المولىٰ، "منهنجو نندپڻ"، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، 1993ع
2. مخدوم جميل الزمان (مرتب)، "انهن سنڌي ڳالهڙي"، ص 120-1، طالب المولىٰ اڪيڊمي، 1995ع
3. قاضي عبدالحق انصاري (مرتب)، ٽائون ڪميٽي هالا جي ٽي سال ڪارڪردگي رپورٽ، ٽائون ڪميٽي هالا، 1990ع
4. مخدوم طالب المولىٰ (مترجم)، 'امام غزالي جا خط'، طالب المولىٰ اڪيڊمي، 1994ع
5. مخدوم طالب المولىٰ، "يادِرفتگان"، سنڌي ادبي بورڊ، 1994ع
6. يادِ رفتگان، ڇاپو پهريون 1953ع
7. مخدوم طالب المولىٰ، ڪافي، بزم طالب المولىٰ، شاخ هالا، 1962ع
8. 'سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر'، ڊاڪٽر مخمور بخاري، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2011ع
9. مخدوم طالب المولىٰ، "مضامين طالب المولىٰ"، طالب المولىٰ اڪيڊمي، سال 1994ع
10. مخدوم طالب المولىٰ، "لغات سنڌي مخففات"، سنڌي ادبي بورڊ، 1991ع
11. مخدوم طالب المولىٰ، "مصري جون تڙون"، طالب المولىٰ اڪيڊمي 1990ع
12. مخدوم طالب المولىٰ، "ديوان طالب المولىٰ"، سروري پبليڪيشن 1992ع
13. خليفو گل هالائي، "ديوان گل"، بمبئي ڇاپو 1858ع
14. منٺار فقير راڄڙ، "رسالو رهنمائي"، ص 7، مرڪزي بزم طالب المولىٰ سنڌ، 1984ع
15. ڊاڪٽر مخمور بخاري، "حضرت مخدوم نوحؒ" (سوانح ۽ علمي آثار) (مقالو شامل، قومي ادبي ڪانفرنس ارغون، ترخان ۽ مغل دور، مرتب: ڊاڪٽر خورشيد عباسي، ص 30، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي 2009ع
16. مخدوم طالب المولىٰ، "ڇهنڊڙيون"طالب المولىٰ اڪيڊمي، 1992ع


"مهراڻ" ٽماهي نمبر 2012/1ع



مرزا ڪاظم رضا بيگ

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي غزل گوئي

فخرالشعراء سنڌ، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ هڪ جامع الفنون ۽ جامع الڪمالات شاعر، اديب ۽ دانشور هو. سنڌي، اردو ۽ فارسي زبانن تي يد طوبيٰ دسترس رکندڙ هو. هڪ مشاق ۽ استاد شاعر به هو ۽ بلند پايي جو انشا پرداز به هو. پاڻ خوش خط به هو ته هڪ سخن سنج، سخن فهم ۽ سخن شناس، سخن گو ۽ نقاد به هو. ايترين خوبين جو هڪ هنڌ گڏ هجڻ پنهنجيءَ جاءِ تي ڪرامت کان گهٽ نه آهي.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ کي شاعري، خصوصاً غزل ۾ هڪ انفرادي مقام حاصل هو. سندن ڪلام ۽ زبان سليس ۽ رنگين آهي. هڪ قادر الڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر هجڻ جي ثبوت ۾ سندن ديوان (غزليات)، رباعيات، ڪافين ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن جا مجموعا پيش ڪري سگهجن ٿا. سندن غزلن ۾ تخيل جي بلنديءَ سان گڏ استعاري ۽ ڪنايي جو صحيح استعمال ۽ بندش جي چستي ۽ برجستگي نمايان خصوصيتون آهن.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ قديم ۽ جديد دور جي وچ ڌاري پيدا ٿيو، تنهن ڪري سندن ڪلام ٻنهي دورن کان متاثر ٿيو آهي. ان ۾ جتي سانگي ۽ غلام محمد گدا جو رنگ به نظر ايندو ته جديد ۽ قومي رنگ به، اُتي صوفيانه نُڪتا ۽ عارفانه اسرار به بيان ٿيل نظر اچن ٿا.

سنڌ ۾ فارسي ۽ اردو غزل جي ترقي، ترجيح ۽ نشرو اشاعت ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ جي خدمتن جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. غزل ۽ ان جي فن متعلق اردو دان ناقدن جيڪي عروضي ۽ فني موشگافيون پيدا ڪيون، اهي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ سنڌي شاعريءَ ۾ روشناس ڪرايون. تغزل ۽ ان جا لوازمات، عروض ۽ ان جا اصول، حرڪات، سڪنات جا قاعدا، قافين جا قسم، عربي ۽ فارسي بحر، عيوب، زير اضافت، تعقيد ۽ تعقيب جا بحث، سنڌي ادب ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ ئي مروج ڪيا.

غزل هڪ اهڙي صنف سخن آهي، جنهن ۾ عورتن متعلق ذڪر اذڪار ڪيو ويندو آهي، يا انهن سان عشق ۽ محبت جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. خواجه الطاف حسين حالي، غزل جي تعريف لکندي فرمائي ٿو ته: "لغت ۾ غزل جي معنيٰ عشق بازي ڪرڻ ۽ عورتن سان مخاطب ٿيڻ آهي."

ڊاڪٽر عبارت بزيلويءَ جو غزل متعلق رايو آهي ته:

"غزل جي صنف جو بنيادي موضوع عشق جي معاملن سان يا عورتن بابت ڳالهيون ڪرڻ بيان ڪيو ويندو آهي ۽ اها ڳالهه گهڻي قدر درست آهي، مگر غزل جي اِها تشريح مڪمل ۽ همه گير نه آهي. انهيءَ ۾ وڌيڪ اضافي جي ضرورت آهي."

علامه شبلي نعماني، 'شعر العجم' ۾ ايران جي عشقيه شاعريءَ تي بحث ڪندي غزل بابت فرمائي ٿو ته:

"قصيدي ۾ مدوح جي تعريف ٿيندي آهي، ۽ غزل ۾ معشوق جي..... غزل ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال، ناز و ادا ۽ جور و جفا جو بيان ٿيندو آهي."

علامه صاحب اڳتي هلي لکي ٿو ته:

"تصوف جي ابتدا جيتوڻيڪ ٽين صديءَ جي آغاز ۾ ٿي، پر پنجين صدي، ان جي شباب جو زمانو هو. اهو ئي زمانو غزل جي ترقيءَ جو دور سمجهيو وڃي ٿو."

عورت، انسانن جي دنيا ۾ هڪ لطيف ۽ جاذب شيءِ تصور ڪئي وئي آهي هر دور ۽ هر ملڪ ۾ عورت، انساني زندگيءَ ۾ هڪ اهم رُتبو ماڻيو آهي ۽ هر دل و دماغ تي هڪ خاص اثر پيدا ڪيو آهي، تنهنڪري غزل جي سرمايي جي شروعات، عورت جي مختلف صفات جي موضوع سان شروع ٿي آهي. عشق و محبت جا جذبا ڪجهه عرصي ڪانپوءِ تصوف جي صورت اختيار ڪري غزل جو موضوع بڻيا ۽ آهستي آهستي فلسفيانه مسئلا به غزل جي صنف ۾ ڪجهه جاءِ والاري ويٺا. مطلب ته عشق و محبت ۽ حسن و جمال جو هڪ نفيس دلڪش ۽ مستقل موضوع هو، جيڪو سنڌ جي روحاني پيشوا مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رح جي غزلن ۾ به موجود آهي.

غزل، دنياءِ شعر و ادب جو قابلِ فراموش سرمايو پڻ آهي. مشرق جي متقدمين ۽ شاعرن جي تقريباً ٽن سؤ سالن جو بيش بها علمي ۽ ادبي خزانو اسان وٽ غزل جي صورت ۾ موجود آهي. غزل، مشرقي شاعريءَ جي ادبي روايتن ۽ فڪري ارتقا جو هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ اسان مشرقي شاعرن جي بيش بها علمي ادبي خدمتن جو عڪس ڏسي سگهون ٿا. عشق و محبت، انساني سرشت ۾ فطرت جو هڪ اهم حصو آهي، جيڪو انساني دنيا جي زندگيءَ تائين قائم رهندو ۽ غزل ان جو مبلغ اعظم ٿي ڪم ڪندو رهندو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رح سنڌ جي رهاڪن کي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي اهم موضوعات مهيا ڪري ڏنا آهن. گل و بلبل جي شاعريءَ سان گڏوگڏ غمِ دوران جون تصويرون پڻ پيش ڪيون آهن. مخدوم صاحب هجر و وصال جي داستان ۾ غم جانان جون انيڪ ڪيفيتون بيان ڪيون آهن. پراڻن موضوعن ۾ جديد مضمونن ۽ جديد رجحانن کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن مان جدت ۽ ندرت جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. انوکن خيالن تي خاص توجهه ڏنو ويو آهي. انداز ۽ اسلوب جي لحاظ کان غزل جي نرميءَ ۽ نزاڪت کي مقدم رکيو ويو آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته مخدوم صاحب سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ جي قديم اساتذه سخن کان متاثر آهي. مخدوم صاحب وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان سنڌي شاعري ڪئي آهي، ۽ پنهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ روايتي لوازم کي پڻ برقرار رکيو آهي، جنهنڪري سندن ڪلام ۾ انيڪ ترڪيبون، محاورا ۽ تشبيهون پڻ موجود آهن. مثلاً: سندن هڪ شاهڪار غزل ملاحظ ڪريو:

رشڪ بخت سيهه رشڪِ تاريخ شب، هن جا زلف دوتا خوشنما خوشنما،
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان، جلوه گر جلوه گر يا خدا يا خدا!

تيغ برآن فگن، غيرتِ سيف زن، خنجرِ صف شکن، ابروئ جانِ من،

رشڪِ مستيءِ چشم قلندر نظر دلربا دلربا، ڪيفزا ڪيفزا!
روح جادوگري هن جا شرم و حيا، عشوه و ناز و انداز سڀ معجزا،

گفتگو مظهرِ خرقِ عادات ٿي، هن جي هر هڪ ادا اوليا اوليا!
هن جي رمز خموشيءِ ۾ دنيا به گم ۽ تبسم سان عالم ڪري زير و زبر،

هن جي گفتار ۾ زندگي، هن جي رفتار ۾ ڪربلا ڪربلا!
جنهن تان دير و ڪليسا هميشہ فدا، جنهن تي سجده ڪنان روز شب بتڪده،

جنهن تي هر ڪنهن جبين کي سُڪون ٿو ملي منهنجي محبوب جا نقش پا، نقش پا!
هن جي شيرين زباني تان صدقي ٿين، دمبدم مطرب و بربط و چنگ ني،

هن جي طرزِ تڪلم تان ققنسِ فدا لحنِ دائود چئي واهو واهوا!
هن جي آڏو صبا آهي جا روب ڪش، نگهتِ گل اچئو خير مقدم ڪري،

هو چمن ۾ اچي گل جهڪيو ٿا، پون ۽ عنادل چون مرحبا مرحبا!
هن جي رمزِ ادا تان. تصدق ٿيان، هن جي طرزِ محبت تان قربان مان،

هن جا ظلم و ستم باوفا باوفا، هن جا مهرو وفا بي وفا، بي وفا!
صوفي محتسب واعظِ پيرسن، منهنجي ساقيءَ اڳيان سي بہ مجبور تر،

هو ڪپايو نظر جو نهاري ڪٿئو، هر ڪو گهبرايو چئي ڏي پيا، ڏي پيا!
ميڪده ۾ مسرت ڪري رقص ٿي، ڪيف و مستي تي طاري ٿئي بيخودي،

هن جي آمد تي ساغر ٿين، خنده زن ۽ صراحي ڪري قهقها قهقها!
طالب المولىٰ جور و جفاءِ صنم، غيرتِ ظلم چنگيزي و نادري،
هن جي هر هڪ نظر زلزلا، زلزلا، هن جو تابِ نگهہ فيصلا فيصلا!

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جنهن شاعراڻي ماحول ۾ اک کولي، ان ۾ گل و بلبل، گل و گلزار ۽ شمع و پرواني ڪانسواءِ ميِ ۽ ميخانو بہ موجود هو. مخدوم صاحب ميِ ۽ ميخاني جي ماحول کي تفصيل سان پنهنجي شعرن ۾ بيان ڪيو آهي. ميخاني جي هر شيءِ اهڙي دلفريب انداز سان بيان ڪئي اٿائون، جو مئڪشيءَ جو سمورو نظارو اکين آڏو اچي ٿو بيهي. هڪ طرف ساقي پنهنجي نرگسي نيڻن ۽ مخمور اکين سان هڪ هٿ ۾ صراحي يا مينا ۽ ٻئي هٿ ۾ جام جهليو بيٺو آهي، مئنوشن جي آڻ آڻ پئي پوي. ڪي آهن جي چُڪي چاڙهڻ سان پنهنجا هوش ۽ حواس وڃائي ٿا ويهن، ٻيا خم خالي ڪريو ڇڏين. هڪ طرف پير مُغان ويٺو آهي، مئڪدي جو هر مينوش سندس معتقد آهي. سندس هر حڪم جي تڪميل عين سعادت سمجهي ٿي وڃي. ميخوارن جي لب تي ڪڏهن ساقيءَ جي قرب جا قصيدا آهن ۽ ڪڏهن بي رخيءَ جو شڪوو ۽ شڪايت آهي. مخدوم صاحب ميِ ۽ ميخاني کي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪري، ان مان تصوف جا باريڪ نُڪتا بيان ڪيا آهن.

حافظ شيرازي، صائب، فيضي ۽ امير خسرو وغيره مي ، جام ۽ مينا جو ذڪر نهايت اشتياق سان ڪيو آهي. فيضي ميِ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

”هي کهڙي ميِ آهي جيڪا ساقي پيالي ۾ وڌي، جو مسيح ۽ خضر اُن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍڻ ٿا چاهين:

’اين چہ ميۡ بود ڪہ ساقي بقدح ريخت فرو‘
ڪہ مسيح و خضر از رشڪ ڪشاڪش ڪردند.“

امير خسرو ميۡ جي لاءِ چوي ٿو: ”جڻ پاڻيءَ ۾ باهہ مليل آهي.“

ميۡ ميان شيشئہِ ساقي نگر،
آتشي گويا بہ آب آلوده اند.

حافظ شيرازي وري مئي ۽ جام جي تعريف ڪندي چوي ٿو: ”تہ جڏهن اهو پتو نہ آهي تہ انجام ڇا ٿيندو تہ پوءِ ميۡ ۽ جام جي فڪر ڪان وڌيڪ سٺي ڳالهہ ڪهڙي آهي.

خوشتر از فڪرِ مئي جام چہ خواهد بود
چون خبر نيست ڪہ انجام چہ خواهد بود.

’صائب‘ وري ساقي جو ذڪر نهايت دلفريب نموني سان ڪيو آهي.

امشب از ساقي بس گرم است محفل، مي توان،
شمع گر خاموش باشد، آتش از ميناگرفت.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بہ مئي ۽ ميخاني جو ذڪر پنهنجي غزليات ۾ هن طرح سان ڪري ٿو:

ويا جيڪي بہ ساقي وٽ اهي مئنوش ٿي موٽيا،
صفا صوفي بہ ميخاني منجهان مدهوش ٿي موٽيا.

سندم معيارمئنوشيءَ جا ميخانا اٿوَ شاهد،
سيئي ساغر، سُبو، ساقي ۽ پيمانا اٿوَ شاهد!

تون پيئڻ ڪان اڳ اي مئڪش اهل مئخاني کي پڙهہ!
ساقيءَ مهوش کي پيمائش کي پيماني کي پڙهہ!

دي شرابِ چشم گون جو جام پُر اي ماه وش!
تا زماني جي خيالن کي اچي ڪا غش تي غش.

جڏهن ساقي جي ابرو مان ٽيم هڪڙي چُڪي حاصل،
نشا ٿيا نينهن جا غالب حقيقي ٿي خوشي حاصل.

پلي خُم جا خُم بہ ڪپي وجي نہ پيئڻ ڪان موڙيو منهن ڪڏهن،
پلا دستِ ساقي جي اڳيان ڪبيون نيٺ ڪهڙيون قناعتون!

اڄ ميڪده ۾ طالب مولا اچي پيو،
پيمانا تنهنجي لئي گل و لالہ ڪري وٺون!

ڪڄ ادائن جي هٿان کي جام نيرانا ملن،
اڄ وري ميڪش هجن ساقي ۽ ميخانا هجن!

ڏي صبوحي جا اي ساقي جام نيرانا ﻪ ٿي،
گڏ ٿيا آهن اچي مئي نوش مستانا ﻪ ٿي!

اي ساقي! پنهنجي مستن اهل ميخانن جي پارت ٿئي،
متان خالي ٿين لبريز پيمانن جي پارت ٿئي!

اهي ساقي، اهي ميڪش، اهي ئي ساغر و مينا،
فقط آداب مينوشي جي اڄ آهي ادا بدلي!

غزل، اندروني ڪيفيت جو آواز آهي. غزل ۾ داخلي ڪيفيت جو اظهار نهايت خلوص ۽ ديانتداريءَ سان ڪرڻ ۾ اچي ٿو. داخلي احساسات ۽ جذبات جي هوبهو تصوير غزل جي جان آهي. غزل جي شاعريءَ ۾ ڪنهن ﺑﻪ قسم جو تصنع، غزل جي معيار کي ڪيرائي وجهي ٿو، تنهنڪري شاعر پنهنجي داخلي حقائق ۽ تجربات کي پيش ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي. باطني زندگيءَ جي ڪشمڪش ۽ الجهن کي لڪائڻ بد ديانتي ۽ رياڪاري سمجهي ٿو.

اهڙي ڪيفيت کي بيان ڪرڻ لاءِ شاعر پنهنجي وضعداريءَ کي ڇڏي، حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪري ٿو. دل ۾ هڪ عجيب و غريب اشتياق پيدا ٿئي ٿو، جنهن جذبي کي بيان ڪرڻ شاعر پنهنجو فرض سمجهي ٿو. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ صوفياڻي مزاج جو مالڪ هو. سندن مزاج، تنديءَ وهيءَ کان ئي تصوف کان آشنا هو، پر پوءِ ﺑﻪ ڪين تمنا رهي ٿي، شوق پيدا ٿئي ٿو ته:

جو اول جو اهو ئي اڄ ﺑﻪ آهي طالب الموليٰ،
ڏسڻ وارؤ فقط آهن اوهان جا ئي گمان بدليا!

اديون آتڻ وهڻ سولو ڪتڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،
اڇو سنيري هتي سرتيون جو چرخا چورڻا پوندا!

اي واعظ چپ اوهان جي شاهڪارن کي سڃاڻون ٿا،
بظاهر مست آهيون، پر اشارن کي سڃاڻون ٿا.

اسان رندن جي مشرب ۾ شڪايت ئي حَرام آهي،
گهڻو ئي پاڪبازن پرده دارن کي سڃاڻون ٿا.

اسان مستن جي مشرب ۾ جهان آباد ويرانو،
فقيرن جي ڪيا آباد سي ويرانا گهرجن ٿا.

سنڌي غزل ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ هڪ انوکو انداز ۽ منفرد اسلوب پيش ڪيو آهي. پاڻ فارسي شاعرن جي دلڪش انداز ۽ پيرايءِ اسلوب کان نهايت متاثر هو. مخدوم صاحب جي هر شعر جي هڪ مصرع ۾ ئي زندگيءَ جي انيڪ حقيقتن ۽ ڪيفيتن جو بيان سمائجي وڃي ٿو. هڪ معمولي ڳالهه کي ﺑﻪ دل لڀائيندڙ انداز ۾ پيش ڪرڻ شاعر جو وڏو ڪارنامو بڻجي پوي ٿو. ڪيترائي اهڙي قسم جا اشعار آهن، جيڪي مخدوم صاحب کي سنڌي غزل جي بلند مقام تي پهچائن ٿا. سندن مختصر عبارت

هڪ دلڪش تاثر پيدا ڪري ٿي، جنهن ۾ ڪيترائي راز پنهان رهن ٿا. سندن ڪلام ۾ وارفتگي ۽ بيساختگيءَ جو عجيب نمونو موجود آهي.

ڪئي ڪجل البصر جن خاڪ دلبر تنهنجي قدمن جي،
اهي درويش تنهنجا تو وٽان سلطان ٿي نڪتا.

جهان ڪي جن جي اڄ نقش قدم تي فخر حاصل آ،
اهي الله جي لئه بي سرو سامان ٿي نڪتا.

هتي عابد ۽ زاهد سان گڏ مي نوش پڻ آهن،
اي واعظ تون نٿو سمجهين هي آهن راز رندانا!

حقيقي عشق جي مستي وري قلبن تي غالب ٿي،
انهي ئي ڪيف ۾ مدهوش ٿيا دانا ۽ ديوانا.

جيئن ته غزل ۾ خاص ڪري عشقيه مضمون هوندا آهن، تنهنڪري غزل گو شاعر، حسن و عشق جي تعريف، فراق وصال جو بيان، خال و خد، زلف و ابرو، قد و قامت جي توصيف، گل و بلبل، شمع و پرواني، شيرين فرهاد ۽ ليليٰ مجنون جون حڪايتون، معشوقن جي بيرخي، جنون و ياس جي شڪايت ڪندا آهن. مطلب ته غزل مطلع کان وٺي مقطع تائين مجسم عشق انگيز ۽ جنون آميز خيالن سان مرصع هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن غزل جي صنف ۾ شاعر پند و نصائح ۽ قومي داستانن جهڙا نُڪتا پڻ بيان ڪندا آهن. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ به محبوب جي حسن جي تعريف اجهو هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

نه خورشيد آهي تنهنجو مٽ قمر پڻ شرمساريءَ ۾،
ڏسيو توکي وڃن شرمائجو سيمين بدن پاڻهي.

هي حسن صورت ۽ حسن سيرت خدا جو سُنهن لازوال آهي،
موازني کان سڄڻ مبرا هو پاڻ پنهنجو مثال آهي.

اڄيان ٿو تصور ۾ انهيءَ رشڪ قمر کي،
مون آهي چراغان ڪيو هن طرح سان گهر کي.

ڏنم جو هن کي ته پوءِ ماهتاب وسري ويو،
نه ماهتاب مگر آفتاب وسري ويو.

محبوب جي خد و خال، زلف و ابرو ۽ سندس قد و قامت جي صفت ۾ عاشق زمين ۽ آسمان کي ملائي هڪ ڪري ٿا ڇڏين. بقول حافظ شيرازي:

اگر آن ترڪ شيرازي به دست آرد دلِ مارا
بخال هندويش بخشم سمرقند و بخارا را

اهڙيءَ طرح مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ به محبوب جي زلفن جو ذڪر اجهو هنن لفظن سان بيان ڪري ٿو:

آزاد هوندا هردم زلفِ دوتا جا قيدي،
خوشحال ئي رهن ٿا صبر و رضا جا قيدي.

صنم خود جستجو منجهه هو ته هي خوشبو ڪٿان آئي،
نتيجي ۾ وڃي آخر سندس زلفِ دوتا نڪتي.

هو زلفِ سنبل هو چشمِ نرگس هو لال لب ۽ هو عارضِ گل،
انهيءَ تصور ۾ همنشينو! خزان به فصل بهار آهي.

مان هن جي زلفن جي رات ۾ پنهنجي راهِ منزل به وڃائي وينس،
اگرچه چهري جو ماهِ ڪامل به هر گهڙي جلوه بار آهي.

فلسفو، شاعريءَ جو پسنديده موضوع آهي. جتي شاعريءَ جون ٻيون صنفون فلسفيانه خيالن سان مالامال آهن، اتي غزل جي جهولي به فلسفي جي املهه ماڻڪ موتين سان پريل آهي. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ فرمائي ٿو:

جي آيا تنهنجي محفل ۾ اهي قربان ٿي نڪتا،
وڏا دانا ۽ بينا پڻ اتان حيران ٿي نڪتا.

هنئي جن فلسفي جي هام ٿي دنيا اندر يارو،
ٻڌي گفتار گلرخ جي همه تن گوش ٿي موٽيا.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي سنڌي غزليات ۾ جتي مجازِ عشق جا گل ۽ ٻوٽا ٽڙيا بيٺا آهن، اتي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحه حقيقي عشق جي باغ جي به آبياري ڪئي آهي ۽ ان ۾ تصوف جا قسمين قسمين جا گل ۽ ٻوٽا به لڳايا آهن ۽ مخدوم صاحب تصوف جي مختلف مسئلن کي نهايت دلنشين انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش به اجهو هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

خرقو، مصلو شيخ جو سجدو عبا، قبا،
هر شيءِ جي قلب ۾ آهي وقعت جدا جدا.

واعظ رڳو مبالغو ۽ رند صاف گو،
قدرت بنائي آهه ئي فطرت جدا جدا.

چو نه ان محفل جي باشندن ۾ ايندو وجد و حال،
جت قلندر رقص ڪن ۽ پيا هجن ميخوار مست.

پُر ڪري ڪيئن ٿو پياري جام مئي هو مي فروش،
پي ٿين ٿا صاف صوفي بيدڙڪ بيدار مست.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ پنهنجي غزلن ۾ تصوف سان گڏوگڏ اخلاق بابت بہ گوهر افشاني ڪئي آهي ۽ پند و نصيحت جا ورق ورايا آهن. اخلاق، انساني زندگيءَ جو زيور ۽ حياتيءَ جو سينگار آهي. اخلاق بنا انسان جانور وڌيڪ ۽ انسان گهٽ ٿو ٿئي، تنهنڪري هن دنيا ۾ انهيءَ ڳالهہ جي هر دور ۾ اهميت رهي آهي تہ انسان کي سڌي راهہ تي هلائڻ لاءِ اخلاق جو لغام ڏنو وڃي. انڪري انساني اخلاق جو ڪو بہ اهڙو موضوع نہ آهي، جنهن کي غزل پنهنجي دامن ۾ جاءِ نہ ڏني هجي ۽ انسان کي ڀٽڪيل راهہ کان بچائڻ لاءِ پند و نصيحت جا ڏيا نہ روشن ڪيا هجن.

رهيو چا مال ۽ اسباب دارا وٽ سڪندر وٽ،
هو ڪم آٿي نہ ٿو آهي مگر سڀ ڪجهہ قلندر وٽ.

خدا کان چو لِڪائين ٿو گناهن کي اڙي نادان،
يقين رک آهي هر تصوير عريان ٿئي مصور وٽ.

نہ گردن کي جُهڪائي بادشاهن جي اڳيان هرگز،
عجيب آهي هو خُو هردم محبت جي گداگر وٽ.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ غزل ۾ جتي ٻيا خارجي اثر قبول ڪيا آهن، اتي هو پنهنجي سماج ۾ ماحول جي تبديل ٿيندڙ خالتن کان متاثر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيو آهي. سنڌ ۾ جيڪي معاشي، مادي، ذهني ۽ سياسي تبديليون پيدا ٿيون، تن کان مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جو حساس شاعر جي حيثيت ۾ متاثر ٿيڻ لازمي آهي. زندگيءَ جا ڏک ۽ سک، سماج ۽ طبقاتي فرق، حيات کي اڳتي وڌائڻ جي تمنا، زمين کي جنت ثاني بنائڻ جي خواهش، پنهنجي چوطرف پکڙيل گندگيءَ کان نفرت ۽ ڌرتيءَ جي دوزخ تي انقلاب آڻڻ جي آرزو، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي غزل خاص طرح قديم دور جي غزل جي زيب ۽ زينت آهن. سنڌ جي اڳين غزل گو شاعرن بہ ان طرف توجهہ ڏنو آهي ۽ انهن مان ڪن وٽ سياسي ۽ سماجي تصورات جو هلڪو هلڪو دونهون محسوس پيو ٿئي، مگر موجوده وقت جي غزل گو شاعرن وٽ مچ متا پيا آهن. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بيان کي وڌيڪ مؤثر بنائڻ لاءِ اشارن ۽ ڪِناين کان پڻ ڪم ورتو آهي. ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب فرمائي ٿو:

رڳي ٿي فحش گوئي ۽ رڳي ٿي آهہ بيهوشي،
هئا جي هوش آور اڄ سي بہ مستانا ٿيا اٽلپ!
اجا پيري ۽ مخدومي کي تون چنبڙيو پيو آهين،
چريا هو نينهن وارا جي ها ندرانا ٿيا اٽلپ!

تصوف، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي غزل جو روح آهي. سنڌ جي هن عظيم شاعر تصوف جا گهڻو ڪري سمورا پيچيدا مسئلا نهايت لطيف ۽ پرڪشش انداز ۾ بيان ڪيا آهن. سنڌ صوفين جي سرزمين آهي، انهيءَ ڪري هتان جي انيڪ غزل گو شاعرن پڻ تصوف کي پنهنجي غزل جو سينگار بنايو آهي. روز ميثاق الله تعاليٰ پنهنجي عشق جي امانت جڏهن ملائڪن کي آڇي تہ اهي ڏڪي ويا، تڏهن حضرت آدم عليہ السلام اڳتي وڌيو ۽ اهو برهہ جو بار پنهنجي سر تي کنيائين.

حافظ شيرازي ان خيال کي هيئن ٿو بيان ڪري:

باز غم عشق تو بهر کس کہ نمودند
عاجز شد و اين قرعہ بنامم افتاد

مخدوم طالب الموليٰ فرمائي ٿو:

عاشق جان باز جو راهه نما پيو آهي عشق
مشڪلات عشق جو مشڪل ڪشا پيو آهي عشق

درد و غم، سوزو الم جو پيشوا پيو آهي عشق
هر گهڙي ۾ دافع رنج و بلا پيو آهي عشق

عشق جي درياءَ ۾ فضل خدا پيو آهي عشق
ڪشتيءِ بحر و الم ناخدا پيو آهي عشق

حسن بي پروا بہ ۽ ناز و ادا پيو آهي عشق
دلبري پيو آهي عشق ۽ دلربا پيو آهي عشق

حسن جي دربار ۾ گولو گدا پيو آهي عشق
۽ ڏکن جي ملڪ جو پڻ بادشا پيو آهي عشق

پرده انسان ۾ ذات ڪبريا پيو آهي عشق
۽ جبين شوق ۾ سجد و صفا پيو آهي عشق

خود خدا پيو عشق محبوب خدا پيو آهي عشق
طالب الموليٰ امام الاوليا پيو آهي عشق

جيئن تہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي شاعري، عشق مجازيءَ جو هڪ بي مثال شاهڪار آهي، تنهنڪري سندن شاعريءَ ۾ تپش ۽ تڙپ، سوز ۽ سڪ اُتم درجي جي موجود آهي، پر فرق ايترو آهي تہ سندن ڪلام ۾ شوخي ۽ شدت پڻ موجود آهي. انهيءَ شانِ بي نيازيءَ سندن شاعريءَ ۾ تہ غزل جو هڪ لافاني حسن پيدا ڪري ڇڏيو آهي. حُسن ۽ عشق جي جذبن جي ترجمانيءَ لاءِ پوءِ اهو مجازي هجي يا حقيقي، غزل جو پيرائہ بيان نهايت ضروري آهي. غزل نہ صرف شعر کي حسن ۽ رنگيني بخشي ٿو، پر ان سان شعر کي همہ گيري ۽ وسعت بہ ملي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو اهي سڀ شاعر جن جي شاعريءَ جو جزو اول حسن ۽ عشق آهي، غزل جي پيرائہ بيان اختيار حاصل ڪرڻ کان رهي نہ ٿا سگهن، پر حسن ۽ عشق متعلق شاعر جو نڪتہ نظر جيڏو بلند ۽ وسيع هوندو، سندن غزل جو رنگ بہ ايڏو ئي اثر انگيز ۽ پاڪيزه هوندو.



منصور ويراڳي

# طالب المولى جو لاڏاڻو ـ وطن ٿيو ويڳاڻو

## ”ڪل نفسٍ ذائقة الموت“

هن جوڻي جڳ ۾ هر جيءَ کي موت جو ذائقو اوس چکڻو آهي. اهو موت ظاهر ۾ ته ماڻهوءَ کي هميشه لاءِ منڍڙي ننڊ ۾ سمهاريو ڇڏي، مگر حقيقت ۾ اتان ئي سندس نئين زندگيءَ جو سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو. انهيءَ اڻ کٽ زندگي جو تصور ڏاڍو ڇرڪائيندڙ به آهي ته تڙپائيندڙ به -! اجان به وڌيڪ ڳري ڳالهه ۽ منجهائيندڙ مسئلو اهو آهي ته انهيءَ اٽل موت جو مقرر گهڙي کان ويچارو بشر بلڪل بيخبر آهي. اهوئي سبب آهي جو اهڙي اچانڪ حادثي ۽ اجل جي سڏ لاءِ هرڪنهن انسان کي ذهني طور تيار رهڻو ئي پوي ٿو. ايڏي ڄاڻ ۽ هوشياري هوندي به اجل ويل ڄاڻين جي جدائي ڄاڻ ۽ جيءَ کي جهوريو ۽ قلب کي ڪوريو وجهي. هونئن به ڪن ماڻهن جي موت جو داغ ۽ وڇوڙي جا وَڍ ايڏا ته اونها ۽ گهرا ٿو وجهي جو زندگي جي پوين پساهن تائين تڙپائيندو ۽ ستائيندو رهندو آهي. سندن ياد دل تان منجهڻ مشڪل هوندي آهي ۽ ذهن تي تصور جو نقشو هميشه لاءِ چٽيل رهندو آهي. اهڙا يار قربدار وري موٽي نه ملندا آهن، مگر انهن جي ياد باقي هوندي آهي.

خود حضرت طالب المولىٰ جي چواڻي:

”نه رهيون آهن اهي راتيون اهي ٻاتيون ملاقاتيون،
مگر طالب جي دل ۾ آه يادِ رفتگان باقي.“

افسوس -! ماڻهن جو من موهيندڙ، هيءُ مرڪندڙ مهانڊو اڄ اسان کان هميشه لاءِ ڌار ٿي ”يادِ رفتگان“ جو اٿاهه سامان ڏيئي وطن ويڳاڻو ڪري هليو ويو. اِنالله واِنا اليه راجعون.

مخدوم طالب المولىٰ جو ڳاٽيڻو فاني دنيا جي اُتم هستين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ هڪ طرف مذهبي حلقن ۾ وقت جي وڏي ولي، شريعت جي صاحب ۽ سنت رسول الله ﷺ جي عاشق صادق، حضرت مخدوم نوح لطف الله عليه الرحمة جي نسل نجي نشانيءَ جي ناتي سان ”گادي ڌڻي“ ۽ پڳدار، لکين مريدن جي عقيدت ۽ محبت جو مرڪز ۽ مهندار هو ته ٻئي طرف ادب جي دنيا ۾ هڪ عظيم شاعر ۽ انيڪ ادبي انجمنن، بزمن ۽ ادارن جو اڳواڻ هو. سنڌ جي ڄاتل سڃاتل ادبي اداري ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي سرواڻي جون واڳون پڻ به پيرا 19 سال تائين سنڀاليندو رهيو. نه رڳو ايترو پر سياست جي ميدان تي پڻ شهسوار جي روپ ۾ پاڪستان ۽ دنيا جي سياسي حلقن ۾ سڃاتو ويندو هو. سياسي دنيا ۾ مخدوم صاحب پهريائين مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي پير پاتو. ان پڄاڻان سندن سياسي وابستگي پاڪستان پيپلز پارٽي سان رهي ۽ آخر تائين سينيئر وائيس چيئرمين جي عهدي تي فائز رهيو.

ايڏي سرداري ۽ سرواڻي جي ساک هوندي به منجهن رڏيرڪي خوءِ گهٽ ۽ خانداني ورثي ۾ مليل خاڪساري روءِ وڌيڪ نظر ايندي هئي. سچ پچ ته مخدوم صاحب انهيءَ لحاظ کان نه صرف سنڌ، پر پوري پاڪستان ۾ ”شرافت جي علامت“ سمجهيو ويندو هو. سندن دائمي وڇوڙي تي اسان کي ذاتي طرح دلي صدمو رسيو آهي. هن المناڪ سانحي تي ”اداري السنڌ“ جي دلي دعا آهي ته مخدوم صاحب جي مهند موچاري ٿئي ۽ سندن پوين کي سهڻي صبر جي سگهه پلئه پوي. (آمين)

”منهنجو ته وار وار ٿو دم دم دعا ڪري،
ڪوسو لڳي نه واءُ سڄڻ کي خدا ڪري.“
(طالب المولىٰ)



محمد علي جوهر

# اميري ۽ فقيريءَ جو متوازن امتزاج: مخدوم طالب المولىٰ

ماٺهو سڀ نہ سهڻا، پکي مڙئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماٺهوءَ منجهہ، اچي بُوءِ بهار جي.
(شاهہ)

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي وفات سان سنڌ جي ادبي ۽ تهذيبي دنيا ۾ هڪ اهڙو خيال پيدا ٿيو آهي جنهن جي پرجڻ جا امڪانات هڪ دراز عرصي تائين محدود نظر اچن ٿا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جي شخصيت جي جامعيت ۽ سندن علمي ادبي منصب، برابر عقيدت ۽ احترام جا طلبگار آهن. هو اسان جي معاشري جي پسنديده ترين شخصيت جا مالڪ هئا، جنهن جي شخصيت جي سحرانگيزيءَ جو دائرو تمام وسيع هو. پاڻ معاشري جي مختلف طبقن ۾ هڪ جهڙا مقبول هئا. ڪين اها عزت ۽ تڪريم حاصل هئي، جيڪا ناياب، نہ تہ ڪمياب ضرور چئي سگهجي ٿي.

مخدوم صاحب جن جي ڪثير الجهت ۽ گهڻ طرفي شخصيت جو هر پهلو ۽ هر گوشو وزن دار گرانقدر روشن ۽ تابناڪ نظر اچي ٿو. پاڻ هڪ عظيم دانشور ۽ صاحب طرز شاعر هئا.

تصوف جي حوالي سان پاڻ ’سروري مسلڪ‘ جي اهم ترين شخصيت هئا. قومي رهنما جي اعتبار سان سندن سياسي زندگي قابلِ تقليد ۽ لائق صدستائش آهي. مختلف خوبين مان هڪ وڏي خوبي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ پاڻ هڪ عظيم انسان هئا. انسان دوستي سندن خاصو هو. هو هڪ دردمند دل جو صاحب هو. معاشري جي ڏکن کي پنهنجو ڏک سمجهندو هو سندن ساري حياتي دکي انسانيت جي خدمت سان عبارت هئي. سندن شخصيت جو هر پهلو انفراديت جو حامل رهيو ڪين هڪ تاريخي يا عهد ساز شخصيت چوڻ غلط نہ ٿيندو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي قومي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي فهرست ڏاڍي ڊگهي آهي. جيڪي خدمتون غير معمولي نوعيت جون نظر اچن ٿيون، سندن ذات کان سنڌ جي ثقافتي علمي ۽ ادبي شعبن کي اهو ڪجهہ حاصل ٿيو آهي، جنهن لاءِ ڪوئي ٻيو دعويدار نٿو ٿي سگهي. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ معاشري جي سنوارڻ سينگارڻ ۽ روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي خاص اندازِ بيان، فڪر و فهم ۽ ڪلام ذريعي سچي زندگيءَ جو بلند ۽ روشن مينار رهيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، صاحب علم و فضل هئا ۽ علم و فضل جي روشنيءَ کي ڦهلائڻ ۽ عام ڪرڻ جي منجهن خاص لگن هئي. اهوئي سبب آهي جو هُنن متعدد تعليمي ادارن ۽ علمي ادبي تنظيمن جي نهايت سرگرميءَ سان سرپرستي ڪئي. سندن قلم ۽ ’فڪر و عمل‘ ماڻهن جي ذهنن کي منور ڪندو رهيو. مخدوم صاحب ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪرڻ جو قائل هو. سندن ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو روشن ۽ قابلِ رشڪ هو. هنن پنهنجي قول و فعل ۾ مثالي توازن قائم رکيو ۽ خلوص ۽ محبت جي علامت بڻيا رهيا.

’شاعري جزوي است از پيغمبري‘ ـ شاعريءَ جي اها روايت مخدوم صاحب جن برقرار رکي ۽ پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي معاشري ۾ اعليٰ اخلاقي قدرن جي فروغ کي پنهنجي مسلڪ بڻايو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي مزاج ۽ طبيعت ۾ درويشانہ استغنيٰ ۽ بردباري ڏسڻ ۾ ايندي هئي. احترامِ آدميت سندن رڳ رڳ ۾ رچيل هو. سندن واقف احباب هن ڳالهہ جي شهادت ڏيندا تہ مخدوم صاحب جن پنهنجي ماتحت

ملازمن ۽ ذاتي خادمن کي ڪڏهن بہ سخت لهجي ۾ مخاطب نہ ٿيا. هو صاحب طبعاً هڪ فياض انسان هو پنهنجي فياضيءَ ۽ سخاوت جو اظهار زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪري چڪا آهن. سندن دل ۽ دامن هر شخص جي لاءِ ڪشادو هوندو هو. سندن سوچ ۽ فڪر جي وسعت ۽ تنوع ۽ سندن فياضانہ خصلت قدرت جي ڏنل نعمت هئي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ڪنهن بہ دؤر ۾، ڪنهن بہ مرحلي ۾، ڪڏهن بہ ڪا تنگ نظري ۽ تنگ دلي اختيار نہ ڪئي. معاشرتي زندگيءَ کي سندن ذات کان رهنمائي حاصل ٿي. پاڻ جنهن قسم جا رهبر، مدبر نگاهہ بلند، سخن دلنواز دردمندل جا مالڪ هئا، ان جو مثال هن خطي ۾ ملڻ مشڪل ۽ محال آهي.

هڪ عظيم دانشور ۽ صاحب علم و فضل جي حيثيت سان بہ سندن منصب ۽ مقام مٿاهون آهي. سندن بصيرت ۽ وسيع النظري فقيد المثال آهيِ. مخدوم صاحب جي روشن خيالي ۽ رواداري اجوڪي دؤر ۾ غير معمولي اهميت جي حامل هئي.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هڪ صاحبِ طرز منفرد شاعر هو جنهن جي قادرالڪلامي هر صنف شاعريءَ ۾ پنهنجو اعجاز ڏيکاري رهي آهي.

پاڻ سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ هڪ جهڙا تخليقي جوهر ڏيکاريا اٿن. سندن شاعريءَ ۾ انساني آدرش سان گڏ حب الوطنيءَ جي سگهاري سوچ نظر اچي ٿي. سندن شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي روايت پنهنجي عروج تي آهي. محبت ۽ عشق جي آفاقي جذبن کي هنن پنهنجي سهڻي نگارشات جي ذريعي نئين تازگي ۽ حسن بخشيو آهي ۽ پنهنجي صوفيانہ مسلڪ ۽ صوفيانہ خيالات کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست وانگر مفهوم ۽ مضمون عطا ڪيا آهن ۽ سنڌي شاعريءَ جي خزاني ۾ بي بها موتين جو اضافو ڪيو آهي.

قومي رهنما جي حيثيت سان مخدوم صاحب جن جو انهن چند هستين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو جن جي اصول پسندي، مستقل مزاجي ۽ وفا شعاريءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. پاڻ سڄي عمر تعصبات ۽ نفرت جي خلاف برسر پيڪار رهيا ۽ صرف ۽ صرف انسانيت جي تصوير بڻيا رهيا. سندن سياست عام رواج کان هٽيل هئي. سندن سياست کيَ ايثار قرباني ۽ خدمت خلق جي اوليت حاصل هئي. سندس رهنمائيءَ کان محروميءَ کي قومي الميو سڏڻ غلط نہ ٿيندو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن سنڌ جي هڪ اهڙي صوفي مسلڪ جي اهم ڪڙي هئا، جتان محبت ۽ رواداريءَ جي روشني عام ۽ وافر انداز ۾ ملندي ڦهلجندي هئي، جتي هر فرقي سان تعلق رکڻ وارن کي بلاتخصيص فيض حاصل ٿيندو هو.

مخدوم مخدوم زمان طالب المولىٰ جي ذات اميريءَ ۽ فقيريءَ جو متوازن امتزاج هئي. مخدوم صاحب جي همہ جهت شخصيت جي ڀربور سرپرستي تمام فنونِ لطيفہ خصوصاً علم و ادب، شاعريءَ ۽ موسيقيءَ کي حاصل هئي. هو سنڌ جي قدرن، تهذيب ۽ ثقافت جي جيئري جاڳندي تصوير هو. ڪين پنهنجي سمورين تهذيبي روايات سان گڏ 'سنڌ جي علامت' سڏي سگهجي ٿو. مخدوم صاحب پنهنجي صديءَ جي عظيم ۽ شاناڻي شخصيت جو مالڪ هو. هو پنهنجي سمورين خوبين سان گڏ ديس وارن جي دلين ۽ ذهنن ۾ هميشہ زنده ۽ تابنده رهندو.

هرگز نميرد آنکه دل زنده شد بعشق،
ثبت است بر جريده عالم دوام ما.
(حافظ)

مَرَڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.
(شاهہ)

(ماهوار پيغام رسالو فيبروري – مارچ 1993ع)

ڊاڪٽر ادل سومرو



# مخدوم محمد الزمان 'طالب المولىٰ'

عالم، اديب ۽ شاعر پنهنجي فن ۽ فڪر جي روشني ڦهلائي، اونداهن ذهنن کي منور ڪندا آهن. هُو نہ صرف سوچ جي سُرهاڻ ڦهلائي، صحتمند قدرن کي سگهہ ٿا بخشين، پر پنهنجي ٻوليءَ جي ڦلواڙيءَ جي آبياري بہ ڪن ٿا. هر عالم، اديب ۽ شاعر جي پنهنجي ذات ۽ فڪر جي حوالي سان ڌار ڌار اهميت آهي. سيئي تخليقڪار هڪ برادريءَ وانگر آهن. هو سڀ هڪ ئي قافلي جا پانڌيئڙا آهن.

مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جو نالو شاعرن جي سٽ ۾ هڪ اهم ۽ نمايان حيثيت رکي ٿو. بيت، ڪافي ۽ وائيءَ جي صنفن ۾ پراڻن ۽ جديد قدرن کي گڏي پيش ڪرڻ ۾ سندن محنتون نهايت ئي ساراهہ لائق آهن.

مخدوم صاحب جن 04 آڪٽوبر 1919ع ۾ هالا نوان ۾ پيدا ٿيا. پاڻ مشهور بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح ؒ جي پندرهين سجاده نشين مخدوم غلام محمد سائين ؒ جا فرزند آهن. پاڻ 1930ع کان شاعري شروع ڪيائون ۽ هيل تائين سندن تخليق جو اهو ئي عمل جاري آهي. پهريان 'بيوس'، 'فراقي'، 'زمان' ۽ پوءِ 'طالب'، تخلق اختيار ڪيائون. 1949ع کان پنهنجي ڪلام ۾ 'طالب المولىٰ' جو تخلص استعمال ڪندا اچن ٿا.

مخدوم صاحب جن نہ صرف لکڻ جي عمل ۾ سرگرم رهيا آهن، پر شروعات کان وٺي علمي ۽ ادبي مجلسن ۽ تحريڪن ۾ بہ حصو وٺندا رهيا آهن. سندن ئي سرپرستيءَ ۾ 1950ع ۾ هالا نوان مان ماهوار 'فردوس' رسالو جاري ٿيو، جنهن جي معرفت ڪيترن ئي نون ليکڪن کي سڃاڻپ ڪرائڻ جو موقعو مليو. نئين نسل ۾ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ انهيءَ رسالي ۾ ٻارن لاءِ بہ ڪجهہ صفحا ڌار رکيا ويا هئا. 1952ع کان 'جمعيت الشعراءِ' سنڌ جا صدر ٿيا. 1955ع کان ۾ حيدرآباد ۾ 'بزم طالب المولىٰ' جو بنياد رکيو ويو، جنهن جا پاڻ سرپرست ٿيا. ان کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي ادبي ۽ سماجي ادارن جا ميمبر ۽ عهديدار رهندا پيا اچن. تعليم جي ميدان ۾ بہ پاڻ ڪيترائي فلاحي ڪم ڪري چڪا آهن.

امام غزاليءَ جا خط، اسلامي تصوف، خودشناسي، شيطان، بهار طالب، رباعيات طالب، ياد رفتگان، مثنوي قل و عشق، ڪچڪول، ڪافي، ڇپر ۾ ڇڙيون ۽ ديوان طالب المولىٰ سندن يادگار ڪتاب آهن.

ڪافيءَ جي صنف ۾ تہ سندن حيثيت موجوده دور ۾ سڀني کان مٿانهين آهي، پر سندن غزل بہ نهايت اثرائتا ۽ فڪر انگيز آهن. "ديوان طالب المولىٰ" ۾ 451 غزل ڏنل آهن، جيڪي جولاءِ 1982ع تائين لکيل سندن 1457 غزلن مان انتخاب آهن. غزل ۾ سندن سوچ نهايت واضح ۽ اعلىٰ آهي. هي بہ سندن ئي خيال آهي تہ:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب المولىٰ،  
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

حافظ محمد احسن جن 'طالب المولىٰ' جي شاعريءَ بابت فرمائين ٿا: "طالب المولىٰ جي شاعري ڪا هاڻوڪي تہ نہ آهي، پر ورهين کان وٺي، رسالن، ڪتابن ۽ ريڊيو پاڪستان تان عوام و خواص جي پسند ۽ مقبول شاعري آهي. برصغير ۾ شوق و ذوق سان ننڍي ۽ وڏي، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل جي زبان زد آهي ۽ اهل سُخن جو مشغلو آهي."

طالب المولىٰ جي ڪلام ۾ فڪر سان گڏ موسيقي ۽ رواني بہ تمام گهڻي موجود آهي.

تو دلڙي يار ڏتاري، پر ڪانہ ڪيئي ٻوئواري!  
تنهنجا ڪيس پيارل ڪارا، آهن پيچ اُنهن جا پيارا،

ڪن ونگ وجهڻ لئہ وارا، پائن ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا،
ٿين وير بہ اُت ويچارا، تا شاهہ پرن شوڪارا.
منهنجي نرمل آهہ نيزاري الا...!

’طالب المولىٰ‘ جي شاعريءَ ۾ روحانيت ۽ تصوف جو رنگ نمايان آهي. سندن ڪلام بابت مرزا عباس علي بيگ صاحب لکي ٿو، ”جناب طالب مولىٰ جن اُهي شاعر آهن، جن عين وقت تي سنڌي غزل ۾ انقلاب پيدا ڪيو آهي. پاڻ تصوف جي رمز ڪان بہ واقف آهن ۽ حُسن جا ادا شناس بہ. پاڻ لطيف ۽ نازڪ اشارن جا قائل آهن ۽ مست الست بہ آهن، سندن لفظي ڪمال هي آهي جو تاثير ۽ دل فگاري سندن هر شعر جي مصرع جي جان آهي. مطلب تہ ڪين محبت سان محبت آهي ۽ سندن شاعري سندن دل جي اصلي ترجمان آهي. ان حيثيت سان پاڻ، دور جديد جي شعر ۾ نهايت ممتاز ۽ نمايان آهن .“

’طالب المولىٰ‘ جن ٻوليءَ جي حوالي سان نہ صرف سنڌيءَ ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي، پر فارسيءَ ۾ بہ نهايت اثرائتي شاعري ڪئي اٿائون. پنهنجي ذاتہ فن ۽ شخصيت جي اثر جي باوجود بہ هنن جي لکڻين ۾ ڪٿي بہ پنهنجي فن ۽ ذات جي مهانتا جي دعويٰ ناهي ٿيل. پر هُو پنهنجي فن ۽ ذات جي مجتا جي موٽ ۾ لکن ٿا تہ: ”آءٌ خود حيران آهيان تہ منهنجي شاعريءَ ۾ ڪي ايتريون خوبيون آهن ڇا؟ زنده قومون پنهنجي فنڪارن جي سندن ئي زندگيءَ ۾ پنهنجي طرفان حوصلہ افزائي ڪنديون آهن. (نوجوان) سندن فن تي تذڪرا ڪندا آهن، مجالس ڪندا آهن، ڪتاب شايع ڪندا آهن. جيئن هو پنهنجي فن ۾ وڌيڪ ترقي ۽ ڪمال حاصل ڪن. اڄوڪن نوجوانن کي آفرين آهي، جو انهن زنده پرست ٿيڻ جو عزم ڪيو آهي. اڄڪلهہ شاعرن ۽ فنڪارن سان شامون ملهايون وڃن ٿيون. اخبارن ۾ انهن جي همت افزائي ٿئي ٿي.“

’طالب المولىٰ‘ پيار ۽ محبت جا شاعر آهن. سندن ڪلام ۾ هر هنڌ اهڙا ئي جذبا بيان ٿيل آهن:

اسان وٽ نہ آهي محبت مهانگي،
هلي آءٌ ساجن، سڄڻ يار سانگي،
تون ڇا هُئين، ڇا مان ڇا ٿي وئين،
جڏهن تنهنجو ٿيس، تہ جدا ٿي وئين.

’طالب المولىٰ‘ جن سنڌي راڳ جا بہ وڏا ڄاڻو ۽ قدردان آهن. هنن ڪيترن اُڀرندڙ فنڪارن جي همت افزائي ڪئي ۽ انهن مان ڪيترن گهڻي شهرت حاصل ڪئي. سگهڙ، سالڪ هجن يا ٻيا ڪي فنڪار. سڀني تي ’طالب المولىٰ‘ جن جي شفقت رهي آهي.

مشهور شاعر سوز هالائي، طالب المولىٰ جي شخصيت بابت لکي ٿو: ”سائين سونهن وروهن جو حساس ۽ خوبصورت شاعر آهي. سندس لفظ لفظ ۾ لئہ پريل ۽ سٽ سٽ ۾ سنگيت سمايل آهي. عروض هجي يا ڇند سر هجي يا تال، هر صنف ۾، هر جاءِ يڪسان مهارت جهلڪا ڏيندي نظر ٿي اچي. جيڪڏهن ائين چئجي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ سائين جن جي دنيا بلڪل الڳ ٿلڳ آهي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.“

سڄڻ طالب المولىٰ تو کي پُڪاري،
وڻنو واٽ تنهنجي ٿو هر هر نهاري،
سنڌ نام نرمل جهونگاري ٿو جهانگي.

(نئين زندگي، جون 1990ع)

سيد محمد شاھ آف ياڻوٽ

# مخدوم طالب المولىٰ جن جون يادگيريون

محترم مرحوم مغفور طالب المولىٰ صاحب جن سان منهنجو ڪيئن تعلق ٿيو ۽ ساڻن ڪيئن گهڙيون گهاريون، ڪچهريون ٿيون، محفلون رچيون اهي يادگيريون، بس يادگيريون ٿي رهنديون.

’جن جي هٿان ويڙا سجڻ، تن ڪنئون ٻڌو سڌ سُورَجي‘

آءٌ هت جو ڪجهه بہ پيش ڪري رهيو آهيان، اهو سڀ ڪجهه منهنجا پنهنجا ذاتي تاثرات ۽ مشاهدات آهن، جن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا ملاوت، خوشامد، مخالفت يا منافقي نہ آهي.

مرحوم مخدوم طالب المولىٰ جن سان منهنجو تعلق بي غرض دوست جي حيثيت سان رهيو. مون کي ان ڳالهہ تي بہ فخر آهي تہ مون پنهنجي ساڻن تمام ويجهي واسطي هئڻ جي باوجود ڪانئن پنهنجي ذاتي مفاد ۽ غرض خاطر دنياوي ڪم نہ ورتو ۽ نہ مون ڪا حجت ڪئي يا بي حجاب رهيس، ادب ۽ حجاب جي دائري اندر پاڻ کي مقيد رکيم. سدائين مون وٽ سندن هستي هڪ اعليٰ، معزز ۽ محترم جي حيثيت سان مجيل رهي. مون کي ان ڳالهہ تي بہ فخر آهي تہ مون پنهنجي حال ۽ حيثيت آهر ساڻن بي غرض دوستيءَ جو ناتو نڀايو. پر بقول مرحوم پير حسام الدين راشدي تہ دل جو چاڪ جڏهن چِڪي چڪي ناسور ٿي پوي، تڏهن شڪايت ڪٿي نہ ڪجي، پر ان حڪايت جو حق هئڻ گهرجي.

هر مفڪر اديب، شاعر فلسفي، تاريخ دان ۽ قومن جي تقديرن جو مصلح، اهي سڀ حسرتون ۽ اميدون پنهنجي دل ۾ ڪٿي اوچتو ئي اوچتو اسان جي اوطاقن مان هميشہ لاءِ هليو ويندو آهي ۽ اسين پويان رهيل ڏرتيءَ تي انسان، روايتن ۽ رسمن کي جيئرو رکي ان ۾ جنبي ويندا آهيون ۽ پوءِ آهستي آهستي ٽڏا ٿيندا ويندا آهيون، تان جو بلڪل وساري ويهندا آهيون.

نہ سي ٿڙ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارون جون!

مرحوم و مغفور مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن سان مُنهنجو تعلق ڪيئن ۽ ڪڏهن کان ٿيو سو ٻڌائڻ ضروري آهي.

هالا نوان جي مخدوم نوح عليہ رحمت جي خاندان جا اسان ياڻوٽ جي سادات سان ورهين کان پاڙيسري ۽ خانداني تعلقات رهندا آيا آهن. اسان جي وڏن جو واسطو مخدوم خاندان سان ڏاڍو گهاٽو هوندو هو جيڪو منهنجيءَ ساڻيہ ۽ عمر کان وڏو آهي. مون کي جيڪا ڄاڻ آهي ۽ ٻڌندا رهيا آهيون تہ اسان جي چاچي مرحوم شير محمد جي اُن وقت جي گادي نشين مخدوم مرحوم سرڪار سائين جن سان تمام گهاٽي دوستي هوندي هئي. ٻئي يار اڪثر هڪ ٻئي وٽ بنا ڪنهن تڪلف جي اڪيلا ايندا ويندا هئا. اهو دؤر شايد 1915-16ع جو هجي يا ڪجهه ٿورو اڳ جو. بهرحال سهڻا ۽ شاناُتا تعلقات هئا. منهنجي ساڻيہ ۾ اسان جي خاندان جي آخري پڳدار مرحوم دين محمد شاھ سائينءَ جي حضرت قبلہ مخدوم مرحوم غلام محمد صاحب جن سان ڏاڍي عقيدت هئي. مرحوم دين محمد شاھ پنهنجي وقت جو درويش ۽ سادي شخصيت جو مالڪ هو. مخدوم مرحوم ’گل‘ سائين جن بہ پنهنجي وقت جا باڪمال فقير ۽ درويش صفت ۽ گڻن جا ڌڻي هئا. مون کي گل سائين مرحوم جن جي زيارت ٿيل آهي. مون کي گل

سائين مرحوم جن جي زيارت ٿيل آهي. مون کي مرحوم گل سائينءَ جي زيارت 41-1940ع ڌاري نصيب ٿي، آءُ وٽن ٽي چار دفعا حاضري تي ويل آهيان، جيئن ته مرحوم دين محمد شاهه کي اولاد ڪونه هو ۽ مون کي نپايو هئائون، رشتي ۾ آئون مرحوم دين محمد شاهه جو سؤٽ آهيان، تنهنڪري منهنجو گل سائين مرحوم جن وٽ وڃڻ ان توسط سان ٿيو. مرحوم دين محمد شاهه جي حويليءَ جي پاڪن کي پنهي درويشن جي تعلق جي ڄاڻ هئي ۽ مون کي پنهنجي اولاد جي حيثيت سان مخدوم صاحب جن ڏي دعا وٺڻ ۽ حاضري ڀرڻ لاءِ موڪليندا هئا، اهو وقت به منهنجي لاءِ وڏي سعادت جو هو جيڪو 42-1941ع جو زمانو هو. آءُ پوءِ جامعه عربيه ۾ پڙهڻ لاءِ ويس. مخدوم صاحب جن رحلت فرمائي. مون کي ياد آهي ته مرحوم گل سائين جن جي فاتحه لاءِ آءُ مرحوم مخدوم مولوي غلام حيدر صاحب جن وٽ ويو هوس. پاڻ بعد ۾ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن ڏانهن فاتحه لاءِ به پنهنجو ماٺهو گڏ موڪليو هئائون، جيڪي ان وقت گادي نشين هئا. منهنجي پهرين ملاقات ان طرح سان مخدوم مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن سان انهيءَ وقت ان جاءِ ۾ فاتحه خوانيءَ جي سلسلي ۾ ٿي، جتي پاڻ پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏينهن گذاريائون. ان ڪانپوءِ منهنجو اچڻ وڃڻ ڪونه ٿيو البت مختصر ۽ تمام ٿورو. مخدوم مرحوم ميان غلام حيدر صاحب جن سان به ٽي دفعا ملاقات 46-1945ع ۾ ٿي، جيڪا اليڪشن جي واسطي سان هئي، پر منهنجي ڪنهن سياسي حيثيت سان وابستگيءَ سان نه بلڪل ماتحتي هئي. آءُ ان وقت به جامعه عربيه ۾ پڙهندو هوس. مخدوم مرحوم ميان غلام حيدر صاحب جن سائين علي اڪبر شاهه جن وٽ جامعه عربيه ايندا هئا ۽ پاڻ جامعه عربيه جي بلڊنگ جو سنگ بنياد حيدرآباد ۾ موجوده سنڌي مسلم سوسائٽيءَ جي ميدان تي رکيو هئائون.

مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن علمي ادبي ۽ ثقافتي دنيا ۾ ڇاتل سڃاتل شخصيت هئا، ساڻن سڌي ۽ بنا ڪنهن تعارف جي ڪراچيءَ ۾ راڪ هائوس ۾ ملاقات ٿي، ان وقت سائين جي.ايم.سيد جي ڪوشش سان ۽ مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن جي تعاون سان هڪ وڏي ثقافتي گڏجاڻي ٿي هئي، جڏهن محفل برخواست ٿي ته مون بنا ڪنهن هٻڪ جي ساڻن وڃي هٿ ملايو. نڪي پاڻ سڃاتائون ته ڪير آهيان ۽ نه ڪي مون پنهنجو تعارف ڪرايو. اهو وقت شايد 50-1949ع جو هو. مرحوم گرامي صاحب جي اسرار تي آءُ مرحوم طالب المولىٰ صاحب جن سان پنهنجي منهن ملڻ ويس. مون کي ياد آهي اهو وقت ۽ گهڙي، پاڻ ان وقت جتي مخدوم غلام حيدر صاحب ويهندا هئا، اتي ويٺل هئا. منهنجي اطلاع ڏيڻ تي مون کي پاڻ وٽ گهرايائون. تمام عزت ۽ پاٻوهه سان مليا، پر ٻنهي طرفن کان ان طرح جي اوچتو ملاقات ۽ ملڻ سبب تمام ٿورو وقت ڳالهائڻ ٿيو. ترت موڪلائي اٿيس. مرحوم گرامي صاحب پوءِ مون کي ٻڌايو ته پاڻ گرامي صاحب کي منهنجو وٽن وڃڻ ۽ ملڻ جو لکيو ۽ پڻ چيائون ته طرفين تي حجاب حاوي هو تنهنڪري مزيد ڳالهه ٻولهه ٿي نه سگهي، پر پوءِ اها شناسائي وڌندي گهاٽي ٿيندي وئي. منهنجا مقامي تعلقات مخدوم صاحب جن سان طبيب ڪرڻ جي محنت جو نتيجو چئجي. مخدوم مرحوم طالب المولىٰ جن سان منهنجا ذاتي تعلقات ڏاڍا وڌيا ۽ ويجهيا. 56-1955ع ۾ ٻوڏون ٿيون، اسان جو ڳوٺ ياٽوٽ ۽ ٻيا ڳوٺ فتح پور شاخ ۽ بچاءَ بند جي وچ ۾ ٻڏي ويا. مخدوم صاحب جن پنهنجن مريدن سان را ت ڏينهن بند جي حفاظت ۾ رڌل رهندا هئا. مون کي پنهنجي گهرو ڀاتين سميت ڳوٺ مان حفاظت سان ڪڍڻ ۽ هالن ۾ مختصر عرصي لاءِ رهڻ لاءِ جاءِ ڏنائون.

مخدوم مرحوم طالب المولىٰ جن منهنجن غريباڻن ڪکن تي اچڻ ۾ ڪڏهن به هٻڪ محسوس نه ڪئي. مون وٽ راتيون رهيا، صوفيانه راڳ ۽ سندن ڪلام جون محفلون ۽ ڪچهريون ٿيون، جن ۾ مرحوم گرامي صاحب جن جو هجڻ بهرحال لازمي ۽ ضروري هوندو هو. پاڻ شڪار جا ڏاڍا شوقين هوندا هئا، اسان جي ڳوٺ جي ڀرپاسي هر سال تترن ۽ ٻاٽيءَ جي پکين جي شڪار جو تعلق مون سان هوندو هو ساڻن گڏ ڪڏهن ڪڏهن سندن وڏو فرزند ۽ هن وقت گادي نشين مخدوم محمد امين فهيم جن به هوندا هئا. مرحوم طالب المولىٰ جن سان ڪچهريون ۽ رهاڻيون

سندن هالا واري بنگلي تي، راهوند، سندن زمين مارڪ واهه واري اوطاق: هيرآباد واري بنگلي، ڳاڙي ڪاٽي واري جاءِ، ڪنٽونمينٽ واري بنگلي، بچاءَ بند تي ٻيرن جي ڇانو ۾، فتح پور شاخ تي لَون جي ڇانو هيٺ زمين تي پاٿاريون وڇايل، ڪل پوڳ ۽ چرچن جي پُرلطف ماحول ۾ ٿينديون هيون.

پر باوجود انهن مصلحتن ۽ تقاضائن جي مرحوم طالب المولي صاحب منهنجي خيريت ۽ حال احوال جي پڇا ڪندا رهندا هئا. ساٿن ملڻ جلڻ جو سلسلو ۽ سماجي طرح شادي غميءَ ۾ اچڻ وڃڻ جو رستو ختم ٿي چڪو هو تنهن هوندي به مون کي پاڻ وسارياڻون ڪون.

ان ۾ ڪو به وڏاءُ نه ٿيندو ته قدرت هن ملنگ صفت هستيءَ کي ايڏي سهپ، تحمل ۽ تدبر جي قوت عطا ڪئي هئي، جنهن جو انتُ ئي پئجي نه سگهيو. مرحوم مخدوم صاحب جن پنهنجن مريدن، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ وڏي وَٽُ هئا. سندن شخصيت جي بلندي ۽ احترام ئي آهي، جنهن سيني فڪر وارن کي سندن وفات تي لوڏي ڇڏيو آهي!

اها دعوي ڪرڻ ۾ اجا به آءُ حق بجانب آهيان، ته جيڪي مهلون، گهڙيون ۽ ڪچهريون مون مخدوم صاحب جن سان گهاريون ۽ ڪيون، تن جو ميناج ۽ لُطف وسارڻ جهڙو نه آهي ۽ نه ڪي وسرندو.

ههڙي گلمڪ مهانڊي جي مالڪ، اخلاص ۽ محبت جي پتلي، صابر ۽ قانع هستيءَ تي آءُ ڇا چئي ۽ لکي سگهان ٿو!

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.

('عبرت' 3 فيبروري 1993ع)

## سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپيل نوان ڪتاب



امر منظور (هالا)

# مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

## انسان دوست ۽ ادب دوست

ڪائنات جو ڪاروان روان دوان آهي، سج پنهنجي مقرر وقت تي طلوع ۽ غروب ٿئي ٿو چنڊ پنهنجي مقرر وقت تي جڳ کي جڳمڳائي ٿو صبح، شام ۽ رات جو ڦيرو جاري آهي، سيارو ۽ اونهارو پنهنجي مقرر وقتن تي هن جڳ کي ٿڌو ڪري ۽ گرمائي رهيا آهن. مگر هي سڀ قدرت ڪارساز جا ڪم آهن، جيڪا دنيا ۾ ٿيندڙ شور ۽ غل کان بي پرواهه آهي، ان کي نه ڪنهن جي عروج ۽ زوال سان، نه ظالم ۽ مظلوم سان، نه چڱي بُري سان، نه روئڻ کلڻ سان ۽ نه ترقيءَ تباهيءَ سان ڪا دلچسپي يا واسطو آهي. روزانو سوين ماڻهو هن فاني دنيا مان لڏيو ابدي دنيا ڏانهن آباد ٿيندا وڃن. موت برحق آهي، جو گهڙو گهڙيو آهي، اهو ضرور ڀڄڻو آهي، پر ڪي ڪي موت امڙا هوندا آهن، جيڪي تاريخ ساز هوندا آهن، جن جي موت تي سڄو ڏيهه رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو آهي. ڪن انسانن جو موت ڪين هميشه تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيندو آهي ته ڪي انسان وري جيئري ئي امر هوندا آهن. اهڙن ئي امر انسانن مان مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رح به هڪ هو.

اِها هڪ حقيقت آهي ته خالق ڪائنات انسان کيماديت ۽ روحانيت جي آميزش مان تخليق ڪيو آهي ۽ انهن ٻنهي قوتن مان جيڪا به ان جي وجود تي غالب اچي ٿي، اهائي ان جي ذات جي سڃاڻپ بڻجي وڃي ٿي. روحانيت جو غلبو جوهر ايمانيءَ ۾ نکار پيدا ڪري ٿو ۽ انسان جي درجن کي بُلند ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو جڏهن ته ماديت ان کي پنهنجيَ غار ۾ ڌڪي ڇڏي ٿي. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ به اهڙو ئي شخص هو جنهن جي پوري زندگيءَ تي روحانيت غالب رهي، جيڪا موروثي هئي.

هن هَوس ۽ انڌ جي دؤر ۾ ماڻهوءَ جي ڪردار جي پرک مختلف زاوين ۽ معيارن کان ٿئي ٿي. ماڻهو هوندي ته پنهنجي اندر ۾ فرعونيت جا سمورا جراثيم پالي ٿو. سندس خواهشن جي ڪئنواس تي سموري ڪائنات ڇانيل آهي. سندس پاڻ وڻائڻ، حڪمراني ڪرڻ ۽ برتر ڄاڻائڻ جي وحشي ارادن جي پورائيءَ جي زد ۾ سموري انسان ذات هجي ٿي، پر پوءِ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ پاڻ جهڙن ٻين انسانن لاءِ درد محسوس ڪري ٿو جڏهن ٻين انسانن جي لڙڪن کي اگهڻ لاءِ وک وڌائي ٿو جڏهن زندگيءَ جي رڻ ۾ ٿُوهر بجاءِ ڪو گهاٽو ٻڙ بڻجي ٿو جڏهن ڪو ماڻهو لکين چاهيندڙن، سر ساهه گهوريندڙ مُريدن ۽ پنهنجن هوندي به نيستيءَ جا نعرا هڻي مرشد ۽ مريد جي وچ وارا سمورا سنڌا مٽائي، هر ماڻهوءَ تي پنهنجائپ جي ورڪا ڪري ٿو ته پوءِ پڪ اهو سنڌ ڄائو ۽ هالا واسين جي هينئين جو هار مخدومَ طالب المولىٰ ئي ٿي سگهي ٿو. اقراري آهن ته:

سڳا ڏاڳا ڦيٽا، چنڊا ۽ چوڪارا،\
اهي جڻ ته آهن ڪُلي نانگ ڪارا،\
ڪيم ڳالهه والله بلڪل بصيري،\
اسان لاءِ ڪافي فضيلت فقيري،\
ڪنهين ڪم نه آئي، هي مخدومي پيري!

اسان جي سماج ۾ ڏاها، دانشور، فلسفي، عالم ۽ مفڪر سچائيءَ جون مشعلون هوندا آهن، جيڪي ماڻهن جي اونداهين راهن تي هلڻ دوران رهنمائي ڪندا آهن. هُو ذهنن ۽ دلين ۾ ڦهليل زهرن جو ترياق هوندا آهن. هو پنهنجي لکتن ۾ ماڻهن جي سُک، آجپي ۽ خوشين جا سنيها ڏيندا آهن. هو ماڻهن کي اُهي خواب ڏيکاريندا آهن، جن جي ساپيائن لاءِ ماڻهو سوين سالن تائين جوٽيون جوٽيندا ۽ ايندڙ نسلن جي سُک لاءِ پنهنجو سر ساهه گهوري ڇڏيندا آهن. اهڙا خواب ڏيکاريندڙ زهرن جو اهڙو ترياق، سُک ۽ خوشيءَ جا سنيها ڏيندڙ ۽ ماڻهن، سماج ۽ قوم جي راهن تي اُپن ڪاون ۽ زهريلن ڪنڊن کي هٽائيندڙ ڪو مسيحا رهيو آهي ته پوءِ پڪ اهو مخدوم طالب المولي ئي آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ ئي لطيف سائينؒ چيو آهي ته:

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.

مخدوم طالب المولي هڪ ئي وقت سوين خوبين جو مالڪ هو. هڪ ئي وقت اديب ۽ عالم، مبلغ ۽ مؤرخ، محقق ۽ مفڪر دانشور ۽ مقرر، شاعر ۽ نقاد، فلسفي ۽ تاريخدان، اسلامي تصوف جو ماهر ۽ روحاني پيشوا هو.

مخدوم صاحب کي علم ۽ عرفان سان اهڙو شوق هو جو ننڍپڻ کان ئي شاعري شروع ڪري ڏنائين. جيڪا مخدوم صاحب جي موروثي صفات جي آئينه دار هئي. مخدوم صاحب جي زبان ۾ مهراڻ جي مٺاس سان گڏوگڏ شگفته بياني، خيالات ۽ فڪر جي تازگي ۽ قادرالڪلامي پوري آب و تاب سان موجود هئي. سندن شاعريءَ جي باري ۾ ڪنهن نقاد چيو آهي ته:

"شاعري سندن فڪر ۽ فن، ذوق جماليات ۽ روحاني واردات مان ائين وهڪرا ڪري نڪتي آهي، جيئن پهاڙن مان ڌارا!"

مخدوم صاحب جا هونئن ته لکين مريد سر ساهه گهوريندڙ هئا، پر سندن شاعريءَ جا مداح به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هڪ دفعي جميعت الشعراء سنڌ طرفان لاڙڪاڻي ۾ مشاعرو هو. مردن سان گڏ عورتن جو به هڪ وڏو انگ پنڊال ۾ موجود هو. مخدوم صاحب ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري منتظمين کي ڪيس جلد گهرائڻ لاءِ چيو. مخدوم صاحب شعر پڙهڻ شروع ڪيو ته خاموشي ٿي وئي ۽ جيئن ئي پنهنجو شعر ختم ڪيائون ته پنڊال ۾ موجود سڀ حاضرين ۽ ناظرين به روانا ٿيڻ لڳا. اجا ڪافي وڏا شاعر ۽ مهمان خصوصي وينا هئا، پر ماڻهن جي پنڊال خالي ڪرڻ ڪري منتظمين کي مجبوراً پروگرام ختم ڪرڻو پيو. انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مخدوم صاحب جي شاعريءَ جا مداح مخدوم صاحب کي ئي ٻڌڻ لاءِ آيا هئا.

مخدوم صاحب ادب دوست هئا ۽ هميشه نوجوان اديبن جي رهنمائي ۽ حوصله افزائي ڪندا رهندا هئا. سندن چوڻ هو ته اگر اڄ جي نوجوانن ۽ خاص ڪري نوجوان اديبن جي رهنمائي ۽ حوصله افزائي نه ڪبي ته هو بيا خراب ڪم ڪرڻ، هٿيار کڻڻ ۽ چوري ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا.

مخدوم صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو اگر آءٌ ذڪر ڪرڻ لڳان ته ان تي ڪيترا ڪالم لکجي پوندا، پر مختصراً اهو ته پاڻ علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هفتيوار ۽ ماهوار اخبارون ۽ رسالا شايع ڪرايائون، ڪيترائي ورهيه سندن خرچ تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ٿيندا هئا. ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمون سندن مالي ۽ اخلاقي مدد تي هلنديون هيون. راڳ ڪانفرنس، مزاحيه ڪانفرنس، سگهڙ ڪانفرنس ۽ ڪيترين ئي

ادبي ڪانفرنسون سنڌن مالي ۽ اخلاقي تعاون سان سنڌن صدارت ۾ ٿيون. سنڌي ادبي بورڊ جي ترقي مخدوم صاحب جي ٿي مرهون منت آهي. ٻين ڪيترن ئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادبي ادارن جو حال اسان جي سامهون آهي. سنڌي ادبي بورڊ سرڪاري هئڻ جي باوجود مخدوم صاحب اُن اداري کي گلشن بڻائي ڇڏيو. مخدوم صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪيترائي ناياب ڪتاب شايع ٿيا.

مخدوم صاحب سترهن کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف آهي. پاڪستان سرڪار کيس سنڌن علمي ۽ ادبي ۽ سماجي خدمتن جو قدر ڪندي 'تمغهء پاڪستان' جو اعزاز ڏنو.

مخدوم صاحب سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. بزمِ طالب المولي سنڌ طرفان 15 اپريل 1988ع تي هڪ عظيم الشان ادبي ڪانفرنس ۾ مخدوم صاحب تقرير ڪندي چيو هو ته: 'جنهن معاشري ۾ احساسِ محروميءَ جا ڪارڻ وڌيل هوندا، اتي ٻوليءَ کي هر وقت خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو انڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ تحفظ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ پوئتي منهن نه موڙڻو آهي.“

مخدوم طالب المولي پنهنجي وڏي فرزند ۽ درگاهه حضرت مخدوم نوحؒ جي موجوده گادي نشين قبله مخدوم امين فهيم جي شاديءَ جي موقعي تي جيڪا ڪافي ڻاهي، اُن جو هڪ بند هيءَ آهي:

هادي حفظ ۾ رکج امين کي!
منهنجي پياري ماه جبين کي
عالم جا آڌار۔ سائين سڀ جا سهارا!

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ مخدوم صاحب لاءِ فرمايو ته ”مخدوم صاحب جن جي انسان دوستي، سنڌس سيني درجن کان بلند آهي.“ اڄ جتي دنيا ۾ ماڻهن هٽلر ۽ اسٽالن جهڙن ڏاڍ ۽ ڏمر جي ديوتائن جون مورتيون پنهنجي من مندر مان ڪيڏي پورا پورا ڪري تاريخ ۽ وقت جي اروڙيءَ تي اُڇلي ڇڏيون آهن، اتي اڄ ماڻهن جي ذهنن جي گهڻين ۾ ڪي تصوراتي مجسما آهن ته اهي فقط ۽ فقط محبت جي متوالن جا آهن. اهڙن ئي انسانيت، محبت ۽ امن جي متوالن مان مخدوم طالب المولي هڪ هو:

چرين کي چريو چئي، خلق نه ڪلائين،
متان حقيقت پانهنجي، تو ٻين ٻڌائين،
سمجهه وارن جي سامهون، متان سنئون سڏائين
طالب المولي ڏيان سان، سوچج سدائين،
ڪڏهن پنهنجي پاڻ کي، متان پڌائين،
سمجهه رکج سائين! ڪنهن کي خبر نه ڪنهن جي.

## سرفراز راڄڙ



# دنيا ۾ هڪڙو ئي ٿيو طالب المولىٰ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي گھڻ رخي شخصيت تي لکندي اهو ضرور محسوس پيو ٿئي ته شايد اهڙو ڪجهه نه لکي سگهان، جيڏي همه گير سندن شخصيت هئي، قرب محبتون ۽ شفقتون سندن وڙ هو. امير، فقير، تونگر ۽ مسڪين سان هڪجهڙو ورتاءُ سندن شيوو هو. نه ڪنهن حاڪم جي پرواهه ڪيائون ۽ نه ڪنهن مسڪين جي دل ڏکوياؤن. سنڌ ڌرتيءَ تي جيڪي املهه ماڻڪ پيدا ٿيا، تن ۾ طالب المولىٰ سائين پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندن والد مخدوم غلام محمد عرف گل سائينءَ کي پاڻ اڪيلو نرينو اولاد هئا ۽ سندن تعليم ۽ تربيت تي نهايت گهڻي توجهه ۽ پيار ڏنو ويو. گل سائينءَ جي وفات کانپوءِ سندن سموري تربيت ۽ خيال سندن چاچي مخدوم غلام حيدر رکيو. اهي پاڻ وقت جا وڏا عالم ٿي گذريا آهن ۽ انهيءَ وقت جي سياست، خاص طرح سنڌ جي سياست ۾ سندن وڏو ڪردار رهيو هو. قائداعظم جي وفات کانپوءِ ملڪي حالتن ۾ جيڪو وڏو خلا پيدا ٿيو هو ۽ پوءِ جيڪا سياسي پيچ ڏاهه ايوب خان جي مارشل لا تائين رهي، تنهن جي وچ ۾ شروع وارا ڏينهن، جڏهن چوڌري محمد علي گورنر جنرل هو تڏهن خاص طور سنڌ جون حالتون نهايت عجيب رخ اختيار ڪري ويون هيون ۽ تنهن ۾ مخدوم غلام حيدر وٽ هالا ۾ سڀ سياسي ڌريون صلاح مشوري لاءِ اينديون رهيون، جن ۾ ميران محمد شاهه، پير الاهي بخش، شڪارپور جا سومرا ۽ نواب شاهه جا جتوئي خاص طرح نهايت قريبي تعلق ۾ هئا ۽ مخدوم غلام حيدر هر وڏ وزارت ۽ جوڙجڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. خاص طرح سندن درگاهه سان وابسته پير الاهي بخش جي وزير تعليم ٿيڻ سان سنڌ ۾ جيڪي تعليمي سڌارا آيا، تن ۾ مخدوم غلام حيدر جو وڏو هٿ هو ۽ پاڻ به تعليم سان جيڪا دلچسپي رکيائون، ان جو مثال هالا جون علمي درسگاهون آهن جن کي پوءِ مخدوم طالب المولىٰ جن سنڀاليو ۽ وڌايو ويجهايو. پنهنجي چاچي جون علمي سرگرميون کين به اهڙي ذوق ڏي وٺي ويون ۽ طالب المولىٰ جتي هالا ۽ آسپاس جا اسڪول ۽ ڪاليج سنڀاليا، اتي به پير اڳيان اچي دادوءَ ۾ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول قائم ڪيائون ۽ ڪپري ۾ غريب ۽ مسڪين شاگردن لاءِ طالب المولىٰ هاسٽل به تعمير ڪرايائون. ڪافي عرصي تائين غريب شاگردن کي اسڪول جون فيون ۽ هاسٽل ۾ رهڻ دوران خرچ ملندو رهيو.

مخدوم صاحب جون ادبي سرگرميون به عروج تي رهيون، ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا منعقد ڪري سنڌ جي اهل علم و ادب سان محبتون ونڊيندا رهيا. سنڌ جي شاعرن اديبن سان سندن رهاڻين اهڙو رنگ لاتو جو پاڻ جمعيت الشعراءِ جو بنياد وڌائون، جنهن سنڌ جي ادبي حلقن ۾ ادبي هلچل مچائي ڇڏي ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ مشاعرن ۽ ادبي محفلن جو هڪڙو رنگ ڄمي ويو. ان سان گڏ پاڻ بزم طالب المولىٰ به قائم ڪيائون ۽ ان جون سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ شاخون قائم ٿيون. سنڌي ۾ "الزمان" نالي سان اخبار به ڪڍيائون ۽ ٻن ادبي رسالن جي سرپرستي ڪيائون، جن ۾ "فردوس ماهنامه" ۽ "شاعر" هئا، جيڪي باقاعدگيءَ سان هالا مان شايع ٿيندا هئا. جنهن سان سنڌ ۾ تنهن وقت ۾ هڪڙو ادبي ۽ علمي انقلاب اچي ويو هو.

هڪ ڳالهه جيڪا ڪرڻ جهڙي به ڪانهي، پر ڪري ٿو وڃان ته پاڻ هڪڙي لسٽ ترتيب ڏني هئائون. جنهن ۾ سنڌ جي اهڙن شاعرن ۽ اديبن جا نالا شامل هئا، جيڪي مفلسيءَ ۾ گذاريندا هئا. تن جو ماهوار وظيفو مقرر هوندو هو. جيڪو کين هر مهيني مني آرڊر ذريعي موڪليو ويندو هو جنهن جي خبر کين ۽ سندن هڪڙي ملازم کي هوندي هئي. اها ڳالهه مون کي پرواني پٽيءَ ٻڌائي.

راڳ رنگ سان سندن شوق عشق جي حد تائين هو ۽ پاڻ شاعريءَ سان گڏ راڳ ٻڌندا به هئا ته ڳائيندا به هئا. اهڙي تربيت پاڻ گواليار خاندان جي گويي استاد بيبي خان کان ورتي هئائون ۽ پوءِ راڳداريءَ جو عشق انهيءَ حد تائين وڌيو جو پاڻ هڪ

راڳڻي "زمان جي توڙي" ايجاد ڪيائون. جو اڄ بہ راڳي ۽ گويا اها راڳڻي ڳائين ٿا. سنڌ جا مشهور فنڪار استاد منظور علي خان، حسين بخش خادم، مصري فقير، ڦوٽو زرداري ۽ فقير امير بخش سندن قرب ۽ محبت جا اسير هئا ۽ سندن حاضريءَ ۾ عمر جو وڏو عرصو گذاري ويا. صبح کان شام تائين عام ماڻهن سان سندن هڪ وڏو تعلق رهيو. صبح جو 9 وڳي عام ماڻهن سان ملاقاتن ۾ غريب غربو امير فقير. هر ڪو ملي ويندو هو ۽ هر مسئلو بنا ڪنهن دير جي حل بہ ٿي ويندو هو. ڪي اهڙا بہ فيصلا ايندا هئا، جن ۾ پاڻ ٻنهي ڌرين کي پاڻ وٽ ويهاري ڳالهيون ٻڌندا هئا ۽ فيصلو ڏئي ڌرين کي کير کنڊ ڪري ڇڏيندا هئا.

سروري جماعت جي روحاني پيشوائي هڪ وڏو منصب هو ۽ پاڻ 9 لکي گودڙيءَ (نو لک مريدن) جي هوندي هر ڪنهن سان ملڻ وقت وڏي قرب سان پيش ايندا هئا ۽ هر ايندڙ اهو محسوس ڪندو هو تہ طالب المولي سائين مون کان وڌيڪ ٻي ڪنهن کي بہ نٿو پيار ڪري. صبح کان شام تائين فون بہ پيا ڪندا هئا، چاهي ڪنهن غريب لاءِ چيف منسٽر سان ڳالهائڻو هجي يا گورنر سان. انهيءَ کي اهو چوندا هئا تہ هن غريب جو ڪم ڪري مون تي قرب ڪندا.

ون يونٽ جي خلاف جڏهن سنڌ ۾ باهہ ٻري ۽ سنڌ جا نوجوان شاگرد، اديب، شاعر ۽ عوام جڏهن ايوب شاهيءَ خلاف اٿي پيو ۽ هتي مسرور حسن جهڙي بيور ڪريٽ پنهنجي هٺ ڌرمي برقرار رکي. تڏهن مخدوم صاحب ان لاءِ پنهنجي بنگلي A-3 ڪئنٽونمينٽ تي هڪ وڏي ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ سائين جي ايم سيد بہ شريڪ ٿيو هو. تنهن ڪانفرنس ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽ ان سان گڏ ايوب خان کي بہ ناراضگي ٿي، پر پاڻ بي پرواهہ ٿي اجرڪ جو پٽڪو پائي سنڌ جي دوري تي نڪري پيا. انهيءَ دوري ۾ آءٌ بہ ساڻن گڏ هوس. مون سڄو مشاهدو ڪيو هو جو پاڻ هر هنڌ تقريرن ۾ ون يونٽ جي خلاف ڀرپور نموني ڳالهايائون. جڏهن ون يونٽ ختم ٿيو تہ پاڻ تمام وڏي خوشيءَ جو اظهار ڪندي هر ملاقاتيءَ کي مبارڪون ڏنائون. ذوالفقار علي ڀٽي جڏهن پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو تہ پاڻ سنڌ مان پهرين پيپلز پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ اڳواڻن ۾ شامل هئا ۽ ڀٽي صاحب سان هر قدم تي ساٿ ڏئي پارٽيءَ کي سنڌ ۾ ڀرپور نموني جهر جهنگ شهر ۽ واهڻ گڏ هلي عروج تي پهچائڻ ۾ سندن وفائون شامل حال رهيون ۽ هالا ڪانفرنس جو ٽي ڏينهن انعقاد تمام وڏي ڳالهہ هئي. جنهن ۾ سڄي ملڪ جا هڪ هزار ليبر شامل هئا، جن جي رهائش جو انتظام معمولي ڳالهہ ڪا نہ هئي پر اهو جنهن نموني ڪري ويا، اهو لاجواب هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ اهو طئي ڪرڻو هو تہ جنرل يحيٰ جي طرفان اعلانيل اليڪشن ۾ حصو وٺجي يا نہ؟ آخر ۾ اهو طئي ٿيو تہ اليڪشن ۾ حصو وٺجي، جو تہ جنرل کي پنهنجي ڪرڻ ڪانہ ڏبي ۽ عوام کي حق تڏهن ملندا، جڏهن پارليامينٽ ۾ پيپلز پارٽي جو وجود هوندو ۽ ائين پيپلز پارٽيءَ ڀرپور حصو ورتو ۽ اولهہ پاڪستان (تڏهوڪي) ۾ ڀرپور نموني کٽيو.

مخدوم محمد زمان طالب المولي شهيد قائد جي شهادت کانپوءِ ضياءَ شاهي سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ جيڪو سندن ڪردار هو اهو تاريخ جو هڪ حصو آهي: ڇاڪاڻ تہ هالا انهيءَ تحريڪ جو آخر تائين محور رهيو ۽ مارشل لا اختيارين جو سڄو زور تحريڪ جي خلاف ۽ هالا تي رهيو. پر پاڻ هر ورڪر جو خيال ڪيائون ۽ هر ممڪن مدد ڪري ٻ پ ورڪرن جو تہ خيال رکيائون پر سندن پوين کي بہ هر امداد پهچائڻ جو انتظام ڪيائون. انهيءَ کانپوءِ بينظير ڀٽو سان سندن ساٿ بہ ڀرپور رهيو ۽ بيمار هئڻ باوجود پارٽي لاءِ هر ممڪن وفائون ۽ محبتون ۽ جدوجهد جون هدايتون ڏيندا هئا ۽ اهڙي طرح طالب المولي سائينءَ جون پارٽيءَ لاءِ ڏنل قربانيون، محنتون، وفائون ۽ جدوجهد هڪ وڏي تاريخ آهي.

مخدوم طالب المولي جنهن جذبي ۽ سنڌ جي سڄڻ جي حيثيت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو سو سنڌ واسي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا ۽ اهي قربتن ۽ محبتن جا نقش سنڌ جي هر ماڻهوءَ جي دل تي چٽيل آهن. اڄ سندن ورسيءَ جي موقعي تي هالا ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ کين خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اديب شاعر ۽ سياستدان شريڪ آهن ۽ اڄ بہ سندن هي شعر هر ننڍي وڏي جي زبان تي آهي تہ:

اگر جي خذمت جي ڪرڻ جي ناهي طاقت المولي،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ ڪو وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

منير هالائي

# ڪو ڪو ماڻهو، موتيءَ داڻو

ملڪ، قومون ۽ سماج پنهنجي عظيم انسانن سان سجاتا ويندا آهن. اهي انسان جيسين زنده هوندا آهن، تيسين پنهنجي ملڪ، قوم ۽ سماج جا امين ۽ رکوالا هوندا آهن ۽ پنهنجي زندگيءَ کان پوءِ قوم جي سڃاڻپ ۽ عظمت جو اهڃاڻ هوندا آهن. اهڙا ماڻهو روز روز پيدا ڪونہ ٿيندا آهن ۽ جڏهن پيدا ٿيندا آهن تہ پنهنجي طبعي زندگيءَ کانپوءِ صدين تائين ياد ڪيا ويندا آهن. قومن جي اهڙن عظيم انسانن ۾ سماج سڌارڪ، شاعر ادیب، فنڪار روحاني پيشوا، صوفي ۽ بزرگ هستيون شامل هونديون آهن. اسان جي سنڌ جو اهڙو ئي هڪ عظيم انسان مخدوم طالب المولي 11، جنوري 1993ع تي اسان کان جدا ٿي ويو. مخدوم طالب المولي مٿين سڀني ڪردارن ۽ اعلي وصفن جو مالڪ هو پنهنجي ليکي مخدوم صاحب سنڌ جي هڪ تمام وڏي روحاني گاديءَ جو سجاده نشين ٿي گذريو آهي. اسان جي پياري سنڌ صوفي بزرگن جي ڌرتي آهي. شاه، سچل، سامي، بلاول ۽ شاه عنايت جهڙا عظيم ۽ لافاني انسان نما پيامبر هن ڌرتيءَ ئي جنم ڏنا آهن. اوائلي دور جي هنن بزرگن ۽ روحاني پيشوائن جي پوري زندگي انسانيت، ڀلائيءَ ۽ بقا لاءِ وقف هئي. ايتري قدر جو ڪن پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو تہ ڪي گهاڻي ۾ پيڙيا ويا. ليڪن بعد ۾ بزرگيءَ ۽ پيري مريديءَ جا معيار ۽ ماپا بلڪل بدلجي ويا. سنڌ ۾ روايتي پير تہ هتان جي عوام لاءِ عذاب بڻيو رهيو آهي.

مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيري 'بزم طالب المولي' جي مرڪزي گڏجاڻيءَ ۾ (جنهن جي صدارت مخدوم طالب المولي پاڻ ڪئي هئي) تقرير ڪندي مون چيو هو تہ "سنڌ ۾ روايتي پير هميشہ غير تعميري سرگرمين جو سرواڻ رهيو آهي، پر مخدوم صاحب ان جي مقابلي ۾ جڳ کان جدا آهي. پاڻ هڪ اعلي انسان آهن، ڪين ڪائي ڪرامت جي دعوي تہ ڪانهي، پر پنهنجي بلند اخلاق جي سونهن سڀبان ماڻهن جي مَنَ کي موهي ڇڏيو اٿن ۽ پنهنجي عظيم بزرگن جي وقار تي حرف اچڻ نہ ڏنو اٿن. دوست تہ دوست، پر سندن دشمن ۽ مخالف بہ ان ڳالهہ جو کليءَ دل سان اعتراف ڪندا رهندا آهن تہ الله سائين جيڪا شرافت ۽ سهپ مخدوم صاحب جن کي ڏني آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ڪنهن انسان کي ڪا سگهہ ڪانهي، مجبور ۽ مسڪين هجي، تنهن ۾ سهپ جو مادو آهي تہ اهو سندس ڪمزوريءَ ۽ مجبوري ڪري بہ ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن قسمت ڪنهن انسان کي نوازيو آهي، اوچي منصب تي ويهاريو اٿس، عوام ۾ سندس ميڙتا بہ هجي، مالي لحاظ کان خوشحال بہ هجي ۽ هر لحاظ کان خودمختيار بہ هجي ۽ پوءِ منجهس برداشت، صبر، سهپ جو مادو هجي تہ اها سندس عظمت ۽ تهذيب جو اهڃاڻ آهي.

جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو معاملو اخبارن ۾ تمام گهڻو اچڻ لڳو، مسئلو ڇا بہ هو پر مخدوم صاحب جي وات مان هڪ بہ گٿو لفظ نہ آيو نہ تہ جنهن منصب جي مخدوم صاحب جن جي شخصيت هئي، ان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرميني وڏي ڳالهہ نہ آهي، ڀلا جنهن جي صلاح سان وفاقي ۽ صوبائي وزارتون ٺهيون هجن، ان لاءِ هيءَ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ان کان اڳ بہ ڪنهن زماني ۾ بورڊ کي حيدرآباد شهر ۾ آفيس لاءِ جاءِ گهربي هئي، مخدوم صاحب سول لائنس وارو بنگلو بورڊ کي وڪڻي ڏنو سو بہ جنهن قيمت ۾ پاڻ چار سال اڳ خريد ڪيو هئائون، ان قيمت ۾. اڳتي هلي سندن مخالفن انهيءَ ڳالهہ تي اعتراض واريو تہ پاڻ ماٺ ميٺ ۾ بورڊ کي پئسا موٽائي ڏنائون ۽ گهر واپس ورتائون. پنهنجن مخالفن کي ڪڏهن زبان سان برو ڀلو نہ چيائون. سياست ۾ مختلف قسمن جي بيان بازي اڄڪلهہ عام آهي، ليڪن مخدوم صاحب جن جو اڄ تائين ڪوبہ اهڙو بيان نہ آيو هوندو جو ڪنهن جي دل آزاري

ٿي هجي. مخدوم صاحب عام محفل ۾ به لفظ اهڙا توري تڪي ڳالهائيندو هو جو ٻڌڻ وارو اچرج ۾ پئجي ويندو هو. اهڙو تهذيب يافته، سلڇڻو ۽ نفيس ماڻهو هن صديءَ ۾ مشڪل پيدا ٿيو هوندو.

**سوانح حيات:**

مخدوم طالب المولىٰ جن جو پورو نالو محمد زمان هو. سندن والد جو نالو مخدوم غلام محمد هو. پاڻ سنڌ جي مشهور روحاني گاديءَ سرور نوح جا سورهان گادي نشين هئا. سندن خاندان مان مخدوم فخرالدين صغير پهريون بزرگ هو جنهن چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي قديم شهر 'هالا ڪنڊي' (جو هاڻ "هالا پراڻا" سڏجي ٿو) ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ان ساڳئي زماني ۾ متعلوي ساداتن جي جد اعليٰ سيد حيدرشاهه بن سيد مير علي شاهه پڻ هرات کان اچي هالن پراڻن ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. جنهن جي اولاد مان شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي.

مخدوم فخرالدين صغير، مخدوم نوح جي ڏاڏي مخدوم اسحاق جو ڏاڏو هو. پاڻ خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضه جن جي اولاد مان آهن. انڪري صديقي پڻ سڏجن ٿا. مخدوم نوح جي معتقدن جو تعداد ان زماني ۾ نو لک چيو ويندو هو انڪري 'نو لکي گوڏڙي' پڻ سڏجي. حضرت مخدوم نوح جي سجاده نشينن جا نالا هن ريت آهن.

(1) مخدوم امين محمد (پهريون) ولد مخدوم نوح — وفات (1640) — پيدائش (1545)
(2) مخدوم ابوالخير ابو محمد ولد مخدوم امين محمد (پهريون) — وفات (1606) — پيدائش (1572)
(3) مخدوم عبدالخالق ولد مخدوم ابوالخير — وفات (1670) — پيدائش (1621)
(4) مخدوم محمد زمان (پهريون) ولد مخدوم عبدالخالق — وفات (1705) — پيدائش (1645)
(5) مخدوم مير محمد (پهريون) ولد ميان مٺن ولد ميان مير محمد ولد مخدوم ابوالخير — وفات (1736) — پيدائش (1687)
(6) مخدوم محمد زمان (ٻيو) ولد مخدوم مير محمد (پهريون) — وفات (1770) — پيدائش (1707)
(7) مخدوم مير محمد (ٻيو) ولد مخدوم محمد زمان (ٻيو) — وفات (1788) — پيدائش (1766)
(8) مخدوم محمد زمان (ٽيون) ولد مخدوم مير محمد (ٻيو) — وفات (1807) — پيدائش (1766)
(9) مخدوم مير محمد ٽيون ولد مخدوم محمد زمان (ٽيون) — وفات (-) — پيدائش (-)
(10) مخدوم امين محمد (ٻيو) ولد ميان پنيلڏو ولد ميان مٺن ولد مخدوم محمد زمان (ٻيو) — وفات (1837) — پيدائش (1791)
(11) مخدوم محمد زمان (چوٿون) ولد مخدوم امين محمد (ٻيو) — وفات (1852) — پيدائش (1838)
(12) مخدوم امين محمد (ٽيون) ولد مخدوم محمد زمان (چوٿون) — وفات (1886) — پيدائش (1838)
(13) مخدوم محمد زمان (پنجون) ولد مخدوم امين محمد (ٽيون) — وفات (1913) — پيدائش (1861)
(14) مخدوم ظهيرالدين ولد مخدوم امين محمد (ٽيون) — وفات (1927) — پيدائش (1836)
(15) مخدوم غلام محمد ولد مخدوم ظهيرالدين — وفات (1944) — پيدائش (1886)
(16) مخدوم محمد زمان (ڇهون) ولد مخدوم غلام محمد — وفات (1993) — پيدائش (1919)
(17) مخدوم امين محمد 'فهيم' ولد مخدوم محمد زمان (موجوده)

مخدوم طالب المولىٰ جن جي جنم تاريخ 16 سيپٽمبر 1919ع مطابق 9 محرم 1338هه آهي. سندن اصل نالو محمد زمان آهي، طالب المولىٰ سندن تخلص آهي. ان کا اڳ پاڻ 'بيوس'، 'فراقي'، 'زمان شاهه' ۽ 'طالب' تخلص سان شاعري ڪندا هئا. مگر 'طالب المولىٰ' مٿين اهڙو نهڪي آيو جو اڄ به ڪيترن ماڻهن کي سندن اصل نالي جي ڄاڻ ئي ڪانهي.

**ادبي خدمتون:**

1936ع ۾ پاڻ "انجمن علم و ادب" جو پايو وڌايون. جنهن جي سهاري هيٺ ڪيترين ئي ادبي ڪانفرنسون به ٿيون. ان ڪانپوءِ پاڻ هالن ۾ "الزمان پريس" قائم ڪيائون ۽ هفتيوار اخبار 'پاسبان' ۽ 'الزمان' ڪيترو وقت نڪتيون. 1950ع ۾ هالن مان سندن سرپرستيءَ ۾ ماهوار ادبي رسالو 'فردوس' جاري ٿيو جيڪو سنڌي ادب جو هڪ مجيل رسالو ثابت ٿيو. 1952ع ۾ سيتا شهر مان، ماهوار سنڌي رسالو 'طالب المولي' مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ سان ماستر جمعي خان 'غريب' جي ادارت ۾ جاري ٿيو. 1956ع ۾ حيدرآباد مان مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ ۾ 'شاعر' نالي ماهوار رسالو پڌرو ٿيو. 1957ع ۾ پاڻ سنڌ جي شاعرن جي جماعت 'جميعت الشعراءَ' جا صدر چونڊيا ويا. 1954ع ۾ 'اداره روح ادب سنڌ' جو بنياد رکيائون. جنهن سهاري هيٺ فيبروري 1955ع ۾ هالن ۾ هڪ مخصوص انداز ۾ "راڳ جي ڪانفرنس" ٿي ۽ ماهوار رسالو 'روح ادب' جاري ٿيو.

نومبر 1955ع ۾ 'بزم طالب المولي' جو بنياد پيو جنهن جا پاڻ سرپرست ٿيا. 'بزم طالب المولي' لاءِ پاڻ ڪڏهن به ڪنهن جي مالي مدد قبول نه ڪيائون. اُن وقت سڄي سنڌ ۾ بزم طالب المولي تمام فعال نموني سان ڪم ڪيو ۽ ڪيترا سال ته هر مهيني ۾ هڪ طرحي مشاعرو منعقد ٿيندو هو ۽ هڪ ئي طرح تي بزم طالب المولي جي سڀني شاخن ۾ هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي ٽائيم تي مشاعرو ٿيندو هو. شاعرن جي انهن محفلن جو سلسلو سو به اهڙي منظم طريقي سان شايد اڳ ڪڏهن ٿيو هجي. جنوري 1956ع ۾ بزم طالب المولي جي سهڪار سان خواجه محمد عيسى 'مست' جي اهتمام سان 'لاڙ سنڌي ادبي ڪانفرنس' جو پايو پيو جيڪا هر سال ٿيندي آئي. 1955ع ۾ پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر ٿيا ۽ ان ڪانپوءِ به پيرا چيئرمئن پڻ ٿيا.

مخدوم طالب المولي جن جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ٿيل ڪتابن جو ڪجهه وچور هن ريت آهي. (1) امام غزالي جا خط (ترجمو)، (2) اسلامي تصوف (تاليف)، (3) خودشناسي (ترجمو)، (4) شيطان، (5) بهار طالب، (6) رباعيات طالب، (7) ياد رفتگان، (8) مثنوي عقل و عشق، (9) ڪشڪول، (10) سنڌ جو شڪار (11) مصريءَ جون تڙون، (12) ڪوڙ (13) مضامين طالب، (14) ڪافي، (15) شانِ سروري، (16) چپر ۾ چڙيون، (17) ديوانِ طالب المولي، (18) سماع العاشقين سرور الطالبين.

سندن ڪتاب 'ڪافي' دراصل هڪ تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن ۾ پاڻ سنڌي ڪافيءَ متعلق تحقيق ڪئي اٿن. ان کان علاوه 'ديوان طالب المولي' ۾ پاڻ سنڌي الف- ب ۾ ڪجهه حرفن جو واڌارو ڪري، انهن تي به طبع آزمائي ڪئي اٿن. جيڪو ڪارنامو منهنجي خيال ۾ ان کان اڳ سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن به نه ڪيو آهي. مخدوم طالب المولي موسيقيءَ جو هڪ ڄاڻو هو پاڻ باقاعدي موسيقيءَ جي تربيت ورتائون. سنگيت جي ميدان ۾ سندن خدمتون وسارڻ زيادتي ٿيندي. پاڻ هڪ نئين راڳڻي 'زماني توڙي'، تخليق ڪيائون ۽ ان کان علاوه راڳيندڙن ۽ موسيقارن جي سرپرستي به ڪندا رهندا هئا. ڪيترين ئي موسيقيءَ جون ڪانفرنسون ۽ مقابلا ڪرائي فنڪارن کي انعام ڏئي سندن همٿ افزائي ڪندا رهندا هئا. مصري فقير ۽ حسين بخش 'خادم' سندن درباري فنڪار هئا.

**تعليمي خدمتون:**

مخدوم خاندان جون تعليم جي ميدان ۾ خدمتون سنڌ ۾ ڪنهن کان ڳجهيون نه آهن. مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا، سروري اسلاميه ڪاليج هالا، طالب المولي هاءِ اسڪول دادو ۽ ڪپري جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل مخدوم صاحب جي تعيلمي خدمتن جو هميشه اعتراف ڪندا رهندا.

**آخري اکر:**

اسان جي ملڪ، قوم ۽ سماج جو هي مهاپرش ۽ محسن انسان هاڻ جيئن ته اسان ۾ ڪونهي، مهذب قومن هميشه پنهنجي عظيم شخصن کي سڄاتو آهي ۽ انهن سان پنهنجا پيوند پختا ڪيا آهن ۽ انهن جي جاري ڪيل

شين کي نئين ولولي ۽ جوش سان جاري رکيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم جنهن دؤر مان هن وقت گذري رهي آهي، شايد اهڙو نازڪ دؤر اسان جي قوم مٿان اڳ آيو هجي، جو قوم جي بقا ۽ وجود به خطري ۾ هجي، هر طرف واڳون وات کوليو ويٺا هجن ۽ قوم اگهور ننڊ ۾ هجي، هن وقت اسان جي قوم ڪيترن سماجي، سياسي ۽ معاشري مسئلن ۾ گهيريل آهي، ليڪن سڀ کان اهم مسئلو تعليم جو مسئلو آهي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ هن وقت اسڪولن جو تعداد ڪٿي ڳاڻيٽي جي حساب سان وڌيو آهي، ليڪن تعليم جو معيار جنهن سطح تي آهي، اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ناهي، خاص طور استادن جي، جيڪا ڀرتي ٿيندي رهي ٿي، ان مان لڳي ٿو ته ڪنهن منظم طريقي سان رٿيل منصوبي تحت ٿئي ٿي، جو اهي ماڻهو جيڪي ٻئي ڪنهن نوڪريءَ جي قابل نه هجن، اهي ماستر ڀرتي ڪيا وڃن ٿا. اسڪول ته اسڪول، پر وڏن تعليمي ادارن جي حالت به ڪنهن کان ڳجهي ڪانه آهي، ايتري قدر جو حڪومت وٽ يونيورسٽين کي ڏيڻ لاءِ گرانٽ به نه آهي. هن مقابلي واري دؤر ۾، جڏهن ڪوٽا سسٽم به پنهنجو مدو پورو پيو ڪري، نجڪاريءَ (Privatisation) جو دؤر آهي، ڊگريءَ جي قيمت هڪ پني کان وڌيڪ نه رهي هجي، ان وقت اها ئي قوم اڳتي هلي سگهندي، جيڪا تعليمي ميدان ۾ اڳيان هوندي. شهرن ۾ ته اڃ ڪلهه خانگي (Private) اسڪول کُلي پيا آهن، پر ٻهراڙيءَ جي ويچارن ابوجهه سنڌي ٻارن جو اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ نجي سطح تي ڪا به اُميد ڪانهي ته ٻهراڙيءَ ۾ ڪو پرائيويٽ (Private) اسڪول هلي سگهي، اُنڪري سماجي تنظيمون ئي هي ڪم ڪري سگهن ٿيون.

مخدوم صاحب جن تي مضمون لکندي آءٌ هيءَ ڳالهه اُن ڪري لکي رهيو آهيان ته مخدوم خاندان سنڌ ۾ تعليمي ميدان ۾ ان وقت اڳتي آيو هو جڏهن سنڌ جو پير ۽ وڏيرو تعليمي ادارا کولڻ ۾ پنهنجي وجود جو انڪار محسوس ڪندو هو جڏهن ته هن وقت عقيدت ۽ مجتا جا ماپا ۽ معيار تبديل ٿي چڪا آهن. هن مادي دؤر ۾ سماجي ماڻهو ئي ماڻهن ۾ مقبول ٿيندا پيا وڃن، ڀلا عبدالستار ايڌي ڪهڙي قطب ۽ وليءَ جو اولاد آهي يا انصار برنيءَ جو مثال ڪٿي وڃون. چوڻ جو مطلب اُهو آهي ته مخدوم خاندان کي الله سائين عزت ۽ مجتا ڏني آهي، سندن عقيدتمندن جو هڪ وڏو حلقو آهي، جيڪو اڄ کان ڪيترا سال اڳ نو لک هو ۽ هاڻ ته الائي ڪيتري هوندو. ان کان علاوه مخدوم طالب المولى سائينءَ جو پنهنجو به هڪ حلقو آهي، جيڪو سروري جماعت کان الڳ آهي. جيڪڏهن اسان سڀئي گڏجي سائين امين فهيم جي سرپرستيءَ ۾ 'طالب المولى تعليمي فائونڊيشن' (Talibul Maula Education Fundation) جو بنياد وجهون ۽ سراسري طور تي هڪ سؤ روپئي جي سهڪار سان نو لک ميمبرن جي حساب سان 9 ڪروڙ روپيا ٿين ٿا ۽ آغا خان تعليمي فائونڊيشن جي طرز سان جيڪڏهن اسان سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ سنڌي- انگلش ميڊيم پرائمري، پبلڪ اسڪول هلايون ته منهنجي خيال ۾ ان فنڊ مان جيڪڏهن سراسري طور تي هڪ اسڪول لاءِ 5 لک روپيا مخصوص ڪجن ته 180 اسڪول کولي سگهجن ٿا ۽ صرف في ڪلاس 50 ٻارن کي معياري تعليم مهيا ڪجي ته هڪ سال ۾ سنڌ جي پٺتي پيل علائقن جي 9 هزار ٻارن کي معياري تعليم ڏئي سگهجي. وقت سان گڏ اهو تعداد وڌي به سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته مخدوم خاندان جي اثر رسوخ جي ڪري حڪومت به ان ڪم ۾ مدد ڪري سگهي ٿي ۽ ان کان علاوه بين الاقوامي رفاحي ادارا به هن وقت حڪومت کان وڌيڪ NGOS (غير حڪومتي تنظيمن) کي مدد ڏيڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيڻ پسند ڪن ٿا.

(پندرهن روزه عبرت ميگزين، 1 فيبروري، 1993ع)

ڪاڏائون. اُن غربت ۽ بيڪسيءَ سندن ذهنن تي تالا هڻي ڇڏيا. سوچ ۽ فڪر جا اندر سڀ غربت جي وڻ ويڙهيءَ ۾ وڪوڙجي ويا. آخر انهن تمام ڏچن کان حاصلات ۽ انهن جي حل واسطي پيرن ۽ درگاهن جا پڙ پيٽڻ لڳا ۽ اهي مقبرا ۽ مزارون سندن دلين جي آسيس ۽ آسرو بڻجڻ لڳيون. ڪٿي اهي درگاهون 'غريب نواز' ته ڪٿي 'نوراني نور ۽ هر بلا دور' ٿي سڏجڻ لڳيون. ڪٿي هٿ جي نوڳين، ماڻهن لاچارگيءَ جو اجوڳ فائدو وٺندي، پنهنجا پيپ پريا ۽ دڪان چمڪايا ـ پر سنڌ اندر گهٽي پاڳي درگاهون فيض ۽ من جي آسيس جو مرڪز رهيون آهن." مخدوم نوح جي درگاهہ جو فيض، فقر ۽ فڪر پنهنجي نَو لکي گودڙي مريدن لاءِ جاري ۽ ساري آهي. پاڻ غريبن جا يار ۽ هڏڏوڪي هئا. جيڪو سندن شاعريءَ مان پڻ بکي ٿو. فرمائين ٿا:

پيٽي جا پريات، مبا ماڪَ ۾ پانٽيو ماڻهنٽا
روئي چڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

۽ اها صدين کان هلندڙ روايت طالب المولیٰ جهڙي همہ گير شخصيت ۾ پڻ موجود هئي. طالب المولیٰ خود پنهنجي پيرو مرشد جي مٺين بيت جي روح جي تقليد ڪندي فرمائين ٿا ته:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت 'طالب المولیٰ'
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

اسد الله شاهہ بيخود، مخدوم طالب المولیٰ جي انهيءَ صفت جي خوبي بيان ڪندي لکن ٿا ته: "طالب المولیٰ ڏيڻ وارو ماڻهو هو جيڪي ڪيس ملندو هو انهيءَ کان بيٽو قومي فلاح ۽ بهبود، علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي سرگرمين تي خرچ ڪندو هو خدا شال سنڌ جي بين پيرن سڳورن کي بہ ملڪ جي خدمت ڪرڻ جو اهڙو موقعو ڏئي، جيئن هن خطي جي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪري سگهن."

طالب المولیٰ جي خدمتن جو ڪو ڪاٿو ته نٿو ڪري سگهجي. پاڻ هر ميدان ۾ اڳرا رهيا. سندن ادبي بورڊ جي خدمتن جو اعتراف ڪندي نفيس احمد ناشاد، مهراڻ جي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو ته: "مخدوم صاحب جي گوناگون خدمتن مان بن خاص نڪتن جو هت ذڪر ڪرڻ نهايت موزون ۽ مناسب رهندو جيڪي بورڊ سان وابستہ آهن. (1) پاڻ 1961ع کان 1977ع تائين بورڊ جا چيئرمين رهيا، سترهن سالن جي ان طويل عرصي دوران، پاڻ جنهن شفقت ۽ قرب، دوراانديشي ۽ معاملہ فهميءَ، جرات ۽ حوصلگيءَ سان بورڊ جي جيڪا خدست ڪيائون، سا ظاهر ۾ تہ بورڊ جي وسيع اشاعتي سلسلي، جنهن وسيلي بورڊ کي بين الاقوامي علمي مرڪزن ۾ شهرت ۽ عزت حاصل ٿي، سا مطلق آهي. پر اُن سان گڏ ڪيترائي اهم نُڪتا اهڙا بہ آهن، جن کان نئون نسل پوريءَ طرح اڻڄاڻ آهي. ان مان خاص نڪتو اُهو آهي تہ ون يونٽ جي بدترين ۽ سنڌ دشمن نظام ۾ جڏهن بورڊ کي وقت جي حڪومت اکين جو ڪنڊو ٿي سمجهيو ۽ طرحين طرحين سان بورڊ کي نقصان پهچائڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ حيلا ٿي هلايا، تڏهن اُها مخدوم صاحب جي جرائت ۽ بلند حوصلگي هئي، جو بورڊ جو سفينو اُنهن طوفانن مان پار اُڪاريائون ۽ نواب ڪالا باغ جهڙي آمر جي وقت ۾ جيڪڏهن مخدوم صاحب سرپرست نہ هجن ها تہ بورڊ ڪڏهوڪو تهہ و بالا ٿي وڃي ها."

طالب المولیٰ جي خاندان ۾ بين خصوصيتن کانسواءِ بہ خصوصيتون اهڙيون آهن، جيڪي صدين کان سندن خاندان جو بهترين ورثو رهيون آهن. هڪ آهي شاعري ۽ بي موسيقي. شاعريءَ جو جيڪو سلسلو مخدوم نوح کان شروع ٿيو اهو سلسلو اڃا تائين هن خاندان ۾ هلندو اچي پيو. اها ڪڙي ڪٿان بہ ٽٽل ڏسڻ ۾ نٿي اچي. مخدوم طالب المولیٰ کي پڻ ننڍي لاڪر کان ئي راڳ ۽ شاعريءَ جو ذوق هو. سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جو اعتراف ڪندي سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته: "پاڻ سنہ 1936ع ۾ هالن جي شهر ۾ 'انجمن علم ۽ ادب' جو پايو وڌائون، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيتريون ادبي ڪانفرنسون سڏايون ويون." سنڌ جي هر ادبي ڪانفرنس ۾ پاڻ شريڪ ٿيڻ کي اوليت ڏيندا هئا. جڏهن

سنڌ اندر سنه 1947ع ۾ سنڌي شاعرن جي جماعت 'جميعت الشعراءُ' جو بنياد پيو ته ان ۾ پاڻ خاص دلچسپي وٺڻ لڳا. سندن دلچسپيءَ سبب ڪين جيڪب آباد ۾ ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ جميعت الشعراءِ جو سرپرست چونڊيو ويو ۽ 1957ع ۾ ڪين گهوٽڪي ڪانفرنس جي موقعي تي جماعت جو صدر چونڊيو ويو نه صرف سنڌ جون ادبي ڪانفرنسون سندن ڪاوشن سان ڪامياب ۽ ڪامران رهيون، پر پاڻ راڳ رهاڻين ۾ پڻ اڳرا هوندا هئا. سن 1955ع ۾ 'اداره روح ادب سنڌ' جي سهڪار سان هالا ۾ 'راڳ ڪانفرنس' سڏايائون. جيڪا پنهنجي نوعيت جي بهترين ڪامياب ڪانفرنس هئي. پاڻ ڪيترن ئي ادارن سان وابسته ها. 'شاهه لطيف يادگار ڪاميٽي' (1955ع) ۽ ڀٽ شاهه ڪلچرل مرڪز جا ميمبر ٿيا. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا به هميشه روح روان رهيا ۽ آخري ايامن تائين هن اداري سان منسلڪ رهيا.

مخدوم صاحب جن نه صرف ادب/ ثقافتي ادارن ۾ دلچسپي ورتي، پر علمي ميدان ۾ به سندن سوچ ٻين پيرن مرشدن کان روشن خيال رهي، سندن ذاتي ڪوشش سان سنڌ اندر ٽي هاءِ اسڪول قائم ٿيا. جنهن جو ذڪر مخدوم صاحب ٽي وي پروگرام ۾ ڪيو جيڪو سندن وفات کانپوءِ نشر ڪيو ويو هو. ان پروگرام ۾ پاڻ فرمايائون ته: "منهنجي ڪوشش سان ٽي هاءِ اسڪول قائم ٿيا. جن مان ٻه اسڪول نه هلي سگهيا، پر طالب المولي هاءِ اسڪول دادو ڏاڍو ڪاميابيءَ سان هليو." جي.ايم.سيد سندن تعليم سان دلچسپيءَ جي وارتا بيان ڪندي لکي ٿو ته: "طالب المولي کي تعليم سان خاص دلچسپي آهي. طالب المولي هاسٽل ۽ طالب المولي هاءِ اسڪول دادو سندن ان دلچسپيءَ جا زنده مثال آهن." جي.ايم سيد مخدوم صاحب جن جي زندگيءَ جي گهڻ پاسي پهلوئن کي پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' ۾ آندو آهي، سندن سياسي زندگيءَ تي لکن ٿا ته "مخدوم صاحب 1952ع جي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تي بنا مقابلي چونڊجي آيو. مسلم ليگ وزارتي پارٽيءَ جو ميمبر رهيو. مارشل لا کانپوءِ نئين آئين جي چونڊن ۾ مرڪزي اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊجي آيو. مرڪز جي تازين چونڊن ۾ پڻ ڪامياب ٿيا." مخدوم صاحب جن پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت کانپوءِ آخر تائين ان پارٽيءَ سان وابسته رهيا، پر جيڪر حقيقت پسنديءَ سان ڏٺو وڃي ته سياست ۾ سندن دلچسپي نه هئڻ جي برابر هئي. سياست ڪرڻ، وقت ۽ حالتن جي مجبوري هئي، ليڪن سندن گهڻ پاسي لاڙو ادبي ۽ سماجي ڀلائي ۽ ثقافتي پهلوئن ڏانهن هو ۽ ادب ۾ سندن خدمتون بي بها ۽ نه وسارڻ جوڳيون آهن. سندن ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل تصنيفن جو ڳاڻاٽو گهڻو آهي.

انهن کانسواءِ سندن ڪيترائي تحقيقي مضمون ۽ مقالا ڇپيل آهن جن جو علم و ادب ۾ وڏو مقام آهي، خاص طور تي سندن تحقيقي مقالو 'ڏهر' علمي لحاظ کان وڏي حيثيت رکي ٿو. ليڪن ايئن ڪٿي چئجي ته هڪ سند جي حيثيت رکي ٿو. وڏي ڳالهه اها ته سنڌ جي هڪ مهان ڏاهي ان 'ڏهر' تي تنقيدي مضمون لکي، ان مقالي ۾ ايڏي ته ماهيت ۽ جاذبيت پيدا ڪري ڇڏي آهي. جو اهو مقالو مڪمل طرح سند طور ڪتب ايندو رهندو ليڪن اُن 'ڏهر' جهڙي قيمتي مقالي کانسواءِ سنڌ جي علم ۽ ادب ۾ مخدوم صاحب جن 'ڪافي' ڪتاب هڪ اهڙي بي بها سوکڙي ڏئي ويا آهن. پر وڏا محقق پڻ هئا. سندن انهيءَ انمول تحفي 'ڪافي' ڪتاب تي علامه آءِ آءِ قاضي جن تبصرو ڪندي لکن ٿا ته: "مخدوم محمد زمان جن جو هي ڪتاب سنڌي علم و ادب ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي. هن ۾ ڪافيءَ جهڙي دلچسپ موضوع تي ڀرپور روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي." وڌيڪ ڪتاب تي ناقدانه انداز ۾ لکن ٿا ته "مخدوم طالب المولي 'ڪافي' لفظ جي اصل ۾ فروعن بابت جيڪي ڳالهيون ڳوليون ڪيون آهن، سي سندن علم ۽ محنت جو واضح مثال آهن. هر پهلوءَ کان لغوي خواه معنوي، اصولي خواه معمولي 'ڪافي' متعلق خبرون جمع ڪيون اٿس ۽ پڙهندڙن اڳيان رکيون اٿس. مهمان نوازيءَ جا سڀ شرط پورا ڪيا اٿس. رڳو کائيندڙن جي طرز خوراڪ ۽ هاضمي جي ضرورت آهي ۽ جيڪي پڙهندڙ اهليت رکن ٿا، سي هن ڪتاب مان گهڻو ئي لاڀ پرائيندا." مون هڪ طالب علم جي حيثيت

سان 'ڪافي' ڪتاب جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ هيءُ ڪتاب 'ڪافي' صنف جي ڄاڻ لاءِ مڪمل ۽ املھ ڪتاب آهي، جنهن ۾ 'ڪافي' کي تحقيقي انداز سان پيش ڪري، تمام باريڪ بيني ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ مثالن ۽ تاريخي حوالن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هونئن بہ علم ۾ آخري ڪابہ ڳالھ ڪونهي، ان ڪانسواءِ سنڌ تي ڌارين جي يلغارن سبب سنڌ تي جيڪي ناگهاني آفتون آيون، تن بين تباهين ۽ بربادين سان گڏ، اسان جي علم ۽ ادب کي ٻڻ هاڃو رسايو ۽ تہ بالا ڪري ڇڏيو. اهوئي ڪارڻ آهي، جو اسان اڃا ڪيترين ادبي صنفن جي خالن کي پُر ڪري نہ سگهيا آهيون. ڊاڪٽر الانا سچ چيو آهي تہ: "اسلام جي آمد کان اڳ واري سنڌي علم جي تاريخ جي ڪابہ خبر پئجي نہ سگهي آهي. هن ڏس ۾ راجستان ۽ گجرات جي پراڻن ڪتب خانن کي اٿلائڻ پٿلائڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ محمد بن قاسم (712ع) جي حملي وقت ۽ ديبل جي فتح وقت ڪي سنڌي لوهاڻا، پروارين غير مسلم رياستن ڏانهن لڏي ويا ۽ اوڏانهن وڃي پناھ ورتائون. ممڪن آهي تہ لڏپلاڻ ۾ هو ڪي علمي ۽ ادبي شيون پاڻ سان کڻي ويا هجن. جيڪي شايد هن ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن. پر تنهن هوندي بہ هيءُ 'ڪافي' ڪتاب انهيءَ صنف جي لحاظ کان پيڙهہ جي پٿر مثل آهي.

مخدوم طالب المولى جن جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف لاءِ لازمي آهي تہ سنڌ جا ادارا ۽ سنڌ جا وڏا قلم ڌڻي مڃتا لکرائين ۽ لکن: ڇاڪاڻ تہ سنڌن انهيءَ علمي ميدان ۾ اڪيچار خدمتون آهن. آخر ۾ سنڌن علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ محترم علي احمد بروهيءَ جا اهي ڪلما پيش ڪجن ٿا، جيڪي سنڌن حال حيات ۾ 15 اپريل 1988ع تي لياري ڪراچيءَ بزم طالب المولى جي سهاري هيٺ ٿيل مشاعري ۾ چيا ويا:

"سنڌ جي علم جي روشنيءَ کي گل ڪرڻ ۾ وڏو حصو سنڌ جي پيرن، ميرن، سيدن ۽ وڏيرن جو آهي، پر مخدوم صاحب سنڌ جو اهو پير آهي، جيڪو سڌي مقصد سان سچو ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو مکيہ خدمتگار آهي.

(سارس- اپريل، مئي 1993ع)

◙

اهوئي طالب المولىٰ ٿئي ٿو
جو مولا کان سواءِ ٻي ڏي نہ راغب
ٿيو الله جي آڏو جو مغلوب
جهان ۾ سڀ ڪنهين تي سوئي غالب.

مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ

1953ع

"فقير" شهمير خان چانڊيو

# مخدوم طالب الموليٰ جي ياد ۾

## ڪوڙين ڪن سلام....!

هن فاني ماڳ مان جڏهن ڪا مهان شخصيت ماڳ مٽائيندي آهي، ته اسان جا دانشور، اديب، مفڪر شاعر ۽ سگهڙ عقيدت جي اظهار طور ان مهان شخصيت ڪي پنهنجي ذات ۾ انجمن ۽ ادارو ڪري نيندا آهن. پر ان سلسلي ۾ هن حقير جي راءِ يا خيال ذرا مختلف آهي.

دراصل اهڙيون مهان شخصيتون پنهنجي ذات ۾ بلاشبہ هن جنسار جي سونهن طور هڪ سدا بهار چمن هوندا آهن، جنهن ۾ قسمين قسمين بوٽا، ميويدار وڻ، چانو ڏيندڙ وڻ ۽ قسمين گل هوندا آهن. جن ۾ مگرو موتيو چنبيلي، سوسن، سنبل، ٽانگر، جنگي جرقل ۽ سيني ڪان مٿانهون گل گلاب جو ذهن ۽ قلب ڪي معطر ڪندڙ موجود ۽ نڙيل نظر ايندا آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي ذات ۾ نرالي خوشبوءِ سان سرشار هوندا آهن. پر سونهن، سوڀيا ۾ من موهيندڙ ۽ سڄي چمن جي رونق ۾ اضافو ڪندڙ هڪ گلاب جي گل وانگر اڄ به نڙيل ۽ فضا ڪي معطر ڪرڻ ۾ نمايان نظر ايندو.

پر اڄ چمن ۾ رونق نہ هئي ۽ نہ پکين جي مٺي لات هئي، ڇاڪاڻ تہ چمن ۾ رونقدار گلاب جو گل، سن 1992ع جي سج طلوع ٿيڻ سان مرجهائجي ويو هو. ڪيس عيسوي سن راس نہ آيو هو. دراصل هو اسلامي هجري سن جو شيدائي هو جيڪو محرم الحرام جي ڪربلا جي ڪيس سان يادن سان منسوب ٿيل آهي، ان جو بنيادي سبب اهو هو جو سندن وڏڙن جون روايتون بہ هجري سن سان وابستہ رهنديون پئي آيون.

اڄ جڏهن ماضيءَ جا ورق، ڪتاب جي ورقن جيان اٿلايان ٿو تہ تصور ۾ ڦليلي ڪنارا، مهراڻ جي طغيانيءَ جيان موجزن نظر اچن ٿا، جتي اڄ اُهو گل، ٻيڙي ڪنپار جي آڳنڌ ۾ اچي ڪڙيو هو. چئني پاسي فضا ۾ خوشبوءِ ئي خوشبوءِ ڦهليل هئي، هرهڪ چهرو گل وانگر نڙيل هو. انهن ڪي روح جي غذا ملي وئي هئي. اُهو مخصوص گل، هڪ مخصوص ڪرسيءَ تي براجمان هو ۽ سندس چئني پاسي شمع وانگر پتنگ ٻڌجي، پؤنرا پيرا ڏيئي رهيا هئا. جيئن تارن جي جهرمر ۽ چنڊ جي چانڊاڻ سڄي ارض ڪي روشني بخشيندي آهي، تيئن سندس شخصيت، ان سڄي مجلس ڪي رونق بخشي رهي هئي. ان گهڙيءَ سندن سدا بهار ٻهري تي، سدا بهار مرڪ هئي. جيئن جيئن رات پنهنجي شباب تي ايندي ويئي، تيئن تيئن، سدا بهار سهاڳڻي پيروي عروج تي ايندي وئي. ان ڪانپوءِ راڳ جو اڻ ڪٽندڙ سلسلو رات جي خاموشيءَ ڪي چيريندو محفل ڪي مست ڪندو تاڻلي جي صورت ۾ اڳتي وڌندو ويو. راڳ جو آغاز يمن ڪلياڻ کان وٺي، راٽي ۽ مومل، سسئي پنهون، سورٺ، راءِ ڏياچ ۽ فجر جي 'پرڀاتي' ۽ 'آسا' تي اختتام پذير ٿيو هو. سڄي محفل مٿان وجد جي ڪيفيت طاري ٿيل هئي، ايئن پئي لڳو ڄڻ وقت بيهي رهيو آهي ۽ دنيا سڄي ساڪت ۽ جامد ٿي وئي آهي.

اهڙن روح پرور موقعن تي، جڏهن به هن حقير کي خبر پوندي هئي ته اڄ فلاڻي هنڌ، مجلس جو مور اچڻو آهي ته ان گهڙيءَ هڪ عجيب قسم جو سرور محسوس ٿيندو هو ۽ ڪيئي راتيون، ان محبوب جي ديدار پسندي وهامي ويندڙيون هيون. اهي گهڙيون، لمحا روح ۾ تازگي پيدا ڪندا هئا. اُن من موهيندڙ صورت، ايترو ته متاثر ڪيو هو جو بقول لطيف سائينءَ جي:

'نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين'
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري!

سندس ذات سان ايڏي والهانه عقيدت هئي، جو گهر ٻار ۽ دنيا جا ڪيئي ڪم ڪاريون ڇڏي، سندن حاضري ۽ ديدار ضرور ڪندو هوس. چاهي مينهن هجن، طوفان هجن، سيارو هجي يا گرمي هجي، جيسين سندن ديدار نه ڪندو هوس، تيسين بي قراري هوندي هئي!

رب سائينءَ کين ٻاجهاري دل سان نوازيو هو. هو سنڌواسين جي دردن جو دارون ۽ مسيحا هو. سندن شيرين گفتار ايڏي ته مسحور ڪن ۽ سحرانگيز هئي، جو جيستائين پاڻ ڳالهائيندا رهندا هئا، تيستائين دل پئي چاهيندي هئي ته پاڻ ڳالهائيندا ئي رهن ۽ مان سندن چپن مبارڪن مان نڪتل لفظ جي چاش چکيندو ئي رهان!

سندن ذات گهڻ پهلو هئي، جيڪڏهن ان تي روشني وجهبي ته ڪاٻه اهڙي ڪنڊ خالي ناهي، جتي سندن ذات جو پرتوو نه هجي، پاڻ سدائين علم ۽ ادب جي مشعل کي دست مبارڪ ۾ کنيو اڳتي وڌندا رهيا. اهڙيءَ طرح علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪافي خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. سندن چوڻ هو ته 'جيسين خدمت نه ڪبي، تيسين مخدومي، ڪو وڏو منصب نه آهي'. دراصل اها خدمت ئي آهي، جيڪا انسان کي مخدوم بنائي ٿي.

سندن زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي خدمت جو صلو سنڌي ادبي بورڊ جهڙو بين الاقوامي ادارو آهي، جنهن لاءِ پاڻ اربي ڇڏيائون ۽ پنهنجي هڙئون- وڙئون، ادبي بورڊ ۽ ادبي بورڊ جي ننيڙن- ننڍن کل پرزن (ملازمن) مٿان هڪ ايڏو وڏو احسان ڪيائون، جو رهنديءَ حياتيءَ تائين هڪ يادگار ڪارنامو رهندو جو گرئجوئٽي ۽ پينشن رائج فرمائي، مسڪين ملازمن جي ٻچن جو مستقبل روشن ڪري ڇڏيائون. بورڊ جي احاطي ۾ سندن دست شفقت سان لڳايل ٻوٽا، اڄ وڏي ويجهي وڻ ٿي ويا آهن ۽ ان جا ميوا، پنهنجن نميل ٽارين سان، سندن ذات کي ياد ڪري، نيازمنديءَ ۽ عقيدت طور نميا پيا آهن. ائين ٿو لڳي، ڄڻ ميويدار وڻ، جهڪي سندن ذات جي عڪاسي ڪري رهيا آهن.

پر اڄ جڏهن اسين سندن ٻنيءَ تي نذرانه عقيدت جا گل پيش ڪرڻ لاءِ پهچون ٿا ته اتي به گلاب جا گل، هر ايندڙ جي آجيان لاءِ ٽڙيل نظر ايندا آهن. ڦليليءَ جا ڪنارا کين اڄ به ياد ڪن پيا!

ڪٿا منجهه قرار هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي، ڳاهه فراق جو ڪيا ڏاروڻ ڏار،
نه جاتاں پيهارس ڪير ملندو ڪنهن سان!

('عبرت' 19 آگسٽ 1993ع)

پروفيسر سيد مير علي شاهه

# پُورو پير

مهراڻ جي مالها ۾ نگاهه وجهبي تہ انيڪ ۽ انمول موتي پُوتل ڏسبا. واديءَ مهراڻ جي سرزمين شاداب ڌرتي سنڌ وقت بوقت اهڙين بزرگ هستين کي جنم پئي ڏنو آهي، جن پنهنجي مذهب، ملت ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون آهن. تاريخ جي ورقن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ سونهاريءَ اهڙن ڪامل وَلين، قطبن، قلندرن، غوثن، صوفين، صالحن، سيدن، اصحابن، مخدومن، محدثن، پيرن ۽ فقيرن، درويشن ۽ دردمندن، اهلِ عالم، اهلِ قلم و فڪر فاضلن، فياضن، مهمان نواز ۽ محبت ڪندڙ سُگهڙن، سمجهدار قرباني ڏيندڙ ليبرن ۽ مذهبي ۽ روحاني پيشوائن کي پئي پيدا ڪيو آهي ۽ هميشہ ڪندي رهندي.

اهڙي بزرگ هستين مان سروري خاندان بہ هڪ برگزيده خاندان آهي. هن خاندان جي بزرگ هستين هڪ طرف سنڌ ۾ علم ۽ عرفان جي فيض جا سرچشما جاري ڪيا تہ ٻئي طرف سنڌي زبان ۽ سنڌي علم و ادب، مذهبي، سماجي ۽ ملي ترقيءَ ۾ نمايان حصو ورتو جن مان حضرت محسن سنڌ، عالي مرتبت اعليٰ مقام الحاج مخدوم محمد زمان طالب المولي قريشي صديقي رحمة الله بہ هڪ هو جنهن جا وڏا عربستان مان هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي رهائش پذير ٿيا.

مخدوم قبلہ سائينءَ جن جي نسبت جو سلسلو 49هين پيڙهيءَ ۾ حضور مقبول آنحضرت محمد ﷺ جن جي وڏي خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن سان ملي ٿو. سروري خاندان سهروردي طريقي جي مکيہ شاخ "خلافت نوحاڻي" سان تعلق رکي ٿو جنهن کي "خلافت سروري" بہ چئجي ٿو.

مخدوم سائينءَ جن جي پيدائش 16 سيپٽمبر 1919ع* تي هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ سروري درگاهہ جا 16 نمبر پڳدار سجاده نشين ٿي گذريا آهن. سندن پيو نالو محمد علي، ڪوڏاٽي جو نالو پيرل سائين هو ۽ مريد ۽ عقيدت مند مخدوم صاحب جن کي 'پورو سائين/ پير' چوندا هئا.

مخدوم سائين جن ننڍي هوندي کان ئي سليم طبع، ڪم گو وڏن جو ادب ڪرڻ ۽ ماڻهن سان مروت سان پيش اچڻ وارا هئا. بزرگن جي صُحبت ۽ مطالعي، سندن فڪر ۽ فهم ۾ نور ۽ شعور پيدا ڪري ڇڏيو هو. پنجن سالن جي عمر کان پنهنجي بزرگ چاچي حضرت الحاج مخدوم غلام حيدر قريشي صديقي جن جي تربيت هيٺ رهيا. سروري خاندان جي روايتن موجب سندن تعليم خانگي طور تي ٿي. سنڌي، اردو فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ جي تعليم ورتائون.

سنڌي ۽ اردوءَ ۾ سندن استاد آخوند حاجي عبدالرحمان "انجم"، قرآن شريف، عربي ۽ فارسيءَ ۾ سندن استاد حافظ رب ڏنو ۽ انگريزيءَ ۾ جناب رضا محمد پنّو صاحب هئا. ننڍيءَ عمر ۾ ئي قرآن مجيد، ديوانِ حافظ، گلستان بوستان پڙهي مڪمل ڪيائون. ان کانسواءِ اسلامي تصوف جا ڪتاب پڻ سندن مطالعي هيٺ رهيا. سندن خط لکڻ جوا نداز فارسي نموني جو هو. سندن اکر صاف هئا ۽ سندن دلڪش تحرير سانڍڻ جهڙي آهي.

مخدوم قبلہ سائين جن 18 سالن جي عمر ۾ اُچ شريف جي عزيزن مان شادي ڪئي. ٻهرين رفيق حيات جي لاڏاڻي بعد 1942ع ۾ مولانا فضل احمد غزنويءَ وٽان ٻي شادي ڪيائون. 25 سالن جي عمر ۾ حضرت مخدوم غوث الحق نوح سرور جن جي گاديءَ جا سجاده نشين ٿي، پيريءَ، فقيريءَ ۽ اميريءَ جي نعمتن سان سرفراز ٿيا.

---

* اصل تاريخ، 04 آڪٽوبر 1919ع آهي.

مخدوم صاحب جن جي شخصيت کي هيٺين سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري هميشه ياد رکيو ويندو.

1) تعليمي ادارا قائم ڪرڻ، 2) ادبي ادارن جي سرپرستي ڪرڻ، 3) مختلف موضوعن تي سندن يادگار تصنيفون، 4) صحافت جي بي باڪ سرپرستي ڪرڻ، 5) لوڪ ادب ۽ سنگيت جي سرپرستي ڪرڻ، 6) شعر و شاعريءَ ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ، 7) روحاني فيض عام ڪرڻ، 8) مذهبي خدمتون، 9) ملي اتحاد ۽ بين الاقوامي ادبي ۽ سماجي خدمتون، ۽ 10) صوفيانه تصوف جي خدمت

هڪ يوناني دانشور جو چوڻ آهي ته "سمنڊ ڌرتيءَ جا زخم ڌوئيندو آهي، پر پاڻ اندر ۾ پيو لڇندو ۽ ڦٿڪندو آهي." مون هميشه قبله سائينءَ جن کي پنهنجي ديس جي ماڻهن جا زخم پورڻ لاءِ ڪوششون ڪندي ڏٺو. سنڌ جي سانورن، سهڻن، سڀاجهڙن، ماروئڙن ماڻهن ۽ جيجل ماءُ جي ٿڃ جهڙي مٺڙي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي تمام گهڻو سرگرم ڏٺو.

سندن هن شعر ۾ مخدوم سائينءَ جي مزاج جو روح ۽ عرق سمايل آهي:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

سنڌ جي پاڪيزه سرزمين هميشه پاڪيزه هستيون پيدا ڪيون آهن، جن سونهن، سچ، پيار ۽ پريت، حق ۽ انصاف ۽ اصول جو هميشه ساٿ ڏنو آهي ۽ سجاڳ قومون پنهنجي اهڙن رهبرن ۽ محسنن کي هميشه ياد رکنديون آهن. مخدوم صاحب انسان دوست، پاڪ طبيعت، نفيس، سنجيده، بُردبار، حليم، شفيق، ملنسار همدرد، بي لوث رواداري، ايثار جا مجسما، وسيع نظر، وسيع خيال ۽ رحمدل انسان هئا. پاڻ هڪ گلستان وانگر هئا ۽ پنهنجي شخصيت ۾ مڪمل انجمن مثل هئا. جنهن جو واضح ثبوت سندن محفل ۽ مريدن ۽ عقيدت مندن ۾ هر مذهب ۽ هر نسل جو ماڻهو شامل هو.

سنڌ ڌرتيءَ تي شاهه لطيف، سچل سائين، سامي ۽ طالب المولىٰ جهڙيون عظيم ۽ برگزيده شخصيتون پيدا ٿيون. جن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي ۽ انهن هستين جي ڪري ئي سنڌ جي سڃاڻپ سڄي دنيا ۾ روشناس ٿي ۽ سندن سيرت، شاعري ۽ دانشوريءَ متعلق ڏيهي ۽ پرڏيهي اهلِ قلم هڪ ئي راءِ رکن ٿا.

مخدوم صاحب جن جو شعر و شاعريءَ ۾ ادب برائي زندگيءَ جو تاثر تمام گهڻو ملي ٿو. سندن خيالات جو مرڪز شيشي جا محل نه پر عوام جون جهوپڙيون ۽ غريبن جون دليون آهن. پاڻ، سڀاجهن سنگهارن کي سکيو ستابو آسودو ۽ خوشحال ڏسڻ جا آرزومند هئا ۽ پنهنجي ڪلام ۾ عشق جي ان حد تائين پهتل هئا، جتي محبوب جو هر ستم ڪين لُطف بخشي ٿو ۽ پاڻ هردم محبوب کي دعائون ڪن ٿا:

منهنجو ته وار وار ٿو هر هر دعا ڪري،
ڪوسو لڳي نه واءُ سڄڻ کي خدا ڪري،
هڪ سر هُو سو ته يار جي قدمن ۾ مون رکيو
هن ڪاَن وڌيڪ بندهءِ ناچيز ڇا ڪري.

مخدوم صاحب جن جي فن ۽ فڪر تي ايترو ئي تبصرو ڪافي آهي ته پاڻ حسن ۽ عشق، جديد ادب ۽ ترقي پسند سوچ ۽ لوچ جا ترجمان هئا.

حُسن جو ناز ۽ انداز عشق جي آهَه ۽ دانهن، حسن جو جوبن ۽ جلوو بي پرواهي ۽ بي نيازي، عشق جو ناز ۽ انداز نياز ۽ نوڙت، حسن جو ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ، عشق جي آري ۽ نياري، لنءُ لڳائڻ جا لوازمات، ڪڏهن قرب جون ڪچهريون، ڪڏهن وڇوڙي جون وايون، ڪڏهن دلبر جي دل نوازين جا داستان، ڪڏهن سندن بي رُخي ۽ بي وفائيءَ جا بيان ۽ ڪڏهن عشق جي خودداري، ڪڏهن حُسن جي شڪست، جهڙيءَ طرح مخدوم صاحب جن صاف ۽ سليس ٻولي ۽ قدرت ۽ قوت سان بيان ڪيا آهن. جديد دور جي گهٽ شاعرن ۾ اهو انداز ملندو.

مخدوم سائينءَ جو ڪلام روحانيت، تصوف، فلسفي اخلاق، حسن ۽ فطرت جو بي بها خزانو آهي.

سندن سارو ڪلام رَس ڀريو سوز وارو پختو ۽ پُر اثر آهي. سندن غزل پختا ۽ معياري آهن. جن ۾ قديم ۽ جديد تغزل جو رنگ نمايان آهي. سنڌي، اردو سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ سندن غزل نهايت عمدو ۽ دل نشين آهي. سندن ڪلام مقبول، شاعرانہ مستقبل نهايت روشن ۽ خوش آئند. سلاست، جاذبيت، رنگيني ۽ شائستہ زبان ۾ استعمال ٿيل آهي.

مخدوم صاحب جن کي سندن ادبي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض تمغہ پاڪستان' 1965ع ۾ عطا ڪيو ويو ۽ 1992ع ۾ ادب جو وڏو اعزاز 'هلال امتياز' عطا ڪيو ويو.

مخدوم سدائينءَ جن جون قابل ذڪر علمي ۽ ادبي تصنيفات لکيل آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهي:

(الف) نثر:

1) اسلامي تصوف: 1951ع، 2) شيطان: 1951ع، 3) خودشناسي: 1952ع، 4) امام غزاليءَ جا خط: 1953ع، 5) ڪافي: 1958ع، 6) مصريءَ جون تَرّون: 1992ع، 7) ياد رفتگان: 1953ع.

(ب) نظم:

1) بهار طالب: 1946ع، 2) رُباعيات طالب: 1949ع، 3) مثنوي عقل و عشق: 1955ع، 4) ڪچڪولِ طالب: 1955ع، 5) شانِ سروري: 1962ع، 6) ڇپَر ۾ ڇڙيون: 1971ع، 7) ديوان طالب المولي: 1987ع.

اڻ ڇپيل تصنيفات:

1) سنڌ جو شڪار 2) مضامين طالب*، 3) بياض طالب المولي 4) سماع العاشقين.

متفرقات:

مختلف ادبي رسالن، اخبارن وغيره ۾ بي شمار موضوعن تي نثر ۽ نظم تي مشتمل معياري مضمون وغيره

مخدوم سائينءَ جن جي تحرير ۾ فني پختگي، اندازِ نگارش، انوکي ۽ دلنشين آهي. اسلامي تصوف جي سلسلي ۾ سندن اندازِ بيان ۾ هڪ عجيب ڪشش آهي.

هي نظريو غلط آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو پروگرام ڄمڻ سان ئي بڻجي ويجي ٿو ۽ ان جي ڪري انسان هڪ قدم بہ پروگرام ۾ اڳتي پوئتي نٿو ڪري سگهي. انهيءَ نظريي کي جيڪڏهن صحيح تسليم ڪجي تہ پوءِ نبين ۽ رسولن جي اچڻ جي ضرورت باقي نہ ٿي رهي، ڇا ڪو رسول ڪنهن ماڻهوءَ کي ان رستي تان هٽائي سگهندو جنهن رستي تي هن کي الله پاڪ هلائي رهيو هجي يا ورِي هڪ طرف ڪنهن ماڻهوءَ يا قوم کي الله تعاليٰ هڪ رستي تي هلائي ۽ ٻئي طرف نبيءَ کي ورِي ان جي خلاف حڪم ڪري. ظاهر آهي تہ تقدير جو اهو نظريو مضحڪ خيز آهي. تقدير يا تعين جو صحيح مفهوم هيءَ آهي تہ هر عمل جو بدلو مقرر ٿي چڪو آهي. عامل کي 'طوعاً و ڪرهاً' اهو بدلو قبول ڪرڻو پوندو. جهڙيءَ طرح جسم لاءِ سير و تفريح يا ورزش جو بدلو صحت ۽ ترڪِ روش جو بدلو بيماري آهي.

سنگيت ۽ راڳ جي باري ۾ قبلہ سائينءَ جن فرمايو تہ:

"افلاطون چيو تہ بي سُري ۽ بي تاري کي مون وٽان لوٽي ڇڏيو ڇو تہ اهو انسان ئي نہ آهي بلڪ انسان نما حيوان ۽ روحِ انسانيءَ کان خالي آهي."

موسيقي ۽ راڳ روح جي غذا آهي. سماع، ذڪر ۽ فڪر راڳ جا اهم جز آهن. جيڪو سروري جماعت جو معمول آهي. سندن زماني ۾ "توڙي" جنهن کي استاد منظور علي خان وڏي شوق سان ڳائيندو هو. مون کي استاد فيروزگل ٻڌايو تہ قبلہ سائين جن بهترين موسيقار بہ هئا.

---

* هي ڪتاب بہ ڇپجي چڪو آهي. (ت ج)

فيروزگل جو چوڻ آهي تہ مخدوم صاحب مون کي ڌُنَ سمجهائيندو هو تنهن کانپوءِ آءٌ ان جي ڪمپوزيشن ڪندو هوس ۽ مخدوم صاحب ساز وڄائڻ ۾ پڻ مهارت رکندا هئا. قدرت کين آواز ۾ پُرڪشش سوز ۽ خوش الحاني ۽ ترنم عطا ڪيو هو. سندن محفل ۾ هندوپاڪ جا مشهور گائڪ اينڊا رهندا هئا.

مخدوم صاحب جن جي شاعريءَ جي ابتدا:

مخدوم سائينءَ جن 1929ع ۾ شاعريءَ جي ابتدا ڪئي، ان وقت سندن عمر 12 سال هئي. سندن پهريون شعر هي آهي:

يا الاهي! يار مون ايندو ڪڏهن،
دردِ دل جو دور هي ٿيندو ڪڏهن.

فلسفو ۽ فڪر:

شاعرانہ فلسفي ۽ فڪر جي خيال کان مخدوم صاحب جن پنهنجي بزرگن ۽ خانداني روايتن کان گهڻو متاثر ٿيل آهن. سندن ڪلام مان سندن فڪر جي اونهائي ۽ گهرائي صاف ظاهر آهي، ڇاڪاڻ تہ 'سروري خاندان' جنهن لاڳيتو گذريل چار سئو سالن کان دين اسلام جي روشني ڦهلائڻ ۾ گران قدر خدمتون انجام ڏنيون آهن، جنهن خاندان سروري طريقي جي تبليغ ڪئي. مريدن، عقيدتمندن جي رهبري ڪري ڀٽڪيل انسانن جي رهنمائي پئي ڪئي آهي. مخدوم سائين انهيءَ سروري مسند جو ڀڳدار هو. سندن ڪلام ۾ اهي اُمنگون ۽ جذبا ڪارفرما آهن. سندن سمورو ڪلام وحدت الوجود جو ترجمان آهي. وحدت الوجود جا باريڪ نُڪتا نهايت خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيا آهن.

'قالو بلي' جي قول کي قبلہ سائينءَ نهايت آسان ۽ عوامي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

روحن جت هو ميڙ مچايو پيچ پرين تو تڏهين پاتو
ورتئي مون کان 'ها' جو جواب ڪٿي ٿي پيارا مون کي پڪارئي
طالب المولي مست بنائي پيارا پرين هي پاڻ پلائي
هاڻ سڄڻ تون ڪر نہ حِجاب، سِڪَ جي سُرڪي ڇو ٿي پيارئي!

مخدوم صاحب جي فڪر ۾ هيءَ ڪائنات صاحب جي صفت جي مثال آهي. ذات اهائي ئي هڪڙي آهي، ٻي هر شيءِ جٽڪ ان جو اولڙو آهي يا ان جي حرڪات ۽ سڪنات جو ردعمل آهي.

همہ اوست يا وحدت الوجود جو نظريو بہ اهائي اپٽار ٿو ڪري، مخدوم سائينءَ خالق حقيقيءَ جي واکاڻ ۾ روحانيت جا باريڪ نَڪتا هن طرح بيان ڪيا آهن:

اڄ بہ اهوئي آهہ جيڪو عو اڳ،
هيءُ رڳو هن جو جلوو آهہ جڳ،
بقا هڪ الله کي بيو سڀ فنا،
هستي فقط هن جي انسان سڀ ادا!

قبلہ سائين جي آنحضرت محمد ﷺ جن سان بي انتها محبت جو اندازو سندن سموري ڪلام مان لڳي ٿو. 1973ع ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي روضہ اقدس جي حاضري پرڻ دوران پاڻ هي شعر چيائون:

اکيون سڪنديون ئي رهيون، سڪ ۾ روز سدا،
طالب المولىٰ جام ڪيا، سبب سڀ خدا،
ڪيا قدمن حق ادا، هلڻ جا حبيب ڏي

مخدوم سائينءَ جن جو ڪلام روحانيت، تصوف، فلسفہ اخلاق، حُسن ۽ فطرت جو بي بها ذخيرو آهي. سندن سارو ڪلام رس ڀريو سوز وارو ۽ فني لحاظ کان پختو آهي.

سندن ڪافيون پُرسوز ۽ انتهائي پُر اثر آهن. سندن غزل پُختا ۽ معياري آهن. جن ۾ قديم ۽ جديد جو تغزل نمايان آهي. سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ سندن غزل نهايت عمدو وڻندڙ ۽ دل آويز آهي. سندن ڪلام مقبول عام، شاعرانہ مستقبل نهايت روشن ۽ خوش آئند، سلاست ۽ جاذبيت رنگيني ۽ پختي زبان، شائستہ ۽ دل نشين استعمال ڪيل آهي.

مخدوم سائينءَ جن جي ڪلام کي جديد ادب جو ترجمان سڏجي تہ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. پڻ عوامي شاعر ۽ سندن موضوع ۽ ڪردار بہ عوام منجهان ئي چونڊيل آهن. سندن شعرن ۾ رندي ۽ مستي حُسن ۽ عشق جا ساغر ڇلڪندا نظر اچن ٿا. ذوق جماليات جي لطيف خيالات، واردات ۽ ڪيفيات جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪيل آهي.

مخدوم سائينءَ جو مطالعو تمام گهڻو نظر بصيرت افروز مشاهدو تمام گهڻو وسيع هو. پڻ شاهہ لطيف وانگر ساري دنيا جو سير ڪيائون. پاڻ ڏيهہ پرڏيهہ ڏوريو ائين. ڪڏهن ڏسو تہ مڪليءَ جي مقام ۾ ٻهرن جا ٻهر مزارن کي نيڪ ڏيئي چپ چاپ ويٺا هوندا هئا. ڪڏهن ڀڪن تي سندن ڏس پوندو هو ۽ ڪڏهن وري مارئيءَ جي کوهہ تي. ڪڏهن مومل جي ماڙيءَ تي تہ ڪڏهن بي.بي سي لنڊن جي نشرگاهہ تان سندن سُريلي آواز ۾ سُر ٻڌڻ ۾ ايندو ڪڏهن مريءَ ۽ سوات جي دل نواز نظارن ۾ ويٺا نظم قلمبند ڪندا هئا ۽ ڪائنات جي حُسن جو مشاهدو ماڻيندا هئا. مخدوم سائينءَ جن اهڙا تہ سخي مرد، درگذر ڪندڙ نماڻا نوازيندڙ عالم ۽ مدبر هئا، جو سندن فياضي هڪ هٿ ڏسندي هئي تہ ٻئي هٿ کي خبر بہ نہ پوندي هئي.

مخدوم سائينءَ جن جا ڪجهہ اردو شعر:

میری تنہائی کا کیا پوچھتے ہو،
کہ میں ہوں اور خیالِ مہ جبیں ہے،
چمن میں گل بہت ہیں خوبصورت،
مگر ان میں تیری سی بو نہیں ہے۔

فارسيءَ جي ڪلام جو هڪ نمونو:

هر دو عالم جلوه گاهِ حسن دلدارِ من است،
چشمِ دل وکن ببین از هر طرف یارِ من است

هونئن تہ مخدوم سائينءَ جن جي شخصيت تمام گهڻي ۽ وڏي، اونهي ۽ عميق ۽ تمام قدآور آهي جنهن جو تجزيو شايد لفظن ۾ ڪرڻ سان پوءِ بہ سندن ڪافي شخصي پهلو لکڻ کان رهجي ويندا. پاڻ هڪ زنده جاويد هستيءَ جي حيثيت ۾ هميشہ ياد رکيا ويندا.

**قمر شهباز**



# اڄ نہ پَسان سي......

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ مرحوم پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي ادب جي خدمت ۾ گذاري. وس آهر زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين نور نچوئي علمي ۽ ادبي پورهيو ڪندو رهيو. سنڌ جي روايتي پيرن ۽ گادي نشينن جي نفسيات جي بلڪل برعڪس، هو هڪ خالص عوامي سوچ رکندڙ کلڻو ملڻو ۽ ٻاجهارو انسان هو. اڪثر وقت مطالعي ۽ تصنيف ۾ گذاريندو هو يا وري ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو رهندو هو.

مان پنهنجي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي ڪنهن بہ ترديد يا ندامت جي خوف کانسواءِ، نهايت ايمانداريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ مرحوم بيحد خوبين جو مالڪ هو ۽ مذهبي توڙي سياسي يا سماجي اعتبار کان معتبر حيثيت ماڻڻ جي باوجود اول ۽ آخر عوامي ۽ خالص سنڌي جذبا رکندڙ انسان هو. ڪنهن کي بہ سندن ذات کان ايذاءُ يا رنج رسڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سندن گفتگو ۾ جيڪا نهٺائي، ميٺاج يا پنهنجائپ هئي، سا سخت کان سخت دل موهڻ لاءِ ڪافي هئي. ادب ۽ شائستگي سندن شخصيت جا بہ اهم ستون هئا. ناراضگيءَ جو اظهار بہ اهڙي شائانتي پيرائي ۾ ڪندا هئا، جو اڳلو شرمندگيءَ کان بچي وڃي. پاڻ کان ننڍن توڙي ملازمن سان سندن گفتگو جو انداز ٻڌڻ وٽان هوندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن تي حڪم نہ هلايائون. التجا وارو انداز اختيار ڪندا هئا. ننڍي وڏي کي عزت ۽ احترام ڏيندا هئا. پوين ڏينهن ۾ پاڻ اُٿي نہ سگهندا هئا تہ مهمان مڙئي کي رخصت ڪرڻ يا وٺي اچڻ لاءِ پنهنجي صاحبزادن يا خاص خدمتگار کي تلقين ۽ تاڪيد ڪندا هئا. گفتگو دوران مهمان نوازيءَ ۽ شرافت جا سڀ اصول اَحسن طريقي سان نڀائيندا هئا. سنڌي ادبي بورڊ واري معاملي ۾ پڻ پاڻ سخت بيماريءَ جي باوجود، ذاتي انا کي پاسيرو رکندي، هر قسم جي معاونت ۽ مفاهمت لاءِ هر وقت تيار رهيا. بدقسمتيءَ سان سندن صحت انهن ڏينهن ۾ بي حد خراب رهي، جنهن سبب ان مسئلي جو ڪو خاطر خواهہ حل نڪري ڪونہ سگهيو نہ تہ پاڻ هر طرح ان معاملي کي خوش اسلوبيءَ سان نڀائڻ لاءِ بي چين هئا. نفيس ۽ نرم دل رکندا هئا، انڪري ادبي بورڊ تان استعيفي ڏيڻ کانپوءِ ڏکويل ۽ ملول رهڻ لڳا. زبان تي شڪايت ڪڏهن ڪونہ آندائون، پر مون کي لڳندو هو تہ ان واقعي کانپوءِ، ماڻهن جي ناقدري ڏسي سندن اندر اڌ ٿي پيو هو. سچ پڇو تہ علم ۽ ادب جي هڪ پرخلوص پانڌيئڙي سان حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اهڙو زور آوريءَ وارو ورتاءُ سنڌين جهڙي غيرتمند ۽ سڄاڻ قوم جي مُنهن تي ڪنهن بہ ريت نٿو سونهين. بهرحال، الله تعاليٰ اسان سڀني کي پنهنجي مهربان محسنن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مرحوم جي پونيرن ۾ علم ۽ ادب جو چاهہ ۽ شناس اُتم درجي جو موجود آهي. اهو سڀ مرحوم طالب المولىٰ جي تربيت ۽ تعليم جو اثر آهي، جو مخدوم امين فهيم ۽ جميل الزمان جهڙا شاعر ان گهراڻي جو نانءُ روشن ڪرڻ لاءِ اسان ۾ موجود آهن. اُميد آهي تہ هُو پڻ علم ۽ ادب، سماج ۽ سياست جي ميدان ۾ قوم جي ساڳيءَ طرح رهنمائي ۽ مدد ڪندا رهندا. جهڙيءَ طرح جناب طالب المولىٰ جن فرمائي. سندن گڻن ۽ خانداني روايتن کي سامهون رکندي اهائي توقع ڪري سگهجي ٿي تہ هو سچائي ۽ پيار جي ان شمع کي هرگز وسامڻ نہ ڏيندا، جيڪا سندن خاندان صدين کان روشن رکي آهي.

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي وفات تي خاص ليکا)
('عبرت' 30 جنوري 1993ع)

فن جي عمدگيءَ ڪري ڏاڍي وڻندي هئي، مخدوم صاحب جي نجي تجنيس حرفيءَ واري جڙاوت مون کي تن ڏينهن ۾ ئي ڪمال جي لڳي هئي، مان تن ڏينهن ۾ فارسيءَ جا شروعاتي سبق پنهنجي اُستاد مولوي محمد اسماعيل پنهور صاحب جن کان وٺندو هوس ۽ پوءِ اُن تناظر ۾ هيءَ ڪافي مون تي هميشہ نهايت گهرو اثر ڪندي هئي. اُن ڪافيءَ جي قبوليت وارو خمار اڄ بہ مون کي روح جي گهرائين تائين محسوس ٿيندو رهيو آهي ۽ اُهي ورلاپ سالن پڄاڻان بہ هميشہ منهنجين سماعتن ۾ سانديل رهن ٿا:

تو نين، ڏِن رين، مان چين چايا.
ان چوٽ، اٽموٽ گهٽا گهوٽ گهايا.

مخدوم صاحب جن نہ صرف روحاني ۽ ادبي سنڌي سماج کي متاثر ڪيو، پر هُن هن ڌرتيءَ جي موسيقي جي مزاج رکندڙن جي بہ نهايت سٺيءَ طرح پرداخت ڪئي، نغمگيءَ ۽ موسيقيت سان پرپور شاعريءَ مخدوم صاحب جن کي پنهنجي دور ۾ نهايت منفرد ۽ اعليٰ مقام تي آڻي بيهاريو، خاص ڪري مرحوم استاد فيروز گل جي موسيقيءَ سان سجايل رونا ليليٰ جي مترنم آواز ۾ جڏهن:

"اگڻ ٻهاريان، تنهنجون واٽون نهاريان"

هوائن جي آڌار سماعتن تائين پهتو تہ جهنگ جهر ۾ سندن شاعريءَ جي پهچ ٿيندي رهي. ماڻهن جي امنگن ۽ پرشوق ولولن جي ترجماني ڪندڙ شاعري دل ۾ ڌڙڪن وانگي گهڻيءَ گهڻيءَ گونجار ڪندي رهي.

مون کي اڃا اُهو منظر چٽو ياد آهي، جڏهن مون حيدرآباد جي اورئينٽل ڪاليج ۾ مخدوم صاحب جن جي صدارت هيٺ زندگيءَ جو پهريون مشاعرو پڙهيو هو، ٿڙڪندڙ لڱن سان پهرين ۽ سو بہ طرحي ۽ وري مخدوم صاحب جن جي صدارت ۾ ٿيندڙ هن مشاعري ۾ زندگيءَ جو پهريون غزل پڙهيو هوم، هن مشاعري ۾ مون کي سائين محمد فاضل شيخ همت ڀٽرائي وٺي ويو هو، شيخ صاحب منهنجي مامي عبدالعزيز پنيءَ جو دوست هو، ٻيئي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ گڏجي ڪم ڪندا هئا.

منهنجين ڌُنڌلين يادن ۾ مخدوم صاحب جن جي هڪ ٻي بہ يادگيري سمايل آهي. سندن خوبروئيءَ جو خوشنما خاڪو جو شايد ڪڏهن بہ ذهن تان نہ لهي سو آهي جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ جميعت الشعراءِ وارن جو مشاعرو، جنهن جا وڏا اشتهار لاڙڪاڻي جي ڀتين تي لڳايا ۽ گهٽين ۾ ورهايا ويا هئا. مون مشاعري واري ڏينهن هيٺ سامعين سان گڏ جهٽ ڪن اُهو مشاعرو ٻڌو هو، گهڻن سالن جي ڳالهہ آهي مون کي ان جو سن بنهہ ياد آهي.

سالن پڄاڻان اڄ بہ سنڌ جي هر عمر واري گلوڪار وٽ مخدوم صاحب جن جي شاعريءَ کي ڳائڻ ۽ جهونگارڻ جو ذوق شوق ساڳيو آهي. ايڏو چاهہ ۽ اشتياق مخدوم صاحب جن جي شاعريءَ جو عام وٽ قبوليت جو پختو ثبوت آهي، سندن شاعري پنهنجي اسلوب، انداز ۽ عجز و نياز وارن موضوعن جي ڪري سنڌ جي ماڻهن وٽ اڳ بہ قابلِ قبول رهي آهي ۽ سندن شاعريءَ جو اثر اڃا بہ شايد صدين تائين جاري ۽ ساري رهي. تڏهن تہ مون کي شاهہ سدائينءَ جون هي سٽون هميشہ ياد هونديون آهن:

وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي.

محبوب سروري



# فقير طالب المولىٰ

مٺي مهراڻ جي پاڻيءَ ۽ اسلام جي روحاني آبياريءَ سان سنڌ جي سرزمين تي اهي عظيم الشان ذهن ۽ اعلي مرتبت شخصيتون پيدا ٿيون، جن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. علم ۽ فضل جي هاڪ ۽ روحانيت جي ڌاڪ بابت دنيا جي سياحن، عالمن، محققن، بزرگن، درويشن، قلندرن ۽ فقيرن سنڌ ڏي منهن ڪيو. 'هي سنڌ ۾ آيا، سنڌي ٿي ويا ۽ وري واپس نہ ويا!' سنڌن هزارين مزارون ۽ مقبرا سنڌ جي سيني تي يادگار آهن. سنڌ درويشن جو ديس ۽ الله وارن جو گهر آهي. سنڌ باشريعت بزرگن، غيور غازين، دلير دودن، تحريڪن جي اڳواڻن، علم ۽ ادب جي سرواڻن، مٿيادار مجاهدن ۽ سامر جهليندڙ سورهين جي سرزمين آهي. سنڌ سدائين سائي ستابي رهي آهي ۽ ڪڏهن بہ اقتصادي ۽ روحاني طرح سُڃي ۽ سکڻي نہ رهي آهي.

هر دؤر ۾ عالمن، فاضلن ۽ روحاني رهبرن جي آستانن سان سنڌو درياهہ جا ٻئي ڪنارا آباد رهيا آهن. هن قحط الرجال جي دؤر ۾ بہ سنڌ ۾ ڪئين مشهور عالم هستيون موجود آهن جن مان سنڌو درياهہ جي مشرقي ڪناري تي هالا ۽ مغربي ڪناري تي سن جهڙن تاريخي شهرن ۾، لڳ ڀڳ هڪ ٻئي کي آمهون سامهون سنڌ جون بہ مشهور زمانہ ۽ تاريخ ساز شخصيتون اڄ بہ پساهہ کڻي رهيون آهن. جيڪي قدردانن جي اکين کان هرگز اوجهل نہ آهن.*

انهن ٻنهي بزرگن جي الڳ الڳ نظرين ۽ سياسي وابستگين کان قطع نظر سرزمين سنڌ سان سنڌن سڪ ۽ سچائي، تحريڪ پاڪستان لاءِ قربانيون، سنڌي ادب ۽ ثقافت لاءِ سنڌن علمي ادبي تحريڪون، تنظيمون، تحريرون، تقريرون، ڪوششون ۽ ڪاشون ايتريون تہ انيڪ ۽ اهم آهن، جن جو پنهنجن خواهہ پراون سيني کي اعتراف آهي. اهڙين بزرگ هستين لاءِ شاهہ لطيف فرمايو آهي:

رهيا اٺئي رات، صبح ويندءِ صابري،
لنئن لنئن منجهہ لطيف چئي ڪر تنين جي تات،
سنڌي جوڳيان ذات، ٻئي پيري پاڳ مڙي.

—

تان ڪي ساٿن اوڙ جان آهن اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿانئن گهوڙ
ويا جي هنگلوڙ تہ ڪرم ملندءِ ڪاپڙيا

پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ٻنهي بزرگن سان ملڻ حاتم طائيءَ جا ست سوال سر ڪرڻ جهڙو مشڪل ڪم آهي. ڇو تہ ٻئي بزرگ اڪثر نظربند رهن ٿا. سائين جي.ايم.سيد هر دؤر جي برسراقتدار سرڪار طرفان ڪافي پيرا نظربند رهي ٿو ۽ سائين طالب المولي سنڌس مسلسل علالت باعث ڊاڪٽر حضرات جي هدايات هيٺ هر سال ڪافي وقت نظربند رهي ٿو. راقم الحروف 27 آگسٽ 1984ع تي ڪئين مرحلا طئي ڪري سائين جي.ايم.سيد سان

* افسوس، صد افسوس، اڄ ٻئي هستيون اسان وٽ موجود نہ آهن. (تاج جويو)

سن ۾ ٻه ڪلاڪ ملاقات ڪئي ۽ 20 مارچ 1987ع تي هالا، ڪراچي، حيدرآباد جا چار ڏينهن چڪر ڪاٽڻ بعد سائين طالب المولیٰ سان بمشڪل ملاقات ڪئي. انهن ٻنهي ملاقاتن جي ڏاڍي دلچسپ روئداد پنهنجي آئيندي مضمون 'ٻن بزرگن سان ملاقات' ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

اسان جهڙا مَر چڱ ماڻهو تہ سائين جي.ايم.سيد جي دربان شهداد پليجي ۽ سائين طالب المولیٰ جي دربان قاسم ڪيرئي جون اڙيون ۽ ارڏايون، تڙيون ۽ تابشون سهي، حاضريءَ جي نوڪرن ۽ خليفن جي ڪٽ پٽ جي باوجود بعض اوقات ملاقات ڪري وٺن ٿا، پر هر ماڻهوءَ جو انهن سان ملڻ مشڪل ۽ هر ماڻهوءَ سان انهن جو ملڻ ممڪن ناهي، چو تہ سندن لاتعداد مشتاقانِ ديد برصغير جي ڪنڊڪڙڇ ۾ رهن ٿا. ريڊيو ۽ ٽي وي هن دؤر جا بهترين ذريعا آهن. جن طرفان اهڙن بزرگن جي اقوال ۽ ارشادات کي سندن آستانن تي وڃي بار بار رڪارڊ ڪري عوام آڏو پيش ڪري اُها گهرج پوري ڪري سگهجي ٿي، جنهن لاءِ شاه لطيف جا ٻه بيت مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. پر افسوس جي ڳالهہ آهي جو ڏنا مٽا ناچو مسخرا ۽ ڳائڻا بعنوان 'فنڪار' انهن قومي ادارن طرفان بار بار پيش ڪيا وڃن ٿا. جيڪي 'هُماهما' جي ڏماچوڪڙي مچائن ٿا ۽ نئين نسل جو ذهن خراب ڪن ٿا. باقي اهڙن بزرگن جي اقوال، ارشادات، تجربات، هدايات، فيض ۽ برڪت سان قوم کي فيضياب ڪرڻ جو ڪوبہ جامع پروگرام نہ آهي.

انهن ٻنهي عالي مرتبت بزرگن کي هنن مختصر صفحن ۾ سميٽي نٿو سگهجي، جن تي لکڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هن مضمون ۾ في الوقت هالا واري پاڳاري پير حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سجاده نشين (نمبر16) درگاه حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رح جو مختصر ۽ انوکو احوال ڏيان ٿو.

اول الذڪر بزرگ سائين جي.ايم.سيد جي ٻي ريا راءِ مطابق "مخدوم صاحب جي سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ جي ڪوشش اهم درجو رکي ٿي. سنڌي ڪلچر اتحاد، انساني، امن، عالم جو پيغامبر آهي. سنڌ جا درويش ۽ بزرگ انهيءَ پيغام جا حامل هئا. سنڌ جي اديبن کي گهرجي تہ مخدوم صاحب جي سياسي مجبورين کي درگذر ڪري سندس ادبي ڪوشش جي پذيرائي ڪن. خدا کيس عمر دراز بخشي ۽ ڪانئس سنڌ، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪرائيندو رهي!" ('جنب گذاريم جن سين' جلد ٻيو صفحو 347)

سائين طالب المولیٰ جي تفصيلي سوانح حيات "يار خاطر"، "جنب گذاريم جن سين"، "مهراڻ جا موتي"، "ڇپر ۾ ڇڙيون"، سماهي مهراڻ جي "شاعر نمبر" ۽ "سوانح حيات" نمبر "ديوان طالب المولیٰ" وغيره ڪتابن ۾ قارئين پڙهي سگهن ٿا. اسان هتي صرف 'فقير طالب المولیٰ' جي عنوان کي پيش ڪريون ٿا.

طالب المولیٰ دوستن کي پنهنجي لاءِ بيقدريءَ جو ڏوراپو هينئن ڏئي ٿو:

ڪندؤ ياد يارو! گهڻو پنهنجو طالب،
ڇڏي ويندو جنهن دم هو فاني جهان کي.

اها محبوب ۽ جامع صفات شخصيت جنهن جا مريد، معتقد، دوست ۽ احباب پوري هند ۽ پاڪ ۾ پکڙيل آهن، جنهن کي دين ۽ دنيا جون سڀئي نعمتون ميسر آهن، تنهن هوندي بہ سندس طبيعت ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪنهن بہ وقت هلڪائي نظر نہ ايندي. پاڻ فرمائي ٿو:

باوجود اُن جي خاڪسار آهيان،
سر تي دستارِ 'سروري' آهي.

مان تہ ڪجهہ ئي نہ آهيان اي دوستا
مون سان ڪنهن جي نہ همسري آهي.

پاڻ نهايت حليم طبع، رحمدل، عفو و درگذر ڪندڙ صابر شاڪر قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدا بهار طبيعت جو مالڪ، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جو مجسمو ۽ دشمن نواز شخص آهي. 'هٿان حبيبن ڪڌهن ڪونہ ڏکوئيو' جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. پاڻ ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ دشمن لاءِ انتقامي ڪارروائيءَ جو نہ سوچيندو آهي. انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايات، خيرخواهي ۽ خيرسگاليءَ جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مُطيع ڪندو آهي. طالب المولي هر ڪنهن لاءِ حفظ مراتب جو خيال رکندڙ ۽ دشمنن کي بہ سهڻن نالن سان ياد ڪندڙ آهي. غصي ۾ غلط زبان استعمال نہ ڪندو آهي. پنهنجن نوڪرن سان بہ ناراضگيءَ واري وقت ترش ۽ تلخ ڪلامي نہ ڪندو آهي. عوام لاءِ سندس بي انداز ۽ بلاامتياز علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي ۽ فلاحي خدمات ڪنهن کان ڳجهيون آهن؟ بهرحال هي قصو ڊگهو آهي. المختصر طالب المولي ۾ هڪ باشريعت بزرگ جي سجاده نشين هئڻ جا اهي سڀ گڻ موجود آهن. جيڪي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ مؤمنن جون صفتون هونديون آهن. پاڻ مخدوميءَ واري لٽ ٽانگر عالمن ۽ زاهدن جي ظاهري بناوٽ ۽ سجاوٽ، من مستي، هٺ، تڪبر، مڪر و ريا جي بيحد برخلاف آهي. هو مرد فقير آهي، مگر دنيا جي پنڊتن ۽ وقتي ضرورتن هن کي سياست ۽ دنيا سان ڳنڍيل رکيو آهي. اسان مخدوم صاحب کي فقير لکڻ جي جسارت تہ ڪئي آهي، پر شايد ڪي سطحي علم وارا ماڻهو اهو انداز بيان برداشت نہ ڪري سگهن، حالانڪ فقير جو لفظ سيني 'القاب' کان جامع صفات آهي. تاهم اچو تہ 'ديوان طالب المولي' ذريعي طالب المولي کان ئي پڇون تہ هو ڇا آهي، ڇا ٿو چوي ۽ ڇا ٿو چاهي؟ اچو تہ ڪيس صحيح طريقي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

طالب المولي پاڻ بہ چوي ٿو تہ:

اوهان جي طالب المولي کي سمجهڻ جي ڪجو هر دم
سندس ظاهر جي شانن شاهڪارن تي متان پلجو!

جهان کي جن جي اڄ نقشِ قدم تي فخر حاصل آ،
اهي الله جي لئہ بي سر و سامانَ ٿي نڪتا.
تجارت جي سَٽي سان جي ويا مڪّي مديني ۾،
خدا جي گهر مان اهڙا ڪيئي بي ايمان ٿي نڪتا.
(ديوان طالب المولي، صفحو 2)

هي الحاجي پلحاجي ڪا شي نہ آهي،
طبيعت ۽ طينت ڪپي طاهرانا،
عبا و قبا و عصا و مصلي،
رڳي ڍنگ آهي، رڳي ئي بهانا!
(ديوان طالب المولي، صفحو 25)

سجاده عمامہ و دستار ۽ عصا،
هي بدعي ڪتاب جو هڪ اقتباس آهي.
هي خرقا و عبا و قبا سڀ فريب جاڻ
نفرت پريو هي طالب- مولا لباس آهہ.
(ص 353)

عصا و جبہ و دستار زيب تن نہ ٿي سگهيا،
خرافات جهان سان منهنجو ڪو مطلب تہ ڪونهي ڪوا
اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالبِ المولي
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪوا
(ص 26-225)

گنهگارن جي عظمت کي فقط الله ٿو ڄاڻي،
جو آهي رحمتِ عظمي بہ هر جُرم و خطا سان گڏ.

—

لباس- پيري مخدومي ٿيا نا جنس منهنجي لاءِ
گذاري ڪينڪي سگهيس عبا سان گڏ قبا سان گڏ.
(ص 82)

زيور نہ، زيب وَر ٿا لڳن بي نظير کي،
سينگاري سگهبو ڪيئن ڀلا ماهہ منير کي!
خرقا، عبا، قبا نہ ٺهن ٿا امير کي،
هي زيب ٿا ڏين رڳو مصنوعي پير کي.
(ص 449)

گڏ ڪين هلي سگهيون هي رندي ۽ مخدومي،
ٿي ڪانہ پڇي هرگز مئي نوشيءَ کان محرومي،
سجاده نشينيءَ کي رک رهن ۾ اي ساقي!
پيمان پياري پچ هي ظاهر واري معمومي!
(ص 437)

مان چاڻان فقط رندي، ۽ پيري نہ مخدومي،
سجاده نشيني پڻ مون لاءِ ٿي محڪومي،
جت آهي عباسازي، جت آهہ قبابازي،
جت جبہ و دستاري، ماحول سو مذمومي!
(ص 437)

('پريت پبليڪيشن' ٽاٽو بولا خان، سال 1988ع)

نذير ناز



## 19 صدي جو عظيم انسان

# محترم قبلہ سائين مخدوم طالب المولىٰ

ڪتابن جا پنا اٿلائيندي ڪنهن انگريز شاعر جون هيءَ سٽون پڙهيون هيم:

Lives of great men all remind as
We can make our lives sub lime
And departing leave behind us
Foot Prints on the sands of time.

يعني ”عظيم انسانن جا جيون اسان کي يادگيري ڏيارين ٿا تہ اسان پنهنجون زندگيون شاندار بڻايون ۽ جڏهن هن دنيا مان لڏي وڃون، تڏهن وقت جي واريءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي وڃون.“ شعر مطابق تہ:

جي پنهنجو نور نچوئي ويا
۽ چاهہ چا موتي پوئي ويا
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾
هوءَ پنهنجي جوت جلائي ويا.

سنڌ جي هن عظيم ڌرتيءَ تي هزارين انسان آيا ۽ پنهنجو نور نچوئي ويا ۽ هن ڌرتيءَ کي سونهن ۽ سندرتا بخشي. جڳ ۾ نالءَ ڏنو، لوڪ آڏو پنهنجو نالءَ وڻڻ جي قوت ڏني. اهڙن ئي هيرن منجهان محترم مخدوم قبلہ طالب المولىٰ جو نالو ڪنهن کان وسرڻ جوڳو ناهي.

موت جنهن زندگين کي شڪست ڏني، انهيءَ موت کي بہ قبلہ سائين طالب المولىٰ شڪست ڏني ۽ امر بڻجي ويا. امرتا ڪنهن ڪنهن کي ملندي آهي ۽ اها امرتا خود محترم قبلہ سائين ڏانهن آئي آهي.

ڪنهن چيو آهي تہ:

ياد پرين اڄ آيا آهن
اکڙين مينهن وسايا آهن
ياد ڪري اڄ تن جون ڳالهيون
نيڻن نير وهايا آهن.

محترم قبلہ سائين جي ياد، هڪ دور جي ياد آهي. تاريخ ورائي ڏسو، حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ تائين سوا لک نبي آيا، جن انسانذات جي ڀلائي ۽ بهتر سيرت جو درس ڏنو. ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جا ڏک ڏور ڪرڻ جو پيغام ڏنو. سک ۽ سلامتي جو اعلان ڪيو ۽ اسلام جي روپ ۾ ۽ قرآن مجيد جي موجودگي ۾ هڪ روشن راهہ ڏني ۽ منزل جو ڏس ڏنو.

نبي آخرالزمان حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو تہ: منهنجي اُمتن مان ڪي اهڙا بہ هوندا جيڪي بني اسرائيل جي رسولن جي مٿ هوندا.

يعني گل جي خوشبوءِ ڏيڻ لاءِ عطر ۽ عرق موجود هوندو، دنيا کي خوشبو ملندي رهندي ۽ دنيا کي بدبوءِ دار ٿيڻ نہ ڏبو... وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو، انسانذات جي ڀلائي لاءِ خدا جا نيڪ بندہ ايندا رهيا ۽ پنهنجي ايمان جي جوت جلائيندا رهيا، اهڙن لکن هيرن منجهان محترم قبلہ سائين طالب المولىٰ بہ پنهنجو وارو وڄايو سندس ذات انسانيت لاءِ وقف هئي.

انسان جو درس سندس درس هو. دوستن تي مهربان ۽ شفيق هو ۽ وري دشمن تي نوازش قبلہ سائين ۾ سچائي بہ هئي تہ وفاداري بہ، نهٺائي بہ هئي تہ نماڻائي بہ، سندس نظر ۾ اميري ۽ غريبي ۾ ڪو فرق ڪونہ هو. سندس در تان هر ڪنهن کي انصاف پلئہ پيو.

محترم قبلہ سائين جو هڪ طرف نہ وسرندڙ ڪردار هو ۽ ٻي طرف لازوال روپ هو. علم و ادب جون رهاڻيون هجن. ثقافتي ۽ سماجي ميڙ هجن، هر طرف قبلہ سائين جي آواز جو پڙاڏو هوندو هو.

آهي تنهنجو قسم تنهنجو آهيان صنم
مان، تولئہ ورتو يار جنم
(طالب المولىٰ)

واقعي هو اسان جو هو ۽ اسان جي لئہ هن عظيم شخصيت جنم ورتو هو، محترم قبلہ سائين ادب جي جنهن ريت خدمت ڪئي آهي، سا صدين تائين وسارڻ جوڳي ناهي، سندس سوچن ۽ خيالن جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ سندس شاعريءَ نواڻ ڏني، نيون تشبيهون ڏنيون، نيون معنائون مليون ۽ نوان خيال مليا. سچ تہ سنڌي زبان کي جلا بخشيندڙ هو ۽ نظم ۽ ڪافي کي هڪ نئين سگهہ بخشي هئائين.

سندس ڪلام ۾ ظاهري خوبيون بہ آهن تہ معنوي وصفون بہ آهن سنڌي زبان جون ترڪيبون، جملا، پهاڪا، محاورا اهڙي ريت پنهنجي ڪلام ۾ سنواري ڪم آنديون اٿس جو هڪ پڙهندڙ جي دل ۾ گهر ڪيو وڃن، هڪ شعر جي خوبي هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ تي ان جو پورو، پورو اثر پئجي نہ سگهي پاڻ فرمايو اٿن تہ:

محب آهي منهنجو ماڪيءَ ڪان بہ مٺو
اينهين ڪنهن نہ ڏٺو
جيئن مون ڏٺو محبوب کي.

شعر جي لفظن کي پروڙيو، ڪيئن نہ انساني فطرت جي ترجماني پيا ڪن. قبلہ سائين کي سنڌي ادب جي سرجڻهارن ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. سندس ڪلام جي آئيني ۾ ڏسڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي تہ محترم قبلہ سائين هڪ باڪمال شاعر هئڻ سان گڏ، پنهنجي وقت جو هڪ عظيم مفڪر پڻ آهي. هڪ ڏاهو پڻ آهي، جنهن جي ڏاهپ پرين نڪتن ۾ پاڪيزگيءَ آهي تہ سچائي بہ. ماضيءَ جا نقش بہ چٽيل اٿس تہ حال کي جاڳايو بہ اٿس ۽ وري مستقبل، هڪ سهڻي مستقبل جو خواب اکين ۾ سجايل بہ اٿس.

پيار ۽ محبت شاعرن جو دلپسند موضوع رهيو آهي ۽ ڌرتيءَ جو ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونہ رهيو آهي جنهن محبت کي مرڪز نہ بڻايو هجي. قبلہ سائين جو بہ پورو ڪلام محبت سان ئي رچيل آهي. سندس ئي ڪافي چوان ٿي:

ڪنهن سانولڙي جو خواب آهي
ڪن جذباتن جو جواب آهيان

وري سندس عشق لاءِ اظهار هنن لفظن ۾ ڏسو:

منهنجو عشق امام
ان جو پيرو، اصلئون آهيان
طالب مولا تنهنجي طلب پو
دل تي پاتو دام

ڪيئن ته قبلا سائين سادگي سان عشق کي پنهنجو امام قرار ڏنو آهي، سندس ڪلام ۾ سچائي، حب الوطني، خداپرستي ۽ عشق رسولؐ جهڙا جذبا به گوناگون ڀريل آهن. اها ناقابلِ انڪار حقيقت آهي ته جيڪا سلاست، سادگي، لفظن جي بيهڪ ۽ دلي تاثير سندس شعرن ۾ سمايل آهي سو اوهان کي ٻين ٻولين جي شاعرن جي ڪلام ۾ ورلي ملندو. قبلا سائين جي ڪاوشن جو ڳاڻيٽو ڪونهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ترقي هجي يا بورڊ جي ملازمن لاءِ سهولتن جو مسئلو هجي، ادبي رهاڻيون هجن يا وري هالا شهر ۾ "انجمن علم و ادب جو قيام" هجي، "پريس الزمان" قائم ڪرڻ هجي يا هفتيوار اخبارون "پاسبان" ۽ "الزمان" جو اجراءُ ڪرڻ هجي، ماهوار رسالا "فردوس" ۽ "شاعر" هجن يا سنڌي شاعرن جي جماعت "جمعيت الشعراء" جو قيام هجي، "روح ادب" جي نانءُ سان ادارو به قبلا سائين جي ڪاوش هئي ۽ اداري پاران ماهوار "روح ادب" ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچائڻ به سندن ڪارنامو آهي.

قبلا سائين جون خدمتون سمنڊ بيڪران جيان آهن، هٿ وجهبو ته موتي ۽ ماڻڪ پلئه پوندا. قبلا سائين عورت جي حيثيت کي به مانُ ڏنو ۽ سندس ئي نيڪ جذبي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌ جي عورتن لاءِ ٽماهي "سرتيون" جو اجراءُ ٿيو. سندس عظيم سوچ هئي ته هن رسالي ذريعي سنڌ جي نياڻين منجهه شعور جو ڏيئو چمڪائجي ۽ اڄ سندس عظيم سوچ کي مجتا ملي آهي جو "سرتيون" هر گهر جي رونق آهي.

محترم قبلا سائين جي زندگي پرت ڀريل چادر جيان آهي جنهن تي اڻ ڳڻيا رنگ ڇنيل ۽ ڀريل هوندا آهن.

قبلا سائين جي زندگيءَ جا به ڪيئن رنگ آهن. ٽر ۾ ڪنهن وڻ جي ڇانوري جيان هڪ گادي نشين- سمجهه ۽ سرت ڀريو سياستدان، زندگيءَ جا فطرتي رنگ ڇنيندڙ شاعر، سماج سڌارڪ ۽ ٻين انيڪ رنگن سان رنگيل هي عظيم شخصيت اسان کان جسماني طور جدا آهي مگر سندس روحاني رشتو اڄ به اسان سان قائم آهي. ڪيس ڀيڻا ڏيندي سندس ئي لفظن ۾ چوان ٿي:

لڪين لڙڪ لوڪان مون وهايا
مگر درد، دل جا نه ڪنهن کي ٻڌايا
سوا صبر جي ٻيو ٻلا ڇا ڪيان مان
سندس سور، غيرن کي ڪيئن مان چوان ها
هٿا هُن جا، تڏهن مون سيني سان لايا
لڪين لڙڪ لوڪان لڪي مون وهايا.

اڪبر هنگورجو

# مخدوم طالب الموليٰ: شخصيت ۽ ادبي خدمتون

تاريخ جي وڏن ماڻهن بابت پڙهڻ ننڍي هوندي کان وٺي منهنجو محبوب مشغلو رهيو آهي. آتم ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب هميشہ منهنجا پسنديده ڪتاب رهيا آهن. منهنجي ان مامري ۾ تمام گهڻي دلچسپي رهي آهي تہ عظيم ماڻهو عظمت ڪهڙن ڳڻن جي ڪري حاصل ڪندا آهن ۽ اهي ڪهڙيون خاص صلاحيتون هونديون آهن، جن جي ڪري سماج ۽ تاريخ ڪنهن ماڻهوءَ کي وڏو ماڻهو مڃيندي آهي. هتي وڏن ماڻهن مان منهنجي مراد وڏا ڏاڍا (پرايا ملڪ ڦٻائيندڙ حڪمران) نہ پر اهي نيڪ ۽ سيبتا ماڻهو آهن، جن پنهنجي عملن، خيالن ۽ لکتن ذريعي دنيا ۾ اخلاقيات، انصاف ۽ آزاديءَ جي اعليٰ اصولن لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪري تاريخ کان پاڻ کي مانوارا ماڻهو مڃرايو.

پنهنجي محدود مطالعي مان مون جيڪي چند ڳالهيون انهن ماڻهن بابت سمجهيون اهي هي آهن:

1. انهن ماڻهن ۾ ايتري تہ عقلي صلاحيت هوندي آهي، جو اهي ڪن هڪ يا ٻن نہ پر هڪ پوري سماج جا سونهان بڻيا آهن. اڪثر ڪري زمانن جي مسافت ۾ ٽڪجي پيل ۽ راهہ وڃائي ويهندڙ معاشرن کي آجپي ۽ خوشحاليءَ جو گس ڏسيندا آهن.
2. اهي ماڻهو پنهنجي ذات کان مٿي ٿي سوچيندا آهن. شايد رحمت جو ڪوئي فرشتو کين ڪن ۾ اها ڳالهہ ٻڌائي ويندو آهي تہ انهن کي پنهنجي لاءِ نہ پر پنهنجي دؤر جي لکين ڪروڙين ماڻهن لاءِ جيئڻو آهي، پيو تہ اهي پنهنجي ذاتي خواهشن لاءِ نہ، پر پنهنجي پوري سماج جي خواهشن ۽ خوابن جي پورائي لاءِ جيئندا آهن.
3. اهي ماڻهو پنهنجي چوڌاري جي ماحول ۽ ماڻهن جي سڪي راءِ کان متاثر ٿيڻ بجاءِ پنهنجي تصوير تاريخ جي آئيني ۾ ڏسندا آهن. چو تہ انهن ماڻهن جي چوڌاري موجود عام ماڻهو سُکي رعب تاب ۽ ڏيک ويک ۾ ئي وڏائي سمجهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اهي وڏا ماڻهو پنهنجي دؤر جي ماڻهن جي خيالن ۽ سوچن کان مختلف خيال ۽ عمل پيش ڪري انهن لاءِ رول ماڊل بڻجندا آهن.
4. اهي ماڻهو پنهنجي نظرين، چڱائي ۽ نيڪيءَ لاءِ هر وقت پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن.
5. عظيم ۽ وڏن ماڻهن جو ڪردار اڪثر اهڙن معاشرن ۾ وڌيڪ نمايان هوندو آهي، جيڪي معاشرا سياسي، سماجي ۽ اخلاقي حوالن سان ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار بڻيل هوندا آهن.

جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين جي context ۾ اسان سنڌ جي گذريل اڌ صديءَ جي تاريخ ڏسنداسين تہ محسوس ٿيندو تہ سنڌ گذريل صديءَ کان پنهنجي تاريخ جي هڪ عجيب ۽ غريب دؤر مان گذري رهي آهي. نين عالمي حالتن ۽ جاگرفيائي تبديلين واري دؤر ۾ پنهنجي تهذيبي سڃاڻپ ۽ بقا جي حوالي سان خونزده رهي آهي. گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌي ٻولي، ثقافت، قومي حيثيت سڀ ڪجهہ پسپا ٿي رهيو آهي. اهڙي دؤر ۾ اهو بہ چيو ويو تہ سنڌ ۾ ڪيترائي سماجي ادارا پراڻا ٿي ويا آهن يا ڪن سببن جي ڪري جمود جو شڪار ٿي ويا آهن.

سنڌ ۾ گذريل ڪجهہ صدين جي تاريخ ۾ بزرگن ۽ صوفين جي درگاهن نہ صرف سنڌ جي سماجي ۽ روحاني نشوونما ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر سنڌ جي قومي وحدت ۽ آزاديءَ کي درپيش خطرن جي مقابلي لاءِ پنهنجي سماج کي همٿايو ۽ رهنمائي ڪئي.

سنڌ ۾ اهڙيءَ ڏانهن ويندڙ حالتن جتي سنڌي سماج جي ٻين ادارن کان خاص ڪردار ادا ڪرڻ جي تقاضا ڪئي پئي، اتي سنڌ جي درگاهن ۽ پيرن جي گادين ڏانهن پڻ ڪنهن مثبت موٽ لاءِ ڏسندي رهي. اهڙين حالتن ۾ جتي اسان کي مختلف شعبن ۾ ڪيترائي اهڙا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن سنڌ جي سڃاڻ کي ورنايو اتي اسان کي هالا جي حضرت مخدوم نوح عليه رحمت جي سترهين سجاده نشين حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولي جي شخصيت نمايان نظر اچي ٿي، جنهن هڪ نه پر ڪيترن ئي محاذن تي سنڌي سماج جي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي.

حضرت مخدوم طالب المولي ۾ اهي ۽ ٻيا انيڪ گڻ موجود ها، جن جو ذڪر اسان مضمون جي شروع ۾ ڪيو آهي، جيڪي گڻ سماج جا سونهان بڻجندڙ ماڻهن ۾ موجود هوندا آهن. مخدوم طالب المولي هڪ اهڙي سماج ۾ پيدا ٿيو جيڪو سياسي حوالي سان خدشن جو شڪار هو ۽ ثقافتي ۽ تهذيبي محاذن تي پسپا ٿي رهيو هو. مخدوم محمد زمان طالب المولي اهڙي دؤر ۾ پنهنجي عوام دوست ۽ سنڌ دوست سياسي ڪردار سان سنڌ جي رهنمائي ڪئي. هن سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن خلاف ڪوبه ڪم نه ڪيو. حالانڪ اهڙي دؤر ۾ جڏهن سنڌ جو جاگيردار پڳڙن جي مٽ تي وڪامي رهيو هو ۽ هر ڪوئي وقت جي اسٽيبلشمينٽ وٽ پنهنجا نمبر ٺاهڻ جي چڪر ۾ پورو هو. اهڙي دؤر ۾ مخدوم طالب المولي جو سياسي ڪردار سنڌ جي اپر ڪلاس جي مجموعي ڪردار کان بلڪل الڳ نظر اچي ٿو. اهي سڀ ڳالهيون اهو ثابت ڪن ٿيون ته مخدوم طالب المولي پنهنجي سياسي ماحول کان متاثر ٿيڻ بجاءِ پنهنجي تصوير تاريخ جي آئيني ۾ ٿي ڏٺي. سائين پنهنجي سوچ ۾ ذاتي مفادن کان الاهي مٿانهون هو. سندن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي سماج جا مفاد هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز هئا. سائين جن نه فقط پنهنجي منفرد سياسي ڪردار ۽ سوچ سان سنڌ ۽ سنڌين جا پرچهلا بڻيا، پر سندن علمي ۽ ادبي خدمتن لاءِ 20هين صدي جي سنڌ جي تاريخ سدائين سندن احسانمند رهندي.

قبلا سائين نه صرف ذاتي طور تي سنڌ جي اديبن ۽ عالمن جي سرپرستي ڪئي، پر پاڻ اهڙن علمي ۽ ادبي ادارن جا بنياد وجهڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيائون، جن جو سنڌ جي تهذيبي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جي بقا جي جنگ ۾ نهايت اهم ڪردار ٿي ٿو. قبلا سائين اڌ صديءَ جي عرصي تائين هڪ اهڙي تحريڪ جا روح روان بڻيل رهيا، جنهن جو اثر اسان جو ايندڙ نسل سنڌ جي ايندڙ صدين جي تاريخ ۾ نمايان ڏسندو. سنڌي ادبي بورڊ، بزم طالب المولي سميت ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي تنظيمن جو قيام، ذاتي حيثيت ۾ عالمن ۽ اديبن جي سرپرستي، گهٽ، پوسٽ ۽ سماجي ڊيوالپٽي جي دؤر ۾ علم ۽ ادب جون محفلون مشاعرا قبلا سائين جي انهن عملن جڻ جمود جي شڪار سماج کي جاڳڻ ۽ جيئڻ لاءِ جاڳوڙڻ جي تبليغ پئي ڪئي ۽ مخدوم صاحب جي عظمت ان ڳالهه ۾ هئي ته سنڌ جي تهذيبي، ثقافتي، علمي، ادبي ۽ سياسي آجپي لاءِ هيڏي وڏي تحريڪ جي روح روان هئڻ جي باوجود پاڻ ڪڏهن به دعوي نه ڪيائون.

مخدوم طالب المولي هڪ عظيم شاعر ۽ ڪامل مرشد به هو ۽ پنهنجي سڀاءَ ۾ سنڌ جي تهذيبي قدرن جو ترجمان به. هن جي ذات ۾ تاريخ جي وڏن ماڻهن جا گڻ موجود هئا. ويهين صديءَ جي سنڌ جي هن وڏي ماڻهوءَ جي سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي تاريخ تي اثرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي ماڻهن تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي ته اهي قبلہ مخدوم طالب المولي جي ادبي ڪاوشن، سندن شاعري ۽ نثر علمي ۽ ادبي ادارن جي سرپرستي، مطلب ته علم و ادب ۽ سنڌ لاءِ وقف ڪيل حيات تي پي ايڇ ڊي ڪرائين، جيئن ويهين صديءَ جي سنڌي سماج جي هن سونهين جي ڪردار کي سمجهڻ ۾ ايندڙ نسلن لاءِ سولائي پيدا ٿي سگهي.

**پارومل پريمي**

# وياسي وينجهار....

مخدوم محمد الزمان طالب المولي، حضرت مخدوم سرور نوح رحہ جو 17هون سلسليوار مسند نشين هو. پاڻ روايتي پير ڪونہ هو، سندس ڪلام ۾ جا بجا جاده، جبي، قبا، عصا، دستار پيريءَ ۽ مشائخيءَ جي ڀربور مذمت ملي ٿي، جيڪي رڳو مريدن کان نذراني ميڙڻ ۾ پورا آهن، نہ مريدن کي دين جي سمجهہ ڏني ويندي آهي ۽ نہ ئي طريقت جي تعليم ئي نصيب هوندي اٿن. هن اڏوهيءَ ڪاڏل پيري مريديءَ واري نظام سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. پر مخدوم صاحب سنڌ اندر گهڻا سماجي ڪم ڪرايا ۽ سروري جماعت جي علمي، ادبي، روحاني ۽ اخلاقي تربيت پڻ ڪئي. ڏاڳن ڦيٽڻ جي مذمت هن طرح ڪئي اٿن تہ:

سڳا، ڏاڳا ڦيٽا ڇنڊا ۽ ڇوڪارا،  
اهي جڻ تہ آهن، ڪُل ئي نانگ ڪارا،  
ڪيم ڳالهہ والله بلڪل بصيري،  
اسان لاءِ ڪافي فضيلت فقيري،  
ڪهين ڪم نہ آئي، هي مخدوم پيري!

طالب المولي مخدومي ۽ پيريءَ جي مڪمل نفي ڪري ٿو. مخدوم صاحب انسانيت ۽ ڪمالات جو معراج هو ۽ انسانذات جي بغير ڪنهن تفريق خدمت کي عبادت سمجهي ٿو. هن سروري جماعت جي تنظيم ذريعي سڄي عمر علمي، ادبي ۽ روحاني ضياءَ پاشين کان سنڌ ۽ سنڌ واسين کي منور ڪيو. سنڌ سڳوري پنهنجو هڪ قديم پسمنظر رکي ٿي. سنڌي ازل کان وٺي پنهنجي تمدن ۽ تهذيب رکن ٿا. سنڌي، سُکي ستابي ۽ هميشہ امن پسند قوم رهي آهي. جنگ وجدل کان پري ليڪن پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ هر وقت سينہ سپر رهي آهي، جنهن ٻاهرين جنگجو بادشاهي لشڪرن کي لحظي ۾ في النار پئي ڪيو آهي. بهرحال مجموعي طور سنڌ واسين جي خمير ۾ تصوف، انسانيت ۽ مهر و وفا جو رنگ شامل رهيو آهي. علم ۽ ادب سان نينهن جي ناتي ٻہ سنڌي قوم کي نمايان شان بخشيو آهي، جنهن ۾ خاص طرح هالا شهر جي صديقي بزرگن جي علمي، ادبي، سماجي ۽ روحاني خدمتن جي مهڪ منفرد مقام رکي ٿي. سروري خاندان جي حضرت مخدوم سرور نوح رحہ جو سلسلہ نسب حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان منسلڪ آهي. حضرت مخدوم نوح رحہ هڪ عظيم بزرگ اهل دل، اهل نظر جيد عالم ۽ باڪمال شاعر هو. پاڻ عرفان ۽ سلوڪ جي وڏي منزل تي فائز هو جڏهن مخدوم سرور نوح جي نو لکي گوڏڙيءَ جي پڳدار مخدوم مير محمد (وصال 1149هہ) جن کي ڪنهن فتوي تي صحيح جي لاءِ چيو ويو تہ حق آگاهہ مخدوم جرائتمندانہ جواب ڏيندي فرمايو تہ "فقير کي فقير ٻاران سر اڏي تي رکڻ گهرجي، اسان هن فتوي تي صحيح وجهي الله اڪبر جو ناراضپو سَر تي نہ کڻنداسون.

ان اعلي خاندان سان مخدوم صاحب جو لاڳاپو هو. پاڻ علم ادب جا صاحب هئا، ان ڪري هالا شهر کي هنن لفظن ۾ عقيدت پيش ڪري سگهجي ٿي:

---

هتان مخدوم صاحب جي شخصي زندگي ۽ ادارن وغيره جو تفصيل، دهراءَ سبب ختم ڪيو ويو آهي(ت. ج)

نينهن جو نعرو پڏون ٿا، اڄ هالا شهر ۾،
عشق جو ظهر ڏسون ٿا، اڄ هالا شهر ۾،
هِت وهي وحدت خدائيءَ جو ٿو درياهه دوستم
پِرت سان "پريمي" اچون ٿا، اڄ هالا شهر ۾.

مخدوم طالب المولي ڪريماڻي اخلاق جو پيڪر شفقت ۽ پاڄهه جو سراپا مثال هو. سندس روشن چهرو ۽ پرنور پيشاني مون کي اڄ بہ ياد آهي. سندس گفتگو جو انداز من موهيندڙ هو. پاڻ سليم الطبع ۽ صابرين مزاج جو مالڪ هو. نشست برخاست، آداب محفل ۽ تخاطب جو خاص خيال رکندو هو.

تصوف جي تاريخ ۾ طالبَ المولي جو مقام نهايت بلند آهي. ڪيس ان صف ۾ ڳڻيو ويندو جنهن دؤر ۾ سنڌ پنهنجي زندگي جي هر پهلوءَ تي شڪست خورده ٿي چڪي هئي ۽ سنڌ ۾ رُجعت پسند فڪر ۽ رجعت پسندانہ نظام قائم ٿي چڪو هو. ون يونٽ وارو زمانو ايوبي ۽ ضيائي مارشل لائون مطلب تہ روشن خيالي ۽ روشن ضميري پنهنجي معنلي وڃائي ويٺيون هيون. ادبي ۽ سياسي گروهہ بندي ۽ چوهہ چنڊچاڻ جي ريت دانشمنديءَ ۾ شمار ٿيڻ لڳي هئي. اسان جي ناليوارن ادارن ۾ خالص ڪم ٿيڻ بند ٿيڻ لڳو هو تن ڏينهن ۾ مخدوم صاحب ۽ سندن دوستن گڏجي ادبي منافرت ۾ گهٽتائي آندي.

مخدوم محمد زمان طالب المولي 11 جنوري 1993ع ڌاري وصل حق جو جام نوش ڪري اسان کي جدائي جو داغ ڏيئي هميشہ لاءِ پنهنجي جد اعلي مخدوم نوح رحہ جي روضي پُرانوار جي اوٽ وٺي پرده نشين ٿي ويو.

سنڌ جا ڪئين نسل مخدوم صاحب جي خوبين ۽ خدمتن مان فيض ور ٿيندا رهندا ۽ تاريخ ۾ سندن ذڪر بامعنلي ۽ باعزت پڙهيو ۽ سمجهيو ويو.

ويا سي وينجهار هيرو لعل ونڌين جي!

**وڏو سو جو بلند اخلاق آهي،**
**ڪٿي ئي ڪونہ ٻئو مقبول ٿيندو**
**اهوئي سرفراز آهي جهان ۾**
**سين آڏو جهڪي ويتر جو ويندو.**

**مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ**

1953ع

**پروفيسر شاهجهان پنهور**

# اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا سارِيا

سرزمين سنڌ جيڪا الله وارن جو گهر آهي، جنهن ۾ درويشن جا دونهان دکن، محبت ۽ سچائيءَ جا داستان ملن، جنهن ۾ شاهين ۽ شهباز رهن، انهيءَ سدا بهار سرزمين سنڌ اهڙن اڻموٽ بيباڪ بهادر، اصول ۽ خودداري، علم و ادب، فهم و فراست، سچ ۽ سياست، خدمت خلق ۽ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ ۽ سماج ۾ اڻمٽ نقش ڇڏيندڙ انسانن کي جنم ڏنو آهي، جن جي خدمتن کي ڪڏهن به تاريخ جي ورقن تان ميساري نٿو سگهجي.

ڪي ماڻهو اقتدار پاور ۽ پيسي سان ماڻهن تي حڪمراني ڪن ٿا ۽ شهرت حاصل ڪن ٿا پر هن زرخيز سرزمين سنڌ ڪي اهڙا جوڌا جوان، درويش ۽ فرشتا صفت انسان به پيدا ڪيا، جن پنهنجي مٺيءَ سان محبت ڪندي، ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو ۽ ساڻن اهڙو روحاني رشتو جوڙيو، جيڪو روز آخر تائين پڪو ۽ پختو آهي. اهڙين هستين ۾ به نمايان شخصيتون جيڪي گذريل صدي جي سونهن هيون، تن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ شامل آهن. سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن مان سندن ياد سندن سار سيني ۽ ساهه ڪان جدا نٿي ٿي سگهي.

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا سارِيا،<br>
ڳوڙهن جون ڳلن تان، بوندون بس نه ڪن،<br>
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

سنڌو درياءَ جي ڪنڌي تي آباد شهر هالا جي مشهور شخصيت فقير درويش صفت انسان مخدوم طالب المولیٰ جيڪو درگاهه مخدوم نوح عليه رحمت جو سجاده نشين به هو. ظاهري طرح هڪ پير، مخدوم، سر تي دستار ٻڌل، مرشديءَ جو لباس پهريل، نظر ايندڙ شخصيت هو، پر اندر ۾ ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن سان محبت ڪندڙ، نرم حليم، خوش اخلاق، سادو سٻاجهو، سنڌي ثقافت ۽ روايتن جو امين ۽ دشمن نواز انسان هو، جنهن ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو، جيڪو هڪ دفعو ساڻس ملندو هو، سو قرب جو قيدي بڻجي ويندو هو ۽ طالب المولیٰ سان اڻ ٽٽندڙ تعلق جڙي ويندو هئس.

مخدوم طالب المولیٰ جو ادب سان بيحد لڳاءُ هو، جنهن جي دم سان هالا جي گهٽي گهٽي ۾ ادبي محفلون هونديون هيون. وڏا وڏا ادبي ميڙاڪا ۽ مشاعرا ٿيندا هئا. اهڙي سرهاڻ هئي، جنهن هالا کي واسي ڇڏيو هو. هالا سنڌ ۾ علم و ادب جو مرڪز هو. طالب المولیٰ ادب جي دنيا ۾ آسمان تي چمڪندڙ ستاري جيان هو، پاڻ صاحب ديوان ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف هئا.

طالب المولیٰ جي ادب سان آخري دم تائين والهانا محبت هئي. سندس رت ۽ پگهر سان سيراب ٿيندڙ اداري سنڌي ادبي بورڊ جا آخري دم تائين چيئرمين رهيا. هڪ وقت اهڙو به آيو جو سندن سنڌي ٻولي، ڪلچر، ادب جي ڪيل خدمت جو صلو ملڻ بجاءِ ڪجهه مفاد پرست اديبن سندس ٽيم ڪي هٽائڻ لاءِ سازشون ڪيون. مخدوم صاحب انهي عهدي کان گهڻو مٿيرو هو. پاڻ هن عظيم اداري سنڌي ادبي بورڊ

جي خدمت جي جذبي سان ڪم ڪندا هئا، ڪين ڪابہ لالچ نہ هئي. پاڻ پنهنجي ذاتي تعلق ۽ واسطن سان هن اداري کي مختلف حڪومتن کان ڪروڙين رپيا گرانٽ منظور ڪرائي ڏيندا هئا، پر مخالفن جي ذهني اوسط، محدود سوچ، تنگ نظريءَ کان تنگ اچي بنا ڪنهن انتقام ونڻ جي استعيفا ڏنائون. مخدوم طالب المولىٰ کي مخالفن جي بيجا واويلا ڪرڻ تي تمام گهڻو ڏک ۽ صدمو ٿيو. هو مرڻ گهڙيءَ تائين بورڊ جا چيئرمين رهيا، چاڪاڻ تہ سنڌ حڪومت سندن استعيفا قبول نہ ڪئي ۽ نہ سندن وفات تائين ڪنهن کي بورڊ جي چيئرمين مقرر ڪيو. اها سندن اخلاقي جرئت ۽ فتح هئي. افسوس انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ اسان جي قوم قبر پرست آهي، جيڪا جيئري ڪنهن جو بہ قدر نٿي ڪري.

طالب المولىٰ خدمت خلق، سونهن سچائي، پيار محبت، علم و فهم جا سمنڊ هئا، جنهن سجي زندگي سنڌ جي سورن کي سيني ۾ سانڍي پنهنجي فيض سان سموري سنڌ کي سيراب ڪيو. سنڌ جا غريب، مسڪين، لاچار، لاوارث ماڻهو هالا جو رخ ڪندا هئا. جتان ڪو سندن دردن جو درمان ٿيندو هو. طالب المولىٰ سندن هر طرح مدد ڪندو هو. طالب المولىٰ مال وند ماڻهن، دردوندن ابوجهہ ماڻهن کي سيني سان لڳائيندو هو. سچن ڪرن، علم ادب جي ڄاڻن، شاعرن، سگهڙن، اهل قلم ماڻهن سان بي پناهہ پيار ڪندو هو. پهرن جا پهر ساڻن صحبت ۾ گذاريندو هو. چاهي هو ڪيترا بہ غريب هجن، ميرا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿيل لباس ڇو نہ هجين، طالب المولىٰ مرد قلندر فقيري طبيعت جو مالڪ هو. طالب المولىٰ وڏو نبض شناس، وڏو پارکو هو، هن جي چمچن چاپلوس، موقعي پرست، مفاد پرست، ٺٽ ٺانگر وارن ماڻهن سان هرگز نہ لڳندي هئي.

طالب المولىٰ سڄي حياتي پٽ تي پاٿاري لڳائي ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو هو. تن تنها اڪيلو فقيري طبيعت جو مالڪ، اڻ ورچ انسان هو، جنهن ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو، پاڻ فرمائي ٿو تہ:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ،
تہ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

طالب المولىٰ هميشہ هالا کي مرڪز بنايو. اعلىٰ اقتدار جي ڪرسين تي ويٺل وزيرن، ڪامورن سان اڪيون ملائي غريبن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ انسان هو. هن ڪڏهن بہ اسلام آباد يا ڪراچي کي مرڪز نہ بنايو، پر اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ جون معتبر شخصيتون هالا جو رخ ڪنديون هيون.

طالب المولىٰ گهڻ رُخي شخصيت هئا. سندن وفات سان پيدا ٿيل خال پرجي نٿو سگهي. طالب المولىٰ جي وفات سان سندس يار دوست، ذاتي تعلق وارا ماڻهو، سچا ۽ کرا ماڻهو، جن طالب المولىٰ جي محبت کانسواءِ ڪجهہ نہ ميڙيو، سي سمورا يتيم ٿي ويا آهن. مخدوم طالب المولىٰ جي شاعريءَ ۾ ادب ۽ زندگيءَ جو تمام گهڻو تاثر ملي ٿو. حسن، ناز، محبوب جا ظلم، غريبن جون وڻ ڪندڙ دليون بہ سندس شاعري جو موضوع رهيون، پاڻ هر درد، سور ۽ حالتن جي عڪاسي خوب ڪئي اٿن.*

روزاني عبرت، حيدرآباد 2007-01-02

* تمفن جو احوال ڪٿيو ويو آهي (ت.ج)

رياض عمراڻي

# جديد ڪافي گو شاعر مخدوم طالب المولىٰ

اسان جي سنڌ ۾ ڪيتريون ئي روحاني، سماجي ۽ سياسي شخصيتون ٿي گذريون آهن، انهن ۾ ڪي شخصيتون گاديءَ جي حوالي سان بہ مشهور آهن. تن ۾ سروري جماعت حضرت مخدوم سرور نوح جي نالي سان سجاتي وڃي ٿي، هن جماعت جوهر مريد ”لاالله الاالله“ جو ورد ضرور ڪندو آهي. تاريخ لکي ٿي تہ جڏهن مخدوم سرور نوح جو انتقال ٿيو هو، تڏهن سندس جنازي ۾ 9 لک مريدن شرڪت ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ جي جماعت 9 لک گودڙي نالي سان سجاتي وئي. انهيءَ گادي جو سترهون سجاده نشين، جديد سنڌي ڪافيءَ جو تخليقڪار، محسن ادب ۽ علم حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رهيا آهن، جن جو والد ماجد مخدوم غلام محمدؒ آهي.

پنهنجي سڄي زندگي امت مسلم ۽ الله پاڪ ۽ حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جي احڪامن موجب گذاريائون، اهڙي طرح پاڻ شهيد ڪربلا حضرت امام حسينؓ جن جي غم ۾ محرم مهيني ۾ ڪارا ڪپڙا بہ پائيندا هئا ۽ غم حسين پڻ ڪندا هئا.

پاڻ هڪ عظيم سياسي رهنما طور سياسي سفر جي شروعات پيپلز پارٽي جي باني اڳواڻ جي حيثيت سان ڪيائون. سڄي زندگي پنهنجي ازم جي پرچار ۾ گذاريائون. اڄ بہ سندن نورچشم حضرت محمد امين فهيم ۽ مخدوم خليق الزمان اهي ـ وفا جا وچن نڀائي رهيا آهن. پاڻ ان سان گڏ هڪ اديب، شاعر، شفيق انسان رهيا آهن. سندن صحافتي خدمتون بہ ڪنهن کان ڳجهيون ۽ لڪل نہ آهن. مخدوم طالب المولىٰ حاڪم طبقي ۾ رهندي بہ هيٺين ڪلاس جي ماڻهن جي ڳالهہ ڪئي آهي. پاڻ مخدومي ۽ پيريءَ کي پوئتي رکي، هڪ نقيري ڪلاس ۽ عام ماڻهوءَ جي ڪلاس جي ڳالهہ ڪندو هيو، سندن دل، روح ۽ خيال جو رستو عام ماڻهن جي دلين سان ڳنڍيل هيو، مخدوم طالب المولىٰ ون يونٽ تحريڪ ۾ بهادري ۽ همٿ سان سنڌي ماڻهن جي مفادن جي ڳالهہ ڪري، سنڌ ڌرتيءَ جو حق ادا ڪيو. اهو هڪ وڏو الميو بہ آهي. مخدوم صاحب پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ سنڌ واسين جو ڏٿي ٿي رهيو آهي. سندس پونيئرن ۾ بہ اهڙا احساس ۽ جذبا آهن.

حضرت مخدوم طالب المولىٰ مجازي عشق، معرفت حقيقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

منهنجو تنهنجي اڳيان مجبور اکيون،
آهن تنهنجيون سراپا نور اکيون.

مخدوم صاحب جي ڪلام ۾ تصوف جو رنگ گهڻو ملي ٿو، جيڪو هر هڪ مذهب ۾ شامل آهي. گوتم ٻڌ ۽ عيسائين وٽ بہ تصوف موجود هو، تصوف جي فڪر ۾ خدا هر دل ۽ هر جاءِ تي موجود آهي. صوفيءَ جو خدا ڪائنات گير آهي، پر هو محدود نہ آهي، مخدوم صاحب فرمائي ٿو.

تنهنجو اکيون سهڻيون سڄڻ
جنهن کي ڏسن تنهن کي کهن

جاويد احمد ميمڻ

# سنڌ جو درويش صفت شاعر: طالب المولىٰ

سنڌ جي سرزمين مڻيادار شخصيتن، محبت وندبيندڙ ماڻهن سان ڀري پئي آهي، جن پنهنجي ڪوشش، آدرشن ۽ محبتن سان عام ماڻهن جي سهائتا ۽ خدمت لاءِ پاڻ ارپيو آهي. اهڙين عظيم شخصيتن ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو نالو به سرفهرست آهي. مخدوم طالب المولىٰ هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو ۽ سندن زندگي جا مختلف پهلو ۽ رنگ آهن. پاڻ هڪ ئي وقت نہ رڳو شاعر، عالم، اديب، ليکڪ، محقق ۽ موسيقيءَ جو ڄاڻو هو، پر هڪ عظيم بزرگ، اولياء، ولي ڪامل، صاحب الفيض، غوث الحق مخدوم نوح سرور جي سهروردي سلسلي ۽ درگاهہ شريف جو سترهون سجاده نشين بہ هو ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا بہ هو.

مخدوم طالب المولىٰ جي شخصيت ۾ سياسي سرواڻيءَ جو تاريخي پهلو وڏي اهميت رکي ٿو. حضرت طالب المولىٰ چمڪندڙ ۽ روشن ستارو هو. سندن ظاهري تعليم ۽ تربيت پڻ انهن ڪاليجن يا يونيورسٽين مان نہ ٿي هئي، جن مان ورتل ڊگريون ڪنهن ماڻهوءَ جو قد ۽ وزن وڌائڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون، پر تنهن هوندي بہ هو خانداني روايتن موجب گهر ويني قرآن شريف ۽ سنڌي پڙهيو. ان ڪان علاوه مخدوم صاحب فارسيءَ جا گهڻ ڪتاب جهڙوڪ آمد نامو، دو وايو، توايو، ڪريما، پندنامو، گلستان ۽ بوستان پڙهي پورا ڪيا تہ ڪين سندن والد ۽ مرشد صلاح ڏني تہ ڪتابن جو ايترو علم حاصل ڪرڻ ڪافي آهي.

سندن تعليم و تربيت ۾ سندن چاچي، محسن علم و ادب ۽ جديد هالا جي معمار حضرت غلام حيدر قريشي جو وڏو حصو هو. مخدوم صاحب ڪتابي علم سان گڏ فطرت جي علم طرف بہ توجهہ ڏنو ۽ سنن ماڻهن جي صحبت مان مان بہ فيض پرائيندو هو. اهڙي طرح هن دور جي هڪ اهم علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ روحاني شخصيت جي تعمير ۽ تڪميل ٿي. هن پاڻ وهيٽي، پلي انسان، ٻين وهيٽن انسانن وانگر ٻوليءَ جي جهولي ڀري، علم ادب جي خدمت ڪئي ۽ ثقافت جي سينڌ سنواري، سندن انداز نرالو ۽ منفرد هو.

## قمرالدين ابڙو

# لڏي ويا اڏي ويا سخن جي عمارت...

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ علم پرور، زماني جا گوهر ۽ مردم شناس شخص هئا. سندن والد جو نالو مخدوم غلام محمد هو، جيڪو پڻ پنهنجي دور ۾ هڪ مصلح ۽ غريب پرور هو. خانداني طور ورهين کان وٺي خدمت خلق جي عيوض کين ”مخدوم“ جو لقب مليو، جيڪو تاحال ساڳئي جذبي ۽ خدمت سان سنڀاليندا اچن ٿا. سندس مريدن جو تعداد نو لک چيو وڃي ٿو. جنهن سبب سندن گادي ”نو لکي گودڙي“ جي نالي سان مشهور آهي. مخدوم طالب الموليٰءِ ان گاديءَ جا 17 نمبر سجاده نشين هئا. مخدوم صاحب روحاني فيض سان گڏ تعليم جي ترويج ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڻ سروري اسلاميه ڪاليج هالا، طالب الموليٰ اورينٽل ڪاليج هالا، سنڌ طيبه ڪاليج حيدرآباد، طالب الموليٰ هاءِ اسڪول دادو قائم ڪري علم جي شمع کي روشن رکيو. ان کان علاوه پاڻ سون جي تعداد ۾ غريب شاگردن ۽ شاگردياڻين کي فيون، ڪتاب ۽ لٽا ڪپڙا وٺي ڏيندا هئا. غريب شاگردن جي نه باقاعده وٽن لسٽ هوندي هئي پاڻ ان ڪم کي ادا ڪندي روحاني تسڪين محسوس ڪندا هئا. حالانڪ روايتي طورتي اسان وٽ گادي نشين بزرگ جديد تعليم جا مخالف رهيا آهن ۽ ڪن بزرگن نه ڪوشش ڪري تر ۾ اسڪول کولڻ جي مخالفت پئي ڪئي آهي. مخدوم صاحب جي شخصيت جو ٻيو اهم ترين پهلو علم و ادب پروري آهي، پاڻ پنهنجي دور جا وڏا عالم، اديب ۽ شاعر هئا سنڌي ادب جون ڪلاسيڪي روايتون سندن تحريرن ۾ نمايان نظر اچن ٿيون. پاڻ شاعريءَ جي ذريعي قومي سجاڳي جو ڏس ڏنو. ان سان گڏ انساني اقدار جي فروغ لاءِ به پنهنجي قلم ذريعي راهه هموار ڪئي. مخدوم صاحب جن نه صرف سنڌ جي سماجي ۽ تهذيبي قدرن جي پاسداري ڪئي، پر ادبي اصولن ۽ ٻوليءَ جي گهاڙيٽن جو به پورو پورو خيال رکيو. شاعريءَ ۾ ڪهڙن لفظن جي ٻيج گهڙتي سگهي ٿي، ان لاءِ پاڻ ”لغات سنڌي مخففات“ ترتيب ڏنائون، جو سندن حياتيءَ ۾ آخري ڪتاب شايع ٿيو، ان کان علاوه علم ادب جي ترقي لاءِ ڪيترا رسالا ڪڍيائون. سندن ڪتاب ٻولي ۽ ادب جو قيمتي سرمايو آهن. پاڻ نه، صرف روحاني سلسلي ۾ تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رهيا پر سنڌي روايتي شاعري ۽ راڳ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ مشاعرن جون محفلون منعقد ڪندا هئا. بزم طالب الموليٰ جون شاخون پوري سنڌن ۾ قائم هيون جن جي سري هيٺ وڏا وڏا مشاعرا ۽ ادبي محفلون ٿينديون هيون، جن جي پاڻ سرپرستي ڪندا هئا. 1956ع ۾ جيڪا ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي هئائون ان ۾ جيڪي تجويزون ڏنائون، انهن جي آڌار تي، اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ ”لوڪ ادب جي اسڪيم جوڙي، جنهن طرفان هن وقت تائين لوڪ ادب جي مختلف موضوعن تي چاليهارو ڪن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ به دفعا سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين رهيا. سندن اڀامڪاريءَ ۾ بورڊ جيڪي سنڌي ادب جي اشاعت ۽ ترقي لاءِ ڪارناما سرانجام ڏنا. اهي ادبي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا. آخري ڏينهن ۾ پاڻ بورڊ طرفان غريب اديبن ۽ شاعرن لاءِ وظيفي جو اعلان پڻ ڪيو هئائون، جنهن تحت نه صرف مسڪين اديبن ۽ شاعرن جي بيواهن کي به معاوضو ملندو هو. بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ پاڻ سنڌ جي تاريخ ۽ لوڪ ادب جي املهه ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ مناسب اپاءُ ورتا. سندن سياسي زندگيءَ تي نظر وجهجي ٿي نه سندن ڪردار ملڪي سياست ۾ نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ سياست ۾ اصول واري سياست جا قائل هئا. مرڻ گهڙي تائين اصولن سان سوديبازي ڪين ڪيائون. هميشه ذاتي مفاد کان مٿي ٿي سوچيائون ۽ ملڪي مفاد کي هردم مقدم رکيائون. عوام جي آگاهي ۽ صاف سٿري سياست جي فروغ لاءِ مخدوم صاحب هالا مان مختلف وقتن ۾ ٽن اخبارن ”پاسبان“، ”الڪوثر“ ۽ ”الزمان“ جو اجراع ڪيو ۽ انهن جي هر لحاظ کان سرپرستي ڪئي. شخصي طور مخدوم صاحب وڏي مٺيا وارا مرد هئا، عام زندگيءَ ۾ نفاست ۽ نزاڪت پسند هئا. وس پڄندي، ڪنهن کي تڪليف نه ڏيندا هئا، ڪنهن تي حڪم به نه هلائيندا هئا بلڪ ڳالهائڻ ۾ به امري صيغو استعمال نه ڪندا هئا. روح رنجائڻ پاپ سمجهندا هئا. اهڙا گوهر صدين ڪانپوءِ جنم وٺندا آهن.

رپورٽ: سعيد احمد سولنگي

# شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي سالگره تقريب

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سنڌي ادب جا ٻه اهڙا صد احترام نالا آهن، جن جي تذڪري کان سواءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب اڌورو ۽ بي سواد رهجي ويندا. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي ساري حياتي لکندي ۽ پڙهندي گذري، هن ساڍن ڇئن سوئن کان به مٿي ڪتاب لکيا. افسانوي ادب ۽ تحقيقي ادب سميت سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي به قابلِ تحسين ڪم ڪيو. اهڙي نوعيت ۽ معيار جو ڪم ورلي ڪنهن عالم ڪيو هوندو. مرزا صاحب جي علمي ڪارنامن ۽ خدمتن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ سرڪار طرفان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "مرزا قليچ بيگ چيئر" پڻ قائم ڪئي وئي آهي، جتي مرزا صاحب جي ڪيل علمي، ادبي ۽ تحقيقي پورهئي تي ڪم ٿي رهيو آهي. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جو به سنڌي ادب ۾ تمام وڏو نالو ۽ مقام آهي. پاڻ پنهنجي مزاج ۽ طبعيت ۾ نه رڳو اديب، شاعر، ماهر لسان ۽ لغت نويس هئا، پر ان کان وڌيڪ هو شفيق ۽ بردبار طبعيت جا مالڪ هئا. پاڻ ڪيترائي ادارا ٺاهي هلايائون. شاعريءَ ۾ به پاڻ يڪتا هئا، ڪافيءَ تي ڪين ملڪو حاصل هُئن ۽ هو جديد ڪافيءَ جا پڻ باني هئا. ازان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جا ماهر ۽ لغت نويس به هئا. سندن ترتيب ڏنل ڪتاب- "لغاتِ سنڌي مخففات"، ۽ "يادِ رفتگان" علمي حلقن ۾ نهايت قدر جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا. سندن ہن ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري طرفان انهن نامور شخصيتن جا جنم ڏهاڙا سندن جنم تاريخ 4- آڪٽوبر تي سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري ۾ سادگيءَ واري انداز ۾ ملهايا ويا. هن پروقار تقريب جي صدارت بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ۽ بورڊ جي فنانس ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جناب نظر محمد ڳاهي صاحب ڪئي. خاص مهمان بورڊ آف گورنرس جو ميمبر جناب سرفراز راڄڙ صاحب هو. ان موقعي تي آجياڻي تقرير ڪندي بورڊ جي سيڪريٽري (نگران) جناب الهڏتي وگهئي صاحب چيو ته: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ۽ قبله مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سنڌي علم و ادب جا اهي چمڪندڙ ستارا آهن، جيڪي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ ڪڏهن به نه اُجهامندا، جيستائين هن ڪائنات جو وجود باقي هوندو تيستائين هي نالا به ادب جي افق تي پيا جڳمڳائيندا رهندا. هن مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي حوالي سان چيو ته قبله مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ اسان سيني بورڊ واران لاءِ ڇپر ۽ ڇانءُ هئا، قبله سائنءَ جي دعائن سان آءٌ اڄ هن ڪرسيءَ تي پهتو آهيان. هن چيو ته 90 واري ڏهاڪي کان وٺي قبله سائنءَ جو ڪوبه ڏهاڙو نه ملهايو ويو آهي پر اسان بزرگن جي ڏهاڙن ملهائڻ جي شروعات ڪري رهيا آهن. هن چيو ته سنڌي ادبي بورڊ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي علمي ڪاوشن تي ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي، مرزا صاحب جو ڪم تمام وڏو آهي. بورڊ مرزا صاحب جو قرضي آهي. سنڌي ادبي سنگت ڄام شوري جي جوائنٽ سيڪريٽري محترم محمد يوسف جويي خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ اهڙو تحقيقي ادارو آهي جيڪو سنڌ جي علم، ادب، تاريخ، ٻولي، ڪلچر ۽ لغت تي ڪم ڪري ٿو ۽ عالمن اسڪالرن کي مان بخشي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ کي جن به شخصيتن ٺاهيو انهن جا به ڏينهن ملهائڻ گهرجن، جو ته اهي هن اداري جا باني هئا ۽ هيءُ ادارو انهن جو مقروض آهي. هن چيو ته 90 واري ڏهاڪي کان پوءِ هن اداري ڪابه ذڪر جوڳي ترقي نه ڪئي آهي. اهڙن اسڪالرن، عالمن ۽ ذهين ماڻهن جي مقرري نه ٿي آهي،

جنهنڪري بورڊ تحقيق جي حوالي سان ڪي نيون شيون ميدان تي نہ آنديون آهن. موجوده بورڊ آف گورنرس کي اُن طرف غور ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ ادب، ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ وسيع موضوع آهن، انهن تي ان معيار جا اسڪالر، عالم ۽ محقق هتي هئڻ گهرجن تہ جيئن بورڊ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو وڃايل عالمي معيار بحال ڪري سگهي. صحافي حاڪم علي چانڊيئي پنهنجي نامور شخصيتن تي مقالو پڙهندي چيو تہ: اهي ٻئي نالا ادب جي دنيا تي حاوي رهيا آهن. هن چيو تہ مرزا قليچ بيگ جنهن دور ۾ ڪتاب لکيا، انهن ڏينهن ۾ پريسون بہ نہ هيون، پر هن جيترا ڪتاب لکيا، اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ اديب ايترا ڪتاب نہ لکيا آهن. ماهوار "سرتيون" جي ايڊيٽر محترمہ گلبدن جاويد مرزا چيو تہ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جون علم و ادب ۽ تحقيق ۾ وڏيون خدمتون آهن. سندن ڪم تي نئين سر تحقيق ٿيڻ گهرجي. هن چيو تہ قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ منهنجا والد بزرگوار ٻئي هڪٻئي جا جگري دوست هئا. منهنجو والد بزرگوار شهيد احمد خان آصف مصراڻي وڏي پايي جو شاعر هو، هن وڌيڪ چيو تہ "سرتيون"، رسالو منهنجي ڪري نہ سنڌ جي عورتن کي تحفي ۾ مليو آهي، هن چيو تہ اسان گهڻو عرصو آمريت واري دور ۾ رهيا آهيون، جنهنڪري پنهنجي قومي رهبرن جا ڏهاڙا ملهائي نہ سگهيا آهيون.

مرحوم خانُ محمد پنهور جي بيوهہ محترمہ نسيم پنهور چيو تہ آءٌ پنهنجي شخصيتن کي ننڍپڻ کان پڙهندي آئي آهيان، هو ٻئي علم، ادب ۽ تاريخ جي حوالي سان وڏا عالم ۽ اسڪالر هئا، سندن خدمتون وسيع آهن. هن چيو تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي علمي خدمتن تي تحقيق يا پي.ايڇ.ڊي وغيره ٿيڻ گهرجي. خاص مهمان جناب سرفراز راڄڙ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌ جي نهايت ئي اعليٰ شخصيت ۽ فقير منش ماڻهو هو، جنهن زندگيءَ جو آخري حصو سنڌي ادبي بورڊ کي ارپيو. مخدوم صاحب بورڊ ۽ بورڊ جي ملازمن لاءِ سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون. مخدوم صاحب ڄام صادق علي جهڙي سخت گير ماڻهوءَ کان بورڊ لاءِ 2 ڪروڙ رپيا ورتا. هن چيو تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌي ادبي بورڊ کي ٻيهر جيئاريو. هن وڌيڪ چيو تہ مخدوم جميل الزمان صاحب جن پنهنجي ڏاڏي سائنءَ جا تسلسل آهن ۽ هو بہ بورڊ ۽ بورڊ جي ملازمن لاءِ جاکوڙي رهيا آهن. هن مرزا قليچ بيگ بابت پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ مرزا صاحب اڻويهين صديءَ جو وڏو اديب ۽ وڏو داناءُ ماڻهو هو. هن جهڙا ماڻهو اسان وٽ تمام گهٽ پيدا ٿيا آهن. سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو مرزا صاحب جا قرضي آهن. آخر ۾ جناب نظر محمد ڳاهي صاحب صدارتي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ امڙ پنهنجي گود ۾ تمام وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن جا ڪارناما تمام وڏا آهن ۽ انهن تي صديون فخر محسوس ڪنديون. هن چيو تہ مرزا قليچ بيگ ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پاڻ تہ وڏا اديب ۽ عالم هئا، پر سندن نسل ۾ بہ ادبي ۽ علمي سلسلو چڙهي ويا. هن چيو تہ جديدي سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڪم ٿيل آهي. هن ڊرامي، ناٽڪ، ناول، ڪهاڻي سميت ٻاراڻي ادب تي لاجواب ڪم ڪيو. هو رڳو اديب نہ پر ادبي معمار بہ هو. هن چيو تہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سان منهنجون رهاڻيون ڪافي ڀيرا ٿيون. مخدوم صاحب هر طرح سان عظيم ڪردار هو. هن جناب ذوالفقار علي ڀٽي کان گورنري نہ ورتي پر سنڌي ادبي بورڊ ڪُهري ورتو. هن چيو تہ زنده قومون، پنهنجي هيرن کي ياد ڪنديون آهن، اڄ اسين سنڌي ادب جي ٻن هيرن کي ياد ڪري دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

هيءَ تقريب، شام جو 6:00 وڳي شروع ٿي ۽ رات جو 8:00 وڳي پنهنجي اختتام تي پهتي. هن تقريب جي ڪاروائي سنڌي ادبي سنگت شاخ ڄام شوري جي سيڪريٽري محترم محمد علي گهانگهري صاحب هلائي. هن تقريب ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڄام شوري پڻ سهڪار ڪيو.

"مهراڻ" ٽماهي نمبر 2011/4ع

**خورشيد ٻگھيو**

# مخدوم طالب الموليٰ جي گھڻ رخي شخصيت

هالا علم و ادب سياست ۽ ثقافت جي حوالي سان سڄي سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ سڃاتو وڃي ٿو. هن مٽيءَ ۾ وڏين هستين جنم ورتو آهي. جن جي تاريخ ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ مليل آهي. سنڌي ٻولي موهن جي دڙي جي ميسارجڻ کان به اڳ جي آهي سنڌس قدامت ۽ سنڌس عظمت تي مڪلي جو مقام گواهه آهي ته سنڌ ۾ وڏن عالمن، بزرگن، مفڪرن، شاعرن، اديبن ۽ ولين جنم ورتو آهي ۽ انهيءَ مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿيا. مهراڻ جي مٽيءَ کي ئي اهو مانُ ۽ مرتبو حاصل آهي جو هيءَ مٽي ولين ۽ بزرگن جي سونهن سان سجيل آهي ۽ قدرتي جي سيني تي چؤڦير ماڻڪ ۽ موتي وکريل آهن، انهن ئي ماڻڪ موتين مان سجايل مالها ۾ مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ به هڪ قدآور شخصيت رکندڙ مڙس هو. گھڻ رخي شخصيت رکندڙ مخدوم طالب الموليٰ پنهنجي زماني جو بهترين شاعر هئڻ سان گڏ سياست ۾ به سڀ کان پڙ هو. طالب الموليٰ قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي جڏهن ايوانن ۾ پهتو ته پنهنجي علائقي. کي ترقي وٺرائڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. سنڌس خاص توجهه علائقي جي پنتي پيل تعليم تي هئي ۽ سنڌس تڪ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششون لازوال آهن. سنڌس ئي ڪوشش سان ڪيترائي نوان تعليمي ادارا وجود ۾ آيا، جتان تعليم حاصل ڪندڙن اڳتي هلي پنهنجي علائقي، ملڪ ۽ قوم جي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. طالب الموليٰ ادبي حوالي سان به اهم ترين شخصيت جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي عهدي تي گهاريل وقت ۾ سنڌي ادب کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ان ۾ ڪو به وڏائُ نه ٿيندو ته سنڌي ادبي بورڊ ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ جيڪا ڪوشش مخدوم طالب الموليٰ ڪئي تنهن جو مثال ڪٿي به نٿو ملي.
عوامي خدمت کي پنهنجو نصب العين سمجهندڙ مخدوم طالب الموليٰ پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو ته:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب الموليٰ،
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

مخدوم طالب الموليٰ هڪ ئي وقت، مخدوم سرور نوح جو 17 هون گادي نشين، سروري جماعت جو روحاني پيشوا، سياستدان، سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن ۽ حساس دل رکندڙ شاعر هئڻ سبب انتهائي مصروف زندگي گذاري. پر ايترين سارين مصروفيتن باوجود به هن سنڌي ادب کي پنهنجي تصنيف جي تمام وڏي خزائي سان نوازيو. سنڌس شايع ٿيل ڪتابن ۾ بهار طالب، رباعيات طالب، خودشناسي، مضمونن جو ڪتاب شيطان، اسلامي تصوف، امام غزالي جا خط، يادِ رفتگان، ڪشڪول، نعتيه شاعري جو ڪتاب شانِ سروري، تحقيقي ادب تي ڪتاب ڪافي، سنڌس شاعري جو مقبول ڪتاب ڇپر ۾ ڇڙيون ۽ ديوان طالب الموليٰ شامل آهن.

ملڪي سياست ۾ گهري دلچسپي رکندڙ مخدوم طالب الموليٰ وڏو عرصو قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ گذاريو. 1967ع ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد پيو وڌو ته اها پارٽي به هالا ۾ مخدوم طالب الموليٰ جي ميزباني هيٺ ٺهي، ۽ پاڻ آخري دم تائين پارٽي سان وفا ڪيائين، ۽ اڄ به سنڌس خاندان ان رسم جي پيروري ڪندو اچي. مارشل لاءِ جي ڪٺن دور ۾ به ثابت قدم رهي ثابت ڪيائين ته هو هڪ عظيم سياستدان هو. 11 جنوري 1993ع تي مخدوم طالب الموليٰ هن فاني جهان کي ڇڏي ابدي حيات جو جام نوش ڪيو. ساڳي ئي تاريخ تي سنڌس 20 هين ورسي هالا شهر ۾ ملهائي ويندي، جتي وڏا ٻرڪ عالم، اديب، دانشور، سياستدان، دوست، احباب، مريد ۽ عقيدتمند سنڌن شخصيت جي مختلف رخن تي روشني وجهندا ۽ سنڌن خدمتن جي عيوض ڪين مڃتا ۽ مهانتا، محبت ۽ عقيدت جا گل نڇاور ڪندا.

روزاني "عبرت" 11- جنوري 2013ع تي شايع ٿيل



## اصغر ڳڱو

### ادب ۽ سياست جو منفرد ڪردار

# مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘

چو ٿو ڪرين ميڻهن، مونسان ريس رڻ جي،
”طالب مولا“ سان تہ ڪيا، ناحق وڏا نينهن،
تنهنجا ٻئي ڏينهن، منهنجي موسم سڀ ڪا.

اهو بيت اڪثر آءٌ جهونگاريندو رهندو آهيان. ان بيت سان منهنجي الائي ڪهڙي جذباتي وابستگي آهي. اڄ ڏينهن تائين آءٌ سمجهي ناهيان سگهيو.... پر ان بيت جي خالق سان منهنجي ۽ منهنجي خاندان جي هڪ روحاني وابستگي رهي آهي. ائين جيئن هڪ مريد جي مرشد سان هوندي آهي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ جڏهن ڪان سانڍ ۾ آيو آهيان. تڏهن ڪان اوطاق جي وڏي ڪمري ۾ ”قبلا سائين“ جي تصوير ڏٺي اٿم، جا اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. ننڍي هوندي ان تصوير ڏانهن يڪو پيو نهاريندو هئس. انيڪ سوال پيا ذهن ۾ اڀرندا هئا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن بابا کان پڇو هئم تہ اها تصوير ڪنهن جي آهي؟ تڏهن بابا ٻڌايو هو تہ اها تصوير پنهنجي هالن واري مرشد قبلا سائين مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ صاحب جي آهي. تڏهن پهريون ڀيرو ”طالب المولىٰ“ صاحب جي نانءُ سان شناسائي ٿي هئي. تڏهن کان ”طالب المولىٰ“ نانءُ ۾ ڪا پنهنجائپ محسوس ٿي هئم. جيڪا اڄ تائين آهي.

ڪن شخصيتن جو نانءُ وٺڻ سان هٿ ادب ۽ احترام ۾ ٻڌجي ويندا آهن. سچ تہ مون هنن گنهگار اکين سان اهو ڏٺو آهي تہ جڏهن بہ ڪٿي ”طالب المولىٰ“ جو ذڪر ٿيندو آهي تہ اتي موجود ماڻهو ان نانءُ جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن. ”سنڌ ڌرتي تي پيار محبت ۽ انساني دوستيءَ جا گل وکيرڻ وارن صوفي بزرگن ۽ درويشن ۾ سروري جماعت جي پيشوا سائين ”طالب المولىٰ“ جو نانءُ هڪ اهم مقام رکي ٿو. مرشد سائين جو شمار اهڙين شخصيتن ۾ ٿئي ٿو جن کي ڏسي، جن جي پر ۾ ويهي سڪون محسوس ٿيندو آهي. ڪجهہ ماڻهو پنهنجي ڪم ۽ شفقت ڀري شخصيت جي ڪري هميشہ دنيا کي ياد رهجي ويندا آهن. سائين ”طالب المولىٰ“ بہ اهڙي شخصيت جو مالڪ هو، جن سان گڏ ويهي جن جي علم ۽ ڏاهپ کي ٻڌي ماڻهوءَ جي ڄاڻ ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيندو آهي. مون کي ياد آهي تہ پهريون ڀيرو جڏهن سائين جن کي روبرو ڏٺو هئم، تڏهن شايد آءٌ ڏهن ٻارهن سالن جو مس هئس. سائين جي سامهون مخدوم نوح سرور جي درگاهہ جي وڏي اڱڻ ۾ ويهي، اهڙو سڪون محسوس ڪيو هئم، جيڪو مرشد جي قدمن ۾ هوندو آهي. آءٌ اڪثر هالن واري مرشد جي درگاهہ تي بابا جي دوست سائين پير علي قطب، سجاول واري سان گڏ ويندو رهندو آهيان ۽ اتي وڃي روحاني سڪون محسوس ڪندو آهيان.

مخدوم محمد زمان 4- آڪٽوبر 1919ع تي هالا ۾ پيدا ٿيو. سندن والد جو نالو مخدوم غلام محمد هو. مخدوم محمد زمان ڪنهن بہ مڪتب ۾ باقائده رسمي تعليم حاصل نہ ڪئي، پر گهر ۾ ڪيترن ئي عالمن جي مدد سان نہ صرف مختلف زبانن ۾ مهارت حاصل ڪئي، بلڪ ادب ۽ مذهبي علم تي بہ دسترس حاصل ڪئي. والد جي وفات کان پوءِ سائين ”طالب المولىٰ“ درگاهہ مخدوم نوح سرور رحمت الله عليہ جو 17 هون سجاده نشين ٿيو. ان روحاني گادي واري ”سلسلي کي 9 لکي گودڙي“ بہ چيو ويندو آهي. ڇو جو 300 سال پهرين سروري جماعت سان وابستہ ماڻهن جو تعداد 9 لک جي برابر هو. جيڪو مخدوم ”طالب المولىٰ“ جي دور تائين وڌي 60 لک تي پهتو. هالا جي مخدومن کي عام طور تي سياست ۽ درگاهہ حضرت نوح سرور جي سجاده نشين جي طور تي سڃاتو ويندو آهي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ هي گهراڻو هميشہ علم ادب جو گهر رهيو آهي خاص ڪري شاعريءَ کي تہ هن خاندان جو باندي قرار ڏئي سگهجي ٿو مخدوم گهراڻي جا گهڻا فرد شعر و شاعري سان چاهہ رکندا آهن، جن ۾ سروري جماعت جي موجوده سربراهہ سائين مخدوم امين فهيم جو نالو اچي ٿو. ان کان پوءِ سائين جميل الزمان جن بہ بهترين شاعر آهن. سائين جميل الزمان جن جي شخصيت ۾ مريدن کي قبلا

سائين ”طالب المولىٰ“ جي شخصيت جهڙي پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي. مخدوم ”طالب المولىٰ“ سائينءَ جي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر تي لکڻ لاءِ وڏي ڏاهپ ۽ دانائي گهر جي جيڪا مون وٽ اڃان ناهي جو سندن شاعري جي فن ۽ فڪر تي لکان. آءٌ ته بس کين ياد ڪري هي سٽون لکي رهيو آهيان.

سندن باري ۾ ڪنهن لکيو آهي ته ”مخدوم صاحب جو هٿ زماني جي نبض تي هوندو هو. هو پنهنجي دور جي تقاضائن کي چڱيءَ طرح سمجهندا هئا. مخدوم صاحب نه صرف تعليم جي اهميت کان بخوبي واقف هئا، بلڪ سنڌ ۾ علم جي روشني عام ڪرڻ لاءِ عملي جدوجهد به ڪيائون.“

مخدوم صاحب کي شاعريءَ ۽ راڳ جو ننڍي هوندي کان شوق هو، سندن پهرين تخلص ”بيوس“ ۽ پوءِ ”فدائي“ هو. بعد ۾ ”زمان شاهه“ ۽ ”طالب“ اختيار ڪيائون. نيٺ ”طالب المولىٰ“ اختيار ڪيائون، جنهن جو سبب بيان ڪندي پاڻ هڪ انٽرويو ۾ فرمايو اٿن.

”ان زماني ۾ مون کي تخلص اختيار ڪيا. جهڙوڪ: طالب، هڪ ڏينهن جمعي جي نماز پڙهي رهيو هئس ته اسان جي درگاهه جي خطيب حاجي قابل انصاري جيڪو جمعي يا عيد جو خطبو پڙهندو هو ۽ ان ۾ ”طالب المولىٰ“ منڪر جو لفظ چوندو هو سندس خطبو ٻڌي منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه آئي ته ”طالب المولىٰ“ تخلص اختيار ڪريان تنهن کان پوءِ اهو تخلص اختيار ڪيم.“

پاڻ 1946ع ۾ هالا ۾ انجمن علم و ادب جو بنياد وڌائون ۽ ادبي ڪمن سان دلچسپي هئڻ جي ڪري هالا ۾ ”الزمان پرنٽنگ پريس“ به قائم ڪيائون. جتان هفتيوار اخبارون ”پاسبان“ ۽ ”الزمان“ نڪرنديون هيون. سال 1950ع ۾ ماهوار فردوس جاري ڪيائون ۽ 1952ع ۾ ماستر جمع خان غريب ”سيتا“ شهر مان ماهوار رسالو طالب المولىٰ سندس ئي سرپرستيءَ ۾ ڪڍيو. اڳتي هلي حيدرآباد مان ”شاعر“ رسالو سندن ئي سرپرستيءَ هيٺ نڪتو.

1952ع ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جمعيت الشعراءُ سنڌ جو سرپرست چونڊيو ويو. جنهن ۾ پاڻ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنائون. مخدوم صاحب تعليم جي سرپرستي جي ڏس ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا جي ايجوڪيشن بورڊ جي پريزيڊنٽ طور پڻ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنائون. پاڻ 1954ع ۾ روح ادب سنڌ اداري جو بنياد رکيائون، جنهن پاران ماهوار رسالو ”روح ادب“ جي نالي سان حيدرآباد ۾ شايع ٿيندو هو.

مخدوم طالب المولىٰ جو ون يونٽ ٽوڙائڻ ۾ به اهم ڪردار رهيو.

مخدوم طالب المولىٰ کي سندن علمي ادبي خدمتن عيوض حڪومت پاڪستان پاران 1965ع ۾ ”تمغه پاڪستان“ ۽ 1992ع ۾ تمغه امتياز“ پڻ ڏنو ويو.

مخدوم طالب المولىٰ جڏهن ادبي بورڊ جا چيئرمين ٿيا ته ادب لاءِ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنائون. اهي خدمتون به وسارڻ جهڙيون ناهن. سنڌ جي حقن لاءِ ڪيل سندن ڪاوشن کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. جنرل ضياءَ جي مارشل لاءِ واري دور ۾ ڪيترن ئي دٻائن باوجود پاڻ پي.پي جو ساٿ نڀايائون ۽ آخري ساهه تائين ڪڏهن به پنهنجي پارٽيءَ کي مايوس نه ڪيائون. پاڻ سياسي ميدان ۾ سرگرم رهيا ۽ ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا مخدوم صاحب پارٽي جو سينئر وائيس چيئرمين چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي پاڻ تاحيات رهيا. لکين مريدن جي مرشد، سنڌ ڌرتيءَ جي هن قابل فخر سپوت، سنڌي زبان ۽ ثقافت جي عظيم خدمتگار 11 جنوري 1993ع تي وفات ڪئي اڄ سندن وڇوڙي کي ڪيترائي سال گذري ويا آهن پر ”قبلا سائين“ جن سنڌ کان وسريا ناهن ۽ نه ئي ڪڏهن وسري سگهن ٿا. هونءَ به تاريخ وڏن ماڻهن کي ڪڏهن به ناهي وساريندي ۽ سنڌ پنهنجي هيروز کي ڪڏهن به ناهي وساريندي. اڄ جڏهن سندن لکين مريد کين ياد ڪري درگاهه تي حاضري ڏيندا تڏهن آءٌ هي ڪجهه لفظ عقيدت جا گل سمجهي کين ارپي رهيو آهيان. آخر ۾ کين سندن ئي لفظن ۾ ياد ڪندي چوندس:

ماکي مٺي، تون مٺو ماکيءَ کان،
مون ڪڏهن ڪانه ڏٺي، ڪا مٺائي مٽ تنهنجي.

روزاني ”عبرت“ 11- جنوري 2013ع تي شايع ٿيل

نصير احمد گوپانگ

# سنڌ جو عظيم شاعر طالب المولىٰ

دنيا ۾ ڪابه اهڙي قوم ڪونهي، جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه علم، ادب نه هجي ۽ ملڪ جي گئزيٽ حالت بابت نظم و نثر ۾ ڪجهه به موجود نه هجي ته اها قوم جاهليت جي جهان ۾ شمار ٿئي ٿي، پر هر سجاڳ قوم پنهنجن وڏڙن جي بهادريءَ جا داستان، غم، خوشي پنهنجون ريتون، رسمون، تاريخ، معاشرو ۽ ثقافت کي روشن رکڻ لاءِ ادب جي ذريعي پنهنجي علمي ۽ ادبي خزاني کي مالا مال ڪندي آهي.

اسان اهو وڏي فخر سان چئي سگهون ٿا ته اسان جي ٻولي ۽ اسان جي ٻوليءَ جو ادب دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب کان گهٽ ڪونهي. دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب سان گڏ سنڌي ادب به دنيا جي ادب سان ڪلهوڪلهي سان ملائي اڳتي وک وڌائي رهيو آهي. دنيا جي گولي تي سنڌ ڌرتي اها ڌرتي آهي. جنهن جي ثقافت ۽ تهذيب صديون پراڻي آهي. قديم دور کان وٺي موجوده دور تائين هن ڌرتيءَ پنهنجي ڪک مان ڪيترين ئي اهڙين عظيم هستين کي جنم ڏنو آهي. جن پنهنجي سوچ لوچ، بهادري، رحمدلي ۽ علم و ادب جي حوالي سان پوري دنيا اندر هن ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪيو آهي. سونهن ڀري هن سنڌر ڌرتيءَ جي ڪک مان جنم وٺندڙ مخدوم محمد زمان، طالب المولىٰ به تاريخ جو هڪ امر ڪردار آهي. مخدوم صاحب جن جي ولادت 4 آڪٽوبر 1919ع ۾ نون هالن ۾ ٿي.*

مخدوم صاحب هڪ ئي وقت ۾ شاعر، پير، ۽ سياستدان هئا. مخدوم صاحب سياسي، تعليمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. سنڌي ٻولي ادب ۽ سنگت سان بيحد چاهه هئڻ سبب پاڻ اعليٰ پائي جا شاعر هئا. سندن ڪلام اڪثر سمورين صنفن تي مشتمل آهي. مخدوم صاحب جا نثر توڙي نظم ۾ ڪافي ڪتاب ڇپيل آهن. مخدوم صاحب جي قدو قامت جو اندازو انهي مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ عمر جا لڳاتار سٺ سال ٻوليءَ جي جهولي ڀري اٿئون ۽ ادبي حوالي کان هٽي ڪري جيڪڏهن سندن سياسي زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا ته خبر پوي ٿي ته پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني مان هڪ هو. سندن سياسي مسلڪ پڻ منفرد ۽ مثالي هو.

اصل ۾ انسان ڏاڍا انا پرست ٿين ٿا. اهي اڪيلا ئي يڪدم ڪنهن کي مڃڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. پر ڪي ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جن کي پلو ڇوڙڻ جي ضرورت ئي ڪانه هوندي آهي اهي اڳ ۾ ئي ايڏا عظيم هوندا آهن! مان يقين سان چوان ٿو ته مخدوم صاحب کي هر ڪو شخص پلوڙ شاعر، عظيم بزرگ ۽ سياستدان مڃي ٿو. مخدوم صاحب جي شاعريءَ، ٻولي ۽ خيال سان ڀُر، هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي بيحد وڻندڙ آهي! شاعري ڪنهن جي ميراث يا ڪنهن جو ذاتي ورثو نه هوندي آهي. اها ته ڌڻي تعاليٰ جي طرفان مليل هڪ انمول تحفو آهي. جيڪو شايد هر ڪنهن جي نصيب ۾ ڪونه هوندو آهي. مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ اهي سڀئي خوبيون موجود آهن جيڪي هڪ پختي شاعر جي شاعريءَ ۾ هئڻ گهرجن. مخدوم صاحب جو ڪلام محبت ۽ مزاح جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال آهي، اهوئي سبب آهي جو سنڌ ڌرتيءَ جي ادب ۽ تاريخ هجي يا پاڪستان جي سياست، پر اڄ به مخدوم صاحب جن جو نالو وڏي آب ۽ تاب سان جهلڪا ڏيندي جرڪندي نظر اچي ٿو.

ڪائنات جي سونهن ان وقت تائين لڪل رهي ٿي جنهن وقت تائين ڪنهن شاعر جي احساس ڪيس ڇهيو نه هجي. شاعريءَ جي وسيلي ئي فطرت ۽ سونهن کي امرتا ملي ٿي. هڪ شاعر جي شاعراڻي خيالن جي ڪري ئي قومن جون قسمتون بدلجي وينديون آهن. مخدوم صاحب کي پنهنجي ڌرتي ماتا سان بيحد چاهه هو. مخدوم صاحب سنڌ ڌرتيءَ کي دنيا جي مڙني ملڪن کان مٿانهون سمجهي ٿو.

---

* ڪجهه ذاتي احوال دهراءِ سبب ڪاٽيو ويو آهي (تد. ج)

محفلون به مچائيندا هئا.

مخدوم صاحب مشاعرن جي جيڪا سنڌ ۾ نواڻ آندي، سا به مثالي آهي، مشاعرا ته اڳ به ٿيندا هئا، پر جنهن منظر انداز سان مخدوم صاحب سنڌي ادب جي خدمت ڪئي، تن ۾ ته نوابشاهه جي لاکي رحيم بخش "قمر" کان وٺي ڪيترائي باذوق سڄاڻ ايندا هئا. مخدوم صاحب نه صرف صوفي محمد فقير کنياڻ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ کي چيرايو، پر تاجپور جي نواب ولي محمد لغاري، نواب امداد لغاريءَ جي والد صاحب نواب بهاول خان لغاري، صوفي ارشاد عباس، مخدوم شاهنواز عارف الموليٰ (ڊنڊي واري)، منٺار فقير راڄڙ ڪاٽيءَ واري تائين سڀني صوفي بزرگن جي ڏهاڙن توڙي فقراهي مجلسن جي اهتمام ڪرڻ تائين جا سمورا فرض پاڻ نڀائيندو هو. مخدوم طالب الموليٰؒ جي مجلس به ڏسڻ وٽان هوندي هئي، جتي سڄيءَ سنڌ جي شاعرن سان گڏ گادي نشين ۽ سنڌ جا ڪيترائي باذوق سڄڻ گڏ هوندا هئا، مولانا گرامي ۽ ثقافت کاتي جي سيڪريٽري عزيز عقيليءَ جي ڏاڏي "سرشار عقيلي" جي شاعري ٻڌڻ جهڙي هوندي هئي.

دل بي تاب گستاخي نه ڪر ڪا يار جي ويجهو،<br>
لڏن جت نانگ ڪاريهر، پيا رخسار جي ويجهو.

اڄ جڏهن ڪاروڙي جي ان فقير صفت عظيم ڪنيار جي علمي مشغلن کي ڏسجي ٿو ته خبر پوي ٿي ته مخدوم صاحب پنهنجي روحاني جماعت جي کهڙي نه آبياري ڪئي آهي، جو ان ۾ علم ادب جي خوشبوءِ وکيرڻ وارو جنبو اڃا به وڌندو پيو وڃي. سنڌ جي سڀني درگاهن جي خانقاهي خدمتن کي هن انداز ۾ عام اڳيان آندو وڃي ته سنڌ جي هزارين سالن واري تاريخ به سمجهه ۾ ايندي ته سنڌ پنهنجي هنج ۾ اهڙا مثالي ڪردار به نپايا، جن تي سنڌ صدين تائين فخر ڪندي رهندي...

خاص اشاعت رسالي "سروريه" 11- جنوري 2013ع ۾ شايع ٿيل

◙

## ڪڏي ڇڏ قلب مان ٻيائي وارو ٻج
## طالب مولا محب جي نينهن ۾ ٽيجئين نج
## عالم وٺي سج مون سهائو سپرين.

**مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ**

1955-04-16ع

ڪراچي

Quarterly **“MEHRAN”** (Regd. No: NS-20)



1989ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن لاءِ پينشن گريجوئٽي جي اعلان کان پوءِ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جناب حبيب الله صديقي (سيڪريٽري) بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن جناب احسن الهاشمي، جناب مخدوم جميل الزمان، جناب غلام رباني آگرو، جناب عبدالله ورياه، جناب در محمد پٺاڻ ۽ بورڊ جي ملازمن سان نڪتل يادگار فوٽو